
واقعاتِ عالم
عبدالحئي پليجو
مومل پبليڪيشن - ڀنون

# واقعاتِ عالم

## عبدالحئي پليجو

مومل پبليڪيشن - ڀنون
2017ع

ڊجيٽل ايڊيشن:
2018ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

## ڪتاب جا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب جو نالو | : | واقعاتِ عالم |
| موضوع | : | تاريخي مضمون ۽ مقالا |
| ڇاپو | : | پهريون |
| سال | : | 2017ع |
| لي آئوٽ / ڊزائن | : | مور ساگر |
| ڪمپوزنگ | : | جهانزيب علي جوڻيجو |
| ڇپائيندڙ | : | مومل پبليڪيشن - ٻنون ضلعو سجاول |
| ڇپيندڙ | : | ساحل پبليڪيشن – حيدرآباد 03332634650 |
| ڊجيٽل ايڊيشن | : | سنڌ سلامت ڪتاب گهر |
| | | books.sindhsalamat.com |

قيمت =/800 روپيا

# ارپنا

نهايت عقيدت ۽ احترام سان پنهنجي نچويل نُور ۽ پيار جو پورهيو ارپيان ٿو سنڌ جي ساڃاهه وند سپوت سائين **جي. ايم. سيد کي** جنهن پنهنجي عمر عزيز جا سمورا سونهري پلَ سنڌي ٻولي، سنڌي ادب ۽ سنڌين جي قومي جاڳرتا جي جاکوڙ ۾ بسر ڪيا ۽ سنڌ جي نئين ٽهيءَ کي سنڌوءَ جي ساڃاهه، حب الوطني، ايمانداري ۽ ترقي پسند سوچ جي واٽ ڏيکاري ۽ حياتيءَ جو هڪ پلَ به ضايع نہ ڪيو. مون کي اِهو لکندي فخر ٿو محسوس ٿئي تہ سائين جي.ايم. سيد سان منهنجي والد محترم ۽ اسان جي ڪُٽنب جو پُراڻو ۽ گهاٽو واسطو رهيو.

**عبدالحئي پليجو**

پنون، تعلقو ميرپوربٺورو

ضلع سجاول

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **"واقعاتِ عالم"** اوهان اڳيان پيش آهي. دنيا ۾ رونما ٿيندڙ اهم واقعن، سچن قصن ۽ ڪهاڻين بابت تحقيقي مضمونن تي مشتمل هن ڪتاب جو ليکڪ ناميارو ليکڪ ۽ سفرناما نگار **عبدالحئي پليجو** آهي.

محترم عبدالحئي پليجي جو هي ڪتاب، "واقعات عالم" بين الاقوامي واقعن، دنيا جي مشهور شخصيتن ۽ بين موضوعن تي لکيل مضمونن جو مجموعو آهي، هي مجموعو 50 مضمونن تي مشتمل آهي جيڪو سندس هن سلسلي جو پهريون ڀاڱو آهي ۽ پڙهندڙن لاءِ دلچسپ معلومات سان ڀريل آهي. سندس هي ڪتاب، اعليٰ تعليمي ادارن ۾ ڪم ڪندڙ محققن، اُستادن توڙي شاگردن ۽ عام ماڻهن لاءِ تمام گهڻو اهم آهي، ڇاڪاڻ ته هن مجموعي ۾ شامل هر مضمون، اٿليءَ ۽ اهم مواد سان ڀرپور آهي.

هي ڪتاب مومل پبليڪيشن پنون پاران 2017ع ۾ ساحل پرنٽرز ۽ پبليڪيشن حيدرآباد وٽان ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون سائين عبدالحئي پليجي صاحب جا جنهن سنڌ سلامت تي اعتماد ڪندي پنهنجو هي نڪور ڪتاب آنلائين ڪرڻ جي اجازت ڏني. مهربانيون پيار مور ساگر جون جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# فهرست


1. تخليق حضرت آدم عليه السلام 21
2. انسانذات جي تخليق جو عظيم ترين واقعو 27
3. طوفان نوح عليه السلام 33
4. سري رامچندر جو بنواس 39
5. بني اسرائيل جي فرعون کان آزادي ۽ فلسطين روانگي 51
6. سقراط جي خلاف مقدمون 63
7. روم جو عروج ۽ زوال 71
8. حضرت عيسيٰ عليه السلام کي صليب تي چاڙهڻ 79
9. اٽليءَ جي تاريخ جا نہ وسرندڙ واقعا 83
10. حضرت محمد ﷺ جن کان اڳ عربن جو احوال ۽ سندن ولادت، نبوت ۽ هجرت جو احوال 87
11. شهادت حضرت امام حسين عليہ السلام 129
12. عربن طرفان اسپين جي فتح 143
13. عربن طرفان سنڌ جي فتح 145
14. صليبي جنگيون 155
15. آمريڪا کنڊ جي دريافت ۽ سياسي استحڪام 163
16. فتوحات چنگيز خان 171
17. برطانيہ جي شهنشاهي 181
18. فرانس وارو انقلاب 193
19. فرانس جي تاريخ جا دلچسپ واقعا 197
20. ابتدائي صنعتي تهذيب ۾ پورهيتن جي حالت زار 205
21. انگريزن طرفان سنڌ جي فتح 213
22. ٽائيٽانڪ بحري جهاز ٻڏي ويو 225
23. مونا ليزا جي تصوير جي چوري 227
24. پهرين عالمي جنگ 231

| | |
|---|---|
| 25.ريشمي رومال تحريڪ | 237 |
| 26.روس جو آڪٽوبر انقلاب | 243 |
| 27.ليگ آف نيشنس جو قيام | 251 |
| 28. ويٽنام جي آزاديءَ جي جنگ | 253 |
| 29.مائوزيتُنگ جي قيادت ۾ ٿيندڙ لانگ مارچ | 263 |
| 30.ٻي عالمي جنگ | 267 |
| 31.هيروشيما ۽ ناگا ساڪي تي ايٽمي بمباري | 273 |
| 32.اقوام متحده جو قيام | 277 |
| 33.برطانيا ۽ آمريڪا طرفان فلسطين ۾ نئين اسراعيل جو قيام | 289 |
| 34. 1857ع ۾ هندوستان جي ديسي فوج جي بغاوت ۽ آزاديءَ جي پهرين جنگ | 299 |
| 35.انڊونيشيا وارو قومي انقلاب | 309 |
| 36.مصر ۾ آيل 1952ع وارو انقلاب | 323 |
| 37.سُئيز ڪئنال واري جنگ | 333 |
| 38.ڪِيُوبا وارو انقلاب | 335 |
| 39.دنيا ۾ آيل وڏي ۾ وڏو زلزلو | 347 |
| 40.انسان کي چنڊ تي رسائيندڙ خلائي جهاز | 351 |
| 41.واٽر گيٽ اسڪينڊل | 369 |
| 42.شِيشيءَ ۾ سِرَ جندڙ ٻار | 373 |
| 43.شهادت ذوالفقار علي ڀٽو | 379 |
| 44.ٽائيفون ٽِپ،1979ع وارو ساموندي طوفان | 387 |
| 45.ايراني انقلاب | 391 |
| 46.سوويت يونين جو ٽُٽَڻ | 395 |
| 47.اڪينو جو قتل | 409 |
| 48.نيلسن منڊيلا جي قيادت ۾ ڏکڻ آفريڪا جي آزاديءَ جي جدوجهد | 413 |
| 49.11 سيپٽمبر 2001ع آمريڪا ۾ القاعده جا دهشتگرد حملا | 421 |
| 50.شهادت بينظير ڀٽو. | 427 |

# شال تنهنجا ويڙها سدائين وسندا رهن

1. محترم عبدالحئي پليجي کي آءٌ گهڻ ۾ گهڻ سٺ سالن کان، سندس ننڍپڻ کان وٺي سڃاڻان. هي صاحب، هڪ لائق احترام شخصيت، ارباب نور محمد پليجي جو هڪ لائق ۽ قابل صد احترام شخصيت جو مالڪ ۽ فرزند آهي. مون هن کان اڳ به سندس لکيل ڪتاب، عالمي عجائبات جي مهاڳ ۾ لکيو هو ته مرحوم ارباب نور محمد پليجي سان، منهنجا دوستاڻا رشتا ۽ ناتا هئا. انهن رشتن جي ڪري ئي آءٌ ڪيترائي دفعا سندن ڳوٺ ۾ ويو هوس ۽ اُتي ڪيئي ڏينهن ۽ راتيون سندن مهمان به رهيو هوس.

محترم عبدالحئي پليجي ۾ به اُهي ئي سڀ خوبيون موجود آهن جيڪي سندس والد محترم ۾ هونديون هيون. مون کي اهو ياد نه آهي ته مرحوم ارباب نور محمد پليجو ته ڪو شاعر يا اديب هو پر ايترو معلوم اٿم ته سندس دوستاڻا رشتا ۽ ناتا، سنڌ جي وڏن ۽ قداور اديبن ۽ شاعرن سان هوندا هئا. اُنهن ۾ محترم محمد ابراهيم جويو، شيخ اياز، سرشار عقيلي ۽ علي محمد خالدي وغيره اهم هئا.

2. محترم عبدالحئي جي لکيل ڪتابن، خاص ڪري "سنڌي شاگرد سياست" جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي ته هن صاحب جتي اعليٰ تعليمي ادارن ۾ تعليم حاصل ڪئي، اُتي هن، سنڌ ۾ شاگرد سياست ۾ به سرگرم حصو ورتو. آءٌ نٿو پاڻيان ته سنڌ جي ڪنهن ٻئي شاگرد اڳواڻ، سنڌ جي شاگردن جي سياست جي باري ۾ ڪو اهڙو معلوماتي ڪتاب لکيو آهي. جيتوڻيڪ شاگرد اڳواڻ ٻيا به ته ڪيترائي هئا جن جا نالا هن وقت به منهنجي ذهن تي موجود آهن، پر سنڌي شاگرد سياست جي باري ۾ اهڙو معلوماتي ڪتاب، ڪنهن ٻئي شاگرد اڳواڻ جو لکيل منهنجي نظر مان نڪتو نه آهي.

شاگردن ۽ ٻين نوجوانن جي سياست جي باري ۾، محترم غلام حسين رنگريز به لکيو آهي. منهنجي نظر ۾ اِنهن ٻنهي احبابن جي سياست، محترم سائين جي. ايم. سيد جي شخصيت جي چوڌاري ڦري ٿي، سوچڻ جهڙي ڳالھ هيءَ آهي ته سائين جي. ايم. سيد جا اُهي پيرو جن "سنڌو ديش" جو نعرو هنيو هو اُهي سڀ هنيئر ڌار ڌار گروهن ۾ ورهائجي ويا آهن. ڀارت جي ڳٺ جوڙ سان بنگلاديش ته ٺهي ويو پر سندو ديش جو نعرو هٽڻ وارا ٽڙي پکڙجي ويا، بنگلاديش دراصل پنجابي ڪامورن ۽ ڪارخانيدارن جي غلط رويي سبب ۽ شيخ مجيب الرحمان جهڙي اڳواڻ جي ڪري ٺهي ويو نه ته بنگلاديش جو ٺهڻ به ممڪن نه هو.

3. محترم عبدالحئي پليجي سان منهنجي ڪڏهن به ڪا طويل ملاقات ٿي نه آهي. اسان جيڪڏهن پنهنجيءَ زندگيءَ ۾ ٽي چار ڪلاڪ گڏ ويهي گذاريو آهي ته اهو به ڀارت جي شهر دهليءَ ۾ ڀارت ۾ مقيم

سنڌي اديبن ۽ شاعرن طرفان ڪوٺايل Cross Border Conference جي موقعي تي، سال 2004ع ۾، اُن ڪانفرنس ۾ آيل اديبن ۽ شاعرن کي، دهليءَ جي مشهور سنڌي وڪيل، رام ڄيٺ ملاڻيءَ طرفان، ڊنر تي سڏايو ويو هو. اُن ڊنر ۾ محترم پليجو سندس جيون ساٿي مومل ۽ سندس نياڻي، ڊاڪٽر پارس سنڌو ۽ آءٌ هڪ ئي ٽيبل تي ويٺل هئاسين. هن ڊنر ۾ ڊاڪٽر سنڌو سندس والدين سميت منهنجي به ڄڻ ته ميزبان هئي. اسان ٽنهي لاءِ پليٽن ۾ کاڌو به کڻي آئي ۽ ٻيو به تمام گهڻو خيال رکيائين.

معلوم نه آهي ته محترم عبدالحئي پليجي، پارت واري سندس انهيءَ سفر کي تحريري صورت ۾ آندو آهي يا نه؟ جيڪڏهن آندو اٿس ته سنڌ مان جيڪي به احباب، انهيءَ ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيا هئا، اُنهن سان ڪانفرنس ڪوٺائڻ وارن جو رويو ڪيئن هو پر ڪانفرنس جي منتظمين، مون سان جيڪا نفري ڪئي، اُن کي اڄ به آءٌ وساري نه سگهيو آهيان. اُن موقعي تي دهليءَ ۾، منهنجو دوست ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي ۽ سندس شاگرد جيڪو هاڻ دهلي يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جو پروفيسر آهي، يعني ڊاڪٽر روي ٽيڪچنداڻي، منهنجو سهارو نه بڻجن ها، ۽ جنهن هوٽل ۾ مون کي رهايو هئائون، اُن جو بل آءٌ پنهنجي کيسي مان نه ڀريان ها ته هوٽل جو مالڪ شايد مون کي پوليس جي حوالي ڪري ڇڏي ها.

4. محترم عبدالحئي پليجي کي مون، ويجهڙائيءَ ۾ وري به پڙهيو آهي، هن وقت به سندس لکيل ٽي ڪتاب ، هر هڪ: ”عالمي عجائبات“، ”تن سپون سوجهي ڪيڏيون“ ۽ ”لُنڊن جا ڏينهن ۽ اسڪاٽلينڊ جون راتيون“ منهنجي بيڊروم ۾ موجود آهن.

محترم عبدالحئي پليجي جتي سفرناما لکيا آهن اُتي هن آتم ڪهاڻي، تحقيقي مضمون، خاڪا ۽ ادبي خط به لکيا آهن. ڪل سفرناما ٽيرهن ڪن لکيا اٿس. سفرناما ٻين به ڪيترن ئي اديبن لکيا آهن. اردوءَ ۾ مستنصر حسين تارڙ ۽ ابن انشاءَ جا لکيل سفرناما به پڙهيا آهن. سنڌي ٻوليءَ ۾ قاضي عبدالمجيد ”عابد“ جو لکيل سفر ”يورپ جي ڊائري“، اهڙيءَ طرح سيد غلام مصطفيٰ شاهه، ڊاڪٽر سليمان شيخ، ماهتاب محبوب، ڊاڪٽر تنوير عباسي، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي، ڊاڪٽر حيدر سنڌيءَ، الطاف شيخ، سليم (ادبيات وارو) ۽ فهيم نوناري توڙي ٻين جا لکيل سفرناما به پڙهيا اٿم. مون به مرحوم خان محمد پنهور جي رسالي، ”پارس“ ۾، ڄپان واري منهنجي سفر بابت ڪجهه ڳالهيون ڏهن ڪن قسطن ۾ لکيون هيون. اها حقيقت آهي ته هر سفرنامه نويس جي لکڻ جو انداز پنهنجو هوندو آهي. محترم عبدالحئي پليجي جو سفر نامي لکڻ جو انداز بيان اُن اُستاد جي انداز بيان جهڙو آهي. جيڪو هر نقطي جي بيان لاءِ اُن جي تهه تائين وڃي ٿو ۽ اُن کي اهڙيءَ طرح ته بيان ڪري ٿو جو هر منظر ۽ هر واقعي جو نقش اکين اڳيان ترڻ لڳندو آهي.

الطاف شيخ کي ته سنڌ جو هر اديب ۽ شاعر، سنڌ جو ابن بطوط سڏيندو آهي، ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جي لکڻ جو انداز پنهنجو آهي، ڊاڪٽر تنوير عباسي جيئن ته پاڻ به هڪ ڪامياب مصور هو انهيءَ ڪري هن، پنهنجي سفر نامي ۾ يونان جي فنڪارن جي فن مجسمه سازيءَ ۽ انهن جي فنپارن جو جهڙي انداز ۾ نقشو چٽيو آهي، بيان ڪرڻ جو اهڙو ڏانءُ، هر سنڌي سفرنامه نويس کي نصيب ڪونه ٿيو آهي.

ڊاڪٽر تنوير عباسي جيئن ته هڪ مڃيل شاعر به هو انهيءَ ڪري هن پنهنجي مصوريءَ ۽ شاعراڻي

ذات کي يونان جي فنڪارن جي فن کي بيان ڪرڻ ۾ استعمال ڪيو. يورپ جي ملڪ اٽليءَ جي شهرن نيپلس ۽ روم کان سواءِ وينس شهر جي پڳوڙا ۾ سفر ڪندي اُتي جيڪي منظر مون ڏٺا ۽ اُتي جيڪي منهنجا احساس هئا، اُنهن کي آءُ ڪاغذ تي آڻي نه سگهيس ڇاڪاڻ ته علم اللسان سان منهنجي چاهه، مون کي ٻئي ڪنهن به موضوع تي لکڻ جي اجازت ئي ڪانه ڏني.

مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي ته محترم عبدالحئي پليجو هڪ سٺو سفرنامه نويس، سوانح نگار، مضمون نگار، آتم ڪهاڻي نويس، افسانه نويس، واقع نگار، حقيقت نگار ۽ هڪ بهترين محقق به آهي. سندس ڪتاب “عالمي عجائبات”، جنهن جو مهاڳ به مون کان لکايو هئائين، اُن ڪتاب ۾ پليجي صاحب طرفان بيان ڪيل ٻين عالمي عجائبات کان سواءِ اَجنتا، ۽ “اروڙا” غارن جي باري ۾ هڪ حقيقت نگار ۽ نقش نگار اديب وانگر هن اهڙي ته دلچسپ نقش نگاري ڪئي آهي جو پليجي صاحب جي اُن انداز بيان جو صحيح تجزيو اُهي صاحب ئي ڪري سگهندا جن اهي عالمي عجائبات، پنهنجين اکين سان ڏٺا هوندا. مون اهي عالمي عجائبات، 1997ع ۾، منهنجي دوست ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ جي اڳواڻيءَ ۾ ڏٺا هئا. انهيءَ ڪري آءُ پليجي صاحب جي انداز بيان کي سمجهي سگهان ٿو.

5. محترم عبدالحئي پليجي جو هي ڪتاب، “واقعات عالم” بين الاقوامي واقعن، دنيا جي مشهور شخصيتن ۽ ٻين موضوعن تي لکيل مضمونن جو مجموعو آهي. هي مجموعو 50 مضمونن تي مشتمل آهي ۽ پڙهندڙن لاءِ دلچسپ معلومات سان ڀريل آهي. منهنجي نظر ۾ محترم عبدالحئي پليجي جو هي ڪتاب، اعليٰ تعليمي ادارن ۾ ڪم ڪندڙ محققن، اُستادن توڙي شاگردن لاءِ تمام گهڻو اهم آهي. ڇاڪاڻ ته هن مجموعي ۾ شامل هر مضمون، اڻلڀ ۽ اهم مواد سان ڀريو پيو آهي. مضمونن تي مشتمل، محترم عبدالحئي پليجي جو لکيل ٻيو مجموعو “تن سپون سوجهي ڪڍيون” به آهي، پر سندس هن مجموعي ۾ شامل مضمون نهايت ئي ناياب ۽ اهم مواد سان ڀريل آهن. جنهن لاءِ هونئن جيڪر محققن کي سوين تحقيقي مقالا، مضمون ۽ ڪتاب اُٿلائڻا پون ها. مثال طور هن ڪتاب جي شروعات ئي اهڙن مصمونن سان ڪئي اٿس جيڪي دنيا جي تاريخ ۾ اڄ به اهم ليکيا ويندا آهن. ۽ انهن مضمونن ۾ شامل مواد لاءِ محقق کي سوين مضمون ۽ مقالا هٿ ڪرڻا پون ها. هن ڪتاب جو ايڪيتاليهون مضمون، “واٽر گيٽ اسڪئنڊل” آهي. اهو مضمون آمريڪا جي سياسي تاريخ ۾ وڏي اهميت ٿو رکي. اُن کان اڳ ۾ ڏِنل مضمون آهي “اقوام متحده جو قيام”. اهڙيءَ طرح “هيروشيما ۽ ناگاساڪيءَ تي ائٽمي بمباري”، اُن کان پوءِ “پهرين عالمي جنگ”، “ٻي عالمي جنگ”، “صليبي جنگيون”، “شهادت حضرت امام حسين عليه”، “روم جو عروج ۽ زوال”، “فرانس جي تاريخ جا دلچسپ واقعا”، “اٽليءَ جي تاريخ جا نه وسرندڙ واقعا”، “بني اسرائيل جي فرعون کان آزادي ۽ فلسطين ڏانهن روانگي”، “آمريڪا جي دريافت ۽ سياسي استحڪام”، “اڪينو جو قتل”، “اسپين جي فتح ۽ طارق بن زياد”، “سُئيز ڪئنال واري جنگ”، “حضرت عيسيٰ عليه السلام کي صليب تي چاڙهڻ”، “انسان ذات جي تخليق جو عظيم ترين واقعو”، “تخليق حضرت آدم عليه السلام”، “طوفان نوح عليه السلام”، “حضرت محمد صلي عليه السلام جن کان اڳ ۽ پوءِ عربن جو احوال”، “ولادت نبوت ۽ هجرت” کان سواءِ “عربن طرفان سنڌ جي فتح”، “شهادت

ذوالفقار علي ڀٽو“، شهادت بينظير ڀٽو. اهي سڀ اهڙا تہ تاريخي، ثقافتي ۽ معلوماتي مضمون آهن، جن جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي تہ محترم عبدالحئي پليجو وڏي مطالعي ۽ سوچ وارو مفڪر آهي، ۽ سندس هي ڪتاب، واقعات عالَم، ڪنهن بہ عالمي معيار واري مجموعي کان ڪنهن بہ صورت ۾ گهٽ نہ آهي.

6. موجوده زماني ۾ علم جي ڄاڻ ايتري قدر تہ وسيع ٿي وئي آهي جو هاڻ هر ماهر بہ ڪنهن خاص مضمون ۾ مهارت (Specializes) رکندو آهي، ڪي آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ماهر نظر ايندا آهن، جيڪي هن زماني ۾ هر فن مولي هوندا آهن، جيئن ويجهڙائيءَ ۾، سنڌ ڄاڻو علامہ آءِ آءِ قاضي ٿي گذريو آهي.

مون کي ياد آهي تہ سال 1978ع ڌاري هڪ آمريڪن پروفيسر سنڌ يونيورسٽيءَ جي مطالعاتي دوري تي آيو هو. سنڌ يونيورسٽيءَ جو اُن زماني ۾ وائيس چانسيلر، محترم شيخ اياز هو. هن آمريڪي پروفيسر جي مطالعاتي دوري جو اهتمام، آمريڪي ڪائونسلر جنرل ڪيو هو. هوُ صاحب، محترم شيخ اياز وٽ ہہ ٽي ڪلاڪ ويٺو رهيو. اُن وچ ۾ مرحوم شيخ صاحب مون کي گهرائي حڪم فرمايو تہ هن مهمان کي هاڻي تنهنجي حوالي ٿو ڪريان. هن کي سنڌالاجي گهمائي ۽ سنڌ بابت مڪمل معلومات بہ ڏي، ۽ پوءِ لنچ لاءِ منهنجي بنگلي تي وٺي اچج. اُن آمريڪي پروفيسر کي آءٌ سنڌالاجي وٺي آيس. ڪيس سنڌالاجيءَ جو سڄو ميوزيم، سنڌ آرٽ گيلري ۽ لائبرري گهمايم. پوءِ ڪيس سنڌ متعلق نهرايل سلائيڊ ڏيکاريم. ۽ پوءِ ڪيس منهنجيءَ آفيس ۾، سنڌي الاجيءَ جي سينئي اهم ڪارڪنن سان گڏ چانهہ پيياريم. چانهہ تي اُن آمريڪي پروفيسر مون کي مخاطب ٿي چيو تہ:

”ڊاڪٽر الانا! مون گهڻو ڪري اڌ دنيا گهمي ڏٺي آهي. هر ملڪ ۾ ڪيترين ئي يونيورسٽين ۽ انهن جي سربراهن سان بہ مليو آهيان، منهنجي نظر ۾ ، سنڌ يونيورسٽي، سڄيءَ دنيا ۾ بہ خوبين جي ڪري شهرت جي مالڪ ٿي سگهي ٿي. اُنهن مان هڪ سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسيلر ۽ ٻيو انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي. اوهان جي وائيس چانسيلر جي ذهانت، قابليت ۽ علمي ڄاڻ جي آءٌ ڪهڙن لفظن ۾ تعريف ڪريان. آءٌ آمريڪي ادبيات جو هڪ مڃيل پروفيسر آهيان، پر اوهان جي وائيس چانسيلر سان ٽن ڪلاڪن جي ملاقات ۾ مون محسوس ڪيو تہ آمريڪي ادبيات جي مطالعي“ ۾ هُو مون کان بہ وڌيڪ ڄاڻ رکي ٿو نہ فقط اهو پر هوُ صاحب يورپ جي ادب ۽ مشرقي ادب جو بہ وڏو ڄاڻو آهي، پر شيخ اياز جي سڃاڻپ، عالمي سطح تي بلڪل ڪانهي ڇاڪاڻ تہ نہ هن پاڻ انگريزي ٻوليءَ ۾ ڪجهہ لکيو آهي ۽ نہ ئي ورِي سندس ڪنهن نقاد، سندس ڪلام ۽ سندس لکيل نثر جي باري ۾ ، انگريزيءَ ۾ ڪو آرٽيڪل ئي لکيو آهي، اوهان هھڙيءَ عالمي شخصيت کي، سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ تائين محدود ڪري ڇڏيو آهي.“

هن اڳتي چيو تہ:

”ٻيو آهي اوهان جو ادارو انسٽيٽوٽ آف سنڌالاجي. يقين ڪريو ڊاڪٽر الانا! هن اداري جهڙو ادارو مون دنيا ۾ ڪنهن بہ يونيورسٽيءَ ۾ ڪو نہ ڏٺو آهي، جتي ائنٿراپالاجي ۽ ڪلچر جي باري ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڪا معلومات ملندي هجي.“

7. آءٌ چاهيان ٿو تہ عام پڙهندڙن کي، محترم عبدالحئي پليجي جي لکيل ڪن مضمونن جي باري ۾

ڪجھ ٻڌايان، صفحي 351 کان صفحي 356 تائين، سنڌ جائي دنيا جي هڪ عظيم ۽ ذهين انقلابي شخصيت شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي شخصيت جي باري ۾، محترم پليجي لکيو آهي ته:

”برِصغير ۾ ڀٽي خاندان ۽ نهرو خاندان پنهنجي حيثيت مڃرائي، دنيا جي اڳيان ثابت ڪيو آهي ته سنڌن هٿ عوام جي نبض تي هئا ۽ عوام جي واضح اڪثريت ساڻن گڏ هئي، پاڪستان ۾ واحد ڀٽو ئي ليڊر آهي جنهن تي ملڪي ۽ غير ملڪي صحافين، ليکڪن ۽ سياستدانن گهڻي ۾ گهڻو لکيو آهي، غير ملڪي ليکڪن ۾ ڀٽي تي لکندڙن ۾ ڀين سان گڏ، اٽالين صحافڻ ”اورريانا فلاسي“ به آهي، جنهن هڪ هنڌ لکيو آهي ته! ”مون آمريڪا جي وزير خارجه ڊاڪٽر هينري ڪسنجر کان انٽرويو ورتو ته پاڻ مون کان هڪ سوال ڪيائين ته تو سڄيءَ دنيا جي ماڻهن کان انٽرويو ورتا آهن، اُنهن سڀني ليڊرن مان توکي وڌيڪ ذهين ڪير لڳو؟ ته مون چيس ته ذوالفقار علي ڀٽو جنهن تي ڊاڪٽر ڪسنجر چيو ته واقعي ڀٽو دنيا جو ذهين ترين ليڊر آهي، چون ٿا ته ڀٽو جڏهن وزير خارجه هو تڏهن آمريڪا جي دوري دوران، تنهن وقت جي آمريڪي صدر جان ڪينيڊي کانئس متاثر ٿي کيس چيو ته تون جيڪڏهن آمريڪي شهري هجين ها ته آءٌ توکي پنهنجو وزير خارجه ڪريان ها. جنهن تي ڀٽي کيس پر اعتماد انداز ۾ چيو ته جيڪڏهن آءٌ آمريڪي شهري هجان ها ته اڄ آمريڪا جو صدر تون نه پر آءٌ هجان ها، ۽ توکي وزير خارجه طور کڻان ها. ڀٽي جي انهيءَ جواب تي ڪينيڊي ڏاڍو کليو.“

عبدالحئي پليجو صاحب، ساڳئي سلسلي ۾ اڳتي لکي ٿو: ”واقعي ذوالفقار علي ڀٽي جي شهادت کي سال ٿي ويا آهن پر جيئي ڀٽو جو نعرو اڄ به سڄي پاڪستان ۾ ائين گونجي ٿو جيئن سندس حياتيءَ ۾ گونجندو هو. پاڻ ويس بدلائي، ٻئي روپ ۾ به انهن طاقتن سان وڙهي رهيو آهي، جيڪي هن ملڪ تي حڪومت جو اڪيلو حق سمجهن ٿيون، جنهن نسل نه ڀٽي کي ڏٺو آهي ۽ نه ئي اُن کي ڪڏهن ٻڌو اهو نسل به اڄ، جيئي ڀٽو جو نعرو ٿو هڻي. اُن جو ڪو ٻيو سبب ڪونهي، سواءِ اُن جي ته نئون نسل به اُن حقيقت کان واقف آهي ته عام غريب ماڻهوءَ جي زبان، ذوالفقار علي ڀٽي جي وات ۾ هئي.

پاڻ سپريم ڪورٽ ۾ پنهنجي بيان ۾ چيو هئائين: ”اب آپ مجھي بڑي هي شوق سي ڦانسي پر چڑھا سڪتي هين“، جنهن تي فيض احمد فيض چيو:

*لاؤ تو قتل نامہ میرا، میں بھی دیکھوں،*

*کس کس کی مہر ہے، سر منظر لگی ہوئی۔* (ص 356)

اهڙيءَ طرح هي سڄو مضمون شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي شخصيت، ڪردار ۽ سندس باري ۾ بيان ڪيل واقعن سان ڀريل آهي.

ساڳيءَ طرح صفحي 395 کان صفحي 400 تائين ”شهادت بينظير ڀٽو“ جي عنوان واري مضمون ۾، شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي شخصيت ۽ ڪردار بابت پليجي صاحب هن طرح اظهار ڪيو آهي: ”سنڌ هزارن سالن جي تاريخ ۾ اسان ڳڻيئين بي مثل انمول انسان ڏنا، جن جي هڪ طويل فهرست آهي، پر آءٌ هت

صرف ويهين صديءَ جي انهن اهم عظيم انسانن جو ذڪر ڪرڻ مناسب ٿو سمجهان جن ۾ مولانا عبيدالله سنڌي، رئيس غلام محمد ڀرڳڙي، شيخ عبدالمجيد سنڌي، علامہ آءِ آءِ قاضي، جي. ايم. سيد، شيخ اياز، مرزا قليچ بيگ، شهيد فاضل راهو، شهيد ذوالفقار علي ڀٽو، شهيد محترمہ بينظير ڀٽو ۽ مولانا خالد محمود سومري جهڙا عظيم انسان پيدا ٿيا، پر اسان جو اڄ جو موضوع صرف شهيد بينظير ڀٽو آهي، جنهن پنهنجيءَ زندگيءَ ۾ ڪيئن ڏک ۽ سک ڏٺا. پاڻ پهريون دفعو اسان کي اُن وقت منظر عام تي نظر اچي ٿي، جڏهن شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ملڪ جو وزيراعظم هو ۽ هُوءَ وزارت خارجہ ۾ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر طور ڪم ڪري ٿي ۽ پاڻ اسلام آباد ۾ ڪنهن يوٽلٽي اسٽور تان قطار ۾ بيهي، راشن يا شايد کنڊ ٿي وٺي، انهيءَ جو ذڪر اُن وقت جي سيني اخبارن ۾ شايع ٿيو انهيءَ کان پوءِ ڪيس شملا ناهہ وقت هندستان جي اخبارن ۾ وڏي شهرت ملي، ۽ ائين هوءَ آهستي آهستي پاڪستان جي اخبارن جي زينت بڻجندي رهي.“

پليجو صاحب پنهنجي ساڳئي مضمون ۾ اڳتي لکي ٿو:

”ڪرنل رفيق الدين پنهنجي ڪتاب ”ڀٽو جا آخري 323 ڏينهن“، ۾ صفحي 64 تي لکي ٿو:

”بينظير جي باري ۾ ڀٽي صاحب جيل ۾ مون کي ٻڌايو تہ آءٌ رهان يا نہ رهان پر بينظير هڪ ڏينهن پاڪستان جي غريب عوام کي ڪاميابيءَ سان پنهنجي منزل مقصود تي ضرور پهچائيندي.“

ڪرنل رفيع الدين جي ساڳئي مضمون جي حوالي سان، عبدالحئي پليجو صاحب اڳتي لکي ٿو:

”شهيد ڀٽو بينظير جي دل ۽ دماغ جي صلاحيتن جي بيحد گهڻي تعريف ڪندو هو هڪ دفعي تہ ڀٽي صاحب، ائين بہ چيو تہ هوءَ هندستان ۽ پاڪستان جي تاريخ ثابت ٿيندي. واقعي هوءَ پاڪستان جي بہ دفعا وزيراعظم ٿي، سڄيءَ دنيا ۾ شهرت ماڻي ۽ شهيد ٿي هوءَ بينظير ثابت ٿي.“

ڪرنل رفيع الدين جو حوالو ڏيندي پليجو صاحب اڳتي لکي ٿو:

”ڪيترائي دفعا، ملڪ کان ٻاهر ماڻهو اسان کان پڇندا آهن تہ توهان جي ملڪ جو نالو ڇا آهي؟ تہ اسان پاڪستان چوندا آهيون، پر هوُ سوچي پوءِ چوندا آهن تہ : Oh! Lady prime Minister معنيٰ تہ دنيا جا ماڻهو پاڪستان کي بہ بينظير جي ڪري سڃاڻن ٿا.“

محترم عبدالحئي پليجو ڪرنل رفيع الدين جي مذڪوره ڪتاب جي صفحي 114 جي حوالي سان اڳتي لکي ٿو: ”شهيد ڀٽي ۽ بينظير جي آخري ملاقات جڏهن جيل تي ٿي تہ بينظير پٽ تي ويٺل هئي ۽ سندن وچ ۾ لوهي شيخون هيون.“

محترم پليجو ڪرنل رفيع الدين جي ڪتاب جي حوالي سان، صفحي 396 تي، شهيد محترم بينظير ڀٽو جي، قيد خاني وارن ڏينهن ۾ ڪيل گفتگو جي حوالي سان لکي ٿو:

”آئون هت ڇو آهيان، ۽ مون کي ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نٿو اچي، وري قيد خانو سنڌ جي صحرا ۾ هڪ پراهون جيل، ڏاڍي ٿڌ. قيد خاني جي گهڙيال مان ٽڪاءُ نڪرن ٿا، رات جو هڪ منٽ بہ سمهي نٿي سگهان، منهنجي ڪوٺڙيءَ جون چارئي ڀتيون سيخن جون آهن، جن جي وچ مان صحرا جي برفاني هوا ڏوڪيندي پيئي اچي. اها ڪوٺڙي، هڪ وڏي پڃري مثل ۽ تمام گهڻي ڪشادي آهي، جنهن ۾ رڳو هڪ واٽيل کٽ پيل

آهي، آءُ اُن ڪٽ تي ڪروندڙي ٿيان ٿي ۽ پاسا ورايان ٿي، منهنجا ڏند پيا ڪڙڪن، مون وٽ نه سئيٽر آهي ۽ نه بِلَينڪيٽ ڪي به ڪونهي، مون ڪي رڳو سلوار ۽ قميص پيل آهي جيڪا به پنج ڏينهن اڳ، ڪراچيءَ ۾ گرفتار ٿيڻ مهل مون ڪي پاتل هئي.“ وري صفحي 197 تي، سکر جيل جي گرميءَ بابت بيان ڪري ٿي. ”مئي مهيني ۾، سکر ۾ گرمي شروع ٿي، خشڪ ۽ ساڙيندڙ گرمي، جنهن ڪري منهنجي ڪوٺي ڪورو ٿي پيئي آهي، اُن جي پاسن کان گرم هوا لاڳيتي پئي آئي، ريگستان جي ويجهو هئڻ ڪري، اُهي گرم هوائون 110 کان 120 سينٽي گريڊ ڊگرين تائين ٿي پهتيون. منهنجيءَ ڪوٺڙيءَ ۾ لاڳيتا واچوڙا پيا لڳنداه هئا. پگهر نڪرڻ ڪري، مون تي مٽيءَ جا ذرڙا چهٽي پوندا هيا، منهنجي چمڙي خشڪ ٿي، ڦاٽي پيئي، ۽ هٿن تان تهه لهڻ لڳا هئا، منهنجي منهن تي وڏيڪ داڻا نڪري آيا، اُنهن ۾ پگهر پوندو هو ته اهي تيزاب وانگر ساڙيندا هئا. منهنجا وار جيڪي هميشه گهاٽا هوندا هئا، اُهي هاڻ مُنين جون مُنيون ٿي ڇڻڻ لڳا هئا. مون وٽ آرسي به ڪا نه هوندي هئي، پر آءُ مٽي جي ڪل ڪي پنهنجن آڱرين سان محسوس ڪري پيئي سگهيس. گهميل ميري ۽ اُگهاڙي، روز صبح جو مون ڪي منهنجي وهاٽي تي وارن جا ڇڳا نظر ايندا هئا. ڪوٺڙيءَ ۾ ڪيترائي جيت، حملو ڪندڙ فوجين وانگر ڪاهي ايندا هئا. تڏيون، مڇر، زهريليون مکيون ۽ ماڪيءَ جون مکيون هميشه منهنجي منهن تي پون پون پئيون ڪنديون هيون. يا منهنجن لڱن تي پئيون سرنديون هيون...“

مطلب ته محترم عبدالحئي پليجي، شهيد محترمه بينظير ڀٽو جو هي سربستو بيان، افسانوي انداز ۾، ڪردار نگاريءَ واري خوبيءَ ۽ رقت آميز پيرائي ۾، اهڙيءَ طرح ته چٽيو آهي جو هر پڙهندڙ اهو بيان محسوس ڪري ٿو ۽ هر پڙهندڙ جي دل ۾ شهيد محترمه لاءِ بي انتها همدردي پيدا ٿئي ٿي، حقيقت ۾ جيئن شاهه لطيف، پنهنجي رسالي ۾، پنهنجي ڪردار، مارئيءَ جي بيڪسيءَ واريءَ ڪيفيت ڪي بيان ڪري، جنهن انداز بيان سان، مارئيءَ جي ڪردار جو نقشو چٽيو آهي، لڳ ڀڳ اهو ئي ساڳيو انداز بيان، محترم عبدالحئي پليجي به سنڌ جي هاڻوڪي دور جي مارئيءَ، شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي بيڪسيءَ واريءَ حالت جو نقشو چٽيو آهي.

8. محترم عبدالحئي پليجي، هليري ڪلنٽن جي لکيل آتم ڪٿا، ”زنده تاريخ جي صفحي 398 تي، شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي باري ۾ لکيل تاثرات ڪي، هن ڪتاب (واقعات عالم) جي صفحي 219 تي هُوبهو دُهرايو آهي. محترمه هليري ڪلنٽن، پنهنجن تاثرات ۾ لکيو آهي:

”بينظير، دنيا جي هڪ اُها ممتاز شخصيت ۽ ليڊر آهي، جنهن جي هڪ جهلڪ ڏسڻ لاءِ مون ڪي قطار ۾ بيهي، ڪافي انتظار ڪرڻو پيو هو هيءَ 1989ع جي ڳالهه آهي، جڏهن بحيثيت وزيراعظم پاڪستان، هوءَ لنڊن جي دوري تي آيل هئي. آءُ ۽ منهنجي ڌيءَ چيلسي، لنڊن گهمي رهيون هيونسين ته اسان انٽر هوٽل جي اڳيان، ماڻهن جا هجوم ڏٺا، اسان اُتي هڪ شخص کان پڇيو ته هت هيڏي رش ڇو آهي؟ ته هن اسان ڪي ٻڌايو ته بينظير ڀٽو هن هوٽل ۾ ٽڪيل آهي ۽ ٿوريءَ دير ۾ هتي پهچڻ واري آهي. اهو ٻڌي اسين به قطار ۾ بيهي رهيونسين. اسان هن ڪي تمام ويجهڙائيءَ کان هلندي ڏٺو هوءَ ليموزين ڪار مان لٿي هئي ۽ تمام وڏي وقار سان هلندي، وڃي هوٽل جي لابيءَ ۾ داخل ٿي، هن ڪي هئڊي رنگ جا ڪپڙا پاتل هئا، ۽ ڏاڍي سمارٽ لڳي رهي هئي.“

پنهنجي ساڳئي مضمون ۾ محترم پليجو شهيد محترمہ جي اعليٰ ڪردار جي باري ۾ پنهنجا تاثرات بيان ڪندي، صفحي 199 تي لکي ٿو: ”اهڙي عظيم پيءُ جي شهادت ۽ شاهنواز جي موت کان پوءِ هڪ طويل جلاوطنيءَ، جيلن ۽ جدوجهد کان پوءِ آخر هڪ سمجهوتي تحت: ”تہ هوءَ اڳوڻي افغان پاليسي برقرار رکندي، صدر طور غلام اسحاق خان جي مدد ڪندي ۽ ضياءُ وارو ساڳيو وزير خارجہ ۽ خزاني جي ائڊوائيزر وي-اي جعفريءَ کي مقرر ڪندي , ۽ ائين هن 6 نومبر 1988ع تي، سڄيءَ اسلامي دنيا ۾ پهرين عورت وزيراعظم طور قسم کنيو پر اصل حاڪمن کيس سندس ويهن مهينن جي دور اقتدار ۾ هڪ ڏينهن بہ سک جو ساهہ کڻڻ نہ ڏنو.“

9. منهنجو هي مهاڳ گهڻو طويل ٿي ويو آهي، پر انهيءَ هوندي بہ آءٌ چاهيان ٿو تہ هن ڪتاب ۾ شامل مضمونن مان، آءٌ ”عربن طرفان سنڌ جي فتح، ۽ دنيا جي اُن عظيم انقلابي اڳواڻ ”نيسلن منڊيلا“، جنهن جي قيادت ۾ ڏکڻ آفريڪا ملڪ جي آزاديءَ لاءِ ڪيل جدوجهد. مضمونن جي باري ۾ پنهنجن خيالن جو اظهار ڪريان ڇاڪاڻ تہ انهن موضوعن تي سنڌي ٻوليءَ ۾ تمام گهٽ لکيو ويو آهي. محترم عبدالحئي پليجي جو لکيل مضمون، بعنوان، ”عربن طرفان سنڌ جي فتح“ صفحي 135 کان شروع ٿئي ٿو ۽ صفحي 142 تي ختم ٿئي ٿو مثال طور صفحي 135 ۽ 136 تي، مسلم دنيا جي ٽِئين خليفي حضرت عثمان جي دور ۾ عربن طرفان، سنڌ تي حملي ڪرڻ کان اڳ، ملڪ (سنڌ) جي صورتحال جو ذڪر ڪندي، پليجو صاحب لکي ٿو تہ:

”ٽئين خليفي، حضرت عثمان رضہ جي حڪومت دوران، سنڌ تي حملي ڪرڻ کان اڳ، اُتي جي صورتحال جاچڻ واسطي، حڪيم بن جبله کي جاسوسيءَ لاءِ سنڌ موڪليو ويو. سندس موٽڻ تي کيس خليفي جي اڳيان حاضر ڪيائون، جتي بيان ڏنائين تہ! ”سنڌ جو پاڻي ميرو، ميوو کٽو زمين پٿريلي ۽ مٽي کلراٺي آهي، سنڌي بهادر پر دوکيباز آهن، ٿورا فوجي، ترت تباهہ ٿي ويندا، ۽ گهڻي فوج، اُتي بک جو شڪار ٿي ويندي، خليفي، مذڪوره بيان مواقف، سنڌ تي فوج ڪشي روڪي ڇڏي.

چوٿين خليفي، حضرت علي عليه، شاغربن ذغر جي اڳواڻيءَ ۾ وڏي لشڪر کي، سنڌ جي سرحد تي چاڙهي موڪليو جنهن 42 هجريءَ ۾ ڪيڪانان پهچي، جنگ جو اعلان ڪيو. اُن تي ڪوهہ پايہ ۽ ڪيڪانان جا ماڻهو گڏ ٿي اچي حملہ آورن سان سامهون ٿيا، جنگ اڃا جاري هئي تہ عرب فوج کي، خليفي جي شهادت جي خبر پهتي، تنهن ڪري اُها (عرب فوج) واپس مڪران موٽي آئي جتي کيس معاويہ جي خليفي ٿيڻ جو پتو پيو.

معاويہ پوءِ عبدالله بن سوار کي، چار هزار سوارن وارو وڏو لشڪر ڏيئي، ڪيڪانان تي چاڙهي موڪليو جتي جنگ ۾ سالار سميت، گهڻو اسلامي لشڪر مارجي ويو باقي بچيل سپاهي مڪران موٽي آيا.

تنهن کان پوءِ سنڌ جي سرحد يعني مڪران تي، سنان بن سلمه حاڪم مقرر ٿيو جنهن کي خليفي، ٻن سالن کانپوءِ لاهي، راشد بن عمرو کي مقرر ڪيو. راشد پڪي تياري ڪري، وڏو لشڪر وٺي اچي، سنڌ جي ڪيڪانان شهر تي ڪڙڪيو ۽ خطرناڪ لڙائي ڪندي، نيٺ گهڻي لشڪر سميت مارجي ويو ۽ باقي اسلامي فوج، مڪران موٽي وئي.

تنهن کان پوءِ سنان بن سلمه کي، مڪران تي وري ٻيو ڀيرو حاڪم مقرر ڪيو ويو. هُو پڻ زبردست لشڪر سان ڪاهي آيو پر ٻڌيه ۾ جنگ دوران مارجي ويو. تنهن بعد، مڪران تي منذر بن جا رود حاڪم مقرر ٿيو. هوُ جڏهن سنڌ جي سرحد ۾ لشڪر ساڻ ڪري، پورالي نديءَ وٽ پهتو ته بيمار ٿي پيو. مڪران ۾ موجود سندس پٽ، حڪم کي بيماريءَ جو اطلاع ڪيو پر پاڻ ترت وفات ڪيائين. ان ڪري سندس جاءِ تي، سندس پٽ، حڪم بن منذر، سنڌ جي سرحد جو حاڪم مقرر ڪيو ويو.“

سوچڻ جهڙي ڳالهه هيءَ آهي ته عربن طرفان، سنڌ جي فتح ڪرڻ لاءِ، 93هه/712ع کان اڳ، ايترا سارا حملا ڪيا ويا جن ۾ کين هر دفعي ناڪامي نصيب ٿي، اهو سربستو احوال، محترم عبدالحئي پليجي ڪٿان هٿ ڪيو ڇاڪاڻ ته منهنجي مطالعي موجب، ٻئي ڪنهن به سنڌي مؤرخ، عربن طرفان، سنڌ تي ايترن سارن حملن جو ذڪر ڪٿي به ڪونه ڪيو آهي، بلڪ ڇچنامي ۾ به عربن جي انهن حملن جو ذڪر ڪيل ڪونهي.

اُن کان پوءِ خليفي وليد بن عبدالملڪ جي خلافت واري زماني ۾، 93هه/712ع ۾، محمد بن قاسم جي هٿان، سنڌ جي راجا ڏاهر کي شڪست ڏني وئي، سنڌ جي انهيءَ فتح جي باري ۾ سنڌ تي لکيل هر تاريخ ۾ ذڪر ڪيل آهي، محترم عبدالحئي پليجي، عربن جي سنڌ جي فتح لاءِ ڪيل ايترن سارن حملن، عربي فوج جي ناڪاميءَ جو ذڪر، اهڙي ته انداز سان ڪيو آهي جو پڙهڻ وقت ائين ٿو محسوس ٿئي ته پليجو صاحب پاڻ اُتي، جنگ جي ميدان ۾ موجود هو. نثر نويسيءَ جي انهيءَ خوبيءَ کي، واقع نگاري ۽ نقش نگاري چئبو آهي، جيڪا هڪ تاريخ نويس ۾ هجڻ ضروري آهي.

پليجي صاحب، اُن دکدائڪ سانحي کي به جنهن انداز سان قلمبند ڪيو آهي، جنهن ۾ ڄاڻايو اٿس ته سنڌ جي فاتح، محمد بن قاسم کي مرڪز ۾ مقرر ٿي آيل نئين خليفي، سلمان بن عبدالملڪ، جهڙي طريقي سان معزول ڪيو، اُن جو سربستو احوال صفحي 142 تي پڙهي سگهجي ٿو.

10. محترم عبدالحئي پليجي، پنهنجي هن ڪتاب ۾ دنيا جي اُن عظيم انقلابي اڳواڻ ۽ سياسي مدبر، محترم نيلسن منڊيلا جي ڏکڻ آفريڪا جي آزاديءَ لاءِ ڪيل جدوجهد جي باري ۾ لکيل مضمون ۾ تمام اهم ۽ تاريخي ڳالهيون لکيون آهن. جيڪي سنڌ جي قوم پرست نوجوانن کي ضرور پڙهڻ گهرجن.

هن ڪتاب جي صفحي 382 کان وٺي، صفحي 389 تائين، نيلسن منڊيلا جي جدوجهد جي باري ۾ مضمون ڏنو ويو آهي، هن مضمون ۾ دراصل ڏکڻ آفريڪا جي سياسي ۽ سماجي تاريخ جو نقشو چٽيو ويو آهي، هن مضمون ۾ سترهين صديءَ عيسويءَ جي وچ واري عرصي ۾ جن يورپي سامراجين، ڏکڻ آفريڪا جي ملڪ تي ناجائز قبضا ڪيا، پليجي صاحب، اُنهن جي مختصر تاريخ بيان ڪئي آهي، انهن سامراجين، سندن حرڪتن ۽ منصوبن موجب، مقامي ماڻهن کي پاڻ ۾ ويڙهائي، هڪ ٻئي جو دشمن بڻائي، کين پنهنجو غلام بنائي، سانده ساڍا ٽي سوَ سال مٿن ناجائز ۽ ظالماڻو راڄ برقرار رکيو بلڪل ائين جيئن انگريزن نندي کنڊ ۾ ڪيو هو.

محترم عبدالحئي پليجي، پنهنجي هن مضمون ۾، ڏکڻ آفريڪا ۾ سامراجي حڪمرانن جي مقامي

ماڻهن سان رويي خلاف, اُن زماني ۾ سياسي جدوجهد ۾ هڪ سرگرم نوجوان سياسي اڳواڻ, نيسلن منڊيلا طرفان سال 1955ع ۾, هڪ مضمون لکي, ڏکڻ آفريڪا جي مظلوم عوام کي, ساڻن ٿيندڙ ظلمن ۽ استحصال کان آگاهه ڪيو پنهنجي هن مضمون ۾, محترم عبدالحئي پليجو صفحي 384 ۽ 320 تي لکي ٿو:

"سامراجين جي حڪومت واري زماني ۾, مقامي ماڻهن کي سياست ڪرڻ جي قانوني اجازت ڪانه هوندي هئي، مقامي سياسي ڪارڪنن کي سالن جا سال بي دريافتو قيد ۾ رکيو ويندو هو. سرگرم ڪارڪنن کي قتل ڪيو ويندو هو اپارٿيڊ حڪومت جي جابرانه ڪردار, سندن خلاف, عام ماڻهن ۾ نفرت پيدا ڪئي هئي جنهن ڪري مقامي ماڻهن, سال 1913ع ۾ آفريڪن نئشنل ڪانگريس" (اي اين سي) پارٽي ناهي. هن انقلابي پارٽيءَ, اپارٿيڊ سامراجي سرڪار جي خلاف, حقيقي آزاديءَ لاءِ ڀرپور صحيح ۽ وقتائتي جدوجهد جوٽي, نيلسن منڊيلا, اي اين سي ۾ 1940ع واري ڏهاڪي جي پڇاڙيءَ ۾ قانون جي هڪ شاگرد هجڻ واري زماني ۾, شموليت اختيار ڪئي, ۽ پارٽيءَ جي نوجوان ليگ ناهي, هن پنهنجي نوجوان ساٿين سان گڏجي اپارٿيڊ سامراجي سرڪار جي خلاف, عوام سان رابطي واري مهم شروع ڪئي. 1949ع ۾ هن نوجوان ليگ, اي اين سي جي قيادت تي سَبَقت حاصل ڪئي, تنهن ڪري نيلسن منڊيلا کي 1950ع ۾, نوجوان ليگ جو قومي صدر چونڊيو ويو." پليجو صاحب اڳتي لکي ٿو:

"ان زماني ۾ نيلسن منڊيلا جي سياسي نظرئي ۾ گنڀير قسم جي تبديلي رونما ٿي جنهن جو مکيه سبب, سماجوادي نظرئي جو مطالعو ۽ مهاتما گانديءَ واري عدم تشدد واري نظرئي تي مشتمل سياسي حڪمت عمليءَ جو عملي طور جائزو هو." پليجو صاحب اجا به اڳتي, صفحي 320 تي لکي ٿو:

"ننڍي کنڊ جي آزاديءَ جو هيرو مهاتما گاندي پاڻ به سن 1893ع کان 1914ع تائين ڏکڻ آفريڪا ۾, سندس رهائش واري زماني ۾, اپارٿيڊ حڪومت جي خلاف سياسي جدوجهد منظم ڪئي.

نيلسن منڊيلا جي قيادت ۾, اي اين سي جي جديد تشڪيل تي ۽ عدم تشدد واريءَ حڪمت عمليءَ موجب, اپارٿيڊ سامراجي سرڪار خلاف, شهري نافرماني, هڙتال ۽ بائيڪاٽ ڪرڻ واري طرز عمل کي اختيار ڪيو ويو سن 1950ع ۾ پارٽي ڪانفرنس جي پاليسي بيان ۾ پڌرو ڪيو ويو ته رنگ ۽ نسل جي اختلاف کي رد ڪندي, حڪومت ملڪ جي سيني شهرين کي برابريءَ جي عالمي بنياد تي سمورا شهري, سياسي ۽ سماجي حق ڏي, ملڪ ۾ سچو جمهوري, سياسي ۽ سماجي نظام حڪومت برپا ڪري, سيني شهرين سان ساڳيو هڪڙو ئي حقيقي ۽ انصاف تي مبني قانون لاڳو ڪري, اپارٿيڊ سامراجي حڪومت جي خلاف, جدوجهد ڪندڙ سمورين ننڍين وڏين, مقامي توڙي قومي پارٽين, تنظيمن گروهن کي ڪنهن به نسل جي خلاف, ۽ ڪنهن به مقامي توڙي گروهه جي خلاف اُڪسايو نه وڃي, پر فقط موجوده سامراجي سرڪار ۽ سندس ساٿي ۽ سهڪاري تنظيمن ۽ گروهن جي خلاف ڀرپور ضروري ۽ جائز جدوجهد ڪرڻ لاءِ سڏ ڏجي ٿو.

مطلب ته هن سڄي مضمون ۾ اڳتي هلي 1990 تائين, محترم نيلسن منڊيلا جي ڏکڻ آفريڪا جي آزاديءَ واريءَ جدوجهد تي تفصيلي روشني وڌي آهي.

هن مضمون جي مطالعي, مان ائين ٿو محسوس ٿئي ته محترم عبدالحئي پليجو International

Relationsجي هڪ مجيل ۽ قابل پروفيسر وانگر هر عالمي مسئلي جي باري ۾ هر ڪا گهربل ڄاڻ رکي ٿو ۽ شايد اهو ئي سبب آهي جو هُن، هِن ڪتاب جو عنوان ئي واقعات عالم رکيو آهي. هن ڪتاب ۾ شامل مضمون جي لکڻ لاءِ هن يقينن ڪيترن ئي تحقيقي مقالن، مضمونن ۽ ڪتابن جو مطالعو ڪيو هوندو اُنهن مان ڪن مضمونن ۽ ڪتابن جا حوالا هن مختلف مضمونن ۾ ڏنا بہ آهن.

محترم عبدالحئي پليجي جو مطالعو ايتري قدر تہ وسيع آهي جو هن، ”لنڊن جا ڏينهن ۽ اسڪاٽلينڊ جون راتيون“ ڪتاب ۾ دنيا جي مختلف سمنڊن جي تفصيلي جاگرافيائي احوال کان سواءِ، لنڊن جي ڪيو گارڊنس جو جنهن طرح سان ذڪر ڪيو آهي، اُهو پڙهڻ سان ماڻهو سچ پچ تہ دنگ رهجيو وڃي تہ اُن سلسلي ۾ اِهو سربستو احوال، هن صاحب ڪيئن هٿ ڪيو ۽ ڪٿان هٿ ڪيو. لنڊن ۾ ڪيو گارڊنس مون بہ چار دفعا ڏٺو آهي، پر مطالعي ۽ معلومات سان، ڪيو گارڊنس جي باري ۾ پليجي صاحب، مختلف موضوعن تي صفحن جا صفحا لکيا آهن، اُن جي باري ۾ علم نباتات علم طب ۽ نئچرل سائنس جا ماهر ئي پنهنجي راءِ ڏيئي سگهن ٿا.

اهڙيءَ طرح هن ڪتاب ۾ اسڪاٽلينڊ جي قلعن، ڪوٽن، ڪلبن ۽ هوٽلن کانسواءِ اسڪاٽ ادب جي اديبن، شاعرن ۽ ادبي تاريخ جو جنهن تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي، اُن لاءِ پليجو صاحب ڪيرون لهڻي.

هن ڪتاب جو اڀياس ڪندي مون ائين محسوس ڪيو آهي تہ محترم عبدالحئي پليجو هڪ بهترين افسانہ نگار، بهترين سوانح نگار، بهترين ڪردار نگار، هڪ ڪامياب واقع نگار ۽ هڪ ڪامياب حقيقت نگار اديب آهي. هن ڪتاب ۾، مختلف عالمي شخصيتن جي سوانح حيات لکندي، افسانہ نگاريءَ واري انداز بيان سان، پليجي صاحب، اُنهن شخصيتن جي ڪردارن ڪي، حقيقت نگاريءَ، واقع نگاريءَ ۽ نقش نگاريءَ وارين خوبين سان، ڪاميابيءَ سان پيش ڪيو آهي، اُنهن شخصيتن جي سياسي، سماجي، ثقافتي ۽ انسان دوستيءَ جي سلسلي ۾ ڪيل خدمتن تي جيڪا روشني وڌي اٿس تنهن جو صحيح اندازو تہ ڪو ڪامياب نقاد ۽ نثر نويس ئي ڪري سگهي ٿو.

محترم عبدالحئي پليجي جو لکيل هي ڪتاب، سندس ٻين ڪتابن وانگر نهايت ئي اهم ۽ علمي ادبي، تاريخي، سياسي ۽ سنواح حيات جي باري ۾ لکيل هڪ معلوماتي ڪتاب آهي.

هن ڪتاب ۾ شامل مضمونن جي مطالعي کان پوءِ، آءٌ سنڌ جي سڀني يونيورسٽين جي سربراهن کي اها گذارش ڪندس تہ سنڌ جي هن وڏي ڏاهي ۽ وڏي مطالعي رکندڙ مفڪر، محترم عبدالحئي پليجي کي پنهنجي ادارن ۾ قائم، آرٽس ۽ هِيُومَينِٽِيز جي شعبن ۾ دعوت ڏيئي، ڪائنس مختلف موضوعن تي اُستادن ۽ شاگردن اڳيان ليڪچر ڏيارايا وڃن.

12. مون کي محترم عبدالحئي پليجي جي هن ڪتاب جو مهاڳ لکندي، سنڌ جي ڪلچر، ائنٿراپالاجي ۽ ايٿنالاجيءَ جي اڀياس جي باري ۾ ڪي ڳالهيون، ذهن تي تري آيون آهن. سنڌ توڙي پاڪستان جي ٻين خطن ۾ موجود مختلف صوفي درويشن، اوليائن، ساڌن ۽ سنتن جي درگاهن، خانقاهن، آستانن ۽ درٻارن تي هر سال ٿيندڙ عرسن، ميلن ملاکڙن ۽ ڏيهاڙن، مثال طور قلندر لال شهباز جو ميلو شاهہ

عبداللطيف ڀٽائيءَ جو ميلو شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ واري جو ميلو مخدوم نوح سرور جو ميلو سچل سرمست جو ميلو پير سائين روضي ڌڻيءَ جو عرس، شاهه عنايت شهيد صوفيءَ جو ميلو اڏيري لال جو ميلو مصري شاهه امام جو ميلو جاتي شهر ۾ مغل ڀيڻ جو ميلو ڪاٺيءَ ۾ منٺار فقير راڄڙ جو ميلو ۽ اهڙيءَ طرح پنجاب ۾، پاڪ پتڻ ۾ بابا فريد گنج شڪر جو عرس، ملتان ۾ غوث بهاءُ الحق ۽ رڪن الدين عالم جا عرس، ساڳئي شهر(ملتان) ۾ شاهه شمس سبزواريءَ جو عرس، لاهور ۾ داتا گنج بخش ۽ ميان مير سنڌيءَ جا عرس، عام ماڻهن لاءِ اهڙا ميلا آهن جتي مختلف ريتن، رسمن ۽ ڪريا ڪرمن جي ادائگي، ائنٿراپالاجي ۽ ايٿنالاجيءَ جي مطالعي جي لحاظ کان نهايت ئي اهم موقعا آهن. جن جي باري ۾ هن وقت تائين ڪو به تحقيقي ڪم ڪو نه ٿيو آهي، البت ويهارو کن سال اڳ، هن موضوع تي مون هڪ مقالو لکيو هو جيڪو مهراڻ رسالي ۾ شايع ٿيو هو.

13. محترم عبدالحئي پليجي جو هيءَ (ڪتاب) "واقعات عالم" عالمي تاريخ، دنيا جي ڪن ملڪن جي سياسي سماجي حالتن ۽ ڪن واقعن جي متعلق سندس لکيل بهترين مضمونن جو هڪ مجموعو آهي. هي مجموعو پڙهندڙن لاءِ لاجواب مواد ۽ معلومات سان ڀريل آهي. منهنجي نظر ۾ هيءُ ڪتاب خاص ڪري اُنهن شاگردن ۽ اُستادن لاءِ نهايت ئي هڪ ڪارائتو ڪتاب آهي، جيڪي يا ته اعليٰ تعليمي ادارن ۾ پڙهن ٿا، يا اُنهن ادارن ۾ پڙهائين ٿا. اُنهن محققن لاءِ خاص ڪري هي ڪتاب نهايت ئي ڪارائتو آهي جيڪي مختلف لائبررين ۾ وڃي، اُنهن ڪتابن ۽ رسالن کي اُن مواد لاءِ اُٿلائين ٿا، جن مان ڪيترن ئي مضمونن تي پليجي صاحب صفحن جا صفحا ڀري ڇڏيا آهن.

14. آءُ دل جي گهراين سان، منهنجي پياري عبدالحئي پليجي کي مبارڪباد پيش ڪريان ٿو ۽ ڌڻي سائينءَ جي حضور ۾ دست بستہ دعاگو آهيان ته رب ڪريم سنڌ جي هن مخلص، علم، دوست، انسان دوست ۽ زود نويس محقق کي سدائين خوش رکي، آباد رکي ۽ کيس سالم صحت عطا ڪري.

منهنجي دعا آهي ته منهنجي دوست، ارباب نور محمد پليجي جي گهر ۾ علم ادب، انسان دوستيءَ ۽ انسان شناسيءَ جي اُها جوت سدائين جلندي رهي جيڪا سندس وڏن ٻاري هئي ۽ جنهن کي سندس پوٽينرن اڄ به روشن رکيو آهي.

حيدرآباد، سنڌ
20 مئي، 2017ع

سنڌي ٻوليءَ جو فدائي

**غلام علي الانا**

# پنهنجي طرفان

دنيا گهمندي گهمندي شوق پيدا ٿيم تہ ڪجهہ لِکان، سو ڏسندي ڏسندي پندرهن کن سفرناما لکي ويس، انهيءَ دوران سٺ ستر عيسوي ڏهاڪن واري سنڌي شاگرد قومي سياسي هلچل بابت بہ هڪڙو ڪتاب لکي ڇَڏِم. اهو ڪتاب بہ دفعا شائع ٿيو آهي. لکڻ دوران خيال پيدا ٿيو تہ جيڪي عام معلومات وارا ڪتاب سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل ۽ ڇپيل ڪو نہ آهن. انهن جي موضوع تي بہ ڪجهہ لکان. انهيءَ ڏِس ۾ ذهن ۾ هڪ خيال آيو تہ سڄي دنيا ۾ جيڪي عجائباب موجود آهن، انهن متعلق ڪو سنو ڪتاب لکجي. اردو ۾ انهيءَ موضوع تي چوپڙي نما ڳڻئين ڪتاب لکيل آهن ۽ انگريزي ۾ بہ انهيءَ موضوع تي ڪجهہ ڪتاب ڇپيل آهن، جيڪي ڇاپي جي لحاظ کان تمام سٺا، پر قيمت جي ڏس ۾ اهي تمام مهانگا ڪتاب آهن، جڏهن تہ انهن انگريزي ڪتابن ۾ بہ مواد ڪو خاص ڪونهي. انهيءَ موضوع تي هڪ ڪتاب ”عجائبات عالم“ نالي لِکِم، جيڪو سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچيءَ وارن سن 2004ع ۾ شايع ڪيو. چوڏهن سالن گذرڻ بعد، اڄ بہ توهان کي اهو ڪتاب سنڌ جي هر وڏي بُڪ اسٽال تي ملندو. انهيءَ کان پوءِ مون سوچيو تہ حضرت آدم عليه السلام جي پيدائش کان وٺي اڄ تائين ڌرتيءَ تي جيڪي اهم واقعا ٿيا آهن، انهن تي لِکجي. چوڏهن سالن جي پورهئي بعد اهو گهربل ڪتاب ”واقعات عالم“ جي نالي سان لکجي، ڇپجي ۽ شايع ٿي اڄ توهان جي هٿن ۾ آهي. انهيءَ موضوع تي بہ هن کان اڳ سنڌيءَ ۾ لکيل ڪتاب مون ڪو نہ ڏٺو آهي. اميد تہ توهان هن ڪتاب کي ضرور پسند ڪندا. هن سلسلي جي منهنجي ٽِئي ڪتاب جو موضوع آهي ”شخصيات عالم“. پاڻ وٽ سنڌي ٻوليءَ ۾ ان موضوع تي بہ ڳڻِئين ڪتاب لکيل آهن. پر انهن ڪتابن جا ڪردار گهڻو ڪري سنڌ تائين محدود آهن. سنڌ کان ٻاهر جي ڪردارن تي اسان وٽ ترجمو ٿيل ڪجهہ ڪتاب آهن، پر آئون ڪوشش ڪندس تہ منهنجي هن ڪتاب ۾، اڳي شايع ٿيل ڪتابن ۾ شامل ڪردارن کان مختلف ڪردارن کي پيش ڪريان. هن ڪتاب ”شخصيات عالم“ جا بہ ستر کن صفحا لکي چڪو آهيان. ڪوشش ڪندس تہ هي ڪتاب بہ جلد کان جلد لکي وٺان، ڇو تہ منهنجي عمر جو هينئر ٽيهترهون سال پيو هلي، جنهن دوران تقريبن ٽن مختلف ڪتابن تي ڪم ڪري رهيو آهيان ۽ بقول فيض صاحب جي:

اور بهي غم هين اس دنيا مين محبت کي سِوا،
اور بهي راحتين هين، وصل کي راحت کي سوا.

سو هن دنيا ۾ ٻيا بہ سوين مسئلا آهن. خاص ڪري ٻهراڙيءَ ۾، شهرن ۾ تہ نڪو ڪُتو ڏسي ۽ نہ ڪو ڀَونڪي!

آئون تہ چوندس تہ اسانجي سڄي زندگي ڪنهن جنگ کان گهٽ نہ آهي. انسان، هڪ زندگيءَ اندر خبر ڪانهي تہ ڪيتريون زندگيون ٿو گذاري!

**عبدالحئي پليجو**



# تخليق حضرت آدم عليہ السلام

اسلام ۽ ٻين مذهبن جي تعليمات ۾ حضرت آدم عليه السلام جي پيدائش متعلق هڪ ٻين سان اختلافات تہ بلڪل پڌرا آهن. پر جديد سائنسي تحقيق ۽ قديم آثارن جي علم ۽ کوجنا انهن سمورن نظرين کي رد ڪري ڇڏيو آهي.

حضرت ابراهيم ۽ سندس اولاد مان پيدا ٿيندڙ انبيا" ڪرام جهڙوڪ: حضرت موسيٰ عليه السلام، حضرت عيسيٰ عليه السلام ۽ نبي آخر زمان حضرت محمد صلي الله عليه و آله وسلم جن جي طرفان شايع ڪيل ديني تعليمات جي تت موافق ڪائنات جي خالق الله سُبحانَهُ وَ تَعاليٰ پنهنجي مرضيءَ موجب حضرت آدم عليه السلام کي پهرين انسان طور عجيب جلوي ۽ جنسار سان جوڙيو.

مسعوديءَ واري تاريخ ۾ حضرت آدم عليه السلام جي عمر چاليهہ هزار سال ڄاڻايل آهي. جنهن ۾ جنت ۾ سندس رهائش وارو عرصو اٽڪل اوڻيتاليهہ هزار چاليهہ 39040 سال بہ شامل ڪيل آهي. جنت ۾ سندس اڪيلائي ختم ڪرڻ ۽ وندر ورونهن لاءِ الله پاڪ سندس هم جِنس مخلوق بي بي حوا کي پيدا ڪري سندس رفيق بنايو.



قرآن پاڪ جي سورة والتين جي آيت نمبر 4 ۾ الله پاڪ فرمايو آهي تہ ”بيشڪ اسان انسان کي بهترين اندازي سان ٺاهيو آهي.“ سورة بني اسرائيل جي آيت نمبر 70 جو ترجمو آهي تہ ”بيشڪ اسان آدم جي نسل کي سڄي ڪائنات تي بزرگي ۽ برتري بخشي.“

سورة الاحزاب جي آيت نمبر 72 ۾ فرمايو ويو آهي تہ ”آئون آدم عليه السلام کي زمين تي پنهنجو خليفو بڻائڻ وارو آهيان. بيشڪ اسان آسمانن ۽ زمين ۽ جبلن جي آڏيان امانت کي آندو پوءِ انهن ان جي کڻڻ کان انڪار ڪيو ۽ ان کان ڏڄي ويا ۽ ان کي انسان کنيو.“

قرآن پاڪ موجب آدم عليه السلام ۽ سندس اولاد ئي انسان ذات آهي، جنهن کي جهانن جي اُپائيندڙ ۽ پالڻهار سموري ڪائنات ۾ سڀني کان اعليٰ درجو عطا ڪيو ۽ کيس زمين تي خلافت جي منصب تي فائض ڪيو. قرآن پاڪ ۾ حضرت آدم عليه السلام جو نالو ڪُل 25 پيرا 25 آيتن ۾ آيو آهي. انهن ۾ 5 آيتون بقرة سورة جون، 2 آيتون آل عمران سورة جون، هڪ آيت المائد سورة جي، ست آيتون الاعراف سورة جون، ٻہ آيتون الاسراء سورة جون، هڪ آيت الڪهف سوره جي، هڪ آيت مريم سوره جي، پنج آيتون طٰهٰ سورة جون ۽ هڪ آيت ياسين سورة جي آهي.



بائيبل جي بيان موجب آدم عليه السلام جو پتلو جوڙڻ لاءِ گهربل مٽي ڌرتيءَ تان گهرائي وئي. ڪيترن ئي فرشتن کي ڌرتيءَ پنهنجي مٽي کڻڻ کا نہ ڏني، تڏهن آخر ۾ الله پاڪ حضرت عزرائيل عليه السلام کي موڪليو جيڪو ڌرتيءَ تان ڳاڙهي ڪاري ۽ اڇي ٽن رنگن واري مٽي کڻي اچي رب جليل اڳيان حاضر ٿيو. چوڻ ۾ اچي ٿو تہ اهو ئي سبب آهي جو انسان ذات مختلف رنگن ۾ ورهايل آهي.

آدم عليه السلام جي عربي يا عجمي هئڻ بابت ڪيئي اختلاف موجو دآهن. مشهور محدث حافظ ابن حجررحہ موجب آدم سرياني ٻوليءَ جو لفظ آهي. علامه جوهري، مطابق آدم توڙي حوا ٻئي لفظ عربي ٻوليءَ جا آهن. ٻئي محقق جوچوڻ آهي تہ آدم عبرانيءَ ٻوليءَ جو لفظ آهي ۽ معنيٰ اٿس مِٽي، ڪي محقق چون ٿا تہ آدم لفظ عبراني ٻوليءَ جو لفظ اُدمہ يعني ”مٽاچرو“ مان ورتل آهي. ڪي عالم بيان ڪن ٿا تہ آدم لفظ اصل لفظ اَدمت مان جڙيو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ملاوت ۽ حضرت آدم عليه السلام جي پتلي جو خَمِير پڻ مٽيءَ ۽ پاڻيءَ جي ملاوت سان بنايو ويو. انهيءَ مناسبت موجب هن کي آدم ڪوٺيو ويو.

آدم عليه السلام جي زال کي ”حوا“ انهيءَ سبب ڪوٺيو ويو جو هن ٻين ممالي ساهہ وارن وانگر زنده اولاد ڄڻيو ياد رهي تہ حوا لفظ جي معنيٰ آهي زنده اولاد ڄڻيندڙ.

ڪن روايات مطابق عزرائيل عليه السلام جي آندل مٽيءَ کي پاڻي سان ڳوهي ڪيترن ئي سالن تائين سچي خمير نهڻ تائين ڇڏي ڏنو. جڏهن مٽيءَ جو خميرو تيار ٿيو تڏهن الله پاڪ انهيءَ مان هڪ نهايت سهڻو ۽ وڻندڙ پتلو بنايو. ان کي سُڪڻ پڪو ٿيڻ ۽ نکر جيئن وڄڻ جي لائق ٿيڻ ۾ بہ ڪافي سال لڳي ويا. جڏهن



اهو پتلو سُڪي راس ٿيو ۽ ٺڪر وانگر وڄڻ لڳو تڏهن روح کي ان ۾ داخل ٿيڻ لاءِ حڪم ڏنو ويو. پر روح خوف جو شڪار ٿي داخل ٿيڻ کان انڪار ڪيو پر جڏهن الله پاڪ کيس مقرر مدت پوري ٿيڻ تي انهي مان کيس ٻاهر ڪڍڻ جو واعدو ڪيو ته هو انهيءَ ۾ داخل ٿيو.

قرآن مجيد موجب الله تعاليٰ ملائڪن کي فرمايو ته جڏهن آئون پتلي ۾ روح ڦوڪيان ته توهان انهيءَ کي سجدو ڪريو جڏهن الله پاڪ پتلي ۾ روح ڦوڪيو ته سمورن فرشتن آدم عليه السلام کي سجدو ڪيو پر عزازيل سجدو ڪو نه ڪيو. الله پاڪ کانئس پُڇيو ته تو سجدو ڇو نه ڪيو؟ جواب ڏنائين ته انهيءَ سبب ته آئون آدم کان بهتر آهيان ڇو ته باهه مان پيدا ڪيل آهيان ۽ آدم مٽيءَ مان. حقيقتاً عزازيل جن هو پر زهد ۽ تقويٰ سبب الله پاڪ خوش ٿي کيس فرشتن ۾ شامل ڪري انهن جو سردار مقرر ڪيو پر جڏهن سرڪشيءَ ڪري آدم عليه السلام کي سجدو ڪرڻ کان انڪار ڪيائين ته جل جلاله کيس شيطان ۽ ابليس ڪوٺي جنت ۽ آسمانن مان تڙي ڪڍيو. ابليس توبه تائب ٿيڻ بجاءِ اٽلو قيامت تائين زنده رهڻ جي لاءِ عرض ڪيو. الله پاڪ



سندس اهو عرض قبول ڪيو ته وڏيڪ سرڪشي ڪندي چيائين ته جنهن آدم (عليه السلام) جي سبب آئون رسوا ٿيو آهيان انهيءَ کي قيامت تائين گمراهه ڪندو رهندس. انهيءَ تي الله پاڪ کيس جنت ۽ آسمان مان تڙي ڪڍيو.

آدم عليه السلام جنت ۾ رهندي به اڪيلو ٿيڻ لڳو ته سندس رفاقت ۽ تفريح لاءِ سندس کاٻي پاسراٽي

مان بي بي حوا کي حسين و جميل صورت سان خلقي ساڻس گڏ جنت ۾ رهايو. کين کائڻ ۽ پيئڻ لاءِ ڪئين شيون مُيسر ڪري ڏنيون. البت اتي موجود هڪڙي وڻ کي واپرائڻ يا ويجهو وڃڻ کان منع ڪئي وئي. قرآن مجيد ۾ ان وڻ جو نالو ڄاڻايل ڪونهي. بائيبل ۾ انکي خير ۽ شر جو وارث ڪوٺيو ويو آهي. ڪن مفسرين موجب اهو ڪڻڪ جو ٻوٽو هو.

کين گمراهہ ڪرڻ لاءِ ابليس جنت ۾ داخل ٿيندڙ نانگ جي وات ۾ لڪي وڃي جنت ۾ پهتو ۽ آدم عليه السلام ۽ بي بي حوا کي اهو منع ٿيل ٻوٽو کائڻ لاءِ اڪسائڻ لڳو. چيائين تہ آئون توهان جو خير خواه آهيان ۽ صلاح ٿو ڏيان تہ جيڪڏهن توهان اهو منع ڪيل ٻوٽو کائيندا تہ هميشہ لاءِ جنت ۾ رهندا ۽ دائمي خوشي ماڻيندا. الاهي امر کان غافل رهندي ابليس جي صلاح تي لڳي جڏهن هنن ان منع ڪيل ٻوٽي جو ميوو کاڌو تہ سندن ستر برقرار نہ رهيو. پنهنجي اوگهڙ ڍڪڻ لاءِ جنت ۾ موجود پنن کي استعمال ڪرڻ لڳا ۽ سخت پريشان ٿي پيا. انهيءَ حڪم عدوليءَ سبب آدم عليه السلام ۽ بي بي حوا کي الله پاڪ طرفان جنت مان نڪري هيٺ زمين تي رهڻ جو حڪم مليو ۽ کين زمين تي لاٿو ويو.




تاريخ مسعودي موجب حضرت آدم عليه السلام کي سري لنڪا جي هڪڙي ٽڪريءَ تي لاٿو ويو. جنهن کي اڄڪلهہ آدم عليه السلام جي ٽڪري سڏيندا آهن. ان پهاڙي جي چوٽيءَ تي هڪ تمام وڏي انساني پير جا نشان اڄ بہ موجود آهن. جنهن کي ماڻهو آدم عليه السلام جي پيرن جا نشان قرار ڏين ٿا.

جڏهن آدم عليه السلام ڌرتيءَ تي پهتو ان وقت هو جنت جي خوشبوئن سان معطر هو. ساڻس گڏ ڪافي مقدار ۾ کاڌي پيتي جون شيون جهڙوڪ ميوا، اڪروٽ، بادام، ٻوهي مڱ، نارنگي، ڏاڙهون، ڪشمش، انگور، عناب، ڪيرو، ڪڪڙي ۽ مختلف داليون ۽ اناج پڻ زمين تي پهچايو ويو.

بي بي حوا کي آدم عليه السلام سان گڏ نہ پر الڳ ٿئي هندَ زمين تي لاٿو ويو جيڪو موجود جده شهر جي ويجهو هو. ڪجهہ روايتن موجب آدم عليه السلام ۽ بي بي حوا

جنت ۾ سرزد ٿيل غلطي تي ڏاڍا شرم سار ۽ پريشان ٿيا. اهي ڪيترن ئي سالن تائين الله پاڪ جي اڳيان روئندا معافيءَ لاءِ ٻاڏائيندا ۽ هڪٻئي کي ڳوليندا رهيا ۽ نيٺ مڪي شريف جي ڀرواري جبل تي هڪ ٻئي سان ملاقاتي ٿيا. جتي جبرائيل عليه السلام سندن هڪٻئي سان سڃاڻپ ڪرائي. عربي ٻوليءَ ۾ ”عرفه“ لفظ معنيٰ آهي. هن سڃاتو انهي نسبت سان ان جبل جو نالو عرفه يا عرفات پئجي ويو ۽ ان جبل جي دامن ۾ موجود ميدان کي عرفات ڪوٺڻ لڳا. قرآن پاڪ جي سورة ص جي آيت نمبر 71جو ترجمو آهي ته ”۽ ياد ڪر اهو وقت جڏهن تنهنجي پروردگار ملائڪن کي چيو ته بيشڪ آئون مٽيءَ مان بشر پيدا ڪرڻ وارو آهيان.“

سورة البقرة جي آيت نمبر ........ ۾ فرمايو ويو ته ”۽ ياد ڪر ته جڏهن تنهنجي پروردگار ملائڪن کي چيو ته بيشڪ آئون زمين ۾ هڪ نائب پيدا ڪرڻ وارو آهيان. ملائڪن چيو ته ڇا تو ان کي ان ۾ پيدا ڪندين جيڪو ان ۾ فساد ۽ خون ريزي ڪندو. حالانڪ اسين تنهنجي تعريف سان پاڪائي بيان ڪريون ٿا ۽ تنهنجي پاڪائي جو اقرار ڪريون ٿا. الله پاڪ فرمايو ته جيڪي اوهين نٿا ڄاڻو سو آئون ڄاڻان ٿو.“



مذڪوره آيتن جي روشنيءَ ۾ الله پاڪ طرفان آدم عليه السلام ۽ بي بي حوا جي صورت ۾ انسان جي تخليق ڪئي ۽ پنهنجي خواهش موجب انهن کي ڌرتيءَ تي آڻي انساني نسل پيدا ڪيو. جنهن سماج قائم ڪري انساني تهذيب جي شروعات ڪئي، جيڪا مختلف اوقات ۽ حالات موافق وڌندي سڌرندي ۽ ترقي ڪندي رهي ٿي.

حضرت آدم عليه السلام زمين تي پهچي پنهنجو نسل پيدا ڪري سماج قائم ڪيو ڌرتي تي پنهنجي طبعي عمرجا 960 سال پورا ڪري رحلت فرمائي. ڪجھ روايتن موجب ڪيس مڪي شريف جي ويجهو ابو قبيس نالي جبل جي ڪهف نالي ماڳ وٽ دفن ڪيو ويو. ڪن مفسرن منيٰ جي علائقي ۾موجود هڪ مسجد ۾ دفن ٿيل ڄاڻايو. ڪن عيسائين جو چوڻ آهي طوفان نوح عليه السلام کان پوءِ سندس مڙهه اتان کڻائي يروشلم ۾ دفنايو ويو. آدم عليه السلام جڏهن وفات ڪئي، ان وقت ۾ انساني نسل جو تعداد سوا لک کن ٿي چڪو هو.

⑥



# انسانذات جي تخليق جو عظيم ترين واقعو

تحقيق تي ٻڌل علم يعني سائنس موجب ڌرتيءَ تي زندگيءَ جي ابتدا Archaeozoic era يعني آدجگادي جُڳ دوران ٿي، زندگيءَ جي شروع وارن ٻوٽن توڙي جانورن جي روپن ۾ تبديلي ۽ ورچ پڻ هن ئي جُڳ دوران ٿيڻ لڳي. هي جُڳ 4 ارب 3 ڪروڙ سال پراڻو ۽ هڪ ارب 53 ڪروڙ سال ڊگهو هو. هن جڳ جي پوين 50 ڪروڙ سالن واري عرصي ۾ زندگيءَ جي شروعات ٿي.

تنهن بعد Palaeszoic يعني ٽئين نمبر پراڻي جُڳ جي ٻئي نمبر عرصي يعني Ordovician Period ۾ ڪرنگهي وارا اوائلي جانور پيدا ٿيا. سيلورين ۽ ڊِوو نئين Silvrian and Devonion Period هنن ٻنهي عرصن دوران نباتات توڙي حيوانات خشڪيءَ تي نمودار ٿيا. ٽئين نمبر پراڻي جڳ جي ڇهين نمبر يعني آخري عرصي دوران ريڙهيون پائيندڙ جانورن مان ٿڻن وارا جانور پيدا ٿيا. هن عرصي ۾ جانورن ۾ اهڙي تبديلي وڏي ۾ وڏو واقعو هو.

يعني نئين جڳ جي Oligocene and Miocene epochs يعني ٽئين ۽ چوٿين زماني دوران آدم نما باندر جي پيدائش ٿي ۽ انسان جي ارتقا نئين جڳ جي پليسٽوسين زماني دوران شروع ٿي. انسان جي

گذريل 15 هزار سالن جي تاريخ پڙهن زماني سان وابسته آهي. علم الحيات موجب انسان کي هوموسيپيئين



Homosapiens سڏجي ٿو. جنهن جو واسطو ٿڃن وارن جانورن جي هڪڙي نرالي گروهه Primates پرائميٽس سان آهي. جديد انسان پنهنجي انهن اوائلي قديم مائيٽن جي سلسليوار ارتقا جو نتيجو آهي. ٻين جانورن وانگر انسان به ان ارتقا واري عمل ذريعي سادن جانورن منجهان ڦٽي نڪتو ۽ لکين سالن دوران ٿيندڙ ارتقائي تبديلين مان گذرڻ کان پوءِ موجود حيثيت جو حامل بڻيو. اچ کان اٽڪل ڍه ڪروڙ پنجاهه لک سال اڳ اوليگوسين زماني جي پڇاڙي ۽ مايوسين زماني جي شروعات ۾ باندرن ۽ انسانن جا اوائلي ابا ڏاڏا ارتقا جون ٻه الڳ الڳ واٽون وٺي هلڻ لڳا. ان زماني ۾ انسان جا ارتقائي ابا ڏاڏا وڻن تان هيٺ لهي زمين تي ٻن پيرن تي گهمڻ لڳا ۽ دائمي طرح زمين تي رهڻ لڳا.

**انسان جو ارتقائي شجرو**

35 ڪروڙ سال اڳ ريڙهياڪ جانور پيدا ٿيا، 28 ڪروڙ سال اڳ ٿڃائتا جانور پيدا ٿيا، 7 ڪروڙ سال اڳ ڇچريون يا ڪانوڙي ڪُئا پيدا ٿيا. ساڍا پنج ڪروڙ سال اڳ ليمرس باندر پيدا ٿيا، چار ڪروڙ سال اڳ تارسُئائڊس باندر پيدا ٿيا.

ٽي ڪروڙ اسي لک سال اڳ آدم نما جانور پيدا ٿيا، ٻه ڪروڙ سٺ لک سال اڳ آدم نما باندر ۽ باندر نما انسان وجود ۾ آيا. جن باقي ارتقا جون منزلون مختلف ۽ الڳ واٽون اختيار ڪرڻ بعد طئي ڪيون ۽ هڪ ٻئي کان بلڪل مختلف ٿي ويا.

اهي ارتقائي خصوصيتون جن انسان کي پنهنجي برادريءَ وارن جانورن کان مختلف الڳ ۽ بهتر بنائي ڇڏيو سي هيٺ ڄاڻائجن ٿيون:



1. دماغ جي وڏي سائيز.
2. ٽِڪي ۽ سڀ طرف نظر.
3. سنگهڻ جي ڪمزور قوت.
4. سکڻ ۽ ڄاڻ منتقل ڪرڻ جي صلاحيت.
5. آڱرين کي ڇهندڙ آڱوٺي ۽ جڪڙيندڙ هٿن جو هجڻ.
6. اپي ۽ پيري بيهڪ.
7. کوپريءَ جي مها سوراخ جو هيٺ هجڻ.
8. غير خصوصي ڏند.

انسان جي ارتقا جون طئہ ڪيل منزلون

باندر کان انسان تائين جي سفر بابت جيڪا حقيقت ظاهر ٿي آهي. ان موجب هيٺيون ارتقائي منزلون مقرر ڪري سگهجن ٿيون.

1. قديم ترين انسان واري منزل Romapithecus stage OE sivapithecus stage
2. اوائلي انسان واري منزل Australopithecus
3. اُپي انسان واري منزل Homo erectus stage
4. يورپي انسان واري منزل Veteszlos stage
5. هاڻوڪي انسان واري منزل Homosapiens stage



جديد انسان جو اوائلي رڪن ”ڪروميگنان انسان“ سڏجي ٿو. هي انسان نينڊر ٿال انسانن کان وڌيڪ طاقتور ۽ سڌريل هئا ۽ جديد انسان جا حقيقي ابا ڏاڏا هئا. سندن نسل وچ اوپر، يورپ ۽ آفريڪا ۾ پکڙيل هئا. جيڪي گوري نسل جا هئا. اجوکي انسان جا پٿرايل ڍانچا فرانس، جاوا ۽ ڏکڻ آفريڪا ۾ لڌا ويا آهن. موجوده انساني نسل گذريل 25 هزارن سالن کان ڌرتيءَ تي زندگي گذاري رهيو آهي. انسان پنهنجي وجود جو اتڪل

2/3 حصو پٿر جي دور ۾ گذاريو. ان عرصي کي عمرانيات جي ماهرن شڪاري دور سڏيو آهي. ان دور ۾ انسان جو گذر فقط شڪار تي هو. هاڻوڪي تهذيب ۾ وري مشيني تهذيب جي عمر ٻن ٽن سئو سالن جي نهايت مختصر عرصي تي مبني آهي. اڄ انسان جي تهذيبي ترقي تمام تڪڙي ٿي رهي.

هٿن ڳالهائڻ جي عضون ۽ دماغ گڏجي ڪم ڪرڻ سان انسان ۾ هر مشڪل ڪم ڪرڻ جي همٿ ۽ قوت پيدا ڪئي. اهڙيءَ طرح انسان شروع ۾ شڪار ڪري، پوءِ چوپايو مال ڌاري تنهن کانپوءِ زمين آباد ڪري ۽ آخر ۾ صنعت وسيلي پنهنجي تهذيب ۾ سڌارا ۽ واڌارا ڪندو اچي. عمراني علم موجب انهن سماجي درجي بندين کي:

1. شڪاري سماج،
2. مال چارڻندڙ يا ڳين جو قائم ڪيل سماج.
3. زرعي سماج ۽ 4. هاڻوڪو صنعتي سماج سڏجي ٿو.

جيڪڏهن انسان سماجي گروهن جي صورت ۾ زندگي نه گهاري ها ته شايد موجود جديد انسان خير ڪو هجي ها. ڇو ته سماج انساني بقا ۽ بچاءُ جو واحد وسيلو ۽ سکيا جو سرچشمو هو. جنهن سبب انساني شعور ترقي حاصل ڪئي، ڪنهن سِياڻي سچ چيو آهي ته ”انسان سماجي جانور آهي“.

جن معاون عنصرن سبب انسان جي ارتقا ممڪن ٿي اهي هيٺيان آهن.

1. خود ڪفيل نباتات.
2. ٻِ پيري بيهڪ.
3. هٿ.
4. اوزار.
5. محنت.
6. ٻولي.
7. سماج.
8. شعور.
10. گوشت.
11. باهه.
12. آبهوا.
13. اکيون.
14. جنس.



انساني جذبن، تصورن، ارادن، احساسن، سوچن ۽ خيالن کي گڏي انساني شعور سڏجي ٿو. سموري خارجي ڪائنات عڪس طور شعور ۾ موجود آهي. جنهن موجب انسان ڪنهن خيال عمل يا لقاءُ کي محسوس ڪري پرکي ۽ پروڙي ٿو.



انساني تهذيب جي ارتقا جي حيواني منزل ۽ وحشي منزل تاريخ کان اڳ واريون مکيه منزلون ڄاڻايون ويون آهن. حيواني منزل ٽن دورن تي مشتمل آهي. پهرين حيواني دو ر۾ اوائلي انسان گهڻي ڀاڱي ٻيلن ۾ رهندو هو. سبزي ۽ ميون تي گذران ڪندو هو. وچئين حيواني دور ۾ اوائلي انسان مڇيءَ جو شڪار ڪري غذا طور استعمال ڪرڻ لڳو. انهيءَ دور ۾ هن باهه ٻارڻ ۽ تير ڪمان ٺاهڻ سکي ورتو. پڇاڙيءَ واري ٽئين حيواني دور ۾ انسان ٺڪر جا ٿانوَ ٺاهڻ لڳو. انسانذات جي وحشي منزل ڪي پڻ ٽن دورن ۾ ورهايو ويو آهي.

پهرين وحشي دور ۾ انسان جانور پالڻ ۽ پوک ڪرڻ شروع ڪئي، ٻئي وحشي دور ۾ هن ڌاتن يعني لوهه ۽ ٽامي کي سڃاتو ۽ انهن مان مختلف اوزار ٺاهڻ لڳو. ٽئين وحشي دور ۾ انسان الف بي جوڙي ورتي.

انسانذات جي تاريخي تهذيبي منزل کي ٽن دورن ۾ ورهايو ويو آهي. الف بي جي ايجاد کان وٺي 500ع تائين واري عرصي کي يورپ جي تاريخ موجب پهريون تهذيبي دور سڏجي ٿو. سن 500ع کان 1500ع تائين هزار سالن تي مشتمل عرصي کي وچيون دور سڏجي ٿو. سن 1500ع کان وٺي اجهان تائين جاري عرصي کي نئون تهذيبي دور ڪوٺجي ٿو.

انسان جي شعور ۽ علم ۾ لڳاتار واڌاري ٿيڻ سان ديون ۽ پرين ۽ ديوتائن جي پوڄا مسلسل گهٽجندي رهي ۽ ماڻهو وهمن ۽ وسوسن جي ڄارين مان ڇوٽڪارو حاصل ڪندو ويو ۽ ماورائي هستين جي قوت بابت

مُتَشَڪِي ٿيندو ويو.انسان پنهنجي عضون ۽ حواسن کان سواءِ پنهنجي عقل ۽ هٿن سان ٺاهيل اوزار ڪم آڻي ٻين سمورن حيوانن کان اعليٰ حيثيت جو حامل ٿي ويو. ماحول ۾ موجود لقائن ۽ حقيقتن کي سڃاڻڻ، بيان ڪرڻ ۽ انهن جي تقاضا ڪرڻ لاءِ اشارن جي زبان پوءِ آوازن جي زبان يعني ٻولي ايجاد ڪئي. اهڙي طرح انسان ۾ سوچڻ، غور ۽ فڪر ڪرڻ جي صلاحيت پيدا ٿي ۽ ترقي ڪرڻ لڳي، جنهن سبب هو فطري اصول پروڙيندي قدرتي قيد مان آجو ٿيندو ويو ۽ پنهنجي شعور کي پنهنجي مقصد جي حصول لاءِ ڪتب آڻڻ لڳو.

حاصل مقصد انسان محنت ڪندڙ ۽ سماجي حيوان هئڻ سبب اشرف المخلوق ٿي پيو. هندو ڌرم موجب انسان نيل ڪنول جي گل مان ڦُٽي نڪتو.اولهہ ايشيا يعني وچ اوير ۾ پيدا ٿيندڙ آل ابراهيم عليه السلام طرفان پيش ڪيل ٽنهي مکيہ مذهبن يعني يهوديت، عيسائيت ۽ اسلام موجب الله تعالىٰ پنهنجي قدرت سان انسان کي هن ڌرتي جي مٽيءَ مان پيدا ڪيو ۽ کيس آدم جي نالي سان بيان ڪيو.
⑧





# طوفان نوح عليہ السلام

حضرت آدم عليه السلام کانپوءِ حضرت نوح عليه السلام پهريون نبي هو جنهن کان الله تعاليٰ انسانذات توڙي ٻين حيوانن جي زندگي جي بقا لاءِ پنهنجي عجيب قدرت ۽ حڪمت سان بچاء وارو نرالو طريقو اختيار ڪرايو. سندس نسل جو ڪيترن ئي شجرن مان هڪڙو هيٺيون آهي.

نوح بن لامڪ بن متو شالح بن انوخ يا خنوخ بن يارد بن مهلئيل بن قنيان بن انوش بن شيث بن آدم عليه السلام. هي شجرو توريت ۾ ڄاڻايل آهي. قرآن شريف ۾ شجري بابت ڪو احوال موجود نہ آهي. توريت ۾ آدم عليه السلام ۽ نوح عليه السلام جي وچ واري عرصي جو پڻ ذڪر آهي. بهرحال شجري توڙي سندس وچ واري عرصي کي مختصر ۽ ٿورو ڪري بيان ڪيو ويو آهي. حالانڪ شجري ۾ ڪثرت ۽ عرصي ۾ طوالت جو امڪان سئو سيڪڙو موجود آهي.

قرآن شريف ۾ حضرت نوح عليه السلام جو ذڪر 28 سورتن ۽ 43 آيتن ۾ بيان ڪيو ويو آهي. سندس وقت واري قوم توحيد جي خلاف ڪيترن ئي قسمن جي بُتن جي پوڄا ۾ مشغول رهندي فخر محسوس ڪندي هئي. ڪين بُت پرستيءَ کان باز آڻڻ ۽ توحيد جي تلقين لاءِ الله پاڪ سندن ئي قوم جي هڪڙي متقي ۽ پرهيزگار شخص

حضرت نوح عليه السلام کي پيغمبر مقرر ڪيو. هن پنهنجي قوم کي ڪفر ۽ بُت پرستيءَ کان منع ڪئي ۽ کين واحد سچي خدا جي هستيءَ جي بندگيءَ ۽ حق ۽ سچ واري واٽ تي هلڻ جي دعوت ڏني. پر سندس قوم کيس ٺڪرائي ڇڏيو. اٽلو سائنس شرارت ۽ سرڪشي ڪرڻ لڳا. وقت جي صاحب حيثيت ماڻهن ۽ سندن چاڙتن هُن جي تذليل ۽ تنقيد ۾ ڪا بہ ڪسر ڪا نہ ڇڏي جن مسڪين ماڻهن مٿس ايمان آندو انهن تان پڻ مَسخَريون ۽ ڀٽرون ڪرڻ لڳا. چوڻ لڳا تہ تون هنن خصيص ماڻهن کي پاڻ وٽ نہ رک کين موٽائي ڇڏ. تہ پوءِ اسين تو سان رجوع ڪنداسين.

قرآن شريف جي سورت هود جي آيت نمبر 27، 28، 29، 30 ۽ 31 جو ترجمو آهي تہ: پوءِ قوم جي انهن سردارن، جن ڪفر جي راهہ اختيار ڪئي هئي. چيو تہ اسان تہ تو ۾ سواءِ ان ڳالهہ جي ڪجهہ ڪو نہ ٿا ڏسون تہ تون بہ اسان وانگر هڪ ماڻهو آهين ۽ جيڪي تنهنجي پٺيان لڳا آهن اهي بہ انهن ماڻهن ڪانسواءِ ڪجهہ نظر نٿا اچن جيڪي ذليل ۽ خوار آهن ۽ بغير سوچڻ سمجهڻ جي تنهنجي پيروي ٿا ڪن ۽ توهان مان ڪنهن کي بہ اسان کان مٿي ڪو نہ ٿا ڏسون. بلڪ توهان کي ڪوڙو ٿا سمجهون. نوح عليه السلام چيو اي منهنجي قوم جا ماڻهو! مون کي ٻڌايو تہ جيڪڏهن آئون پنهنجي پروردگار طرفان هڪڙي روشن دليل تي هجان ۽ هن مون تي رحمت بہ بخشي هجي پر اها توهان کي نظر نہ اچي تہ پوءِ آئون ان جي مڃڻ لاءِ اوهان کي کهڙي نموني مجبور ڪري سگهان ٿو. حالانڪ توهان ان کان بيزار آهيو۽ اي منهنجي قوم جا ماڻهو! آئون جو



Noah's Ark and the Visitor's center

ڪجهہ ڪريان پيو ان لاءِ دولت جو طلبگار ڪو نہ آهيان. منهنجي خدمت جي اجرت الله پاڪ تي آهي ۽ اهو بہ سمجهي ڇڏيو تہ جن ماڻهن ايمان آندو آهي انهن کي پاڻ وٽان تڙي ڪيڻ وارو ڪو نہ آهيان. انهن کي بہ پنهنجي پروردگار سان ملڻو آهي. پر آئون ڏسان ٿو تہ هڪڙي جاهل جماعت آهيو. اي منهنجي قوم وارا مون کي ٻڌايو تہ جيڪڏهن آئون (ايمان وارن کي) پاڻ وٽان تڙي ڇڏيان تہ پوءِ الله پاڪ جي مقابلي ۾ ڪير آهي جيڪو منهنجي مدد ڪندو؟ پوءِ توهان غور چو نٿا ڪريو؟ ۽ ڏسو آئون نٿو چوان تہ مون وٽ الله جا خزانا آهن ۽ غيب جو علم ڄاڻان ٿو ۽ مان ڪو فرشتو آهيان، اهو بہ نٿو چوان تہ جن ماڻهن کي توهان نفرت ۽ حقارت سان ڏسو ٿا انهن کي الله ڀلائي ڪو نہ ڏيندو. انهن جي دلين ۾ جو ڪجهہ آهي اهو الله پاڪ ڄاڻي ٿو. جيڪڏهن آئون توهان جي خواهش مطابق چوان تہ بيشڪ ظالمن مان ٿيندس.“

حضرت نوح عليه السلام جي انتهائي ڪوشش جي باوجود قوم ڪو نہ مڃيو. اٽلو بغض ۽ دشمنيءَ وچان تڪليفون ۽ ايذاء جا ڪئين حربا استعمال ڪيائون. ڪافرن جي سردارن عوام کي تنبيهہ ڪئي تہ توهان بتن جي پوڄا هر گز نہ ڇڏيو. سوره نوح جي شروعاتي ڏهن آيتن جو ترجمو آهي تہ:

”بيشڪ اسان نوح کي سندس قوم ڏانهن موڪليو تہ تون پنهنجي قوم کي دردناڪ عذاب اچڻ کان اڳ وجي ڏيڄار. حضرت نوح عليه السلام چيو تہ اي منهنجي قوم بيشڪ آئون توهان لاءِ پڌرو ڊيڄاريندڙ آهيان تہ الله پاڪ جي عبادت ڪريو ۽ منهنجو چيو مڃيو تہ الله توهان جا گناهہ معاف ڪري ۽ مقرر وقت تائين توهان کي مهلت ڏي ڇو تہ الله پاڪ جو مقرر ڪيل وقت جڏهن ايندو تہ ان کي پنتي ڪو نہ ڪيو ويندو. جيڪڏهن سمجهو ٿا نوح عليه السلام چيو اي منهنجا پالڻهار! بيشڪ مون پنهنجي قوم کي ڏينهن ۽ رات پڪاريو پوءِ منهنجي سڏڻ تي هيڪاري ڀڄڻ لڳا ۽ بيشڪ مون جڏهن بہ سڏيو تہ تون انهن کي معاف ڪرين تہ انهن پنهنجون آڱريون پنهنجي ڪنن ۾ وڌيون ۽ پاڻ تي پنهنجا ڪپڙا ويڙهيائون ۽ ڪفر تي قائم رهيا ۽ تمام گهڻو غرور ڪيائون. وري بہ بيشڪ کين ڏاڍيان سڏيو ظاهر ظهور ۽ تمام ڳجهي طرح بہ انهن کي چيم. پوءِ چيم تہ پنهنجي پالڻهار کان معافي گهرو. بيشڪ اهو گهڻو معاف ڪندڙ آهي.“

سورت هود جي آيت نمبر 32 موجب انهن ڪافرن چيو ”اي نوح عليه السلام تو اسان سان گهڻو جهڳڙو ڪيو هاڻي جيڪڏهن تون سچن مان آهين تہ اسان تي اهو عذاب آڻ جنهن جو تو واعدو ڪيو هو.“

آيت نمبر 33 موجب نوح عليه السلام چيو جيڪڏهن الله چاهيو تہ هو ضرور ان عذاب کي بہ آڻيندو ۽ توهان الله پاڪ کي عاجز ڪندڙ ڪو نہ آهيو. سوين سالن جي مسلسل تبليغ جو نوح عليه السلام جي قوم تي ڪو بہ اثر ڪو نہ ٿيو تہ هو ڏاڍو مايوس ۽ پريشان ٿي پيو. انهيءَ تي الله پاڪ کيس ڏڍ ڏيندي سوره هود جي آيت نمبر 36 ۾ فرمايو! ”۽ نوح ڏي وحي موڪليو ويو تہ



جنهن ايمان آندو آهي، تنهن ڪان سواءِ تنهنجي قوم مان ٻيو ڪو به ايمان ڪو نه آڻيندو. پوءِ اهي جيڪي پيا ڪن تنهن تي تون غمگين نه ٿي.“ مذڪور صورتحال جي پيش نظر حضرت نوح عليه السلام ڏٽي تعاليٰ کي عرض ڪيو ته اي منهنجا پالڻهار! ڪافرن مان ڪو به زمين تي رهندڙ نه ڇڏ. ڇوته جيڪڏهن تون انهن کي ڇڏيندين ته اهي تنهنجي ٻانهن کي گمراهه ڪندا ۽ رڳو بدڪار ۽ ڪافر اولاد ڄڻيندا. الله پاڪ سندس دعا قبول ڪندي فرمايو ته اي نوح تون اسان جي حفاظت ۾ اسان جي حڪم موجب ٻيڙي تيار ڪندو رهه ۽ هاڻي مون کي انهن متعلق ڪجهه نه چئو بيشڪ اهي غرق ٿيڻ وارا آهن. جڏهن حضرت نوح عليه السلام ٻيڙي تيار ڪري ورتي ته الله پاڪ جي وعدي جو وقت به اچي پهتو. حضرت نوح عليه السلام ڏٺو ته هڪ تنور مان چشمو ڦٽي وهڻ لڳو عذاب نازل ٿيڻ جي اها پهرين نشاني هئي جيڪا ظاهر ٿي. ان وقت الله پاڪ وحي وسيلي حضرت نوح عليه السلام کي حڪم ڏنو ته پنهنجي خاندان، مومنن جي جماعت ۽ موجود سمورن ساهه وارن مان هر هڪ جو هڪ جوڙ (نر ۽ مادي) ٻيڙيءَ ۾ سوار ڪر. نوح عليه السلام حڪم جي تعميل ڪئي. ان وقت زمين مان ڪيترائي چشما ڦٽي وَهَڻ لڳا ۽ زوردار برسات پڻ شروع ٿي وئي ۽ توريت موجب اها چاليهن ڏينهن تائين برقرار رهي.

هن عبرتناڪ واقعي جو احوال، تاريخ بابت پنهنجي ڪتاب ”آسمان ڌرتي ۽ انسان“ صفحي 106 تي شروع ٿيندڙ مضمون، ”طوفان نوح جو قصو“ جي عنوان سان مولوي نور محمد سنڌيءَ لکيو آهي ته بابل وارن جي چواڻي نهايت قديم دور ۾ فرات نديءَ جي ڪناري تي شريپڪ نالي هڪڙو نهايت سهڻو شهر آباد هو پر ان جا رهاڪو ڏاڍا شرير ۽ ظالم هئا. تن ديوتائن کي ڪاوڙائي وڌو. آسماني خدائن يڪراءِ فيصلو ڪيو ته شهر کي رهاڪن سميت برسات ۽ طوفان وسيلي غرقاب ڪيو وڃي، پر شهر جي هڪڙي پياري رهاڪو نالي اوتاني پشتم کي هڪ ديوتا خواب ۾ ٻڌايو ته هي شهر سمورن ساهه وارن سميت تباهه ٿيڻ وارو آهي،



تنهنڪري تون هڪڙي ٻيڙي جوڙائي ان ۾ پنهنجي ڪٽنب سان گڏ هر قسم جي جانورن ۽ پکين جو هڪ هڪ نر ۽ ماديءَ جو جوڙو به سوار ڪري پنهنجي بچاءُ جي ڪوشش ڪر. ماڻهن کي ٻڌائج ته شهر تباهه ٿيڻ وارو آهي. ان ۾ موجود

سمورا ساهوارا پڻ فنا ٿيندا. اوتاني پشتم خواب موجب پنهنجو گهر ڊاهي ان ڪاٺ مان هڪ زبردست ٻيڙي ٺهرائي ۽ منجهس پنهنجي خاندان ڪانسواءِ ساهوارن جا جوڙا پڻ سوار ڪيا پو زور شادورابي نالي ناڪئي اچا سڙهه مس چاڙهيا تہ خوفناڪ برسات ۽ طوفان شروع ٿي ويو. جيڪو پورا ڇهه ڏينهن ۽ ست راتيون جاري رهيو. ستين ڏينهن نيٺ برسات ۽ طوفان ختم ٿيو تہ نيڪ ماڻهو اوتاني پشتم واري ٻيڙي اچي جبل صغير سان لڳي. انين ڏينهن موسم جي خبر لهڻ لاءِ هن هڪ ڳيرو ٻاهر موڪليو پر اهو ٿوري دير کان پوءِ واپس آيو. جنهن جو مطلب تہ اڃا زمين ڪا نہ سڪي هئي. ٿورن ڏينهن کان پوءِ ڪانگ جيڪو ڪجهہ پرپرو گپ ۾ وڃي ويٺو ان مان خبر پئي تہ زمين خشڪ ٿي آهي پوءِ ماڻهو ٻيڙيءَ مان لٿا. جانورن ۽ پکين کي پڻ ان جبل تي لاٿو ويو. هي قصو بابلي بادشاهہ گل گامشن جي داستان ۾ بيان ٿيل آهي. جيڪو لکڻ واري فن جي ايجاد ٿيڻ کان ٻہ هزار سال پوءِ اٽڪل ٻہ هزار ق.م. ۾ نڪر جي تختين تي لکيل مليو آهي.

مغربي محققن جو چوڻ آهي تہ حضرت نوح عليه السلام برسات شروع ٿيڻ کان ست ڏينهن اڳ تائين ماڻهو ۽ جانور ٻيڙي ۾ سوار ڪو نہ ڪيا، ڇو تہ ان وقت سندس ڏاڏي متو شالح وفات ڪئي ان جي تدفين ۽ تعزيت لاءِ پڻ اهو وقت مخصوص هو. آمريڪي محققن موجب ٻيڙي صنوبر جي ڪاٺ مان ٺاهيل هئي ان جي ڊيگهہ 450 فوٽ، ويڪر 75 فوٽ ۽ ڪيچي جي اوچائي 45 فوٽ هئي، ٻيڙيءَ جو پنهنجو وزن اٽڪل چوڏهن هزار ٽن هوندو. جنهن ۾ ويهہ هزار ٽن وزن کڻڻ جي گنجائش هوندي، جيڪا ريل گاڏيءَ جي 522 بوگين جي برابر ٿئي ٿي. اولهہ وارن جو چوڻ آهي تہ هن ٻيڙيءَ جي تياري ۾ اٽڪل هڪ سو ويهہ سال لڳا هوندا. هي برساتي سيلاب وارو طوفان روءِ زمين تي پنهنجي نوعيت جو واحد طوفان هو جنهن زمين جي سموري ماحول تي ديرپا اثرات مرتب ڪيا. پاڻي ايتري اوچائي تي پهچي ويو جو سمورا پهاڙ غرقاب ٿي ويا. ٻيڙي انهن جبلن جي مٿان ترندي رهي.

قرآن پاڪ موجب هن سيلاب دوران حضرت نوح عليه السلام پنهنجي نافرمان پٽ ڪنعان يا يام لاءِ دعا گهري الله پاڪ ان ڳالهہ تي ناراض ٿي حضرت نوح عليه السلام کي تنبيهہ ڪئي. سوره هود جي آيات نمبر 45، 46، 47 ۽ 48 جي ترجمي موجب: حضرت نوح عليه السلام پنهنجي پالڻهار کي پڪاريو ۽ پوءِ چيائين تہ اي منهنجا پالڻهار! منهنجو پٽ منهنجي گهروارن مان آهي. بيشڪ تنهنجو واعدو سچو آهي ۽ سيني حاڪمن کان وڏو آهين. الله پاڪ فرمايو: اي نوح! بيشڪ اهو تنهنجي گهروارن مان ڪو نہ آهي. بيشڪ هن جا ڪم ڳُڏا آهن. ان ڪري توکي اهڙو سوال نہ ڪرڻ گهرجي. جنهن جي توکي خبر ڪانهي بيشڪ توکي نصيحت ٿو ڪريان تہ تون نادانن مان نہ ٿجُ.

نوح (عليه السلام) چيو اي منهنجا پالڻهار آئون بغير ڪنهن تردد جي ان باري ۾ جنهنجو مون کي علم ڪونهي توکان پڇڻ کان، توکان پناهہ گهران ٿو ۽ جيڪڏهن تون معاف ۽ رحم نہ ڪندين تہ آئون نقصان پائڻ وارن مان ٿيندس، چيو ويو تہ اي نوح: اسان جي طرفان تون ۽ تو سان گڏ جماعت اسان جي سلامتيءَ ۽ برڪتن سان زمين تي لهي وڃو.

سورة هود آيات نمبر 43 ۽ 44 موجب نوح عليه السلام جي پٽ چيو تہ مان جلدئي ڪنهن جبل جي پناهہ ٿو وٺان. جيڪو مون کي غرق ٿيڻ کان بچائي وٺندو. حضرت نوح عليه السلام اهو ٻڌي فرمايو تہ: اڄ خدا

جي حڪم سان ڪو بہ بچڻ وارو نہ آهي. فقط اهو ئي بچندو جنهن تي الله جو رحم ٿي وڃي ۽ ان دوران انهن ٻنهي جي وچ ۾ لهر اچي وئي ۽ هو غرق ٿي ويو ۽ پاڻي لٿو. قرآن شريف موجب ڪم پورو ڪيو ويو ۽ ٻيڙي جودي جبل تي بيٺي ۽ چيو ويو تہ ظالم قوم تي لعنت هجي.

توريت ۾ جودي جبل کي ارارا سڏيو ويو آهي، جيڪو حقيقت ۾ هڪ ٻيٺ آهي، جيڪو فرات ۽ دجلہ ندين جي وچ ۾ حائل آهي. پاڻي جڏهن گهٽ ٿيو تہ ٻيڙيءَ جي سوارن رب ڪريم جي مهربانيءَ سان ٻيهر زمين تي قدم رکيا.

1840ع ۾ ارارا يعني جودي پهاڙ کي ٻرندڙ جبل قرار ڏنو ويو. ڏهن سالن کان پوءِ جبل ڦاٽو ۽ ٽڏو ٿيو تہ ماڻهن جو توجهہ اوڏانهن ڇڪيو ۽ نوح عليه السلام واري ٻيڙي پڻ لڌي وئي، جنهن ۾ عذاب الاهي کان نجات حاصل ڪئي وئي. ڪجهہ روايات مطابق ٻيڙي لنگر ڪرڻ کان چاليهہ ڏينهن پوءِ حضرت نوح عليه السلام هڪ ڪانگ ۽ ڳيرو ٻاهر موڪليا تہ ٻاهرين ماحول جي خبر ڏين. ڪجهہ دير کان پوءِ ٻئي واپس آيا، ڇو تہ اڃا خشڪي ظاهر ڪا نہ ٿي هئي. ستن ڏينهن کان پوءِ وري پکي ٻاهر اماڻيا ويا تہ ڳيرو ڇهنب ۾ زيتون جي ٽاري ڪٽي موٽي آيو. ان جو مطلب هو تہ طوفان ختم ٿيو ۽ عذاب ٽري ويو. اڄڪلهہ پڻ امن جي نشانيءَ طور ڳيري جي ڇهنب ۾ زيتون جي ٽاري ڏيکاري ويندي آهي. اڃا بہ هڪ هفتو رکي پوءِ سمورا ماڻهو ۽ جانور ڌرتيءَ تي خير سان لهي آيا.

زمين تي لهي اچڻ کان پوءِ حضرت نوح عليه السلام هڪ عبادتگاهہ ۾ هڪڙي قربانگاهہ تعمير ڪرائي، ڪن روايتن موجب پاڻ حضرت آدم عليه السلام جي اڏيل ڪعبي شريف جي تعمير نو ڪئي، جيڪو سيلاب ۽ طوفان سَبَبِ تباهہ ٿي ويو هو. توريت جي شاهديءَ موجب حضرت نوح عليه السلام ٻني ٻارو اختيار ڪيو. طوفان کان پوءِ 350 سالن تائين ديني تبليغ کان پوءِ نو سئو پنجاهہ سالن جي عمر ۾ وفات ڪئي، کيس آدم ثاني پڻ چيو ويندو آهي، ڇو تہ سندس نبوت دوران طوفان کان بچي انسان ذات نئون جنم حاصل ڪيو.

⑧






# سري رامچندر جو بنواس

ڪوشيليہ ديس جي مهاراجا دسرٿ پنهنجي حياتيءَ جي آخري ڏينهن ۾ اعليٰ اخلاق، جرائت، شجاعت ۽ ڳنڀيرتا جي حامل ۽ لائق پٽ سري رامچندر کي پنهنجو گادي نشين مقرر ڪيو تہ سموري رعيت توڙي امير اُمراء خوش ٿيا، پر راجا جي هڪڙي زال ............ سري رامچندر جي ماٽيلي ماءُ ڏاڍي رنج ٿي ۽ وڏيءَ فريب ڪاريءَ سان راجا ڪان سري رامچندر کي تخت نشين ڪرڻ وارو فيصلو رد ڪرائي پنهنجي سڳي پٽ ............ کي گاديءَ ي ويهارڻ جو فيصلو ورتائين ۽ سري رامچندر کي شهر ڇڏي جهنگل ۾ وڃي رهڻ جو حڪم صادر ڪرايائين. رڄ اشراف ۽ نهايت فرمانبردار پٽ جي حيثيت ۾ پنهنجي پرمتڙئي پيرسن پيءُ جو حڪم اکين تي رکي سري رامچندر بنواس اختيار ڪرڻ خاطر پنهنجي وفادار ۽ دلير ڀاءُ لڇمڻ سان گڏ تياري ڪرڻ لڳو ۽ پنهنجي حسين و جميل وَنِي شري متي سيتا کي هن ڪٺن سفر تي ساڻس گڏ نہ هلڻ ۽ شهر ۾ پنهنجي محل ۾ ئي رهڻ لاءِ چيو. هڪڙو تہ سندس مڙس کان بادشاهي کسي وئي، ٻيو تہ وري کيس شهر بدريءَ جو حڪم ڏنو ويو. انهن صدمن کيس سخت مايوس ڪيو هو. ان اندوهناڪ صورتحال دوران جڏهن سندس پتيءَ سري رامچندر کيس ساڻس گڏ نہ هلڻ ۽ پنهنجي گهر ۾ ئي رهي پوڻ لاءِ چيو تہ هوءَ وڇوڙي جي احساس ۾

هيڪاري هجي ۽ فنا ٿي پئي. هوءَ بي اختيار آهہ وزاري ڪندي سري رامچندر کي ليلائڻ لڳي تہ اي مهان راجا جا لائق فرزند! منهنجي لاءِ تنهنجا لفظ نهايت نامناسب ۽ ڪلڙهاب ٿا لڳن. اومها پرش! پيءُ ۽ ماءُ، پٽ ۽ نُنهن پنهنجي الڳ الڳ نيمن ۽ اصولن موجب حياتي گذارين ٿا. پر هڪ زال جي خوشيءَ توڙي غم جو دارومدار مڪمل طور تي پتيءَ سان واڳيل آهي. چو تہ فقط هوءَ يعني زال ئي سندس شريڪ حيات آهي. ان ڪري تنهنجي پيءَ جو حڪم تو ساڻ گڏ مون سان پڻ لاڳو ٿئي ٿو ۽ تو سان گڏ آئون پڻ بنواس اختيار ڪنديس چو تہ هن توڙي ايندڙ بين جهانن ۾ زال لاءِ پنهنجو مڙس سڀ ڪجهہ هوندو آهي. جيڪڏهن تون جهنگل ڏانهن اڄ ٿو روانو ٿئين تہ آئون تنهنجي اڳيان هلندي هلنديس ۽ تنهنجي راهہ ۾ حائل ڪنڊا ۽ ڪرڙا هٽائينديس تہ جيئن توکي ڪا بہ تڪليف نہ رسي. اي وطن جا سپوت سورما! ڪاوڙ ۽ هٺ ڇڏي بنا ڪنهن خوف جي مون کي پاڻ سان وٺي هل. مون ۾ ڪا بہ اهڙي خرابي ڪانهي، جنهن سبب آئون تو کان ڌار ٿي توکان سواءِ هتي ئي رهي پوان.



راجائن کي محلن ۾ رهندي يا آسماني سواريءَ تي جنت جو سير ڪندي جيڪا خوشي حاصل ٿئي ٿي انهيءَ جي ڀيٽ ۾ سندس زال طرفان سندس حقيقي سيوا مان حاصل ٿيندڙ خوشي ڪئين دفعا وڌيڪ ۽ اعليٰ هوندي آهي.

منهنجي محترم والد مونکي پنهنجي فرائض ۽ حياتيءَ جي اغراض و مقاصد بابت سڀ ڪجهہ سيکاري ۽ سمجهائي ڇڏيو آهي. ان ڏِس ۾ وڌيڪ ڪا بہ ضرورت ڪانهي. يقنياً! آئون تو سان گڏجي بنواس اختيار ڪنديس جتي ماڻهو نہ پر جهنگ جا جانور ئي رهن ٿا. اي منهنجا پيتارا! تو

سان گڏ جهنگل ۾ رهندي بہ آئون ايتري ئي خوش گذاريندي جيتري خوشي مونکي اباڻي محل ۾ مُيسر هئي. آئون اصل روحاني اصولن موجب سواءِ ڪنهن لالچ ۽ لوڀ جي تو سان گڏ بن ۾ گهمندي تنهنجي سيوا ڪندي رهنديس. اي منهنجي حياتي جا مالڪ! جنهن صورت ۾ تون پنهنجي هيتري ساري رعيت جي حفاظت ۽ سار سنڀال لهي سگهين ٿو تہ انهن سمورن ماڻهن جي پيٽ ۾ مون اڪيلي عورت جي حفاظت ڇو ڪو نہ ڪري سگهندين. منهنجي عزم کي ڪير بہ مات ڪري نہ سگهندو. بيشڪ اڄ آئون تو سان گڏجي بنواسي ٿينديس". ائين پڪاريندي شري متي سيتا سري رامچندر کي پاڪر پائي بي اختيار روئڻ لڳي ۽ زهريلن تيرن سان زخمي ٿيل هاٿڻ وانگر سندس غزالي اکين مان لڙڪ نير جيئن وهڻ لڳا ۽ ڪنول جي پنکڙين تان ترڪندڙ پاڻيءَ وانگر ڏسڻ ۾ پي آيا. شهزاديءَ جو چوڏهين جي چنڊ جهڙو چهرو ڳڻتي ۾ مُرجهائجي ويو. هوءَ پاڻيءَ مان ڪڍي آندل ڪنول جيئن ڪومائجڻ لڳي ۽ بيهوش ٿي وئي.

تڏهن سري رامچندر کيس پنهنجي ٻکن ۾ کڻي هيئين چوڻ لڳو تہ" اي ديوي! جيڪڏهن منهنجي جنت ۾ داخلا سبب توکي ڏک رسندو تہ آئون انهيءَ جنت ۾ هرگز داخل ڪو نہ ٿيندس. برهما وانگر آئون بہ مڪمل طور بي ڊپو آهيان ۽ تنهنجو هرطرح سان دفاع ڪري سگهان ٿو. تنهنجي خيال جي پوري خبر نہ هئڻ ڪري هن سنائي سفر جي تڪليفن کان بچائڻ خاطر توکي هتي ئي رهڻ لاءِ چيم. پر جڏهن تنهنجو اسرار ڏٺم تہ نيڪ خصلت ۽ پنهنجي وقار موجب هاڻي توکي ڇڏي ڪو نہ ويندس. اي سهڻي سيتا وڏن جي نيَمَ موجب ئي تو سان ورتاءُ ڪندس ۽ تون بہ مون سان سورج ديوتا جي پتنيءَ وانگر گڏ رهج.

اي جنڪ راجا جي پياري ڌيءَ! آئون پنهنجي مرضيءَ سان بنواسي ڪو نہ ٿو ٿيان پر پنهنجي پيرسن پيءُ جو حڪم مڃڻو اٿم. ڇو تہ پُٽ تي اهو فرض ٿو عائد ٿئي تہ هو پنهنجي مائٽن جو چيو مڃي. جيڪڏهن پيءُ جو حڪم نہ مڃيم تہ مور حياتي گذاري نہ سگهندس. انسان جي تقدير هڪڙو ڳجهہ آهي جنهن تي ڪنهن جو بہ وس ڪونهي. پر مائٽ ۽ مرشد حيات ۽ اسان جي اڳيان موجود آهن. انهن جو حڪم هر حالت ۾ مڃڻ گهرجي. ايشور، جيڪو خوشحالي، آنند ۽ ڌرم عطا ڪري ٿو. ان جي پوڄا ڪرڻ سان حاصل ٿيندڙ سعادت کان وڏيڪ ڪهڙي ڳالهہ آهي؟ ان پوڄا سان ٽنهي جهانن ۾ حق جي بجا آوري ٿئي ٿي.

سچ، انسان دوستي، صدقو ۽ گهڻو خير خيرات مان ملندڙ ثواب مائٽن ۽ مرشدن جي حقيقي خدمت مان ملندڙ ثواب کان گهڻو گهٽ آهي. جيڪي ماڻهو مائٽن ۽ مرشدن جي سچي سيوا ڪن ٿا. انهن کي علم، دولت، شهرت، عزت توڙي اولاد ۽ جنت پڻ انعام ۾ ملي ٿي. وٽن ڪا بہ ڳالهہ ناممڪن ڪا نہ هوندي آهي. اهي برهما ۽ ديوتائن سان ملاقاتي ٿين ٿا. جتي سرود ۽ نفعي جي محفل جاري آهي هي نيَم دائمي حق آهي تہ پنهنجي مائٽن جو حڪم مڃيو. اهو ئي حق جو عمل آهي. اڳي خبر ڪا نہ هُيم، پر هينئر تنهنجو اٽل فيصلو ڏسندي آئون بہ توکي پاڻ سان گڏ وني هلڻ گهران ٿو.

اهڙي ريت سري رامچندر پنهنجي زال سيتا ۽ ڀاءُ لڇمڻ کي ساڻ ڪري Dandaka forest ڊنڊڪ ٻيلي ڏانهن روانو ٿيو ۽ ڪافي پنڌ ڪرڻ کان پوءِ گوداوري ندي جي ڪناري تي پنهنجو آستان اڏي رهڻ لڳو. ڪجهہ ڏينهن گذرڻ کان پوءِ هڪڙي پوائتي ڏانئڻ سري رامچندر جي سونهن ۽ سوڀيا ڏسي مٿس ڇڪن تي

پئي پر سري رامچندر کيس کو بہ مثبت جواب کو نہ ڏنو. اٽلو کيس تڙي ڪڍيائين. ان جُٽ جو بدلو وٺڻ لاءِ ڏائنڻ جي ڀاءُ راوَڻ جيڪو لنڪا جي ديوتائن جو بادشاهہ هو. تنهن سري رامچندر کي دوکو ڏيڻ لاءِ هڪڙي جن کي هرڻ جي روپ ۾ سري رامچندر جي آستان ڏانهن موڪليو. سري رامچندر ان کي ڏسي شڪار ڪرڻ چاهيو پر هرڻ پري ڀڄڻ لڳو تہ سري رامچندر پنهنجي ڀاءُ سميت هرڻ جي پويان ويو. اهو وجهہ وٺي راوڻ اڪيلي سيتا سان ملي کيس اغوا ڪرڻ جي اِرادي سان فقير جي ويس ۾ هڪ هٿ ۾ لٺ ۽ ٻئي ۾ ڪشتو جهليندي اچي شهزادي سيتا جي اڳيان سين هنئي. اهو نماشام جو وقت هو. جڏهن سج لٿي کان پوءِ منهن اونداهي ٿيندي آهي. هن وحشي راڪشش راوڻ کي ان مهل سيتا راڻي سانجهيءَ تاري وانگر ٿي روشن ۽ حسين محسوس ٿي. هن ڀيانڪ راڪشش جي وارد ٿيڻ سان سموري ماحول تي سڪتو طاري ٿي ويو. هوا رڪجي وئي، پن لڏڻ بند ٿي ويا ۽ گوداوري درياء جو تيز وهڪرو بہ ڍرو ٿي ويو. چوڏهينءَ جي چنڊ جهڙي حسين چهري واري سيتا راوڻ کي رشي جي ويس ۾ پاڻ ڏانهن ويجهو ايندي ڏٺو تہ بيحد حيران ۽ پريشان ٿي سراپجي وئي ۽ زمين تي پيل نرم پنن تي ويهي زارو قطار روئڻ لڳي.

راوڻ شري متي سيتا جي سونهن ڏٺي تہ کيس ڪام ديوتا جي تير گهائي وڌو. ۽ هن جي سونهن جي ساراهہ ڪندي کيس پنپلائڻ لڳو تہ اي سوني روپي ورن واري ريشمي ساڙهي ۾ ملبوس تازن گلن جي چادرن سان آراستہ لَڪشِمي ديوي آهين، يا ڪِرتي ديوي يا پُتي يا تون ڪاجل پري تہ ڪا نہ آهين؟ ايشور توکي ڪيڏي نہ بي مثال سونهن عطا ڪئي آهي! پر ڇا توکي پولڙن، شينهن، بگهڙن، چراخن، رڇن، خطرناڪ چيتن ۽ ٻين جهنگلي جانورن جي وچ ۾ اڪيلي سر رهندي ڪو ڊپ ڊاءُ نٿو ٿئي؟ ڇا تون هتي هلندڙ مست هاٿين کان بہ نٿي ڊڄين؟ ٻڌاءِ تہ تون ڪير آهين؟ تنهنجو تعلق ڪنهن سان آهي ۽ خطرناڪ جانورن ۽ جنن ڀوتن سان واسيل هن اٿاهہ ٻيلي ۾ تون اڪيلي ڪهڙي مقصد لاءِ رهين پئي؟



پنهنجي گهڻي تعريف ٻڌي سيتا راڻي برهمڻ نما راوڻ جي جوڳي آڌر ڀاءُ ڪئي ۽ کيس ويهڻ لاءِ چيائين، هٿ منهن ڌوئڻ لاءِ پاڻيءَ جو لوٽو آڻي ڏنائين تنهن کان پوءِ کيس سنو طعام پيش ڪيائين. ان دوران کيس پنهنجي پتي ۽ ڏير جي اچڻ جي پڻ سخت چنتا ٿي، ڇو ته انهن کي ڪافي دير ٿي وئي هئي ۽ واپس ڪو نه پهتا هئا سيتاراڻي راوڻ کي پنهنجي هتي اچڻ جو قصو ٻڌايو ۽ پنهنجي ور جي گهڻي تعريف ڪيائين. اها ڳالهه راوڻ کي ڪا نه وڻي ۽ سيتا کي ڪاوڙ وچان جواب ڏنائين ته اي سيتا! آئون جنن يوتن جو بادشاهه راوڻ آهيان جنهن کان ماڻهو جن توڙي ديو ۽ ديوتا به ڊڄندا آهن. منهنجون ڪئين راڻيون آهن پر تنهنجي سونهن انهن سڀني کان سرس آهي. منهنجو خيال آهي ته تون مون سان گڏجي هل ته اهي سموريون زالون تنهنجي خدمت ڪن ۽ تون منهنجي پٽ راڻي ٿي رهه. لنڪا منهنجو ملڪ آهي جيڪو چوڌاريءَ سمنڊ جي پاڻيءَ سان گهيريل آهي. منهنجو محل لنڪا ۾ جبل جي چوٽيءَ تي اڏيل آهي. هن خطرناڪ ٻيلي مان نڪري مون سان اُتي هلي رهه. جيڪڏهن منهنجي ڳالهه مڃيندين ته پنج هزار نوڪر سدائين تنهنجي خدمت ۾ حاضر هوندا.

بي داغ ۽ نيڪ سيرت سيتا کي راوڻ جي ٻيجا ڳالهين تي سخت ڪاوڙ آئي ۽ کيس نفرت سان وراڻائين ته آئون مڪمل طور پنهنجي پربت وانگر اڏول ۽ بهادر پتي سري رامچندر جي حوالي آهيان جيڪو سمنڊ مثل، خاموش، اندر ديوتا جو همسر، ديوداس، درخت مثل عظيم، قامت ۽ سمورن اعليٰ گڻن سان نوازيل آهي. آئون ان بهادر پرش سان واڳيل آهيان. جنهن جو ڪوڙو ڪشادو بازو ياري ۽ شينهن جهڙو ڦڙت ۽ عظيم ترين انسان آهي. منهنجو مڙس چوڏهين جي چنڊ جهڙو خوصورت صابر، بهادر، هڪ بادشاهه جو فرزند ۽ اعليٰ شخصيت جو مالڪ آهي. آئون ان سان ئي وفادار رهنديس. اڙي گدڙ! تون شينهڻ هٿ ڪرڻ جي سڌ ٿو ڪرين، پر تون ته سج جو ڪو ڪرڻو به پڪڙي نٿو سگهين. اڙي نياڳا! تون راگهوءَ جي پتنيءَ کي اغوا ڪرڻ ٿو گهرين. جڻ ته سونا وڻ ڏسي پنيلجي پيو آهين ۽ بکايل شينهن وانگر ڏند پيو ڏيکارين ۽ نانگ وانگر زهر پيو اوڳاڇين. تنهنجي خواهش جبل تريءَ تي ڪٽڻ، زهر پيئندي سکون حاصل ڪرڻ، اکين ۾ سُيون هڻڻ ۽ زبان سان تکي ڪاتي چٽڻ وانگر صفا احمقانه آهي.

مونکي اغوا ڪرڻ تنهنجي لاءِ ڳچيءَ ۾ پٿر ٻڌي سمنڊ پار ڪرڻ، سج، ۽ چنڊ هٿ ۾ جهلڻ، جبل جيڏي باهه پنهنجي پاند ۾ پائڻ ۽ ڪوڪن ڪلن جي تخت تي هلڻ جي برابر ٿيندو.

سري رامچندر جي شخصيت ۽ تو ۾ شينهن ۽ گدڙ سمنڊ ۽ نالي، سون ۽ لوهه، شاهين ۽ ڪانگ، مور ۽ بدڪ، هنج ۽ ڳجهه ، هاٿي ۽ ٻليءَ، امرت ۽ رَبَ ۽ سندل ۽ مٽي جيترو فرق آهي. تون مون کي ڪٽي ويندين، پر جڏهن منهنجي ماهر ڪمان گر ۽ اندر ديوتا جي همسر ۽ مهان مڙس کي معلوم ٿيو ته جيئن مکڻ ۾ ڪِريل مک مکڻ کائي نه سگهندي آهي، تيئن تون به مون کي مات ڪري نه سگهندين. راوڻ کي اهڙين چوڻ بعد هوءَ خوف وچان ڏڪڻ لڳي.

اها حالت ڏسي راوڻ سيتا کي وڌيڪ ڊيڄارڻ لاءِ پنهنجي نالي ناموس، شهرت، هيبت ۽ طاقت جون ڳالهيون ڪرڻ لڳو ۽ پنهنجي بڇڙي ۽ هيبتناڪ صورت بنائي چيائين ته اي عورت شايد تو کان عقل ڇڏائي

ويو آهي، تو منهنجا ڪارنامہ ڪو نہ ٻُڌا آهن ڇا؟ آئون خلا ۾ ٻيهندي ڏرتيءَ کي ٻہ ڪٽي سگهان ٿو. سمنڊ جو سمورو پاڻي پي ۽ موت کي بہ ماري سگهان ٿو. آئون پنهنجي شافٽ (عصا) سج ۾ ڪوڙي سگهان ٿو. ائين چوندي هن نهايت پوائتي ۽ بڇڙي شڪل اختيار ڪئي. سندس اکيون برجنسي ٽاندا ٿي پيون. هو ڏهن سِسِين ۽ ويهن ٻانهن وارو پوائتو ديو ٿي سيتا کي ڪاوڙ مان گهورڻ لڳو. رت ٻڏل ڪپڙا اوڍيل راوڻ سيتا کي چوڻ لڳو تہ اي حسينہ! جيڪڏهن تون اهو ور هٿ ڪرڻ ٿي چاهين جيڪو تنهي جهانن ۾ مقبول ۽ مشرف آهي تہ تون منهنجي اڳيان آڻ مڃ. آئون ئي تنهنجو مناسب مڙس ٿي سگهان ٿو. تنهنڪري تون هلي منهنجي خدمت ڪر. آئون توکي ڪو بہ ڏک ڪو نہ ڏيندس پر وڏي عزت بخشيندس. تون پنهنجو سمورو وجود ۽ هستي مونکي ارپي ڇڏ. جنهن ماڻهوءَ کان راڄ ڀاڳ کسي کيس جلاوطن ڪري ڇڏيائون. جيڪو جهنگ جي جانورن سان گڏ رهندي پنهنجي حياتيءَ جا فقط ڏينهن پيو ڳڻي تنهن سان تنهنجو ڪهڙو ناتو ٿي سگهي ٿو. ائين چوندي راوڻ سيتا تي ائين ڇانئجي ويو جيئن عطارد سانجهي تاري تي! هن کاٻي هٿ سان سيتا کي وارن ۾ جهليو ۽ ساڄي هٿ سان سٿرون سوگهيون ڪيون. ان سَمي راوڻ جي پوائتي ۽ مڇريل صورت ڏسي سمورا جهنگ جا جانور خوف وچان اتان ڀڄي ويا ۽ سون جي نهيل گاڏي اچي بيٺي جنهن ۾ خچر جوٽيل هئا. سيتا کي ٻکن ۾ ڪري راوڻ گاڏي ۾سوار ٿي لنڪا روانو ٿي ويو.



پويان سري رامچندر شڪار تان موٽي اچي ڏسي تہ سيتا موجود ڪانهي، ان ڳالهہ کيس سخت حيران ۽ پريشان ڪري وڌو ۽ سندس سُک ڦٽي پيو. پنهنجي ڀاءُ لڇمڻ کي ساڻ ڪري ان جي ڳولها ۾ جنبي ويو. جهنگل توڙي جبل ۾ ڳولها رکيائين. نيٺ هڪڙي هنومان نالي همٿ ڀرئي سريال پولڙي سامونڊي کاري ٽِپي لنڪا جي ملڪ ۾ داخل ٿي راوڻ جي محل ۾ وڃي سيتا کي ڏٺو. شري متي سيتا هنومان صاحب کي ڏسي خوش ٿي ۽ پنهنجي آزاديءَ لاءِ سري رامچندر کي چوائي موڪليائين. اها حقيقت معلوم ڪري سري رامچندر انهي کاريءَ تي پل ٻڌائي پولڙن جو وڏو لشڪر وٺي لنڪا ۾ داخل ٿيو ۽ شهر جو گهيرو ڪيائين. راوڻ جي جنن ۽ ڀوتن وڃي، اها حقيقت ساڻس ڪئي تہ هو سخت ڪاوڙيو

۽ ماڙيءَ چڙهي جانچ ڪيائين تہ واقع شهر چوڌاري دشمن فوج جي گهيري ۾ آهي. جيڪا مقابلي لاءِ تيار آهي. پولڙن جي هن تمام وڏي تعداد کي ڏسي راوڻ گهبرائجي ويو ۽ چيائين تہ هنن ٽپندڙ جانورن کي ڪيئن ٿو مات ڪري سگهجي. ائين چوندي هن سري رامچندر ۽ هن باندر نما فوج تي نظر وڌو. ان دوران سري رامچندر گهيرو سوڙهو ڪندو محل ڏانهن وڌندو رهيو. جيڪو چوطرفان هيبتناڪ جنن ۽ ڀوتن جي مڪمل چوڪيءَ ۾ هو. شهر کي سينگاريل ڏسي سيتا کي ياد ڪري سري رامچندر کي هڪ وار شديد پيڙا محسوس ٿي. هن ڀانيو تہ غزالي چشم واري شهزادي Janaka بادشاه جي سڪيلڌي ڌيءَ منهنجي ڪري هن مصيبت جو شڪار ٿي. ڳڻتين ۾ ڳري ڦنگهہ ٿي وئي هوندي ۽ سيج جي بدران ٺلهي پٽ تي پيئي هوندي. اهي پور پچائيندي سري رامچندر پنهنجي فوج کي حڪم ڪيو تہ دشمن تي سخت حملو ڪري کيس مڪمل طور تباهہ ڪيو وڃي.

سري رامچندر جو اهو حڪم ٻڌڻ سان پولڙن جي فوج اپ ڌاريندڙ نعرا هنيا تہ اچو تہ سروٽن، پٿرن، لتن ۽ مڪن سان هي شهر ڊاهي پٽ ڪريون نعرا هڻندي اهي جُدا جُدا ٽولين ۾ ورهائجندا ۽ وڌندا ۽ مذڪوره شين وسيلي پيچ ڊاهہ ڪندا ويا ۽ ٿوريءَ دير ۾ ڪيترا ڪوٽ ۽ قلعا، جهان پناهون ۽ مورچا ڊاهي پٽ ڪري چڙهيائون ۽ محل ماڙين جي چوڌاري بچاء لاءِ پاٽي سان ڀريل کاهيون، واري، سروٽن، پٿرن ۽ وڻن ٽڻن جي ڪاٺ سان پوري چڙهيائون، جيئن تہ محلات آساني سان پهچي ان تي قبضو ڪري سگهجي. هيءَ لقاء ڏسي راوڻ پنهنجي ڀوتن واري فوج کي گهيرو ڪرڻ جو حڪم ڏنو جنهن تي رواڻ جي فوج نغارا، دهل شرنايون وڄائي ايترو تہ هل هنگامون، ڪيو جو زمين آسمان هڪ ڪري ڇڏيو. آ سيب نما فوجي ڪنهن وقت وڄ وارا ڪڪر تہ ڪنهن مهل ڪونجن جي قطارن وانگر پي ڏٺا. اهڙي طرح اڳيان پئي وڌيا. جهڙوڪ سمنڊ اٿلي پيو هجي. اها صورتحال ڏسي پولڙن واري فوج پڻ نعري بازي ڪري آسمان مٿي تي کڻي ڇڏيو ۽ سمورو وايو منڊل ٻنهي لشڪرن جي گوڙ هاٿين جي رڙين، گهوڙن جي هڻڪارن، جنگي رٿن جي ڦيٿن جي چيچاٽ ۽ ديون جي گوڙ سبب نهايت هيبتناڪ ٿي پيو. ٿوري ئي دير ۾ پولڙن ۽ ڀوتن جي وچ ۾ اهڙي طرح خطرناڪ جنگ شروع ٿي جهڙي طرح آڳاٽي سمي ديوتائن ۽ راڪِشَشنِ جي وچ ۾ لڙايون ٿينديون هيون. راوڻ جي جنن واري لشڪر، نيزن، ڀالن ۽ ڪهاڙين سان حملو ڪيو ۽ سندن مخالف ڌر وارن apes يعني خطرناڪ باندرن يعني وڏن پولڙن راڪششن تي پٿرن ٿُنهن ۽ ڏندن سان چڪ پائيندي حملو ڪيو ۽ پولڙن پنهنجي اڳواڻ جي نالي "بجرنگ بليءَ جي جئي" وارو نعرو لڳايو ان جي جواب ۾ راوڻ جي لشڪر پنهنجي بادشاهہ جي فتح جو نعرو هنيو اهڙي ريت گهمسان جي جنگ رهي، جنهن ۾ ٻنهي ڌرين جا جاننا جوان وڏي تعداد ۾ مارجي ويا هئا اهو حال ڏسي راوڻ پنهنجي گاڏي هلائيندي مخاطب ٿيندي وهشتناڪ صورت اختيار ڪندي چيو تہ منهنجي ملڪ تي منهنجي وفادار جانبازن کي ماريندڙ رام ۽ سندس ڀاءُ لڇمڻ کي ماري ملڪ تان آزار ختم ڪندس. آئون رام کي ماري ٽڪر ڪندس جيڪو وڻ مثل آهي. سندس گل ۽ ميوو سيتا آهي ۽ ڀن ۽ ٽاريون سندس سپهہ سالار سگريو ۽ ٻيا سپاهي آهن. ائين چوندو راوڻ پراسرار طاقت طور تمام وڏيون ڊاڍيون ڪندو سري رام تي حملا آور ٿيو. تہ ڌرتي پڻ لرزي وئي ۽ حاضر سمورا جهنگلي جانور خوف ۾ هجي ويا. راوڻ جادوءَ سان تيار

ڪيل ميرانجهڙو خوفناڪ هٿيار هلائي پرپاسي موجود ڪئين پولڙا ماري وڌا ۽ باقي زنده هيڏانهن هوڏانهن ٽڙڻ ۽ لڪڻ لڳا. اها صورتحال ڏسي سري رام چندر خود راوڻ سان مقابلو ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو. راوڻ پولڙن جي فوج کي ماريندو اڳتي اچي ڏسي ته سري رام چندر پنهنجي ڀاءُ لڇمڻ سان گڏ اهڙيءَ اڏول هستيءَ وانگر مقابلي لاءِ منتظر آهي، جيئن وشنو ديوتا سان گڏ اِندر ديوتا گڏ هو. راوڻ کي سري رام آسمان جيترو اوچو ۽ وڏو ڏسڻ ۾ آيو ۽ کيس پاٿيا پيا ته هي شايد پنهنجي دشمن تي فتح حاصل ڪري ويندو. سري رام راوڻ کي ڏسي پنهنجي شاهي ڪمان تاڻي جيڪا اهڙي ته زبردست ۽ عاليشان هئي جنهن جو تير ڏرتيءَ کي به چيري ڇڏيندو هو.ائين هنن ٻنهي جوڌن جي ويڙهه چالو ٿي وئي جيئن اِندر ديوتا ۽ وِرتر راڪشش جي وچ ۾ ويڙهه ٿي هئي. هي ٻئي وڏا جنگجو، تجربيڪار ۽ ماهر فوجي هئا. جيئن طوفان ۾ به سمنڊ ٽڪر جي گهمسان پيدا ڪندا آهن. هنن پڻ جنگ ۾ اهڙو گهمسان پيدا ڪري وڌو.

راوڻ فولادي تيرن سان سري رام چندر جي نراڙ تي نشان ٻڌو پر سري رام چندر تي انهن جو ڪو اثر ڪو نه ٿيو ۽ هو ميدان ۾ اڏول ٿي بيٺو رهيو. اهي تير سري رام چندر کي ڪنول جي گلن جي هار وانگر گلي ۾پيئجي ويا. سري رام چندر جواب ۾ ڪمان سان راوڻ تي ڪجهه تير اڇلايا پر کيس ڪو زخم ڪو نه رسيو ۽ اهو شاهي ڪکر وانگر بيٺو هو. تنهن تي سري رام چندر وڏيڪ زهري تيرن سان راوڻ تي ٻيو حملو ڪيو پر هن پنهنجي جادوءَ جي زور تي انهن کي به ناڪاره ڪري ڇڏيو ۽ غصي ۾ اچي جادوءَ وارن اهڙن تيرن سان سري رام چندر تي حملو ڪيو جن جون نوڪون مختلف جانورن جهڙوڪ شينهن، چيتن، گدڙن، بگهڙن، سوئرن، گڏهن، ڳجُهن ۽ خطرناڪ آبي جانورن جي سِسين جهڙيون هيون. سري رام چندر انهن جادوءِ وارن هٿيارن کي تباهه ڪرڻ لاءِ انهن ڪان به وڏيڪ طاقتور هٿيار جن ۾ سج، تارن ۽ ٻين گرهن جيتري طاقت ۽ آگ هئي، سان حملو ڪيو ته راوڻ جا سمورا حيواني صورتن وارا تير فضا ۾ تباهه ۽ برباد ٿي ويا، اهو لقاء ڏسي سُگرئي جي اڳواڻي ۾ سمورا بهادر ۽ جادوگر پولڙا سري رام چندر جي چوڌاريءَ گهيرو ڪري اچي بيٺا ۽ سندس حق ۾ فتح جا نعرا هڻڻ لڳا، پر جنگ اجا ختم ڪانه ٿي هئي ۽ نهايت خطرناڪ صورت اختيار ڪري وئي، پولڙن توڙي راڪشن واريون ٻئي فوجون هر قسم جي هٿيارن سان ليس پنهنجي ٻنهي اڳواڻن يعني سري رام چندر ۽ راوڻ تي نظرون کپائي خاموش ٿي بيهي رهيون، جيڪي هنن فوجن جي وچ ۾ سمورن هٿيارن سان ليس مقابلي لاءِ موجود هئا ۽ اک ڇنڀ ۾ وڏي بهادري ۽ ڏاهپ سان ويڙهه ۾ چالو ٿي ويا، سري رام چندر چيو ته آئون فتح حاصل ڪندس! راوڻ کي پاٿا پيا ته آئون پڪ مرندس! ٻنهي جوڌن جهيڙي ۾ ڪا ڪسر ڪانه ڇڏي ۽ پوري طاقت سان وڙهيا ۽ تيرن ۽ ٻين هٿيارن کي ايتري ڪثرت سان استعمال ڪيائون جو سمورو آسمان انهن هٿيارن سان ڍڪجي ويو.

سري رام چندر ۽ راوڻ ٻنهي هڪ ٻئي جي جنگي گهوڙن کي وڏي تعداد ۾ تيرن سان ماري ڇڏيو. اهڙي طرح جنگ چوٽ چڙهي وئي فتح حاصل ڪرڻ لاءِ ٻنهي سردارن جان جي بازي لڳائي ڇڏي، راوڻ پنهنجي هار محسوس ڪندي ڪاوڙ ۾ غرق ٿي ويو.

جنگي سردارن جون گاڏيون هلائيندڙ جنگ جي ميدان ۾ پنهنجي ڪاريگريءَ سان چڪر ڏيندا رهيا ۽ هي ٻئي جوڌا هڪ ٻئي تي ايتري گهٽي تعداد ۾ تير اڇلائڻ لڳا. ڄڻ تہ ڪڪرن مان برسات ٿي پوي.

آخرڪار سندن گاڏيون اچي هڪٻئي کي ويجهيون ٿيون. تڏهن سري رامچندر راوڻ جي گاڏيءَ وارن چئن گهوڙن تي تير وسايا ۽ راوڻ وري مٿس تيرن سان حملوڪيو پر سري رام چندر اهي گسائي ويو ۽ ڏاڍي ڦڙتيءَ سان هڪڙو زهريلو تير راوڻ کي هنيائين جو ان جي هڪڙي سِسي ڪَپِجي پٽ تي ڪري پئي تہ هن فلڪ ڪري سندس ٻي سِسي بہ ڪپي ۽ اڏ ڪري وڌي تہ اوچتو هن جي ٽئين سِسي ظاهر ٿي ان کي بہ سري رامچندر ڌڙ کان ڌار ڪيو تہ ان کان پوءِ راوڻ جون سئو کن ٻيون بہ سِسيون پيدا ٿينديون رهيون جيڪي هن ڪپيون. پر هو يعني راوڻ زمين تي ڪو نہ ڪريو ۽ اپو ٻينو رهيو.

انهيءَ وقت اِندر ديوتا جي گاڏي هلائڻ واري شخص سري رامچندر کي ٻڌايو تہ سائين توهان پنهنجي اصل طاقت جو مظاهرو ڇو نٿا ڪريو؟ هن کي برهما ديوتا وارو هٿيار هٿو تہ هي پورو ٿي وڃي ڇو تہ هن جا ڏينهن پورا ٿي ويا. ديوتا انهيءَ جي پيشنگوئي ڪري ويا آهن.

سري رام چندر کي جيڪو هٿيار اگستِ رِشيءَ ٻيلي واري آستان تي اچي سوکڙيءَ طور ڏنو هو. اهو اصل ۾ برهما ديوتا، اِندر ديوتا کي ٽنهي جهانن کي فتح ڪرڻ واسطي ڪامياب هٿيار طور عطا ڪيو هو. اهو هٿيار سائيز ۾ بربت جيڏو وڏو هو. ان جي نوڪ سج جهڙي ساڙيندڙ باهہ واري هئي. ان هٿيار ۾ سمورا ڪيميائي مادا شامل هئا. ۽ ان هٿيار جو نشان ڪنهن صورت ۾ خطا نہ ٿيندو هو. اهو هر جانور جهڙوڪ گهوڙي، هاٿي توڙي ٽڪريءَ کي بہ چيري ڦاڙي ڇڏيندو هو. ماٺهو تہ ان جي اڳيان خصيص چيز هو.

سري رام چندر جڏهن هيءَ هٿيار پنهنجي ڪمان ۾ لڳايو تہ سمورا ساهہ وارا خوف ۾ هجي ويا پر ڌرتي لرزڻ لڳي. سري رام چندر پنهنجي پوري طاقت سان ڇوڙيو تہ اهو ڪنوڻ واري تيزيءَ سان راوڻ جي ڇاتيءَ ۾ کپي ويو ۽ رت سان پرجي ويو. جڏهن رت وهڻ سان راوڻ مري ويو تہ پوءِ اهو هٿيار واپس پنهنجي ٿي تير ڪش ۾ اچي بند ٿيو.

راڪشش يعني راوڻ جي فوجين جڏهن کيس مئل حالت ۾ پٽ تي پيل ڏٺو تہ مُنهن ڪري وٺي ڀڳا ۽ هر طرف کان پولڙا بہ سندن ڪڍ لڳا ۽ کين ڀڄائي ڇڏيائون.

جنن پوتن ۽ ديون جي اڳواڻ راوڻ کي ماري سِري رام چندر پنهنجي خاندان جي عزت برقرار رکي. سُگرئي، انگد ۽ ٻيشن جي مراد پوري ڪئي ۽ ظالم دشمن تي فتح حاصل ڪئي ۽ پنهنجي راڄ ۾ سرخرو ٿيو. امن قائم ٿيو هوا صاف ٿي چڱيءَ پر گهُلڻ لڳي، اخلاقي قدر بحال ٿيا ۽ وقت جو ستارو عروج تي رسيو.

پوءِ سري رام چندر سيتا کي گهرايو ۽ جڏهن هوءَ سندس پرسان نماڻي ۽ اہاڻڪي ٿي اچي بيٺي تڏهن انهيءَ سان مخاطب ٿيندي پنهنجي دل واري ڳالهہ ظاهر ڪندي سري رام چندر چيو تہ اي مان واري شهزادي! مون پنهنجي دشمن کي ميدان جنگ ۾ مات ڪري توکي وري حاصل ڪري ورتو آهي. صبر ۽ ڌيرج ۾ جيترو بہ ڪم ٿي سگهيو اوترو مڪمل ڪيو اٿم. ڪاوڙ لهي وئي اٿم. ڇو تہ منهنجي عزت تي هٿ ڪٽندڙ کي ماري مات ڪري ختم ڪري ڇڏيو اٿم. اڄ منهنجي خوبي ظاهر ٿي آهي. جدوجهد ڪامياب ٿي آهي. وچن پورو

ڪيو اٿم، هاڻي آئون آزاد آهيان. تقدير جي فيصلي موجب ظالم راوڻ هٿان تنهنجو اغوا ٿيڻ ۽ مون ڪان تنهنجي وڇوڙي ڪي هاڻي درگذر ڪري ڇڏيو اٿم.

جيڪي ماڻهو ٻڌتر جو شڪار هئڻ ڪري پر عزم ٿي پنهنجي عزت تي حملو ڪندڙن ڪان جوڳو بدلو نٿا وٺن. تن وٽ هيتري گهٽي قوت ۽ ثروت ڪهڙي ڪم جي! سري رام چندر ڪي ماڻهن جي چوٻول سبب پريشان ۽ هن طرح ڳالهائيندو ڏسي سيتا بہ ڏک ۾ ڏري پئي ۽ سندس غزالي اکين مان لڙڪن جون لارون چالو ٿي ويون. پوءِ پولڙن ۽ راڪشن جي موجودگيءَ ۾ ويڙهيل ڪارن وارن ۽ ڪنول جي پنکڙين جيڏين وڏين اکين واري سيتا ڪي مخاطب ٿيندي سري رام چندر چيو تہ هڪ انسان جي حيثيت ۾ پنهنجي وس آهر جيڪو ممڪن هوندو آهي. ائين ڪندي منهنجي عزت جو ڀرم رکيو اٿم. جيئن پهچ ڪان پري ڏاکڻو ملڪ اگسٽ بزرگ جي دعا سان وري ڪٽيو آهي. تيئن توکي پڻ حاصل ڪيو ويو آهي، ان تي توکي خوش ٿيڻ گهرجي ۽ هي پڻ معلوم هجي تہ پنهنجي دوستن ۽ ساٿين جي مدد سان ڪامياب ٿيل جنگي مهم خير سان پوري ٿي، اها فقط تنهنجي ڪري جوڙي ڪا نہ هئي ان جا ٻيا بہ اهم سبب هئا منهنجي ذاتي بيعزتي ۽ منهنجي خاندان تي بيحرمتيءَ جي لڳل داغ سبب خبردار هوس تنهنڪري دشمن سان جنگ ڪرڻ ۽ بدلو وٺڻ اٽڙ هو.

مون ڪي تنهنجي پاڪدامنيءَ ۽ ورتاء بابت شڪ ۽ بي اعتباري ٿي پئي آهي. تنهنجو منهنجي اڳيان حاضر رهڻ سان مونکي ايتري تڪليف ٿي آهي. جيتري تڪليف اکين ڏکندڙ ماڻهو ڪي ٻتي اڳيان رکڻ سان ٿيندي آهي. تنهنڪري آئون توکي موڪل ٿو ڏيان تہ تنهنجي اڳيان ڏهہ ئي ڏِسون موجود آهن تون جيڏانهن بہ چاهين وڃي سگهين ٿي. منهنجو توسان هاڻي ڪو بہ تعلق نہ رهندو، ڇو تہ جيڪا عورت ڪنهن غير جي حرم ۾ رهي هجي، تنهن ڪي ڪو عزت وارو ماڻهو پاڻ وٽ وري ڪيئن رهائڻ قبول ڪندو. تون راوڻ جي هنج ۾ رهي چُڪئين، تنهن ڪي، آئون جيڪو عظيم خاندان جو فرد آهيان. ڪهڙيءَ ٻِرِ گناهن ڪان پاڪ بنائي پاڻ وٽ رهايان. راوڻ ڪان توکي موٽائڻ وارو مقصد مون پورو ڪيو. باقي هاڻي تو سان واسطو نہ رهندو. تون جيڏانهن وڻئي هلي وڃ. تون پنهنجي مرضيءَ سان منهنجي ڀائرن لڇمڻ، ڀرت، شتروگهن يا سُگرئي يا ٻيشن يا راڪشش مان جنهن ڏانهن بہ وڃڻ چاهين هلي وڃ.

يقيناً راوڻ تنهنجو بي مثل قدرتي حسن ڏسي توکي اغوا ڪيو ۽ پنهنجي محل ۾ رهايو تہ پوءِ تنهنجي عزت جو ڀرم بہ ڪونہ رکيائين. سيتا، جنهن سان اڳي هميشہ پيار ۽ خوشيءَ سان ڳالهايو ويندو هو ۽ سندس تمام گهڻي تعظيم ڪئي ويندي هئي. تنهن سان جو سندس پائيندڙ ۽ بيحد پيار ڪندڙ وَرَ هيڏي مجموعي سامهون وڏي تعدي ڪئي ۽ تياڳ ڏيڻ جو اعلان ڪيو. تنهن ڳالهہ ڪيس نهايت گهائي وڌو هو ۽ بي اختيار روئڻ لڳي ۽ ڏڪڻي وٺي ويس. سندس پتيءَ جي لفظن تيرن مثل سندس دل گهائي وڌي ۽ هوءَ شرم ۾ ٻڏي وئي.

خوف ۾ ڏڪندي ڪنبدي سري رام چندر سان مخاطب ٿيندي چيائين تہ اي سورهيہ پرش! تون مونکي عام ماڻهن وانگر خصيص عورت ڪي چئجندڙ نارو الفظ ڇوٿو ڳالهائين؟ اي جوڌا آئون ساک سان چوان ٿي تہ هر طرح ستي جتي ۽ تنهنجي عزت جي لائق آهيان. افسوس! جو ٻين عورتن جو ڪردار ڏسي مون ڪي بہ انهن وانگر سمجهي مون تي اعتبار نٿو آڻين. منهنجي قسمت ۾ ائين هو سو ٿيو. باقي تون مون ڪي سڄاڻين ٿو تہ

آئون ڪا خوشيءَ سان هن ظالم سان ڪا نہ آئي هيس. بت منهنجو واقع بند ۾ هو پر دل ۽ دماغ ۾ تنهنجي وفا ۽ پيار هو. هڪڙي قيدياڻي جي حيثيت ۾ آئون وڌيڪ پلا چا ٿي ڪري سگهيس.

تو سان گڏ رهندي مون تو سان جنهن پر پيار ڪيو پاڻ وٽ ان جوبڪو ثبوت هوندي بہ اڄ تون مونکي نٿو سُڃاڻين. تنهنجي ان ناروا رَوش مونکي ناقابل تلافي ڏک رسايو آهي. تو جڏهن پنهنجو جنگي جوڌو هنومان صاحب خبر چار وٺڻ لاءِ لنڪا موڪليو هو. تو تڏهن مون کي قبولڻ کان انڪار چو ڪو نہ ڪيو ۽ ائين چوائي چو نہ موڪليو. جيڪڏهن تون انجي هٿان مونکي ڇڏي ڏيڻ جو نياپو پهچائين ها تہ آئون جيڪر انهيءَ وقت ئي ان جي اڳيان پاڻ کي ماري ڇڏيان ها ۽ توکي هيڏي ساري جنگي مهم هلائڻي نہ پوي ها ۽ نہ وري تنهنجي هزارين سپاهين ۽ دوستن جي زندگين جو نقصان ٿئي ها. اي شينهن مڙس! طيش ۾ اچي هڪ عورت جي خلاف غلط فيصلو ڪري تو هڪڙي خصيص ماڻهوءَ جو ڪردار ادا ڪيو آهي. سمورن ماڻهن سان گڏ تون مون کي سُڃاڻين ٿو تہ آئون پڻ Janaka خاندان جي عظيم نالي سان سڏجان ٿي ۽ ڌرتي ماتا جي جائي آهيان. تنهن هوندي بہ تو منهنجي عزت ۽ عصمت جو ڪو بہ قدر ڪو نہ ڪيو. پنهنجو ننڍپڻ ۾ ئي هڪٻئي جو ٿي وڃڻ. منهنجو تو سان محبت وارو سياءِ ۽ قرب تو پنهنجي انا جي نذر ڪري ڇڏيو.

سيتا، رام چندر کي چوندي ۽ روئندي رهي. نيٺ سندس حيران ۽ پريشان ڏير لڇمڻ کي چيائين تہ مون سان ٿيل ستم ظريقي جو هاڻي فقط هڪڙو ئي علاج آهي تہ توهان باهہ جو وڏو آڙاهہ ٻاريو تہ آئون هن مجموعي اڳيان پاڻ کي ساڙي ماري ڇڏيان. ڇوتہ تنهنجي ڀاءُ جي هنن ميهڻن ۽ طعنن مون کي هوئڻ بہ تباهہ ڪري ڇڏيو آهي. تنهنڪري آئون اهي تهمتون برداشت ڪري جيئري رهي نٿي سگهان.

شري متي سيتا جا اهي لفظ ٻڌي في الحال تہ لڇمڻ خوف ۾ هجي ويو پر پاڻ سنڀالي پنهنجي ڀاءُ سري رام چندر ڏانهن سواليہ نگاهن سان ڏسڻ لڳو تہ جيئن سندس ان رٿ جي تعميل ڪندي آڙاهہ تيار ڪرايو وڃي. اگني تيار ٿيڻ دوران سري رام چندر ڪاوڙ ۾ ايترو تہ غضبناڪ ٿي بيٺو هو جو سندس لشڪر ۽ دوستن يارن مان ڪنهن بہ شخص کي ساڻس ڳالهائڻ جي جرائت ڪا نہ ٿي سگهي. ايتري قدر جو منجهس نهارڻ جي بہ ڪنهن ۾ همت ڪا نہ هئي.

جڏهن آڙاهہ تيار ٿي ڌڳڻ لڳو تڏهن شري متي سيتا حيران ۽ سرگردان سري رام چندر جي چوڌاري ڦيرا ڏيندي برهمڻ ۽ ديوتائن جي پرارٿنا ڪندي، ٻئي هٿ جوڙي اچي مچ وٽ بيٺي ۽ چوڻ لڳي تہ اي سمورن ساهہ وارن تي شاهد رهڻ وارا اگني ديوتا جيتوڻيڪ منهنجي دل ۾ سري رام چندر لاءِ ڪڏهن بہ بي وفائي جو خيال پيدا ڪو نہ ٿيو آهي. پر هو مون کي هاڻي داغدار ۽ عيبدار سمجهي ٿو. جڏهن تہ آئون بلڪل سَتي جتي آهيان. تنهنڪري اي جهانن کي جاڻندڙ اگني ديوتا منهنجو پرم رکندي منهنجي مڪمل حفاظت ڪج چو تہ آئون هاڻي فقط تو ۾ ئي اميد رکي پاڻ کي تنهنجي حوالي ڪريان ٿي. اهي لفظ چوندي آڙاهہ کي ڦيرا ڏيندي سيتا پاڻ کي اوچتو مچ ۾ اڇلائي وڌو. سيتا جو مچ ۾ گهڙڻ وارو دڪدائڪ نظارو سمورن حاضرين ڏٺو. جنهن ۾ ٻار توڙي ٻيڍا پڻ شامل هئا ۽ ائين ٿي پانئيو جڻ تہ سيتا سون مثل باهہ جي ڪوناري ۾ڪندن ٿيڻ لاءِ پاڻ کي اگنيءَ ۾ اڇلائي وڌو. ڏسڻ وارن ڏٺو ۽ انهن ڪانسواءِ برهمڻ رشين ۽ ديوتائن پڻ ڏٺو تہ هن غزالي چشم خوش قسمت عورت اگني ديوتا کي پنهنجي جان جو نذرانو پليءَ پت پيش ڪيو.

تڏهن اگني ديوتا Paraka سري رام چندر سان مخاطب ٿيندي چيو تہ اي رام چندر هي سيتا راڻي هر عيب کان پاڪ آهي ۽ ڳالهہ سونهن توڙي نظر جي لحاظ کان ڪنهن بہ طرح هيءَ تنهنجي خوبين جي برابر آهي، هي پنهنجي مرضيءَ سان نہ پر اڪيلي هئڻ جي صورت ۾ راوڻ هن کي زوريءَ اغوا ڪري ويو هو. جنهن کي پنهنجي جادوئي طاقت جو غرور هو. شهزادي جنهن وقت راوڻ جي محل ۾ ڏائڻين ۽ جنڙين جي پهري هيٺ نظر بند هئي. تڏهن بہ دل ۾ تنهنجي نام جو ورد پئي ڪيائين ۽ تنهنجي آسري تي رهي هئي. انهن بڇڙين عورتن ڪيس عيش عشرت جون ڪيتريون ئي لالچون ڏنيون ۽ انڪار ڪرڻ جي صورت ۾ ڪيس اذيتون ڏيڻ جون ڌمڪيون ڏنائون، پر راوڻ جو ڪو بہ خيال دل ۾ نہ آندائين ۽ هر وقت تنهنجي ئي خيالن ۾ محو رهندي هئي. هيءَ مڪمل طور تي پاڪ ۽ صاف ۽ ستي جتي آهي. منهنجو توکي حڪم آهي تہ سيتا کي پاڻ سان رهائي ۽ ڪنهن بہ قسم جو طعنو ۽ تنقيد نہ ڪئي وڃي.

اگني ديوتا جي هنن لفظن سري رام چندر جي دل خوشيءَ سان ٽمٽار ڪري ڇڏي ۽ هن سَرهائيءَ واري جهلڪ ڏيکاريندي اگني ديوتا کي وراڻيو تہ ماڻهن جي عام نيم موجب سيتا جي لاءِ اهو ضروري هو تہ هوءَ ڏاگهہ چڙهي پاڻ کي سچو ثابت ڪري، ڇو تہ هوءَ ظالم راوڻ وٽ ڪافي عرصي تائين قيد هئي. جيڪڏهن آئون ڪانئس اهو امتحان نہ وٺان ها تہ ماڻهن کي اها ڳالهہ ڪرڻ ۾ ڪا بہ هٻڪ ڪا نہ ٿئي ها تہ مهان راجا دسرٿ جو اشراف پُٽ بہ ڪام ديوتا جي تير جو شڪار ٿي جَنَڪي يعني سيتا کي ساڻ رکيو ويٺو آهي. مون کي يقين هو تہ مون ڪانسواءِ سيتا جي دل ۾ ٻئي ڪنهن جي لاءِ ڪا بہ جاءِ ڪانهي ۽ راوڻ هن جي دل وٺڻ جي هرگز لائق نہ هو. ڇو تہ سيتا جي پاڪدامني خود ان جي نگهبان هئي. پوءِ سمنڊ ڪٽي اٿلي پوي، پر هوءَ پنهنجو ست سلامت رکڻ جي خود ئي قابل آهي. تنهنڪري سموري خود سري ۽ هٺ جي باوجود جيئن ڪنهن آگ جي شعلي کي جهلي نہ سگهيو آهي. اهڙي طرح راوڻ پڻ ماڻٿلي يعني سيتا کي ويجهو وڃي نہ سگهيو. هي پاڪيزه عورت مون ڪانسواءِ ڪنهن بہ ٻئي شخص سان وابستہ ناهي. هوءَ مون سان ائين گڏ آهي. جيئن سج سان سندس روشني گڏ هوندي آهي. هن جي پاڪيزگي پڌري آهي. آئون ڪيس هڪ عظيم سورميءَ طور خراج عقيدت پيش ڪريان ٿو. مون تي اهو نهايت واجبي ٿيندو تہ آئون اوهان سمورن جهانن جي حاڪم ديوتائن جي هدايت ۽ سهڻي صلاح کي مان ڏيان.

راوڻ تي حاصل ڪيل فتح ۽ سيتا کي پاڪيزه عورت جي حيثيت ۾ وري حاصل ڪرڻ سان خوشيءَ ۾ ٽمٽار سري رامچندر پنهنجي عظيم مقصد جي سلسلي ۾ پوڄا پاٺ ۽ ٻيون ڌرمي رسمون ادا ڪيون ۽ سيتا ساڻ ڪري پنهنجي وطن ڏانهن راهي ٿيو.

⑧



# بني اسرائيل جي فرعون کان آزادي ۽ فلسطين ڏانهن روانگي

حضرت موسيٰ عليهاالسلام الله تعاليٰ جو بيحد پيارو نبي سڳورو ۽ مصر ۾ بني اسرائيل جو عظيم اڳواڻ هو. تنهن سن 1440ق.م. ڌاري بني اسرائيل کي مصر جي حاڪم فرعون جي ظلم ۽ استحصال کان نجات ڏياري کين مصر مان لڏائي فلسطين جي سرزمين تي پهچايو. طورسينا جبل جي اوٽ ۾ ٿيل مخصوص عبادت جي نتيجي طور الله پاڪ طرفان ڏهن حڪمن ۽ هدايتن تي مشتمل صحيفي تورات جي روشنيءَ ۾ بني اسرائيل نالي هڪڙي مخصوص مذهبي قوم جو قيام عمل ۾آندو ويو. جنهن جو مذهبي طور رسول ۽ سماجي طور اڳواڻ حضرت موسيٰ عليه السلام هو.انهيءَ طويل ۽ سخت جدوجهد ۾ سندس ڀاءُ حضرت هارون عليه السلام جو کيس مڪمل تعاون هو. جنهن کي ڌڻيءَ تعاليٰ جلشانه سندس ئي استدعا موجب سندس ٻانهن ٻيلي مقرر ڪيو هو. اسرائيلي روايات مطابق حضرت موسيٰ عليه السلام بني اسرائيل جو سيني کان وڌيڪ عالي مرتبت ۽ برگزيد و رسول ۽ سماجي اڳواڻ هو. حضرت موسيٰ عليه السلام حقيقت ۾ اصل خدائي دين

يعني اسلام جي تبليغ ٿي ڪئي. پر اهل مغرب ان کي موسويت سڏڻ لڳا. بعد ۾ قائم ٿيندڙ مغربي تهذيب تي موسوي شريعت توڙي ثقافت جا گهرا اثرات مسلسل برقرار رهيا جيڪي موسيٰ عليه السلام جي عظمت جا واضح ۽ معروضي ثبوت آهن. البت چند تاريخدانن موسيٰ عليه السلام جي سمجهاڻي ڪان هٽي ڪري تورات جي نامناسب تشريح ڪئي آهي. ڪي رجعت پرست گروهه ته اجا تائين تورات کي حضرت موسيٰ عليه السلام جي پنهنجي تصنيف ڪري ڄاڻائين ٿا. جرمن عالم مارٽن ناٿ Martin Nath بني اسرائيل جي مصر مان روانگي، موسيٰ عليه السلام جي ڪنعان کي فتح ڪرڻ واري نصب العين جي حصول جي سلسلي ۾ اختيار ڪيل حڪمت عملي ڄاڻائي ٿو. تورات ۾ ڄاڻايل ماڳن ۽ آثارن جو ماهر ۽ تاريخدان وليئم فاڪسويل البرائيٽ William Foxwell Albright تورات جي خروج واري باب ۾ ڄاڻايل ڪهاڻي کي حقيقي ڄاڻائي ٿو ۽ بيان ڪري ٿو ته ڪئين صدين دوران اول بياني ۽ بعد ۾ لکيل دستاويزن جي مختلف ادوار ۾ اجراء سبب حقيت ۾ مبالغي ۽ ترميم واري روايت ڪارفرما رهي آهي. حضرت موسيٰ عليه السلام حضرت يوسف عليهالسلام ۽ حضرت يعقوب عليه السلام جي نسل مان هو. سندس والد جو نالو عمران ۽ والده جو نالو "يوڪابد" هو. حضرت هارون عليه السلام سندس سڳو ۽ وڏو ڀاءُ هو.

فرعون مصر جي قديم بادشاهن جو لقب هو. قديم مصر تي ڪل ٽيهن حڪمران گهراڻن حڪومت ڪئي. موسيٰ عليه السلام جي پيدائش وقت رعميسس ثاني Rameses II مصر جو فرعون هو. جنهن جو تعلق اوڻيهين خاندان سان هو. هن فرعون خواب جي تَعبِيرَ جي نتيجي ۾ بني اسرائيل جي پٽاڻي اولاد کي ڄمندي ئي قتل ڪرڻ جو حڪم صادر ڪيو. چوته نجومين کيس سندس خواب جي تعبير طور ٻڌايو ته تنهنجي حڪومت جو زوال ڀانت هڪڙي اسرائيلي مَردَ هٿان ٿيندو. حضرت موسيٰ عليه السلام ڄائو ته ٽن مهينن تائين کيس لڪائي رکيو ويو پر نيٺ سندس ماءُ هڪڙي قدرتي اشاري موجب ٻڌڻ ڪان محفوظ هڪڙي تابوت ۾ رکي کيس نيل نديءَ ۾ لوڙهي ڇڏيو.جيڪو تابوت ڪجهه مفاصلو لڙهي اڳتي وڃڻ سان جڏهن فرعون جي محل جي سامهون پهتو ته اهو فرعون جي ڌيءَ ڏٺو جيڪا ان وقت اُتي وهنجي رهي هئي. تنهن اهو تابوت ٻاهر ڪڍايو ۽ گهر کڻائي وئي. اتي تابوت کي کولي ڏٺائون ته ان ۾ هڪڙو نهايت خوبصورت ڇوڪرو آرام سان پيو آهي، اهو لقاء ڏسي فرعون کيس مارڻ لاءِ ڇيو پر فرعون جي گهرواري ڏاڍي خوش ٿي ۽ معصوم کي بچائڻ ۽ تاتڻ لاءِ فرعون کي راضي ڪيو. اهڙي طرح حضرت موسيٰ جي پرورش خود فرعون جي گهر ۾ ٿيڻ لڳي. جتي سندس حقيقي ماءُ ئي دائي جي حيثيت ۾ کيس کير پيارڻ ۽ پالڻ لاءِ مقرر ٿي. جڏهن ڇوڪرو جوان ٿيو ته مٿس اسرائيلي هئڻ جو راز افشان ٿيو ۽ ڏٺائين ته مصري حڪمران بني اسرائيل تي سخت ظلم ۽ ستم ڪري رهيا آهن. تڏهن هن جي دل ۾ بني اسرائيل لاءِ همدردي ۽ پنهنجاپ جو جذبو پيدا ٿيو. حڪمران جي گهر ۾ پلجندي کيس عاليشان تعليم ۽ تربيت حاصل ٿي.

هڪ ڏينهن شهر جي گشت دوران هن هڪڙو اسرائيلي هڪڙي مصري هٿان گهيليندي ڏٺو ته ان کي ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر مصري اسرائيلي کي ڇڏڻ لاءِ اصل تيار نه هو. ان تي حضرت موسيٰ عليه السلام سخت ڪاوڙ ۾ اچي مصري کي اهڙي ته مُڪَ هنئي جو هو پَڙ تي مري پيو هن اوچتي خون سرزد ٿيڻ تي حضرت

موسيٰ کي سخت افسوس ٿيو ۽ الله تعاليٰ جي حضور ۾ سر بسجود ٿي معافي لاءِ ٻاڏائڻ لڳو ۽ رب رحيم کيس مغفرت عطا ڪئي. هوڏانهن مصري جي قتل جي خبر عام ٿي وئي، پر قاتل جي ڪا بہ خبر ڪانہ پئي. اتفاقاً ٻئي ڏينهن بہ شهر ۾ گهمندي حضرت موسيٰ ڪلهوڪي ساڳي اسرائيلي کي هڪڙي قبطي هٿان ڪٽجندي ڏٺو تہ کيس ڇڙٻيو پر ملامت ڪندي چيائينس تہ تون بہ وڏو فسادي آهين. جنهن تنهن سان اصل وڙهيو پيو آهين. اسرائيلي اهي لفظ ٻڌندي ۽ حضرت موسيٰ جو هٿ پاڻ ڏانهن ڪڄندي ڏٺو تہ ڊپ ۾ وڪوڙجي ويو ۽ جواب ۾ چيائين تہ تون ڪالهوڪي مصريءَ وانگر مون کي بہ مارڻ ٿو چاهين ڇا؟ اها ڳالهہ ٻڌڻ شرط مصريءَ وڃي حقيقت فرعون تائين پهچائي تہ ڪالهوڪو خون حضرت موسيٰ ڪيو هو. ان خبر جي تصديق ڪانپوءِ فرعون حضرت موسيٰ جي گرفتاريءَ جو حڪم ڏنو. ان ميڙ ۾ موجود حضرت موسيٰ کي دلي طور پانئيندڙ هڪڙي معزز مصري شخص جڏهن اهو حڪم ٻڌو تہ هڪدم سيني ماڻهن کان اڳ دربار مان نڪري وڃي حضرت موسيٰ کي سارو احوال ٻڌايو ۽ صلاح ڏني تہ في الحال مصرين کان پاڻ بچائي ڪنهن محفوظ هنڌ تي وڃي گذار. حضرت موسيٰ عليہ السلام سندس صلاح قبولي مدين جي علائقي ڏانهن روانو ٿي ويو. جيڪو مصر کان اٺن منزلن جي مفاصلي تي هو. هتي جا رهاڪو حضرت اسحاق عليہ السلام جي پٽ مدين جو اولاد هئا. خوف ۽ هراس ۾ فرار ٿيندي حضرت موسيٰ عليہ السلام جا پير اگهاڙا هئا جيڪي هن اڙانگي سفر ڪري ڦٽجي پيا. هن علائقي ۾ پهچڻ سان کيس هڪ کوهہ وٽ ڪافي ماڻهو ڏسڻ ۾ آيا جيڪي پنهنجي مال کي پاڻي پياري رهيا هئا. ڪجهہ پريرو بہ ڇوڪريون پنهنجي ڌڻ سان بيٺيون هيون. حضرت موسيٰ عليہ السلام جي پُڇڻ تي ٻنهي پيئرن ٻڌايو تہ اسين ڪمزور ۽ مجبور آهيون. تنهنڪري هي ڏاڍا ۽ ظالم ماڻهو پهرين پنهنجي جانورن کي پاڻي پياريندا آهن. اسان کي سيني کان پڇاڙيءَ ۾ وارو ملندو آهي. اسان جو پيءُ نهايت ڪراڙو ۽ ضعيف آهي. جيڪو هنن جابر ماڻهن سان مقابلو نٿو ڪري سگهي. هيءَ حقيقت ٻڌڻ شرط موسيٰ عليہ السلام کي ڇوڪرين تي ڏاڍي ڪهل آئي ۽ همٿ ڪري ماڻهن کان زوريءَ وارو وٺي حوض پاڻيءَ سان ڀري سندن رڍن کي پاڻي پياري کين اطمينان سان روانو ڪيو. ڇوڪرين جو سوير گهر پهچڻ تي سندن پيءُ ڪانئن سبب پڇيو تہ هنن مذڪوره حقيقت کان کيس واقف ڪيو. جنهن تي پرٽي مڙس پنهنجي وڏيءَ ڌيءَ کي کيس گهر وٺي اچڻ لاءِ موڪليو. هوڏانهن حضرت موسيٰ عليہ السلام غريب الوطني ۽ ڪسمپرسيءَ کان نجات ڏيارڻ لاءِ الله تعاليٰ کان دعا گهري بس ڪئي تہ ترت مذڪور ڇوڪري اچي وٽس پهتي ۽ گهر هلڻ لاءِ پٽس جو نياپو ڏنائين. ان کي رب جي رضا سمجهي پاڻ ساڻس گڏجي سندن گهر ويو ۽ ان بزرگ سان ملاقات ڪئي. پير مرد کيس خوش ٿي کيڪاري ماني کارائي پوءِ ڪانئس اطيمنان سان احوال ورتو. حضرت موسيٰ کيس پنهنجي مڪمل ڪهاڻي ٻڌائي. جنهن متاثر ٿيندي کيس آٿت ڏني ۽ چيو تہ هتي تون ظالم مصرين جي چنبي کان بلڪل آزاد آهين. تنهن لاءِ رب تعاليٰ جو شڪرانو ادا ڪر. هنن جي گفتگو دوران وڏي ڇوڪريءَ پيءُ کي چيو تہ پنهنجي مهمان کي پنهنجي مال چارڻ ۽ پاڻي پيارڻ لاءِ مقرر ڪريو ڇو تہ هي پهلوان ۽ ايماندار آهي. پير مرد ڌيءَ جي صلاح موجب اٺن سالن تائين مال چارڻ جي عيوض موسيٰ عليہ اسلام سان پرڻائي ڇڏيو. انهيءَ ڇوڪري جو نالو صفوره هو. سندس والد يعني حضرت موسيٰ عليہ السلام جي سهري جو نالو يثرون يا يٿرو هو. مدين جي واديءَ ۾ سندس سهري وٽ حضرت

موسيٰ عليه السلام ويهارو کن سالن تائين رهيو. هڪڙي ڏينهن پنهنجي ڪٽنب سميت مال چاريندو.مدين کان ڪافي پري تائين پٽڪي ويو ۽ رات پئجي وئي ته سينا جبل جي ويجهو ترسي پيو جت ٿڌ هئڻ سبب ڪيس باهه جي ضرورت ٿي ته چقمق سان باهه ٻارڻ جي ڪوشش ڪئي, پر ڪامياب نه ٿيو. انهي وقت ڪيس سامهون واري واديءَ ۾ ڪجهه روشني ڏسڻ ۾ آئي. جنهن تي پنهنجي گهر واريءَ کي مال وٽ ويهاري پاڻ باهه جي انتظام ۽ ڏسِ وٺڻ لاءِ انهي روشنيءَ ڏانهن ويو. ويجهو اچڻ سان ڏٺائين ته آهي ته يقيناً باهه پر عجب آهي ته وڻ کي چو نه ٿي ساڙي! حقيقت ڄاڻڻ لاءِ اڃا ٻه ڪجهه ويجهو ويو ته انهيءَ باهه واري ٻوٽي مان آواز آيو ته خبردار ويجهو نه اچ. پنهنجي جُتي لاهي ڇڏ. ڇو ته تون طويٰ جي مقدس واديءَ ۾ بيٺو آهين. هيءَ باهه نه پر آئون آهيان يعني الله, ٻنهي جهانن جو خالق ۽ مالڪ. ڏس مون توکي پنهنجي رسالت لاءِ چونڊيو آهي. هاڻي جيڪي ڪجهه وَحِي ڪيو وڃي تون ان کي ڌيان سان ٻُڌ. الله پاڪ جو اهو ڪلام ٻڌي هو حيرت ۽ بي انتها خوشيءَ سبب خاموش ٿي بيهي



رهيو ته الله تعاليٰ ڪانئس پڇيو ته تنهنجي ساڄي هٿ ۾ ڇا آهي؟ جواب ڏنائين ته هيءَ منهنجي لٺ آهي. الله تعاليٰ فرمايو ته اي! موسيٰ پنهنجي لٺ زمين تي اڇلاءِموسيٰ ا عليه السلام ائين ڪيو ته لٺ نانگ بنجي ڊوڙڻ لڳي. حضرت موسيٰ عليه السلام هي لقاء ڏسي گهبرائجي پوئتي هٽڻ لڳو. ته الله پاڪ فرمايو ته خوف نه ڪر ان کي پڪڙي وٺ. اسان ان کي ساڳئي اصل حالت ۾ آڻينداسين. الله پاڪ طرفان ڏڍ ڏيڻ تي همٿ ڪري هن نانگ پڪڙيو ته اهو اصلوڪي لٺ ۾ تبديل ٿي ويو. الله سبحان و تعاليٰ هٿ بغل ۾ رکي ٻاهر ڪيڻ سان اهو روشن

تاري وانگر چمڪڻ وارو ٻيو معجزو بہ موسيٰ عليه السلام کي عطا ڪيو ۽ کيس حڪم ڪيائين تہ تون مصر وڃي فرعون ۽ ان جي قوم کي هدايت واري راهہ ڏيکار. جن غرور ۽ جبر سان بني اسرائيلين کي غلام بنائي رکيو آهي. تن کي نجات ڏيار. حضرت موسيٰ عليه السلام الله پاڪ کي عرض ڪيو تہ يا رب مون هڪڙي مصري کي قتل ڪيو هو. جنهن جي سزا طور مون کي مارڻ گهريائون پر آئون اتان فرار ٿي اچي هتي رهڻ لڳس. هاڻي اوڏانهن واپس وڃڻ تي شايد هو مون کي ماري ڇڏين. ٻيو تہ منهنجي زبان گفتگوءَ ۾ اٽڪي ٿي، انهيءَ لاءِ منهنجي ڀاءُ هارون کي پڻ مون کي سونپيل ڪم ۾ شريڪ ڪر، ڇو تہ هو مون کان وڌيڪ فصيح بيان آهي. رب پاڪ کيس ڏڍ ڏئي فرمايو تہ تنهنجو عرض قبول ڪندي تنهنجي ڀاءُ هارون کي بہ تنهنجو ساٿي ۽ مددگار مقرر ڪجي ٿو فرعون ۽ سندس قوم کي حق جي دعوت ڏيڻ وقت نَرم ۽ شائستہ گفتگو ڪجو.

حضرت موسيٰ عليه السلام رب پاڪ سان هم ڪلام ٿي نبوت جي اعليٰ منصب سان نوازجي فرعون ۽ سندس قوم کي الله تعاليٰ جو حق وارو پيغام پهچائڻ ۽ بني اسرائيل کي فرعون کان آزاد ڪرائي واعدو ڪيل سرزمين ۾ پهچائڻ لاءِ هڪ عظيم نصب العين سان معمور ٿي مقدس واديءَ کان ٻاهر اچي پنهنجي گهر واريءَ کي ساڻ ڪري پنهنجي سهري وٽ آيو ۽ پنهنجي مائٽن سان ملڻ لاءِ مصر وڃڻ جي اجازت گهري، جيڪا هن کيس خوشيءَ سان ڏني. اهڙي ريت هو منزلون ڪندو اچي مصر پهتو. ان وقت رات ٿي چڪي هئي، هو هڪ مسافر جي حيثيت ۾ پنهنجي گهر پهتو. سندس ماءُ سندس خاطر تواضع ڪئي. انهيءَ کان پوءِ حضرت هارون بہ اچي پهتو جنهن کي الله تعاليٰ هتي پهچڻ کان اڳي وحي زريعي نبوت سان نوازيو ۽ پنهنجي ڀاءُ حضرت موسيٰ عليه السلام جو ساٿي ۽ مددگار ڪري موڪليو. ٻئي ڀائر ڏاڍي اُڪير سان مليا ۽ ماءُ کي سربستو احوال ٻڌايو. جنهن پنهنجي مامتا سبب کين ظالم حاڪم ڏانهن وڃڻ کان روڪيو تہ مبادا هو کين مارائي ڇڏي. پر هو ٻئي ڀائر اللہتعاليٰ ؛ جي حڪم جي پيروي ڪندي فرعون جي دربار ۾پهچي، فرعون سان مخاطب ٿيا ۽





فرمايائون تہ اي! فرعون اسان کي الله پاڪ پنهنجا پيغمبر بنائي توڏانهن ٻن ڳالهين جي نسبت موڪليو آهي. اول هيءَ تون الله تعاليٰ تي ايمان آڻ ۽ ٻئي ڪنهن بہ هستيءَ کي ان سان شريڪ نہ ڪر. ٻيو هي تہ تون پنهنجي رعيت تي ظلم ڪرڻ ختم ڪر ۽ بني اسرائيل کي پنهنجي غلاميءَ کان آزاد ڪر. اسان جي سچائي پرکڻ لاءِ الله تعاليٰ اسان کي ٻہ معجزا پڻ عطا ڪيا آهن. ان ڪري تنهنجي لاءِ بهتر آهي تہ تون رب پاڪ جو هي توحيد ۽ حق وارو پيغام قبول ڪندي بني اسرائيل کي آزادي ڏي.اسين ڪين پيغمبرن واري مقدس سرزمين تي پهچايون جتي هو واحد خدا جي عبادت ڪن، جيڪو سندن ورثو آهي.

فرعون هي بيان ٻڌڻ کان پوءِ ڌيڄاريندي چيو تہ اي موسيٰ عليه السلام اڄ تون پيغمبر بنجي مون کان بني اسرائيل جي آزاديءَ جو مطالبو ٿو ڪرين، تون منهنجي گهر ۾ پليو هئينءِ هڪڙي مصريءَ کي ماري هتان ڀڄي وئين. اهي ڳالهيون تو وساري ڇڏيون ڇا. موسيٰ عليه السلام فرمايو تہ تون صحيح ٿو چوين، پراهو رب العالمين جو ڪرشمو هو تہ منهنجي پرورش تنهنجي گهراڻي ۾ ٿي. پوءِ سڀ کان وڏي نعمت يعني نبوت سان نوازيو ويس. پر اهو تہ انصاف ڪونهي تہ هڪڙي اسرائيلي جي پالنا عيوض تون سيني اسرائيلين کي غلام ڪري رکين. فرعون پڇيو تہ جهانن جو پالڻهار ڇاکي چئبو آهي ۽ حضرت موسيٰ عليه السلام جواب ڏنو تہ اهو ئي جيڪو آسمانن ۽ زمين ۽ جيڪي ڪجهہ انهن جي وچ ۾ آهي تنهنجو پالڻهار آهي. توهان جو ۽ توهان جي ابن ڏاڏن جو بہ پاليندڙ اهو ئي هڪڙو خدا تعاليٰ آهي. حضرت موسيٰ عليه السلام چيو تہ عبادت جي لائق فقط الله پاڪ جي ذات اقدس آهي. جيڪو جهانن جو خالق ۽ مالڪ آهي. ڪنهن بہ انسان جي

خدائي جي دعوىٰ سنگين شرڪ آهي. اي فرعون تون ان ڪان باز اچ. اسان تي وحي نازل ڪري توهان وٽ حق جو پيغام پهچائڻ لاءِ حڪم ڪيو ويو آهي. انهيءَ ڪان مُنهن موڙيندڙ ۽ ان جي ابتڙ عمل ڪندڙ قدرتي عذاب جو مستحق ٿيندو.

موسيٰ عليه السلام سندس ڀاءُ هارون عليه السلام ۽ فرعون جي وچ ۾ مناظرن جو سلسلو چالو ٿي ويو. فرعون موسيٰ عليه السلام کي چيو ته جيڪڏهن تو مون کان سواءِ ڪنهن ٻئي کي معبود سڏيو ته آئون توکي قيد ڪندس. حضرت موسيٰ ورائيس ته انهيءَ خالق اڪبر جا ته مون وٽ پڪا ثبوت موجود آهن.فرعون چيو ته جيڪڏهن تون سچو آهين ته اهي نشان ڏيکار. انهيءَ تي حضرت موسيٰ عليه السلام ڀريل دربار جي وچ تي فرعون جي سامهون پنهنجي لٺ زمين تي اڇلائي ته اها نانگ ۾ بدلجي وئي. موسيٰ عليه السلام جڏهن ان کي پُڇ مان جهليو ته اها اصل شڪل ۾ يعني لٺ ٿي پئي. پوءِ حضرت موسيٰ عليه السلام پنهنجو هٿ بغل ۾ رکي ٻاهر ڪڍيو ته اهو روشن ستاري جيان چمڪڻ لڳو.اهو ٻيو معجزو هو.

اهي معجزا ڏسي فرعون ۽ سندس درباري هراسجي ويا. فرعون چيو ته اي موسيٰ عليه السلام ڇاتون پنهنجي جادوءَ سان اسان کي پنهنجي ملڪ مان ڪڍڻ آيو آهين؟ توکي اسان جي جادوگرن سان مقابلو ڪرڻو پوندو. حضرت موسيٰ عليه السلام اهو قبول ڪيو ۽ چيو ته اهو مقابلو ڀلي مصرين جي وفاء النيل واري عيد جي ڏينهن ٿئي. عيد جي ڏينهن جشن جي ميدان ۾ هي مقابلو ڏسڻ لاءِ دربار لڳي، جتي سمورا خاص توڙي عام ماڻهو اچي گڏ ٿيا. فرعون جي گهرايل جادوگرن فرعون کان فتح جي صورت ۾ انعام جو وعدو ورتي حضرت



موسيٰ عليه السلام ڏانهن ڏيان ڏنو. انهيءَ وقت حضرت موسيٰ عليه السلام سموري مجموعي کي حق جي تبليغ ڪندي فرمايو تہ افسوس آهي.اوهان جي حال تي جو اوهان اسان کي جادوگر سمجهو ٿا ۽ الله پاڪ تي ڪوڙو الزام ٿا هڻو. بهتان مڙهيندڙن کي الله تعاليٰ نابود ڪري ڇڏيندو آهي. ماڻهن اها ڳالهہ ٻڌي تہ پاڻ ۾ سُس پُس ڪرڻ لڳا. جادوگرن مقابلي لاءِ اسرار ڪيو تہ موسيٰ عليه السلام کين چيو تہ شروعات توهان ڪريو. اهو ٻڌي هنن پنهنجون رسيون ۽ لٺيون زمين تي اڇلايون تہ اهي نانگن جو ڏيک ڏيڻ لڳيون, انهن کي ڏسي موسيٰ عليه السلام ڪجهہ دلگير ٿيو پر الله پاڪ کيس وحي وسيلي ڏڍ ڏنو تہ گهبراءِ نہ تون ئي ڪامياب ٿيندين تڏهن پاڻ پنهنجي لٺ ميدان ۾ اڇلائي تہ اها هڪ وڏي نانگ جي صورت ۾ جادوگرن وارن نانگن کي ڳيهڻ لڳي ۽ سمورو ميدان صاف ڪري ڇڏيائين. هن لقاءَ کان سمورو مجموعو متاثر ٿيو ۽ جادوگرن مجلس جي اڳيان فرعون کي چيو تہ موسيٰ عليه السلام جو هي ڪم جادوءَ کان مٿي الله پاڪ جو ڏنل معجزو آهي ۽ فوراً سجدي ۾ ڪري پيا. ۽ چيو تہ اسان موسيٰ عليه السلام ۽ هارون عليه السلام جي خدا تي ايمان آندو چو تہ اهو ئي جهانن جو پالڻهار آهي. انهيءَ تي فرعون جادوگرن کي دڙڪائيندي چيو تہ توهان منهنجي اجازت کانسواءِ موسيٰ عليه السلام ۽ هارون عليه السلام جي خدا تي ايمان آندو. اها توهان جي سازش آهي. جنهن لاءِ توهان کي ضرور سزا ڏيندس. جادوگرن فرعون کي جواب ڏنو تہ الله پاڪ جون ظاهر نشانيون اسان کي پهتيون. اسان کي اميد آهي تہ هو اسان جا گناهہ معاف ڪندو, چو تہ اسين هتي پهريان ايمان آڻيندڙ آهيون. اهڙي طرح جڏهن ڪجهہ ماڻهن حضرت موسيٰ عليه السلام ۽ حضرت هارون عليه السلام تي ايمان آندو تہ فرعون ۽ درباري امير پريشان ٿيندي مومنن ۽ بني اسرائيلين تي وڌيڪ ظلم ڪرڻ لڳا ۽ سندن پٽاٽي اولاد کي وري مارڻ جو اعلان ڪيائون. هن صورتحال موجب حضرت موسيٰ عليه السلام مومنن کي صبر ۽ شڪر ڪرڻ ۽ الله پاڪ تي پورو يقين ڪرڻ جي تلقين ڪئي ۽ کين پنهنجي گهرن ۾ عبادت ڪرڻ جو حڪم ڪيو ۽ کين تسلي ڏني تہ گهبرايو نہ, الله پاڪ جو وعدو سچو آهي, نيٺ توهان ڪامياب ۽ توهان جا دشمن تباهہ ٿي ويندا.

ٻئي طرف فرعون جي حڪم سان اسرائيلين جا پُٽ قتل ٿيڻ لڳا ۽ موسيٰ عليه السلام جي خلاف پرچار ٿيڻ لڳو. تڏهن موسيٰ عليه السلام الله پاڪ کي تدارڪ لاءِ عرض ڪيو اُنهيءَ تي ڏٺي تعاليٰ مختلف صورتن ۾ مصرين تي قهر نازل ڪيو. سڀ کان پهريائين الله تعاليٰ سندن ندين ۽ ڍنڍن توڙي چشمن جو پاڻي خراب ڪري ڇڏيو. جيڪو بيمارين جو باعث بڻيو. تڏهن فرعون وارن حضرت موسيٰ وٽ اچي عاجزي ڪئي تہ پنهنجي پالڻهار کي چئي هي عذاب ٽار تہ اسين سندس اطاعت ڪنداسين. حضرت موسيٰ عليه السلام جي دعا گهرڻ سان پاڻي صاف ٿي ويو پر مصرين سرڪشي ۽ ظلم برقرار رکيو. مشيت ايزديءَ موجب پوءِ اهل مصر تي هڪٻئي پويان ڏڪار طوفان,جُونئين, ڏيڏرن ۽ مڪڙن جي طوفان وارا عذاب نازل ٿيندا رهيا. هر عذاب جي نزول سان حضرت موسيٰ عليه السلام کي اچي منٿ ڪندا هئا تہ اسين توبه تائب ٿا ٿيون. هن کان پوءِ اسين ڪو بہ ظلم ڪو نہ ڪنداسين. اسان تان هي عذاب ختم ڪراءِ. جڏهن اهو عذاب ختم ٿيندو هو تہ اهي وري بہ ڦري ظلم ڪرڻ لڳندا هئا. تنهنڪري رب تعاليٰ سندن ۽ سندن چوپاين جانورن جي پهرين پٽاٽي اولاد ۾ موت برپا ڪيو. خود فرعون جو پٽ بہ مري پيو. تڏهن لاچار ٿي فرعون بني اسرائيل کي پنهنجي وطن وڃڻ جي موڪل ڏني

پر جڏهن موسيٰ عليه السلام ۽ هارون عليه السلام پنهنجي ماڻهن کي وٺي روانا ٿيا تنهن کان پوءِ درٻارين کين واپس موٽائڻ لاءِ فرعون کي ڀڙڪائي سندس اڱواٽيءَ ۾ سندن پويان وڏو لشڪر چاڙهي موڪليو. حضرت موسيٰ عليه السلام ۽ حضرت هارون عليه السلام پنهنجي ماڻهن سان خشڪي جي رستي کي ڇڏي ڳاڙهي سمنڊ واري رستي ڏانهن روانا ٿيا هئا تڏهن توريت موجب سندن تعداد ڇهه لک کن هو. پر اڪثر محققين موجب اهو پندرهن هزارن کان مٿي ڪو نه هو. صبح جي وقت هنن ڏٺو ته فرعون جو لشڪر مٿان اچي ڪڙڪيو آهي ته هي گهٻرائجي ويا ۽ حضرت موسيٰ عليه السلام سان ڪاوڙ ڪري شڪايت ڪرڻ لڳا ته رڻ ۾ مرڻ کان مصرين



جي خدمت ڪرڻ بهتر هو. تون اسان کي اجايو رڻ ۾ رولي مارڻ وٺي آئين. انهيءَ تي حضرت موسيٰ عليه السلام کين يقين ڏياريندي فرمايو ته توهان هرگز نه ڊڄو الله تعاليٰ جل شانه جو وعدو بلڪل سچو آهي. اهو توهان کي مصرين جي ظلم مان ضرور آجو ڪندو. پوءِ ڌڻيءَ جي خدمت ۾ مدد لاءِ دعا گهري. قادر ڪريم وحي وسيلي موسيٰ عليه السلام کي حڪم ڪيو ته پنهنجي لٺ پاڻيءَ تي هڻ ته اهو پاسن تي هٽي وڃي ۽ وچ ۾ خشڪ رستو نڪري اچي.مالڪ مهربان جي حڪم موجب حضرت موسيٰ عليه السلام سمنڊ جي پاڻي تي لٺ هنئي ته پاڻي جدا ٿي ٻنهي پاسن تي پهاڙن وانگر ٿي بيٺو ۽ وچ ۾ رستو ٺهي ويو. تڏهن حضرت موسيٰ عليه السلام جي حڪم سان سمورا بني اسرائيلي پنهنجي جانورن سميت انهيءَ رستي تان هلندي سمنڊ جي پرئين اُڀرندي ڪناري تي باسلامت پهچي ويا. مصرين اهو لقاءُ ڏٺو ته اهي به بني اسرائيلين جي پويان سمنڊ ۾ لهي پيا، پر جڏهن اهي سمورا سمنڊ ۾ داخل ٿيا ته ڌڻيءَ جي قدرت سان ڀتين جيان بيٺل پاڻي پنهنجي اصلوڪي صورت اختيار ڪري فرعون سميت مصري لشڪر کي ٻوڙي ڇڏيو ۽ انهن مان ڪو هڪ به زنده ڪو نه بچيو. اسرائيلين جڏهن الله پاڪ جو اهو عظيم ڪرشمو پنهنجي تجربي سان ڏٺو ته اهي الله پاڪ کان ڊنا ۽ انهيءَ جي هستيءَ ۾ سندس پيغمبروسيٰ ا عليه السلام ۽ حضرت هارون عليه السلام تي ايمان آندو.

بني اسرائيلي ٻاڙهو سمنڊ پار ڪري جنهن علائقي ۾ اچي پهتا هئا اهو رڻپٽ هو جت سخت گرمي ٿيندي هئي ۽ ڪا ساوڪ ۽ پاڻي عدم موجود هو. هن صورتحال تي سخت پريشان ٿي اهي شڪايت ڪرڻ لڳا ته اسان هتي اڃ ئي تڙپي مري وينداسين. انهيءَ لاءِ حضرت موسيٰ عليه السلام پٿر کي لٺ هڻئي ته انهيءَ مان ٻارهن چشما پيدا ٿيا. جيڪي هنن ٻارهن قبيلن جي تصرف ۾ اچڻ لڳا. هاڻي وري هنن کاڌي جي اٽاٽ جي شڪايت ڪئي ته حضرت موسيٰ عليه السلام جي دعا گهرڻ سان الله پاڪ آسمان مان برسات جي صورت ۾ کين "من" يعني مِنو حَلِوو مهيا ڪيو. ڏينهن جو تيز هوا سبب ٻٽير پکين جا ڪئين ولر اچي هنن اڳيان زمين تي لهندا هئا، جن کي جهلي رڌي کائڻ لڳا. سلويٰ انهن پکين کي سڏيو ويو.

هن کان پوءِ بني اسرائيلي گرميءَ ۽ گهر نه هئڻ جي شڪايت ڪرڻ لڳا. حضرت موسيٰ عليه السلام الله پاڪ کان وري دعا گهري ته اها به الله پاڪ قبول ڪئي ۽ بني اسرائيلين تي ڪڪرن جي ڇانوَ ڪري ڇڏي.




اهي جيڏانهن به ويندا هئا ته انهن جي مٿان ڪڪر موجود هوندا هئا. نبين جي اولاد هجڻ جي باوجود ڪئين صدين جي غلاميءَ اسرائيلي قوم کي سُست، بزدل ۽ ناشڪر بنائي ڇڏيو. الله تعاليٰ جي طرفان هيترن احسانن ۽نعمتن نازل ڪرڻ جي باوجود هيءَ قوم نهايت ناشڪر، بي صبر ۽ بي ايمان ٿي رهي.

اعتڪاف لاءِ وڃڻ کان اڳ حضرت موسيٰ عليه السلام پنهنجي ڀاءُ حضرت هارون عليه السلام کي سندس قوم جو منتظم مقرر ڪري

ويو. پاڻ "طور" جبل تي وڃي چاليهن ڏينهن جو اعتڪاف مڪمل ڪيو جنهن دوران هن روزا رکيا. چلو پورو ٿيڻ تي الله پاڪ کيس گفتگو جو شرف بخشيو ته هي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ عرض ڪيائين ته اي مهربان مالڪ مونکي پنهنجي ديدار سان نواز. الله پاڪ فرمايو ته اي موسيٰ عليه السلام تون منهنجي مشاهدي کي برداشت ڪري نه سگهندين. چڱو آئون پنهنجي تجلي پهاڙ تي ظاهر ڪريان ٿو. اهو جيڪڏهن تجلي برداشت ڪري ويو ته پوءِ توکي مشاهدو ڪرائيندس. ائين رب پاڪ پنهنجي تجلي جبل تي ظاهر ڪئي ته جبل جو اهو سمورو پاڱو سڙي ذرا ذرا ٿي ويو. حضرت موسيٰ عليه السلام هن لقاءُ جو تاب نه سهي بيهوش ٿي ڪري پيو. جڏهن هوش ۾ آيو ته الله پاڪ جي حمد ۽ ثنا ڪئي ۽ چيائين ته مان ميجان ٿو ته موليٰ سائين تون پاڪ آهين. آئون عجز ۽ انڪساري ڪريان ٿو. انهيءَ کان پوءِ موسيٰ عليه السلام کي توريت جو صحيفو عطا ڪيو ويو ۽ الله پاڪ فرمايو ته هن ڪتاب ۾ توهان جي ديني توڙي دنياوي عملن ۽ مقصدن جو تفصيل موجود آهي. اها ئي منهنجي شريعت آهي. جنهن وقت حضرت موسيٰ عليه السلام "طور" جبل تي اعتڪاف ۾ مشغول هو. انهيءَ وقت بني اسرائيلين ۾ موجود هڪ شخص سامري، ماڻهن کي پنيلائي ڪانئن سون چاندي وٺي ڪين گابي جو بت ناهي ڏنو ۽ چيو ته حضرت موسيٰ جي طورسينا واري خدا کان اوهان کي هي خدا وڌيڪ ويجهو آهي. حضرت هارون عليه السلام



جي سخت مخالفت جي باوجود بني اسرائيلي انهيءَ جي پوڄا ڪرڻ لڳا. جڏهن حضرت موسيٰ موٽي اچي ڪين ڳابي جي پوڄا ڪندو ڏٺو تہ سخت ڪاوڙ ڪئي ۽ حضرت هارون عليه السلام تي سخت تنقيد ڪئي تہ هن ڪفر جي ڪم ڪرڻ کان هنن کي ڇو نہ روڪيو؟ حضرت هارون حقيقت بيان ڪئي تہ سامري هنن کي ڀنيلائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. منهنجي مخالفت سبب مون کي قتل ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويا. ان ڪري تنهنجي واپسيءَ تائين آئون مجبوراً خاموش رهيس. بني اسرائيلين عذر پيش ڪيو تہ اسان وٽ ڪافرن جو مال هو. جيڪو سامريءَ کي ڏنوسين. تنهن انهيءَ مان معبود تيار ڪيو. حضرت موسيٰ عليه السلام کي سامري ٻڌايو تہ ڳاڙهو سمنڊ اڪرڻ دوران بني اسرائيلين ۽ مصرين جي وچ ۾ حضرت جبرائيل هلي رهيو هو. جيئن تہ مصري بني اسرائيلين کي رَسي نہ سگهن. اُن وقت مون انهيءَ جي پيرن واري مِٽي کنئي هئي، جنهن سان هي معبود تيار ڪيم. حضرت موسيٰ کيس چيو تہ بيشڪ تو لاءِ جيڏي هيءَ سزا آهي تہ تون هميشہ ڇوندو رهندين تہ مون کي هٿ نہ لڳايو. بني اسرائيلين کي سخت ملامت ڪندي چيائين تہ الله تعاليٰ جي هيترين سارين نعمتن کي وساري انهيءَ جي خلاف ڳابي جي پوڄا ڪرڻ ۾ اوهان کي ڇا حاصل ٿيو؟ حضرت موسيٰ عليه السلام ڪين سخت تنبيهہ ڪندي چيو تہ توهان جو ۽ ساري جهان جو معبود فقط الله پاڪ آهي. ان کانسواءِ ٻي ڪا بہ شئي يا هستي عبادت جي لائق ڪانهي. حضرت موسيٰ عليه السلام جڏهن الله تعاليٰ جي حضور ۾ هيءَ حقيقت عرض ڪئي تہ رب العالمين فرمايو تہ ڳابي جي پوڄا ڪندڙن لاءِ سزا آهي تہ اهي پاڻ کي ڪُهن. مجبوراً هزارين اسرائيلين سزا طور هڪ ٻئي کي ڪُنو تنهن تي حضرت موسيٰ عليه السلام ڏٽي تعاليٰ جي خدمت ۾ معافي لاءِ عرض ڪيو جيڪو قبول ڪري باقي ماڻهن کي معافي ڏني وئي.

حضرت موسيٰ کي عطا ڪيل صحيفي تورات جو پهريون فرمان توحيد تي ايمان ۽ بت ناهڻ ۽ پوڄڻ تي بندش بابت هو. سحر يا جادو ۽ ٻين غير اخلاقي ۽ غير ديني مقصدن لاءِ الله تعاليٰ جو نالو استعمال ڪرڻ تي پڻ بندش لڳائي وئي. قتل،زنا، چوري، ڪوڙ لالچ ۽ لوڀ معاشري کي خراب ۽ تباهہ ڪندڙ اعمال هئڻ سبب حرام قرار ڏنا ويا. تورات ۾ يتيمن، بيواهن، مسافرن ۽ مسڪينن سان انصاف ۽ حق رسائي لاءِ پڻ احڪام موجود هئا.

مذڪور شريعت موجب معاشري جي جوڙجڪ ڪئي وئي ۽ خلاف ورزيءَ جي تدارڪ لاءِ عدالتي نظام وضح ڪيو ويو. حضرت موسيٰ عليه السلام بني اسرائيلين جي نهايت نافرمان قوم کي هدايت ۽ نصيحت ۾ گذاريندي جڏهن هڪ سئوويهہ سالن جي عمر کي رسيو تہ حضرت عزرائيل عليه السلام انساني روپ ۾ حاضر ٿي حضرت موسيٰ عليه السلام کي چيو تہ ڏٽيءَ طرفان_ اَجَلَ جو حڪم قبول ڪيو. حضرت موسيٰ عليه السلام ننولي پائيندي کيس چماٽ هنئي. فرشتي الله پاڪ وٽ حقيقت بيان ڪئي جنهن کيس ٻيهر چوائي موڪليو تہ تنهنجي عمر ڪئين سال وڌائي سگهجي ٿي، پر نيٺ موت جو مزو چکڻو پوندو. ان احوال موجب حضرت موسيٰ عليه السلام موت کي لبيڪ چئي پنهنجا پساهہ پرور کي سپرد ڪيا، سندس قبر ريحا جي ڳوٺ ۾ واقع هئي، جيڪو مقدس واديءَ ۾ موجود آهي.

⑧



# سقراط جي خلاف مقدمون

سن 399 قبل مسيح ۾ يونان جي آٿينس واري شهري رياست جي رهاڪو عظيم فيلسوف سقراط جي خلاف اٿينس جي ماڻهن مقدمون داخل ڪرايو. جنهن ۾ مٿس دين جي بي حرمتي ڪرڻ ۽ اٿينس جي نوجوان نسل کي بدعنوان بنائڻ جا ٻہ الزام لڳايا ويا هئا. اٿينس جي ماڻهن جو چوڻ هو تہ سقراط اٿينس واري مندر وارن ديوتائن کي رد ڪري ۽ نوجوان نسل کي سندس ايجاد ڪيل نون ديوتائن سان روشناس پيو ڪرائي. اٿينس جي عدالت فيصلي جي وضاحت ڪندي بيان ڪيو تہ سقراط جو موت، سندس شاگردن طرفان ڪائنس سياسيات ۽ فلسفي بابت پڇيل سوالن جي جوابن مان پڌرا ٿيل سندس ڪيل ٻن ڏوهن جو قانوني نتيجو هو. سندس هڪ ڏوهہ اهو ثابت ٿيو تہ هن اٿينس واري مندر وارن سڀني ديوتائن کي نٺي مڃيو ۽ رد ڪيو هو. ٻيو ڏوهہ اهو ڏسڻ ۾ آيو تہ سقراط سندس ايجاد ڪيل نون ديوتائن کي قبول ڪرڻ ۽ مڃڻ لاءِ سندس شاگردن کي تلقين ڪئي ۽ کين اخلاقي بدعنواني سيکاري. ڀُڪن وسيلي چونڊيل عدالتي بينچ يعني ججن جي گروپ

جي اڪثريت ڪيس مٿي بيان ڪيل ٻن ڌوهن جو مرتڪب ڄاڻائي ڪيس سزا ڏيڻ وارو فيصلو ووٽ جي صورت ۾ ڏنو. پوءِ روايتي قانوني ڪارروائيءَ موجب انهن ججن سزا جي نوعيت جي سلسلي ۾ ووٽ وسيلي، ڪيس هميلاڪ نالي زهر پيئاري موت جي سزا ڏيڻ جو فيصلو ڪيو.

سقراط جي خلاف مقدمي ۽ ڪيس موت جي سزا ڏيڻ بابت معلومات جا بنيادي ماخذ سندس ٻن شاگردن جا لکيل مقالا آهن. پهريون مقالو "اپولاجي آف سوڪرِيٽسِ" جي عنوان تحت سندس شاگرد، افلاطون لکيو هو ۽ ٻيو مقالو "اپولاجي آف سوڪريٽسِ ٽو دي جُوري" جي عنوان هيٺ سندس شاگرد، زينو فون لکيو هو، جيڪو پڻ اٿينس شهر جو رهاڪو هو. سقراط واري مقدمي بابت هڪڙو مقالو "دِي ٽِرائيل آف سوڪِريٽسِ" جي عنوان سان، هڪ يوناني صحافيءَ آءِ-ايف-اِسٽون سن 1988ع ۾ لکي شايع ڪرايو ۽ ٻيو مقالو يونان جي آڳاٽي ادب تي عُبور رکندڙ جديد دانشور روبِن واٽر فِيلڊ، سن 2009ع ۾، "واءِ سوڪِرَيٽسِ ڊائِيڊ، ڊِسپيلِنگ دِي مِٿسِ" جي عنوان سان ڇپائي پڌرو ڪيو. اخلاقي بگاڙ ۽ ديوتائن کي نہ مڃڻ وارن ڌوهن جي الزام هيٺ مٿس عدالتي چاره جوئي ٿيڻ کان اڳ اٿينسِ جي ماڻهن وٽ هن جي سڃاڻپ هڪ دانشور ۽ تيز نقاد واري هئي. سن 423 قبل مسيح ۾، يونان جي هڪ ناٽڪ نويس اَرِسٽوفَينسِ "دي ڪلائوڊ" جي عنوان سان لکيل سندس هڪڙي مزاحيه ناٽڪ ۾ سقراط کي هڪڙو دليلن سان ڳالهيون ۽ مسئلا سمجهائڻ ۽ سُلجهائڻ وارو فيلسوف ڪري پيش ڪيو آهي، جيڪو هڪڙي نوجوان شخص نالي "فِيڊيپائيڊِس" کي سندس پيءُ سان اختلافن رکڻ ۽ ساڻس ٽڪرجڻ کي جائز قرار ڏيڻ وارا دليل گهڙڻ سيکاري ٿو. حقيقتن کي دليلن سان بدلائڻ ۽ بِگاڙڻ وارن الزامن کي سقراط رد ڪيو هو. پر اُن جي باوجود، ناٽڪ نويس ظاهر ٿو ڪري تہ اٿينس جا ماڻهو



سقراط جي ڏاهپ واري تعليمات کي اجائي دليل بازيءَ سان شامل ڪريو وينا هئا.۱ فيلسوفن جي حيثيت ۾ دليل بازيءَ تي پاڙيندڙ ماڻهو مبهم شهرت جا حامل، نڳن ۽ ڪُوبجَن جو ٽولو هئا، جيڪي پنجين صديءَ ق-م ڌاري يونان ۾ ظاهر ٿيا ۽ ماڻهن کي پورڙو ۽ بيوقوف بنائي خوب دولت ڪمائي. ماڻهن کي نيڪي سيکارڻ جي بهاني، حقيقت ۾ رڳو نڳي ۽ ڪوڙ تي مبني دليل بازي ۽ اٽڪل بازي جون ئي ترڪيبون سيکاريندا ۽ ۽غير اخلاقي افعالن جي اٽڪلن سٽڪلن جي پرچار ۾ رُڌل رهيا. دي ڪِلائوڊِس کان سواءِ، "دي واسِپس" نالي

ناٽڪ، جيڪو 422 ق-م ۾ شايع ٿيو. تنهن ۾ بہ مختلف نسلن جي وچ ۾ تڪرار جو نقشو هڪ پيرسن شخص ۽ هڪ نوجوان شخص جي وچ ۾ باهمي اختلاف جي صورت ۾ چٽيو ويو آهي. اٿينس جي ماڻهن جي پوڙهي نسل ۽ نوجوان نسل جي وچ، خصوصي طور 425 کان 415 ق-م واري ڏهاڪي دوران تڪرار ۽ اختلاف جو بنياد اٿينس طرفان سِسلي تي ٿيندڙ ڪاهہ هو. جنهن ۾ هڪ ڌِر ڪاهہ کي جائز ڄاڻتو تہ ٻيءَ ڌر ناجائز سمجهيو. اٿينس جي گهڻن ماڻهن دليل باز چالاڪ ماڻهن ۽ سقراط تي نوجوان نسل کي فنائيت، اخلاقي زوال ۽ سماج سان بي حيائي ۽ نترپائي وارو رويو اختيار ڪرڻ لاءِ تيار ڪرڻ جو الزام ڌريو. سقراط پنهنجو ڪو بہ دستاويز يا لکڻي پويان ڪانہ ڇڏي، پر سندس شاگرد ۽ سنگتيءَ افلاطون "سوڪرَيٽڪ ڊائلاگس" يعني "سقراط جا مقالما" جي نالي سان هڪ ڪتاب لکيو. تنهن ۾ هن سقراط کي سماج ۾ پيدا ٿيل نئين سوچ ۽ ان مطابق عمل جو طرفدار ۽ معاملي مداميءَ طور پيش ڪيو. ساڻس چٽاپيٽي ڪندڙ دقيانوسي دانشورن هڪ استاد جي حيثيت ۾ سقراط تي سخت ڪاوڙ ڪئي تہ سندس دليلن تي مبني امتحان جو طريقو ڏاڍو اُگرو ۽ اهڙو تہ مڇرائيندڙ آهي، جنهن سبب اهو ڏاهن ۽ نيڪ ماڻهن جي معتبريءَ کي للڪار جي صورت ۾ سامهون ٿئي ٿو. ڪنهن ناٽي ڪو شخص ڪٽي اها دعوي محسوس ڪري تہ سقراط پاڻ کي اٿينس جي عوام کي سجاڳ ۽ خبردار ڪرڻ واري شخص طور متعارف ڪرايو هو. پر اها حقيقت بہ غور طلب آهي تہ افلاطون طرفان سقراط جي بچاءَ ۾ يوناني لکڻي ۾ جيڪو مواد پيش ڪيو آهي، تنهن مان معلوم ٿو ٿئي، تہ حقيقت ۾ پنهنجي سڃاڻپ ڪرائڻ واسطي هن ڪڏهن بہ گيڊِفِلاءِ لفظ ڪم ڪونہ آندو هو. ۽ ڪجهہ قدر سندس حوالو پڻ محض هڪ ادبي رمز يا اشارو آهي جنهن ۾ هن بيان ڪيو آهي تہ هن پاڻ کي هن اٿينس جي شهر سان سلهاڙي رکيو آهي، تہ جيئن انهيءَ کي وقت سر غفلت جي ننڊ مان اٿارڻ واسطي ڏنگيان، (يعني ڊونڊاڙي سُجاڳ ڪريان) سقراط اها دعوي بہ ڪئي تہ پاڻ الله پاڪ جي طرفان اٿينس وارن کي سُوڪڙي ڪري ڏنل آهي اٿينسِ جو نوجوان طبقو اڪثر ڪري سقراط وارو دليل بازيءَ وارو طريقو اپنائڻ لڳو. اٿينس جي پيرسن دقيانوسي طبقي کي سقراط ۽ سندس ساٿين جي سياسي خيالن تي پڻ سخت ڪاوڙ هئي. انهيءَ ڪانسواءِ ٽيهن ظالم امير حاڪمن جي ٽولي سان سقراط جي تعلقات کي پڻ ٻين سببن سان گڏ ڳڻيو ويو جيڪي کيس موت جي سزا ڏيڻ واسطي غور هيٺ آيا هئا. ظالم اميرن جي ٽولي اٿينس تي سن 404 ق-م کان 403 ق-م تائين اٺ مهينا حڪومت ڪئي. انهيءَ دوران ڪيترائي مشهور ماڻهو سرڪار سان اختلافن هجڻ ڪري اٿينس مان لڏي ويا. زوين واٽر فيلڊ لکيو آهي تہ سقراط کي ٿيبس ۾ اچڻ تي بہ وڏو مان ملي ها، جتي سندس گهرا سنگتي موجود هئا. اٿينس کان ٻاهر بہ سقراط جا سُٺا ميزبان موجود هئڻ جي باوجود هن اٿينس ۾ ئي رهڻ کي ترجيح ڏني. واٽر فليڊ جي راءِ آهي تہ سقراط جي همعصر ماڻهن شايد ائين ٿي ڀانئيو تہ سقراط جو اٿينس ۾ ئي رهڻ ٽيهن ظالمن جي ٽولي سان همدرديءَ سبب ئي هو انهيءَ صورتحال ۾ غير جانبدار ڪونہ هو. ڪجهہ مخصوص موقعن تي سقراط ٽيهن ظالمن جي ٽولي جي خواهش جي مخالفت ڪئي هئي. افلاطون پنهنجي مقالي "اپولاجي" ۾ سقراط جو ڪردار پيش ڪندي، سقراط جي ٽيهن ظالمن جي ٽولي جي خواهش سان اختلاف جو هڪ مثال بيان ڪيو آهي. هو چئي ٿو تہ انهن ٽيهن ظالمن، ٻين چئين ڄڻن سان گڏ سقراط کي

حڪم ڏنو تہ سَلامِس واري علائقي ۾ رهندڙ ”لِيئَن“ نالي شخص کي ڪنهن آڻيو تہ ڪيس ڦاسي ڏيون. سقراط انهن ظالمن جي انهيءَ حڪم جي تعميل ڪانہ ڪئي، جڏهن تہ ڪانئس سواءِ باقي ٻيا چارئي ڄڻا ڄاڻايل ”لِيئَن“ کي ڪنهن آڻڻ لاءِ سلامِس علائقي ڏانهن هليا ويا. پوٽيڊائِيا واري چار سالا محاصري دؤران اٿينس ۾ هڪ متنازعه شخصيت جو مالڪ، اَلسِيبيئڊس، سقراط سان گڏ ڪائيندو پيئندو هو. سقراط لاڳيتو پنجن ڇهن سالن تائين السيبيئڊس جو گهاٽو يار، سندس ساراه جا ڏِڪ پريندڙ ۽ سندس سونهون ٿي رهيو. بيباڪ ۽ پڙڪيلي روبي جي حامل اَلسِيبِيئِڊس جو اٿينس جي شهر سان عارضي جوش ۾ جذبي وارو ناتو هو. سياسي راز فاش ڪرڻ جي الزام لڳڻ کان پوءِ اَلسِيبِيئڊس، سياسي ڀڳوڙي جي حيثيت ۾ اسپارٽا وڃي رهيو. ۽ هڪ



دفعو وري اٿينس موٽي آيو ۽ سياسي ڪاميابي حاصل ڪئي، پر غير مستقل مزاج هئڻ سبب ڪيس نيٺ اٿينس مان نيڪالي ڏني وئي. ممڪن آهي تہ اَسِيبِيئڊس سان دوستي هئڻ سبب سقراط جي خلاف بہ نفرت پيدا ٿي هجي. سندس پوئلڳن جي طرفان پيش ڪيل سندس تعليمات موجب سقراط کُليءَ طرح جمهوريت مخالف خيالن جو پرچار ڪندڙ هو. اهو هرگز لازمي ناهي تہ ماڻهن جي اڪثريت جي راءِ موجب صحيح حڪمت عملي ۽ اصول تيار ٿين ٿا، پر صحيح اصول، پاليسي ۽ حڪمت عملي ڏاهن ۽ اصحاب ادراڪ جي ڪاوش جو نتيجو ٿئي ٿو جيڪي پيشه ور ماهر ماڻهو هوندا آهن. اهڙا ماڻهو تہ يقيناً آڱرين تي ڳڻڻ جيترا فقط چند ماڻهو ئي هوندا آهن. سقراط سندس تعليمات ۽ ڪارگذاريءَ موجب اٿينس ۾ رائج جمهوريت جي مکيه اڳواڻن تي تنقيد ڪندي ڏسجي ٿو ۽ دعويٰ ڪري ٿو تہ اٿينس جي نظام حڪومت تحت مقرر ڪيل سڀ ڪامورا عوام جي ڀلائيءَ جا ڪم ڪرڻ جا لائق نٿا ٿي سگهن. حقيقت ۾ ڀلائيءَ جا ڪم ڪرڻ جي

لائق منجهائن تہ ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ مس تي سگهن ٿا. سقراط بابت اها ڳالهہ عام هئي تہ هو اڪثر ڪري اسپارٽا ۽ ڪِريٽ وارين امير شاهيءَ نظام حڪومت وارين رياستن جي قانونن ۽ قاعدن جي واکاڻ ڪندو هو. پنهنجن سياسي خيالن کان سواءِ سقراط جا مذهب بابت پڻ غير معمولي ۽ نرالا خيال هئا.ا هن پنهنجي ذاتي روح بابت ڪيترائي ڀيرا ذڪر ڪيو هو. جنهن کي يوناني ٻوليءَ ۾ هو. ڊائِمونيئَن Daimonion سڏيندو هو. دعويٰ ڪندوهو تہ سندس روح کيس ڪڏهن بہ ڪنهن عمل ڪرڻ لاءِ ڪا تلقين ڪانہ ڪئي، البت مخلتف متوقع عملن ۽ اقدام جي خلاف مونکي خبردار ڪيو. هڪڙي زبان دراز ۽ چالاڪ ليکڪ. پوليڪِريٽسِ پنهنجي مقالي، ”اِنڊِڪٽِمينٽ آف سوڪِرَيٽسِ“ ۾ سقراط جي خلاف داهيندڙ شخص، اَينٽيٽس جو تفتيشي بيان پيش ڪيو آهي، تنهن ۾ سقراط جي سن 403 قبل مسيح کان اڳ اٿينس ۾ ڪيل مذهبي ۽ سياسي ڪارگذارين کي ننديو ويو آهي. انهيءَ فرد جُرم ۾ ڄاڻائيل جن غير قانوني ڪارگذارين سبب سقراط جي خلاف سرڪار مقدمو هلايو انهن غير قانوني ڪارگذارين ڪندڙ ماڻهن کي سرڪار هڪ سرچاءُ واري عهدنامي وسيلي عام معافي ڏئي ڪين سياسي طور امن مهيا ڪيو ويو ۽ انهن معافي مليل ماڻهن جي خلاف هن کان پوءِ ڪا بہ قانوني چاره جوئي ۽ ڪارروائي ٿيڻي ڪانہ هئي. انهيءَ صورتحال ۾ سقراط جي خلاف اهي ساڳيا الزام مڙهي مٿس مقدمو داخل ڪري سقراط جي خلاف داهيندڙ مدعيءَ. اَينِٽس. انهي ءَ معافي واري عهدنامي جي ڀيچ ڳڙي ڪئي هئي. پوليڪِرَيٽيس واري لکيل سقراط واري فرد جرم ۾ سقراط جي خلاف ڄاڻائيل الزام، زينوفون ۽ لائيسينيئس جي جوابن جي صورت ۾ ڏيکاريل آهن. سقراط جي خلاف تهمت مڙهيندڙ ٻئي شخص، نالي ميليٽس، وارو رسمي بيان سقراط جي خلاف مقدمي جو ٻيو نقطو هو. ميليٽس اهو بيان مذهبي معاملن بابت مقرر ٿيل سرڪاري ڪاموري وٽ ڏنو. انهي ڪاموري جي عهدي کي Archon آرڪن سڏيندا هئا.ا نهيءَ ڪاموري ميليٽس جو بيان درست ڄاڻندي، اٿينس جي نوجوان طبقي ۾ پيدا ٿيل اخلاقي بدعنواني ۽ مذهبي توهين جي مرتڪب فيلسوف تي فرياد داخل ڪري ڪائنس عدالت ۾ حاضر ٿي جواب پيش ڪرڻ لاءِ سقراط کي سمن موڪليو. انهن ڏينهن ۾ اٿينس ۾ مقدما نبيرڻ واسطي اٿينس جي ڪنئين سوين رضاڪار ماڻهن مان پُڪن وسيلي عموماً پنج سئو ماڻهن جي ميڙ کي عدالتي بينچ طور چونڊيو ويندو هو. ۽ فيصلو ۽ فتويٰ عام طور تي انهن پنج سئو چونڊيل ججن جي اڪثريت جي رَاءِ مطابق ٿيندو هو. پر سقراط واري مقدمي ۾ ججن جي تعداد جي نشاندهي ٿيل ڪانهي. البت افلاطون پنهنجي مقالي، ”اپولاجي آف سوڪِرَيٽس“ ۾ سقراط جي بچاءُ بابت لکيو تہ جيڪڏهن اجا ٽيهن وڌيڪ ججن جا ووٽ مقدمي جي فرد جرم جي خلاف ۽ ملزم جي حمايت ۾ مِلن ها تہ سقراط انهيءَ مقدمي مان ڇُٽي وڃي ها. شايد ججن جي ڪل تعداد مان 3/5 واري عمومي اڪثريتي تعداد کان گهٽ تعداد ۾ سقراط جي خلاف ججن ووٽ ڏنو. ڏوهہ ثابت ٿيڻ تي سرڪاري وڪيل سان گڏ سقراط بہ ڏوهاريءَ کي اٿينس جي شهري رياست جي خلاف ڏوهہ ڪرڻ سبب سزا ڏيڻ جي راءِ ڏني. مقدمي مان ڇوٽڪاري واسطي گهربل باقي ٿورن ووٽن نہ ملڻ تي حيرت جو اظهار ڪندي ۽ مزاق ڪندي سقراط چيو تہ مون کي شهر جي مقدس آتش ڪده. پرائيٽينِيئم ۾ رهائي منهنجي خوراڪ جو بندوبست بہ ڪيو وڃي. منهنجي خيال ۾ منهنجي لاءِ اها سٺي سزا ٿيندي ياد رهي تہ انهيءَ آتش

ڪده ۾ اٿينس سرڪار جي ڪنهن گهٽگهري شخص ۽ اولمپڪ راندين جي ڪامياب رانديگرن کي انهن جي عزت افزائيءَ طور ترسايو ويندو هو افلاطون رائج سِڪا ڏنڊ ڀرڻ جي آڇ ڪئي، جيڪو سندس ڪل پونجيءَ جو پنجون حصو هو. گهٽ رقم جاڻي اهو ڏنڊ قبول ڪونہ ڪيو ويو نيٺ ٽي هزار ڊريچمائي ڏنڊ وٺڻ جو فيصلو ٿيو جنهن جي آڇ افلاطون، ڪِرائيٽو ڪرائِٽوبِيُولَس ۽ اپولوڊورس ڪئي ۽ رقم جمع ڪرائڻ جو يقين ڏياريو. تنهن هوندي بہ سرڪاري وڪيل سقراط کي موت جي سزا تجويز ڪئي ۽ ججن جي اڪثريتي فيصلي سان ڪيس زهر پياري موت جي سزا مقرر ڪئي وئي.

تڏهن ڪيس بچائڻ واسطي سقراط کي سندس دوستن، پوئلڳن ۽ شاگردن اٿينس مان نڪري ڀڄي وڃڻ جي سلاح ڏني ۽ انهيءَ لاءِ مٿس زور ڀريو پر پنهنجي اصولن تي پڪي سقراط، فرار ٿيڻ ۽ قانون سان وفاداريءَ واري سندس تعليمات جو مان مٿاهون ڪندي ۽ عدالت جي فيلصي موجب ”هيملاڪ“ نالي زهر جو پيالو پي، پنهنجي حياتيءَ جو ڏيئو ستر سال جمار ۾ گل ڪري، باقي انسان ذات لاءِ سچائيءَ ۽ وفاداريءَ جي سبق آموز مثال طور دائمي امرتا پائي ويو. سقراط جي خلاف مقدمو داخل ٿيڻ واري دؤر ۾ سال 393 قبل مسيح ۾ اٿينس جي شهري رياست سندس مخالف رياست اسپارٽا طرفان پنهنجي تسلط دؤران اٿينس تي مڙهيل مڙني مصيبتن ۽ مونجهارن کي دور ڪري ڇڏيو جيڪي پونيشيا واري لڙائي ۾ اٿينس جي شڪست جي نتيجي ۾



اٿينس  تي اسپارٽا طرفان مڙهيل اسپارٽا ٽيهن ظالم جي اميرن جي حڪومت دؤران پيدا ٿيون هيون. اسپارٽا جي حامي، اٿينس جي بحري فوج جي سالار جي گذارش تي جنهن جو نالو ”لائيسينڊر“ هو ڪرائيٽياس ۽ ٿيرامينس جي قيادت  ۾ ٽيهه اسپارٽا جا امير اٿينس ۾ حڪومت ڪرڻ لاءِ مقرر ٿيا. ڪين شهر ۾ اڳوڻي حڪومت طرفان نافذ ڪيل جمهوري قانونن ۾ ترميم ۽ تبديل جو ٻه حڪم مليل هو. اهي جمهوري قانون هڪ سرڪاري عمارت، اسٽوئا باسِيليئوس جي ديوار تي نقش ٿيل هئا. ٽيهن ظالم اميرن جي قائم ڪيل حڪومت جي سياسي عملن ۽ قدمن جو مقصد اٿينس ۾ جمهوريت بدران اميرن جي حڪومت وارو نظام قائم ڪيو وڃي، جيڪو اسپارٽا رياست جي اٿينس جي رياست تي پنهنجي بالادستي قائم رکڻ لاءِ پنهنجو ڪردار براقرار رکندو اچي. انهن ٽيهن ظالم اميرن جي ٽولي 500 ڄڻن ڪي چُوڪن وسيلي چونڊي انهن جي هڪ عدلايتي ڪائونسل جوڙي، جيڪا عدالتي معاملا اُڪلائيندي هئي. هن ظالم اميرن جي حاڪم ٽولي سندن حڪمرانيءَ جي قليل عرصي ۾ اٿينس جي آباديءَ جو اٽڪل پنج سيڪڙو نام نهاد الزامن تحت مارائي ڇڏيو ۽ ظالمانہ ڪارروائين وسيلي تمام گھڻي دولت ضبط ڪئي. تنهن ڪانسواءِ اٿينس جي ڪيترن ئي جمهوريت پسند باشندن کي اٿينس مان جبراً نيڪالي ڏني وئي. ٽيهن جابر اميرن جي ٽولي جو اڳواڻ، ڪرائيٽياس، ننڍي هوندي، اٿينس ۾ رهڻ دؤران سقراط وٽ شاگرد ٿي پڙهيو هو. هنن ٽيهن ظالم حڪمرانن جي ٽولي واري حڪومت جي خاتمي ڪانپوءِ اٿينس ۾ جيڪا نئين جمهوري  حڪومت ٺهي، انهيءَ جي ايامڪاريءَ  ۾ سقراط تي داخل ٿيل مقدمي ۾ سندس انهيءَ ساڳئي شاگرد ڪرائيٽياس کي سندس خلاف استعمال ڪيو ويو. افلاطون طرفان سقراط جي خلاف مقدمون ۽ سندس موت بابت لکيل مقالي جي انداز اديبن، عالمن ۽ فنڪارن کي ايترو تہ متاثر ڪيو جو انهن هن مقدمي جي نظرثاني ڪرڻ لاءِ خواهش ۽ گُهر ڪئي، ڇاڪاڻ تہ افلاطون پنهنجي مقالي ۾ سقراط کي سموري انسانذات ۾ سيني کان وڌيڪ ڏاهو ۽ سيني کان وڌيڪ سچو ۽ حق پرست شخص ڄاڻايو جنهن ڪمال جرئت سان جمهوريت نافذ ڪندڙ جمهوري حاڪمن کي سندن نافذ ڪيل جمهوري نظام جا نُقس ۽ منفي اثرات دليلن سان سمجهائي ثابت



ڪري ڏيڪاريا. جڏهن تہ جمهوريت پسند ماڻهن جي نظر ۾ تازوئي نئين سر قائم ٿيل جمهوري نظام حڪومت جي بچاءُ خاطر اٿينس جي سرڪار طرفان ورتل عدالتي اُپاءَ بلڪل حق بہ جانب ۽ جائز هئا. سن 1988ع ۾ شايع ٿيل مقالي ”دي ٽرائيل آف سوڪريٽِس“ ۾ رائج جمهوري نظام جي فيلسوفياڻي مخالف ڪي جائز ۽ درست ثابت ڪرڻ خاطر سقراط خود بہ چاهيو ٿي، تہ پلي ڪيس موت جي سزا ڏني وڃي ۽ پيو تہ ستر ورهن جي پيريءَ ۾ هو انهيءَ نتيجي تي پهتو تہ هن ڪان پوءِ سندم پوڙهپڻ جي حياتيءَ جو وقت لُطف ۽ سڪون ڪان بلڪل وانجهيل هوندو. سن 2008ع ۾ شايع ٿيل هڪ ناٽڪ ”سوڪريٽِس آن ٽرائيل“ ۾ ناٽڪ نويس، اَينڊرِيُو اِروائِين لکيو تہ اٿينس واري جمهوري نظام ڪي ناقص قرار ڏيڻ جي باوجود، رياست جي گهٽگهري ۽ قانون جو احترام ڪندڙ حڪومت سان وفادار رهندڙ شهريءَ جي حيثيت سان، سقراط مقدمون نبيريندڙ قاضين جي ڏنل باطل فتويٰ ڪي جاڻي ٻجهي دل سان قبول ڪيو. جنگ واري وقت دؤران، چوٽ پهتل سماجي بدحالي ۽ ذهني ڀونچال واري صورتحال سقراط کي منطقي طور مجبور ڪيو تہ نتيجي جي پرواھ نہ ڪندي، پنهنجا حقيقي خيال سرعام بيان ڪري، نتيجي طور هو اجا تائين ساري جڳ جهان ۾ نهايت مثاهين مان ۽ شان سان ياد ڪيو وڃي پيو. سو نہ فقط پنهنجي اعليٰ عرفان ۽ بُلند اخلاقي معيار سبب، پر سندس انهي نقط نظر سان وفاداريءَ سبب، تہ جمهوري نظام حڪومت دؤران، ماڻهوءَ لاءِ خود پاڻ جي، پنهنجن يارن جي توڙي پنهنجي وطن جي خدمت ڪرڻ جو سڀني کان وڌيڪ سنؤ ۽ صحيح طريقو ايتري قدر جو جنگ واري وقت ۾ بہ سرعام سچ بابت ڳالهائڻ ۽ سچ سان سچو ۽ وافادر هجڻ وارو آهي. رابن واٽر فيلڊ سن 2008ع ۾ شايع ٿيل سندس مقالي ”واءِ سوڪريٽِس ڊائِيڊ، ڊِسپلِينگ ڊِي مِٿس“ ۾ لکيو آهي، تہ سقراط جو موت، حقيقت ۾ سرڪاري عهدنامي جي صريحاً ڀڃڪڙي هئي ۽ هڪ نرالي ۽ عظيم مقصد جي حصول خاطر سقراط حقيقي تدبر، بردباري ۽ بهادريءَ سان، رضاڪارانہ طور تي انهيءَ کي قبول ڪيو. موت جي سزا جي رضاڪارانہ تعميل ڪندي سقراط پاڻ کي اٿينس شهر ۾ پکڙيل سماجي برائين جي وبائن جو علاج ڪندي پي ڏنو.



⑥



# روم جو عروج ۽ زوال

سن 390ق.م ۾ قديم فرينچ جنگي سردارن جي لشڪر روم شهر جو گهيرو ڪيو جيڪو سانده ست مهينا هليو. گهڻي ڦرلٽ ۽ تباهي مچائڻ ڪانپوءِ نيٺ هتان موٽي ويا. روم شهرجو فقط هڪ ڪيپٽولائين Capitoline وارو حصو رومين جي هٿن ۾ وڃي رهيو. روم جي ماڻهن پنهنجي شهر جي تعميرنو جو ترت عزم ڪيو ۽ هڪدم ٽوفا Tufa پٿر جي وڏين چپن سان شهر جي چوڌاريءَ ڪوٽ اڏڻ شروع ڪيو. هن دور جي پوئين ليکڪن مان هڪڙي Livy نالي شخص روم جي تعمير ۾ بي ترتيبيءَ جو ذڪر ڪندي بيان ڪيو آهي تہ ”هي جٽن جو شهر ٿو لڳي جنهن جي تعميرات ۾ ڪا بہ صحيح منصوبہ بندي نظر نٿي اچي.“
پر انهيءَ بي ترتيبيءَ سان اڏيل ڪوٽ ڪي ايندڙ اٺن صدين تائين ڪو بہ حملہ آور ٽوڙي نہ سگهيو. فرينچ حملي سبب پيدا ٿيل اقتصادي بدحالي هڪ ڀيرو ٻيهر اصلوڪن ۽ ڏارين رومين ۾ تضاد ۽ اختلاف وڌايا, پر ڏارين پنهنجي ڏاهپ سان گهڻَن ئي قانوني معاهدن تحت چوٿين صدي ق.م. جي خاتمي کان اڳ ۾ ئي اقتدار جي ايوانن ۽ دفترن ۾ اڪثريت حاصل ڪري ورتي ۽ سندن اسيمبليءَ طرفان پاس ڪيل قانونن

جو اطلاق سمورن اصل توڙي ڏارين رومي باشندن سان لاڳو قرار ڏنو ويو. قرضن ۽ زمين جي ورهاست بابت معاشي قانون سازي هيٺين طبقن کي بدحاليءَ مان نجات ڏيارڻ لاءِ سندن حق ۾ ڪئي وئي.

وڏي پئماني تي منصوبه بنديءَ ڪانسواءِ به سن 375ق.م ۽ 275ق.م. جي وچ واري عرصي ۾ رومي رياست پنهنجي واضح سرحدي توسيع ۽ ڪافي پائيدار معاشي فائدا مهيا ڪيا. رومي حڪومت سموري پيٽسولم اٽلي يعني سموري اپيبيٽ تي ڪنٽرول حاصل ڪرڻ سان پنهنجي فتح ڪيل علائقن ۾ بينڪون قائم ڪيون ۽ رومي باشندن کي انفرادي طور جاگيرون عطا ڪيون. ٽئين صدي ق.م. جي وچ کان اڳي ئي سٺ هزار کن اهڙا زميني قطعات ماڻهن ۾ ورهائي ٻي زمين رومين جو زمين لاءِ شوق پورو ڪيو ويو ۽ ڪجهه زور توڙيو ويو. 250ق.م. ۾ شهر جي آبادي هڪ لک کي پهچي وئي. فتوحات مان حاصل ٿيل مال غنيمت شهر ۾ مندرن، رستن ۽ پاڻيءَ جي رسد وارن منصوبن لاءِ گهربل پيسو مهيا ڪيو. ٽئين صدي ق.م. جي شروعات ۾ شهر ۾ تازو پاڻي آڻيندڙ به هٽرادا ناهيل چينل شهر ۾ خوش اسلوبي سان چالو ٿيا. سن 264ق.م ۾ روم اتر آفريڪا ۾ قائم هڪڙي زبردست فونيشائي نسل جي ڪارٿيج حڪومت سان جنگ ۾ ڦاسي پيو. هڪڙي پوري صديءَ کان وڌيڪ عرصي دوران هنگامن، مقابلن ۽ ڪاميابين کان پوءِ روم سموري رومي سمنڊ سان وابسته سمورن ملڪن ۾ سڀ کان وڌيڪ طاقتور ملڪ ٿي اڀريو. مگر هيڏي وڏي سلطنت جي نگهداشت لاءِ رومي ماڻهن جي شعوري طور تي خواهش نه هئڻ سبب روم جي شهر واسين لاءِ ڪئين نوان سماجي ۽ معاشي مسئلا پيدا ڪيا. سن 218 ق.م کان 201 ق.م تائين رومين سان ڪارٿيجي فوجين جي ٻي جنگ سبب اٽليءَ واري اُپيبيٽ جي وڏي حصي ۾ قتل و غارت ۽ ڦرلٽ سان تباهي آئي، ڪافي زمينن تي قبضو ڪيو ويو ۽ اتي آباد رومين پڇي روم شهر ۾ اچي پناهه ورتو. ان وقت ڪارٿيج فوجن جو سپهه سالار هني بال Hanni bal هو. رومي امير طبقو جنهن کي روم شهر ۾ صنعت توڙي تجارت ۾ سيڙپ جي قانون موجب منع ٿيل هئي. تنهن ڏکڻ ۽ وچ اٽليءَ واري ڏتڙيل آبادگار طبقي مان ناجائز فائدو وٺندي تمام سستي اگهه سان زمين جي وڏي ايراضي خريد ڪئي.رومي سمنڊ واري علائقي ۾ روم طرفان ٿيل لڙاين جي نتيجي ۾ روم ۾ غلامن جو تعداد تمام گهڻو وڌي ويو. انهيءَ طبقي کيت مزدوري ۽ ڏراڙپيءَ جو ڪم ڪيو. جنهن ڪري عام هاري طبقي جي وڏي تعداد ۾ بي دخلي ٿي. جيڪو سخت بدحاليءَ جو شڪار ٿيو. مجموعي طور تي رومي حڪومت جي معيشت شهر توڙي سلطنت جي سياسي ترقيءَ کان گهٽ ۽ پوئتي پئجي وئي.

عوامي حڪومت جو پويون دور The late republic ٻي صدي ق.م. دوران شهري آباديءَ ۾ تڪڙي واڌ ۽ رومي شهريت ۾ اضافي سبب شهري آبادي جي ووٽرن جي اهيمت واضح طور گهٽجي وئي.

روم جي مکيه پاليسي ساز اداري سينيٽ Senate اڳيان سلطنت جي بيشمار مسئلن موجود هئڻ سبب اُها اڪثر ڪري شهر جي مسئلن ڏانهن ڌيان ڪو نه ڏيندي هئي. شهر لاءِ جدا ميونسپل انتظاميه نه هئڻ سبب شهر جا عام پبلڪ ڪم ڪار خوراڪ جو بندوبست ۽ پاڻيءَ جي رسد وغيره ناتجربيڪار ڪامورن يا خانگي ادارن جي هٿن ۾ رهيو. انهيءَ جي باوجود ڪجهه ترقياتي ڪم ٿيندا رهيا. ڪجهه وڏين گهٽين جي فرشبندي ٿي. خراب پاڻيءَ وارين نالين کي ڍڪيو ويو ۽ فورم واري علائقي ۾ ڪافي باسيليڪا، مذهبي

عمارتون ۽ نون دڪانن جي هڪڙي وڏي بازار تعمير ٿي. ٽبر نديءَ تي شهر ۾ پهرين پٿر جي پُل سن 142 ق.م ۾ ۽ پهرين پاڻيءَ جي ٽانڪي گهٽي اوچائي تي اول ۾ سن 144 ق.م. ۾ ٺاهي وئي. جنهن سبب شهر جي اوپر طرف واري مٿانهين پٽ تي پڻ آبادڪاري شروع ٿي وئي.

ٻي صدي ق.م. جي شروع کان وٺي آوينٽائِين هنڌ وٽ ٽبر نديءَ تي ٿهيل بندر وٽ نوان ويئر هائوس يعني دڪان ۽ ٻيون سهولتون مهيا ڪيون ويون.

انهن ۽ ٻين اهڙن ترقياتي ڪمن وارن منصوبن، شهري مزودر طبقي جي تعداد ۾ بيشمار اضافو آندو هو. اهي ماڻهو نهايت ناقص گهرن ۾ رهندا هئا. سندن گذارو هن غير صنعتي شهر ۾ تمام ڏکيو هو. اهي ڪڏهن ڪڏهن سرڪاري منصوبن ۾ مزدوري ڪندا هئا نہ تہ گهڻو ڪري مقامي شاهوڪار طبقي جي خيرات تي پيا پلبا هئا. ٻي صدي ق.م جي خاتمي تائين رومي طبقي جي مجموعي طور اها خراب حالت هئي. انهيءَ وقت تائين شهر ۾پوليس توڙي باهہ وسائڻ وارو عملو هوئي ڪو نہ.

پهرين گريشي ٽِبَريئَس Gracchi Tiberius ۽ پوءِ گيئس گِريشَس Gaius Gracchus شهر ۾ بي روزگاري ۽ کاڌخوراڪ جي شين جي قيمتن ۾ واڌ وارن مسئلن کي مُنهن ڏيڻ لاءِ ڪوششون ڪيون. هنن پهرين اٽلي ۾ چوٿو هاري طبقو وري نئين سر مرتب ڪيو ۽ پوءِ غريب طبقي کي کاڌي خوراڪ لاءِ سرڪاري امداد ڏيارڻ جو بندوست ڪيو. گيئس رستن عمارتن تي سرڪار کي خرچ ڪرڻ لاءِ همٿايو. سڪي وارن سڌارن سميت مذڪور ميدانن ۾ وڏن سرڪاري خرچن ٿيڻ جي باوجود ٻي صدي ق.م. جي پوئين اڌ تائين مذڪور ڪوشش سان ڪجهہ سڌارو تہ ٿيو پر روم جي معيشيت توڙي سياسي صورتحال ۾ ڪافي نقص ۽ڪوتون برقرار رهيون.




پهرين صدي ق.م. جي پهرين اڌ جي تقريباً پوري عرصي دوران گهرو ڪشمڪش روم جي آدمشماري ۽ مسئلن ۾ زبردست اضافو ڪيو. روم جي امير طبقي سياسي مفادن جي حصول لاءِ خانگي لشڪر وجود ۾ آڻي غريب طبقي کي ان ۾ڀرتي ڪري ڪيس روزگار تہ مهيا ڪيو پر انهيءَ خانگي فوج ڪشيءَ عوامي حڪومت جي خاتمي جو سامان پڻ مُهيا ڪيو. شهري غريب طبقي کي

اناج سستي اگهہ تي مهيا ڪري سندن استحصال لاءِ ميدان هموار ڪيو.هن صديءَ جي وچڌاري اٽڪل پنج لک مسڪين ماڻهن کي اناج تقريباً مفت ڏنو پئي ويو. مٿيون طبقو عيش عشرت ۾ دلچسپي وڌائڻ لڳو ۽ حڪمران طبقي سان رنگ رلين ۾ محو ٿي ويو. شاهي عمارتن ۾ ناٽڪ گهرن کي ناهڻ ۽ سجائڻ تي ڏاڍو خرچ ڪيو ويو پر شهر کي اهو خرچ وڌيڪ مضبوط ۽ پائيدار بنائي نہ سگهيو. وڌيڪ اهو تہ يونان جي اوپر وارن حصن مان روم ڏانهن گهٽي تعداد ۾ ماڻهن جي آمد ۽ گهٽيل آباديءَ واري روم جي شهر کي مسئلن جي ڍيڙ ۾ غرق ڪري ڇڏيو.

جُولئيس سيزر روم جو پهريون بادشاهہ هو جنهن شهر توڙي ملڪي مسئلن ۽ ڪمن کي صحيح منصوبابنديءَ موجب سرانجام ڏيڻ جي سنجيده ڪوشش ڪئي. ڪيمپس مارشس وارو راندين جو ميدان ۽ ٽبر نهر جي سڌاري جو پروگرام هن بادشاهہ جي منصوبن ۾ شامل هو پر پنهنجي منصوبن کي مڪمل ڪرڻ تائين زنده نہ رهيو. سندس هنج ۾ ورتل پٽ ۽ جاءِ نشين آگسٽس Augustus روم شهر کي نئين سلطنت جي عظيم راڄڌاني بنائڻ جي ڪوشش ڪئي. سندس انهيءَ دعويٰ ۾ وڏاءُ آهي تہ هن کي روم سرن جو ٺهيل مليو پر هن انهيءَ کي سنگمرمر سان تعمير ڪري ڏنو. مگر هن ۽ سندس ساٿين شهر ۾ ڪئين عماتون، مندر، ٿيٽر، حمام، ڦوهارا ۽ راندين جا ميدان، بازاريون ۽ گدام وغيره اڏايا. تنهن ڪانسواءِ قديم اڏاوتن جي مرمت جو ڪم چالو ڪرڻ سان غريب طبقي کي روزگار حاصل ٿيو. مگر شهر جي اڏاوت بابت گهربل شهري منصوبہ بندي نہ هئڻ سبب اهي غير محفوظ ۽ صفائي کان وانجهيل جڳهين ۾ قائم رهيا. جيڪي قديم پاڻي جي سوڙهين ۽



ٻوساٽيل گهٽين ۾ گهيريل هئا. آگسٽس جي هڪ دوست ۽ مددگار ايگريپا Agrippa پنهنجي جام دولت شهر کي وڌيڪ سهڻو بنائڻ ۽ شهر ۾ پاڻيءَ جي رسد واري نظام کي سڌارڻ تي خرچ ڪئي.

آگسٽس طرفان شهر جي انتظام جو الڳ نئين سر بندوبست ۽ سرڪاري نوڪرين ڏيڻ وارو ادارو ناهڻ ماضيءَ جي سمورين حڪومتن کان هن کي ممتاز حيثيت ڏياري. سن 7 ق.م. ۾ هن بادشاهه روم شهر کي چوڏهن ريجنن يا وارڊن ۾ ورهايو ۽ انهن وارڊن کي وِيسِي Vici نالي وڌيڪ ننڍن ڀاڱن ۾ ورهائي اُنهن ۾ جدا جدا ڪامورا مقرر ڪيا ويا. جيڪي انتظامي توڙي مذهبي ذميوارين بجا آڻيندا هئا.سن 26 ق.م ۾ هن شهري مذهبي عهديدار Urban perfect جي آسامي پيدا ڪئي.اها ڪجھ وقت تائين مستقل ڪا نه ٿي، پر پوئين سلطنت جي دور ۾ اهو عهدو تمام گهڻي اهميت وارو ٿي پيو.

سخت ضرورت جي پيش نظر آگسٽس بادشاهه سن 2 ق.م. ۾ هڪڙي باهه وسائڻ واري ٽولي Fire brigade تشڪيل ڪئي، ان جي مکيه عملدار کي ايدائيل Aedile سڏيندا هئا.



سن 6ع ۾ لڳندڙ نهايت تباهه ڪُن باهه کان پوءِ بادشاهه باهه وسائڻ لاءِ باقاعدي هڪڙو ڪور Corps قائم ڪيو جنهن ۾ ست اسڪواڊ يعني وڏا جٿا موجود هئا. هر هڪ اسڪواڊ ۾ باهه وسائڻ جي ماهر ماڻهن جو تعداد هڪ هزار ڀرتي ڪيل هو. اوائلي برگيڊ ۾ آزاد ٿيل غلام ڀرتي ڪيل هئا. باهه وسائڻ وارن کي وجلس Vigiles سڏيندا هئا.انهن کان رات جي وقت ۾ پوليس جي ڊيوٽي پڻ ورتي ويندي هئي. جن گهٽين گلين ۾اڪثر گوڙ فساد ٿيندو هو. اُتي هڪڙي بريفيڪٽ جي اڳواڻي هيٺ وجلس جا ٽي اسڪواڊ مقرر ڪيل هئا. جيڪي اُتي امن امان قائم رکندا هئا. ضرورت وقت پريتوئين گارڊ يعني شهري مستقل محافظ سندن مدد ڪندا هئا. آگسٽس بادشاهه شهر جي عارضي انتظام کي وڌيڪ درست ۽موثر بنائڻ لاءِ هن شهري انتظام وارن مختلف ادارن کي

مستقلي ۽ مستحڪم بڻايو. هن سمجهيو تہ روم کي عظيم شهر بڻائڻ لاءِ هتي سنگمرمر سان يادگار ۽ عمارتون اڏائڻ جي پيٽ ۾ شهر جو انتظام ۽ امن امان جو بندوبست وڌيڪ ضروري آهي.

آگسٽس جي جاءِ نشين حاڪمن اڪثر ڪري سندس ئي پاليسين تي عمل ڪيو. البت انهيءَ ۾ محنت گهٽ ۽ ڏيکاءُ زياده هوندو هو. ڪلاڊيئس Claudius بادشاه ٽبرندي جي مُنهن وٽ اوسِشِيا Ostia جي ويجهو هڪڙو زبردست بندر جوڙايو هو. جيئن تہ روم شهر ۾ اناج سڌو ۽ جلد پهچائي سگهجي.انهيءَ وقت تجارت گهڻو ڪري خانگي شعبي جي حوالي هئي. سرڪاري عملدار لڳاتار رسد کي يقيني بڻائڻ ۽ چور بازاريءَ روڪڻ لاءِ گهربل اُپاءُ وٺند هئا ۽ نظرداري ڪندا هئا.

شهري منصوبہ بندي لاءِ نيرو nero بادشاهہ پڻ شابس لهڻي. البت انهيءَ منصوبہ بنديءَ تي خرچ گهڻو ٿيو. سن 4ع ۾ باهہ لڳڻ سان شهر جو وڏو حصو چٽ ٿي ويو.هن انهيءَ حصي ۾ تعمير نو جو وڏو ڪم ڪيو. منجهس نيون گهٽيون ۽ گليون تعمير ڪرايائين ۽ اُتي ڪولونيڊ پڻ تعمير ڪرايائين. پنهنجو عظيم الشان گولڊن هائوس محل بہ هن علائقي ۾ تعمير ڪرايائين.خانگي معمارن کي ڪشادا ۽ باهہ کان محفوظ اپارٽمينٽ ناهڻ لاءِ ۽ سندن علائقن ۾ پاڻيءَ جي رسائي جو جوڳو بندوبست ڪرڻ لاءِ هُمٿايائين. جيتوڻيڪ نيرو بادشاهہ رهڻ ڪارڻ شهر سهڻو اڏايو پر سندس ڪوششون شهر کي خطرناڪ باهين کان بچائي نہ سگهيون. مثلاً 191ع ۾ شهر کي وري بہ خطرناڪ باهہ لڳي, جنهن سان تمام گهڻو نقصان ٿيو. ان وقت جي بادشاهہ سيپٽيميئس سيورس Spetimius Severces شهر وري نئين سر جوڙايو.

پهرين عيسوي صديءَ جي آخر ۽ ٻي صديءَ جي شروعات وارن رومي شهنشاهن پڻ شاهي محلن توڙي شهر جي ٻين يادگارن جهڙوڪ فورم-مندرن, شاهي دروازن, حمامن ۽ اسٽيڊيم وغيره جي شان شوڪت ۾ اضافو ڪيو.





مثلاً ٽريجن Trajan بادشاهہ جو اڏايل فورم وارو علائقو جنهن ۾ اڏيل عاليشان عمارتون,انهن جا سهڻا صحن, بازاريون, دڪان ۽ مارڪيٽون وغيره تاريخي طور تي شهر جي اڏاوت جي عظيم منصوبہ بنديءَ جو ثبوت پيش ڪن ٿيون. ٽريجن وارو ڪالم جنهن تي ڊينيوب نديءَ ڪان پار وارن ملڪن تائين سندس فتوحات جو احوال درج آهي. انهيءَ مينار جو پڻ پوري عيسوي وچئين دور ۾ ڪو بہ مد مقابل مينار ڪو نہ هو. تنهن ڪانسواءِ هيڊريئس Hadrius جي دور جا بہ شاهي يادگار هڪ وڏي گنبذ وارو پينٿيئن ۽ ٻيو ميوزو ليئم جنهن کي سن 590ع ۾ ڪيسٽل آف سينٽ اينجليو Castel of Saint Angelo نالو ڏنو ويو. اهي پڻ تعمير جو سهڻو نمونو آهن.

پهرين عيسويءَ صديءَ جي پڇاڙيءِ ٻي صديءَ جي شروعات دوران روم جو شهر آباديءَ توڙي خوشحاليءَ جي عروج تي پهتل هو. انهيءَ وقت شهر ۾ اٽڪل ڏهہ لک ماڻهو آباد هئا. شهر جي آباديءَ ۾ گهڻو ۽ تڪڙو واڌارو ٻاهران ايندڙ غلامن توڙي آزاد ماڻهن جي ڪري ٿيو. نہ تہ اصل آبادي ۾شرح پيدائش ٻين سمورن آسپاس وارن ملڪن ۽ علائقن جي ڀيٽ ۾ تمام گهٽ هئي.

شهرجون فرش ٿيل گهٽيون, پاڻي جي رسائي ۽ نيڪال جو بندوبست تہ سٺو هو. مگر اهو پوري شهر ۾ موجود ڪو نہ هو. نيرو بادشاهہ جي سڏارن ڪان پوءِ ماڻهن جي اڪثريت ڳتيل سوڙهن ۽ نهايت خراب گهرن ۽ جڳهين ۾ رهندي هئي. جتي صفائي, پاڻيءَ يا نيڪال جو ڪو بہ بندوبست ڪو نہ هو. ايتريقدر جو گهرن ۾ جدا بورچي خانو بہ ڪو نہ هوندو هو. عوامي حمامن ۽ ٻين ميداني هنڌن جي ڪري گندگيءَ جو آزار ڪجهہ گهٽيو. اهوگهڻي مقدار ۾ ٽِبَر نديءَ ۾ لوڙهيو ويندو هو ۽ باقي شهر ڪان ٻاهران اروڙين تي ڦٽو ڪيوويندو هو. شهري حڪومت جون اعليٰ صلاحيتون شهري سماجي تنظيم تي صرف ٿيندڙيون رهيون.

هي شهر شيون استعمال ڪندڙ ماڻهن وارو شهر هو. جتي ڪا صنعت توڙي حرفت موجود ڪا نہ هئي, ڪو تجارتي مرڪز پڻ ڪو نہ هو. شهر ۾ ننڍا ننڍا دڪان هوندا هئا. جتان ضرورت جون شيون خريد ڪيون ويندڙيون هيون. سلطنت جي اوائلي دور ۾ سماجي تنظيمون سماجي ۽ مذهبي ڪمن ڪرڻ تائين محدود هيون. جيڪي سلطنت جي پوئين دور ۾ وچي تجارتي ۽ معاشي سرگرمين لاءِ نئين سر منظم ٿيون. عظيم عمارت سازي ۽ يادگارن جي لحاظ ڪان تہ هي بي مثال شهر هو پر سندس پسامنده معاشي ۽ سماجي صورتحال سندس آئيندي لاءِ بد سوڻ هئي.

ٻي صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ روم شهر جي آبادي (آدمشماري) گهٽجڻ لڳي. مارڪس آرليئس Marcus Aurlliues جي ايامڪاريءَ ۾ پليگ نالي مهلڪ مرض واري نهايت خطرناڪ وبا ڦهلجڻ سبب شهر ۾ روزانو ٻه هزار کن ماڻهو مرندا هئا. ٽئين صديءَ دوران معاشي ۽ سياسي تباهه ڪارين ٻه گهٽ نقصان ڪو نه ڪيو. سن 270ع ۾ شهر جي ڪوٽ جي تعمير شهر لاءِ خطري جو نشان ثابت ٿي پئي.

سن 284ع کان 305ع تائين حڪمراني ڪندڙ بادشاهه ڊايو ڪليٽيئن Diocletian شاهي حڪومتي نظام ۾ ڪجهه سڌارا آندا ۽ قدري خوشحالي ڏانهن مائل رهيو. هن پنهنجي يادگار طور سهڻا حمام تعمير ڪرايا هئا. تنهن کان پوءِ روم سلطنت جي گاديءَ جو هنڌ قسطنطنيه Constantinopole رهيو. شهر جي تعمير سان ملڪ جي گادي هن نئين شهر ڏانهن منتقل ٿي ۽ اهڙي ريت روم جي سياسي عظمت ختم ٿي وئي. قسطنطيه شهر اڏائيندڙ بادشاهه ڪانسٽينٽائين Constantine روم جي قديم يادگارن ۽ ٻين اهم عمارتن جي حفاظت لاءِ ٻه ڪافي اُپاءَ ورتا هئا. هن بادشاهه عيسائي مذهب اختيار ڪيو ۽ روم ۾ رهندڙ چند عيسائين جي سرپرستي ڪرڻ لڳو. نتيجي طور اهي چند عيسائي ٿوري عرصي اندر پوري شهر تي حاوي ٿي ويا. ۽ اڳتي هلي رومي اقتدار تي قبضو ڪيائون ۽ هتي قرون وسطيٰ کان جديد دور تائين ڇانئيل رهيا.



روم چوٿين عيسوي صديءَ تائين قدامت پرست ۽ ماورائي طاقتن جو پوڄاري مقامي پنچائت يعني سينيٽ Senate ۾ شامل خاندانن جي اقتدار هيٺ رهيو. جڏهن اولهه وارن گوٿڪ قبيلن جي فوج الارڪ Alaric نالي سالار جي اڳواڻي ۾ سن 408ع ۾ شهر تي حملي ڪرڻ جي ڌمڪي ڏني ته شهر جي چڱي مڙس ۽ سندن پنچائت دشمن جي حملي کي ٽارڻ لاءِ مذهبي قرباني ڏيڻ جو فيصلو ڪيو. جنهن کي وقت جي پوپ پڻ جائز قرار ڏنو پر انهيءَ کي راز ۾ رکيو. نيٺ 410ع ۾ الارڪ شهر تي اچي قبضو ڪيو ۽ فوج کي ڦرڻ ۽ لٽڻ جو حڪم ڏنو. فوج کي ٽن ڏينهن تائين ڦرلٽ ڪرڻ جي اجازت ڏني، جنهن تمام گهڻو مال غنيمت هٿ ڪيو. انهيءَ ڦرلٽ سبب ڪافي ماڻهو شهر خالي ڪري ويا.

جيتري قدر رومي قديم يادگارن جو تعلق هو ته انهن کي نسبتاً نقصان گهٽ رسيو رڳو ڪين ٻاهران جزوي طور نقصان پهتو. شاهي اقتدار جو زوال ۽ پوپ جي اقتدار تي گرفت جسٽينيئن Justinian بادشاهه کان پوءِ وڌيڪ مضبوط ٿي وئي. انهيءَ کان پوءِ روم شهر تي ٻيهرا گهيرن جو شڪار رهيو. جنهن دوران شهر ۾ پاڻي پهچائڻ وارا واهه بند ڪيا ويا ۽ هڪ اهو وقت به آيو جڏهن ماڻهو مجبور ٿي پورو شهر خالي ڪري ويا.

⑥



# حضرت عيسيٰ عليہ السلام کي صليب تي چاڙهڻ

سن ٽيهہ عيسويءَ ۾ جڏهن ٽِبريئس Tiberius روم جو شهنشاهہ ۽ اسرائيل واري صوبي جو حڪمران پونٽيئس پائليٽ Pontius Pilate هو. تڏهن يهودين جي مصر کان آزاديءَ واري جشن کان ڪجهہ ڏينهن اڳي يسوع مسيح عليه السلام يروشلم ۾ آيو. انهيءَ وقت تائين سندس تبليغ جو دائرو گيليلي جي علائقي ۽ ڪيپر نائم شهر جي پسگردائي تائين محدود هوءِ هو ڪيپرنائم شهر جي ديني مدرسن ۾ تبليغ ڪندو رهيو. يروشلم شهر ۾ سندس آمد هڪڙي نئيڙي سوچ جي مترادف هو. گيليلي جي علائقي ۾ سندس پوئلڳن جو تعداد ڳچ جيترو ٿي ويو هو. گيليلي ڍنڍ جي ڪناري تي سندس وعظ ٻڌڻ لاءِ ماڻهو جڏهن تمام گهڻا گڏ ٿيندا هئا تہ پاڻ ٻيڙيءَ ۾ چڙهي ٻيڙي هلائيندي سموري ڪناري تي گڏ ٿيل ماڻهن کي خطاب ڪندو هو. اهڙي صورتحال جنهن ۾ عوام جي هن ڏانهن والهانہ رغبت جو احوال سندس پهچڻ کان اڳ ۾ئي يروشلم جي حاڪمن کي تفصيل سان وچي مليو. هو پاڻ جڏهن يروشلم شهر ۾ داخل ٿيو تہ ماڻهن جي تمام وڏن ۽ گهڻن ميڙن دل جي گهرائين سان سندس آجيان ڪئي. يروشلم جي ماڻهن کي عيسيٰ عليه السلام جي تعليمات جو پورو پتو ۽ پرو خير ڪو هو پر ملڪ ۾ رائج نظام کي رد ۽ ختم ڪرڻ ۽ هڪ انصاف تي مبني نئون نظام برپا



ڪرڻ واري حقيقي اڳواڻ طور عوام مسيح عليه السلام ڏانهن راغب ٿيو. سندس مکيہ پوئلڳن طرفان ورتل گڏھ تي چڙهي حضرت عيسيٰ سڄي شهر جو چڪر لڳايو ۽ ماڻهن کي پُرجوش خطاب ڪيو. ماڻهن خوشيءَ ۽ اميد تي مبني نهايت جوش ۽ جذبي سان نعرا هنيا.

حضرت عيسيٰ عليه السلام پوءِ حضرت سليمان واري عبادت گاھ ۾ ويو، جتي ويٺل تعويذ فروشن، ڪبُوتَر وِڪرو ڪندڙن ۽ ٻين بدمعاشن جي ٽولن کي ڀڄائي ڇڏيو. سموري سماجي عمل ۾ سندس فقط ايترو ئي محدود دخل هو. پوءِ هڪ هفتي تائين شهر ۾ تبليغي عمل جاري رکيائين، جنهن دوران عوام جي تمام وڏي ميڙ جي موجودگيءَ سبب سرڪاري ڪارندن لاءِ يسوع مسيح جي گرفتاري مشڪل ٿي پئي. تڏهن سرڪاري اعليٰ عملدارن هن حيران ڪندڙ حملا آور خلاف سنجيده گڏجاڻي منعقد ڪئي. شهر تي هن غير موثر طريقي سان ٿيندڙ قبضي واري صورتحال کان يهود Judas نالي هڪڙي مکيہ پوئلڳ عيسيٰ عليه السلام کي ڊيڄارڻ ۽ مايوس ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ چند ڏوڪڙن جي رِشوَتَ عيوض غداريءَ جو مرتڪب ٿيو ۽ سندس گرفتاري يهودي مُلن سان صلاح مصلحت ۽ مدد سان ڪئي ويئي.



يهودين ۽ سندن وڏي پادري کي هن اوچتي فساد جي برپا ٿيڻ ڪري سخت تشويش لاحق ٿي پئي، ڇو ته هن کان اڳ ۾ سندن خلاف ماڻهن جا هيڏا وڏا ميڙ شهر جي گلين ۾ ڪڏهن به وارد ڪو نہ ٿيا. انهيءَ صورتحال جي پيش نظر سائفس Caiaphas نالي مُک پادريءَ جي سرڪردگيءَ هيٺ شهر جي يهودي مُلن جو سمورو لڏو مسيح عليه السلام جي خلاف اسرائيل جي صوبي جي حڪمران پونٽيئس وٽ دانهين ٿي ويو.

پونٽيئس پائليٽ ازخود حيران ۽ پريشان هئڻ سبب يهودين جي چوڻ تي حضرت عيسيٰ عليه السلام کي صليب تي چاڙهي قتل ڪرڻ جي فتويٰ جاري ڪئي. ٽيو هينئن ته ٻارهن حوارين (مک پوئلڳن مان) هڪڙي نالي يهودا جي غداريءَ سبب يسوع مسيح کي باغ مان گرفتار ڪري پونٽيئس جي دربار ۾ اچي حاضر ڪيائون. جتي مٿس اڳي ئي داخل ڪيس هلائي صليب تي چاڙهي قتل ڪرڻ جي سزا ٻڌائي وئي. اهڙي طرح خواهش ۽ توقع جي خلاف عوام جي چوٽڪاري وارو خواب اڌورو رهجي ويو. سرڪار سان هڪڙي غداريءَ واري ناهه موجب سندس سمورا حواري ڪيس ڇڏي ڀڄي ويا.

صليب تي ڪوڪا هڻي ٽنگڻ لاءِ جڏهن مسيح عليه السلام کي جلجوٿا Golgotha نالي ٽڪريءَ ڏانهن وٺي وڃڻ لڳا ته رستي ۾هلڻ دوران رومي سپاهي ڪيس ڇهبڪن ۽ ڦٽڪن سان ڪٽيندا هليا ۽ مٿانئس ٿڪون ڪندا رهيا. مسيح عليه السلام کي ٽڪريءَ ڏانهن جلوس جي صورت ۾ نيو ويو هو. انهيءَ جلوس ۾ پيٽر Peter نالي هڪڙو حواري به موجود هو. عملدارن جي پُڇا ڪرڻ تي هن حضرت عيسيٰ عليه السلام کي سڃاڻڻ کان انڪار ڪيو. جڏهن مسيح عليه السلام کي صليب تي چاڙهيو ويو ته ماڻهن جي ميڙ جو وڏو حصو ويندو رهيو. جنهن ۾ پيٽر به شامل هو. انهيءَ هنڌ تي باقي چند عورتون ۽ مرد وڃي بچيا جن عيسيٰ عليه السلام کي اُج، بُک ۽ سور سهندي ٽنگيل ڏٺو. جتي اکين ڏٺن شاهدن جي چوڻ موجب يسوع مسيح الله تعاليٰ کي وڏي واڪي پڪاريندي چيو ته "منهنجا مولا! مون کي ڇا لاءِ تياڳ ڏنو اٿئي؟" انهن لفظن چوڻ کان پوءِ ترت پنهنجو دم ڌڻيءَ جي حوالي ڪيائين. سندس اهي لفظ پنهنجي پوئلڳن لاءِ باقي زماني ۾پر اسرار صدائن جي صورت ۾ موجود آهن.



حضرت عيسيٰ عليه السلام جي قتل جي هن ظالمانه واقعي ابوجهه عوام ۾ اهڙو ته خوف ۽ حراس پيدا ڪيو جو سندن وايون بتال ٿي ويون ۽ ٻڙڪ به ٻاهر ڪڍي نه سگهيا. چون ٿا ته جڏهن مسيح عليه السلام کي صليب تي چاڙهيو ويو ته چوطرف گهگهه اوندهه ڇانئجي وئي ۽ حضرت سليمان واري عبادت گاهه جو غلاف شهيد ٿي ويو. پر سرڪار طرفان زهريلي پروپيگنڊا سبب عام ماڻهو بيوس ٿي رهجي ويو. هزارين سالن کان پوءِ به هاڻوڪي دنيا جي عوام لاءِ مسيح عليه السلام کي صليب تي چاڙهڻ واري تماشام تمثيلي طور تي اڄ به موجود آهي. جتان جاءِ واردات تي حاضر چند عورتن ۽ مردن جو ننڍڙو جٿو انهيءَ ڳڻتيءَ ۾ گهرن ڏانهن موٽي ٿو ته آيا مسيح عليه السلام اڃا تائين جيئرو هو يا دم ڏٺي جي حوالي ڪيائين؟

سندس حوارين ڪجهه وقت خاموش رهڻ کان پوءِ پراسرار سرگوشيون شروع ڪري ڏنيون. ڇي جتي دفن ڪيو ويو هو مسيح عليه السلام اتي ڏسڻ ۾ نٿو اچي. هڪ ٻن ٻين حوارين چيو ته اسان کيس هاڻي وري جيئرو جاڳندو ڏٺو آهي. پوءِ اها ڳالهه هلايائون ته تمام گهڻن نيڪ ماڻهن کيس جسماني طور زنده ٿيندو آسمان ڏانهن ويندو ڏٺو آهي. بعد ۾ اهو بيان ڏنائون ته هڪ هزار سالن کان پوءِ مسيح عليه السلام واپس ڌرتيءَ تي ايندو ۽ الله تعاليٰ جي حڪومت قائم ڪندو. حقيقت ۾ماڻهن کي ماترائڻ ۽ ڀنيلائڻ ۾ ڪين صديون گذري ويون پر حوارين توڙي سمورن پوئلڳن کي مسيح عليه السلام طرفان مليل پيغام وسريل رهيو. جنهن ۾ ڪين ڌرتي تي الله تعاليٰ جي حڪومت قائم ڪرڻ جي تلقين ڪئي وئي هئي.

⑥





# اٽليءَ جي تاريخ جا نه وسرندڙ واقعا

رومي اقتدار کان اڳ واري اٽليءَ ملڪ ۾ گهڻن ئي نسلن جا ماڻهو آباد هئا. جن جي رهڻي ڪهڻي توڙي گفتار ۽ سماجي صورتحال هڪٻئي کان مختلف هئي. انهن سمورن نسلن ۾ علاقائي توسيع پسنديءَ جو رجحان ڪارفرما هو. منجهن پاڙيسري رياست يونان جي ماڻهن جون خوبيون جهڙوڪ شان شوڪت علمي پختگي ۽ فنون لطيفيہ سان لڳاءُ پڻ موجود هو. جيتوڻيڪ رومي سلطنت جي فتح ڪانپوءِ سموريون ننڍيون رياستون گڏيل شاهي رياست ۾ متحد ٿي ويون ۽ هڪڙو عاليشان متحد سياسي، ثقافتي ۽ سماجي نظام برپا ٿيو هو. جنهن کي سالن صديون ٿي ويون آهن. مگر ماڻهن جي اڪثريت علاقائيت ۾ مبتلا آهي ۽ اهي قديم علاقائي ايڪائين جهڙوڪ ليٽيئم، ڪيمپينيا، اُپوليا، پروٽيئم، لوڪانيا، سامينيئم، پائسينيئم، امبريا، ايٽروريا، وينيٽيا، لگوريا، وغيره سان واڳيل رهيا آهن.

ٿورن ۽ غير مصدقہ وسيلن سبب قديم اٽليءَ جي تاريخ نهايت مختصر ۽ مبهم صورت ۾ موجود آهي. قديم يوناني ۽ لاطيني ليکڪن اٽليءَ ۽ سندس نسلي گروهن بابت احوال بلڪل غير واضح ۽ غير وثوق انداز ۾ پيش ڪيو آهي. يونانين اٽليءَ جي ماڻهن جي يونانين سان لاڳاپن بابت بلڪل ٿورو احوال ڏنو آهي. انهيءَ



مان بہ مکيہ يوناني ليککن جھڙوڪ اينٽيوڪس، فائلٽس، ٽائيمائس وغيره جا قيمتي ۽ ذخيم نُسخا ناپيد آهن. لاطيني ادب ۾ فقط روم جو احوال نہ هئڻ جي برابر آهي. ٿورو گهڻو معتبر احوال اٽليءَ جي قديم آثارن جي اُپٽار مان معلوم ٿيو آهي. جنهن مان تاريخي واقعن جي پيٽ ۾ تهذيبي ۽ ثقافتي سرگرمين بابت وڏيڪ معلومات حاصل ٿي آهي. انهيءَ موجب هتي جا اوائلي ماڻهو ايٽرسڪن هئا. جن کي يوناني ٽائرسينوئي يا ٽائرهينوئي سڏيندا هئا. امبريا جا ماڻهو کين ترسڪيءِ لاطيني کين تسڪي يا ايٽرسڪي سڏيندا هئا. ايٽرسڪن دستاويزن موجب اهي خود پاڻ کي راسينا Rasenna سڏيندا هئا. يوناني زبان ۾ سندن ملڪ کي ٽائر هينيانا، لاطيني ٻوليءَ ۾ تسڪيايا ايٽروريا چوندا هئا. هي علائقو موجوده اٽليءَ جي مرڪزي ڀاڱي ۾ ٽبريا آرنو واين ۽ اپينائين جابلو علائقي جي وچ ۾ آهي. هن علائقي ۾ ايٽرسڪن ماڻهن جي موجودگيءَ جا آثارستين صدي ق.م. جي شروعات ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ايٽروريا ڪانسواءِ ٻين علائقن جهڙوڪ: ڪيمپينيا، ليٽيئم ۽ پو Po واري ميداني علائقي کان اتر طرف پڻ ايٽرسڪن ماڻهن جي آبادڪاري نظر اچي ٿي. هنن ماڻهن بابت هڪ راءِ اها آهي تہ اهي ايجئين سمنڊ جي رستي اٽليءَ جي اوپر ۾ واقع ليمنوس ٻيٽ کان لڏي اچي هتي آباد ٿيا. ٻي نظريي موجب ايٽرسڪن ماڻهو اٽلي جا اصل مقامي ماڻهو آهن. جيڪي انڊو يورپين ٻوليون ڳالهائيندڙ قومن کان بہ اڳ هتي موجود هئا. موجوده وقت جي ڪن محققن جو خيال آهي تہ ايٽرسڪن ماڻهو اٽڪل ٻارهن سئو ق.م. ڌاري ايجئين سمنڊ وسيلي هتي اچي آباد ٿيا.

اٽليءَ ۾ يوناني ۽ لاطينيءَ کان پوءِ ٽئين نمبر تي پهتل ٻولي ايٽرسڪن هئي، جنهن ۾ ثقافتي، تعليمي ۽ ٻين سماجي سرگرمين کي بيان ڪيو پئي ويو. سا هاڻي ادبي لحاظ کان مفقود آهي. رومي سلطنت واري دور ۾ ٿي گفتگو مان خارج ٿي وئي. اڄ انهيءَ ٻوليءَ جا چند ٻول وڃي بچيا آهن. جيڪي مروج ٻولين ۾ ضم آهن.

مجموعي طور نتيجو اهو اخذ ڪيو ويو آهي. تہ ايٽرسڪن ماڻهو ائينءِ ڇهين صدي ق.م. دوران هن علائقي جي ساموندي سوداگرن ۾ ڪجهہ گهرو هنر ڄاڻندڙ قوم هئي، جيڪا هن پوري اپٻيٽ ۾ پکڙندي ۽ قابض ٿيندي رهي. پر پنجين ۽ چوٿين ق.م. ۾ مڪمل عروج حاصل ڪرڻ ڪانسواءِ زوال پذير ٿي پئي چو تہ اها خود پاڻ نفاق ۽ فرقه پرستي جو شڪار ٿي وئي ۽ محدود علاقائيت پسندي ۾ ڦاسي پئي. ايٽرسڪن سماج جو بنياد خاندان يا ڪٽنب تي ٻڌل هو. جنهن جو اڳواڻ مرد هوندو هو. هر ماڻهوءَ جي ذاتي نالي سان سندس خاندان يا نک جو نالو پڻ شامل هوندو هو. اهو اصول اٽليءَ جي غير ايٽرسڪن قومن ۾ پڻ مروج هو. غلامن ۽ ڏارين کي فقط پنهنجو ذاتي نالواختيار ڪيل هو.

ايٽرسڪن ماڻهن هن علائقي ۾ يوناني طرز تي شهري رياستون ۽ حڪومتون قائم ڪيون هيون. سائري Caere تارڪُئِيني Tarquinii وُلسي Vulci روسيلي Roselle ويٽيولونيا Vetulonia ۽ پاپيولونيا Populonia شهري رياستون ڏکڻ طرف واري ساحل تي قائم هيون. ويئي Veii وولسِيني Volsini ڪِلُوسيئم Clusiam، پيروشيا Perosia، ڪورٽونا Cortona، آريٽيئم Arretium، فيسوُلي Faesulae ۽ وولاٽيراء Volaterrae وغيره ساحل کان پري اپيٽ اندر قائم هيون. مذڪوره ڇوٽيُون شهري رياستون مذهبي ۽ ثقافتي هڪجهڙائين جون حامل هيون ۽ منجهن اقتصادي ۽ تجارتي اتحاد پڻ ڏسڻ ۾ آيو. مٿين صورتحال ايٽرسڪن قوم تشڪيل ڪئي. جيڪا مذڪوره ٻارهن شهرن يا رياستن ۾ موجود هئي. رومي ۽ يوناني ڪالونين جي نيم موجب هنن ايٽرسڪن رياستن جا حڪمران فوجي ۽ مذهبي طور تي خودمختيار هئا. بعد ۾ ڪجهه ريپبلڪن حڪومتون پڻ مشاهدي ۾ اچن ٿيون. انهن شهري حڪومتن تي اٿينس شهري رياست جو اثر ڪارفرما رهيو ٻي ۽ پهرئين صدي ق.م. دوران ايٽرسڪن قوم جي هنن خود مختيار رياستن تي رومي سلطنت جو سڌي طرح سياسي، تجارتي ۽ سماجي اثر ٿيڻ لڳو. جنهن جي وڌڻ سان اهي رياستون اٽليءَ جي اتحاد ۽ رومي سلطنت ۾ شموليت لاءِ راغب ٿيون. اٽليءَ جي قديم ايٽرسڪن قوم جي مذهب جو بنياد يونان ۽ روم وانگر هو جتي گهڻن ديوين ۽ ديوتائن جي پوڄا ڪئي، ويندي هئي، مختلف قسم جا صدقا ۽ قربانيون ٿينديون هيون. سندن عقيدي موجب ڪائنات 16 ڀاڱن يا سرائن ۾ ورهايل آهي. جتي مختلف ديوتائن جا اڳ الڳ آستانا آهن. مثلاً مکيه ديوتا اوپر طرف رهن ٿا. مادي ديوتا ڏکڻ طرف رهندا آهن. ڪنور ۽ جابر ديوتا اولهه طرف ۽ سڀ کان وڏيڪ طاقتور ۽ قادر ديوتا اترطرف رهندا آهن. ايٽرسڪن ماڻهن جو اهو به عقيدو هو ته ديوتا جاندار توڙي غير جاندار هر قسم جي مادي ۾ رهندڙ آهن. لاطيني ليکڪن سندن مذهبي عقيدن کي ڊسيپلينا ايٽرسڪا نالي ۾ مرتب ڪيو آهي.

سندن آسماني يا جنت مکين عظيم ديوتا ٽن Tin يا ٽنيا Tinia آهي. ان جي حيثيت رومي ديوتا جُپيٽر ۽ يوناني ديوتا زِيئَس واري آهي. هن ديوتا وٽ ڪنوڻ وارا هٿيار آهن عظيم ماءُ ديوي يوني Uni آهي. اها رومي ديوي هيرا ۽ جُونو جي برابر آهي.

سيٽلان رومي ديوتا وُلڪين جي برابر آهي. تومس يوناني ديوتا هرمس ۽ رومي ديوتا مرڪري جي برابر آهي. اهڙي طرح يونانين ۽ رومين وانگر ايٽرسڪن ماڻهن وٽ پڻ وڏي ديو مالا قائم هئي. سندن ڪريه ڪرم پڻ رومين ۽ يونانين سان ملندڙ آهي.

ايٽرسڪن ماڻهو اوائل۾ لاشن کي ساڙي سندن رک مخصوص برتنن ۾ محفوظ ڪري رکند اهئا. بعد ۾ قبرن ۾دفن ڪرڻ شروع ڪيائون ۽ اهي تابوتن ۾ پڻ رکندا هئا ۽ انهن تي فوتيءَ جي تصوير ٺاهيندا هئا.

ايٽرسڪن لوڪن جا علوم و فنون رومي سمنڊ ۽ يورپ وارين همعصر رسومَ و روايات سان مماثلت رکندڙ هئا. جن ۾ لوهه جي دريافت واري دور جي ثقافتي سرگرمي ڪارفرما رهي. سندن برتنن تي جاميٽريءَ موجب ڇٽ گُل ۽ وڻن ٻوٽن توڙي ساهوارن جون شڪليون چٽيل آهن. ستين صدي ق.م. ۾هن علائقي ۾ايٽرسڪن ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي ۽ رسم روايت ۾ مشرقي ۽ مغربي فنون وعلوم توڙي رسمن ۽ رواجن ۾ امتزاج جي شروعات ٿي ۽ جلد ئي يوناني فنون جو اثر وڌڻ لڳو. پنجين صدي ق.م جي پهرئين اڌ تائين اصل ايٽروريا رياست دولت توڙي طاقت

جي عروج تي رسيل هئي ۽ انهيءَ جا يونان جي سنگتراشي واري تهذيب سان گهرا لاڳاپا موجود هئا. جڏهن يونان خاص ڪري ائٿينس پنهنجي عروج ڪان زوال پذير ٿيو انهيءَ وقت بہ ايٽروريا وارن جو عروج برقرار رهيو. چوٿين صدي ق.م. جي شروعات ۾ جڏهن يوناني فنون نقاليءَ جي حيثيت گهٽجي وئي، تڏهن ايٽرسڪن ماڻهن سموري اٽليءَ کي فني طور ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪئي، جيڪا رومي فنون جو بنياد ٿي اُڀري.

ايٽرسڪن قوم جي اقتدار ۾ توسيع پڻ انهيءَ دور ۾ ٿي، جيڪا سندس سامونڊي طاقت سبب عمل ۾ آئي ۽ رومي سمنڊ واري علائقي ۾ ايٽرسڪن ماڻهن بيٺڪون قائم ڪيون. اهي بيٺڪون اسپين جي ساحل ڪان وٺي اٽليءَ واري اُڀيت تائين پکڙيل هيون. انهن ۾ آئوليا ٻيٽ Aeolia Island سسلي ڪور سيڪا سارڊينيا ۽ ٻيا ڪافي علائقا شامل هئا.

ايٽرسڪن ماڻهن علاقائي توسيع پنهنجي تجارتي ترقي ۽ ڏيساور جي مارڪيٽن جي حصول لاءِ عمل ۾ آندي. هن دور ۾ ٽامي، لوهہ ۽ چانديءَ جو واپار ايٽرسڪن ماڻهن وٽ مکيہ عنصر هو. تنهنڪري انهن بيش بها ڌاتن جي ذخيرن کي فوئنيشيا ۽ يونان وارن جي حريص نظرن کان بچائڻ هنن لاءِ نهايت ضروري هو.



وسيلن جي مالڪيءَ لاءِ ڪشمڪش جي نتيجي ۾ ايٽرسڪن ماڻهن جي طاقت گهٽجڻ لڳي۽ يوناني ڪارٿيج زور وٺڻ لڳا. يونانين سان ايٽرسڪن ماڻهن جا تعلقات گهڻ رخا ۽ سُنا هئا. مگر حرص ۽ حَوَس پاڻ ۾ ويڙهائي وڌا. نتيجي طور يونان، ڪارٿيج ۽ فوئنيشيا وارن سان معرڪه آرائي ڪندي ايٽرسڪن پنهنجون ڏکڻ ۾ قائم بيٺڪون وڃائي ويٺا. چوٿين صدي ق.م. ۾پوري قديم اٽليءَ جي صورتحال ۾ فيصلا ڪن تبديليءَ مان گذري ايٽروريا رياست ڪمزور ۽ نندڙي ٿي پئي. روم ۽ ايٽروريا رياستن ۾ مقابلا ٿيندا رهيا. نيٺ سن 396ق.م. ۾ روم ايٽروريا تي سوپ حاصل ڪئي ۽ ڏکڻ ايٽروريا تي قبضو ڪيو تہ بعد ۾ ايٽروريا جي مکيہ اترين شهرن ڪلوسيئم، پيورگيا ۽ اريزو امن ۽ شانتيءَ سان رومي سلطنت ۾ شموليت اختيار ڪئي. 265ق.م. ۾ روم وولِيسنيءَ تي قبضو ڪيو. اهڙي ريت ٽئين صدي ق.م جي وچ ڌاري سموري ايٽروريا يعني ايٽرسڪن قوم جي رياست رومي تسلط هيٺ اچي وئي ۽ آخرڪار سن 90 ق.م. ۾ سموري اٽليءَ جي رهاڪن تي رومي سلطنت جي شهريت لاڳو ڪئي وئي. اهڙيءَ ريت ايٽروريا رياست پنهنجو وجود وڃائي ويني ۽ رومي سلطنت طاقتور رياست ٿي اُڀري، جنهن لاطينيءَ کي سلطنت جي قومي زبان قرار ڏنو.

اٽليءَ جي اولاهين پاڱي ۾ آباد ٻيا نسل اپوليئن ۽ لاطيني نسلي گروهہ هئا.

⑥



# حضرت محمد صلي الله عليہ و آلہ وسلم جن کان اڳ عربن جو احوال ۽ سندن ولادت، نبوت ۽ هجرت جو احوال

احد احمد پاڻ ۾ وچان ميم فرق،
آهي مستغرق، عالم انهي ڳالھ ۾.
(شاھ)

اڄڪلھ عرب ملڪ تيل ۽ ٻي معدنيات جي موجودگيءَ سبب دنيا جي شاهوڪار ملڪن ۾ شامل آهن. پر حضور اڪرم حضرت محمد صلي الله عليه و آله وسلم جن جي ولادت مبارڪ وقت هيءَ سر زمين جهالت ۽ غربت ۾ غرق، قبائلي جنگين جي آماجگاھ ٿي پئي هئي. جنهن جي باقي دنياءِ انساني ۾ ڪا بہ وقعت ۽ حيثيت ڪا نہ هئي.

يمن واري ڏاکڻي پاڱي ڪانسواءِ سمورو ملڪ شاهي رڻ پٽ جي صورت ۾ واريءَ جي طوفانن، لُڪُن ۽ جهولن جي ور چڙهيل هو. البت ڪٿي ڪٿي ڪنهن ننڍي وڏي چشمي جي موجودگيءَ سبب ڪو ڪجين جو باغ ڏسڻ ۾ آيو ٿي. ڪنهن وڏي چشمي واري ڪجين جي باغ ۾ جَوَ ۽ جوئر وغيره پوکبي هئي. هن جابلو علائقي

جا باشندا بدو خانہ بدوش هوندا هئا، جيڪي خيمن ۾ رهندا هئا. انهيءَ ڪري يوناني کين ساراسين سڏيندا هئا. دنيا جي ماڻهن کي اها ڳالهہ وهم گمان ۾ بہ ڪا نہ هئي تہ هن جاهل قوم ۾ ڪڏهن اهڙي غير معمولي شخصيت جو مالڪ يعني خيرالورا پيدا ٿيندو. الله سبحانہٗ و تعاليٰ نبي آخر زمان طور چونڊي کين هڪ اهڙي دين جي اشاعت جو فرض سونپيندو جنهن سان نيڪي، امن، ايمان، پائيچارو، ترقي ۽ خوشحالي هن تباهہ حال خِطي جو مقدر بڻجندي ۽ عالم ۾ اسلام جو اهاءُ ٿيندو.

هتي جي ماڻهن کي ٻي دنيا جا ماڻهو لادين، ڪافر ۽ وحشي قوم سمجهندا هئا. تنهنڪري يهودين توڙي عيسائين جو هن خطي ۾ تبليغ جي خيال کان اچڻ خير ڪو ٿيو يثرب شهر جنهن کي هاڻي مدينو سڏجي ٿو. تنهن ۾ ڪجهہ زراعت پيشہ يهودي اچي آباد ٿيا. جن پنهنجي مذهب سان گڏ هتي جي بُت پرستي پڻ اختيار ڪئي.



يمن رياست تي بازنطيني حڪومت قبضو ڪري اتي عيسائيت جو پرچار ڪيو. جنهن سبب ڪجهہ مقامي ماڻهن عيسائيت اختيار ڪئي، اتر عرب ۾ ڪجهہ قبيلن عيسائيت قبول ڪئي. پر عام بدو لوڪ يهوديت توڙي عيسائيت کي پنهنجي مذهب کان مٿيرا دين سمجهڻ جي باوجود انهن کان گهڻي قدر بدگماني توڙي خطري جو شڪار رهيا. چو تہ ايرانين 570ع ۾ سندن ڏاڪڻي رياست يمن تي اچي قبضو ڪيو. جنهن تي هن کان اڳ ابيسينا (حبش-هاڻ ايٿوپيا) وارن جو قبضو هو. ان کان اڳ ۾ هتي يهودين اچي عربن کان حڪومت کسي هئي.

ستين صدي عيسوي جي شروع ۾ وچ عرب وارن چند قبيلن عيسائيت جي مختلف فرقن کي قبول ڪيو هو. پر مجموعي طور تي عرب ماڻهو هڪٻئي کان ڇڙوڇڙ، باهمي جنگين جا شڪار، غيرمتمدن ۽ مشرڪ ٿي رهيا. منجهن چوري چڪاري، ڦرمار ۽ دنگو فساد معمول جو مشغلو هو. خانہ بدوش زندگي سندن ورثو هو. ايتري قدر جو شهرن ۾ اچي آباد ٿيندڙن جي مزاج تي پڻ انهي اصلي خانہ بدوشي طرز زندگيءَ جو گهرو اثر برقرار رهيو. جنهن کان اهي مڪمل طور آزاد ڪو نہ ٿيا هئا. اهي اُٺ پاليندا هئا ۽ پاڻ کي رڻ پٽ جو اولاد سڏائيندي فخر محسوس ڪندا هئا.

دجلہ ۽ فرات جي زرخيز ميداني علائقن ۾ رهندڙ عربن جو پيشو زراعت هئڻ سبب کين اُت پالڻ ۽ خانہ بدوش ٿيڻ جي مجبوري ڪانہ هئي. پر خشڪسالي ۽ قحط وارن ڪئين سالن تي مشتمل عرصن کين صحرائي نخلستانن جي ڳولا ڪارڻ خانہ بدوش بنجڻ تي مجبور ڪيو تہ جيئن اهي پنهنجو گذر ۽ جانورن جو چارو هٿ ڪري سگهن. سندن خوراڪ گهڻي ڀاڱي اُٺن جو کير ۽ گوشت تي مُبني هئي. اهڙي طرح صحرا ۾ موجود مختلف چشمن ۽ نخلستانن تي مختلف قبيلن پنهنجو تسلط ۽ تصرف قائم ڪيو. هيءَ صحرائي زندگي ڏاڍي ڏکي هئي. جتي ماڻهو ڪڏهن ڪڏهن ڪافي عرصي تائين بُک ۽ اُڃ جو شڪار رهندا هئا. زندگيءَ جي ضروريات جي حصول ڪارڻ اڪثر پاڻ ۾ وڙهندا رهندا هئا.

هنن صحرائي بدولوڪن ۾ قبائلي نظام موجود هو. جنهن تحت قبيلي جو سردار قبيلي جي هر شخص جي جان ۽ مال جي حفاظت لاءِ ذميوار هو. جڏهن تہ ان ذميواري کي صحيح طور نڀائڻ خاطر قبيلي جو هر فرد سندن سردار جو حڪم مڃڻ لاءِ هر وقت پابند رهندو هو.




قبيلي جي هر فرد ۾ موجود سماجي خوبين جي مجموعي لاءِ هڪ لفظ مَرواہ ڪتب آڻيندا هئا. جنهن ۾ جرائت، مردانگي، سهپ، صبر، ظالم کان بدلو وٺڻ جي خواهش، ڪمزورن ۽ نادارن جي مدد ۽ طاقتور ۽ جابر اڳيان بہ سچ چوڻ کان نہ ڪيٻائڻ وغيره واريون سموريون خصوصيتون شامل هيون. مَرواہ وارو لفظ ڪٿي ڪٿي مذهبي ڪردار پڻ ادا ڪندو هو. عربن ۾ موت کان پوءِ واري زندگي جو تصور عدم موجود هو. سندن معاشري جي اصولن تحت فرد واحد جي انفرادي طور تي ڪا بہ حيثيت يا اهميت ڪا نہ هوندي هئي. سندس عزت يا اهميت ڪنهن قبيلي سان وابستگي موجب طئي ٿيندي هئي. هن قبائلي زندگيءَ ۾ قرمار يا قتل وغيره کي بہ ڏوهہ تصور ڪو نہ ڪيو ويندو هو. اهڙي طرح بدلي جي رواج موجب قرمار ۽ قتل و غارت جو سلسلو جاري ۽ ساري هوندو هو. بدلو نہ وٺندڙ قبيلي يا ڌُر کي گيدي ۽ بزدل ڪوٺي ان جي سخت تذليل ڪئي ويندي هئي. ڏاڙا ۽

ڦرون ڪرڻ کي "غُزِي" سڏيندا هئا. اهو فعل هنن وٽ فخر جوڳو عمل ليکبو هو. ڦورو ٽولا ياڳين جي سجاڳ ٿيڻ ۽ سرهڻ کان اڳ املاڪ ۽ جانور وغيره چورائڻ ۾ ڪامياب ٿيڻ لاءِ حتي الامڪان ڪوشش ڪندا هئا. منجهن ننڍن ٻارن خصوصاً ڇوڪرن کي مارڻ جو ظالمانه رواج عام هو. ڇو ته عيش و عشرت ۽ ڪثرت ازواج جي تقاضا موجب ڇوڪرين کي ڪو نه ماريندا هئا پر ڪي ظالم ماڻهو پنهنجي نياڻين کي به ڄمڻ شرط جيئري ئي زمين ۾ پوري ڇڏيندا هئا.

هنن بدو لوڪن ۾ لکڻ پڙهڻ جو رواج ڪو نه هوندو هو. البت منجهن ڪي ماڻهو شاعر به هوندا هئا. جيڪي ڪين شعر ٻڌائيندا هئا. سندن خيال موجب شاعرن تي جنن ۽ ڀوتن جو اثر آهي ۽ شاعريءَ ۾ جادو سمايل آهي. تنهنڪري شاعرن کي عربن وٽ وڏو مان ۽ مرتبو حاصل هو. ڪين اهو وهم هوندو هو ته سچي شاعر جي پِٺ ماڻهوءَ کي نهوڙي نيندي ڇو ته انهن کي روحاني طاقت حاصل آهي. شاعر مُلان توڙي درويش جو پارٽ پڻ ادا ڪندا هئا.

بدو قبيلن ۾ جوتشي، ڀوپا ۽ نجومي به موجود هوندا هئا، جيڪي اڳڪٿيون ۽ خوابن جا تعبير پڻ ڪندا هئا. هنن بدو ماڻهن ۾ ڪجهه مذهبي ۽ روحاني عقيدا پڻ مروج هئا. اهي ڪيترن ئي ماڳن ۽ مڪانن کي مقدس سمجهندي، انهن جي چڱي توقير ۽ ادب ڪندا هئا.

اهي ڪعبة الله کي سڀني ماڳن ۽ مڪانن کان وڌيڪ پاڪ ۽ اعليٰ حيثيت واري جاءِ ليکيندا هئا. ڪعبي شريف جي ڀرسان آب زم زم وارو پاڪ کوهه موجود هو. هن پاڪ جڳهه جي اوير واري ديوار جي ڪُنڊ تي دروازي جي ڀرسان نَصب ٿيل ڪارو پٿر سندن خيال موجب شهاب ثاقب هو جيڪو الله پاڪ عربن کي تحفي طور عطا ڪيو هو. رسول اڪرم صلي الله عليه و آله وسلم جن جي دور ۾ ڪعبو شريف عربن جي مکيه ديوتا "هبل" جي نالي سان منسوب هو. انهيءَ ديوتا جو بت نيباتين جي ملڪ يعني اُردن مان آڻي ڪعبي شريف ۾ نَصب ڪيو ويو. اُن کان اڳ ۾هن مقدس جڳهه کي عربن جي سڀ کان وڏي معبود الله پاڪ جو گهر ڪري مڃيندا هئا ۽ ان جي چوڌاري ست چڪر لڳائيندا هئا. انهيءَ عمل کي هو طواف نالي عبادت ڪوٺيندا هئا. ڪعبي شريف جي چوڌاري ٻين 360 ديوتائن جون مورتيون به رکيل هيون. ڪيترائي بدڪار ماڻهو ننگا ٿي طواف ڪندا هئا.

ڪعبي شريف جي چوڌاري ويهن ميلن جي علائقي ۾ هر قسم جو شڪار، جهيڙو فساد ۽ خون وغيره تي سخت بندش هئي. اهو مذهبي اصول هو. ڪعبت الله شريف سمورن سامي توڙي حامي قبيلن ۽ قومن جو هڪڙو گڏيل مذهبي ۽ روحاني مرڪز هو.

هن عمارت جي چوڌاري رکيل 360 مورتيون قديم سُميري مذهب کان متاثر ٿي هتي پڻ گهڙائي رکيون ويون. ڇو ته سُميري باشندا 360 ڏينهن وارو سال ڪم آڻيندا هئا ۽ هر روز هڪ مقرر ديوتا جي پوڄا ڪندا هئا. اُن سال ۾ پنج ڏينهن وڌيڪ شامل ڪري انهن ڏينهن تي فقط زمين ۽ آسمان کي مهاديوتا ڪري پوڄيندا هئا، عربن انهن پنجن ڏينهن کي حج جي ڏينهن ۾ بدلائي ڇڏيو. مشرڪين عرب آڳاٽي وقت حج جون رسمون خزان جي مُند ۾ بجاآڻيندا هئا. جيئن ديوتا مهربان ٿي سُٺي برسات وسائي، طوفان جي ديوتا جو گهر صفا ۽

مروا جي ٻُنين جي وچ ۾ حائل زمين کي سمجهيو ويندو هو. اُتي ٻوڙون پائيندا هئا. مکي شريف کان وِيهارو کن ميل پري عرفات جبل واري ميدان ۾ ساري رات جاڳي عبادت ڪندا هئا، منيٰ جي ماڳ تي ٽِن پِيلَرَن تي ڪڙيون هڻندا هئا ۽ آخر ۾ متو ڪوڙائي جانورن جي قرباني ڪندا هئا.

حج وارن ڏينهن ۾ مکي شريف ۾ هزارن جي تعداد ۾ حاجي ايندا هئا ته هتي ميلي جو سمان ٿي ويندو هو ۽ واپار وڏي پئماني تي ٿيندو هو. ان صورتحال سبب مکي شريف کي مرڪزي تجارتي حيثيت پڻ حاصل هئي.

عربستان ۾ ڪعبي شريف کانسواءِ ٻيا به ڪجھ مقدس مکان هئا،جتي مختلف ديوتائن ۽ ديوين جي پوڄا ٿيندي هئي، پر ٽن ديوين کي گهڻي مڃتا مليل هئي. انهن کي (بنات الله) يعني ”الله پاڪ جون ڌيئر“ سڏيندا هئا.انهن جا نالا الات، المنات ۽ العزي هئا. الات ديوي جو مندر طائف نالي شهر ۾ هو. نخله نالي ماڳ وٽ العزي ديوي جو مندر نهيل هو. اهڙي ريت ثقيف قبيلي وارن الزبه نالي ديويءَ جو مندر ٺاهيو هو هنن ديوين کي بنات الدهر يعني قسمت جون ديويون پڻ ڪوٺيندا هئا. عربن جو مذهب انهن مندرن تائين محدود هو. اهي پنهنجي گهرن ۾ پوڄا ڪرڻ لاءِ بت يا مورتيون ڪو نه رکندا هئا. عربن ۾ ڪجھ اهڙا ماڻهو به موجود هئا جيڪي مروج مذهب ۽ رسم و رواج کان باغي هئا. انهن ماڻهن جو ڳچ تعداد شهرن ۾ آباد هو. ستين صدي عيسوي تائين هي سمورو عرب سخت افراتفري، ڦرمار، خون و غارتگريءَ ۾ ٻُڏل هو. ڪٿي به امن امان نالي ڪا به شي موجود نه هئي. البت شهرن جو ماحول معاشرو ٿورو مختلف هو. مڪو شريف ۽ يثرب يعني مدينو منوره سماجي توڙي معاشي طور تي سڌريل ۽ ترقي يافته شهر هئا. مکي شريف جي سموري عرب ۾ مذهبي، سماجي توڙي تجارتي لحاظ کان سوين سالن کان وٺي مرڪزي شهر واري حيثيت هئي. مڪو شريف پنهنجي بيهڪ جي لحاظ کان ٽڪرين سان گهيريل جهول واري يا ترائي واري پٽ تي اڏيل شهر آهي. جيڪو اتر کان ڏکڻ ڏانهن وڌندو رهي ٿو. شهر جي اولهه طرف واريون ٽڪريون ان جي اوڀر طرف وارين ٽڪرين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ اوچيون آهن. ڪعبو شريف شهر جي بلڪل وچ تي اڏيل هو. شهر جون گهٽيون پٿر جي فرش سان ٻڌل هيون ۽ سمورن گهرن کي قلعه بند ڪوٽ اڏيل هئا. شهر جي سردار اعليٰ جو محل جنهن کي ”دارالندوه“ سڏيندا هئا. اهو ڪعبي شريف جي بلڪل پرسان اڏيل هو. جنهن جو مکيه دروازو ڪعبي شريف جي سامهون هو. اهڙيءَ طرح مڪو شريف هڪ محفوظ ۽ خوشحال شهر جي ڏيکائي ڏيندو هو.

ڪعبت الله شريف جا اصل سنڀاليندڙ ته آل اسماعيل هئا، پر اٽڪل ٽي چار سئو ق.م. ۾ بابلي بادشاهه ڌنڌي جي زور تي اهو بني جُرهُم جي حوالي ڪيو. جنهن شهر جي توڙي سموري حجاز پرڳڻي جي مذهبي توڙي سياسي اقتدار تي براجمان رهندي پاڻ کي ”مَلَڪ“ جي خطاب سان سڏائڻ شروع ڪيو. ٽي صدي عيسوي جي شروعات ۾ يمن جي رهاڪو ”بني خُزاء“ نالي قبيلي وارن مکي شريف کانسواءِ باقي سموري حجاز تي قبضو ڪري بني جُرهُم جو اقتدار ختم ڪري ڇڏيو. ان عرصي دوران بني اسماعيل وارن اهل بابل هٿان ٿيل پنهنجي تباهيءَ جي حتي الامڪان ازالي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. اهڙي طرح بني اسماعيل واري قبيلي جي هڪ فرد نالي ”عدنان“ بني جُرهُم جي سردار جي ڌيءَ سان شادي ڪري مکي شريف ۾ رهائش اختيار ڪئي. عدنان جو پٽ معد حجاز توڙي نجد ۾ رهندڙ بني اسماعيل جي سمورن قبيلن جو سردار

هو. معد جي اولاد ۾ ڪافي عرصو پوءِ ”فهر“ نالي هڪ شخص پيدا ٿيو جيڪو هڪ عالي همت ۽ پُروَقار شخصيت جو مالڪ هو.ڪيس قُريش جو لقب مليل هو. بني جرهم جيڪو اصل ۾ بني خزاء قبيلي جي هڪڙي شاخ هئي، تنهن ڪي ڪعبي شريف جي متوليءَ وارو عهدو ٻن صدين کان وڌيڪ عرصي تائين حاصل هو.اٽڪل پنجين صدي عيسوي ڌاري بني جرهم قبيلي واري مڪي جي آخري سردار جليل جي وفات تي فهر، ملقب قريش جي اولاد مان ”قُصي“ نالي هڪڙي فرد جيڪو سردار جليل جو نياڻو بہ هو. مڪي شريف جي مذهبي توڙي سياسي اقتدار تي قبضو ڪري بني جرهم يا بني خزاء وارن ڪي مڪي شريف مان ڪڍي ڇڏيو. نہ قط ايترو پر قُصي سموري حجاز پرڳڻي جو حاڪم ٿي ويو. هن مڪي شريف ۾ نظم و نسق ۽ امن امان طرف گهڻو ڌيان ڏنو. ڪعبي شريف تي سندن قبضي کي برقرار رکڻ لاءِ ۽ ان جي حفاظت خاطر جيڪي قريش قبيلي جا خاندان جهڙوڪ: قُصيءَ جو ڀاءُ زهرا، چاچو تيم ۽ سئوٽ مخزوم، سهم ۽ جمع وغيره شهر جي ٻاهرين ڀاڱن ۾ رهندا هئا. انهن کي قُصي لڏائي اچي ڪعبي شريف جي چوڌاري طواف ڪرڻ لاءِ گهربل ميدان ڇڏي انهيءَ سان لڳو لڳ مورچا بند ڪوٽن وارا عاليشان گهر تعمير ڪيا.

قُصيءِ پنهنجو محل پڻ انهن گهرن سان گڏ تعمير ڪرايو. جنهن جو دروازو ڪعبي شريف جي سامهون طواف واري ميدان وٽان هو. انهيءَ محل کي دارالندوه جي نالي سان سڏيندا هئا، مڪي شريف توڙي سموري حجاز پرڳڻي جا سياسي سماجي ۽ مذهبي مسئلن بابت درالندوه ۾ اجلاس ٿيندا هئا ۽ احڪام جاري ڪيا ويندا هئا. چاليهن سالن کان گهٽ عمرواري ڪنهن بہ شخص کي دارالندوه ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت ڪا نہ هئي. البت حاڪم جي جانشين سان اهو قلم لاڳو ڪو نہ هو. ڪنهن جنگ تي روانو ڪرڻ وقت قريشي فوجي سالار کي سردار اعليٰ قُصي پاڻ خود جهنڊو ڏيندو هو ۽ هڪ نيزي جي ڦر کي سفيد ڪپڙو ويڙهي جنگي سردار کي يا پنهنجي پُٽ کي هٿ ۾ ڏيئي لشڪر سان گڏ روانو ڪندو هو. اُن رسم کي ”عقد اللِوا“ سڏيندا هئا. هن ڪعبي شريف جي زيارت ۽ حج ڪرڻ لاءِ آيل پرديسي ماڻهن کي ڪاڏي جو



خرچ پورو ڪرڻ لاءِ هن اهل مڪه تي چندو مقرر ڪيو. اهو رواج اسلامي دور ۾ بہ سوين سالن تائين جاري رهيو. ان ڪانسواءِ قُصي مڪي شريف ۽ ان جي آسپاس پاڻيءَ جي ڪوهن جي سنڀال ۽ پاڻي پهچائڻ جو انتظام يعني سقايہ ۽ حُجا بہ يعني ڪعبي شريف جي ڪنجي برداري ۽ ”سناده“ يعني ڪعبي شريف ۾ ديوتائن جي رکيل مورتين کان زندگيءَ جي مختلف مسائل بابت ڏس پتوونڻ لاءِ ڪاهن يا پوپا مقرر ڪرڻ جهڙا ڪيترائي ڪم پنهنجي نگرانيءَ ۾ڪرائيندو هو ۽ اهڙي ريت هو هڪ برجستو ۽ ڪامياب حاڪم ثي رهيو جنهن قريش قبيلي جو مان ۽ مرتبو وڌايو هو. قُصي ڊگهي عمر ماڻي ۽ سن 480ع ڌاري وفات ڪئي.

سندس وفات بعد سندس پٽن عبدالدار ۽ عبدالمناف ۾ اقتدار ۾ حصي رسيءَ نسبت جهڳڙو ٿي پيو. عبدالدار کي سهم، مخزوم، جمع ۽ چاچي عدي جي خاندانن جي حمايت حاصل هئي. انهيءَ گروهہ کي ”احلاف“ جي نالي سان سڏيندا هئا. عبدالمناف کي پنهنجي پاڻتي اسد، زهراه، تيم، ۽ محترم الحارث ابن فهر جي حمايت حاصل هئي. هن گروهہ وارن همراهن خوشبودار پاڻيءَ سان ڀريل هڪ وڏو ٿانءُ ڪٽي ڪعبي شريف ۾ داخل ٿي پنهنجا هٿ اُن پاڻيءَ سان ڌوئي هڪٻئي کي ساٿ ڏيڻ جو انجام ڪيو. تنهنڪري هن گروهہ جي ماڻهن کي ”مُطيبون“ يعني خوشبوءِ لڳل افراد سڏڻ لڳا. ڪافي ڪشمڪش بعد ٻئي ڌريون اقتدار ۾ ڀائيواري وارن شرطن موجب ٺهي ويون. اُن ٺاهہ موجب سقايہ يعني مڪي شريف ۾ معنافات جي پاڻيءَ جو انتظام ۽ ٻيو رفاده يعني پرديسي زائرين جي خوراڪ جو بندوبست ۽ ان لاءِ چندو گڏ ڪرڻ جو انتظام عبدالمناف جي اولاد جي حوالي ڪيو ويو. باقي حجابہ يعني ڪعبي شريف جي ڪُنجي برداري ندوه يعني قومي مجلس جو انعقاد ۽ لِوا يعني جنگي معاملات عبدلدار جي اولاد جي حوالي ڪيا ويا.پر هن قريش قبيلي جي تقسيم هنن ٻن گروهن جي صورت ۾ صدين تائين يعني حضور اڪرم صلي الله عليه و آله وسلم جن جي وقت بہ موجود هئي، جنهن سبب قبيلي ۾ داخلي اختلافات ۽ مخاصمت برقرار رهي.

عبدالمناف سندس حصي ۾ آيل ڪمن جو انتظام پنهنجي وڏي پٽ عبدالشمس جي حوالي ڪيو. پر تنگ دست هئڻ سبب شمس سقايہ ۽ رفاده جون ذميواريون پنهنجي ننڍي ڀاءُ هاشم کي رضا خوشيءَ سان سونپيون ڇو تہ تجارت پيشہ ۽ مالدار هئڻ سبب قريش خاندان ۾ هاشم کي وڏي حيثيت حاصل هئي.

مڪي شريف ۽ ان جي آسپاس آباد قريش خاندانن جو گذر سفر جو ذريعو واپار هو. هاشم جي انهن تاجرن ۾ پڻ وڏي اهميت هئي. هو سال ۾ ٻہ ڀيرا وڏا وڏا تجارتي قافلا يمن ۽ شام ملڪن ڏانهن موڪليندو هو. ڪعبي شريف لاءِ سموري عرب مان زائرين سدائين ڀيا مڪي شريف ايندا ۽ ويندا هئا. تنهنڪري هي شهر عربستان ۾ هڪڙي وڏي تجارتي مرڪز جي صورت اختيار ڪري ويو. ڇو تہ اهو ٻن وڏن تجارتي رستن جي بہ وچ ۾موجود هو. هڪڙو حجاز وارو شاهي رستو جيڪو ڳاڙهي سمنڊ جي اوڀر طرف واري ڪناري سان لڳو لڳ هلندو يمن، شام، فلسطين ۽ اردن کي پاڻ ۾ ملائيندو هو ٻيو نجہ وارو شاهي رستو هو جيڪو يمن کي عراق سان ملائيندو هو. اهڙي طرح اهل قريش واپار ۾ ڪاميابي ۽ پنهنجي مڪي ۾ ڏاهپ سان حڪمراني ڪرڻ سبب ڇهين صدي عيسوي ۾ پوري عرب ۾ وڏي اقتصادي ۽ سياسي قوت طور اُڀري آيا. انهيءَ زماني ۾ پوري قريش ۾ هاشم کي سڀ کان وڌيڪ اهميت ۽ حيثيت حاصل هئي. هن سن 510ع ڌاري غزه شهر ۾ انتقال

ڪيو. سندس بعد سقايہ ۽ رفاده جو انتظام سندس وڏي پٽ شيبہ جي حوالي ٿيو. شيبہ جي وفات تي مٿيان معاملا سندس ننڍي ڀاءُ عبدالمطلب جي حوالي ٿيا. جنهن کي اهل مڪہ اڳي ئي وڏي عزت ڏيندا هئا. سندس خصلتن موجب کيس الغيص جو خطاب ڏنو ويو.

ڪعبي شريف جي پر ۾ موجود آب زم زم وارو مشهور چشمو بني خزاء وارن پنهنجي ايامڪاريءَ دوران لٽي ڇڏيو هو. عبدالمطلب اهو چشمو نئين سر کوٽي صاف ڪرائي جاري ڪرايو. ياد رهي تہ زائرين ڪعبہ ۽ حاجين کي آب زم زم پيارڻ جو شرف بني هاشم کي ئي حاصل هو. عبدالمطلب وڏو واپاري هئڻ سان گڏ انن جي تمام وڏي وڳ جو پڻ مالڪ هو. انهيءَ وقت مڪي شريف جي حڪومت جو ڪاروبار عبدالدار ۽ عبدالمناف سان وابستہ خاندانن ۾ ورهايل هو.انهن جو تعداد ڏهہ هو. انهن ڏهن ڄڻن کي ”الشريف“ جي نالي سان سڏيندا هئا. انهن ڪاتن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو.

1. حجابہ: يعني ڪعبي شريف جي ڪنجي برداري جو عهدو عبدالدار جي خاندان جي حوالي هو. اسلام جي ظهور وقت عهدي تي عثمان بن طلحہ فائز هو.

2. سقايہ: يعني آب زمزم ۾ ٻين سمورن کوهن جي پاڻيءَ جو انتظام بنو هاشم جي افراد جي حوالي هو. رسول اڪرم صلي الله عليه و آله وسلم طرفان مڪي شريف جي فتح وقت انهيءَ جو انتظام رسول پاڪ صلي الله عليه و آله وسلم جن جي چاچي حضرت عباس ؓ جي حوالي هو.

3. ديات: يعني ديواني ۽ فوجداري عدالت تيم ابن مره جي خاندان جي حوالي هئي. رسول الله صلي الله عليه و آله وسلم جي نبوت کان اڳ واري دور ۾ انهيءَ عهدي تي عبدالله بن قحافہ يعني حضرت ابو بڪر صديق فائز هو.

4. سفارت: يعني مڪي جي رياست تورڙي ڏيساور ۾ سرڪاري نمائندگيءَ وارو تمام اهم عهدو حضرت عمر رضہ جي حوالي هو.

5. اللوا: يعني قومي جهنڊي جو محافظ سپهہ سالار جو عهدو بنو اُميه جي خاندان جي حوالي هو مڪي شريف جي فتح کان اڳ اُن عهدي تي نبي سڳورن صلي الله عليه و آله وسلم جو جاني دشمن ابو سفيان بن حرب فائز هو.

6. رفاده: يعني حاجين زائرين ۽ ٻين مسڪين ماڻهن کي کاڌو کارائڻ ۽ انهيءَ لاءِ مقرر چندو گڏ ڪرڻ وارو نيڪ ڪم بنو هاشم جي حوالي هو پر ابو طالب جي وفات کان پوءِ نوفل بن عبدالمناف جي خاندان جي حوالي ٿي ويو. حضور صلي الله عليه و آله وسلم جن جي وقت ۾ اهو انتظام حارث ابن عمرو جي حوالي هو.

7. الندوهہ: يعني قومي مجلس جو انتظام حڪومت جي سڀ کان اعليٰ فرد جي حوالي هوندو هو. رسول صلي الله عليه و آله وسلم جن جي دور ۾ العزي قبيلي جي هڪ فرد اسود جي قبضي ۾ رهيو.

8. خائمہ يا قبہ يعني قومي مجلس گاهہ جي متولي وارو عهدو مخزوم قبيلي جي فرد خالد بن وليد جي حوالي هو.

9. خازنہ: يعني بيت المال جو انتظام حسن بنڪعب خاندان جي فرد حارث ابن قيس جي حوالي هو.

10. ازلام: يعني انهن تيرن جي سار سنڀال جيڪي ڪعبي شريف ۾ رکيل بتن کان منجهيل مسئلا حل

ڪرائڻ خاطر هوا ۾ اڇلايا ويندا هئا. وارو منصب ابو سفيان جي نندي ڀاءُ صفوان کي حاصل هو.

انهن سمورن عهديدارن ۾ جيڪو سڀني کان وڏو هوندو هو اُن کي وڏيڪ اثر ۽ رسوخ حاصل هوندو هو. ڪيس رئيس ۽ سيد جا لقب مليل هئا رسول صلي الله عليه و آله وسلم جن جي وقت ۾ اهو مرتبو سندن چاچي حضرت عباس رضه کي حاصل هو.

بهرحال عبدالمطلب جي حيثيت پنهنجي قبيلي توڙي پوري عرب علائقي ۾ اعليٰ ۽ ارفع هئي. هن ڪعبو شريف ۾ ديوتائن جي بتن اڳيان پنهنجي پٽاٽي اولاد کي قربان ڪرڻ جي باس باسي هئي. انهيءَ جي پورائي لاءِ سندس نندي پٽ عبدالله يعني رسول مقبول صلي الله عليه و آله وسلم جن جي والد بزرگ وار کي ڪٽي ڪعبي شريف پهتو پر قادر ڪريم کي ڪجهه ٻي ڳالهه منظور هئي. تنهنڪري بُتن جي ڪاهن يعني پروهت يا ٻانيڻ هڪڙي عورت هئي، جنهن جو نالو نسجاع هو تنهن انساني قرباني عيوض هڪ سئو اٺن جي تقاضا ڪئي. جيڪا بروقت پوري ڪئي وئي. بعد ۾ پوري عرب ۾ انساني خون بها هڪ سئو اُٺ مقرر ۽ مروج ٿي ويو.

حضرت عبدالله زهره قبيلي جي سردار وهب جي ڌيءَ آمنه سان شادي ڪئي. انهيءَ سال سندن شاديءَ کان ست اٺ مهينا پوءِ يمن جو حاڪم ابرهه وڏو لشڪر ساڻ ڪري مڪي شريف تي ڪاهي آيو. پاڻ هڪڙي هاٿيءَ تي سوار لشڪر جي اڳيان اڳيان پي آيو ۽ جڏهن مڪي شريف وٽ اچي پهتو ته مڪي جا ماڻهو هيڏو سارو شاهي لشڪر ۽ ان سان گڏ هڪڙو نرالو ۽ هيبتناڪ جانور يعني هاٿيءَ کي ڏسي دهلجي ويا



۽ پهاڙيءَ ۾ لڪڻ لڳا. ڏٺيءَ جي قدرت عجيب جو جڏهن فوج شهر ۾ داخل ٿيڻ جي تياري ڪرڻ شروع ڪئي تہ پوري آسمان تي ابابيل نالي ننڍڙا پکي نمودار ٿيا جن پنهنجي چهنبن سان ابرهہ جي فوج تي باريڪ پٿرين جي برسات شروع ڪري ڇڏي. اهي سنهيون پٿريون زرهون چيري ماڻهن کي زخمي ڪري مارڻ لڳيون. جنهن ڪري فوج ۾ سخت ڊپ ۽ حراس پکڙجي ويو. ابابيلن جي گم ٿيڻ شرط خوفناڪ طوفان سان گڏ برسات شروع ٿي وئي. جنهن سبب فوج جا سپاهي پنهنجن خيمن سميت برسات جي پاڻي ۾ لڙهندي غرق ٿيڻ لڳا. برسات پوري ٿيڻ سان سموري فوج طاعون جي بيماريءَ ۾ مبتلا ٿي وئي. اهڙي بدترين صورتحال جو شڪار ابرهہ خود زخمن سان چُور، باقي بچيل چند سپاهي ساڻ ڪري واپس يمن ويو جتي ترت ئي مري ويو.

هن عبرتناڪ واقعي کان ترت ئي پوءِ رسول اڪرم صلي الله عليه و آله وسلم جن جو والد ماجد حضرت عبدالله يثرب ڏانهن سفر دوران 25 ورهين جي ڀوهہ جواني ۾ اجل جو شڪار ٿي پنهنجي حاملہ گهرواريءَ کي غمزده ڇڏي لاڏاڻو ڪري ويو. سندس وفات کان چند ڏينهن پوءِ بي بي آمنہ رسول پاڪ صلي الله عليه و آله وسلم جن کي جنم ڏنو. اها ربيع الاول جي ٻارهين تاريخ، سومر جو ڏينهن مطابق 29 آگسٽ سن 570ع هئي. ڏاڏو حضرت عبدالمطلب معصوم کي ڪعبي شريف ۾ڪٺي ويو ۽ محمد نالو رکيو. هڪ رات عبدالمطلب خواب ۾ ڏٺو تہ ٻار جي ڇيلهہ وٽان هڪڙو وڻ ڦٽي وڌندو وڃي آسمان سان لڳو. ۽ اُن جي ٽارن ۽ شاخن سان سموري ڌرتي ڇانئجي وئي. انهيءَ وقت انهيءَ وڻ مان ايترو تہ سوجهرو ٿيو جو سموري ڌرتي عجيب طرح منور ٿي وئي.

انهيءَ دور ۾ عبدالمطلب جو خاندان معاشي تنگي جو شڪار هو. قريش جي رواج مطابق معصوم بني سعد قبيلي جي هڪ ٻاريتِي مائي نالي حليمہ کي ٿڃ پيارڻ ۽ پالڻ لاءِ ڏنو ويو. انهيءَ سال خشڪ سالي سبب بي بي حليمہ جو خاندان پڻ ڪسمپرسيءَ جو شڪار هو ۽ بي بي حليمہ کي پنهنجي ٻار جي پورائي لاءِ بہ مناسب مقدار ۾ ٿڃ ڪا نہ هئي، پر جڏهن هن حضرت محمد صلي الله عليه و آله وسلم جن کي پنهنجي هنج ۾ ويهاري ٿڃ ڏني تہ سندس ڇاتي ٿڃ سان ايتري تہ ڀرجي وئي جو اها وهڻ لڳي. پاڻ سڳورن خوب ٿڃ ڌاتي ۽ سندس ٿڃ شريڪ ڀاءُ يعني بي بي حليمہ جي پٽ بہ پيٽ ڀري ٿڃ ڌاتي، پر ڇاتيءَ ۾ کير جي گهٽتائي محسوس ڪا نہ ٿيس. بي بي حليمہ جي ڍوڻ موجب سندس ڏاچي بہ اُن ڏينهن کان وٺي گهڻو کير ڏيندي هئي. رسول الله صلي الله عليه و آله وسلم جن جي پالنا وارو سمورو عرصو بي بي حليمہ جي خاندان خوش گذاريو. نيٺ مقرر وقت تي رسول الله صلي الله عليه و آله وسلم جن کي پنهنجي خاندان کي واپس ڪيو ويو. پاڻ سڳورا صلي الله عليه و آله وسلم ڇهن سالن جي عمر کي پهتا تہ سندن والده ماجده بي بي آمنہ رحلت ڪئي. تڏهن کان وٺي پاڻ پنهنجي ڏاڏي حضرت عبدالمطلب وٽ رهڻ لڳا جيڪو کين بيحد گهڻو پيار ڪندو هو بہ سال پوءِ جڏهن نبي سائين صلي الله عليه و آله وسلم جن اٺن سالن جا ٿيا تہ سندن ڏاڏي حضرت عبدالمطلب پڻ وفات ڪئي. ان کانپوءِ کين سندن چاچي حضرت ابو طالب پنهنجي گهر آڻي رهايو. هو هڪڙو نهايت نيڪ دل شخص هو ۽ پاڻ سڳورن صلي الله عليه و آله وسلم کي ڏاڍو پيائيندو هو. رسول الله صلي الله عليه و آله وسلم جن پنهنجي طبيعت ۾ نهايت شريف ۽ حليم، ٻين جي ڏک ۽ غم کي محسوس ڪندڙ ۽ متاثر ٿيندڙ

مانيڻا ۽ ڳنڀير سوچ ويچار جا مالڪ، هر دل عزيز شخصيت جا مالڪ هئا. رسول ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن جي هڪڙي يورپي سوانح نگار ”ڪيرن آرمسٽرانگ“ پنهنجي ڪتاب ”محمد رسول الله صلي الله عليه و آله وسلم جي بايو گرافي تي صفحي 109 تي نبي ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن جي دائي بي بي حليمه جي روايت قلم بند ڪندي لکيو آهي ته ”ملائڪن سڳورن پيغمبر صلي الله عليه و آله وسلم جن جو سينو کولي دل ٻاهر ڪيدي ڌوئي صاف ڪري واپس سيني ۾ رکي وري سجو ۽ صحيح سلامت ڪري ڇڏيو.“ سيد امير علي جي ڪتاب روح اسلام ۾ صفحي 83 تي لکيل آهي ته ”الله پاڪ جي ملائڪن سڳورن نبي ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جو سينو کولي نور سان ڀري ڇڏيو.“ پاڻ سڳورا ننڍپڻ ۾ ئي سلڇڻا، سچار، مانيڻا، اورچ ۽ محنتي هوندا هئا. پنهنجي چاچي کي هر ڪم ڪار ۾ ٻيا وارو وٺائيندا هئا. هڪ ڀيري شام ويندڙ تجارتي قافلي ۾ حضرت ابو طالب نبي سائين صلي الله عليه و آله وسلم جن کي به پاڻ سان گڏ وٺي ويو. قافلو جڏهن بصره شهر پهتو ته بحيره نالي هڪڙي عيسائي پادريءَ ڏٺو ته هڪڙو ڪڪر قافلي جي مٿان مسلسل ڇانءَ ڪريو اچي. اُن نشانيءَ مان کيس يقين ٿيو ته جنهن نبي سڳوري صلي الله عليه و اله وسلم جي پيدا ٿيڻ بابت آسماني صحفين ۾ ذڪر ڪيل آهي. پڪ اهو هن قافلي ۾ شامل آهي. انهيءَ جي ديدار ۽ ڪچهريءَ خاطر هن ابو طالب کي سموري قافلي جي ماڻهن کي ماني کارائڻ جي دعوت ڏني. سيني کان ننڍو هئڻ سبب رسول اڪرم صلي الله عليه و آله وسلم جن کي قافلي جي سنڀال لاءِ ڇڏي باقي سمورا ماڻهو دعوت تي روانا ٿيا. جتي ميزبان سندن دل سان آجيان ڪئي، پر ڪچهريءَ مان معلوم ٿيس ته حاضرين مان ڪنهن به شخص ۾ نبوت جي ڪا به نشاني ڪانهي. اُن تي هُن بيساخته ٿي حضرت ابو طالب کان پڇيو ته اوهان جي قافلي جا سمورا ماڻهو هتي حاضر آهن يا اڃان ڪجهه پويان رهيل آهن؟ تڏهن قافلي وارن کي ياد ڪندي سخت ندامت ٿي ته افسوس اسان حضرت عبدالمطلب جي پوٽي کي پويان ڇڏي آيا سين. کين ضيافت ۾ اچي شامل ڪيائون. تنهن کان پوءِ راهب بحيره رسول پاڪ صلي الله عليه وآله وسلم جن کي نويڪلائي ۾آڻي ڪجهه سوال جواب ڪندي يقين ڪيو ته هي ڇوڪرو ئي زماني جو نبي سڳورو آهي. تڏهن حضرت ابو طالب کي تلقين ڪندي چيائين ته پنهنجي ڀائيٽي کي نهايت حفاظت سان واپس ڳوٺ وٺي وڃ ۽ تمام گهڻو خيال رکجانس، ڇو ته هن ڇوڪر جو مستقبل نهايت تابناڪ ۽ عظيم آهي. تنهنڪري هر حال ۾ هر قسم جي حفاظت ۾ رکجانس کيس يهودين کان خاص ڪري بچائي رکج، ڇو ته جيڪڏهن هو کيس سڃاڻي ويا ته پوءِ اهي هن جا جاني دشمن ٿي پوندا.

رسول الله صلي الله عليه و آله وسلم جن شام جي مذهبي پستي ۽ معاشرتي بي راهرويءَ کان ڏاڍا متاثر ۽ پريشان ٿيا. 25 سالن جي عمر کي رسندي نبي ڪريم جن مڪي شريف ۾ هڪڙي نهايت قابل، محنتي ۽ ايماندار شخص طور پنهنجي ساک پيدا ڪري چُڪا هئا. مڪي شريف جا ماڻهو سندن خُلق عظيم موافق کين ”الامين“ جي حقيقي خطاب سان پڪاريندا هئا. پاڻ سڳورا صلي الله عليه و آله وسلم سُهڻي سيرت سان گڏ هڪ سهڻي ۽ دلنشين صورت جا پڻ مالڪ هئا. اهي سڀ مٿن واليءَ جا وڙ هئا. سندن قد پورو پنو ۽ جسم جانئو مٿي ۽ ڏاڙهيءَ مبارڪ جا وار ڀنيا هوندا هئا. سندن چهري مبارڪ مان سدائين پيو نور جهلڪندو هو.

پاڻ سڳورا نهايت شفيق، مهربان، همدرد، نيڪ دل ۽ ٻاجهاري طبيعت سان گڏ بي مثال قوت ارادي ۽ اولالغزميءَ جا مالڪ بہ هئا. پاڻ سڳورا صلي الله عليه و آله وسلم هر ڪم نهايت آورچائي ۽ سچائي سان ڪندي نيڻ ڪامياب ٿيندا هئا. کيڪارڻ دوران هٿ چڏائڻ جي ڪوشش ڪڏهن بہ ڪو نہ ڪندا هئا. ڳالهائيندڙ جي اکين ۾ نهاريندا هئا ۽ سندن سربستي ڳالهہ ٻڌندا هئا. نبي ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن فوجي سکيا پنهنجن چاچن کان حاصل ڪئي. جن کين تيراندازي، تلوار بازي ۽ واسطيدار بين پهلواني ڪسرتن ۾ پڙ ڪري ڇڏيو. سندن هم عمر چاچو حضرت حمزه جنگي فنن جو ماهر هو ۽ رسول الله صلي الله عليه و آله وسلم جن کان وڏيڪ سگهارو ۽ قداور هو. سندن ٻئي چاچي حضرت عباس وياج جو ڪاروبار شروع ڪيو. پاڻ سڳورن جي دلچسپي واپار ۾ هئي ۽ اُن سان وابسته رهيا. شام، فلسطين ۽ عراق ويندڙ واپاري قافلن جي اڳواٽي ڪاميابيءَ سان سرانجام ڏيندا هئا. سن 595ع ڌاري سندن پري جي مائيتياٽي، اسد قبيلي جي صاحب ثروت عورت نالي خديجہؓ جو مال کڻي پاڻ سڳورا شام ويا. اُن دوران ساڻن سندن مالڪياڻي صاحبہ جو گماشتو پڻ شامل حال هو. جيڪي واقعا ساڻن پيش آيا اهي هوبهو اچي ڪيس بيان ڪيائين. جهڙوڪ رستي ۾ هڪڙي عيسائي پادريءَ پاڻ سڳورن سان ملڻ شرط چيو تہ هي شخص الله پاڪ جو اهو سچو نبي سڳورو آهي. جنهن جو صدين کان انتظار آهي، ٻيو تہ جڏهن گرمي ۽ اُس وڌي ٿي وئي تڏهن محمد صلي الله عليه و آله وسلم جن جي مٿان ڪڪر ڇانءُ ٿي ڪئي. انهيءَ ڪانسواءِ پاڻ سڳورن پنهنجي تجارتي ذميواري اهڙيءَ تہ ايمانداريءَ ۽ خوش اسلوبيءَ سان نڀائي جو بي بي صاحبہ ڏاڍي خوش ۽ متاثر ٿي کين شاديءَ جي آڇ ڪئي. رسول ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن پنهنجي چاچن جي صلاح سان سنگ قبول ڪيو ۽ ترت ئي شادي ٿي. سمورن اهل قريش خوشي ملهائي. حضرت خديجہؓ عمر ۾ وڏي هئي پر زال ۽ مڙس جو هڪٻئي سان نهايت گهڻو پيار هو. بي بي خديجہ ڪا اجائي عمر رسيده ڪا نہ هئي. رسول ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن کي منجهائنس چار نياڻيون ۽ ٻہ پُٽ يعني ڇهہ ٻار پيدا ٿيا. بي بي صاحبہ نہ فقط هڪڙي زال پر اها نبي سائين صلي الله عليه و آله وسلم جن جي رازدان، صلاحڪار ۽ دوست پڻ هئي، ڇو تہ ڪنهن بہ مشڪل وقت ۾ پريشانيءَ سبب رسول ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن هميشہ خديجہؓ جن سان مشورو ڪندا هئا. هوءَ پنهنجي ذهانت سان نبي ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن جي حقيقي دلجوئي ڪري صحيح صلاح ڏيندي هئي ۽ رسول الله صلي الله عليه و آله وسلم جن کي تسلي ۽ اطمينان حاصل ٿيندو هو. حضرت بي بي خديجہؓ ئي اها پهرين شخصيت هئي، جنهن نبي پاڪ صلي الله عليه و آله وسلم جن جي نبوت تي ايمان آندو ۽ کين حوصلو ڏنو تہ بلاشڪ توهان تي الله پاڪ وحي موڪلي پنهنجي طرفان رسول مقرر ڪيو آهي، ڇو تہ اڄڪلهہ انسان ذات سماجي ۽ اخلاقي طور تي تباهي جي ڪناري تي اچي پهتي آهي. انهيءَ جي سڌاري، انصاف جي حصول، نيڪي ۽ ترقيءَ لاءِ توهان جهڙي الامين شخصيت ئي اهو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي. بي بي صاحبہ جي حياتيءَ دوران رسول ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن ٻي شادي ڪا نہ ڪئي، ڇو تہ سندن ازدواجي زندگي نهايت سڪون واري هئي. رسول ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن کي بي بي خديجہ رضي مان ٻہ پٽ القاسم ۽ عبدالله ۽ چار نياڻيون: بي بي زينبؓ بي بي رقيہ رضہ بي بي اُم

ڪلثوم رضہ ۽ بي بي فاطمه الزهره رضي الله عنها پيدا ٿيون. رسول پاڪ صلي الله عليه و آله وسلم جن جا پٽ ننڍڙ ۾ ئي وفات ڪري ويا. جن جو نبي سائين جن کي ڏاڍو ڏک هو. اُن غم متائڻ لاءِ پاڻ سڳورن صلي الله عليه و آله وسلم بي بي خديجه رضہ جي طرفان مليل زيد بن حارث نالي غلام کي پُٽيلو ڪري سانديو. اهو "ڪلب قبيلي مان هو. جڏهن بي بي فاطمه رضہ جي عمر چار سال کن هئي تڏهن حضرت ابوطالب جي تنگي ۽ غربت سبب رسول الله صلي الله عليه و آله وسلم جن سندس ننڍي پٽ حضرت علي ڪرم الله وجهه جن کي نهايت پيار ۽ پاٻوهہ سان پالي وڏو ڪيو. جيڪي اڳتي هلي اسلام جا عظيم سپوت بڻيا.

رسول ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن جي شاديءَ کان ترت پوءِ مڪي شريف ۾ برپا بدامنيءَ کي ٻُنجو ڏيڻ لاءِ هڪڙي تنظيم قائم ڪئي وئي. جنهن جي اڳواڻي نبي ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن کي سونپي وئي. ڇو ته مڪي شريف ۾ ايندڙ ٻاهرين ماڻهن کان اهل مڪه ڏينهن ڏٺي سمورو مال متاع سان گڏ سندن ٻار ٻچا به ڪَسي ويڻ لڳا. جنهن جو ڪو به تدارڪ ڪو نه پئي ٿيو. انهيءَ صورتحال جي پيش نظر حضور اڪرم صلي الله عليه و آله وسلم جن بني هاشم، بني مطلب، بني زهره ۽ بني تيم جي سردارن کي ڪوٺائي "حلف الفضول" نالي انجمن برپا ڪرائي هئي. جنهن جي قيام سان غريبن، ڪمزورن ۽ مظلومن کي ڪافي حد تائين انصاف ۽ امن نصيب ٿيو.



ستين صدي عيسوي جي شروع ۾ عثمان بن حويرث حجاز کي بازنطيني سلطنت ۾ شامل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر رسول الله صلي الله عليه و آله وسلم جن جي مخالفت ۽ ڪوشش سبب اهو منصوبو ناڪام ٿيو ۽ عثمان ڀڄي وڃي شام ۾ لڪو جتي ڪيس زهر ڏئي ماري ڇڏيائون.

اهڙي طرح سن 605ع ۾ ڪعبي شريف جي تعمير دوران حجر اسود جي لڳائڻ واري معاملي کي پڙ

رسول مقبول صلي الله عليه و آله وسلم جن نهايت سهڻي سلوڪ سان سلجهايو. ڪعبي شريف جي تعمير نو ۾ شامل سمورن قبيلين جي هر سردار جي خواهش هئي ته حجر اسود کي ڪعبي شريف جي ديوار ۾ لڳائڻ وارو مقدس فعل مون کان سواءِ ٻيو ڪو به نه ڪري. اُنهيءَ تي سخت ڇڪتاڻ ٿي پئي ۽ خون خرابي جو امڪان ٿي پيو. آخرڪار فيصلو ڪيو ويو ته سڀاڻي صبح جو جيڪو به شخص ڪعبي شريف ۾ سڀ کان اڳ ۾ اچي داخل ٿيندو. اُن ماڻهوءَ کان فيصلو ڪرائبو جيڪو سڀني کي قبول هوندو. انهيءَ وچ ۾ حاضرين مجلس هي فيصلو راز ۾ رکندا، ڇو ته راز کلڻ سبب هر ڌُر پنهنجو ماڻهو موڪلڻ جي ڪوشش ڪندي. قُدرتاً انهي وقت رسول ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن ٻاهر ويل هئا. جن رات جو سفر پورو ڪري ٻاهران ئي اچي اول ڪعبي شريف جي زيارت ڪئي. اها خبر ٻڌي سمورين ڌرين کي اطمينان ۽ يقين ٿيو ته فيصلو درست ٿيندو. حضور ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن حقيقت ڄاڻي ڪپڙي جي هڪڙي مضبوط ۽ وڏي چادر گُهرائي حجر اسود پنهنجي هٿن سان کڻي چادر جي وچ تي رکيو ۽ سمورن اڳواڻن کي چادر جي پلاند ۾ هٿ وجهائي مقرر جڳهه تي کڻائي پهچايو ۽ پنهنجي هٿن مبارڪن سان ديوار ۾ نصب ڪيو. اهڙي ريت اهو ڳنڀير مسئلو خوش اسلوبيءَ سان حل ٿي ويو.

اهڙي قسم جي ڪيترن مسئلن ۽ معاملن کي حل ڪرڻ ۽ پنهنجي ايمانداري ۽ سچائي سبب مڪي شريف جي ماڻهن جي دلين ۾ حضور پاڪ صلي الله عليه و آله وسلم جن سان خاص انس ۽ عزت پيدا ٿي ۽ اهل مڪه کين "الامين" جو هڪ عظيم المرتبت خطاب عطا ڪيو.

شاديءَ کان پوءِ رسول الله صلي الله عليه و آله وسلم جن واندڪائيءَ وارن ڏينهن ۾ اڪيلي سر ته ڪڏهن ڪڏهن عيال سميت حرا جبل جي هڪڙي غار ۾ ويهي عبادت ۽ مراقبو ڪندا هئا. هن غار ۾ پاڻ سڳورا صلي الله عليه و آله وسلم اڪثر ڪري سڄيون ساريون راتين جون راتيون عبادت ۽ غور و فڪر ۾ گذاريندا هئا. اهڙي ريت رب العالمين جي حضور ۾ حاضر رهندا هئا. ابن هشام ۽ ابن الاثير جي تحريرن موجب حضور اڪرم صلي الله عليه و آله وسلم جن رمضان شريف جي پوري مهيني دوران غار حرا ۾ عبادت ڪندا هئا. غريبن جي گهڻي مدد ۽ ٻُڪين ۽ ڏکين ماڻهن کي کاڌو کارائڻ ۾ مشغول هوندا هئا. حرا جبل کي اڄڪلهه جبل نور سڏيندا آهن. سيد امير علي ڪتاب "روح اسلام" ۾ لکي ٿو ته "جهڙوڪر پوري عرب قوم هڪڙي شخص جي ذات ۾سمائجي سموري انسانذات جي نمائنده بنجي وئي ۽ پيغمبر اسلام صلي الله عليه و آله وسلم جن الله پاڪ جي ڪلام يعني قرآن مجيد جي تعليم جا معلم ۽ مبلغ بنجي ويا." رمضان شريف جي هڪڙي رات جو قادر مطلق جي ساري ڪائنات تي سڪون ڇانيل هو. اُن رات رسول اڪرم صلي الله عليه و آله وسلم جن غار حرا ۾ مراقبي ۾مشغول هئا ۽ رات اڌ کان وڌيڪ گذري چڪي هئي ته هڪڙي تمام زبردست ۽ ڪڙڪيدار آواز ۾ نبي ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن کي حڪم ٿيو ته "پڙهه پنهنجي رب جي نالي سان" اهو آواز به ٻيهرا ٿيو پر رسول الله صلي الله عليه و آله وسلم جن حيراني ۽ اڻڄاڻائي جي عالم وچان حڪم جي تعميل ڪو نه ڪري سگهيا. تڏهن هڪ طاقتور هستي يعني حضرت جبرائيل عليه السلام کين پنهنجي ياڪر ۾ آڻي زور ڏئي وري به چيو ته پڙهه. تنهن تي نبي پاڪ صلي الله عليه و آله وسلم جن ڪانئس

پُڇيو تہ ”ڇا پڙهان؟“ فرشتي وراڻيو تہ ”پڙهہ پنهنجي رب جي نالي سان“ الله پاڪ طرفان ڪيس علم ۽ عقل عطا ڪري اعليٰ مرتبي تي رسايو ۽ قلم وسيلي انهن شين جي ڄاڻ ڏني جن جي ڪيس خبر ڪانہ هئي. رسول الله صلي الله عليه و آله وسلم جن جڏهن بيخوديءَ جي عالم مان بيدار ٿيا تہ ڪين ائين محسوس ٿيو تہ فرشتي جا چيل لفظ سندن دل جي تختيءَ تي لکيا ويا آهن. پاڻ ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن تي ڏڪڻي وڏي وئي ۽ سڏا بيهي نٿي سگهيا. بي بي خديجہ جي هنج ۾ مٿو رکي ڪيس چيو تہ ”مون تان ڪمبل وجهو“. ڪتاب روح اسلام ۾ لکيل آهي تہ ڪجھ دير ڪان پوءِ پاڻ سڳورا صلي الله عليه و آله وسلم جڏهن سامت ۾ آيا تہ بي بي صاحبہ کي چيائون تہ ”خديجہ آئون خفقاني چريو ٿي پيو آهيان.“ بي بي خديجہ رضہ وراڻيو تہ نعوذ بالله اي ابو قاسم (سندس پٽ قاسم جي نسبت) الله پاڪ توهان سان ڪڏهن بہ اهڙي واردات ٿيڻ ڪو نہ ڏيندو. ڇو تہ توهان هميشه سچ ڳالهائيندا آهيو. بُرائي جو بدلو برائي سان ڪو نہ ڏيندا آهيو. ايماندار آهيو نيڪوڪار آهيو عزيزن ۽ قريبن سان مهربانيءَ وارو سلوڪ ڪندا آهيو. توهان بازارين ۾ فضول ڳالهيون بہ ڪو نہ ڪندا آهيو. ٻڌايو تہ توهان ڪهڙي خوف ناڪ شئي ڏٺي آهي؟ ڇا ٿيو آهي؟ حضور ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن فرمايو تہ هائو ۽ سمورو واقعو بيان ڪيو. تڏهن بي بي خديجہ؄ چيو تہ توهان کي خوش ٿيڻ گهرجي. جنهن خدا تعاليٰ جي هٿ ۾ منهنجي جان آهي، اهو گواهہ آهي توهان هن زماني جا پيغمبر آهيو. اُن ڪان پوءِ بي بي خديجہ رضہ اُٺي پنهنجي عمر رسيده مائٽ ورقہ بن نوفل وٽ وڃي مذڪور ماجره بيان ڪئي. ورقہ بن نوفل تورات ۽ انجيل جو عالم هو ۽ پيريءَ سبب نابين ٿي ويو هو. سربستي ڳالهہ ٻڌڻ ڪان پوءِ خوش ٿي چوڻ لڳو تہ ”قدوس! قدوس!“ يقيناَ هي اهو ئي ناموس اڪبر (قرآني نزول) آهي. جيڪو هن ڪان اڳ ۾ عيسيٰ عليه السلام ۽ موسيٰ عليه السلام تي لٿو هو. محمد صلي الله عليه و آله وسلم پنهنجي وقت جو پيغمبر آهي. ڪيس چئو تہ پنهنجي دل مضبوط رکي. ڪيرن آرمسٽرانگ رسول ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن جي سوانح ۾ رقم طراز آهي تہ ”بعد ۾ جڏهن ورقہ بن نوفل جي رسول الله صلي الله عليه و آله وسلم جن



سان ڪعبي شريف ۾ ملاقات ٿي تہ هن پنهنجي مسيحي برادريءَ جي حاضرين سان تعارف ڪرايو ۽ انهن احترام ڪندي اڳتي وڌي حضرت محمد صلي الله عليه و آله وسلم جن جي هٿن مبارڪن کي چميو.“ رسول اڪرم صلي الله عليه و آله وسلم جن تي نزول قرآن شريف ان جي تبليغ ۽ اشاعت واري ذميواري سان مشروط ۽ لازم هو. جنهن تحت غريب ۽ يتيم، معذور ۽ مجبور، مظلوم ۽ لاچار انسانن جي امداد. فلاح ۽ بهبود واري نصب العين جوحصول يقيني ۽ دائمي طور بحال رهي سگهي ۽ امن و امان ترقي ۽ خوشحالي انسانذات جو ورثو بنجي. قرآن پاڪ ۾ چاٽايل آهي تہ سمورن انبياء ڪرام تي نازل ٿيل سمورن صحيفن جي تعليمات جو تت انسانذات جي فلاح ۽ بهبود آهي ۽ قرآني تعليمات انهن مڙني الهامي صحيفن جو نچوڙ ۽ روح آهي.

حضور ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن تي سڀ کان پهرين حضرت بي بي خديجہ رضہ ايمان آندو کين حوصلو ڏياريو ۽ الهامي حڪم کي مڃيندي بت پرستي ترڪ ڪري ساڻن گڏ رب العالمين جي حضور ۾ مسجود ٿي.

شروعات ۾ نبي سائين صلي الله عليه و آله وسلم جن پنهنجن مائٽن ۾ نزول واري حقيقت بيان ڪئي. بي بي خديجہ رضہ کان پوءِ حضرت علي رضي مٿن ايمان آندو ۽ سندن هٿ مبارڪ تي بَعَيَت ڪئي. واندڪائي واري وقت ۾ آنحضرت محمد صلي الله عليه و آله وسلم بي بي خديجہ رضہ ۽ حضرت علي سائين، ٽيئي گڏجي شهر کان ٻاهر سنسان وادين ۾ وڃي الله پاڪ جي عبادت ڪندا هئا.

ابن هشام موجب: هڪڙي ڀيري حضرت ابو طالب اتي کين نماز پڙهندي ڏسي عجب ۾ پئجي ويو ۽ اچي رسول الله صلي الله عليه و آله وسلم کان پُڇيائين تہ اي ڀائيٽيا! هي ڪهڙي دين جي عبادت پيو ڪرين؟ نبي ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن فرمايو تہ هي الله پاڪ، ان جي ملائڪن، ان جي موڪليل سمورن نبين ۽ اسان جي اصل ابي حضرت ابراهيم عليه السلام وارو دين آهي. الله پاڪ مونکي انسانذات جي هدايت لاءِ پيغمبر ڪري موڪليو آهي تہ جيئن آئون کين سچائي ۽ هيڪڙائي ۽ حق جو رستو ڏيکاريان. اي پيارا چاچا! انهن سمورن ماڻهن ۾ توهان پهلا انسان آهيو. تنهنڪري اهو مناسب ٿيندو تہ آئون توهان کي ڏٽيءَ جو پيغام سڻايان ۽ اهو بہ نهايت مناسب ٿيندو تہ توهان اُن سچائي کي قبول ڪريو ۽ انهيءَ پيغام جي اشاعت ۾ منهنجي مدد ڪريو.حضرت ابو طالب پنهنجي اباڻي مذهب کي ترڪ ڪرڻ کان انڪار ڪيو پر ساڪ سان چيائين تہ مون کي قسم آهي انهيءَ الله پاڪ جو تہ جيستائين جيئرو آهيان. تنهنجي وار کي ونگو ڪرڻ جي بہ ڪنهن کي جُرئت ڪا نہ ٿيندي. انهيءَ کان پوءِ سندس پٽ حضرت علي رضہ کان پڇيائين جنهن وراڻي ڏنس تہ اي ابا! مون الله پاڪ ۽ سندس رسول صلي الله عليه و آله وسلم جن تي ايمان آندو آهي ۽ سندن پيروي ڪريان ٿو حضرت ابو طالب پٽس جو جواب ٻڌي خوش ٿي چيو تہ پٽ اها سني ڳالهہ آهي. هو توکي فقط نيڪيءَ ڏانهن وٺي ويندو. تنهنڪري منهنجي طرفان توکي اجازت آهي تہ تون ڀلي سندس پيروي ڪر.

تنهن کان پوءِ زيد بن حارث جيڪو آزاد ٿيڻ جي باوجود نبي ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن کي ڇڏي پنهنجي مائٽن ڏانهن ڪو نہ ويو ۽ وٽن ئي رهيو. اسلام قبول ڪيو ۽ ان سان گڏ حضور ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن جي چئن ئي نياڻين اسلام قبول ڪيو. سندن رشتيدارن مان حضرت ابو طالب جي ٻئي پٽ حضرت جعفر ؓ ۽ سندس ماسات ۽ خاص دوست حضرت عبدالله بن جحش ۽ سندس ڀيڻ بي بي زينب ؓ

۽ سندن ڀيو ڀاءُ حضرت عبدالله ؓ جيڪو اڳي وحدانيت جو قائل هو اسلام ۾ داخل ٿيا. حضرت عباس جي گهر واري حضرت ام الفضل ....... رضہ ۽ حضرت حمزي جي گهرواري حضرت سلمه رضہ سندن مڙسن جي مرضيءَ کانسواءِ ئي مشرف بہ اسلام ٿيون. اهڙي ريت حضرت جعفر جي گهر واري حضرت اسماءؓ ۽ رسول ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن جي پڦي حضرت صفيہؓ پڻ نبي ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن تي ايمان آندو. نبي سائين صلي الله عليه و آله وسلم جن جي آزاد ڪيل ٻانهي حضرت بي بي ايمن پڻ اسلام قبول ڪيو. نبوت جي شروعاتي ٽن سالن دوران حضور ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن تبليغ جو دائرو پنهنجي عزيزن قريبن دوستن ۽ احبابن تائين محدود رکيو. ڪجهہ وقت پوءِ حضرت ابو بڪرؓ رضہ حضور صلي الله عليه و آله وسلم جن تي ايمان آندو.سندس اصل نالو عتيق ۽ ڪنيت عبدالله ۽ عبدالڪعبہ هيس. قبول اسلام کانپوءِ ابوبڪر سڏجڻ لڳو. سندس والد جو نالو عثمان ۽ ڪنيت ابو قحافہ هئي. حضرت ابو بڪرؓ تيم قبيلي مان هو. هو هڪڙو وڏو شاهوڪار واپاري هو ۽مڪي شريف ۾ اعليٰ شخصيتن مان هڪڙو هو. هو نرم مزاج, نهايت قابل ايماندار ۽ هر دلعزيز شخصيت جو مالڪ هو. پاڻ رسول الله صلي الله عليه و آله وسلم جن کان عمر ۾ ٻہ سال ننڍو هو. ڪانئس متاثر ٿي مڪي شريف جي ٻين اهم شخصن هر هڪ بنو اميہ جي حضرت عثمان رضي بن عفان, عبدالرحمان بن عوف, سعد بن ابي وقاص ۽ بي بي خديجه ؓ جي ڀائيٽي زبير بن عوام نبي ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿي اسلام قبول ڪيو. حضرت ابو بڪرؓ خوابن جي تعبير بہ ڪندو هو. عبد شمس قبيلي جي هڪڙي اهم فرد خالد بن سعيد هڪڙو ڊپ ڏياريندڙ خواب ڏٺو. تنهن اچي حضرت ابو بڪرؓ کي ٻڌايو تہ خواب ۾ ڏسان ٿو تہ آئون هڪڙي وڏي کاهيءَ جي ڪناري تي بيٺو آهيان, جنهن ۾ تمام وڏي باهہ پئي ٻري, منهنجو پيءُ مون کي ان باهہ ۾ ڪيرائڻ جي ڪوشش پيو ڪري ۽ آئون جڏهن باهہ ۾ ڪرڻ وارو آهيان تہ عين اُن وقت ڪنهن ماڻهو مون کي پاڪرن ۾ جهلي ڪرڻ کان بچائي کاهي کان پري آڻي ڇڏيو آهي. سندس چهرو ڏسڻ سان آئون حيران ٿي ويس تہ اهو ٻيو ڪو نہ پر حضرت محمد صلي الله عليه و آله وسلم جن خود پاڻ هئا. سموري ڳالهہ ٻڌڻ کان پوءِ حضرت ابو بڪر رضي  کيس ٻڌايو تہ اهو خواب سچو آهي جو تہ حضرت محمد صلي الله عليه و آله وسلم جن عرب توڙي پوري انسانذات کي ظلمات ناانصافي ۽ جهالت مان نجات ڏياريندر الله پاڪ جا سچا نبي آهن. سندن پيغام کي برحق ڄاڻي مٿن ايمان آڻڻ ۾ اسان سمورن جي ڀلائي ٿيندي, سندس صلاح قبول ڪندي حضرت خالد سڌو نبي سائين صلي الله عليه و آله وسلم جن وٽ حاضر ٿي مشرف بہ اسلام ٿيو. پر اهو راز ڪافي  عرصي تائين پنهنجي خاندان تي ظاهر نہ ڪيو. غريب ۽ نادار طبقي مان بہ ڪجهہ ماڻهن ايمان آندو جن ۾ حضرت بلال رضي سرفهرست هو.

مڪي شريف جو باشندو ابن شماب الزهري نبي ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن جي وصال کان 41 سال پوءِ پيدا ٿيو. اهو اسلامي تاريخ جو پهريون لکندڙ هو. تنهن لکيو آهي تہ حضور ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن کي پنهنجي نصب العين حاصل ڪرڻ ۾ گهڻو وقت ڪو نہ لڳو. هُو ڄاڻائي ٿو تہ جن ماڻهن پهرين شروعات ۾ اسلام قبول ڪيو انهن ۾ ٻن قسمن جا ماڻهو هئا. هڪڙا ڪمزور ۽ نادار ۽ ٻيا نوجوان, هنن

ٻنهي ئي ڌرين جي ماڻهن کي مروج معاشرتي نظام جي پيٽ ۾ اسلام سچ حق ۽ انصاف تي مبني هڪڙو صحيح سماجي نظام ڏسڻ ۾ آيو. تنهنڪري هنن نئين مذهب کي سچي نيت ۽ دل سان قبول ڪيو. انهن مان ڪيترائي تاريخ اسلام ۾ وڏي حيثيت جا حامل رهيا. جنهن دور ۾ نبي سائين صلي الله عليه و آله وسلم جن اسلام جي تبليغ شروع ڪئي. ان وقت سمورا قريش قبيلا ٽن مکيه ٽولن ۾ ورهايل هئا. هڪڙي ٽولي ۾ الهاشم، المطلب، الزهره، تيم، الحارث ابن فهر ۽ العدي قبيلا شامل هئا. هنن قبيلن جو تعلق "حلف الفضول" نالي اتحاد سان هو. هي قبيلا شهر جا ٻنهه مسڪين ماڻهو هئا. منجهن عدي خاندان وارا البت پاڻ ۾ پرا هئا.

ٻئي ٽولي ۾ عبد شمس، نوفل، اسد ۽ عامر قبيلا شامل هئا. ٽئي ٽولي ۾ مخزوم، سهم، جمع ۽ عبدالدار قبيلا شامل هئا. حضور ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن جي تعليمات جي مخالفت پوين ٻن ٽولن جي صاحب ثروت ۽ حزب اقدار ماڻهن وڌي ۽ چڙهي ڪئي. ڇو ته اسلامي نظام ۾ کين مڪمل تباهي نظر اچي رهي هئي. تنهن هوندي به انهن قبيلن جي ڪن مکيه ماڻهن مثلاً حضرت عثمان رضي ۽ خالد رضي وغيره اسلام قبول ڪيو. هن نئين صورتحال ۾ نو مسلمن ۽ سندن خاندان توڙي قبيلن ۾ شديد اختلاف پيدا ٿيا. 615ع ۾ محدود پئماني تي تبليغ ڪندي رسول مقبول صلي الله عليه و آله وسلم جن کي ٽي سال گذري چُڪا هئا. تڏهن وحي وسيلي الله پاڪ حڪم ڪيو ته هاڻي تبليغ نهايت کلي طرح ۽ سمورن ماڻهن ۾شروع ڪئي وڃي. رسول ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن حتي الا مڪان تعميل شروع ڪري ڏني ۽ بنو هاشم جي چاليهن مکيه ماڻهن کي ماني جي دعوت تي گهرايو جتي سادي خوراڪ کائڻ کان پوءِ حضور اڪرم صلي الله عليه و آله وسلم جن اسلام جا بنيادي اصول بيان ڪندي کين ٻڌايو ته الله پاڪ مون کي نبي مقرر ڪيو آهي ته جيئن آئون انسانذات جي ڀلائيءَ لاءِ الله پاڪ جو پيغام اوهان تائين پهچايان. اها حقيقت ٻڌڻ شرط نبي سائين صلي الله عليه و آله وسلم جن جي هڪڙي چاچي ابو لهب سخت ڪاوڙ وچان نبي ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن کي ٽوڪيو. جنهن ڪري ڪچهري ناراضگيءَ دوران گُل ٿي. تبليغ جي سلسلي ۾ رسول ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن پنهنجي قبيلي وارن جي ٻيهر ٻيو به دعوت ڪئي ۽ کين اسلام قبول ڪرڻ جي لاءِ تلقين ڪئي پر سمورا ماڻهو ماٺ ۾ رهيا ۽ ڪي کين ڪچيائون ۽ حضرت علي رضي طرفان نبي سائين صلي الله عليه و آله وسلم جن کي دلاسي ۽ پنهنجي مدد جو يقين ڏيارڻ لاءِ ڳالهايل لفظن تان سيئي ڪاوڙيا ۽ رسول الله صلي الله عليه و آله وسلم جن تي ڪيترائي الزام هڻندا راهي ٿيا. انهن نبي سائين صلي الله عليه و آله وسلم جن جي وڏي نائيءَ ابوالعاس ابن ربيع کي حضور پاڪ صلي الله عليه و آله وسلم جن جي نياڻي حضرت زينبؓ جو نڪاح ڇڏائڻ لاءِ زور ڀريو ڇو ته اها اڳئي اسلام قبول ڪري چُڪي هئي. پر ابو العاس انڪار ڪيو جنهن سبب خاندان ۾ وڏيڪ اختلاف پيدا ٿي پيا. اهو قلم ٻين نو مسلمن سان به لاڳو رهيو. رسول مقبول صلي الله عليه و آله وسلم جن تي خاندانن ۾ فساد پکيڙيندڙ خفقاني ۽ جادوگر هئڻ جا الزام مڙهيا ويا. پوءِ آنحضرت صلي الله عليه و آله وسلم جن الله پاڪ جي حڪم جي تعميل ڪندي شهر جي ماڻهن کي صفا جبل وٽ گڏ ڪري نهايت سليقي سان اسلام جا اصول بيان ڪيا ۽ ماڻهن جي غلط ڪمن ۽ بت پرستيءَ تي تنقيد ڪئي. اڳئين زماني ۾ پنهنجي پيغبرن کي نه مڃيندڙ قومن تي الله پاڪ

ڪئين عذاب نازل ڪيا ۽ کين فنا ڪري ڇڏيو. انهن واقعن ذريعي کين ڏيجاري کين راهہ راست تي اچڻ ۽ نيڪيءَ وسيلي اجر حاصل ڪرڻ لاءِ تلقين ڪئي. انهيءَ تي ڪفار مڪه کي ڏاڍي منيان لڳي ۽ اهي مذاق، چرچا ۽ ڇٽرون ڪندا هليا ويا. جڏهن اهل قريش نبي ڪريم جن کي مثبت موٽ ڪا نہ ڏني تہ مايوس ٿي خاموش رهڻ جي بدران پاڻ سڳورن صلي الله عليه و آله وسلم حج ڪرڻ ۽ واپار سانگي مڪي شريف ايندڙ ٻاهرين ماڻهن کي بہ الله پاڪ جو پيغام اسلام پهچائڻ شروع ڪري ڏنو. اهل مڪہ انهيءَ ڳالهہ کان بہ سخت خائف ٿيا ۽ پرديسي ماڻهن ۾ نبي ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن جي خلاف سخت مڪروه پرچار ڪيائون. مڪي ڏانهن ايندڙ سمورن رستن تي پهرو بيهاري سمورن ٻاهرين ماڻهن کي برغلايائون تہ حضور صلي الله عليه و آله وسلم جن (نعوذ بالله) نهايت خطرناڪ جادوگر آهن. تنهنڪري اوهان کي صلاح ٿا ڏيون تہ توهان سندن شر کان بچڻ لاءِ نہ ملو ۽ سندن ڳالهيون نہ ٻڌو. هن غليظ پرچار جو ڪجهہ بہ اثر نہ ٿيو. اٽلو نبيءَ ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن جون ڳالهيون پنهنجي پنهنجي ڳوٺ وارن سان وڃي ڪيائون تہ مڪي شريف ۾ محمد صلي الله عليه و آله وسلم نالي بنو هاشم جو فرد نبي آخر زمان جي حيثيت ۾ دين اسلام جي تبليغ پيو ڪري. بت پرستيءَ کي ترڪ ڪري فقط هڪڙي معبود يعني الله تعاليٰ رب العالمين جي عبادت جي تلقين ٿو ڪري.

اهل قريش جي وڌندڙ مخالفت ۽ زيادتين کي ڏسندي حضرت ابو طالب هڪ قصيدو لکي اهل قريش کي نندي ۽ کين تنبيهہ ڪئي تہ رسول الله صلي الله عليه و آله وسلم جن جي خلاف اجايون سازشون ۽ زيادتيون جاري رهيون تہ بنو هاشم ۽ بنو مطلب جو ٻچو ٻچو پيغمبر اسلام جي حفاظت ۽ حمايت ڪندو. ان دڙڪي جو ڪو بہ اثر نہ ٿيو. رسول الله صلي الله عليه و آله وسلم جن کي ڪعبي شريف ۾ نماز پڙهڻ کان روڪيو ويو. نماز جي حالت ۾ حضور ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن ۽ سندن پوئلڳن تي گند ڪچرو اڇلايو ويندو هو. ٻارن ۽ بدمعاش ماڻهن کي ٻڇي سندن تذليل ڪرائي ويندي هئي. رسول الله صلي الله عليه و آله وسلم ۽ ٻيا مسلمان جن رستن تان لنگهندا هئا ۽ جن هنڌن تي مسلمان نماز پڙهندا هئا، انهن جڳهين تي ڪفار ڪندا ۽ ٻي گندگي پکيڙي ڇڏيندا هئا. ان ڪم ۾ حضور ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن جي چاچي يعني ابولهب جي گهر واريءَ پيش پيش هوندي هئي. سندن خاندان رسول مقبول صلي الله عليه و آله وسلم ۽ مسلمانن جو جاني دشمن ٿي



پيو. قريش قبيلي جي ساڻن ۽ مسلمانن سان هيترو تعصب ۽ دشمني ڏسي حضور ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جي سڳي ڪان ننڍي چاچي حضرت حمزه اسلام قبول ڪيو ۽ هو دلير سپاهي ثي رهيو. حضور اڪرم صلي الله عليه و آله وسلم جن هر قسم جي مخالفت ۽ ڏاڍ صبر سان سهندي اسلام جي تبليغ نهايت جوش ۽ جذبي سان جاري رکي ۽ اهل قريش کي گمراهي ۽ بت پرستي ترڪ ڪري هيڪڙائيءِ حق جي واٽ اختيار ڪرڻ جي تلقين ڪندا رهيا.

نبي سائين صلي الله عليه و آله وسلم جن کين قيامت ۽ حساب ڪتاب جي يادگيري ڏياري نيڪي جي جزا ۽ بديءَ جي سزا کان خبردار ڪيو. کين ڪفر ۽ ايمان جون حدون ۽ سندن نفعو ۽ نقصان سمجهايو. کين گذريل زماني جي ڪافر قومن جو حشر پڌائي ڊيڄاريو. ۽ ايمان آڻيندڙن کي مليل اجر جا فضائل بيان ڪيا. اهڙي ريت تبليغ جاري رهڻ جو مثبت اثر ٿيو ۽ ماڻهو حضور صلي الله عليه و آله وسلم جن جون ڳالهيون ٻڌڻ لڳا ۽ آهستي آهستي اسلام جي دائري ۾ داخل ٿيڻ لڳا.

مذڪوره تبديلي اهل قريش کي سخت پريشان ڪري وڌو. ڇو ته هنن اسلام جي ڪاميابيءَ ۾ سندن اقتدار جو خاتمو محسوس ڪيو. اسلامي تعليمات موجب الله تعاليٰ جي اڳيان سڀ انسان برابر آهن. بهتر اهو آهي جنهن جا عمل بهتر آهن. اهو اصول اهل قريش جي قبيلائي قانون جي خلاف ۽ هر مراعات يافته ۽ صاحب ثروت فرد يا خاندان جي خلاف هو. جن نابرابري غير ذميواري ۽ ناانصافي برقرار رکي هئي. تنهنڪري فيصلو ڪيو ويو ته نئين مذهب کي شايع ۽ ڪامياب ٿيڻ کان اڳ ئي تباهه ڪجي. هر خاندان تي اهو فرض عائد ڪيو ويو ته جنهن به گهر جي ڀاتيءَ، غلام يا ڪنيز ۾ مسلمان هئڻ جو شڪ هجي ته انهن تي هر قسم جو تشدد ڪيو وڃي. جيئن ته هو اسلام ترڪ ڪري. اهڙي ريت اهل قريش طرفان مصيبتن جو نئون سلسلو شروع ڪيو ويو. غلام مسلمانن تي ته ظلمن جا پهاڙ ڪري پيا. رمضان جبل ۽ بطحا جو ميدان مسلمانن تي تشدد ڪرڻ جا مکيه ماڳ هئا. سيد امير علي لکي ٿو ته جيڪي مسلمان مرد ۽ عورتون بتن جي پوڄا ڪو نه ڪنديون هيون. انهن کي عين ٻنپهرن جي وقت تتل واريءَ تي سڄ ڏانهن منهن ڪري ليٽايو ويندو هو. اتي حياتي بچائڻ لاءِ وٽن بت پرستيءَ کي وري قبول ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪو به وسيلو ڪو نه هو ۽ الله پاڪ کانسواءِ ٻيو ڪو به مددگار ۽ ڪارساز ڪو نه هوندو هو. ڪي ڪمزور ماڻهو في الحال جان ڇڏائڻ لاءِ آڻ مڃيندا هئا پر آجو ٿيڻ شرط نبي سائين صلي الله عليه و آله وسلم جن وٽ پهچي ويندا هئا. پر مسلمانن ۾ گهڻن ماڻهن اهي سختيون صبر ۽ استقلال سان به سٺيون ۽ پنهنجي ايمان تي قائم رهيا. اهڙين شخصيتن ۾ حضرت بلال رضي الله عنه سرفهرست هو. هو اسلام ۽ پيغمبر جن جي جاني دشمن اُميه بن خلف جو غلام هو. اُميه روزانو ٻنپهرن جو بطحا جي ميدان تي وٺي وڃي حضرت بلال رضي جا ڪپڙا اگهاڙا ڪري تتل واري تي ليٽائيندو هو. ۽سندس منهن سڄ ڏانهن ڪرائيندو هو. سندس ڇاتيءَ تي ڳرو پٿر رکائي کيس چوندو هو ته جيستائين تون اسلام ترڪ نه ڪندين ته تو سان مرڻ تائين اهو سلوڪ روا رکبو. حضرت بلال رضي اها سموري عقوبت صبر سان سهندو آيو ۽ ان زندگيءَ ۽ موت جي ڪشمڪش واري صورتحال ۾ اُميه کي جواب ۾ فقط احد احمد چوندو هو. اهڙين عقوبتن سبب حضرت بلال رضي اڇي مرڻينگ ٿيو. اها خبر ٻڌڻ کان پوءِ

حضرت ابوبڪر رضي  ڪيس اُميَہ کان خريد ڪري آزاد ڪيو. هن اهڙن ٻين ڇهن غلامن کي بہ آزاد ڪرايو. حضرت ياسر اُميَہ سندس زال سميہ اُميَہ  کي سخت عذاب ڏيئي ڪافرن شهيد ڪري ڇڏيو. سندن پٽ حضرت عمار اهو تشدد سهي بچي ويو. ٻئي طرف اهل قريش رسول اڪرم صلي الله عليه و آله وسلم جن کي تبليغ تان هٽ ڪٽائڻ لاءِ دنيا جي هر مال ۽ متاع ڏيڻ جي آڇ ڪرڻ لڳا. الزهري جي تاريخ ۾ قلم بند آهي تہ هڪ ڀيري رسول اڪرم صلي الله عليه و آله وسلم جن ڪعبي شريف وٽ اهل قريش کان پري الڳ ويٺا هئا تہ اُنهَن مان هڪڙو شخص عُتبہ بن ربيع نبي صلي الله عليه و آله وسلم جن کي اچي چيو تہ "اي مُنهنجي ڀاءُ جا پٽ! تون پنهنجي اوصاف ۽ حسب نسب موجب اسان سمورن کان ممتاز آهين. پر تون اسان جي خاندان ۾ تفرقو پيدا ڪري ڇڏيو آهي. اسان جي ديوتائن ۽ ديوين کي گهٽ وڌ ٿو ڳالهائين ۽ اسان جي وڏن تي ناپاڪيءَ جي تهمت ٿو لڳائين. آئون تو وٽ هڪڙي تجويز کڻي آيو آهيان. چڱيءَ طرح سوچي ڏس تہ انهيءَ ۾ تنهنجي ڀلائي آهي يا نہ جيڪڏهن تون اسلام جي تبليغ دولت گڏ ڪرڻ لاءِ ٿو ڪرين تہ اسين توکي ايتري دولت ڏينداسين جو تون اسان سڀني کان وڌيڪ شاهوڪار ٿي ويندين.جيڪڏهن توکي اڳواڻيءَ جو شوق آهي تہ اسين سمورا قريش توکي پنهنجو سردار ٿا ڪريون ۽ تنهنجي حڪم کانسواءِ ڪا بہ ڳالهہ ڪا نہ ڪنداسين. جيڪڏهن حڪومت ٿو گهرين تہ اسين توکي پنهنجو بادشاهہ بنائڻ لاءِ بہ تيار آهيون ۽ جيڪڏهن تون ڪنهن آسيب جو شڪار آهين تہ ان مان ڇوٽڪاري لاءِ جيترا پيسا خرچ ٿيندا تہ اسين ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. تون فقط اسان جي دين جي خلاف پرچار بند ڪر".

جڏهن عتبہ ماٺ ڪئي تہ نبي ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن پڇيس تہ تنهنجي ڳالهہ پوري ٿي؟ هن جواب ڏنو تہ هائو. تڏهن رسول الله صلي الله عليه و آله وسلم جن  چيو تہ هاڻ منهجي ڳالهہ ٻُڌ. "آئون پنهنجي ڳالهہ الله پاڪ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو جيڪو رحمان ۽ رحيم آهي. هي ڪلام انهيءَ جي طرفان نازل ڪيو وڃي ٿو. هي هڪ ڪتاب آهي جنهن جون آيتون صاف صاف بيان ڪيل آهن. يعني اهو قرآن آهي، عربي زبان ۾ ۽ انهن ماڻهن جي هدايت لاءِ جيڪي ان جا خواهشمند آهن. ان ۾ سمجهڻ وارن لاءِ خوشخبري ۽ نہ سمجهندڙن لاءِ تنبيهہ آهي. پر گهڻا ماڻهو انهيءَ کان مُنهن موڙين ٿا. ڪِن نٿا ڏين ۽ چون ٿا تہ تون اسان کي جنهن ڳالهہ ڏانهن سڏين ٿو اها ڳالهہ اسان جي دل کي نٿي آئڙي. اسان جي ڪنن تي تاڙي چڙهيل آهي. پاڻ جي وچ ۾ هڪڙو پردو حائل آهي. تنهنڪري تون پنهنجو ڪم ڪر ۽ اسين پنهنجو ڪم ڪريون. انهن کي چئي ڇڏ تہ آئون اوهان جهڙو ئي ماڻهو آهيان. پر مون تي وحي نازل ٿيو آهي. جنهن موجب الله پاڪ فقط هڪ ئي آهي، تنهنڪري سڌو اوڏانهن وڃو ۽ ان کان ئي معافي گهرو. بد بخت آهن اهي مشرڪ جيڪي زڪوات نٿا ڏين ۽ آخرت تي ايمان نٿا آڻين. جن ماڻهن ايمان آندو ۽ نيڪ ڪم ڪيا. انهن لاءِ آخرت ۾ اهڙو اُجر آهي جيڪو ڪڏهن بہ ختم ڪو نہ ٿيندو". نبي ڪريم  صلي الله عليه و آله وسلم جن انهن آيتن جي تلاوت ختم ڪري عتبہ کي چيو تہ تو اهي الله پاڪ جون قرآني آيتون ٻڌيون. هاڻي جيڪا واٽ وڻي اٿئِي سا اختيار ڪر.

اهل قريش طرفان مسلمانن تي ظلم ۽ تشدد وڌائڻ سبب رسول اڪرم صلي الله عليه و آله وسلم جن



مسلمانن کي هدايت ڪئي تہ في الحال وڃي خدا ترس عيسائي بادشاهہ نجاشيءَ جي ملڪ حبش ۾ پناهہ وٺو. اميد تہ اهو رحمدل بادشاهہ توهان کي پناهہ ڏيندو ۽ جڏهن حالتون ساز گار ٿين تہ وري موٽي اچجو. حضور ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن جي هدايت تي پندرهن مومن ترت لبيڪ چئي حبش روانا ٿي ويا. اسلامي تاريخ ۾ اها پهرين هجرت هئي جيڪا نبوت جي پنجين سال برابر سن 615ع ۾ ٿي هئي. ترت پوءِ ٻيا بہ 86 مسلمان اوڏانهن روانا ٿي پهرين پندرهن ڄڻن سان وڃي گڏيا. اهڙي طرح ڪُل 83 مرد ۽ 18 عورتون حبش پهتيون. قريش وارن کي مسلمانن جي هجرت تي تمام گهڻي ڪاوڙ آئي. تنهنڪري نجاشيءَ جي دربار ۾ هڪڙو وفد موڪلي مسلمانن کي موٽائڻ جو مطالبو ڪيو. قريش وارن مسلمانن تي مڪيہ الزام نئين مذهب اختيار ڪرڻ جو لڳايو.

نجاشيءَ مسلمانن کان پُڇا ڪئي تہ ماجرا ڇا آهي. اُن تي انهن مسلمانن جي اڳواڻ حضرت جعفر بن ابو طالب بادشاهہ سان مخاطب ٿيندي چيو تہ ”اي بادشاهہ سلامت! اسين اڳي جهالت ۽ ظلم جي ڏٻڻين ۾ غرق هئاسين. ٻُتن جي پوڄا ڪندا هئاسين. مردار ڪاڌو ڪائيندا هئاسين. بدڪار، فاحش ۽ ناپاڪ زندگي گذاريندا هئاسين. مهمان نوازي ۽ پاڙي وارن جا حق پائمال ڪري ڇڏياسين. طاقت ڪانسواءِ ڪو بہ قانون ڪو نہ مڃيندا هئاسين. مطلب تہ انسانيت جا سمورا اصول ترڪ ڪري چڪا هئاسين. ان صورتحال دوران اسان ۾ هڪ اهڙو انسان پيدا ٿيو جنهن جي شرافت، راستبازي، امانتداري ۽ پاڪيزگيءَ جو اسان سيني کي پلي پت علم هو. ان نيڪ انسان اسان کي الله پاڪ جي وحدانيت تي يقين ڪامل آڻڻ جي دعوت ڏني ۽ خبردار ڪيو تہ اُن واحد ذات سان ڪنهن بہ ٻي هستيءَ کي شريڪ نہ بنايو. اُن شخص اسان کي بُت پرستيءَ کان منع ڪئي ۽ هميشہ سچ ڳالهائڻ، واعدو پاڙڻ، ٻين جو احترام ڪرڻ، عورتن، يتيمن، پاڙيسرين جي حقن جو خاص احترام

ڪرڻ جي خاص هدايت ڪئي. هن نيڪ انسان اسان کي ٻُڌڻ کمن کان بچڻ، نماز پڙهڻ، زڪوات ڏيڻ ۽ روزو رکڻ جو حڪم ڪيو. اسان اُن شخص تي ايمان آندو آهي ۽ سندس تعليم ۽ هدايت قبول ڪئي آهي ۽ اسين فقط الله تعاليٰ جي عبادت ڪندا آهيون ۽ ساڻس ڪا بہ ٻي هستي شريڪ نٿا ڪريون.انهن سببن ڪري اسان جي قوم جا ماڻهو اسان جي خلاف ٿي پيا ۽ اسين سندن ظلمن کان تنگ ٿي هتي توهان وٽ پناهہ وٺڻ آيا آهيون. اسان کي اميد آهي تہ تون اسان کي اهل قريش جي ظلم و ستم کان بچائيندين“. هن تقرير نجاشيءَ تي وڏو اثر ڪيو. مسلمانن کي مظلوم ڄاڻي اهل قريش جي مطالبن کي رد ڪري ڇڏيو. اهڙي طرح قريش ناڪام ٿي موٽي ويا.

مڪي شريف ۾ رسول ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن قريش جي هر قسم جي ظلم ۽ ستم جي باوجود توحيد، نيڪيءَ ۽ حق جي پيغام جي تبليغ ۾ سخت مشغول رهيا. انهيءَ ڪري اهل قريش پنهنجو وفد ابو طالب ڏانهن موڪليو ۽ مطالبو ڪيو تہ تون حضرت محمد صلي الله عليه و آله وسلم جي حمايت ترڪ ڪر ۽ اسان سان اهو بہ واعدو ڪر تہ هاڻي تون ڪيس پناهہ ڪو نہ ڏيندين. ڇو تہ هو اسان جي ديوتائن کي باطل سڏي ٿو. اسان جي وڏن کي ڪافر ڪوٺي ٿو ۽ اسان جي رهڻي ڪهڻيءَ کي ڪل جوڳو ڇوي ٿو. تون ڪيس اسان جي خلاف تبليغ کان روڪ يا تہ اسان کي اجازت ڏي تہ اسين ڪيس پنهنجي طريقي سان سمجهايون. ابو طالب جي اڳيان صورتحال سنگين هئي. ايمان نہ آڻڻ جي باوجود بنو هاشم قبيلي جي سردار جي حيثيت ۾ رسول ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن جي حفاظت مٿس قبائلي فرض هو. تنهنڪري وفد کي في الحال بنا ڪنهن واعدي موٽائي ڇڏيائين. هوڏانهن نبي اڪرم صلي الله عليه و آله وسلم جن پنهنجي نصب العين جي حصول لاءِ سرگرم رهيا تہ ابوجهل ۽ سندس ساٿين بہ اسلام ۽ رسول ڪريم جن سان مقابلو برقرار رکيو ۽ عجيب غريب تقاضائون ڪرڻ لڳا. ڇي الله تعاليٰ کي عربن ۾ رسول موڪلڻو هو تہ وليد ۽ ٻين وڏيڪ اهم ماڻهن کي ڇڏي محمد رسول الله صلي الله عليه و آله وسلم ڇو مقرر ڪيو؟ ۽ جيڪڏهن عبدالله جو پُٽ سچو نبي آهي تہ ٻين نبين وانگر معجزا ڇو نٿو ڏيکاري؟ ٻين نبين تي سندن قرآن هڪ ئي وقت مڪمل طور وحي ڪيا ويا. پر محمد صلي الله عليه و آله وسلم تي ائين يڪو نزول ڇو نٿو ٿئي؟ ڪن ڪافرن جو الزام هو تہ نبي ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن کي ڪن يهودين ۽ عيسائين جي حمايت ۽ مدد شامل آهي. ڪفار مڪہ هاڻي حضور اڪرم صلي الله عليه و آله وسلم جي شان ۾ بيجا گستاخي ڪرڻ لڳا. عبادت دوران مٿن ڇٽرون ڪندا هئا. هڪڙي ڏينهن ڪفار مڪہ جي بدمعاش ٽولي رسول اڪرم صلي الله عليه و آله وسلم جن کي طواف دوران گهيرو ڪري سندس چادر ۾ هٿ وجهي ڪين گِرڻ لڳا. ان تي حضرت ابو بڪر هڪل ڪري ڪافرن کي چيو تہ هن شخص کي اوهين فقط انهيءَ ڪري مارڻ ٿا گهرو جيڪو چوي ٿو تہ منهنجو رب الله پاڪ آهي. حضرت ابو بڪر جي وچ ۾ پوڻ تي ڪافر حضور صلي الله عليه و آله وسلم جن کي ڇڏي هليا ويا. اُن واقعي جي رد عمل طور ڪيترائي نيڪ نيت ماڻهو رسول ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن جا طرفدار ٿيا ۽ منجهائن ڪجهہ ماڻهن نبي سائين صلي الله عليه و آله وسلم جن تي ايمان بہ آندو ۽ اسلام جا جانباز سپاهي ثابت ٿيا. هڪ ڏينهن ابوجهل نبي ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن جي خلاف تمام گهڻي

بدتميزي ڪئي. اها خبر هڪ عورت نبي ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن جي چاچي حضرت حمزي سان ڪئي. هو اجان مسلمان ڪو نہ ٿيو هو. پر نبي ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن سان ٿيل بي واجبيءَ تي سخت ڪاوڙ آئي ۽ ابو جهل کي ڳولي وڃي سندس بي عزتي ڪئي ۽ چيائينس تہ جيڪڏهن آئون مسلمان ٿيان تہ تون مون تان بہ مسخري ۽ ٺٺولي ڪندين ڇا؟ ابوجهل جي ماڻهن حضرت حمزي تي حملو ڪرڻ چاهيو پر ابوجهل کين روڪيو. هن واقعي سبب ڪجهہ عرصي لاءِ حضور ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن جي خلاف ڪافرن طرفان ٺٺولي ۽ بدتميزي بند ٿي وئي.

هن ڪٺن صورتحال ۾ بہ ماڻهن جو نبي ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن تي ايمان آڻڻ ۽ اسلام قبول ڪرڻ جو بنيادي معجزو خود قرآن شريف جي قدرتي ڪشش ئي هئي. سن 616ع ۾ مختلف علائقن کان جيڪي حاجي ۽ زائرين آيا، انهن کي ابوجهل جي ساٿين حضور اڪرم صلي الله عليه و آله وسلم جن کان پري رهڻ ۽ سندن ڳالهيون ٻڌڻ کان سخت منع ڪئي. ۽ کين ڊيڄاريو تہ هو ماڻهن تي زبان سان جادو ڪري کين گمراهہ ڪري ڇڏيندو آهي. تنهنڪري جيڪڏهن پنهنجو خير ٿا گهرو تہ اُن کان بچڻ جي ڪوشش ڪجو. ڪافرن جي ڳالهين هڪڙي همراهہ نالي سويد بن عمر کي ايترو ڊيڄاري وڌو جو هن پنهنجي ڪنن ۾ ڪپهہ وجهي ڇڏيو پر جڏهن هن حضور صلي الله عليه و آله وسلم جن کي ڪعبي شريف وٽ نماز پڙهندي ڏٺو تہ پنهنجي بيوقوفي تي ڏاڍو شرمسار ٿيو ۽ ساڻن وڃي مليو. نبي ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن دل جي گهرائين سان سندس آجيان ڪئي ۽ اسلام جي تبليغ ڪئي پوءِ قرآن شريف جي ڪجهہ آيتن جي تلاوت فرمائي. تلاوت ٻڌي سويد اهڙو تہ حيران ٿيو جو چيائين تہ الله پاڪ جو قسم آهي تہ هن کان بهتر شئي مون ڪڏهن بہ نہ ٻڌي آهي ۽ نہ ئي پڙهي آهي. هو حضرت محمد صلي الله عليه و آله وسلم جن کان ايترو تہ متاثر ٿيو جو بروقت ايمان آندائين. هن چند سالن ۾ پنهنجي قبيلي جي ستر کن گهرن کي بہ اسلام ۾ آندو.

ڪيرن آرمسٽر انگ لکيو آهي تہ قرآن شريف جو هڪڙو نهايت عجيب معجزو سن 616ع ۾ پيش آيو. حضرت عمر رضي ايمان آڻڻ کان اڳي ڪفار مڪہ جو سرڪش جانباز پهلوان هو. سو حضور ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن کي قتل ڪرڻ جي ارادي سان انهي گهر ڏانهن اُسهيو جاسوسن موجب جتي ان وقت حضور ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن موجود هئا. کيس پنهنجي ڀيڻ فاطمہ رضي ۽ سندس گهرواري حضرت بابت اها خبر ڪانہ هئي تہ اهي مسلمان ٿي ويا آهن. انهن حضرت عمر جي گهر دير سان موٽڻ متعلق يقين موافق هڪڙي ٻئي مسلمان لوهار نالي حضرت خباب رضي کي گهرائي قرآن شريف جي تلاوت شروع ڪرائي ۽ پاڻ زال ۽ مڙس ڌيان ڏئي ٻڌڻ لڳا تہ هڪڙي مومن حضرت عمر کي تلوار سان ليس ڏسي سندس ناپاڪ ارادو ڄاڻندي کيس چيئيو تہ تون پهرين پنهنجي گهر جي خبر وٺ جتي تنهنجي ڀيڻ ۽ ڀيڻيويو مسلمان ٿي ويا آهن ۽ پوءِ ٻيو ڪو قدم کڻ. حضرت عمر اها ڳالهہ ٻڌي، باهہ ٿي ويو ۽ پنهنجي گهر روانو ٿيو ويجهو وڃڻ تي سندس ڪن تي قرآن شريف جي تلاوت جو آواز پيو ۽ سمجهيائين تہ اهو آواز منهنجي گهر مان ئي پيو اچي. گهر ۾ داخل ٿيڻ شرط وڏي هڪل ڪري پڇيائين تہ هي ڪهڙو تماشو پيا

ڪريو؟ انهي تي حضرت خباب ته ڊپ وچان ٻي ڪمري ۾ وڃي لڪو. حضرت عمر رضي پنهنجي ڀيڻ کي ڏاڍو ماريو ۽ مٿو ڦاڙي وڌو. رت وهندي ڏسي ڪيس چڏي ڏنو ۽ خباب وارا ڪاغذ ميڙي پڙهيائين. انهن ۾ قرآن شريف جي صورت الحديد جون آيتون لکيل هيون. اهي پڙهي حيران ٿي ويو ۽ چيائين ته هيءَ ته نهايت عاليشان ۽ سهڻي تحرير آهي. سندن دل تي قرآن ڪريم جو اهڙو ته اثر ٿيو جو مسلمانن لاءِ نفرت ۽ ڪاوڙ انهن لاءِ عزت ۽ محبت ۾ تبديل ٿي وئي. هاڻي وري ٻه هو نبي ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن ڏانهن ويو. گهر ۾ داخل ٿيڻ شرط نبي ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن ڪيس ڳُڙتي ۾ جهلي پُڇيو ته "اي ابن خطاب! تون هتي ڇو آيو آهين؟" پاڻ جواب ڏنائين ته "يا رسول الله صلي الله عليه و آله وسلم! آئون توهان جي هٿ تي اسلام قبول ڪرڻ آيو آهيان." حضور ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن سندن ارادو معلوم ڪري الله پاڪ جو وڏي سڌ شڪرادا ڪيو. جنهن تي جيڪي مومن حضرت عمر رضي جي ڊپ کان ٻين ڪمرن ۾ وڃي لِڪا هئا سي ٻه اچي گڏ ٿيا. ابن اسحاق لکيو آهي ته ايمان آڻڻ کان اڳ حضرت عمر رضي ڏينهن رات نشي ۾ ڏُت ۽ سدائين سرڪشي ۾ پورو هوندو هو. هڪڙي ڏينهن سندس ٽولي وارن وٽس اچڻ ۾ دير ڪئي ته هو ڪعبي شريف جي طواف لاءِ اٿي ويو جتي ڏٺائين ته حضور اڪرم صلي الله عليه و آله وسلم جن نهايت جهيڻي آواز ۾ قرآن شريف جي تلاوت ڪري رهيا هئا. اها تلاوت ڪيس وڻي ۽ هو آهستي آهستي ٿي وڃي نبي ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن کي تمام ويجهو ٿيو ۽ تلاوت ڏيان سان ٻڌڻ لڳو. جنهن سبب مٿس سڪتو طاري ٿي ويو. جڏهن سامت ۾ آيو ته چوڻ لڳو ته



قرآن شريف منهنجي دل نرم ڪئي ۽ اکين مان پاڻي وهڻ لڳو. اهڙيءَ ريت اسلام پنهنجي سموري تب و تاب سان منهنجي روح ۾ داخل ٿي ويو.

ٻئي ڏينهن هو ابوجهل وٽ ويو جنهن معمول موجب سندس نهايت گرم جوشيءَ سان آجيان ڪئي. تنهن تي حضرت عمر کيس ٻڌايو تہ آئون اسلام قبول ڪري چڪو آهيان. مون کي يقين ٿي ويو آهي تہ اسلام ئي الله پاڪ جو سچو دين آهي ۽ حضرت محمد صلي الله عليه و آله وسلم جن الله پاڪ جا سچا رسول صلي الله عليه و آله وسلم آهن. بُتن جي پوڄا واقع ڪفر آهي ۽ توهان جيڪو ڪجهہ ڪريو پيا اهو سراسر غلط آهي. هو پنهنجي بيباڪيءَ سبب لِڪي نہ پر ظاهر ظهور ڪعبي شريف وٽ نماز پڙهڻ لڳو ۽ ڪنهن بہ ڪافر کي کيس ٽوڪڻ جي جرئت ڪا نہ ٿيندي هئي. هو عدي قبيلي جو فرد هو.

پنهنجي چالن ۾ ناڪاميءَ سبب ابو جهل ۽ ٻين قريش ڪافرن مڪي شريف جي سمورن قبيلن کي گهرائي فيصلو ڏنو تہ بنو هاشم ۽ بنو مُطلب قبيلن سان ٻيا سمورا قبيلا پنهنجا سمورا تعلقات ۽ واسطا ختم ڪن. سمورن قبيلن فيصلو ڪيو تہ مٿين ٻنهي قبيلن سان مٽي مائٽي توڙي واپار بہ ڪو نہ ڪيو ويندو. ۽ کين کاڌي پيتي جون شيون بہ ڪو نہ ڏنيون وينديون. ان فيصلي جي نتيجي ۾ هنن ٻنهي قبيلن حضرت ابو طالب جي علائقي ۾ وڃي سڪونت اختيار ڪئي. رسول ڪريم صلي الله عليو و آله وسلم جن بہ اوڏانهن وڃي رهيا. ابولهب وري اتان لڏي اچي عبدشمس قبيلي ۾ رهڻ لڳو.

هنن ٻنهي قبيلن تي اها بندش ٻن سالن کان بہ وڌيڪ عرصي تائين برقرار رهي. جنهن سبب هنن قبيلن ۾ بک ۽ بيماريءَ سبب شرح اموات وڌي وئي ۽ سندن اقتصادي حالت نهايت زبون ٿي وئي. حضور پاڪ صلي الله عليه و آله وسلم جن ۽ سندن پوئلڳن کي چئن پاڪ مهينن دوران اجازت هئي تہ اهي شهر ۾ اچن ۽ ڪعبي شريف جو طواف ڪن. ان عرصي دوران حضور صلي الله عليه و آله وسلم جن ٻاهران ايندڙ زائرين ۽ حاجين ۾ اسلامي تعليمات جي تبليغ جو فرض نهايت جوش ۽ جذبي سان نڀائيندا رهيا. بندش پيل قبيلن جي ٻين سيني قبيلن سان سڌي ۽ اڻ سڌي مٽي مائٽي بہ هئي، انهن ۾ ابوجهل ۽ ٻين ڪافرن جي هن ظالمانہ سلوڪ جي خلاف سخت نفرت پيدا ٿي ۽ لڪ ڇپ ۾ پنهنجي مجبور مائٽن کي کاڌي پيتي جون شيون پهچائڻ لڳا. جنهن تي ابوجهل وارا ڏاڍا ڪاوڙيا، پر نيٺ اها بندش تڏهن ختم ٿي جڏهن بنو هاشم ۽ بنو مطلب سان همدردي رکندڙ چئن شخصن هر هڪ هشام عامري، مطعم ابن عدي، ابوالبختري ابن هشام ۽ زمعہ ابن الاسود جن گڏجي بندش ختم ڪرائڻ لاءِ ڀرپور مهم هلائي. هنن سان گڏ هڪڙو وڌيڪ شخص زبير ابن ابي اميه بہ هو. جيڪو حضرت ابو طالب جو مائٽ هو ۽ مخزوم قبيلي مان هو. جنهن جو اڳواڻ ابوجهل هو. منصوبي موجب مقرر ڏينهن تي هڪڙو سفيد ڪُڙتو پائي وڃي ڪعبي شريف جو طواف ڪيو ۽ واندو ٿي اهل مڪہ کي مخاطب ٿي چيو تہ اوهان جو ضمير ڪهڙي طرح گوارا ٿو ڪري تہ هي بہ قبيلا جيڪي اسان جا عزيز ۽ قريب آهن. اسان جي غلط فيصلي سبب فاقا ڪاتين ۽ بي موت مري وڃن. ابو جهل هن جي ڳالهين جي سخت مخالفت ڪئي، پر ٻين چئين مذڪوره ماڻهن زبير جي مڪمل حمايت ڪئي ۽ المعظم وڃي ڪعبي شريف ۾ بندش وارو دستاويز ڪڍي آيو. جنهن کي اڌوهي کائي چٽ ڪري ڇڏيو هو. باقي فقط "۽ الله

جي نالي” وارا لفظ بچيا هئا. ماڻهن جڏهن اهو حال ڏٺو تہ وڏي واڪي چوڻ لڳا تہ بندش ختم ڪئي وڃي. بندش تہ ختم ٿي وئي، پر سندن مالي حالت نهايت خراب ٿي وئي هئي. ان جي بحالي نهايت مشڪل هئي. بندش ختم ٿيڻ کان ترت پوءِ حضرت بي بي خديجہ رضہ جن رحلت فرمائي. جنهن جو معروضي سبب غذائي قلت هئي. حضرت خديجہ رضي نہ فقط زال پر اها نبي ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن جي مشير ۽ بهترين دوست پڻ هئي. رسول الله صلي الله عليه و آله وسلم جن جي ڪنهن بہ ٻيءَ گهرواري سندس جاءِ ڪانہ پري. بي بي صاحبہ جن جي جدائي رسول ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن کي گهائي وڌو. اجا انهيءَ حجر جو هاجوئي پورو ڪو نہ ٿيو هو تہ هڪڙو ٻيو بہ ڳنڀير واقعو رونما ٿيو. حضرت ابو طالب آخر عمر ۾ بيمار ٿي پيو ۽ وڃڻ وارو هو تڏهن ابوجهل جي اڳواڻيءَ ۾ ڪفار مڪہ ابوطالب وٽ ويا ۽ نبي ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن بابت پنهنجا ساڳيا مطالبا ڪرڻ لڳا. ابو طالب خاموش هو. پر نبي ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن کين جواب ڏنو تہ مڪي شريف ۾ رهڻ ڏيو يا نہ پر توهان جي ڳالهين جو جواب آئون ڪيترائي ڀيرا هن کان اڳ ۾ بہ ڏيئي چڪو آهيان تہ عبادت جي لائق فقط هڪ هستي آهي ۽ اها الله پاڪ جي هستي آهي. اهو جواب ٻڌي ڪافر خار کائيندا ۽ ائين چوَندا ويا تہ هاڻي اسان جي ۽ محمد صلي الله عليه و آله وسلم جن جي وچ ۾ فيصلو بہ فقط الله ئي ڪندو. حضرت ابو طالب نبي ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن جي حوصلہ افزائي ڪندي چيو تہ هنن کي تو جيڪي ڪجهہ چيو اهو بلڪل جائز ۽ درست هو. نبي ڪريم جن کيس چيو تہ چاچا! هاڻي حياتيءَ جي آخري وقت ۾ اسلام تي غور ڪريو ۽ ايمان آڻيو. پاڻ نهايت نرميءَ سان جواب ڏنائين تہ جيڪڏهن آئون هاڻي ائين ڪندس تہ فقط پنهنجي ڀائيٽي جي خوشيءَ لاءِ هوندو. آئون پنهنجي اڳوڻي مذهب تي ئي مرڻ چاهيان ٿو.

حضرت ابو طالب جي وفات سبب بنو هاشم خاندان جي سرداري ابو لهب کي ملي. جيڪو حضور ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن جو جاني دشمن هو. جنهن سبب نبي ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن توڙي ٻين مسلمانن سان ڪفار مڪہ اڳوڻي کان بہ وڌيڪ بي واجبي طور طريقا اختيار ڪرڻ لڳا. مثلاً نبي اڪرم صلي الله عليه و آله وسلم جن جي اڳيان رڍن جي اوجهري اڇلائي ڇڏيندا هئا. نماز خراب ڪرڻ لاءِ سندن اڳيان ڏاتن جا ٿانوَ زور سان ڪيرائي رخنو وجهندا هئا. هڪڙي ڏينهن ڪافرن جي هڪڙي ڇوڪري حضور ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن تي مٿيءَ جا ٻُڪ اڇلي وڌا. بندش دوران مسلمان معاشي طرح تباهہ ٿي ويا هئا. حضرت ابو بڪر جي مسلمان ٿيڻ سبب قبائلي سردار اميہ ابن خلف سان ازخود سندس تعلقات خراب ٿي ويا هئا. ان کي قرض نہ ڏئي سگهڻ سبب اميہ ابن خلف کيس سندس عزيز سميت رسن ۾ ٻڌي رڻ پٽ ۾ ڇڏي آيو. پر سندس قبيلي وارن سندس ڪا بہ پر گهور ڪانہ ڪئي. ڪن مسلمانن کين ڳولي وڃي لڌو ۽ کين مڪي شريف آندائون. هاڻي هتي مشڪل هئڻ ڪري حضرت ابوبڪر نبيءَ اڪرم صلي الله عليه و آله وسلم جن کان موڪلائي حبش روانو ٿي ويو. رستي ۾ کيس صحرائي ڦورن جو هڪڙو سردار مليو. جنهن سان حقيقت ڪيائين هن کيس نماز لڪي پڙهڻ ۽ قرآن شريف آهستي تلاوت ڪرڻ جي شرطن تي واپس مڪي آندو ۽ سندس حفاظت جي ذميواري کنئي.




انهن ئي ڏينهن ۾ ابو جهل جي چور تي ابو لهب رسول ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن کان حضرت عبدالمطلب جي باري ۾ فساد پيدا ڪرڻ جهڙا سوال ڪيا ۽ حضور ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن جي سندن خاندان سميت حفاظت ڪرڻ واري ذميواري کان انڪار ڪري ڇڏيو. انهيءَ سنگين صورتحال جي پيش نظر رسول الله صلي الله عليه و آله وسلم جن ضروري آمان حاصل ڪرڻ لاءِ طائف شهر ۾ پنهنجي واقفن وٽ ويا. ڪين دين جي دعوت ڏني ۽ حفاظت طلبي. انهن ماڻهن سندن حفاظت ته پري رهي، پر هيٺو دين جي دعوت ڏيڻ تي حضور ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن تي سخت ڪاوڙيا ۽ ڪين تمام گهٽو گهٽ وڌ ڳالهايو. نبي ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن جي موٽڻ تي سندن غلامن ۽ بدمعاشن کي حضور صلي الله عليه و آله وسلم جن جي پويان ٻڇيائون. انهن سنگ باريءَ سان حضور ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن کي سخت زخمي ڪري وڌو. تڏهن بچاء خاطر رسول الله صلي الله عليه و آله وسلم جن عتبہ ۽ شيبا ٻن ڀائرن جي باغ ۾ وڃي پناهہ ورتي. اهي ٻئي ڄڻا اتي حاضر هئا ۽ پڻ نبي سائين صلي الله عليه و آله وسلم جن جا سخت دشمن هئا. پر اُن وقت ڪين مٿن ڪجهه رحم آيو ۽ هڪ عيسائي غلام هٿان انگورن جو ٿالهہ حضور ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن کي ڏياري موڪليو. جنهن بسم الله ڪري اچي رسول ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن جي اڳيان رکيو ته ڪين اهي لفظ ٻڌي خوشي تي ۽ ساڻس شفقت سان گفتگو ڪئي. انهيءَ غلام رسول ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن کان بيحد متاثر ٿيندي سندن هٿن مبارڪن کي چميو.

حضور ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن هاڻي مڪي شريف ۾ داخل ٿيڻ لاءِ ٻين ٽن قبيلن جي سردارن سان اتحاد ڪرڻ جي آڇ ڪئي. پر زهراه قبيلي جي سردار اخنس ابن شريف ۽ عامر قبيلي جي سردار سهيل ابن عمرو اتحاد ڪرڻ کان ٺپ جواب ڏنو. البت نوفل قبيلي جي سردار معطم اتحاد جي حامي ڀري ۽ پنهنجي قبيلي طرفان حضور صلي الله عليه و آله وسلم جن جي حفاظت ڪرڻ جو اعلان ڪيو. تڏهن پاڻ سڳورا صلي الله عليه و آله وسلم شهر ۾ آيا ۽ شهر ۾ ايندڙ پرڏيهي زائرين ۽ سوداگرن ۽ ٻين بدو قبيلن جي

ماڻهن ۾ اسلام جي تبليغ تي گهڻو زور ڏيڻ لڳا، ڇو ته مڪي شريف ۽ آسپاس جي ماڻهن ڪين گهربل موٽ ڪا نه ڏني. اٽلو سندن جان جا دشمن ٿي پيا.

سن 620ع ۾ نبي اڪرم صلي الله عليه و آله وسلم جن حضرت علي رضي جي ڀيڻ حضرت اُم هاني جي گهر ترسيل هئا ۽ آڌيءَ رات ڌاري پاڻ قرآن مجيد جي تلاوت شروع ڪئي. ڪافي دير کان پوءِ تلاوت ختم ڪري سمهڻ لڳا ته ڪين جبرائيل امين اچي جاڳايو ۽ بُراق نالي آسماني گهوڙي تي سوار ڪري ڪين بجليءَ جهڙي تيز رفتار سان يروشلم جي مسجد اقصيٰ پهچايو. جتي حضور ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن نماز ادا ڪئي. پوءِ جبرائيل عليه السلام جي رهبريءَ ۾ ستن آسمانن جو سير ڪيو. پهرين آسمان تي ڪين حضرت آدم عليه السلام مليو هتي نبي ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن دوزخ جو نظارو ڪيو. ٻئي آسمان تي سندن ملاقات حضرت عيسيٰ عليه السلام سان، ٽئين آسمان تي حضرت يوسف عليه السلام، چوٿين آسمان تي، پنجين آسمان تي حضرت موسيٰ عليه السلام، ڇهين آسمان تي حضرت هارون عليه السلام ۽ ستين آسمان تي حضرت ابراهيم عليه السلام سان ٿي. ان کان مٿي وارو علائقو عرش عظيم سڏجي ٿو. جت رب العالمين جلوه افروز آهي. ان اعليٰ مقام تي الله پاڪ پنهنجي ٻانهي سان ڪمان جي ڇيڙهن جي وٿيءَ کان به وڌيڪ ويجهڙائي ۾ ملاقات ڪئي ۽ سندس امت لاءِ پنج وقت نماز ادا ڪرڻ جي افضل ترين سوکڙي عطا ڪئي. هن سموري واقعي کي معراج النبي سڏجي ٿو. ڪثرت مسلمان انهيءَ واقعي کي معروضي يا جسماني ڪري مڃين ٿا. اهل اسلام جي ٿورائي انهيءَ کي فقط روحاني سفر ۽ ملاقات تصور ڪن ٿا. ابن هشام بي بي عائشه جي حوالي سان لکيو آهي ته "حضور اڪرم صلي الله عليه و آله وسلم جن فرمايو ته منهنجو معراج وارو سفر بلڪل روحاني نوعيت وارو هو".

ساڳئي سال 620ع ۾ حضور ڪريم صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن جي ڪيترن ئي حاجين سان ملاقات ٿي جن ۾ ڇهه يثرب شهر جا ماڻهو به هئا. جن ڇهن حاجين جي ڀيٽ ۾ نبي ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن جون ڳالهيون غور سان ٻڌيون ۽ نهايت فراخدليءَ سان پيش آيا. کين يقين ٿي ويو ته واقعي هي اهوئي سچو نبي سڳورو آهي. جنهن بابت پنهنجي شهر يثرب جا يهودي ڳالهيون ڪندا آهن.

يثرب مڪي شريف کان ننڍو شهر هو جيڪو عراق ۽ شام کان آيل يهودين آباد ڪيو هو. اهي زراعت پيشه ماڻهو هئا. ڪن مورخن جو چوڻ آهي ته اهي فلسطين کان آيل ماڻهو هئا. ستين صديءَ عيسوي ۾ يثرب شهر ۾ يهودين جا ٽي وڏا قبيلا، بني قريظ، بني نُظير ۽ بني قينقاع رهندا هئا. پر ڇهين صديءَ عيسوي ۾ هتي لڏي ايندڙ به قبيلا بني اوس ۽ بني خزرج ستين صديءَ عيسوي تائين معاشي ترقي ڪري مذڪور يهودي قبيلن کان وڌيڪ طاقتور ٿي ويا. جنهن سبب منجهن مخالفت پيدا ٿي پئي. نه فقط ايترو پر مجموعي طور يثرب جي سمورن شهري توڙي پسگردائيءَ وارن قبيلن ۾ باهمي فساد برپا رهيو.

حج جي موقعي تي جن يثرب جي ڇهن ماڻهن حضور ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن سان ملاقات ڪئي هئي. انهن کي قدرتي طور يقين ٿي ويو ته اسان جي قبيلن ۾ برپا فساد کي انصاف سان ختم ڪري سگهڻ جي سمجهه ۽ صلاحيت فقط حضور ڪريم صلي الله عليه و آلہٖ وسلم جن ۾ ئي آهي ۽ اهو ئي اسان

جي سمورن قبيلن جو سردار اعليٰ ٿيڻ جي لائق آهي. انهن حضور ڪريم صلي الله عليه و آلهٖ وسلم جن تي ايمان آندو ۽ واعدو ڪيائون تہ اسين پنهنجي عزيزن ۽ قريبن کي اسلام جي دعوت ڏينداسين. انهي ڳالهہ تي نبي اڪرم صلي الله عليه و آلهٖ وسلم جن کي سرهائي ٿي. پنهنجي ازدواجي زندگيءَ جي بحاليءَ خاطر پاڻ سڳورن صلي الله عليه و آلهٖ وسلم حضرت سڪران رضي جي بيواه بي بي سوده سان شادي ڪئي.

621ع ۾ ڇهہ نو مسلم يثربي پاڻ سان گڏ ٻين ستن همدرد ماڻهن کي بہ گڏ وٺي آيا. انهن ۾ بہ همراهہ اوس قبيلي جا هئا. اهي سمورا ماڻهو نبي ڪريم صلي الله عليه و آلهٖ وسلم جن سان عقبہ جي واديءَ ۾ ملاقاتي ٿيا حضور اڪرم صلي الله عليه و آله وسلم جن جي هٿ مبارڪ تي بَعيتَ ڪيائون ۽ عهد ڪيائون تہ اسين هاڻي صرف خدا پاڪ جي عبادت ڪنداسين ۽ نبي ڪريم صلي الله عليه و آلهٖ وسلم جن جي تعليم ۽ هدايت موجب زندگي گذارينداسين. ان ملاقات کي عقبہ اوليٰ سڏجي ٿو.

قرآني تعليم موجب هر انسان پنهنجي عملن موجب جزا يا سزا ڀوڳيندو. يثرب جي ماڻهن انهيءَ نظريي کي پاڻ لاءِ مناسب ۽ ضروري ڄاتو. رسول ڪريم صلي الله عليه و آلهٖ وسلم جن مذڪور يثربين سان هڪڙو قابل مسلمان حضرت مصعب رضي ابن عمير گڏي ڇڏيو تہ کين وڃي قرآن شريف جي تعليم ڏي ۽ اسلام جي تبليغ ڪري. شروع ۾ اوس قبيلي وارا حضرت مصعب جي يثرب اچڻ تي رنج ٿيا. اوس قبيلي جي برادريءَ جي سردار سعد کي جڏهن حضرت مصعب رضي جي تبليغ جي خبر پئي تہ ڏاڍو ڪاوڙيو ۽ پنهنجي عزيز اُسيد ابن حضير کي کيس پڇاڻ لاءِ چوري موڪليائين. اسيد وڃي کيس للڪاريو. تنهن تي حضرت مصعب رضي کيس چيو تہ پهرين تون وٺي منهنجي ڳالهہ ٻڌ. جيڪڏهن اها صحيح سمجهين تہ قبول ڪج جيڪڏهن اها غلط لڳي تہ انهيءَ کي ڪلي عام رد ڪري ڇڏج ۽ جيئن وڻيئي تيئن ڪج. في الوقت اسيد اها ڳالهہ معقول ڄاڻي حضرت مصعب رضي طرفان قرآن شريف جي تلاوت ٻڌڻ لڳو. تلاوت جو مٿس ايترو تہ اثر ٿيو جو هو بروقت مسلمان ٿيو ۽ واپس سعد سان وڃي احوالي ٿيو. سعد مٿس سخت ڪاوڙيو ۽ پنهنجو نيزو کڻي پاڻ خود حضرت مصعب رضي کي مارڻ لاءِ نڪتو. باغ وٽ پهچڻ تي جيئن ئي سندس ڪن تي قرآن شريف جي تلاوت پئي تہ اسيد وانگر هن جي دل تي پڻ انهيءَ جو مثبت اثر ٿيو ۽ ترت ئي ايمان آندائين پوءِ پنهنجي قبيلي کي گڏ ڪري کين اسلام قبول ڪرڻ جي تلقين ڪيائين. جنهنڪري سندس سموري قبيلي نبي ڪريم صلي الله عليه و آلهٖ وسلم جن تي ايمان آندو. اهڙي طرح حضرت سعد يثرب ۾ اسلام جي اشاعت ۾ نمايان ڪردار ادا ڪيو. نتيجتاً ٿوري وقت ۾ ئي شهر جي تقريباً هر گهر ۾ هڪڙو مسلمان ضرور موجود هو.

مڪي ۾ انهيءَ عرصي ۾ نبي ڪريم صلي الله عليه و آلهٖ وسلم ۽ مسلمانن لاءِ حالتون ڏينهون ڏينهن وڌيڪ ڏکدائڪ ۽ برداشت کان ٻاهر ٿي ويون. تنهنڪري حضور ڪريم صلي الله عليه و آلهٖ وسلم جن يثرب شهر ڏانهن وڃڻ جو ارادو ڪيو. جنهن موجب پاڻ ڪريمن صلي الله عليه و آلهٖ وسلم يثربي يهودين کي اتحاد جي دعوت ڏني. سن 622ع جي شروع ۾ حج لاءِ ايندڙ يثربين ۾ 75 مسلمان بہ هئا، جن ۾ بہ عورتون پڻ هيون. انهن 75 مسلمانن حضور ڪريم صلي الله عليه و آلهٖ وسلم جن سان هڪڙو سمجهوتو ڪيو. جنهن تحت

مڪي شريف مان لڏي ايندڙ مسلمانن جي مال ۽ جان جي حفاظت ڪندا ۽ ضرورت موجب سندن هر سماجي مدد پڻ ڪندا. مسلمانن ۽ اسلام جي بچاءُ ۽ اشاعت لاءِ گهربل جنگ لاءِ پڻ عهد ڪيائون. اهو سمجهوتو نهايت راز ۾ رکيو ويو. جنهن تحت رسول الله صلي الله عليه و آلہٖ وسلم ۽ ٻيا مسلمان هجرت ڪري يثرب وڃڻا هئا. انهيءَ سمجهوتي دوران حضرت براء رضي اوس ۽ خزرج قبيلن جي نمائندي طور حضور ڪريم صلي الله عليه و آلہٖ وسلم جن جو هٿ مبارڪ پنهنجي هٿ ۾ جهلي الله پاڪ جو قسم کڻي چيو ته اسان وٽ لڏي ايندڙ مسلمانن جي حفاظت پنهنجي ٻارن ۽ عورتن جهڙي ڪنداسين. رسول ڪريم صلي الله عليه و آلہٖ وسلم جن ان موقعي تي فرمايو ته آئون اوهان لاءِ آهيان ۽ اوهين منهنجي لاءِ آهيو. آئون توهان جي دشمنن سان وڙهندس ۽ اوهان جي سڄڻن کي سڄڻ سمجهندس. ان گفتگو جي اختتام تي اهو ڳجهو سمجهوتو مڪمل ٿيو ۽ مديني جا مسلمان يثرب موٽي ويا.

622ع جي جولاءِ ۽ آگسٽ وارن مهينن دوران ستر مسلمان خاندان مديني روانا ٿي ويا ۽ اتي وڃي مسلمانن جي گهرن ۾ رهڻ لڳا. اهڙي قرباني ۽ مدد جي ڪري مدني مسلمانن کي انصار سڏڻ لڳا. حضور اڪرم صلي الله عليه و آلہٖ وسلم جن هجرت جو حڪم ڪو نه ڪيو هو. هر ڪنهن کي اجازت هئي ته هو پنهنجي مرضيءَ موجب لڏي يا نه لڏي. مڪي مان لڏيندڙ مسلمان سمورا گڏجي نه پر ننڍن جٿن ۽ هڪ هڪ خاندان جي صورت ۾ الڳ الڳ ۽ جدا جدا وقتن تي شهر مان نڪتا. مثلاً حضرت عمر رضي پنهنجي خاندان سان روانو ٿيو. تنهن کانپوءِ حضرت عثمان رضي پنهنجي ٻارن سان نڪتو. اهڙي طرح حضور ڪريم صلي الله عليه و آلہٖ وسلم جن وارو ڪٽنب، حضرت زيد رضي ۽ حضرت حمزه رضي ساڻ اُسهيو. اهڙيءَ ريت خاموشيءَ سان آهستي آهستي لڏڻ وارا سمورا مسلمان نڪري ويا. باقي حضور ڪريم صلي الله عليہ و آلہٖ وسلم، حضرت ابو بڪر رضي ۽ حضرت علي رضي اجان مڪي ۾ هئا. مسلمانن جي نڪري وڃڻ کان پوءِ قريش ڪفار کي ڏاڍو غصو ٿيو ۽ حضور صلي الله عليه و آلہٖ وسلم جن کي نعوذ بالله شهيد ڪرڻ لاءِ هر ڪوشش ڪرڻ لڳا ته جيئن اسلام مڪمل طور تي ختم ٿي وڃي. ابوجهل جي خيال تحت مختلف ڪافر قبيلن جي نوجوان جنگجوئن جو جٿو تيار ڪري نبي ڪريم صلي الله عليه و آلہٖ وسلم جن جي گهر کي گهيراءُ ڪرايو ته جيئن ئي حضور صلي الله عليه و آلہٖ وسلم جن ٻاهر نڪرن ته جٿي جا سمورا همراه گڏجي وار ڪري کين نعوذ بالله قتل ڪن ته جيئن ڪنهن هڪ قبيلي تي خون جو ڏوهه نه پئجي سگهي. ان ڪري گهيرو ڪندڙ جٿي صبح تائين حضور ڪريم صلي الله عليه و آلہٖ وسلم جن جي ٻاهر نڪرڻ جو انتظار ڪيو پر انهيءَ رات حضور اڪرم صلي الله عليه و آلہٖ وسلم جن حضرت علي رضي  کي پنهنجا ڪپڙا پارائي پنهنجي بستري تي سمهاري مٿانئس پنهنجي چادر وجهي ڇڏي ۽ پاڻ سڳورا گهرجي پوئين دريءَ مان حضرت ابو بڪر رضہ سان گڏ نڪري وڃڻ ۾ ڪامياب ٿيا. شهر جي ڏکڻ ۾ واقع هڪڙي غار حِرا ۾ وڃي لڪا. جٿي تي ڏينهن لڪل رهيا. ٻئي طرف حضور صلي الله عليہ و آلہٖ وسلم جن جڏهن صبح ٿيڻ جي باوجود گهر کان ٻاهر ڪو نه نڪتا ته قاتل جٿي وارا گهر ۾ داخل ٿي ڏسن ته اتي فقط حضرت علي رضي موجود هو. حضور ڪريم صلي الله عليہ و آلہٖ  وسلم جن جي سندن هٿن مان زنده نڪري وڃڻ تي ڪافر سخت طيش

۾ آيا ۽ سانده ٽي ڏينهن سخت ڳولا جي باوجود ناڪام ٿيڻ تي حيراني پريشانيءَ جي حالت ۾ اعلان ڪيائون ته حضور اڪرم صلي الله عليه وآلہٖ وسلم جن کي زنده پڪڙي ايندڙ يا ماريندڙ کي هڪ سئو اُٺ انعام ڏنو ويندو. غار حِرا ۾ لڪڻ واري وقت دوران حضرت ابو بڪر جي هڪڙي ڏيءَ رات جي وقت ۾ کاڌو پيتو پهچائيندي هئي. قاتل ڪافرن جو ٽولو هڪ پيرو غار وٽ به اچي پهتو. جن کي ڏسندي حضرت ابو بڪر رضي ڊپ ۾ چيو ته پاڻ ته فقط به ڄڻا آهيون ۽ هي ڪافرن جو پورو ٽولو پڪ پاڻ کي ماري ڇڏيندو. تنهن تي نبي ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن وراڻيس ته پاڻ ٻن سان گڏ ٽيون الله پاڪ به آهي. جيڪو پاڻ کي بچائي وٺندو. قدرت سان غار جي مُنهن تي ڪوريئڙي جو جار لڳل ۽ غار جي مُنهن تي رکيل پٿر تي رکيل بيضن تي ويٺل پکي ڏسي ڪافر ٽولي کي پڪ ٿي ته هن غار ۾ ڪو هينئر موجود ڪو نه هوندو. اهي واپس موٽي ويا. ٽئين ڏينهن شام جو حضور صلي الله عليه و آلہٖ وسلم جن غار مان نڪتا ۽ سواريءَ لاءِ تيار ٻن ڏاچين تي چڙهي ڏکين ۽ ڳجهن رستن تان هلندا ٽن ڏينهن کان پوءِ اچي يثرب يعني مديني شريف پيڙا ٿيا. رستي ۾ ڪين هڪڙي وحشي ڪافر اچي للڪاريو پر خدا جي قدرت سان حضور ڪريم صلي الله عليه و آلہٖ وسلم جن کي ويجهو رسڻ تي ڪافر جي گهوڙي انهيءَ حملہ آور کي ڪيرائي وڌو ۽ اهو خود هاڻي حضور صلي الله عليه و آله وسلم کان جان جي امان لاءِ ٻاڏائڻ لڳو. تڏهن حضور اڪرم صلي الله عليه وآلہٖ وسلم جن کيس معافي ڏئي ڇڏي ڏنو. حضور ڪريم صلي الله عليه وآلہٖ وسلم جن يثرب جي ويجهو پهچڻ بعد شهر کان ٻه ميل ڪن ٻاهر "قبا" نالي بستي ۾ ٻه ٽي ڏينهن رهيا. جتي حضرت علي رضي به ڪين اچي گڏيو. جيڪو مڪي کان پيادو آيو هو. تنهن ڪانپوءِ سورهن ربيع الاول مطابق 2 جولاءِ 622ع جمع جي ڏينهن صبح جو رسول الله صلي الله عليه وآلہٖ وسلم جن پنهنجي مسلمان ياٺرن سان گڏجي يثرب ۾ آيا. اهڙي ريت مشڪل ترين حالتن



تحت حضور اڪرم صلي الله عليه و آله وسلم ۽ ٻين مسلمانن هجرت ڪري اچي مدينو شريف وسايو. ان نسبت سان اسلامي سن کي هجري سن نالو ڏنو ويو. جيڪو ٻئي خليفي حضرت عمر رضي جي ايامڪاريءَ ۾ عمل ۾ آيو. مڪي شريف کان لڏي آيل مسلمانن کي مهاجر ۽ مديني پاڪ جي مسلمانن کي سندن مهاجر ياٺرن جي هر حال مدد ۽

همدردي ڪرڻ تي حضور ڪريم صلي الله عليه و آلهٖ وسلم جن انصار جو خطاب ڏنو. جن مهاجرن کي پنهنجي گهرن ۾ رهايو ۽ ڪيترن سان رشتو به قائم ڪيو.

مديني شريف ۾ مسلمانن جي زندگيءَ جو نئون ۽ نرالو دور شروع ٿيو.جنهن جي شروعات مديني جي يهودين ۽ ٻين قبيلن سان هڪڙي سمجهوتي تحت ٿي. ان وقت مديني ۾ ٽي مکيه سماجي گروهه هئا. هڪڙو سچو اهلِ اِسلام جنهن ۾ مهاجرين ۽انصار شامل هئا. ٻيو اهو گروهه جنهن ۾ ڪمزور ايمان ۽ بت پرستيءَ ڏانهن راغب مسلمان هئا. سندن اڳواڻ عبدالله ابن اُبي هو. هنن کي سندن ڪردار موافق منافقين سڏيو ويو ڇو ته اهي هر وقت حضور ڪريم صلي الله عليه و آلهٖ وسلم ۽ مسلمانن جي خلاف سازشون گهڙيندڙن جاطرفدار رهندا هئا. ٽيون گروهه يهودين جو هو هي ٽولو مسلمانن جو نهايت خطرناڪ دشمن ٽولو هو. حضور پاڪ صلي الله عليه و آلهٖ وسلم جن جي آمد وقت هنن مسلمانن جي مخالفت ڪا نه ڪئي پر اجا مهينو کن مس گذريو ته هنن بغاوت ۽ مخالفت شروع ڪري ڏني.

مديني شريف ۾ اچڻ سان حضور اڪرم صلي الله عليه و آلهٖ وسلم جن مديني ۽ ان جي پسگردائي وارن سمورن قبيلن ۽ برادرين ۾ باهمي صلح صفائي ڪرائي منجهن اتحاد پيدا ڪيو. جنهن جو بنياد هڪڙي معاهدي تي مبني هو. انهيءَ معاهدي ۾ مسلمانن، يهودين توڙي ٻين برادرين جي حقوق ۽ فرائض کي انصاف موافق مقرر ڪيو ويو. انهيءَ کان متاثر ٿيندي يهودين اهو اقرار نامون قبول ڪيو. ان ۾ اهو پڻ لکيل هو ته هتي جا سمورا قبيلا جهڙوڪ يهودي، عوف، نجار، حارث، اوس، ثعلبه، حُبشم ۽ ٻيا سمورا قبيلا مسلمانن سان گڏ هڪڙي متحد قوم شمار ٿيندا. کين پنهنجي مذهب بابت مڪمل آزادي هوندي، هنن سڀني کي اسلامي حڪومت مال ۽ جان جو تحفظ فراهم ڪندي. ڏوهارين کي سخت سزا ڏبي. يهودي مديني جي بچاءُ خاطر مسلمانن جي مدد ڪندا. آخر ۾ معاهدي ۾ لکيل هو ته هن قبول ڪندڙن جي وچ ۾ پيدا ٿيندڙ جهڳڙي فساد جو فيصلو الله لڳ رسول الله صلي الله عليه و آلهٖ وسلم جن ڪندا.

بهرحال يهودي ترت ئي بغاوت ڪرڻ ۽ شهر جو امن برباد ڪرڻ لڳا. قريش جي جاسوسي جو ڪم به پرجوش نموني ڪرڻ شروع ڪيائون، ان جي جانچ ڪري ڇهن حقيقي غدارن کي قتل ڪيو ويو.

مڪي وارن مسلمانن جي ڪمزوريءَ مان فائدو وٺندي غدارن جي مخبريءَ موجب مديني جي پسگردائي ۾ مسلمانن جي ملڪيتن تي حملا شروع ڪري ڏنا سندن مال ڪاهي ويندا هئا ۽ سندن باغ وڍي پٽي ويندا هئا. اڪيلن مسلمانن کي قتل ڪري ڇڏيندا هئا سن ٻه هجري ۾ پنهنجي قافلن جي حفاظت جي بهاني اهي هڪ هزار لشڪر سان مديني تي چڙهائي ڪري آيا. سندن اڳواڻي ابوجهل ڪري رهيو هو. مسلمانن جا ٽي سئو مجاهد حمله آورن کي روڪڻ لاءِ اچي بدر جي ميدان ۾ ساڻن سامهون ٿيا. رسول ڪريم صلي الله عليه و آلهٖ وسلم جن ان وقت الله پاڪ کان دعا گهري ته جيڪڏهن تنهنجي مدد ڪانسواءِ مسلمانن جو هي ننڍڙو ٽولو ماريو ويو ته پوءِ تنهنجي سچي عبادت ڪرڻ وارو ڪو به ڪو نه بچندو. تنهنڪري اي مولا سائين! تون هنن حق جو جهاد ڪندڙن کي هنن ڪافرن تي سوڀ عطا فرماءِ.

پهريائين عرب دستور موجب قريش لشڪر جا ٽي پهلوان ميدان ۾ اچي اسلامي فوج کي للڪارڻ لڳا. ساڻن مقابلي لاءِ حضرت علي رضي، حضرت حمزه رضي ۽ حضرت عبيد رضي ميدان ۾ لٿا ۽ ٽنهي پهلوانن

کي ماري مات ڪيائون. تنهن کان پوءِ ٻئي لشڪر هٽين پئجي ويا. آخرڪار سرد طوفان سبب مڪي فوج وارا ڪيترائي جنگي جوڌا مارائي جنگ هارائي ميدان ڇڏي اٿي ڀڳا. مسلمان فوج ڪيترائي مڪي فوجي قيد ڪيا. انهن مان فقط ٻن کي سنگين ڏوهن سبب قتل ڪيو ويو. ڪين ڪجهه مال غنيمت بہ هٿ آيو. حضور ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن جي هدايتن موجب جنگي قيدين کي انصار ۽ مهاجرن جي گهرن ۾ رهايو ويو ۽ ساڻن تمام سهڻو سلوڪ ڪيو ويو. جنهن جو انهن خود آزاديءَ کان پوءِ اعتراف ڪيو. مال غنيمت جي ورهاست قرآن پاڪ جي حڪم موجب ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو. جنهن تحت انهيءَ جو پنجون حصو محتاجن ۽ مسڪينن جي فلاح لاءِ بيت المال ۾ جمع ڪيو ويندو. باقي بچيل مال جي ورهاست حاڪم رياست جي مرضيءَ موجب ٿيندو. مسلمانن لاءِ بدر جي جنگ واري فتح پلائي واري ثابت ٿي. منجهن جوش ۽ ايمان وڌي ويو ۽ غير مسلمن تي پڻ قدرتي طور وڏو اثر ٿيو. جنهن ڪري عام ماڻهو اسلام قبول ڪرڻ لڳا. ان جي برعڪس اهل مڪہ پنهنجي ناڪامي تي ڪار ڪائي رهيا هئا.

پنهنجي جنگي قيدين جي واپس پهچڻ تي مسلمانن کان بدلو وٺڻ لاءِ ابوسفيان جي اڳواڻي ۾ بہ سو گهوڙي سوار لشڪر مديني ڏانهن ڪاهي آيو ۽ مديني جي آسپاس ماڻهو ماريندو ۽ باغ وڍائيندو ويو. مسلمانن کان بدلو وٺڻ لاءِ اهل قريش مڪي جي آسپاس وارن جنگي سردارن سان معاهدا ڪري ٽي هزار اتحادي لشڪر گڏ ڪري ڪيس سموري جنگي سازوسامان سان هٿياربند ڪري، سن ٽي هجريءَ ۾ ابو سُفيان جي اڳواڻي ۾ اچي احد جبل جي دامن ۾ خيما کوڙيا ۽ آسپاس مسلمانن جي باغن ۽ مال متاع کي نقصان رسائڻ لڳا. مجبور ٿي مسلمانن جو هڪ هزار لشڪر حضور ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن جي اڳواڻيءَ ۾ اچي سامهون ٿيو. مديني جي يهودين جي مسلمانن سان دشمنيءَ جي ڏِڌ تي مسلمانن ۾ منافقن جو سردار عبدالله ابن اُبي اسلامي لشڪر ۾ شامل سندس ٽي سئو ماڻهن کي ميدان جنگ مان واپس وٺي مديني هليو ويو. هاڻي اسلامي لشڪر ۾ فقط ست سئو مجاهد بچيا ۽ وٽن فقط بہ گهوڙا هئا. اسلامي لشڪر ڏاهپ سان اُحد جي جبل تي قابض ٿي ويو. اتي رات گذاري فجر جي نماز ادا ڪري ميدان ۾ لهي آيو. تير اندازن کي ٽڪريءَ تي بيهاريو ويو ۽ کين ڪنهن بہ صورت ۾ اتان ڪان ٻئي ڪنهن پاسي يا هنڌ نہ وڃڻ جو حڪم ڏنو ويو. دشمن جي پهرين حملي کي اسلامي فوج حضرت حمزه رضي جي قيادت ۾ پنتي ڌڪي ڀڄايو ۽ فتح جو اعلان ٿيڻ وارو هو تنهن کان اڳ تيراندازن وارو جٿو مال غنيمت جي لالچ ۾ ضابطي جي خلاف ورزي ڪندي هيٺ لهي آيو ۽ اسلامي لشڪر انتشار جو شڪار ٿي ويو. دشمن فوج جي اڳواڻ خالد بن وليد مسلمانن جي انهيءَ غلطي مان خوب فائدو وٺي اسلامي لشڪر تي گهوڙي سوارن جي ٽولي سان زوردار حملو ڪيو. جنهن سبب اسلامي فوج دشمن فوج جي چنگل ۾ ڦاسي پئي. حضرت حمزه رضي سميت ڪيترائي عظيم مجاهد شهيد ٿي ويا. مڪي فوج ان وقت سڄو زور حضور ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن کي شهيد ڪرڻ تي لڳايو. جيڪي چند جانثارن جي گهيري ۾ پريرو بيٺل هئا ۽ زخمي بہ ٿي پيا هئا. سندن گهيرو ڪيل جانثار هڪ هڪ ٿي شهيد ٿيندا ويا. ايتري ۾ حضرت علي رضي ۽ ڪجهه ٻيا مجاهد حضور صلي الله عليه و آله وسلم جن کي حملہ آورن کان بچائي مٿي پهاڙيءَ تي ڪڍي ويا. حضرت علي رضہ پنهنجي ڍال ۾ پاڻي ڪڍي آيو

۾ حضور صلي الله عليه و آله وسلم جن جو چهرو مبارڪ ۾ زخم ڏوتا. ڪجھ ساهي پٽڻ کان پوءِ انهن اتي اڳين واري نماز پڙهي.

قريش فوج کي بہ سخت جاني نقصان ٿيو ۽ اها هاڻي مديني تي حملو ڪرڻ جو ست ساري نہ سگهي. البت مسلمان شهيدن جي لاشن جي بيحرمتي ڪندي جن ۾ حضرت حمزه جو جگر ڪڍي ابو سفيان جي زال هنده چباڙيو ۽ بين شهيدن جي ڪنن ۽ نڪن جو هار ٺاهي گلي ۾ وڌو پوءِ قريش فوج واپس مڪي رواني ٿي. حضور ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن مديني شريف پهچي جانبازن جو هڪڙو ننڍڙو جٿو پڇنڊڙ مڪي فوج جي پويان تعاقب لاءِ روانو ڪيو تہ جيئن اهي ائين نہ سمجهن تہ مسلمان قريش فوج کان ڏڄي ويئي ۽ مسلمان دل شڪستہ ٿي پيا آهن. ابو سفيان مڪي وڃي جلدي ٻئي حملي ڪرڻ جي ڌمڪي ڏياري موڪلي. هن جنگ مسلمانن جي مخالف قبيلن جو من وڌائي ڇڏيو. اسلام قبول ڪرڻ جي بهاني مسلمانن کي پنهنجن علائقن ۾ آڻي وڃي ماري ڇڏيندا هئا. اهڙي هڪڙي واقعي دوران ستر مسلمانن کي بيرمعونہ نالي چشمي جي پرسان غداريءَ سان قتل ڪري ڇڏيائون. انهن وارداتن ۾ مکيہ ڪردار يهودي قبيلن بني سُليم، بني عامر، بني قريض ۽ بني نُضير وارن جو هو. بني نُضير وارن کان معاهدي موجب جڏهن حضور ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن ديت وصول ڪرڻ لاءِ ويا تہ انهن کين شهيد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. حضور ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن ۾ مسلمانن جي مديني ۾ اچڻ کان وٺي يهودين مسلمانن ۾ نفاق پيدا ڪرڻ ۽ کين تباھ ڪرڻ لاءِ هر حربو اختيار ڪيو. انهن نبي ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن ۽ ٻين مسلمانن تي ڪئين الزام مڙهيا. قرآن شريف جي آيتن جي معنيٰ ڦيرائڻ لاءِ انهن جي لفظن کي بگاڙي پڙهندا هئا. هي منافقن سان سدائين سازشن ۾ سازباز رهندا هئا. اهي قريش وارن لاءِ جاسوسي ڪندا هئا. يهودي شاعرن کي اسلام ۽ مسلمانن جي خلاف پڙڪائڻ ۽ ويڙهائڻ لاءِ سموري عرب ۾ موڪليو ويندو هو. جيئن تہ اهي ماڻهو اسلام جي خلاف قريش جو ساٿ ڏين ۽ اسلام کي تباھ ڪن. اهڙي ريت يهودي مديني ۾ قريش کان بہ وڌيڪ خطرناڪ دشمن ٿي ويا هئا. مديني شريف ۾ رهندڙ هڪڙو يهودي قبيلو قينقاع هٿيار پنهوار ناهيندڙ ماڻهن تي مشتمل فتني خور ۽ جهڳڙالو هوندو هو. هڪڙي ڏينهن ٻهراڙيءَ جي هڪڙي ڇوڪري هنن جي بازار ۾ کير وڪڻڻ آئي تہ هڪڙي يهودي ڇوڪري ساڻس سخت بد تميزي ڪئي. تنهن تي اتي موجود هڪڙي مسلمان ڇوڪري انهن تي تنقيد ڪئي تہ ان سان بہ وڙهڻ لڳا. مسلمانن جوش ۾ اچي يهودي ڇوڪري کي ماري وڌو. ان قتل جي ردعمل طور يهودين انهي مسلمان کي بہ ماري وڌو. اهڙي طرح مسلمانن ۽ يهودين جي جنگ چالو ٿي وئي. جنهن ۾ ٻنهي ڌرين جا ڪافي ماڻهو مري ويا. حضور صلي الله عليه و آلهٖ وسلم جن هي افسوسناڪ خبر ٻڌڻ شرط جاءِ واردات تي آيا ۽ جهيڙو بند ڪرايائون. بني قينقاع وارن کي تنبيھ ڪيائون تہ اوهان اسلام قبول ڪري ان جي اصولن موجب مسلمانن جا ڀائهن ٻيلي ٿي شهر ۾ امن امان سان رهو يا تہ شهر مان نڪري وڃو. يهودين تڪبر ڪري بد فضيلتو جواب ڏنو تہ قريش تي فتح حاصل ڪري تون مغرور نہ ٿي، توکي مقابلو ڪرڻو آهي تہ اسين پاڻ کي مرد ثابت ڪنداسين. اهڙي طرح حضور ڪريم صلي الله عليه و آلهٖ وسلم جن جو حڪم مڃڻ کان صاف انڪار ڪري پنهنجي قبيلي جي قلعي جو

دروازو بند ڪري ڇڏيائون نظم وضبط ۽ امن امان خاطر مجبوراً حضور ڪريم صلي الله عليه وآلہٖ وسلم جن سندن قلعي کي گهيرو ڪرايو. تہ پندرهن ڏينهن کانپوءِ هٿيار ڦٽا ڪري هو پيش پيا. تنهن تي حضور صلي الله عليه وآلہٖ وسلم جن کين جان جي امان ڏيئي شهر مان ڪيڏي ڇڏيو. بني نُضير وارن بہ بني قينقاع وانگر ئي پيير ڪنيا تہ ساڻن بہ ساڳيو سلوڪ ڪنديءِ هر قسم جو سازو سامان ڪسي شهر بدر ڪيو ويو. انهن شهر خالي ڪرڻ کان اڳ پنهنجا سمورا گهر ڊاهي ڇڏيا. جيئن تہ مسلمانن کي ڪم نہ اچن. بني نُضير ربيع الاول سن چار هجريءَ ۾ شهر بدر ٿيا ۽ خيبر جي ويجهو پنهنجي عزيزن وٽ رهڻ لڳا.

ٻئي طرف اهل قريش ۽ ٻيا اسلام جا ويري بہ ويهي ڪو نہ رهيا. چوڏاري سفير ۽ شاعر موڪلي اسلام دشمن لشڪر گڏ ڪري ابو سفيان سموري عسڪري سامان سان ليس ڏهن هزارن وارو لشڪر وٺي مديني پاڪ تي حملي لاءِ اُسهيو ۽ بنا ڪنهن رڪاوٽ جي احد جبل جي اوٽ ۾ مديني شهر جي نهايت ڪمزور پاسي سامهون پنهنجا خيما اچي کوڙيا. سن پنج هجريءَ جي شوال واري مهيني ۾ هن ڏهہ هزار ڪافر فوج جي مقابلي لاءِ مسلمانن جي لشڪر ۾ ٽي هزار ڪن ماڻهو مس هئا، جن ۾ منافق بہ شامل هئا. تنهنڪري جنگ جي بچاءَ طور شهر جي سمورن ڪمزور هنڌن وٽ وڏيون کاهيون کوٽيون ويون ۽ انهن مان نڪتل مٽي جيڪا شهر جي اندرئين طرف ڇڏي ويئي هئي. انهن کي مورچن طور ڪتب آندو ويو. خندق وسيلي شهر جي بچاءَ واري تجويز حضرت سلمان فارسيءَ ڏني هئي.انهيءَ دوران اسلامي اتحاد ۾ شامل مديني کان ٻاهر رهندڙ يهودين بہ غداريءَ وارو ڪردار ادا ڪيو ۽ شهر ۾ موجود منافقن بہ مسلمانن جو ساٿ ڪو نہ ڏنو. پر الله تعاليٰ جي قدرت سين اهي پنهنجي سمورن ناپاڪ ارادن ۾ ناڪام رهيا. قريش لشڪر شهر تي سڌو حملو ڪرڻ جي ڪافي پيرا ڪوشش ڪئي پر خندق حائل هئڻ ۽ مجاهدن جي مڪمل پهري سجاڳي سبب اهي ڪامياب ٿي نہ پئي سگهيا. گهڻو وقت گذرڻ سان سندن سامان کٽڻ لڳو. گهوڙا ۽ ڪاڏي لاءِ آندل جانور مرڻ لڳا ۽ لشڪر ۾ ڦوٽ پوڻ لڳي. هڪڙي رات جو سخت طوفاني برسات پوڻ سبب سندن خيما اکڙڻ ۽ ڪرڻ لڳا. جنهن ڪري لشڪر تي قدرتي هيبت طاري ٿي وئي ۽ ابوسفيان پنهنجو وڏو لشڪر وٺي اٿي پڳو. باقي ٿورا ماڻهو پاڻ مرادو منتشر ٿي ويا. اهڙي طرح نبي ڪريم صلي الله عليه و آلہٖ وسلم جن جي پيشنگوئي سچي ثابت ٿي ۽ اهل مدينہ ۽ مسلمان قريش جي حملي کان محفوظ رهيا.

هن جنگ دوران اسلامي اتحاد ۾ شامل بني قريظ قبيلي جي يهودين غداري ڪئي هئي ۽ شهر کان ٻاهر آباد هئڻ ڪري هر موقعي تي دشمن سان سازباز ڪندا رهيا. تنهنڪري سندن گهيرو ڪيو ويو تڏهن هٿيار ڦٽا ڪري اچي پيش پيا ۽ هڪڙو شرط رکيائون تہ اسان جو فيصلو فقط بني اوس جو سردار سعد ابن معاذ ڪري جنهن جي فيصلي تحت سندن جنگ ڪرڻ جي لائق سيني مردن کي قتل ڪيو ويو ۽ سندن عورتن ۽ ٻارن کي مسلمانن وٽ غلام بنايو ويو. اهڙي ريت نئين اسلامي مملڪت ڪفار مڪہ ۽ يهود حجاز جي شر کان قدرتاً محفوظ رهي. مديني جي پرپاسي ۾ رهندڙ بدو قبيلن جي ڦرمار اجا بہ جاري هئي. تن جي سرڪوبيءَ لاءِ وقتاًفوقتاً هٿيار بند جٿا روانا ٿيندا رهيا ۽ نيٺ سندن پاڙُ پٽي وئي. اهڙيءَ ريت جڏهن اسلامي مملڪت ۾ قدراً امن امان قائم ٿيو تہ انهيءَ يعني هجرت جي ڇهين سال حضور ڪريم صلي الله عليه و آلہٖوسلم جن

عمرو ڪرڻ لاءِ مڪي شريف جي سفر جو اعلان ڪيو. جلدي تياري ڪري نبي ڪريم صلي الله عليه و آلهٖ وسلم جن هڪ هزار کان وڌيڪ مهاجرن ۽ انصارن کي ساڻ ڪري مڪي شريف ڏانهن روانا ٿيا. جڏهن مڪي شريف جي قريشن کي اها خبر پئي ته اهي ٻه سئو گهوڙي سوارن جو لشڪر وٺي مڪي کان گهڻو پري مسلمانن کي شهر ۾ داخل ٿيڻ کان اڳي روڪيائون. حضور صلي الله عليه و آلهٖ وسلم جن جي موڪليل قاصد سان انتهائي ناروا سلوڪ ڪيائون. مجبوراً حضرت عثمان رضي کي ٻيو قاصد ڪري موڪليو ويو. تنهن کي ٻه ڪجهه وقت لاءِ يرغمال ڪري رکيائون. قريش جي ضد ۽ انڪار تي حضور صلي الله علي و آلهٖ وسلم جن هڪڙي سمجهوتي جي صورت ۾ قريش جا سمورا اگرا شرط قبول ڪيا. جنهن تحت ڏهن سالن تائين ڪا به لڙائي ڪا نه ڪئي ويندي. هينئر سمورا آيل زائرين بنا حج ۽ زيارت جي موٽي وڃن ۽ ايندڙ سال اچي ٽن ڏينهن تائين حج جون رسمون ادا ڪن. انهن ٽن ڏينهن لاءِ قريش شهر مان نڪري ٻاهر وڃي رهندا. جيڪڏهن ڪو مڪي جو ماڻهو بنا موڪل مديني ويندو ته کيس مڪي واپس ڪيو ويندو پر جيڪو مدني ماڻهو بنا موڪل مڪي ويندو انهيءَ کي واپس ڪرڻ لاءِ قريش جي ذميواري ڪا نه هوندي. هي سمجهوتو ظاهري طور مسلمانن جي سراسر خلاف هو پر قرآن مجيد ۾ انهيءَ صلح حديبيه کي فتح مبين ڪري ڄاڻايو ويو آهي. انهيءَ صلح جي نتيجي ۾ حضور ڪريم صلي الله عليه و آلهٖ وسلم جن اصحابه ڪرام سميت بنا عمري ڪرڻ جي مديني موٽي آيا ۽ اسلام جي اشاعت جي سلسلي ۾ پاڙيسري ملڪن جي حاڪمن ڏانهن سفيرن وسيلي اسلام جو پيغام موڪليو. انهن ۾ شهنشاهه يونان هرقل ۽ شهنشاهه ايران خسرو پرويز جو ذڪر اڪثر تاريخن ۾ موجود آهي. ايراني شهنشاهه ڪاوڙجي حضور ڪريم صلي الله عليه و آلهٖ وسلم جن جو خط ڦاڙي ڇڏيو ۽ مسلمان سفير کي سخت بي عزتي ڪري دربار مان ڌوڙائي ڪڍايو. جڏهن ته يوناني بادشاهه هرقل مسلمان سفير جي مناسب تعظيم ڪئي ۽ حضور ڪريم صلي الله عليه و آلهٖ وسلم جن بابت ٻين وسيلن ذريعي حقيقي معلومات حاصل ڪرڻ خاطر شهر ۾ آيل سوداگرن کي پاڻ وٽ گهرايو.انهن سوداگرن ۾ ابوسفيان به شامل هو. بادشاهه حضور اڪرم صلي الله عليه و آلهٖ وسلم جن جي باري ۾ ڪجهه سوال ڪيا. ابو سفيان جواب ۾ چيو ته هن اسان کي بتن جي پوڄا ڇڏڻ ۽ واحد خدا جي عبادت ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي. هن اسان کي خيرات ڪرڻ، سچائي ۽ پاڪائي کان ڪم وٺڻ، زنا ۽ بدڪاري کان پرهيز ڪرڻ ۽ سمورين بُڇڙائين کان بچڻ جي هدايت ڪئي آهي. بادشاهه پڇيو ته محمد صلي الله عليه و آلهٖ وسلم جن جا پوئلڳ تعداد ۾ وڌن پيا يا گهٽجن پيا. ابوسفيان جواب ڏنو ته وڌن پيا ۽ انهن ۾ هڪڙو به اهڙو ڪونهي جنهن سندس ساٿ ڇڏي ڏنو آهي.

سن ست هجريءَ جي پڇاڙيءَ ۾ صلح حديبيه موجب نبي ڪريم صلي الله عليه و آلهٖ وسلم جن پنهنجي ٻن هزارن ساٿين سان گڏجي عمرو ادا ڪرڻ ويا. مسلمانن جي پهچڻ کان اڳ سمورا قريش مڪي شريف جو شهر خالي ڪري وڃي پرپاسي جي ٽڪرين تي ترسيا. جتان حيرانيءَ واري حالت ۾ مسلمانن کي طواف ڪندي ڏسندا رهيا. يا ته ڪين صفا ۽ مروه ٽڪرين جي وچ ۾ تيز قدم هلندي ڏسندا رهيا. مسلمان ٽن ڏينهن کان پوءِ سمجهوتي موجب مڪي شريف مان نڪري مديني پاڪ روانا ٿي ويا. مسلمانن جنهن خوش اسلوبيءَ

۽ فضيلت سان عمري جا فرائض بجا آندا. انهيءَ جو اهل مڪہ تي مثبت اثر ٿيو ۽ ڪيترائي ماڻهو اسلام قبول ڪرڻ لڳا. جن ۾ اڪثر باوسوق دشمنان اسلام بہ هئا.

جڏهن قريشن صلح حديبيہ جي خلاف ورزي ڪندي بني خزاء تي حملو ڪري ڪيترن ئي ماڻهن کي قتل ڪيو ۽ بين کي پڃائي ڪڍيو تہ مسلمانن جا اتحادي هئڻ ڪري بني خزاء وارا نبي ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن وٽ انصاف جي حصول لاءِ دانهن ڪٽي آيا. حضور اڪرم صلي الله عليه و آله وسلم جن پنهنجو اخلاقي توڙي سياسي فرض ڄاڻي مڪي شريف تي چڙهائي جي تياري ڪري سن اٺ هجريءَ جي رمضان شريف جي مهيني ۾ ڏهہ هزاري لشڪر جي اڳواڻي ڪندي مڪي روانا ٿيا. رستي ۾ اتحادي قبيلن جا نوجوان بہ ساڻن شامل ٿي ويا. عڪرمہ ۽ صفوان جي اڳواڻي ۾ سپاهين جي هڪڙي وڏي ٽولي شهر ۾ داخل ٿيندڙ مسلم فوج سان مزاحمت ڪئي، جنهن ڪري چند قتل ٿيا. باقي اسلامي فوج سواءِ ڪنهن مقابلي جي شهر ۾ فاتح جي حيثيت ۾ داخل ٿي وئي. رسول الله صلي الله عليه و آلہٖ وسلم جن بحيثيت هڪ فاتح جرنيل پنهنجي ڪمال رحمت ۽ مهرباني سان سمورن اسلام دُشمنن ۽ سندن جاني دشمنن لاءِ عام معافيءَ جو اعلان ڪيو. سڄي شهر ۾ فقط چئن ماڻهن کي واجب القتل قرار ڏنو ويو. ڪا بہ ڦرلٽ ڪا نہ ڪئي وئي ۽ ڪنهن عورت جي بي عزتي ڪا نہ ڪئي وئي. البت بتن کي پيچي پور ڪيو ويو ۽ قرآن شريف جي سوره بني اسرائيل جي آيتن موجب اعلان ڪيو ويو تہ حق اچي ويو ۽ باطل غائب ٿي ويو ۽ واقعي باطل اڇٽي وڃڻي شئي آهي. تنهن بعد اهل مڪہ کي حضور صلي الله عليه و آلہٖ وسلم جن خطاب ڪندي پهريائين قرآن مجيد جي روشنيءَ ۾ انساني برابري ۽ اسلامي ڀائيچاري جو بيان ڪيو. بعد ۾ ماڻهن کان پڇيائون تہ اي قريش! پنهنجي طرفان اوهان کي ڪهڙي قسم جي ورتاء جي توقع آهي؟ قريشن جواب ڏنو تہ توهان اسان جي شفيق ۽ مهربان ڀاءُ جو اولاد آهيو. اسانکي اوهان مان ڀلائيءَ جي ئي اميد آهي. اهي لفظ ٻڌي نبي ڪريم صلي الله عليه و آلہٖ وسلم جن جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا ۽ فرمايائون تہ چڱو آئون بہ اوهان کي اهي ئي لفظ چوان ٿو جيڪي حضرت يوسف عليه السلام پنهنجي ڀائرن کي چيا هئا تہ اڄ توهان کي ڪا بہ ملامت نٿي ڪجي. الله توهان کي معاف ڪري، اهو وڏو مهربان ۽ نهايت رحم ڪندڙ آهي.

هاڻي هتي هڪڙي نهايت نرالي صورتحال پيدا ٿي، جنهن تحت عام توڙي خاص ماڻهن جا ٽولن تي ٽولا حضور پاڪ صلي الله عليہ و آلہٖ وسلم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿي اسلام قبول ڪرڻ لڳا. حضور ڪريم صلي الله عليه و آلہٖ وسلم جن انهن سمورن نو مسلمن کان اهو ساڳيو واعدو ورتو تہ اهي الله پاڪ سان ڪنهن بہ ٻئي هستيءَ کي شريڪ ڪو نہ ڪندا. چوري ڪا نہ ڪندا، زنا ڪا نہ ڪندا، پنهنجي اولاد کي هلاڪ ڪو نہ ڪندا. ڪوڙ ڪو نہ ڳالهائيندا ۽ عورتن جي باري ۾ بڇڙيون ڳالهيون ڪو نہ ڪندا.

پاڻ ڪريم صلي الله عليه و آلہٖ وسلم جن جي نبوت جو مقصد تڪميل کي اچي رسڻ وارو ٿيو. اصحابن سڳورن کي صحرائي بدوقبيلن ۾ تبليغ لاءِ موڪليو ويو. کين هدايت ڪئي وئي تہ فقط امن امان، نيڪي ۽ ڀلائي لاءِ دين جي اشاعت ڪن، هٿيار فقط بچاء خاطر استعمال ڪن. هوازن، ثقيف ۽ ٻين ڪافي سرڪش قبيلن مسلمانن جي اطاعت قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ مسلمانن تي اوچتو حملو ڪرڻ لاءِ وڏي

فوجي تياري ڪئي، پر حضور ڪريم صلي الله عليہ و آلہٖ وسلم جن مڪي کان ڏهہ ميل پري نين جي ويجهو سندن فوجن کي شڪست فاش ڏني جنهن ڪري اهي ٻن ڀاڱن ۾ ورهائجي طائف ۽ وادي اوطاس ۾ هڪ ٻئي کان جدا ٿي وڃي لڪيون.

اوطاس واري واديءَ ۾ لڪل هوازن قبيلي جي ماڻهن کي پنهنجي سموري مال متاع عورتن ۽ ٻارن سميت اسلامي فوج فتح ڪري قبضي ۾ آندو. هوازن قبيلي جي مکيہ ماڻهن نبي ڪريم صلي الله عليه و آلہٖ وسلم جن کي عرض ڪيو تہ يا رسول الله صلي الله عليه و آلہٖ وسلم اسان تي رحم ڪري اسان جا ٻار ٻچا موٽائي ڏيو. حضور ڪريم صلي الله عليه و آلہٖ وسلم جن پنهنجي رحيم طبيعت موافق فرمايو تہ آئون پنهنجو ۽ بنو عبدالمطلب جو حصو يڪدم توهانکي واپس ڪريان ٿو. انهيءَ رحمدليءَ کان متاثر ٿيندي، سموري اسلامي فوج پنهنجو حصو بہ واپس ڪيو.جنهن جي نتيجي ۾ طبري موجب ڇهہ هزار يعني سمورا قيدي آزاد ڪيا ويا. ان نيڪيءَ ۽ مهربانيءَ جو بنو ثقيف وارن تي اهڙو تہ اثر ٿيو جو اهي سمورا مسلمان ٿي ويا.

مال غنيمت جي ورهاست ۾ هن دفعي جنگ ۾ شريڪ نو مسلم اهل مڪہ کي اهل مديني کان وڌيڪ حصو مليو. سا ڳالهہ مديني وارن کي ڪا نہ وڻي ۽ رسول الله صلي الله عليه و آلہٖ وسلم جن تي ڏک ڪيائون. تنهن تي نبي ڪريم صلي الله عليه و آلہٖ وسلم جن فرمايو تہ ”اي انصار! دنيا جي دولت لاءِ پنهنجي دلين کي پريشان ڇو ٿا ڪريو ڇا اوهان کي اها ڳالهہ نٿي وڻي تہ اُنن ۽ ٻڪرين جي بدران اوهان رسول ڪريم صلي الله عليه و آلہٖ وسلم جن کي پاڻ سان گڏ مديني پاڪ روانا ٿيو. قسم آهي انهيءَ الله پاڪ جو جنهن جي وس منهنجي جان آهي تہ آئون هميشہ انصارن سان گڏ هوندس. اي الله! انصارن ۽ سندن اولاد ۽ انهن جي اولاد ۽ انهن جي اولاد تي رحم ڪر.“ اهي لفظ ٻڌي انصار ايترو تہ رُنا جو سندن ڏاڙهيون لُڙڪن سان آليون ٿي ويون ۽ حضور ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن کان معافي ورتائون.

اهڙي ريت مڪي شريف جي آسپاس ۾ بغاوتن کي ڪچلڻ کان پوءِ نبي اڪرم صلي الله عليه و آله وسلم جن پنهنجي ساٿين سميت مديني شريف موٽي آيا. هتي پهچڻ کان پوءِ نائين صدي هجريءَ دوران تقريباً سموري عرب مان مختلف قبيلن جا وفد حضور ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن جي خدمت ۾ اچڻ لڳا ۽ اسلام قبول ڪيائون. ڇو تہ مڪي شريف وارن جي ترت ايمان آڻڻ تي اهي بيحد متاثر ٿيا هئا. تنهنڪري ان سال کي ”عام الوفود“ سڏڻ لڳا.

انهيءَ سال مديني شريف تي عيسائي بادشاهہ طرفان حملي جي ڌمڪي ملي تہ حضور ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن جنگي تيارين ۾ مشغول ٿي ويا. مسلمانن ۾ موجود منافقن تيارين دوران ڳچهہ ڳوهہ ۾ ماڻهن کي جنگ ۾ نہ شامل ٿيڻ لاءِ ٻرغلايو پر نيٺ سموري گهربل تياري ڪري اسلامي فوج نبي اڪرم صلي الله عليه و آله وسلم جن جي اڳواڻي ۾ بازنطيني سرحد ڏانهن ڪوچ ڪيو. منزل تي پهچڻ کان اڳي ئي عبدالله بن اُبي جي اڳواڻي ۾ منافقتن جو ٽولو فوج کان لڪي واپس ڀڄي آيو. اسلامي فوج لُڪن ۽ جهولن ۾ ڳهندي وڃي تبوڪ جي ميدان ۾ خيما کوڙيا. اتي حقيقت ظاهر ٿي تہ بازنطيني حڪومت طرفان جنگ جي ڌمڪي فقط افواهہ هو. تنهنڪري ڏهہ ڏينهن آرام ڪرڻ کان پوءِ اسلامي فوج واپس مديني شريف آئي.

حضور اڪرم صلي الله عليه و آله وسلم جن جي مديني شريف پهچڻ تي تُرت ئي طائف جي سرڪش

ماڻهن جو هڪڙو وفد پاڻ سڳورن جي خدمت ۾ اچي حاضر ٿيو تہ جيئن سندن سردار عروه جنهن مسلمان ٿي طائف ۾ پنهنجي قبيلي کي بہ اسلام قبول ڪرڻ جي وڃي دعوت ڏني. تنهن کي سندن ديويءَ جي وڏي پوڄاري طرفان اُڪسائڻ تي سنگسار ڪري ڇڏيائون. تنهن جي خون جي معافي وٺڻ ۽ اسلام قبول ڪرڻ جي اجازت حاصل ڪن. جڏهن انهن حضور ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن جا سمورا شرط قبول ڪيا. تڏهن کين اسلام قبول ڪرڻ جي اجازت ڏني وئي. سندن بُتن کي مسمار ڪرڻ وارو ڪم ابو سفيان کي سونپيو ويو. جنهن اهو ڪم عروه جي عزيز المخيره جي تعاون سان بخوبي پورو ڪيو. انهيءَ کان اڳي طي قبيلي وارن سندن سردار حاتم طائي جي پٽ عِدي جي اسلام قبول ڪرڻ ۽ کين تلقين ڪرڻ تي رسول الله صلي الله عليه و آله وسلم جن تي ايمان آندو ۽ اسلام قبول ڪيو.انهيءَ وقت مزينہ قبيلي جي مشهور ڪافر شاعر ڪعب ابن زُهير پڻ عجيب انداز سان اسلام قبول ڪري هڪڙو عاليشان قصيدو پڙهي حضور ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن کان انعام حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو.

سن نوَ هجريءَ جي ذوالحج جي مهيني ۾ قربانيءَ جي ڏينهن رسول ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن جي هدايت موجب حضرت علي رضي جن هڪڙي وڏي ميڙ ۾ اعلان ڪيو تہ هن کان پوءِ ڪنهن بہ بت پرست کي حج ڪرڻ ۽ ننگو ٿي طواف ڪرڻ جي اجازت ڪا نہ هوندي.

سن ڏهہ هجريءَ ۾ حضر موت ۽ ڪنده سميت حجاز ۽ يمن جي تقريباً سمورن قبيلن ۽ برادرين جن ۾ يهودي توڙي عيسائي پڻ شامل هئا. اسلام قبول ڪري ورتو ۽ سمورو ملڪ ڪفر ۽ شر مان ڇوٽڪارو حاصل ڪري اسلام جي روشنيءَ سان منور ٿي ويو. تڏهن پاڻ تي عائد نبوت واري فرض جي تڪميل محسوس ڪندي نبي اڪرم صلي الله عليه و آله وسلم جن رب پاڪ جو شڪر ادا ڪرڻ ۽ تسڪين قلب خاطر حج ڪرڻ لاءِ اٽڪل سوا لک رفيقن سان 25 ذوالقعد سن ڏهہ هجريءَ ۾ مڪي شريف روانا ٿيا. تاريخ 8 ذوالحج تي عرفات جبل جي چوٽيءَ تي پنهنجي ڏاچيءَ تي سوار جي حيثيت ۾ سمورن حاجين جي وڏي ميڙ اڳيان يادگار خطبو فرمايو. ان جا چند اقتباس هيٺين ريت آهن.

”اي انسانو! آئون جيڪي بہ چوان ٿو اهو غور سان ٻڌو. شايد ايندڙ سال ۽ پوءِ ڪڏهن بہ اوهان سان ملي نہ سگهان. اي انسانو! توهان تي هڪٻئي جي جان ۽ مال قيامت تائين حرام يعني قابل احترام آهي. جهڙيءَ طرح اهو هن ڏينهن, هن مهيني ۽ هن شهر ۾ واجب احترام آهي. اوهان کي جلدي الله پاڪ جي اڳيان حاضر ٿيڻو آهي. جتي هو اوهان کان توهان جي عملن جو حساب وٺندو. اي انسانو! اوهان جي عورتن تي. اوهان جا ۽ عورتن جا توهان تي ڪي حق آهن. انهن ساڻ محبت ۽ مهربانيءَ سان پيش اچو ڇو تہ توهان انهن کي الله پاڪ جي ضمانت تي پنهنجون زالون بنايو آهي. ۽ خدا تعاليٰ جي ڪلام موجب پاڻ تي سندن جسم حلال ڪيو. پنهنجي امانتن ۾ ديانتدار ٿيو ۽ گناهہ کان بچو اڄ کان وٺي هر قسم جو وياج ختم ڪجي ٿو. مقروض تي اصل کان وڌيڪ ڪجهہ بہ واجب الادا ڪونهي. جاهليت واري دور جا سمورن خونن جا رهيل بدلا ختم ڪجن ٿا. اوهان جا غلام! جيڪي توهان پاڻ ڪائو ۽ پهريو سو پنهنجن غلامن کي کارايو ۽ پهرايو. ڪائڻ ڪو معاف نہ ڪري سگهڻ وارو ڏوهہ ٿي پوي تہ کين پاڻ کان جدا ڪري ڇڏيو ۽ معاف ڪري ڇڏيو.

اي انسانو! منهنجي ڳالهہ هڪ ڪن تي ٻڌو هيءَ ڳالهہ سمجهو تہ سڀ مسلمان پاڻ ۾ ڀائر آهن. ڪنهن

مسلمان کي موکل کانسواءِ ٻي مسلمان ڀاءَ جي شئي تي ڪو بہ حق ڪونهي. بنا اجازت ٻين جي شين جو استعمال هڪٻئي تي ظلم ٿيندو. جيڪي ماڻهو هتي حاضر آهن-سي منهنجون ڳالهيون انهن ماڻهن کي ٻڌائين جيڪي هتي حاضر ڪو نہ آهن. شايد اهي هنن ڳالهين کي ٻڌندڙن کان وڌيڪ چڱي نموني ياد رکن“.

خطبي جي پڇاڙيءَ ۾ پاڻ ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن فرمايو تہ ”يا الله مون تنهنجو پيغام ماڻهن تائين پهچائي پنهنجو ڪم پورو ڪيو تہ سموري مجموعي يڪ زبان وراڻيو تہ هائو! توهان پنهنجو ڪم مڪمل ڪيو.ان تي حضور ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن فرمايو تہ ”يا خدا تون هن ميڙ جي جواب جو شاهد رهج!“ مذڪوره ڪلمن سان پاڻ سڳورن صلي الله عليه و آله وسلم خطبو پورو ڪيو.

حج جون مڙيئي رسمون ادا ڪرڻ بعد نبي اڪرم صلي الله عليه و آله وسلم جن مديني شريف موٽي آيا ۽ اسلامي رياست ۾ امن امان انصاف ۽ انتظام جي مکيہ ڪم ۾ مشغول ٿي ويا. مختلف صوبن ۾ ناظم مقرر ڪيا ويا، جيڪي انتظام، عدالت ۽ جزيي جي وصوليءَ لاءِ ڪوشان رهيا. انهيءَ کانسواءِ اسلامي تعليمات جي اشاعت بہ سندن فرائض ۾ شامل هئي. طائف جي هڪڙي يهودڻ طرفان حضور ڪريم جن کي کاڌي ۾ ڏنل زهر جو اثر مذڪور مشغولين دوران اچي ظاهر ٿيو ۽ سندن صحت تيزيءَ سان خراب ٿيڻ لڳي. بيماريءَ جي خبر ٻڌي ڪن منافق قبيلن بغاوت ڪئي ۽ ٽن ماڻهن هر هڪ طليحہ بن خويلد، ٻيو حران بن حبيب جنهن کي مسيلم سڏيو ويندو هو ۽ ٽيون الاسود بن ڪعب نبوت جي دعويٰ ڪئي. الاسود سيني کان وڌيڪ خطرناڪ، چالاڪ، بازيگر ۽ مداري هو. پنهنجي ڳالهين سان ڪيترن ئي ماڻهن کي برغلائي منظم ڪري ڪجهہ شهر بہ فتح ڪيائين ۽ يمن ۾حضور ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن جي مقرر ڪيل ناظم جنهن جو نالو ”شهر“ هو کي قتل ڪري سندس زال سان زوريءَ شادي ڪيائين شهر جي بيواهہ کيس نشي جي حالت دوران پنهنجي وفادار ماڻهن هٿان مارائي ڇڏيو.

ٻئي طرف حضور پاڪ صلي الله عليه و آلہٖ وسلم جن جي صحت ڏينهون ڏينهن وڌيڪ خراب ٿيندي وئي. تنهن هوندي بہ وصال کان فقط ٽي ڏينهن اڳ تائين امامت جا فرائض ادا ڪندا رهيا. ان دوران هڪ ڀيري آڌي رات جو جنت البقيع قبرستان ۾ وڃي سمورن شهيدن ۽ مماتيءَ وارن لاءِ زارو قطار روئندي سندن مغفرت لاءِ دعا گهري. علالت دوران پاڻ سڳورا بي بي عائشہ جن جي حرم ۾ رهيا. ڪمزور هئڻ جي باوجود نماز جماعت سان اد اڪندا هئا. حضرت علي رضي ۽ حضرت فضل رضي کين سهارو ڏئي مسجد شريف ۾ آخري ڀيرو وٺي آيا. حمد و ثنا بعد پاڻ ڪريم صلي الله عليه و آلہٖ وسلم حاضرين کي خطاب فرمايو تہ اي مسلمانو! جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ سان بي واجبي ڪئي اٿم تہ ان جي بدلي لاءِ آئون هاڻي حاضر آهيان. ميڙ مان هڪڙي شخص اٿي کانئس ٽي درهم گهريا. جيڪي هن نبي سائين صلي الله عليه و آله وسلم جن جي چوڻ موجب ڪنهن حاجتمند کي ڏنا هئا.

نبي ڪريم صلي الله عليه و آلہٖ وسلم جن اهي بروقت ادا ڪندي فرمايو تہ هن دنيا ۾ شرمسار ٿيڻ آخرت ۾ شرمسار ٿيڻ کان وڌيڪ سنو آهي. تنهن کان پوءِ پاڻ سڳورن سيني ماڻهن کي ديني فرائض جي ادائگي ۽ صلح سانت جي هدايت ڪري دعا خير گهرندي القصص سوره جي ٻن آيتن جي تلاوت سان خطاب

پورو ڪيو ۽ بي بي عائشہ رضہ جن جي گهر روانا ٿيا. انهيءَ ڪانپوءِ مسجد شريف ۾ سندن آمد ڪا نہ ٿي سگهي. نفس نفيس نقاهت سبب تحليل ٿي ويو ۽ پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جو وصال بي بي عائشہ رضہ جي هنج ۾ 12 ربيع الاول سن يارهن هجري ۾ مطابق 8 جون 632ع سومر جي ڏينهن منجهند جو واقع ٿيو ۽ اهڙي ريت هڪ ڪامل انسان ۽ پيغمبر اعظم جي پاڪ زندگي اول ڪان آخر تائين الله پاڪ ۽ سندس مخلوق جي هدايت ۽ خدمت ڪندي اختتام پذير ٿي. اهڙي پاڪيزه رفيق، شفيق ۽ مهربان سان گڏ هڪ اَوَلالعَزَم، ڪمال همت پروقار مرتضيٰ، مجتبيٰ ۽ رحمت اللعالمين شخصيت لاءِ هر نيڪ دل ۾ دائمي طور عزت ۽ محبت پيدا ٿيڻ قدرتي اَمُر آهي.

سمورين انساني خوبين گڏجي سندن پاڪيزه شخصيت جي تعمير ڪئي، تنهن تي ڀٽ ڌڻي رحہ فرمايو تہ:

جڪرو جس ڪرو، ڀيا مڙئي مير،
مٽي ان خمير، اصل هئي ايتري.

سرور ڪائنات صلي الله عليه و آله وسلم جن کي پنهنجي پيغام پهچائڻ کي چوڏهن سو سالن کان بہ وڌيڪ عرصو گذري چڪو آهي، پر اڄ تائين ماڻهن جي دلين ۾ سندن لاءِ جيڪا عزت، عقيدت ۽ محبت پيدا ٿي ان ۾ لڳاتار اضافو ٿيندو اچي ۽ اهل اسلام جو دنيا ۾ تعداد ڏينهون ڏينهن وڌندو وڃي. اهو ئي سبب آهي جو طاغوتي اکين ۾ اڄ اسلام خارِ آزار ٿي پيو آهي.

⑧





# شهادت حضرت امام حسين عليہ السلام

## (سختي شهادت جي نسورو ٿي ناز. رِندَ پروڙين راز قضئي ڪربلا جو)

امير معاويہ حضرت امام حسن عليه السلام سان ڪيل عهدنامي جي خلاف ڳجهي چال چلندي حضرت حسن عليه السلام کي زهر وسيلي شهيد ڪرائڻ کانپو پنهنجي پٽ يزيد کي خلافت جو ولي عهد مقرر ڪري پنهنجي لشڪري سردارن کان ساڻس وفاداريءَ جو حلف کڻائي ڇڏيو. معاويہ جي فوت ٿيڻ تي يزيد پنهنجي خليفي ٿيڻ جو اعلان ڪيو ۽ امام حسين عليه السلام سميت ڪيترين ئي برگزيده شخصيتن کان بيعت جي گهر ڪئي، پر حضرت امام حسين عليه السلام يزيد جي خليفي هجڻ واري دعويٰ کي قبول ڪو نہ ڪيو. جڏهن ڪوفي شهر جي باشندن ڪيس خطن ۽ قاصدن ذريعي سنجيدگي سان گذارش ڪئي تہ هو کين ابن معاويہ جي غلاميءَ کان ڇوٽڪارو ڏياري تہ امام صاحب انهيءَ صورتحال موجب ڪوفين جي ترت مدد ڪرڻ پنهنجو فرض ڀانئيندي، تيزيءَ سان گهربل تياري ڪرڻ لڳو ۽ ڪوفين طرفان انهيءَ وچن موجب تہ امام صاحبن جي ڪوفي پهچڻ تي ڪوفي ۽ پوري عراق جا ماڻهو ابن معاويہ کي تخت تان لاهڻ لاءِ توهان جي

اڳواٽي قبولڻ جو عملي ثبوت پيش ڪندا. تنهن ڪري پاڻ عراق روانو ٿيڻ وارو هو. اها ڳالهه امام حسين عليه السلام جي گهڻن عزيزن ۽ قريبن لاءِ نهايت حيراني ۽ پريشانيءَ جو باعث بڻي. اهي اهل ڪوفه جي بيوفائي ۽ مفاد پرستيءَ وارين چالن کان اڳي ئي واقف ۽ بيزار هئا.

انهيءَ سان گڏ ڪين بني اميه جي ظلم ۽ جبر جي سفاڪانه ڪارستانين جو پڻ پليءَ پت علم هو. تنهنڪري انهن امام صاحب جي مجوزه سفر جي مخالفت ڪئي. حضرت عبدالله بن عباس، حضرت امام حسين عليه السلام وٽ اچي ڪيس ٻڌايو ته هتي جا ماڻهو توهانجي عراق ڏانهن سفر ڪرڻ واري فيصلي تي سخت حيران ۽ پريشان آهن. خدارا، حقيقت حال کان واقف ڪريو. امام صاحب طرفان انهيءَ خبر جي تصديق تي حضرت عبدالله بي اختيار دانهن ڪري چوڻ لڳو ته توهان کي الله پاڪ پناهه ڏئي! ڇا توهان کي اها خاطري آهي ته جن ماڻهن ڏانهن توهان وڃڻ لاءِ تيار آهيو انهن ماڻهن پنهنجي ظالم حاڪمن کي گهيري ڪمزور ڪري، ڪين مُلڪ مان تڙي ڪيدي ملڪ ۾ غلبو حاصل ڪري ورتو آهي. بس فقط توهان جي تشريف آوريءَ جا منتظر آهن. ته جيئن اهي تخت ۽ تاج توهان جي حوالي ڪن. اهڙي صورتحال ۾ توهان جي روانگي مناسب رهندي، پر جيڪڏهن ظالم حڪمران بدستور رَعِيَت جو گلو گهٽيو ويٺو آهي ۽ سندس سفاڪ گماشتا مسلسل ڪارستانين ۾ مشغول آهن. ته پوءِ انهن ماڻهن طرفان توهان کي گهرائڻ جو مقصد حقيقت ۾ جنگ ۾ ڦاسائڻ ۽ دوکي بازيءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ڪونهي. ماضيءَ جي حقائق مان معلوم ٿئي ٿو ته حڪمران کي وڏيڪ طاقتور ڏسي توهان کي مدد لاءِ پڪاريندڙ ڪوفي ماڻهو اٽلو پاڻ توهان سان وڙهڻ لاءِ تيار ٿي ويندا. تنهنڪري مهرباني ڪري عراق وڃڻ جو ارادو ختم ڪرڻ گهرجي. مٿين ڳالهين امام صاحب جي ارادي ۾ ذرو به لچڪ پيدا ڪا نه ڪئي. اٽلو پنهنجي ترت روانگيءَ لاءِ آتو هو ۽ جڏهن اهو وقت ويجهو آيو. تڏهن وري به ابن عباس ڊوڙي وٽس آيو ۽ ڪيس منٿون ڪندي چيائين ته توهان جي روانگيءَ جو سور سهي نٿو سگهان ۽ ماٺ نٿي اچي ڇو ته عراق روانگيءَ ۾مون کي توهان جو سراسر موت ۽ بربادي محسوس ٿئي ٿي. تنهنڪري آئون بيحد منٿ ٿو ڪريان ته خدا جي واسطي وڃڻ جو خيال ترڪ ڪري هتي رهي پئو. ڪوفين کي چوائي موڪليو ته اهي پهرين اسان جي مخالفن کي عراق مان پيجائي ڪين، بعد ۾ اسان کي گهرائين. هتي حجاز ۾ توهان کان وڏيڪ هستي ۽ شخصيت وارو ڪو به ڪونهي ۽ توهان امن امان ۾ گذاريندا، پر جيڪڏهن هر طرح حجاز ڇڏڻو ئي اٿوَ. تڏهن به عراق جي بدران يمن ۾ وڃي رهو. جتي ڏکيا پهاڙي سلسلا به آهن ته ڪافي قلعا ۽ ڪوٽ به اٿس ۽ اهو ملڪ ڪشادو پڻ آهي. تنهن سان گڏ يمن جا ماڻهو عموماً توهان جي والد حضرت علي عليه السلام ۽ سندس والد جا خيرخواهه آهن. اتي دشمن جي پهچ کان پري توهان وڏيڪ آسوده رهي ۽ تبليغ وسيلي يقيناً ڪامياب ٿي سگهو ٿا. حضرت عبدالله بن عباس جي مٿين مِنَٿُن ۽ آزين جو ڪو به اثر نه ٿيو. حضرت حسين عليه السلام ڪيس وراڻيو ته اي ابن عم! مون کي پڪ آهي ته تون منهنجو خيرخواهه آهين، پر پاءِ آئون عراق وڃڻ جو پهه بلڪل پڪو ڪري چڪو آهيان." انهيءَ تي ابن عباس ڪيس چيو ته جيڪڏهن توهان اسان جو چوڻ نٿا ڪريو ته ٿهيو پر عورتن ۽ ٻارن کي پاڻ سان گڏ هرگز وٺي نه وڃو. آئون ڀانيان ٿو ته شل نه توهانکي به پنهنجي گهر ڀاتين جي اڳيان قتل ڪن، جيئن عثمان بن عفان سندس اهل خانه اڳيان قتل ڪيو ويو هو.

مٿين منٿ ميڙ جو امام صاحب جي عزم تي ڪو بہ اثر ڪو نہ ٿيو. انهيءَ وچ ۾ سندس ڀئي عزيز عبدالله بن جعفر مديني مان ڪيس خط وسيلي عراق وڃڻ کان منع ڪندي لکيو تہ ”خدا جي واسطي هن خط پهچڻ شرط عراق وڃڻ جو ارادو ترڪ ڪري ڇڏجو ڇو تہ انهيءَ راهہ ۾ توهان جي هلاڪت ۾ توهان جي لياقت جي برٻادي ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي. هن وقت فقط توهان جي ذات ئي هدايت جي نشاني ايمان وارن جي اميدن ۾ آسرن جو مرڪز آهي. خدا نہ ڪري توهان جي قتل سان اها معروضي نور جي تجلي گل ٿي ويندي. تنهنڪري خدا ۽ رسول خدا صلي الله عليه و آله وسلم جي واسطي سفر لاءِ هرگز تکڙ نہ ڪجو.“

ابن جرير کان منقول آهي تہ عبدالله بن جعفر مديني منوره جي حاڪم سعيد بن عمرو بن العاص کي وڃي منٿ ڪئي تہ هو حضرت امام حسين عليه السلام کي عراق وڃڻ کان منع ڪري ۽ خط وسيلي ڪيس هتي رهڻ دوران سندس حفاظت ۽ آسودگيءَ بنسبت هر طرح سان مطمئن ڪري. سعيد بن عمرو ڪيس چيو تہ اهڙو خط تون پاڻ لکي اچ تہ آئون ان تي صحيح وجهي ۽ مهر هڻي روانو ڪريان.

تنهن تي عبدالله بن جعفر هيٺيون خط لکي آڻي ڏنو. ”آئون ڏٽيءَ جي در دعا ٿو گهران تہ جنهن راهہ ۾ توهان جي هلاڪت ٿئي تنهن کان پري رهو ۽ الله تعاليٰ توهانکي انهيءَ راهہ تي هلائي جنهن ۾ توهانجي سلامتي هجي. معلوم ٿيو اٿم تہ توهان عراق ڏانهن اسهو ٿا. مون کي توهان جي هلاڪت جو خوف ٿي پيو آهي. عبدالله بن جعفر کي توهان ڏانهن موڪليان ٿو تہ توهان ساڻس گڏ واپس هتي اچو مون وٽ توهان جي سلامتيءَ، امن، نيڪي ۽ سٺي سلوڪ جو سمورو بندوبست آهي. انهيءَ حقيقت جو شاهداول تہ واحد خدا تعاليٰ آهي، جيڪو اسان جو ڪفيل، وڪيل ۽ نگهبان آهي“.

مذڪوره منٿن ميڙين جي باوجود امام حسين عليه السلام پنهنجي عزم تي قائم رهندي. مڪي کان



عراق ڏانهن روانو ٿي ويو. سندس قافلي کي رستي ۾ صفاح نالي ماڳ وٽ اهلبيت سان والهانہ عقيدت رکندڙ مشهور شاعر فرزوق گڏيو. تنهن کان اهل ڪوفہ جو احوال پڇيو ويو. هن کين ٻڌايو تہ اهل ڪوفہ جون دليون اهلبيت سان گڏ آهن، پر سندن تلوارون بني اميہ ساڻ شامل آهن. اهو ٻڌي امام صاحب فرمايو تہ تون واقع سچو آهين. هاڻي سمورو معاملو الله پاڪ جي هٿ ۾ آهي. اهو جيڪي گهرندو سو ئي ٿيندو. پروردگار هر گهڙي حڪم صادر ڪندو رهندو آهي. جيڪڏهن سندس مرضي اسان جي خواهش موجب هوندي تہ اسين گهڻو خوش ٿينداسين، پر جيڪڏهن اها اسان جي اميد جي خلاف هوندي تڏهن بہ نيڪ نيتيءَ پرهيزگاريءَ جو ثواب تہ ڪيڏانهن بہ ويڃڻو ڪونهي. ائين چوندي حضرت حسين عليه السلام پنهنجو قافلو اڳيان وڌايو.

قادسيه نالي ڳوٺ کان ٿورو اڳيان وڌڻ شرط عراقي گورنر عبيدالله بن زياد جي جنگي صلاحڪار حصين تميمي طرفان موڪليل هڪ هزار فوج جو جٿو اهلبيت جي قافلي اڳيان نمودار ٿيو. انهيءَ جو اڳواڻ حُر بن يزيد هو. هن فوج کي حڪم مليل هو تہ امام صاحب جي قافلي جو تعاقب ڪندي ساڻن تيستائين گڏ رهي جيستائين اهو قافلو عبيدالله بن زياد جي اڳيان پيش نٿو ڪيو وڃي. انهيءَ وقت نماز ظهر جو وقت ٿي ويو تہ حضرت امام حسين عليه السلام پنهنجي قافلي توڙي حُر جي فوجين جي اڳيان آيو ۽ حمد و ثنا بعد تقرير ڪندي فرمايو "اي انسانو! الله پاڪ ۽ توهان جي اڳيان پنهنجو مقصد بيان ٿو ڪريان تہ آئون هتي پنهنجي ذاتي مرضيءَ سان هتي ڪو نہ آيو آهيان. مون وٽ توهان جا ڪيترائي قاصد ۽ خط پهتا جن موجب مون کي بار بار دعوت ڏني وئي تہ آئون اوهان وٽ اچان تہ جيئن اوهان کي الله تعاليٰ منهنجي رهنمائي ۾ متحد ۽ منظم ڪري انهي مقصد پٽاندر آئون هتي آيو آهيان ۽ توهان جي اها ئي خواهش آهي تہ آئون توهان سان توهان جي شهر هلڻ لاءِ تيار آهيان، پر جيڪڏهن توهان منهنجي هيڏانهن اچڻ تي ناراض ٿيا هجو تہ پوءِ آئون جتان آيو هوس اوڏانهن موٽي ٿو وڃان.

انهيءَ تقرير جو ڪنهن بہ جواب ڪو نہ ڏنو سمورا فوجي خاموش رهيا. البت ڪجهہ دير جي ماٺ ڪانپوءِ ماٺهن ٻانگي کي ٻانگ ڏيڻ لاءِ چيو. حضرت امام حسين عليه السلام حُر بن يزيد کان پُڇيو تہ توهان اسان کان الڳ ٿي نماز پڙهندا ڇا؟ هن وراڻيو تہ نہ سائين، توهان امامت ڪريو اسين توهان جي پويان ئي نماز پڙهنداسين. اهڙيءَ طرح عصر جي نماز پڻ امام صاحب جي پويان پڙهي وئي. تنهن بعد امام صاحب جن وري بہ خطبو ڏنو. "اي انسانو! جيڪڏهن توهان پرهيزگار آهيو ۽ حقدار جو حق سڃاڻو ٿا تہ اها ڳالهہ الله تعاليٰ جي خوشنودي جو باعث ٿيندي. موجود حڪمرانن جي ڀيٽ ۾ حڪومت جا حقيقي حقدار اسين اهلبيت آهيون، پر جيڪڏهن توهان اسان کي پسند نٿا ڪريو تہ پوءِ آئون خوشيءَ سان واپس وڃڻ لاءِ تيار آهيان."

تقرير جي اختتام تي حُر بن يزيد چيو تہ "توهان جن خطن ۽ قاصدن جو ذڪر ڪيو انهن بابت اسان کي ڪا بہ خبر ڪانهي ۽ نہ ئي اسين انهن ماڻهن کي سڃاڻون ٿا، بيشڪ اسين اهي ماڻهو ڪو نہ آهيون. اسان کي انهيءَ حڪم موجب هتي موڪليو ويو آهي. تہ اسين توهان جي قافلي کي وٺي عراق جي حاڪم عبيدالله بن زياد اڳيان پيش ڪريون. امام صاحب عبيدالله جي اڳيان پيش ٿيڻ کان انڪار ڪيو تہ حر کيس چيو تہ پوءِ توهان اهو رستو اختيار ڪريو. جيڪو ڪوفي توڙي مديني ڏانهن ويندڙ نہ هجي ۽ مون سان گڏ توهان بہ يزيد

يا عبيدالله کي پنهنجي مقصد ۽ صورتحال کان آگاهہ ڪريو جيئن مون تان جوابداري گهٽجي. امام صاحب سندس اها صلاح قبول ڪندي پنهنجو قافلو اڳيان هلايو.



رستي ۾ عذيب الهجانات نالي ماڳ وٽ ڪوفي کان چار سوار قافلي ڏانهن ايندي ڏسڻ ۾ آيا. سندن پهچڻ تي امام صاحب کانئن پڇيو تہ ڪوفي ڪهڙي حال ۾آهن؟ انهن جواب ڏنو تہ ڪوفي جي سردارن کي حاڪمن رشوتون ڏيئي پاڻ سان ملائي ۽ عام ماڻهن کي سخت ديجاري چڏيو آهي. سندن دليون تہ توهان سان آهن پر سندن تلوارون کُلي طور توهان جي خلاف مياڻين مان نڪرنديون. امام صاحب طرفان عبيدالله ڏانهن موڪليل قاصد قيس بن مسهر کي بہ عبيدالله مارائي ڇڏيو جنهن جي خبر حضرت حسين عليه السلام جن کي ڪا نہ پهتي هئي. تنهن بابت بہ انهن سوارن کين حقيقت ڏني. جنهن تي امام صاحب جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا ۽ فرمايو تہ ”انهن مان ڪجهہ مري ويا ۽ باقي موت جا منتظر آهن. پر حق تي ثابت قدم آهن. جنهن جي ڪا بہ تبديلي ڪا نہ ٿي آهي يا الله انهن لاءِ ۽ اسان لاءِ جنت جي راهہ کولي ڇڏ ۽ اسان ۽ انهن کي پنهنجي رحمت ۽ ثواب واري دارالقرار ۾ گڏ ڪر.“

قصر بني مقاتل نالي ماڳ وٽان روانگيءَ وقت کين ننڊ جو جهوٽو اچي ويو. ٿوري دير کان پوءِ ڇرڪ ڀري امام صاحب جن وڏي آواز سان هينيان لفظ ٿي ڀيرا چيا.

انا لله و انا اليه راجعون. الحمد لله رب اللعالمين.

جنهن تي سندن پٽ علي عرض ڪيو ته توهان انا لله ۽ الحمد لله ڇو فرمايو؟ پاڻ امام عليه السلام وراڻيو ته ”پٽ! مون هينئر ننڊ جي جهوٽي ۾ خواب دوران هڪ سوار کي چوندي ٻڌو ته ”هي ماڻهو هلن پيا، تن سان گڏ موت پڻ هلي پيو. آئون سمجهي ويو آهيان ته اهو اسان جي موت جو اطلاع آهي. جيڪو اسان کي ڏنو ويو آهي. انهيءَ تي پٽ علي چيو ته بابا ڇا اسين حق تي ناهيون؟ امام صاحب جواب ڏنو ته پٽ! اسين بلڪل حق تي آهيون.“

انهيءَ تي علي چوڻ لڳو ته جيڪڏهن اسين حق تي آهيون ته پوءِ موت جي ڪا به پرواهه ڪانهي. هي اهو ساڳيو ابن حسين هو جيڪو علي اڪبرجي نالي سان ڪربلا جي ميدان ۾ شهيد ٿيو هو.

ڪربلا جي ميدان ۾ پهچڻ کان اڳ ڪوفي کان واليءَ عراق جو خط هڪ سوار آڻي حُر بن يزيد کي ڏنو جنهن ۾ حُر کي حڪم ڪيو ويو هو ته حسين عليه السلام جي قافلي کي ڪنهن موزون ۽ چڱي ماڳ تي پڙاءُ وجهڻ نه ڏنو وڃي. ڪيس وڏ ۾ وڏ کلي ميدان ۾ رهڻ ڏنو وڃي. هي قاصد توهان وٽ رهي ڏسندو ته توهان منهنجي حڪم جي ڪيتري تعميل ڪريو ٿا. حُر بن يزيد سربستو احوال امام صاحب سان ڪيو ۽ پنهنجي مجبوري ڄاڻائي ته آئون چوڪيءَ جي صورت ۾ اوهان کي ڪنهن سولي ۽ گاهه ۽ پاڻيءَ واري جاءِ تي رهائي نٿو سگهان.

صورتحال جي پيش نظر امام صاحبن پنهنجو قافلو اڇي هڪ ويران ميدان ۾ رهايو. جنهن جو نالو ڪربلا هو. درياءَ ۽ هن ميدان جي وچ ۾ هڪڙي ٽڪري حائل هئي ۽ هتي پاڻيءَ جو ٻيو ڪو به وسيلو موجود ڪو نه هو. امام صاحب جن جو ڪربلا ۾ قيام 2 محرم الحرام سن 61 هجري ۾ ٿيو. 3 محرم 61 هجري يعني ٻئي ڏينهن عمر بن سعد بن ابي وقاص چار هزار ڪوفي لشڪر جي سالار جي حيثيت ۾ هتي اچي پهتو جنهن اچڻ شرط امام حسين عليه السلام ڏانهن ماڻهو موڪليو. امام صاحبن جي هيڏانهن اچڻ جو احوال ورتو. امام صاحب ڪيس حر کي ڏنل ساڳيو جواب ڏياري موڪليو. انهيءَ تي عمر بن سعد والي عراق عبيدالله بن زياد کي خط وسيلي مذڪور منشاء امام کان واقف ڪيو پر هن ظالم کي اها ڳالهه ڪا نه وڻي ۽ جوابي خط ۾ حڪم موڪليائين ته حسين عليه السلام کي چئو ته پهرين توهان سمورا ماڻهو يزيد بن معاويه جي هٿ تي بيعت ڪريو بعد ۾ وڌيڪ سوچيو ويندو. حسيني قافلي جو پاڻي مڪمل بند ڪيو وڃي ۽ جيئن ڪين پاڻيءَ جو هڪڙو ڦڙو به نصيب نه ٿي سگهي. انهيءَ ڏينهن ڪانپوءِ ايندڙ رات عمر بن سعد ۽ امام صاحب جي ملاقات ٿي جنهن ۾ امام صاحب تي شرط پيش ڪيا جيڪي هيٺين ريت هئا.

1. مون کي واپس وڃڻ ڏنو وڃي.
2. مونکي پاڻ يزيد سان پنهنجو معاملو حل ڪرڻ ڏنو وڃي.
3. مون کي مسلمان ملڪن مان ڪنهن جي به سرحد ڏانهن وڃڻ ڏنو وڃي.

عمر بن سعد اهي شرط پنهنجي سفارش سان عبيدالله بن زياد ڏانهن موڪليا. ابن زياد شرط منظور ڪيا، پر شمر جي مخالفت سبب شمر جي هٿان جوابي خط ۾ حڪم موڪليائين ته جيڪڏهن امام صاحب پنهنجي ساٿين سميت پاڻ کي اسان جي حوالي ڪن ته جنگ نه ڪئي وڃي، پر جيڪڏهن انهيءَ کان انڪار ڪن ته پوءِ جنگ ڪانسواءِ ٻيو ڪو به چارو ڪونهي. شمر کي پڻ هدايت ڪيائين ته جيڪڏهن عمر منهنجي

حڪم جي تعميل ۾ ڪوتاهي ڪري ته ڪيس هٽائي فوج جي اڳواڻي تون پاڻ ڪج ۽ حسين عليه السلام جو سرڪپي مون ڏانهن ڏياري موڪلج.

شمر ۽ خط پهچڻ بعد عمر بن سعد پنهنجو لشڪر اڳتي آڻي جڏهن امامن جي ڪيمپ جي ويجهو ٿيو ته حضرت عباس رضه ويهن سوارن ساڻ ساڻس مقابل ٿيو عمر بن سعد حضرت عباس کي ابن زياد جي خط کان آگاهه ڪيو. جنهن واپس اچي حضرت حسين عليه السلام کي اهو احوال ڏنو. ايندڙ رات جو حسين عليه السلام پنهنجي ساٿين کي گڏ ڪري کين خطاب ڪندي فرمايو ته الله تعاليٰ جي حمد ۽ ثنا پيش ڪريان ٿو ۽ هر حال ۾ شڪر گذار آهيان. وڌيڪ فرمايو ته اي انسانو! توهان سمورن کي منهنجي طرفان الله تعاليٰ جزاءِ خير عطا فرمائي. پانئيان ٿو ته مخالفن ۽ منهنجي وچ ۾ سڀاڻي فيصلو ٿي ويندو غور ۽ فڪر بعد منهنجو رايو آهي ته هن رات جي وقت ۾ منهنجي اهلبيت جو هٿ جهليندي اونداهيءَ ۾ هيڏانهن هوڏانهن ٽڙي پکڙي هتان کان نڪري پيچي وڃو. آئون توهان سمورن ماڻهن کي رضا خوشيءَ سان وڃڻ جي اجازت ڏيان ٿو. هنن دشمنن کي فقط آئون گهربل آهيان. منهنجي ہانهن هٿ ڪرڻ جي خوشيءَ ۾ توهان جي غير موجودگي کين ياد نه رهندي.

اها ڳالهه ٻڌي اهلبيت توڙي ٻيا ساٿي ڏاڍا غمگين ٿيا. حضرت عباس رضه چيو ته "ڇا اهو فقط انهيءَ لاءِ ته توهان کان پوءِ به اسين جيئرا رهون. الله پاڪ شل اسان کي اهڙو ڏينهن نه ڏيکاري."

حضرت علي زين العابدين کان روايت آهي ته ڏهين محرم الحرام جي رات دوران منهنجي پڦي زينب رضه منهنجي بيماريءَ دوران خدمت ۾ مشغول هئي.بابا اوچتو خيمي اندر پنهنجا ساٿي گهرايا ۽ ٽي چار ڀيرا هي شعر پڙهندو رهيو جنهن جو مطلب آهي ته "اي وقت توکي حيف هجي، ڪيڏو نه بي وفا آهين. تنهنجي هٿان صبح توڙي شام ڪئين ماڻهو مارجن ٿا. وقت ڪنهن سان به رعايت نٿو ڪري ۽ ڪو به عيوض قبولي نٿو."



هر ڳالهه ڌڻي جي وس آهي، هر زندگي موت جي راهه تي گامزن آهي. هر هر اهو شعر ٻڌي منهنجي دل ڀرجي آئي. اکين ۾ پاڻي آيو پر اٿلي وهڻ کان روڪي ڇڏيم. سمجهيم ته مصيبت اٽَر آهي. منهنجي پڦي اهو شعر ٻڌي آپي کان ٻاهر ٿي وئي. بي اختيار ٿي ۽ زاري ڪرڻ لڳي. اها حالت ڏسي حضرت امام حسين عليه السلام فرمايو ته: اي ادي! هي ڪهڙو حال ڪيو اٿئي. شل ائين نه ٿئي ته نفس ۽ شيطان واري بي صبري اسان کي وڪوڙي وڃي. بي بي صاحبه جواب ڏنو ته جنهن صورت توهان پنهنجي ئي هٿن سان قتل پيا ٿيو ته اسان

ڪي صبر پلا ڪيئن ايندو! امام صاحب فرمايو تہ الله تعاليٰ جي اها ئي مرضي آهي. اهو ٻڌي بي بي زينب اچا وڏيڪ بي قرار ٿي وئي. اها حالت ڏسي حضرت حسين عليه السلام جن صبر ۽ استقامت متعلق فرمايو تہ اي ادي! الله پاڪ کان ڏچ سندس واڪاڻ سان تسلي حاصل ڪر. هرماڻهوءَ کي ضرور مرڻو آهي. هميشہ لاءِ آسمان وارا پڻ ڪو نہ جيئندا. هر شيءِ آخر فنا ٿي ويندي تہ پوءِ موت جي خيال تي ايترو رنج ۽ بيقراري ڇو ٿيڻ گهرجي. اسان لاءِ ۽ هر مسلمان لاءِ رسول الله صلي الله عليه و آله وسلم جن جي زندگي مبارڪ ۾ خلق عظيم موجود آهي. اهو اسان کي صبر ۽ تحمل، توڪل ۽ رضا جي تعليم ڏئي ٿو. اسانکي گهرجي تہ ڪنهن بہ صورت ۾ انهيءَ کان مُنهن نہ موڙيون.

تنهن بعد پاڻ امام صاحب ۽ سندن سمورن ساٿين اها باقي رات نماز استغفار ۽ دعا ۾ گذاري. انهيءَ دوران ڪوفي لشڪر جا سپاهي امام صاحبن جي ڪيمپ جي چوڌاري چڪر هڻي رهيا هئا.

امام حسين عليه السلام بلند آواز ۾ قرآن شريف جي تلاوت ڪري رهيو هو. 10 محرم الحرام جمع جي ڏينهن صبح جو يزيدي لشڪر جنگ لاءِ اچي ڪڙڪيو. حضرت حسين عليه السلام بہ پنهنجي ساٿين جون صفون سڌيون ڪيون. اهي پاڻ ۾ فقط 32 سوار ۽ چاليهہ پيدل ڪُل 72 مومن هئا. پنهنجي ساٿين جي ساڄي طرف جي اڳواٽي زهير ابن القين ۽ کابي طرف جي اڳواٽي حبيب بن مظاهر جي حوالي ۽ علم پاڪ حضرت عباس ابن علي جي هٿ ۾ ڏنو ويو. پنهنجي خيمن جي پويان خندق کوٽي ان ۾ باهہ ٻاري ڇڏيائون تہ جيئن دشمن پويان ڦري حملو ڪري نہ سگهي. هاڻي دشمن جي فوج کي وڌندو ڏسي امام عليه السلام دعا لاءِ هٿ کنيا ۽ جڏهن دشمن جو لشڪر بلڪل ويجهو آيو تڏهن حضرت امام حسين عليه السلام هڪ اٺ تي سوار ٿي هٿ ۾ قرآن کي کڻي دشمن فوج کي خطاب ڪيو تہ "انسانو! منهنجي ڳالهہ ٻڌو. تڪڙ نہ ڪريو. جيڪڏهن منهنجو موقف معقول آهي تہ قبول ڪريو ۽ مون سان انصاف ڪريو تہ اهو توهان جي خوشنصيبيءَ جو باعث ٿيندو پر جيڪڏهن منهنجو عذر نٿا مڃيو ۽ مون سان انصاف نٿا ڪريو تہ پوءِ توهان پلي مون تي حملو ڪريو ۽ اسانکي سنڀالڻ جي مهلت بہ نہ ڏيو. منهنجو اعتماد هر حال ۾ پروردگار عالم تي آهي، جيڪو نيڪوڪارن جو حامي آهي."

ابن جرير موافق انهيءَ وقت قيس بن الاشعث چيو تہ ڇا اهو بهتر نہ ٿيندو تہ توهان پاڻ کي جنگ کانسواءِ ئي اسانجي حوالي ڪري ڇڏيو. اسين توهان سان توهان جي خواهش موجب ورتاءُ ڪنداسين. اها ذلت آميز ڳالهہ ٻڌي امام صاحب سخت غصي ۾ آيو ۽ چيائين تہ "رب پاڪ جو قسم آهي تہ آئون اهڙي ذلت سان پاڻ کي دشمن جي حوالي هرگز نہ ڪندس."

انهيءَ وقت زهير بن القين پنهنجو گهوڙو اڳيان وڌائي وڃي دشمن جي لشڪر سامهون ٿي وڏي واڪي چوڻ لڳو تہ "اي اهل ڪوفہ! خدا جي عذاب کان ڊڄو. نبيءَ جي اولاد بابت هتي اسان سمورن ماڻهن کي الله پاڪ امتحان ۾ وڌو آهي. اسين توهان کي اهلبيت جي سوڀ لاءِ دعوت ڏيون ٿا تہ سرڪش عبيدالله بن زياد جي اوهان بہ اسان سان گڏ مخالفت ڪريو ڇو تہ هو ظالم ۽ ظالم حاڪم جي حمايت پيو ڪري ۽ اوهان کي اهل بيت جي خلاف استعمال پيو ڪري. اوهان جا حاڪم هن کان پوءِ توهان تي پڻ ظلم ۽ ستم جي بازار




گرم ڪندا.“ زهير جون مٺيون ڳالهيون ٻڌي ڪيس گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳا ۽ ابن زياد جي تعريف ڪيائون. چيائون تہ خدا جو قسم اسين تيستائين جنگ بہ بند ڪو نہ ڪنداسون. جيستائين حضرت حسين عليه السلام ۽ سندس ساٿين کي قتل نہ ڪريون يا کين امير جي روبرو پيش نہ ڪريون.“

عدي بن حرملہ کان روايت آهي تہ ابن سعد جڏهن جنگ ڇيڙڻ خاطرلشڪر ۾ چرپر آندي تڏهن حُر بن يزيد کيس چيو تہ اي ابن سعد! الله پاڪ توهان کي ساجاهہ ڏي! ڇا توهان امام صاحب سان واقع جنگ ڪندا؟ عمر بن سعد ورندي ڏني تہ ها، سچ پچ جنگ، جنهن ۾ ڪنڌ ڪرندا ۽ بازو بدن کاڌار ٿي ويندا. حُر اهو جواب ٻڌي پنهنجي جاءِ تي موتي آيو ۽ سندس پر ۾ موجود سندس قبيلي جي سردار کان پڇيائين تہ ڇا تو پنهنجي گهوڙي کي پاڻي پياريو آهي ۽ مون پنهنجي گهوڙي کي پاڻي ڪو نہ پياريو آهي. تنهنڪري پاڻي پياري ٿو اچانس. اهو چئي پاڻيءَ جي بهاني ڪوفي لشڪر مان نڪري آهستي آهستي اهلبيت جي طرف وڌندو ويو. تڏهن هڪڙي ڪوفيءَ کانئس پڇيو تہ تون حسين عليه السلام تي حملو ڪرڻ لاءِ انهيءَ طرف اڪيلو پيو وڃين. تون بهادر تہ بيشڪ آهين، پر هن نموني تنهنجو مخالف طرف وڃڻ مونکي شڪي پيو لڳي. انهيءَ شخص کي حُر بن يزيد سنجيدگيءَ سان جواب ڏنو تہ خدا جو قسم! هتي مونکي جنت ۽ دوزخ ٻنهي مان هڪڙي

جي چونڊ ڪرڻي آهي، سومون جنت منتخب ڪئي آهي. پوءِ آئون پل تہ تڪرا تڪرا ٿي وجان. ائين چوندو پنهنجي گهوڙي کي اڙي هڻندو ترت وڃي امام حسين عليه السلام جي لشڪر ۾داخل ٿيو ۽ امام صاحب جي اڳيان پيش ٿي چيائين ”اي ابن رسول الله! آئون ئي اهو بدبخت آهيان جنهن توهان کي موٽي وڃي کان روڪيو هو. خدا جو قسم منهنجي وهم و گمان ۾ بہ ڪو نہ هو تہ اهل ڪوفہ توهان جا ڪي بہ شرط نہ قبوليندا ۽ هيتري حد تي ايندا. آئون پنهنجو ڏوهہ قبول ڪندي توهان وٽ توبہ تاعب ٿيڻ ۽ توهان جي قدمن ۾ قربان ٿيڻ آيو آهيان. ڇا منهنجي توبہ قبول پوندي؟“ امام صاحب وراڻيس تہ ها، الله پاڪ تنهنجي توبہ قبول ڪري توکي بخش ڪندو. تنهنجو نالو ڇا آهي؟ جواب ڏنائين تہ حر بن يزيد. امام صاحب فرمايو تہ حر يعني آزاد. جهڙو تنهنجي ماءُ توتي نالو رکيو آهي. انشاء الله تون دنيا توڙي آخرت ۾ حُر ئي آهين. انهيءَ کانپوءِ حُر ڪوفي لشڪر جي سامهون ٿي هڪ جوشيلي تقرير ڪري ڪين امام حسين عليه السلام سان جنگ نہ ڪرڻ لاءِ آخري جتن ڪيائين، پر هنن اٽلو مٿس تير اڇلائڻ شروع ڪري ڇڏيا تہ مجبوراً پاڻ امام صاحب جن ڏانهن موٽي آيو.

انهيءَ تي ڪوفي لشڪر جي سالار عمر بن سعد ڪمان کڻي حسيني لشڪر ڏانهن تير اڇليندي پنهنجي لشڪر کي چيو تہ اوهان شاهد آهيو تہ جنگ ۾ سڀني کان پهرين تير مون اڇلايو آهي. اهڙي طرح تير اندازي سان جنگ جي شروعات ٿي. ٿوري دير کان ڪانپوءِ قديم جنگ، جنهن کي مبارزت چوندا آهن، موجب ٻنهي ڌرين کان هڪ هڪ ماڻهو هڪٻئي سان مقابلي لاءِ نڪرندا ۽ واري واري سان وڙهڻ لڳا. تنهن کان پوءِ ڪوفي لشڪر جي سوارن ساڄي طرف کان حملو ڪيو پر حسين عليه السلام جي لشڪر جي



جانبازن نيزن جي نوڪن سان سوار حملہ آورن کي پسپا ڪري ڇڏيو ۽ تيرن سان گھڻن کي ماري وڌو پوءِ تہ ڪوفي سالار عام حملي جو حڪم ڏنو ۽ گھمسان جي لڙائي لڳي پر ڪجھہ دير کان پوءِ ٿڏي ٿي تہ حسيني فوج جو بهادر سپاهي مسلم بن عوسجہ زمين تي پيل نظر آيو. امام حسين عليه السلام ڊوڙي ڏانهس ويو ۽ ڏسي تہ آخري پساهہ اٿس، سرد آهہ ڀريندي امام صاحب فرمايو اي مسلم! توتي الله پاڪ جي رحمت هجي! مسلم بن عوسجہ هن جنگ ۾ حسيني لشڪر جو پهريون شهيد هو. تنهن کانپوءِ ڪوفي لشڪر کابي طرف کان سخت حملو ڪيو پر حسيني لشڪر ڏاڍي بهادريءَ سان وڙهيو جيڪو فقط ٽيهن سوارن تي مشتمل هو. اها حالت ڏسي ڪوفي لشڪر پنج سئو ٻيا تير انداز ۽ ٻيا تمام گھڻا سپاهي مدد لاءِ گهرائي ورتا. انهن اچڻ شرط حسيني لشڪر جي سوارن تي تيرن جي برسات شروع ڪري ڏني. ڪجھہ دير بعد اهلبيت جا سمورا گھوڙا جڏا ۽ بيڪار ٿي پيا. جنهنڪري سوار پيدل ٿي پيا. انهي دوران حُر بن يزيد پڻ گھوڙي تان لٿو ۽ تيرن سان سخت گھايل هجڻ باوجود دشمن جي لشڪر ۾ چوڌاري تلوار هلائيندو رهيو ۽ نيٺ شهادت جو جام پيتائين. ٻنپهرن تائين خطرناڪ جنگ جاري هئي، پر اجا ڪا بہ ڌُر ڪامياب نہ ٿي هئي. انهيءَ تي ڪوفي سالار پهرين حسيني خيمن کي اکوڙڻ ۽ پوءِ ساڙڻ جو حڪم ڏنو ۽ سموري يزيدي لشڪر حملو ڪيو. جنهن سبب حسيني لشڪر جا گھڻا ساٿي شهيد ٿي ويا ۽ اها بيوس ٿي پئي. انهيءَ وقت امام حسين عليه السلام ڪوفي سالار کان نماز جي مهلت گھري، پر نہ ملي ۽ جنگ جاري رهي. جنهن دوران حسيني سالار حبيب بن مظاهر شهيد ٿي ويو. انهيءَ کان پوءِ حضرت حسين عليه السلام ساٿين سميت صلوات الخوف پڙهي. جنهن کان پوءِ لڙائي اجا بہ وڌيڪ سخت ٿي وئي. حسيني بهادر زهير بن القين ميدان ۾ ڪاهي پيو ۽ ڏاڍي بيباڪيءَ سان وِڙهندو يزيدي لشڪر ماريندي، دشمن جون اڳيون صفون درهم برهم ڪري حضرت حسين عليه السلام وٽ واپس آيو ۽ هي شعر پڙهائين جنهن جي معنيٰ آهي: "اي امام اڳتي وڌ، خدا توکي هدايت ڏني، اڄ تون پنهنجي ناني نبيءَ، علي مرتضيٰءَ ۽ حسن عليه السلام سان ۽ بهادر جوان جعفر طيار سان ۽ زنده شهيد اسدالله حمزه رضي سان ملاقات ڪندين." اهو شعر پڙهڻ کان پوءِ هو واپس يزيدي لشڪر تي وڃي ڪڙڪيو ۽ ڪيترن ئي ڪوفين کي قتل ڪري پاڻ بہ شهيد ٿي ويو.

انهيءَ کان پوءِ بہ غفاري ڀائر ۽ بہ جابري ڇوڪرا اهلبيت جي بچاءُ ۾ وڙهندي شهيد ٿيا. اهڙي طرح حسيني ساٿي هڪ هڪ ٿي وڙهندا ۽ شهيد ٿيندا رهيا. خنظلہ ابن اسعد بہ انهن مان هڪڙو هو ۽ اهڙي ريت اهلبيت جا سمورا ساٿي شهيد ٿي چڪا، هاڻي باقي اهل بيت بچيا جن پڻ هڪٻئي پويان وڙهندي شهادت ماڻي.انهن ۾ شهيد اول امام حسين عليه السلام جو فرزند علي اڪبر ميدان۾ لٿو ۽ گھڻن ئي يزيدين کي مارڻ کان پوءِ شهادت ماڻيائين. انهيءَ وقت سندس ڀڃي بي بي زينب رضہ خيمي مان آهہ و پڪار ڪندي ميدان ڏانهن ڊوڙندي آئي. جنهن کي امام حسين عليه السلام هٿ کان جهلي واپس خيمي ۾ ڇڏي آيو ۽ پوءِ علي اڪبر جو لاش کڻي اچي خيمي اڳيان رکيائين.

تنهن کان پوءِ امام صاحب جو ڀائٽيو قاسم بن حسن عہ ميدان ۾ لٿو. تہ مٿس عمرو بن سعد تلوار ڪشي ڪئي. گھائجڻ سان ڦيرو دانهن سان پٽ تي ڪري پيو. دانهن ٻڌڻ شرط حضرت حسين عليه السلام قاتل تي وار ڪيو. جنهن زخمي ٿيڻ کان بچڻ خاطر وڏيون رڙيون ڪيون. جنهن تي سندس ساٿي ڊوڙي آيا پر حوصلا

خطا هڻڻ سبب پُل ۾ بچائڻ بدران اٿلو کيس ماري وڌائون. انهيءَ دوران حضرت حسين سندس پائيتي جي سري وٽ بيٺو هو. ڇوڪري ڇڙيون پئي هنيون ۽ ترت ئي دم ڏنائين ته پاڻ کيس گود ۾ کنيائين. سينو سيني سان مليل هو ۽ لاش جون ٽنگون گِرجي رهيون هيون. تان جو اهو لاش به آڻي علي اڪبر جي لاش جي پر ۾ رکيو. حضرت حسين عليه السلام وري پنهنجي اصل پيٽيءَ تي ويهي رهيو. عين انهيءَ وقت خيمي ۾ سندس پٽ ڄائو ۽ کيس آڻي ڏنائون. جنهن کي ڪن ۾ بانگ ڏيڻ لڳو ته اوچتو انهيءَ معصوم جي ڳلي ۾ هڪڙو تير اچي لڳو. جنهن ڪري سندس روح بروقت پرواز ڪري ويو. اهڙي طرح بني هاشم ۽ اهلبيت هڪ هڪ ٿي شهيد ٿيندا رهيا. انهن جا نالا هيٺيان درج ٿيل آهن.




1. محمد بن ابي سعيد بن عقيل.
2. عبدالله بن مسلم بن عقيل.
3. عبدالله بن عقيل.
4. محمد بن عبدالله بن جعفر.
5. جعفر بن عقيل.
6. عبدالرحمان بن عقيل.
7. عون بن عبدالله بن جعفر.
8. عبا س علي.
9. عبدالله بن علي.
10. عثمان بن علي.
11. محمد بن علي.
12. ابوبڪر بن علي.
13. ابوبڪر بن حسن.
14. عبدالله بن الحسن.
15. قاسم بن الحسن.
16. علي بن حسين.
17. عبدالله بن حسين.

هنن سمورن شهيدن کان پوءِ حضرت حسين عليه السلام پاڻ اڪيلو وڃي بچيو. جنهن تي دشمن هلان ڪئي پئي، پر وار ڪرڻ جي همت ڪنهن ۾ نه پئي ٿي. انهيءَ صورتحال کي محسوس ڪندي شمر بن ذي الجوشن ماڻهن کي حملي ڪرڻ لاءِ هشڪارڻ شروع ڪيو. ته انهن امام صاحب کي چوڌاريءَ گهيري ورتو. اهو لقاءُ ڏسي هڪڙو معصوم ٻار حسيني خيمي مان جوش وچان هڪڙي لٺ هٿ ۾ کڻي امام صاحب ڏانهن ڊوڙندو رڙيون ڪندو آيو. جنهن تي بيبي زينب کيس ڊوڙي اچي جهليو.امام صاحب کيس چيو ته ڇوڪرو موٽائي وڃو ۽ هيڏانهن اچڻ کان روڪيوس. پر ڇوڪرو ڇڏائي نيٺ حضرت حسين عليه السلام وٽ پهچي ويو. انهيءَ وقت

هڪڙي ڪوفي حملہ آور امام صاحب تي تلوار اُلاري تہ هن معصوم ڪيس هڪل ڪري ڏيان پاڻ ڏانهن ڇڪايو. نتيجي طور انهيءَ سفاڪ حملہ آور هن معصوم کي ئي تلوار جو نشانو بنايو ۽ اهو شيهد ٿي ويو.

هاڻي امام حسين عليه السلام تن تنها دشمن جي گهيري ۾ هٿڻ ڪري تلوار هلائڻ لڳو ۽ جنهن طرف رخ هوس انهيءَ طرف جي فوجين کي پجائي تي چڙهيائين. اهڙي طرح ڪيترن ئي يزيدين کي قتل ڪيائين. انهيءَ وقت ڪيس ڪُڙتو پهريل ۽ عمامہ ٻڌل هو. انهيءَ وقت عمر بن سعيد اچي ڪيس تمام ويجهو ٿيو هو. انهيءَ وقت بي بي زينب رضہ بہ هنن وٽ اچي پهتي هئي. لڙائي ۾ امام صاحب کي اج گهڻو تنگ ڪيو تہ پاڻ درياءَ ڏانهن پاڻي پيئڻ خاطر وڃڻ لڳو. پر دشمنن ڪيس وڃڻ ڪو نہ ڏنو اتلو هڪڙو تير اچي ڪيس گلي ۾ لڳو. جيڪو ڇڪي ڪڍي زخم ڏانهن هٿ ڪيائين تہ ٻڪ رت سان ڀرجي ويو. پاڻ رت آسمان ڏانهن اڇلائي الله پاڪ جو شڪر ادا ڪيو ۽ وڏيڪ چيائين تہ ”الاهي آئون شڪوہ ٿو ڪريان تہ تون پاڻ ڏس تہ تنهنجي رسول صلي الله عليه و آله وسلم جي ڏهٽي سان ڪهڙو ورتاءُ پيو ٿئي.“ پوءِ حضرت حسين عليه السلام خيمن ڏانهن وڃڻ لڳو تہ شمر ۽ سندس ساٿين بہ سندس پيڇو ڪيو. سندن نيت ۾ رولو ڏسي کين تنبيهہ ڪئي تہ جيڪڏهن توهان بي دين آهيو ۽ آخرت کان نٿا ڊڄو تڏهن بہ گهٽ ۾ گهٽ دنياوي شرافت تي قائم رهو ۽ منهنجي خيمي کي اوباشن ۽ جاهلن کان محفوظ رکو. شمر جواب ڏنو تہ ها توهان جو خيمو محفوظ رکنداسين.

هاڻي ڪافي دير ٿي وئي هئي ۽ حضرت حسين عليه السلام زخمن سان بلڪل چور هو. انهيءَ وقت شمر لشڪر کي اڪسايو تہ جلدي ڪريو. ڪيس ترت قتل ڪريو جنهن تي زرعہ بن شريڪ تميمي امام صاحب جو هٿ زخمي ڪيو ۽ تلوار ڪلهي تي پڻ هنئي. جنهنڪري حضرت امام صاحب ٿڙڻ لڳو تہ ڪيس ويجها




ماڻهودهلجي پويان هٽيا،پر سنان بن انس وڏي اچي ڪيس نيزو هنيو تہ امام صاحب زمين تي ڪري پيو. سنان ڪنهن ٻئي شخص کي چيو تہ جلدي ڪنڌ ڪپي وٺ، پر ان کي همٿ ڪا نہ ٿي تہ انهيءَ شخص کي پٽيندي سنان خود جوش وچان اچي امام صاحب جو سر مبارڪ ڌڙ کان ڌار ڪيو.

جعفر بن علي بن

محمد کان روايت آهي، تہ قتل ڪرڻ کان پوءِ جانچي ڏٺائون تہ حضرت امام حسين عليه السلام جي جسم مبارڪ تي نيزن ۽ تيرن جا 33 زخم ۽ تلوارن جا 34 گھاوَ موجود هئا. امام صاحب جي شهادت کان پوءِ سندس قاتل سنان اصل چتو ٿي پيو. جيڪو امام صاحب جي لاش ڏانهن آيو ٿي، تنهن تي حملو ٿي ڪيائين ۽ انهيءَ ڪانئس پڄي جان ٿي ڇڏائي، ڪجھ دير کان پوءِ قاتل امام صاحب جي سِري خولي ابن يزيد اصبحي جي حوالي ڪئي ۽ پاڻ ڊوڙي عمر بن سعد ڏانهن وڃي ڪيس رڙيون ڪندي چيائين تہ مون کي سون ۽ چانديءَ سان اڏي ڇڏيو، ڇو تہ مون وڏي بادشاهہ کي قتل ڪيو آهي ۽ جنهن جا ماءُ پيءُ سڀني کان افضل آهن. ابن جرير موجب عمر بن سعد ڪيس پنهنجي خيمي ۾ گھرائي ڪجھ ڇهبڪ هنيا ۽ جُٺ ڪئي. چيائينس تہ ”تون چريو ٿي اهڙيون ڳالهيون پيو ڪرين، سي جيڪڏهن عبيدالله بن زياد ٻڌي تہ توکي مارائي ڇڏي“

قتل کان پوءِ ڪوفين امام صاحب جي جسم مبارڪ تي ڪپڙا رهڻ بہ نہ ڏنا، بعد ۾ خيمن ڏانهن جُلهہ ڪيائون. جتي علي معروف زين العابدين بستري تي بيمار پيل هو.شمر چيو تہ هن کي پڻ ڇو نہ قتل ڪيو وڃي، پر ٻين ماڻهن مخالفت ڪئي۽ انهيءَ وچ ۾ عمر بن سعد پُڻ خيمي ۾ آيو، حڪم ڏنائين تہ عورتن جي خيمن ۾ ڪير بہ نہ گهڙي ۽ ڪين نہ ڇيڙي، جنهن بہ ماڻهوءَ خيمي مان جيڪا بہ شيءِ ڪنئي آهي. اها واپس ڪئي وڃي.

زين العابدين عمر جو اهو حڪم ٻڌي ڪيس دعا ڪئي تہ ”اي عمر توکي خدا اجر ڏي، جو تنهنجي زبان اسان کي بچايو“ ميدان جنگ ۾ واپس اچي ڪوفي لشڪر جي سالار عمر بن سعد امام حسين عليه السلام جي لاش کي گھوڙن جي سُنبن سان ليتڙايوانهيءَ ڪٽي ڪم ۾ ڏهہ گھوڙي سوار شامل هئا. انهيءَ جنگ ڪربلا ۾ حضرت حسين عليه السلام جن جا ڪل 72 ماڻهو شهيد ٿيا ۽ ڪوفي فوج جا 88 ماڻهو مئا.

ٻئي ڏينهن يعني يارهن محرم الحرام سن 61 هجري عمر بن سعد ڪربلا مان ڪوچ ڪيو ۽ اهلبيت جي خواتين ۽ ٻارن سميت ڪوفي روانو ٿي ويو. قره بن قيس کان روايت آهي تہ اهلبيت جي عورتن جڏهن حضرت حسين عليه السلام ۽ سندن اولاد، عزيزن ۽ ساٿين جا لاش سقيم حالت ۾ ڏٺا تہ صبر ختم ٿي وين. آهہ ويڪا جو عالم برپا ٿي ويو.

بي بي زينب رضي الله عنها آهہ ۽ فرياد ڪندي پڪاريو تہ ”اي محمد ﷺ توتي آسماني فرشتن جا درود ۽ سلام آهن. تون ئي ڏس تہ حسين عليه السلام واريءَ ۾ پيو آهي. خاڪ ۽ خون سان آلود آهي. سندس سمورو بدن وڍيو ۽ چچريو پيو آهي. تنهنجون نياڻيون قيد آهن. تنهنجو اولاد قتل ڪيو ويو آهي. هوا انهن لاشن تي مٽي پئي چاڙهي.“ ابن جرير راوي آهي تہ ٻيبين جي انهيءَ آهہ وزاري کي ٻڌي حاضرين مڪان مان ڪو بہ اهڙو شخص ڪو نہ هو جيڪو ڪو نہ رُنو.

امام صاحب واري قافلي جي ڪُل ٻاهتر شهيدن جا سر مبارڪ ڪپي، شمر بن ذي الجوشن، ابن ال اشعث عمرو بن الحجاج ۽ عزمره بن قيس، عبيدالله بن زياد ڏانهن ڪٽائي ويا.

خلقي فغان کنند کہ اين داد خواه کيست.

⑥



# عربن طرفان اسپين جي فتح

اسپين، جيڪو يورپ ۾داخلا لاءِ ڏکڻ اولهائون دروازو سڏجي ٿو. تنهن تي قبضو عربن طرفان هڪ عجيب ۽ عظيم فوجي ڪارروائي هئي. جيڪا نهايت ڊرامائي انداز سان عمل ۾ آئي.

جهڙي ريت ترڪستان جي فتح ايشيا ۽ مصر ۾ عربن جي فتح جو عروج ليکيو ويو. ساڳي طرح اسپين جي فتح پڻ سندن آفريڪي ۽ يورپي توسيع جوعروج قرار پاتو. سموري قرون وسطيٰ دوران اهڙيءَ ڦڙتائيءَ ۽ تيزيءَ سان مڪمل فتحياب ٿيندڙ فوجي مهم تاريخ ۾ موجود ناهي.

جولائي سن 710ع ۾ اتر آفريڪا جي گورنر موسيٰ ابن نُصير Musa ibn Nusayr پنهنجي هڪ ماتحت کي هڪ سئو سوارن ۽ چار سئو پيدل دستي جي اڳواڻ طور پهرين جاسوسي مهم تي موڪليو جيڪو ملڪ جي ڏکڻ اولهہ دنگ وٽ هڪڙي قليل جزيري تي اچي لٿو. انهيءَ کي پوءِ جزيره سڏڻ لڳا. موسيٰ ابن نُصير سن 700 کان وٺي اتر آفريڪا جي گورنر جي عهدي تي فائض هو. هن هتي جي بازنطيني حڪمرانن کي هميشہ لاءِ هتان پڄائي ڪڍيو ۽ سلطنت جون سرحدون ايٽلانٽڪ سمنڊ تائين وسيع ڪيون. ڪيس اسلامي سلطنت جي توسيع جو جنون هو.

طارق جي ڪامياب مهم جوئيءَ ڪيس يورپ تي فوج ڪشي ۽ توسيع لاءِ هشڪاريو. اسپين جي شاهي خاندان ۾ نفاق ۽ فساد جو موقعو ڏسي پنهجي هڪڙي آزاد ڪيل غلام نالي طارق بن زياد کي 7000 لشڪر جي اڳواڻ طور سن 711ع ۾ اسپين تي چاڙهي موڪليو. جيڪو جزيره الطارق جي اوپر طرف هڪڙي شاهي ٽڪريءَ جي اوٽ ۾ اچي لنگر انداز ٿيو. تنهن وقت کان اهو ٽڪر سندس نالي سان يعني جِبل الطارق Gibral Tarq سڏجي ٿو. 7000 لشڪر وٺي، باربيٽ نديءَ جي ڇوڙ وٽ جندا نالي سامونڊي ڍنڍ جي ڪناري تي 19 جولائي 711ع تي طارق راڊرڪ بادشاهہ جي فوج سان اچي مقابل ٿيو. راڊرڪ بادشاهہ اڳوڻي بادشاهہ کي زوريءَ لاهي پاڻ بادشاهہ بڻيو هو. تنهن 25000 لشڪر هوندي بہ هارَ کاڌي. جن جي اڳواڻي بادشاهہ راڊرڪ بابت اسپيني توڙي عربي تاريخن ۾ فقط ايترو ڄاڻايل آهي تہ هو گم ٿي ويو. ان جو وڌيڪ ڇاٽيو سا ڳالهہ اجا تائين ڳجهہ آهي.

هن فيصلا ڪن عظيم فتح کان پوءِ مسلمانن جي لشڪر لاءِ سموري اسپين ۾ ڪا بہ خاص مزاحمت باقي نہ رهي سواءِ چند شهرن جي. طارق بن زياد لشڪر جي وڏي حصي سان اِسيجا Ecija کان ٿيندو ملڪ جي گاديءَ واري هنڌ ٽوليڊو Toledo ڏانهن وڌڻ شروع ڪيو ۽ آسپاس جي شهرن ڏانهن بہ فوجي دستا اماڻيائين. هن علائقي ۾ مضبوط ڪوٽ واري شهر Seville سيول تي ڪو بہ حملو ڪو نہ ڪيو ويو پر Archedona آرڪيدونا ۽ ايلويرا Elvira فتح ڪيا. مغث الرومي جي اڳواڻيءِ Cardova شهر جو گهيرو ڪيو ويو. ٻن مهينن جي سانده محاصري کان پوءِ هڪڙي پڳل ديوار جي نشاندهيءَ ڪرڻ سبب اهو شهر بہ مسلمانن نيٺ فتح ڪيو.جتي ايندڙ وقت ۾ اسلامي رياست جي راڄداني قائم ٿي. ملاگا شهر وارن پڻ اسلامي لشڪر سان ڪو بہ مقابلو ڪو نہ ڪيو ۽ شهر سندن حوالي ڪيو. البت اِسيجا شهر وٽ گهمسان جي لڙائي لڳي پر مسلمان انهيءَ جنگ ۾ پڻ سوڀارا ٿيا. اسپين جي گاديءَ واري شهر ٽوليڊو ۾ پڻ اسلامي لشڪر ڪامياب ٿي ويو. اهڙيءَ طرح سن 711ع جي بهار واري مند ۾ هتي حملو شروع ڪندڙ شخص اونهاري جي مُند جي اختتام تي پوري ملڪ جي اڌ کان وڌيڪ حصي جو حاڪم ٿي ويو ۽ سموري رياست قبضي ۾ ڪري ڇڏي. جون 712ع ۾ طارق بن زياد جي غير متوقع فتوحات کانپوءِ موسيٰ بن نُصير پاڻ خود بہ 10000 عرب باشندن تي مشتمل لشڪر ساڻ ڪري اسپين تي ڪاهي ويو. رستي ۾ مسلمانن جي قبضي کان رهيل شهر جهڙوڪ ساليڊونيا، ڪارمونا ۽ سيوِلِ کي محاصرن سان فتح ڪيو. انهن شهرن کي تقريباً سال تائين اسلامي لشڪر گهيري ۾ رکڻ بعد سن 713ع ۾ جون جي پڇاڙيءَ ۾ فتح ڪيو. موسيٰ ابن نُصير ترت پوءِ طارق بن زياده سان ٽوليڊوشهر ۾ اچي گڏيو.



⑥



# عربن طرفان سنڌ جي فتح

سنڌ جي فتح بابت لکيل اڪثر تاريخن ۾ ڄاڻايل آهي ته سنڌ ملڪ جي سرحد تي چڙهائي ۽ ان جي شهرن تي عربن طرفان سڀ کان پهرين ڪاهه ٻئي خليفي حضرت عمر رضي جي حڪومت دوران سن 15 هجري يعني 637ع ۾ ٿي هئي. عثمان بن ابي العاص ثقفي گورنر عمان ۽ بحرين ڪي سنڌ تي حملي جو حڪم ڏنو هو. جنهن پنهنجي ڀائرن مغيره ۽ حاڪم جي اڳواڻيءَ ۾ چار هزار لشڪر غورابن ۾ ديبل شهر تي چاڙهي موڪليو. تنهن وقت سنڌ جو حاڪم ڇچ بن سيلائج هو ۽ ديبل شهر تي سام بن ديوائج نالي حاڪم مقرر هو. عرب لشڪر پهچڻ شرط جنگ جو طبل وڄايو. جنهن تي شهر جي سردار سپاهه ساڻ ڪري اچي گهمسان جي جنگ جوٽي، نتيجي ۾ عرب لشڪر جي سالار مغيره سميت گهڻي سپاهه قتل ٿيڻ سبب پسپائي واقع ٿي. عراق جي گورنر ابوموسيٰ اشعري ان جو مفصل احوال خليفي ڏانهن لکي موڪليو. ان ڪري خليفي هنڌ ۽ سنڌ تي وڌيڪ حملي نه ڪرڻ جو حڪم صادر ڪيو.




ٽئين خليفي حضرت عثمان رضي جي حڪومت دوران سنڌ تي حملي ڪرڻ کان اڳ ۾ اتي جي صورتحال ڄاڻڻ واسطي حڪيم بن جبله کي جاسوسيءَ لاءِ موڪليو ويو.سندس موٽڻ تي کيس خليفي جي اڳيان حاضر ڪيائون. جتي بيان ڏنائين ته سنڌ جو پاڻي ميرو ميوو کٽو زمين پٿريلي ۽ مٽي ڪلراٺي آهي. سنڌي بهادر ۽ دوکيباز آهن. ٿورا فوجي ترت تباهه ٿي ويندا ۽ گهڻي فوج اتي بک جو شڪار ٿيندي. خليفي مذڪوره بيان موافق سنڌ تي فوج روڪي ڇڏي. پر چوٿين خليفي حضرت علي رضي شاغر بن ذعر جي اڳواڻيءَ ۾ وڏي لشڪر کي سنڌ جي سرحد تي چاڙهي موڪليو. جنهن 42 هجريءَ ۾ ڪيڪانان پهچي جنگ جو اعلان ڪيو. ان تي ڪوهه پايه ۽ ڪيڪانان جا ماڻهو گڏ ٿي اچي حملا آورن سان سامهون ٿيا. جنگ اڃا جاري هئي ته عرب فوج کي خليفي جي شهادت جي خبر پهتي. تنهنڪري اها واپس مڪران موٽي آئي. جتي کيس معاويه جي خليفي ٿيڻ جو پتو پيو. معاويه عبدالله بن سوار کي چار هزار سُوارن وارو وڏو لشڪر ڏيئي ڪيڪانان تي چاڙهي موڪليو. جتي جنگ ۾ سالار سميت گهڻو اسلامي لشڪر مارجي ويو. باقي بچيل سپاهي مڪران موٽي آيا. تنهن کان پوءِ سنڌ جي سرحد يعني مڪران تي سنان بن سلمه حاڪم مقرر ٿيو. جنهن کي ٻن سالن کان پوءِ لاهي خليفي راشد بن عمرو کي مقرر ڪيو. راشد پڪي تياري ڪري وڏو لشڪر وٺي اچي سنڌ جي ڪيڪانان شهر تي ڪڙڪيو ۽ خطرناڪ لڙائي ڪندي نيٺ گهڻي لشڪر سميت مارجي ويو ۽ باقي اسلامي فوج مڪران موٽي. تنهن کان پوءِ مڪران تي وري به سِنان بن سَلَمه کي ٻيو ڀيرو حاڪم مقرر ڪيائون. هو پڻ زبردست لشڪر ساڻ ڪاهي آيو پر ٻڌيه ۾ جنگ دوران مارجي ويو. تنهن بعد مڪران تي منذر بن جارود حاڪم مقرر ٿيو. هو جڏهن سنڌ جي حد ۾ لشڪر ساڻ پورالي نديءَ وٽ پهتو ته بيمار ٿي پيو. مڪران ۾ موجود سندس پٽ حڪم کي بيماريءَ جو اطلاع ڪيائين. پر پاڻ ترت ئي وفات ڪيائين. ان ڪري سندس جاءِ تي سندس پٽ حڪم بن منذر کي سنڌ جي سرحدي علائقي جو حاڪم مقرر ڪيو ويو.

اسلامي رياست جو خليفو ٿيڻ سان عبدالملڪ بن مروان عراق، سنڌ ۽هند وارن سرحدي علائقن جو حاڪم حجاج بن يوسف کي ڪيو. حجاج بن يوسف سعيد بن اسلم ڪلابيءَ کي مڪران جو حاڪم مقرر ڪيو. باهمي اختلاف سبب سعيد بن اسلم، سفهوئي بن لام جنگي سردار کي قتل ڪرائي ڇڏيو. انتقام طور سعيد، بن اسلم کي ماري علافي جنگي سردار مڪران تي قابض ٿي ويٺا. علافين کي سيکت ڏيڻ لاءِ حجاج، مجاعه بن سعر کي مڪران جو حڪمران مقرر ڪري موڪليو.سندس پهچڻ کان اڳئي علافي وڃي سنڌ جي راجا ڏاهر وٽ رهيا، مجاعه هڪ سال مڪران ۾ رهي وفات ڪئي.

جڏهن سن ڇهاسي هجريءَ ۾ وليد بن عبدالملڪ خليفو ٿيو. تڏهن سنڌ جي سرحد وارو علائقو محمد بن هارون کي ڏنائون. جنهن پنجن سالن دوران سنڌ جي ڪجهه بيابان تي قبضو ڪيو. ان دوران سريلنڪا جي راجا غُورابن وسيلي خليفي وليد ۽ حجاج بن يوسف لاءِ قيمتي سوکڙين سان گڏ ٻانها ۽ ٻانهيون بہ موڪليون. انهن ٻيڙن ۾ ڪجهه مسلمان عورتون بہ هيون. جيڪي ڪعبت الله شريف جي زيارت لاءِ پئي ويون. سفر دوران طوفان سبب توائي ٿي اهي ٻيڙا اچي ديبل بندر پيڙا ٿيا تہ اهي نڪامره ذات وارن درياهيءَ داڙيلن جي ور چڙهيا جن سمورو سامان ڦريو ۽ سڀ ماڻهو قيدي بنايا. البت انهن مان ڪجهه ماڻهو اتان ڀڄي نڪتا تن اچي حجاج کي اها سربستي خبر ٻڌائي.



مذڪوره احوال موجب حجاج سنڌ جي راجا ڏاهر کي قاصد هٿان خط لکي کيس تنبيهه ڪندي مذڪور ماڻهن ۽ سوڪڙين جي گهُر ڪئي. راجا ڏاهر جواب ڏنو تہ مذڪور بدمعاش ماڻهو منهنجي حڪم ۾ ناهن. هن جواب موجب حجاج خليفي وليد کان سنڌ تي ڪاهہ ڪرڻ جي اجازت گهُري، پر اول کيس موڪل ڪانہ ملي ۽ جڏهن ٻيو ڀيرو بہ ساڳي گذارش ٿي تہ پوءِ کيس اجازت ملي. اهڙي ريت حجاج بن يوسف بُديل بن طِهفه کي سنڌ تي چاڙهي موڪليو. جيڪو سندس حڪم موجب مڪران مان محمد بن هارون کان ٽي هزار لشڪر وٺي مڪران تي نيئن مقرر ٿيل جنگي سردار عبيدالله بن نبهان کي پاڻ ساڻ ڪري عربي سمنڊ ٽپي اچي ديبل بندر وٽ پڙاءُ ڪيو. ديبل واسين هن صورتحال کان راجا ڏاهر کي قاصد معرفت واقف ڪيو. تنهن تي راجا پنهنجي پٽ جَيسِينءَ کي هاٿين ۽ اُٺن تي مشتمل وڏو لشڪر ڏئي ديبل ڏانهن موڪليو. جنهن رسڻ شرط بُديل سان اچي جنگ جوٽي ۽ بُديل سميت گهڻن مسلمان سپاهين کي قتل ڪري ماري ڀڄايو. پوءِ هڪڙي ٽڪر کي ديبل جو حاڪم مقرر ڪري جَيسِينءَ واپس نيرون ويو.

بدلي جي خوف کان انهيءَ وقت نيرون جي حاڪم سُندر شمني راجا ڏاهر کان لِڪ چوريءَ ۾ حجاج بن يوسف ڏانهن پنهنجو خاص ايلچي موڪلي، ڍل جي عيوض امان گهري، جيڪا حجاج کيس لکت ۾ ڏياري موڪلي. بُديل جي قتل ٿيڻ کان پوءِ حجاج محمد بن قاسم ثقفي کي سالار مقرر ڪري کيس ڇهن هزارن کان وڌيڪ بهترين شامي جنگي جوانن جو لشڪر ڏيئي شيراز جي رستي کان سنڌ تي چاڙهي موڪليو. ٻئي طرف قلعي جي جنگين لاءِ ضروري سامان ابن مغيره ۽ جزيم جي اڳواٽي ۾ غورابن وسيلي ديبل روانو ڪيو ويو. محمد بن قاسم لشڪر سميت مڪران پهچي مڪران جي اڳوٽي حاڪم محمد بن هارون سان ملاقات ڪئي. بيمار هئڻ جي باوجود محمد بن هارون محمد بن قاسم سان هن مهم ۾ شامل ٿيو ۽ ارما بيل پهچڻ سان وفات ڪيائين، جتي کيس دفن ڪيائون. اسلامي لشڪر ڪاهيندو جڏهن محرم سن 93 هجريءَ ۾ ديبل ۾ پهتو تہ ابن مغيره ۽ خزيم جي سنڀال هيٺ جنگي سامان سان ڀريل غوراب بہ اچي ڪين رسيا. تڏهن هن لشڪر جي اڳيان ڪاهي ڪوتائي جهنڊا کوڙائي لشڪر جي پهچڻ جا نغارا وڄارايا. لشڪر کي منظم ڪري قلعي کي ٽوڙڻ لاءِ خصوصاً عربن جون ناهيل مشينون "منجنيق" قلعي جي سامهون اُڀيون ڪيائون. عربي لشڪر ڏسي ديبل جي قلعي وارا بہ جنگ لاءِ تيار ٿي بيٺا. اهڙي ريت هڪ هفتو گذري ويو پر حجاج وٽان حملي ڪرڻ جو حڪم ڪو نہ مليو. تنهنڪري اسلامي لشڪر اجازت جو انتظار ڪندو رهيو. نيٺ انين ڏينهن خط ذريعي حجاج کان اجازت ملڻ تي محمد بن قاسم لشڪر کي صف آرا ڪري ديبل تي حملو ڪيو تہ ديبل جا محافظ ڀڄي وڃي قلعي ۾ لڪا، پر هڪڙي برهمڻ ٻاهر اچي عربن کي تسلي ڏني تہ اسان جي علم موجب فتح اوهان جي ٿيندي. پر قلعي اندر موجود بُت خاني جي گنبند کي ڪيرائڻ کانسواءِ اها حاصل ڪا نہ ٿيندي. انهيءَ جي صلاح موجب منجنيق وسيلي جهنڊن سميت اهو گنبذ ڀڳو ويو ۽ اسلامي لشڪر منظم حملو ڪري قلعو فتح ڪيو ۽ ديبلي لشڪر جو ٽن ڏينهن تائين ڪوس جاري رکيو. قلعي جي فتح واري رات ديبل جوحاڪم جاهين بن برسايد رواٽ قلعي جي پٺ ٽپي فرار ٿي ويو ۽ راجا ڏاهر کي ديبل تي اسلامي لشڪر جي قبضي جو اطلاع ڏياري موڪليائين. بعد ۾ مندر ۾ موجود ست سئو ٻانهين کي قيد ڪيو ويو ۽

سري لنڪا جي ٻيڙن وارا قيدي ۽ اڳوڻن اسلامي لشڪرن جا قيدي آزاد ڪرايا ويا. ديبلي قيدين ۾ ديبل جي حاڪم جون ٻہ ڌيئر ٻہ هيون. جيڪي ديبل مان هٿ آيل مال غنيمت جي مقرر حصي ۾ مذڪور ست سو ٻانهين سان گڏ حجاج کي ڏياري موڪليون ويون. محمد بن قاسم حميد بن وداع النجري کي ديبل جو حاڪم مقرر ڪيو. ياد رهي تہ محمد بن قاسم کي سنڌ تي چاڙهي موڪلڻ شرط حجاج بن يوسف تقريباً روزانہ خط لکندي سندس رهنمائي ۽همت افزائي ڪندو هو ۽ محمد بن قاسم طرفان موڪليل خط ۾ بيان ڪيل صورتحال ۽ مسئلن بابت ڏس ۽ هدايتون ڏيندو رهندو هو. ۽ محمد بن قاسم هر ڪو ڪم سندس هدايتن جي روشنيءَ ۾ سرانجام ڏيندو هو. منجنيقون ۽ ڪافي جنگي سامان ٻيڙن وسيلي نيرون ڪوٽ روانو ڪري پاڻ سيسم جي رستي اوڏانهن ڪوچ ڪيو تہ رستي ۾ کيس حجاج جو خط مليو. جنهن ۾ پڻ ڪئين هدايتون لکيل هيون. هو ستين ڏينهن اچي نيرون ڪوٽ جي ڀر سان هڪ ميدان تي پرگهٽ ٿيو. هتي پاڻي ۽ گاهہ پٺي جي تنگي هئي. نيرون جي حاڪم شمني جي غير حاضري دوران ڪوٽ وارن دروازا بند ڪري ڇڏيا. ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ شُمني اچڻ شرط اسلامي لشڪر جي خاطرداري ۾ جُنبي ويو. قلعي جا دروازا کولياويا. اهڙي طرح اسلامي فوج کي ضرورت جي هر شي ملڻ لڳي. شُمني حجاج جي پرواني سان پيش ٿي اسلامي رياست سان وفاداري ۽ ان جي اطاعت قبول ڪئي. محمد بن قاسم اهڙو اطلاع حجاج کي موڪليو ۽قلعي جي مندر واري هنڌ هڪڙي مسجد جوڙائي ٻانگ ۽ نماز لاءِ هڪڙو امام مقرر ڪيو ۽ قلعي تي هڪ گورنر نامزد ڪيائين. ڪجهہ ڏينهن هتي ترسڻ بعد سيوستان ۽ آسپاس تي قبضو ڪرڻ واسطي شُمني ساڻ ڪري اوڏانهن اسهيو ۽ چند ڏينهن ۾ موج نالي ماڳ تي اچي سهڙيو. اتي جو چڱو مڙس هڪڙو ٻڌ شمني ۽ قلعي جو حاڪم راجا ڏاهر جو سوٽ بجهراء بن چندر هو.



عرب لشڪر ڏسي هتي جا ماڻهو جنگ لاءِ نڪري آيا. اهڙي طرح جنگ شروع ٿي ۽ هفتي کن ۾ اسلامي لشڪر قلعي وارن تي غالب ٿي ويو ۽ بجهراءِ ڀڄي جان ڇڏائي اچي سيسم نالي قلعي ۾ پناهہ ورتي. جنهن جو حاڪم ڪاڪو پٽ ڪوتل هو. بجهراءِ جي ڀڄڻ سان جنگ ختم ٿي ۽ عربن قلعي تي قبضو ڪري سمورو خزانو هٿ ڪيو ۽ اتي پنهنجا ماڻهو مقرر ڪيا ۽ فتح جو احوال حجاج کي موڪليو ويو. هتان واندو ٿي محمد بن قاسم سيسم جي قلعي تي ڪاهہ ڪارڻ بندهاني نالي ماڳ وٽ اچي منزل انداز ٿيو. اها ڳالهہ ٻڌي ڪاڪو بن ڪوتل شمني چند خاص ماڻهن سان بناته بن حنظله

جي معرفت محمد بن قاسم وٽ اچي پيش پيو ۽ اطاعت قبول ڪيائين. محمد بن قاسم ڪيس عزت ڏئي خلعت پهرائي. ان جي عيوض ڪاڪي ڪيترن ئي عرب مخالف سردارن کي عربي فوج هٿان مارائي جام مال غنيمت آڻي محمد بن قاسم جي اڳيان رکيو. ان کان پوءِ محمد بن قاسم اچي سيسم جي قلعي تي حملو ڪيو ۽ ٻن ڏينهن ۾ ئي قلعي تي قبضو ڪري فتح حاصل ڪئي. بجهراءِ ۽ سيسم جو حاڪم پنهنجن ساٿين سميت ڀڄي ويا. تڏهن سيسم جي قلعي ۽ آسپاس جي نگرانيءَ لاءِ عبدالملڪ بن القيس ۽ حميد بن وداع النجديءَ کي مقرر ڪيو ويو. ان وقت محمد بن قاسم کي حجاج خط وسيلي نيرون موٽي وڃڻ ۽ ڏاهر سان سامهون ٿيڻ جو حڪم ڏنو. نيرون پهچي محمد بن قاسم حجاج کي خط وسيلي صورتحال کان واقف ڪيو. حجاج جواب ۾ قومي غدار هٿ ڪرڻ جي ترغيب ڏنس ۽ راجا ڏاهر ڏانهن اطاعت قبول ڪرڻ يا جنگ ڪرڻ لاءِ تيار رهڻ جي ڌمڪي ڏياري موڪلڻ جي صلاح ڏني. ان تي مڪمل عمل ڪندي گهڻن ئي موقعي پرست ماڻهن کي امان ڏئي وڏن انعامن سان نوازيائين ۽ پوءِ اشبهار جي قلعي تي حملو ڪيائين. قلعي وارن هفتو کن خوب جنگ ڪئي، پر نيٺ اچي امان گهريائون ۽ اطاعت ڪيائون. محمد بن قاسم قلعي تي قبضو ڄمائڻ کان پوءِ اروڙ جي حد ۾ مهراڻ جي ڪناري اچي منزل انداز ٿيو اهو علائقو راجا ڏاهر مقامي سردار موکي پٽ وسائي کي جاگير طور ڏنو هو. موکي موقعي پرستيءَ موجب عرب سالار سان ڳجهو ناهه ڪري غداريءَ جو ڪردار ادا ڪيو ۽ اسلامي فوج جي هر طرح مدد ڪئي. تنهن کان پوءِ محمد بن قاسم راجا ڏاهر ڏانهن قاصد وسيلي جنگ ڪرڻ جو پيغام موڪلي درياء ٽپڻ بابت راءِ ورتي، راجا ڏاهر اسلامي لشڪر کي درياء ٽپي اچڻ ۾ آزاد ڇڏيو ايتري ۾ حجاج بن يوسف جو خط بہ محمد بن قاسم کي اچي مليو. جنهن ۾ درياء اُڪرڻ بابت هدايتون لکيل هيون. جن موجب ٻيڙين جي پُل وسيلي اسلامي لشڪر سنڌو ندي پار ڪئي. لشڪر جي سامهون ٻيٽ واري قلعي ۾ راجا ڏاهر لشڪر سميت موجود هو. هن اول پنهنجي پٽ جيسينہ کي عرب لشڪر سان جنگ ڪرڻ لاءِ چاڙهي موڪليو. جيڪو گهڻو لشڪر مارائي پسپا ٿي موٽي آيو. ان دوران موکي جو پاءُ راسل بہ راجا ڏاهر کان ڦري اسلامي لشڪر سان اچي مليو. محمد بن قاسم اڳتي اچي جَيوَرَ ۾ منزل انداز ٿيو ۽ ٽن ڏينهن اندر جنگ چالو ٿي وئي. ڏهين رمضان 93 هجري تي راجا ڏاهر مارجي ويو ۽ اسلامي لشڪر فتح حاصل ڪئي. عربن گهڻوئي مال غنيمت هٿ ڪيو. محمد بن قاسم ڏاهر ۽ ٻين سنڌي اميرن جا سر عراق اماڻيا. راجا ڏاهر جو پٽ جيسينہ لشڪر سميت اروڙ جي قلعي ۾ ويٺل هو سو برهمڻ آباد واري قلعي ڏانهن روانو ٿي ويو. پوپان محمد بن قاسم اچي قلعي تي قبضو ڪيو ۽ ڇهہ هزار مقامي سپاهين کي قتل ڪيو ويو.باقي عورتن ۽ ٻارن کي قيد ڪيو مال غنيمت پڻ وڏي مقدار ۾ هٿ لڳو. تنهن بعد محمد بن قاسم بهرور دهليلہ قلعا فتح ڪري ٻين علائقن جي حاڪمن کي اسلامي لشڪر جي اطاعت قبول ڪرڻ لاءِ ماڻهو موڪليا. تنهن تي ڏاهر جي وزير سياڪر اچي پيش پئي امان گهري، جنهن کي وڏي آجيان ڪري محمد بن قاسم پنهنجو وزير بنايو. ان کان پوءِ محمد بن قاسم برهمڻ آباد جو قلعو فتح ڪرڻ لاءِ اچي اتي منزل ڪئي.

برهمڻ آباد وارن اسلامي فوج جو سانده ڇهہ مهينا مقابلو ڪيو پر جيسينہ جو اتان نڪري وڃڻ سبب نيٺ آڻ مڃيائون. محمد بن قاسم قلعي تي قبضو ڪري سورهن هزار سنڌي لشڪر کي گرفتار ڪرائي قتل



ڪرايو ۽ فقط ٻي هٿيار ماڻهن کي جيئندان ڏنو. سمورن ماڻهن تي جزيہ يا ڍل مقرر ڪئي. ڪيترائي ماڻهو قيدي بڻايا ويا. مال غنيمت بہ گهڻي مقدا ر ۾ هٿ لڳو. قيدي عورتن ۾ راجا ڏاهر جي زال ۽ راڻي لاڏي ۽ بہ ڏيئر بہ هيون واپارين، ڪاريگرن ۽ برهمڻ کي معافي ڏني وئي. حجاج کان اجازت وٺي مڪاني ماڻهن کي پنهنجي مذهب موجب عبادت ڪرڻ جي اجازت ڏني وئي. برهمڻن يعني هندو مُلن کي وڏا انعام ڏيئي اسلامي حڪومت جي پرچار جي ڪم تي لڳايو ويو.برهمڻ آباد شهر جي انتظام لاءِ وداع بن حميد البحري کي مقرر ڪيو ويو. مالي معاملن لاءِ شهرجي چئن واپارين کي مقرر ڪيو ويو. رائوڙ جو قلعو نوبه بن دارس جي حوالي ٿيو. ڪڇ سان لڳندڙ علائقي ڪيرج تي هُذيل بن سليمان الاردي مقرر ٿيو. حنظله، دهليله جو حاڪم مقرر ٿيو. سيوستان تي هزار سپاهہ جي اڳواڻي ڪندي قيس بن عبدالملڪ ۽ خالد انصاريءَ کي مقررڪيو ويو. ديبل ۽ نيرون ڪوٽ تي مسعود تميمي ۽ ابن شيبه جُديدي کي حاڪم مقرر ڪيو ويو. صابر يشڪري، فراس عَتڪي الق قاء بن عبدالرحمان، عبدالملڪ الخزاعي ۽ مُهنيٰ بن عڪه کي سندن ٻانهن ٻيلي بنايو ويو. آزاد ڪيل هڪ غلام کي اشبهار جو حاڪم بنايو ويو ۽

اهڙي ريت سمورن فتح ڪيل شهرن ۽ علائقن جو مذڪور طور بندوبست ڪرڻ ڪانپوءِ برهمڻ آباد مان ڪوچ ڪري محمد بن قاسم هڪڙي پرسڪون ماڳ “منهل“ تي اچي منزل ڪئي، جيڪو وِڪر بهار ڍنڍ

جي ڪناري واقع هو. انهيءَ علائقي جي سموري رعيت سندس تابعداري قبول ڪئي. بواد شني ۽ ٻڌيٽي ڏول ڪي سندن چڱ مڙسي ڏنائين. پوءِ محمد بن قاسم اروڙ ڏانهن وڌندي وچي بهراور ۾ قيام ڪيو جتي سليمان بن بنهان جي اڳواٽي ۾ ابو فضه القشيري ۽ جنيد بن عمرو کي بهراور جي علائقي تي حاڪم مقرر ڪيائين ۽ پاڻ سمن جي راڄ تي چڙهي آيو تہ انهن دهلن ۽ شرنائين سان سندس آجيان ڪئي ۽ تابعداري قبول ڪئي. خُريم بن عمرو کي سندن حاڪم مقرر ڪري محمد بن قاسم اڳتي وڌي سهتن تي چڙهائي ڪئي. انهن پير ۽ مٿا اُگهاڙا ڪري اچي حاضر ٿي امان گهري. کين امان ڏيئي مٿن پنهنجو ڪارندو مقرر ڪري اڳتي ڪاهيندو اروڙ شهر جي ويجهو رَسِي منزل انداز ٿيو. اروڙ سنڌ جي گادي وارو وڏو شهر هو ان وقت شهر جو حاڪم راجا ڏاهر جو پٽ گوپي هو. تنهن جي خيال ۾ بابو اجا حيات آهي ۽ هندستان جي راجائن کان مدد وٺڻ ويو آهي ۽



اهو ضرور مدد وٺي اچي عربن کي سنڌ مان هڪالي ڪڍندو. تنهنڪري عربن سان سانده مهينو کن جنگ ۾ مصروف رهيو. پر جڏهن راجا ڏاهر جي قتل ٿي وڃڻ جي پڪ ٿيس ۽ رعيت جي پريشانيءَ جو پتو پيس، تڏهن مايوس ٿي رات وچ ۾ پنهنجي خاندان ۽ وفادار ماڻهن سميت قلعو ڇڏي چترور روانو ٿي ويو. انهيءَ حقيقت موافق عربي لشڪر سڌو قلعي تي حملو ڪيو. تڏهن شهر جي مکيہ ماڻهن، واپارين، ڪاريگرن ۽ ٻين اسلامي لشڪر جي اڳواڻ محمد بن قاسم کي سندس تابعداري قبول ڪندي امان ڏيڻ لاءِ عرض ڪيو ۽ جنگ بند ڪري قلعي جا دروازا کولي، اهو سندس حوالي ڪرڻ لاءِ ۽ سندس استقبال لاءِ تيار ٿي بيٺا. محمدبن قاسم جي قلعي ۾داخل ٿيڻ سان سمورن شهرين، محمد بن قاسم جي تابعداري قبول ڪرڻ جي علامت طور قلعي اندر موجود نو بهار مندر ۾ رکيل بت کي سجدو ڪيو. دروازا کولائي محمد بن قاسم مندر ۾ اندر لنگهي ويو تہ گهوڙي سوار سنگمرمر جو مجسمو ڏٺائين، جنهن کي سونا ڪنگڻ پيل هئا.

شهر تي قبضي کي مستحڪم ڪرڻ بعد رواح بن اسد کي اروڙ جو گورنر مقرر ڪيو ويو. موسيٰ بن يعقوب ثقفيءَ کي شهر جو امام ۽ مفتي مقرر ڪيو ويو. تنهن کان پوءِ منزل ڪٽي ڪاهيندو محمد بن قاسم اچي بياس نديءَ جي ويجهو ڀاٽيه نالي قلعي پيڙو ٿيو. جيڪو راجا ڏاهر جي سئوٽ ڪَڪِسو جي ملڪيت هو. عرب لشڪر پهچڻ شرط ڪَڪِسو محمد بن قاسم جي خدمت ۾ ڊِل سميت تمام گهڻيون بيش بها سوکڙيون موڪلي صلح جي درخواست ڪئي. محمد بن قاسم ان ورتاءَ تي ڏاڍو خوش ٿيو. پاڻ وٽ گهرائي کيس تمام گهڻي عزت ڏنائين. ايتري قدر جو ڪَڪِسوءِ کي پنهنجو مشير پڻ بنايائين. ڀاٽيه جو انتظام مڪمل ڪرڻ بعد محمد بن قاسم اسڪلنده جي قلعي تي ڪاهي ويو ۽ ستن ڏينهن جي خوني جنگ کانپوءِ انهن تي غالب ٿيو. جنهن سبب قلعي جو والي سهيرا ڀڄي وڃي راوي نديءَ جي ڪناري تي واقع سڪه نالي قلعي ۾ پناهگزين ٿيو. والي وڃڻ ڪري قلعي جي ماڻهن اسلامي لشڪر کان پيغام وسيلي امان جي گذارش ڪئي. انهيءَ تي محمد بن قاسم بي پرواهه ٿي قلعي ۾ داخل ٿي چار هزار هٿيار بندن کي قتل ڪرائي باقي ٻچيل رعيت کي غلام بنايو. قلعي جو ڪاروبار عُتبه بن سلمه تميمي جي حوالي ڪري پاڻ سڪه واري قلعي تي ڪاهي ويو. جتي سترهن ڏينهن جي چٽي ويڙهه پڄاڻان قلعي جي حاڪم بجهراءِ سندس ساٿين کي ڀڄائي ڪڍيائين ۽ قلعي سميت سموري شهر کي ناس ڪري راوي ندي ٽپي اچي ملتان تي ڪڙڪيو. ملتان جي حاڪم ڪندا ۽ بجهراءَ اسلامي لشڪر سان ٻن مهينن تائين لڳاتار جنگ ڪئي، پر ڪن غدار ماڻهن جي ڏس تي عرب لشڪر قلعي کي ڪاٽ هڻڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ۽ ٻن ٽن ڏينهن جي گهمسان جي لڙائي کان پوءِ قلعو فتح ڪيو. ڇهه هزار ملتاني لشڪر کي قتل ڪيو ويو. واپارين ۽ ڪاريگرن کانسواءِ سمورن ماڻهن کي غلام بنايو ويو.




هڪڙي برهمڻ جي نشاندهي تي شهر جي هڪ آڳاٽي حاڪم نالي جوپن طرفان جوڙايل مندر ۾ دفن ٿيل سندس خزانو هٿ ڪيو. ان مندر ۾ رکيل مورتي سون جي ٺهيل هئي. جنهن جي اکين ۾ ٻه ڳاڙها ياقوت لڳل هئا. ان مندر مان چاليهه مٽ ڪاترسون ۽ ٻه سئو ٽيهه مڻ خالص سون جا هٿ آيا. ملتان شهر جي مال غنيمت جي مليل مال ۾ پڻ جواهر ۽ موتين جو وڏو مقدار قبضي ۾ آندو ويو.

حجاج بن يوسف طرفان محمد بن قاسم کي لکيل هڪڙي خط موجب سنڌ تي حملي ۾ عربن جو ڪُل خرچ سٺ هزار درهم تور خالص چانديءَ جي برابر هو. حجاج بن يوسف طرفان خليفي وليد سان ڪيل انجام موجب مذڪور خرچ جي ٻيڻ يعني هڪ لک ويهه هزار درهم تور خالص چاندي جي برابر مال پيارڻو هو. شهر ۽ آسپاس تي مڪمل قبضي کان پوءِ محمد بن قاسم انتظام خاطر دائود بن نصر عماني کي ملتان جو حاڪم مقرر ڪيو. خُريم بن عبدالملڪ تميميءَ کي برهم پور يعني سوپور وارو قلعو حوالي ڪيو ويو. ملتان جي آسپاس وارو علائقو عڪرمه بن ريحان شاميءَ جي انتظام هيٺ رکيو ويو. اشهار ۽ ڪرور وارو قلعو خُزيمہ بن عتبه مدنيءَ جي حوالي ڪيو ويو. مرڪزي حڪومت جي حصي وارو مال خزانو ٻيڙين رستي ديبل روانو ڪيو ويو.جتان درالخلافت موڪليو ويو. هٿيارن ۽ ٻين جنگي اسباب سان مڪمل طرح سان مسلح اڏ لک چونڊ سوار لشڪر کي تيار رکندي محمد بن قاسم قنوج جي راجا هر چندر بن جهتل ڏانهن ابو حڪيم شيباني جي سالاري هيٺ ڏهن هزارن سوارن تي مشتمل لشڪر اسلامي حڪومت جي تابعداري قبول ڪرائڻ ۽ ڪانئس ڍل وصول ڪرڻ يا جنگ ڪرڻ لاءِ چاڙهي موڪليو. لشڪر جي اوڏاپور پهچڻ تي ابو حڪيم زيد بن عمرو ڪلابيءَ کي مذڪور پيغام پهچائڻ واسطي راجا هرچندر ڏانهن موڪليو. راجا قاصد کان پيغام ٻڌي سخت ناراض ٿي چيو تہ هي ملڪ هزارين سالن کان اسان جو پنهنجو آهي. جيڪو توهان جي ڌمڪيءَ سان اوهان جي حوالي ڪو نہ ڪبو. پنهنجي سالار کي چئو تہ جنگ ڪانسواءِ ان جو فيصلو ڪو نہ ٿيندو. قاصد مٿيون احوال سربستو ڪري اچي عربن کي ٻڌايو. جنهن تي محمد بن قاسم پنهنجي لشڪر کي جنگ ڪرڻ لاءِ تيار ڪيو ۽ جنگي سردارن ۽ مقامي غدارن کي گهربل مدد فراهم ڪرڻ واسطي ڪني ڪيائين. انهن راجا هرچندر خلاف جنگ ڪرڻ لاءِ هر ممڪن مدد ڏيڻ جو انجام ڪيو ۽ حتي المقدور ڪوشش ڪرڻ لڳا.

اوڏاپور ۾ اسلامي لشڪر جنگ جي تياريءَ ۾ئي مشغول هو تہ محمد بن قاسم کي دارالخلافت کان آيل پيغام پهتو تہ هو جتي بہ هجي تہ هن کي حڪم ڏنو وڃي ٿو تہ هو پاڻ کي ڪچي کل ۾ بند ڪرائي جهٽ پٽ راڄڌاني رسي. سانده ٽن سالن تائين سنڌ ۾ فتوحات حاصل ڪندي ۽ حڪومت هلائيندي مرڪزي اسلامي حڪومت کان سوين ڪوهہ ڏور دارالخلافت جي سياست کان بي خبر، پنهنجي فتوحات تي نازان ۽ حاڪمن کان سٺي ورتاءُ لاءِ پرامِيد. پر حجاج جي پاليسيءَ جو شڪار ٿي، نئين خليفي سليمان بن عبدالملڪ جي حڪم موجب معزول ٿي، سندس جاءِ تي سنڌ جي نئين مقرر ٿيل گورنر يزيد بن ابي ڪبشه سَڪسَڪي وٽ جماد الثاني سن 96هہ ۾ اچي حاضر ٿيو. جنهن کيس کل پهرائي هٿ ڪڙيون هڻائي عراق جي نئين گورنر يزيد بن مهلب جي پاءُ معاويه بن مهلب جي نگرانيءَ ۾ روانو ڪيو. تنهن کيس آڻي شهر واسط ۾ قائم ڪيل تشدد گاهہ جي انچارج صالح بن عبدالرحمان جي حوالي ڪيو. اُتي کيس بيحد بڇڙين عقوبتن وسيلي سن 715ع ۾ مارچ مهيني جي شروع ۾ ماريو ويو. پر سنڌ تي عربن جي حڪومت سانده ٽي سئو سالن کان بہ وڌيڪ عرصي تائين برقرار رهي. ان دور ۾ هندو ڌرم جي گهٽ ذات واري نهايت مظلوم ۽ مجبور طبقي جي گهڻن ماڻهن اسلام اختيار ڪيو.

⑥



# صليبي جنگيون

ڪيترين صدين کان وٺي اولهہ توڙي اوڀر يورپ جا عيسائي پنهنجي مقدس جاين جي زيارت لاءِ فلسطين جي قديم شهر يروشلم ۾ بنا ڪنهن روڪ ٽوڪ جي ايندا رهندا هئا، پر جڏهن سلجوقي ترڪن سن 1070ع ۾ فلسطين فتح ڪري عيسائي مقدس ماڳن ۽ مڪانن تي قبضو ڪري ورتو تہ انهن ڪرستانن کي تنگ ڪرڻ شروع ڪيو ۽ ڪين فلسطين اچڻ کان روڪي ڇڏيائون.

يروشلم ۽ فلسطين ۾ عيسائين سان ٿيندڙ انهيءَ ناروا سلوڪ واريون خبرون جڏهن يورپ ۾ پهتيون تہ اتي سلجوقي تُرڪن جي اهڙي رويي خلاف غم ۽ غصي جي لهر پکڙجي ويئي. نتيجتاً انهي رويي خلاف ۽ فلسطين کي ٻيهر فتح ڪرڻ خاطر تُرڪن ۽ ٻين مسلم رياستن خلاف يورپي ڪرستانن طرفان ٿيندڙ ڪيترين ئي جنگين جو سلسلو چالو ٿي ويو. انهن جنگين کي صليبي جنگيون سڏجي ٿو. هنن جنگين جو سلسلو تقريباً ٻہ سئو سالن تائين برقرار رهيو. جيڪو نيٺ سلطان صلاح الدين ۽ انگلينڊ جي بادشاهہ رچرڊ جي وچ ۾ هڪ معاهدي موجب ختم ٿيو.

سلجوقي تُرڪن فلسطين جي قبضي ڪرڻ تي اڪتفا نہ ڪئي. ۽ پوءِ بہ بازنطيني شهنشاھ سان مهاڏو اٽڪايو ۽ کيس ڌمڪائيندا رهيا. انهيءَ صورتحال جي پيش نظر بانطيني شهنشاھ روم واري پوپ گريگريءَ ستين کان فوجي مدد طلب ڪئي. انهيءَ وقت ۾ پوپ خود پنهنجي ڪليسا جي سڌارن جي مسئلن ۾ ڦاٿل هجڻ سبب بازنطيني شهنشاھ کي گهربل مدد ڏيڻ کان لاچار هو. گريگري هفتم جي وفات بعد پوپ جي مسند تي فائز ٿيندڙ پوپ اربن تو Pope Urban II بازنطيني سلطنت جي مدد لاءِ اقرار ڪيو. سندس خيال موجب جيڪڏهن اولهہ يورپ جا ملڪ بازنطيني سلطنت سان گڏجي تُرڪن سان وڙهندا تہ کين يقيناً سوڀ حاصل ٿيندي ۽ فلسطين تي پنهنجو قبضوجمائي سگهندا، پوپ اربن ثانيءَ کي اها پڻ اميد هئي تہ اهڙي صورتحال جي ڪري سندس رومي ڪيٿولڪ ڪليسا ۽ ان جي مخالف آرٿوڊاڪس يعني يوناني ڪليسا پاڻ ۾ ملي هڪ ٿي ويندا ۽ کيس پنهنجي گڏيل رهنما طور قبول ڪندا.

مذڪور مقصد جي حصول واسطي سن 1095ع ۾ پوپ اربن ثاني اوڀر فرانس جي هڪڙي شهر ڪليومونٽ ۾ چرچ ڪائونسل ۾ شريڪ ٿيڻ کان پوءِ ماڻهن جي هڪڙي وڏي ميڙ کي خطاب ڪندي چيو تہ يورپ جي عيسائي شهزادن کي پاڻ ۾ انفرادي ۽ باهمي فساد ختم ڪرڻ گهرجن. انهيءَ جي برعڪس سڀني گڏجي سڀني جاين مقدس مڪان فلسطين جي آزاديءَ لاءِ ترڪن خلاف گڏجي ڪروسيڊ Crusade يعني مقدس جنگ ڪن.

هن کين لالچ ڏياريندي چيوتہ يورپ ۾ پنهنجي ڪاڏي جي پورت جيترو بہ اناج پيدا ڪو نہ ٿو ٿئي. ٻئي طرف فلسطين جي زرخيز زمين تي آباد ٿيندي هر ڪو مجاهد عيسائي خوشحال زندگي گذاري سگهندو. پوپ ساڻن واعدو ڪيو تہ جيڪو بہ ماڻهو محصول ڀريندڙ آهي. انهيءَ کان نہ فقط محصول ڪو نہ ورتو ويندو پر سندس سمورا قرض بہ معاف ڪيا ويندا. هن کين اها ترغيب پڻ ڏني تہ هن مقدس جنگ ۾ جيڪي ماڻهو شهيد ٿيندا، الله پاڪ سندن سمورا گناھ معاف ڪري ڇڏيندو.

سپاهين جي همتَ افزائي ڪندي کين نصحيت ڪيائين تہ فلسطين ڏانهن ويندڙ مجاهد پنهنجي فوجي لباس تي ڳاڙهي رنگ وارو صليب جو نشان لڳائي وڃن. جيڪو الله تعاليٰ اڳيان فرمانبرداريءَ جي علامت آهي. صليبي جنگ برپا ڪرڻ جي سلسلي ۾ هي پوپ اربن ثانيءَ پوري يورپ ۾ سانده نو مهينا سفر ڪندو ۽ جنگ منظم ڪرڻ جي تبليغ ڪندو رهيو. نتيجي ۾ ماڻهن سندس اپيل جي ڀرپور موٽ ڏني ۽ هڪڙو نعرو ڊيئَس وُلٽ Deus Vult عام ٿي ويو. انهيءَ جو مطلب آهي تہ صليبي جنگ ڪرڻ خدا جي مرضي آهي. ماڻهن محسوس ڪيو تہ ڪرستانن جي حيثيت ۾ يروشلم ۽ اتي موجود سندن مقدس جايون مسلمانن کان واپس کسي وٺڻ مٿن قدرتي فرض آهي. يورپ جي امير طبقي کي وري فلسطين جي زرخيز زمينن ۽ صليبي جنگ وسيلي شهرت ۽ مان جي لالچ هئي. يورپ جي هاري طبقي کي پڻ سندن اصل وطن ۾ بُک ۽ بدحاليءَ کان جان آجي ڪرڻ جي ضرورت هئي. پوپ اربن ثانيءَ جي خواهش هئي تہ يورپ جو امير طبقو خود پاڻ هن صليبي جنگ جي منصوبہ بندي ۽ تنظيم جوڙي ۽ صليبي جنگ ۾ عيسائي لشڪر جي اڳواڻي ڪري پر انهن کان اڳ ۾ ئي يورپ جي هاري طبقي هن جنگ لاءِ گهربل لشڪر پاڻ جوڙي ورتو. هن هاري طبقي کي ڪا بہ فوجي سکيا نہ هئڻ جي باوجود اميد هئي تہ هن مقدس جنگ ۾ الله پاڪ کين يقيناً مدد ڏيندو.




اهڙيءَ ريت سن 1096ع جي بهار جي مند ۾ اٽڪل 12000 فرينچ هارين مقدس لشڪر جي حيثيت ۾ فلسطين ڏانهن پنهنجو طويل سفر شروع ڪيو. هارين تي مشتمل هن لشڪر جي اڳواٽي ٻن شخصن پيٽر دي هرمٽ ۽ والٽر پيني ليس جي هٿن ۾ هئي. پيٽر ۽ والٽر پنهنجي سموري سفر دوران خچر ۽ گڏهه تي سواري ڪندي هن مقدس جنگ بابت تبليغ جي پرچار ڪندا ويا. هارين جو لشڪر سندن پويان پيدل هلندو رهيو. هن مقدس ۽ مفلس لشڪر جو سازو سامان ڍڳي گاڏين تي لڏيل هو.

هن لشڪر جي سفر دوران جرمني ۽ رهائينليند مان به هارين جا ٻه مقدس لشڪر فلسطين ڏانهن سفر ڪرڻ لڳا هئا. يورپ جي مختلف ملڪن مان لنگهڻ اتي وقت سر ترسڻ دوران هنن هاري لشڪرن، ماڻهن سان ڪافي ڦڏا ۽ فساد ڪيا. هنن ڪين ساٿ نه ڏيندڙ هارين تي حملا ڪري ڪين ڦريو لٽيو ۽ سندن فصلن کي ساڙي ڇڏيو. رستي ۾ ملندڙ تقريباً هر يهوديءَ کي ماري ڇڏيائون. سندن خيال موجب عيسائي نه هجڻ سبب اهي يهودي پڻ سندن ۽ سندن مذهب جا دشمن هئا. تنهنڪري ڪين مارڻ جائز هو. انهيءَ ڳنڀير صورتحال جي پيش نظر يورپي ڳوٺاڻا هاري لشڪرن جي خوف ۾ ٻهري سجاڳ رهڻ لڳا ۽ تنگ ٿي ڪڏهن ڪڏهن هنن لشڪري ٽولين تي حملا پڻ ڪندا هئا. اهڙين عقوبتن ڪان پوءِ جڏهن اهي هاري لشڪر قسطنطنيه شهر ۾ پهتا ته سندن اصل تعداد جو وڏو ٽيون پاڱو رستي ۾ ئي مارجي چڪو هو. سندن لباس ليڙون ليڙون ٿي ويل هو ۽ وٽن پئسو ته هوئي ڪونه! تنهنڪري اهي راهگير، شهر جي دڪانن، مارڪيٽن ۽ گهرن مان ڦريون ۽ چوريون ڪرڻ ۾ جنبي ويا. هتي جي بازنطيني حڪمران کي اميد هئي ته ڪيس مدد ڏيڻ واسطي پوپ ڪيس باقائده سکيا ورتل فوج ڏياري موڪليندو، نه ئي ڪو ههڙن ڦورن جون لوڏون. شهر ۾ ٿيل ڪارستانين ڪان تنگ ٿي قسطنطنيه جي بادشاهه هنن کي جنگي سازو سامان ۽ کاڌ خوراڪ ڏيئي جهازن ۾ چاڙهي ايشيا ڪوچڪ ۾ ترڪن خلاف جنگ ڪرڻ لاءِ موڪلي شهر کي هنن بدمعاش ٽولن ڪان آجو ڪيو.

يورپي هاري لشڪر ترڪن جي گاديءَ واري شهر Nicea تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر ترڪ فوج جي تيراندازن هن يورپي لشڪر کي مڪمل طور ڪچلي ۽ فنا ڪري ڇڏيو.

انهيءَ ڪان پوءِ سن 1097ع ۾ يورپ جي وڏن نوابن ۽ اميرن ترڪن تي ڪاهه ڪرڻ لاءِ پنهنجا پنهنجا لشڪر منظم ڪيا. هنن يورپي اميرن پنهنجي لشڪرن سان گڏ پنهنجي غلامن، زالن، ٻارن، منشين، نوڪرن

چاڪرن، بورچين ۽ لوهارن ڪي پڻ آندو هو. هن صليبي جنگي مهم تي تمام گهڻو خرچ ٿي رهيو هو. ڇو تہ هر هڪ شهزادي ۽ نواب کي پنهنجي لشڪر لاءِ گهربل عسڪري سازو سامان بار ڍوهڻ لاءِ گاڏيون، سواريءَ لاءِ گهوڙا ٻيڙا وغيره مناسب مقدار ۾ موزون حالت ۾ گهربل هئا. تنهنڪري هنن مهم جُو سردارن، پنهنجي جائداد، زر توڙي زمين ۽ هيرا جواهر وڪيا ۽ منجهائن ڪيترن ئي لکن هزارن جا قرض ڪنيا. جيئن تہ سندن عسڪري مهم جون ضرورتون پوريون ٿين.

فلسطين ڏانهن ويندي هنن يورپي صليبي سردارن بہ پهرين لنگر اچي قسطنطنيہ شهر ۾ ڪيو. پر اڳوڻن هاري لشڪرن کان ڪا بهترحالت نہ ڏسي بازنطيني ماڻهو هنن کان بہ خائف ٿي پيا، ڇو تہ هنن اميرن جي لشڪر پڻ هتي جي ماڻهن سان نهايت اڏنگو رويو اختيار ڪيو هو ۽ هتي جي مهذب ماڻهن کي ڏاڍو رنجايو هو. هتي جي تهذيب اخلاق علم ۽ دولت جي گهڻائيءَ يورپي ماڻهن کي هرڪائي ۽ لالچ ۾ وجهي ڇڏيو. تنهنڪري هي فلسطين تي ڪاهڻ بدران مرڳو قسطنطنيہ تي قبضو ڪرڻ لاءِ سوچڻ لڳا.انهيءَ صورتحال بازنطيني حڪمران کي پريشان ڪري وڌو. جنهن لاچار ٿي هنن کي گهوڙا ٻيڙا ۽ ٻيو گهربل سامان ڏيئي ترڪن تي حملي ڪرڻ لاءِ ايشيا مائينر روانو ڪيو. يورپي اميرن جي هن گڏيل صليبي لشڪر جا اٽڪل 30 هزار ماڻهو ايشيا مائينر ۾ پهتا ۽ ترڪن کي شڪست ڏنائون. تنهن کان پوءِ اهي ڏکڻ طرف وارو رڻ پٽ جهاڳي وڃي شام ملڪ ۾ پهتا. هي يورپي صليبي جنگجو ماڻهو نہ گرميءَ جا هيراڪ ۽ نہ انهيءَ کي برداشت ڪرڻ لاءِ تيار هئا. تنهن ڪانسواءِ هن نئين ماحول لاءِ گهربل وڏيڪ ڪاڌو پيتو بہ وٽن نہ هئڻ ڪري منجهائن ڪئين ماڻهو بُک ۽ اُڃ وگهي موت جو ڪاج ٿي ويا.

باقي بچيل يورپي لشڪر رستي ۾ حائل شامي رياست جي شهرن تي قبضا ڪندو فلسطين ڏانهن وڌندو رهيو ۽ سن 1099ع ۾ جيڪي صليبي يورپي فوجي يروشلم ۾ پهتا انهن جو تعداد فقط ٻارهن هزار هو. جيڪو قسطنطنيہ ۾ ٽيهہ هزار هو. هنن شهر تي قبضي ڪرڻ دوران هتي رهندڙ سمورن مذهبن جي ماڻهن جهڙوڪ: ترڪن، يهودين توڙي ڪرستانن کي قتل ڪرڻ جاري رکيو. هنن شهر ۾ ڦر ڪرڻ دوران سون، چاندي، گهوڙن ۽ خچرن ڪانسواءِ پريل ٽُريل گهرن تي پڻ قبضو ڪيو. يروشلم شهر تي قبضي کان پوءِ هنن صليبي يورپي جنگي سردارن پنهنجو مذهبي جوش توڙي تقدس وساري ڇڏيو. انهن مان ڪي جنگي سردار واپس يورپ موٽي ويا، پر انهن مان اڪثر هن خطي ۾ رهي پيا ۽ پنهنجي فتح ڪيل علائقن کي ڇئن ڀاڱن ۾ ورهائي پنهنجون چار الڳ رياستون قائم ڪيائون. انهن رياستن کي آئوٽريمر Outremer يا دي ڪنگڊم ٻِيانڊ دي سِي The Kingdom beyond the sea يعني سمنڊ کان مٿي قائم بادشاهت سڏڻ لڳا. هنن پنهنجي قائم ڪيل رياستن جي حفاظت خاطر ڪيترائي ڪوٽ قلعا اڏايا هئا ۽ محافظ فوج جا بہ مکيہ ڀاڱا تشڪيل ڏنائون. جيڪي مخصوص نظام الاوقات موجب انهن قلعن ۾ پهري سجاڳ رهندا هئا. خانساماني توڙي تيمارداري اُنهن جتن جي حوالي هئي. انهن مکيہ ڀاڱن مان هڪ کي Knight Templar ۽ ٻئي کي Knight Hospitaller سڏيندا هئا. هنن محافظ دستن ۾ شامل فوجي، مذهبي پيشوا ۽ راهب هئا. انهن سمورن محافظن سموري حياتي ڪنواري رهڻ جو حلف ڪنيو هو. اهي محافظ راهب ان زيارت لاءِ ايندڙ عيسائين جي

حفاظت، تيمارداري ۽ خرچ ۾ ڪتندڙن جي مدد پڻ ڪندا هئا، پر سندن گهڻو وقت وقتاً فوقتاً ترڪن سان جنگ ڪندي گذريو.

هنن راهب سپاهين جي طرز حياتي ۽ بهادريءَ سبب ڪافي عزت ڪئي ويندي هئي. سندن خدمتن عيوض ڪين پنهنجي يورپي سرڪار طرفان مناسب مقدار ۾ زمينون انعام طور ڏنيون ويون هيون. انهن کي آباد ڪرڻ سان اهي نهايت شاهوڪار ۽ خوشحال ٿي پيا هئا. تڏهن هنن سندن محافظن جي نون جٿن کي ڀرتي ڪرڻ ۽ سکيا ڏيڻ لاءِ رٽائير ۽ جهونن محافظن جي نگهداشت لاءِ پنهنجي خرچ سان سکيا گهر ۽ تيمارداري سرائون قائم ڪيون. هي محافظ راهبن جو طبقو ايترو ته صاحب ثروت ٿيو جو انهيءَ جي اڪثر ماڻهن واپار ۽ بينڪاري شروع ڪري ڏني.

مٿي ڄاڻايو ويو آهي ته هنن يورپي صليبي جنگي سردارن ترڪن ۽ عربن جي نهايت زرخيز زمينن ۽ خوشحال ايراضين تي قبضا ڄمايا هئا. هاڻي عرب هاري هنن سردارن جون زمينون ڪاهيندا ۽ سندن باغات جي سنڀال ڪندا هئا، ڪي عرب ماڻهو وڏن گماشتا ۽ ڪمدار ٿي ڪم ڪرڻ لڳا. مسلمانن يورپي ماڻهن جي بهادريءَ جي نيڪي ٿي ڪئي، يورپي ماڻهن ڏٺو ته عرب علماء طب، رياضي توڙي ٻين سائنسي ۽ سماجي علوم ۾ يورپي ڏاهن کان وڌيڪ ڄاڻو هئا.

جنگ کان آجي وقت ۾ صليبي جنگي سردار شڪار جو شوق آزمائيندا هئا ۽ مقامي عرب سردار جي درٻارن ۾ به شريڪ ٿيندا رهندا هئا. هنن پنهنجي اصل يورپ وارن محلن کان به وڌيڪ شاندار محل اڏايا جي عام قلعن کان به ڪجھ وڌيڪ حيثيت جا حامل هئا. هنن محلن ۾ ڪشادا دسترخوان، وڏا ۽ عاليشان ڊائننگ روم، آرام جا ڪمرا، سمهڻ جا ڪمرا بيحد خوبصورت انداز ۾ آراسته ٿيل هئا. انهن جون ديوارون سنگمرمر جون ٺهيل هيون. ڇتين تي حسين گلڪاريءَ




جي پينٽنگ ۽ ڪنارين ۽ دروديوارن تي ريشمي ڪپڙي جا پردا چڙهيل هوندا هئا. فرش تي اعليٰ قسم جا قالين وڇايل هوندا هئا ۽ ڪمرن ۾ سون، چاندي ۽ ٻين قيمتي عنصرن مان ٺهيل سهڻيون شيون سجايل هونديون هيون.

يورپي ماڻهن هتي رهڻ سان پنهنجا اصل طور طريقا ترڪ ڪري هتي جو مقامي لباس استعمال ڪرڻ شروع ڪيو. جنهن ۾ پڳ ۽ ڪشادو ڳُرتو شامل هو.سندن عورتون بہ هتي جو زنانو لباس پهرڻ لڳيون. جنهن ۾ سون ۽ چانديءَ جي باdليءَ وارو زربفت ۽ هيرن مڙهيل ريشم شامل هو. يورپي عورتن هتي رهندي نقاب جو استعمال اختيار ڪيو هو. ميڪ اپ سينگار ۽ خوشبوءِ لڳائڻ پڻ يورپي عورتن هتي جي ماڻهن کان سکيو. سرد علائقن جا رهاڪو هجڻ سبب يورپي ماڻهو روزانو غسل ڪرڻ جا هيراڪ ڪو نہ هئا، پر هتي جي گرم آبهوا هنن کي هر روز تڙ ڪرڻ تي هيرائي ڇڏيو. هتي آباد ٿيندڙ يورپي ماڻهن پنهنجي اصل کاڌن کي پڻ ترڪ ڪيو ۽ هتي جي مزاج موجب هلڪي غذا جنهن ۾ گوشت ٿورو پر ڀاڄيون ۽ ميوو زياده استعمال ڪرڻ لڳا. هنن هتي بلڪل نيون شيون جهڙوڪ: چانور، نارنگي، انجير ۽ چانئين وغيره پڻ کائڻ شروع ڪئي. مطلب تہ يورپي آبادڪارن کي سندن وطن جي پيٽ ۾ هتي فلسطين جي سر زمين تي زندگيءَ جا بهتر ۽ وافر لوازمات مُيسر هئا. تنهن هوندي بہ ڪين هتي جي ماحول سان مڪمل ميلاپ لاءِ اڃا ڪافي معاملات ۽ مسئلا رنڊڪ هئا. اول تہ سندن وڏو تعداد ترڪن سان جنگين ۽ مال غنيمت جي ورهاست بابت پاڻ ۾ وڙهندي مارجي چڪو هو ۽ منجهائن ڪي وري هتي جي گرم آبهوا برداشت نہ ڪندي مري ويا.

سن 1174ع ۾ هڪڙو شهزور مسلم سالار غازي صلاح الدين ايوبي مصر جو سلطان ٿيو. هن پنهنجي چوڌاري مسلمان رياستن جا اڏا قائم ڪري بيت المقدس ۽ يروشلم جو شهر آزاد ڪرائڻ خاطر فلسطين تي قابض يورپي لوڪن جي خلاف جهاد شروع ڪيو.

سندس لشڪر نهايت منظم ۽ اسلامي جهاد جي جذبي سان سرشار هو. مسلم جنگي سردارن اميرن جي حيثيت سان جهادي منظم گروهہ تشڪيل ڪيا. انهن جهادي گروهن جي اميرن جي جنگ دوران ۽ پوءِ سندن قيدين سان عملي رويي، سندن ايمانداري ۽ رواداريءَ جي ساک مشهور هئي. عيسائين طرفان ڪيل ظلم ستم توڙي لالچ ۽ هَوس ڪين ڏاڍو صدمو رسائيندو هو.



سلطان صلاح الدين جو لشڪر تير ڪمان ۽ نيزن سان ليس، تيز گهوڙن تي تمام گهٽي ڦڙتيءَ ۽ اسلامي جهاد جي جذبي سان مڪمل طور هٿياربند ٿي جنگ ۾ شامل ٿيو. جنهن يورپي لشڪر جون وايون بتال ڪري وڌيون. ڪيترن ئي سالن جي چڪرين کان پوءِ نيٺ سن 1187ع ۾ غازي صلاح الدين جي فوج يورشلم فتح ڪيو. تڏهن غازي سلطان هارايل ڌر کي قتلام کان بچايو. جنهن ڪري خود هارايل ڌر يعني يورپي لشڪر ۾ پڻ هن لاءِ عزت پيدا ٿي.

سلطان غازي صلاح الدين طرفان يروشلم جي فتح سبب يورپ ۾ انهيءَ خلاف غم ۽ غصي جي وڏي لهر اُڀري ۽ رومي پوپ مسلمانن جي قبضي خلاف هڪ وڏيڪ مقدس جنگ ڪرڻ لاءِ سخت تلقين ڪئي. نتيجتاً مذڪور صليبي جنگ جي اڳواڻي پوري يورپ جي سڀ کان وڏيڪ طاقتور ملڪن انگلينڊ، جرمني ۽ فرانس جا بادشاهه. انگلينڊ جو بادشاهه رچرڊ دي لاين هارٽ، جرمنيءَ جو شهنشاهه فريڊرڪ باربارو سا ۽ فرانس جو بادشاهه فلپ آگسٽس ڪري رهيا هئا. هن صليبي جنگ جو سالار اعليٰ انگلينڊ جو بادشاهه رچرڊ هو. تنهنڪري هن جنگ کي بادشاهن واري صليبي جنگ سڏيو ٿي ويو. اها جنگ مجموعي طور صليبي لشڪرن هارائي. جرمن شهنشاهه ايشيا مائينر ۾ مري ويو. سندس لشڪر جنگ ڪرڻ کان اڳ ئي واپس وطن آيو. انگلينڊ جو بادشاهه رچرڊ ۽ فرينچ بادشاهه پنهنجي اصل دشمنيءَ سبب اڪثر ڪري پاڻ ۾ ئي وڙهندا رهيا. هنن فلسطين ۾ چند ڳوٺن ۽ شهرن تي اچا مس قبضو ڪيو هو ته فرينچ بادشاهه فلپ واپس وطن وري آيو. جنهن ڪري هاڻي انگريز بادشاهه رچرڊ کي اڪيلي سر هن صليبي جنگ کي برقرار رکڻو پيو. هو هڪڙو بهادر جنگي جوڌو هجڻ جي باوجود اڪيلي سر غازي صلاح الدين جي اسلامي لشڪر سان پڄي ڪين سگهيو. عناد جي باوجود ٻنهي مخالف حاڪمن وٽ هڪٻئي لاءِ ڪافي احترام نمايان هو. جڏهن جنگ دوران بادشاهه رچرڊ جو گهوڙو مري پيو ته سلطان غازيءَ کيس سواريءَ لاءِ ٻه عمدا گهوڙا ڏياري موڪليا.

هتي مسلسل ٽن سالن جي جنگ ۽ جَدَلَ کان پوءِ نيٺ بادشاهه رچرڊ جنگ ڪرڻ بند ڪئي ۽ سلطان صلاح الدين سان هڪ معاهدو ڪيو جنهن تحت فلسطين جا ڪافي علائقا يورپي عيسائين جي ڪنٽرول ۾ رهڻا هئا، پر يروشلم مسلمانن جي حوالي ٿي رهڻو هو. تنهن بعد رچرڊ واپس انگلينڊ ويو.



سن 1204ع ۾ جڏهن پوپ انوسينٽ هڪ وڏيڪ مقدس جنگ ڪرڻ جو سڏ ڏنو ته سڄي يورپ مان کيس سٺي موٽ ملي. صليبي لشڪر هن ڀيري خشڪيءَ بدران غورابن وسيلي وينس شهر جي بندر کان روانو ٿيو. هتي جي واپارين جي خواهش هئي ته قسطنطنيه جي بدران پوري رومي سمنڊ جي حدن اندر سنڌن وينس شهر ئي واپاري مرڪز جي حيثيت سان وڌي ۽ ويجهي صليبي جنگي سردارن وينس جي شاهوڪارن سان واعدو

ڪيو تہ مال غنيمت مان پورو اڌ ڪين ڏينداسون. انهيءَ جي عيوض وينس جي تاجرن ڪين عسڪري سامان ۽ غوراب مهيا ڪيا. جنگي سردارن محسوس ڪيو تہ تاجرن سان ڪيل واعدا شايد پور اڪري نہ سگهجن. تنهنڪري ڪين زارا ٻيٽ عيوض طور حوالي ڪجي پر وينس وارن ڪين قسطنطنيہ فتح ڪري سندن حوالي ڪرڻ لاءِ صليبي سردارن تي زور وڌو. نيٺ قسطنطنيہ جي شهر تي حملو ڪري صليبي لشڪر سان گڏ وينس جي تاجرن طرفان موڪليل ڦورون شهر ۾ ساندهہ ٽي ڏينهن ڦرلٽ ۽ قتلام ڪيو. ان ڪانسواءِ اهم هنڌن تي باهيون پڻ ڏنيون. هنن محلاتن، ماڙين، ديولن ۽ چرچن توڙي ڪتب خانن، بازارين ۽ گهرن مان پڻ وڏي بي حيائيءَ سان ڦرلٽ ڪئي. هنن ڪيتريون ئي املهہ وَٿون چورائي وينس آنديون ۽ ڪي هتي ئي تباهہ ڪري ڇڏيون هن صليبي لشڪر فلسطين وڃڻ جو ارادو ترڪ ڪري ڇڏيو ۽ شهر ٻن حصن ۾ ورهائي هڪ حصي تي پاڻ قابض ٿي ويٺا ۽ ٻيو حصو وينس وارن جي حوالي ڪيائون.

مٿين صليبي جنگين ڪانسواءِ يورپي عيسائين تيرهين صديءَ ۾ بہ فلسطين تي ڪاهون ڪيون. پر ڪا بہ ڪامياب ڪانہ ٿي. انهن مان سڀ کان وڏيڪ المناڪ عيسائي ٻارن طرفان برپا ڪيل صليبي جنگ هئي.

سن 1212ع ۾ پرجوش ٻارن جو هڪڙو جٿو ”استيفن آف ڪلائيس“ نالي هڪڙي ڇوڪري جي اڳواڻي هيٺ فرانس جي شهر مارِسيلسِ کان غورابن وسيلي مقدس جنگ لاءِ روانو ٿيو. انهن مان تمام گهڻا ٻار تہ فلسطين مُور ڪو نہ پهتا. انهن مان ڪيترائي ٻار رستي ۾ غرابن جي مالڪن مختلف شهرن ۾ وڪڻي ڇڏيا.



انهيءَ عرصي دوران ئي مجاهد ٻارن جو هڪ ٻيو جٿو جرمنيءَ مان اٽليءَ روانو ٿيو. اهي بہ گهڻو ڪري سمورا ٻار بُک ۽ بيمارين سبب رستي ۾ ئي مري ويا. آخرڪار مسلم حڪمرانن سن 1291ع ۾ صليبي يورپي آبادڪارن جي هٿ هيٺ رهندڙ واحد اڪره Acre شهر بہ فتح ڪري ورتو ۽ سموريون صليبي جنگيون ناڪاميءَ جي صورت ۾ ختم ٿيون ۽ اهو سلسلو هميشہ لاءِ ختم ٿي ويو.

⑥




## آمريڪا کنڊ جي دريافت ۽ سياسي استحڪام

سن 1800ع کان سن 1870ع تائين آمريڪا کنڊ جي ملڪن ۾ تمام گهڻيون تبديليون آيون. خود آمريڪا پنهنجي سرحدن ۾ تمام گهڻي توسيع آندي ۽ پنهنجي ايراضيءَ کي ٻيڻ کان به وڌو ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي حڪومت کي جمهوريت جي مضبوط بنيادن جي مطابق قائم ڪيو. جنهن سبب ملڪي معيشت مضبوط ٿي ۽ آمريڪا کي عالمي سياست ۾ استحڪام حاصل ٿيو. انهيءَ عرصي دوران وچ آمريڪا ۽ ڏکڻ آمريڪا جي ملڪن يورپ جي نو آبادياتي نظام کان آزادي حاصل ڪري ورتي، پر انهن تازو آزاد ٿيل ملڪن ۾ نو آبادياتي نظام جو غلبو. برقرار ۽ مضوط هئڻ ڪري ڪافي جاکوڙ جي باوجود جمهوريت بحال ٿي نه سگهي. گڏيل رياستن جي وفاق تي مشتمل آمريڪا کنڊ جي اترئين ڀاڱي ۾ موجود ملڪ آمريڪا برطانيه جي ٻينڪي نظام کان آزادي حاصل ڪرڻ کان پوءِ واري مذڪور عرصي دوران آبادي، ايراضي، توڙي دولت ۾ تمام گهڻو اضافو آندو. انهيءَ خوشگوار تبديليءَ جو مکيه سبب ملڪ ۾ مستحڪم سياسي نظام جمهوريت جو وجود هو.

دراصل انگريزي تسلط دوران ئي هنن گڏيل آمريڪي رياستن ۾ نمائنده حڪوت جو قيام عمل ۾ آندو. جنهن موجب مخصوص اقليت جي بدران ماڻهن جي اڪثريت کي سرڪاري عملدار چونڊڻ جو اختيار لاڳو ٿيو. سرڪار ناهڻ جي انهيءَ طريقي کي جمهوريت سڏيو ويو. ارڙهين صديءَ جي آخر ڌاري خيالن جي ڪجهه اختلافن بابت ملڪ ۾ ٻه جدا جدا سياسي جماعتون نمودار ٿيڻ لڳيون. انهن مان هڪڙي وفاق نواز (Federalist Party) هئي. انهيءَ پارٽيءَ جي منشا هئي ته وفاقي يا قومي حڪومت کي وڌيڪ حقوق ۽ اختيارات حاصل هجن. اها جماعت اڳتي هلي پوري دنيا ۾ ڊيموڪريٽ پارٽي سڏجڻ لڳي. ٻي پارٽي ريپبليڪن پارٽي (Republican Party) هئي. انهيءَ پارٽيءَ جي خواهش هئي ته وفاق جي پيٽ ۾ وفاق ۾ شامل رياستن کي انفرادي طور وڌيڪ اختيار ۽ حقوق حاصل هئڻ گهرجن.

سن 1800ع ۾ ريپبليڪن پارٽيءَ جو اميدوار ٿامس جيفرسن آمريڪا جو صدر چونڊجي آيو. انهيءَ کان اڳيون صدر جان ايڊمس فيڊرلسٽ هو. جنهن دؤران آمريڪا ڪنڊ جي ٻين ملڪن ۾ حڪومتون ۽ اقتدار اڪثر ڪري جنگين جي وسيلي ئي تبديل ٿيندو رهيو. آمريڪا جي ملڪ ۾ اقتدار ۽ حڪومت جمهوري طريقي جي چونڊ وسيلي امن امان سان تبديل پئي ٿي.

سن 1800ع وارين چونڊن ۾ آمريڪا جي صاحبان جائداد سمورن مردن کي ووٽ جو حق مليل هو. سن 1830ع وارين چونڊن دوران ووٽرن جي تعداد ۾ تمام گهڻو واڌارو ٿيو جو ته انهيءَ وقت ملڪ جي الهندي پاڱي



وارين نئين رياستن سمورن ڳورن مردن کي کو مال ملڪيت نہ هئڻ جي باوجود ووٽ جو حق ڏنو انهيءَ صورتحال جي پيش نظر ملڪ جي ڪجهہ ٻين رياستن پڻ پنهنجي دستورن ۾ ترميم ڪري پنهنجي سمورن سفيد رنگ وارن مردن کي ووٽ جو حق ڏنو. البت ملڪ جي ڏاکڻي ڀاڱي وارين رياستن ۾ اهڙو قانون اجا پاس ڪو نہ ٿيو هو. ڇو تہ انهن رياستن ۾ سياست تي مقامي جاگيردارن جو مڪمل غلبو هو. انهن جاگيردارن وٽ ڪارن غلامن لکن جي تعداد ۾ زمينون آباد پئي ڪيون, پر ڪين ڪو بہ سياسي توڙي سماجي حق مليل ڪو نہ هو. مذڪور اندروني صورتحال جي باوجود انهيءَ وقت دوران آمريڪا پوري دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ جمهوريت جو حامل ملڪ هو. انقلابي جنگ جي خاتمي تي اصل آمريڪي باشندن جن کي انڊين سڏيندا آهن. جي جنگ ۽ وبائن سبب تباهيءَ مان ناجائز فائدو وٺندي, ميسيسپي نديءَ جي اپرندي ڪناري تائين سندن سموري علائقي تي پنهنجي قبضي جي دعويٰ ڪئي. جتي اصل آمريڪين جا زراعتي راڄ قائم هئا. 1830ع ڌاري آمريڪا وارن اصل آمريڪين کي ميسيسپي نديءَ جي اولهہ طرف وارن علائقن مان پڻ ڀڄائي پنهنجو تسلط قائم ڪري ورتو. آمريڪي آبادڪار هنن علائقن جي مخصوص چونڊ ماڳن تي اچي قابض ٿيا ۽ مسلسل مقامي ماڻهن کي زور ۽ زبردستي سان ماري ڀڄائيندا ۽ اولهہ طرف پنهنجي قبضي واري علائقن ۾ واڌارو آڻيندا ويا.

سن 1803ع ۾ لوئيزيانا رياست فرانس کان خريد ڪري پنهنجي ملڪي ايراضي کي ٻيڻو ڪري ڇڏيو. هن رياست ۾ بهترين زرعي زمينون عاليشان ٻيلا ۽ بيش بها معدنيات وڏي مقدار ۾ موجود هيون. هن رياست جي حصول سان نيُو اورلينس جو عاليشان بحري بندر ۽ ميسيسپي نديءَ تي بہ آمريڪا کي ڪنٽرول حاصل ٿي ويو. سن 1819ع ۾ آمريڪا اسپين سان معاهدو ڪري فلوريڊا رياست جو قبضو حاصل ڪيو ۽ پنهنجي سرحد ڏکڻ اولهہ ۾ اسپيني بيٺڪن تائين وسيع ڪري ورتي. انهيءَ وقت ميڪسيڪو واري هڪڙي شاهي رياست اسپيني ڪالوني هئي. اها رياست سن 1922ع ۾ آزاد ٿي, انهي وقت ميڪسيڪو جي ماڻهن پنهنجي هڪ صوبي ٽيڪساس ۾ آمريڪي ماڻهن جي آبادڪاري جي خواهش ظاهر ڪئي. جنهن تحت اٽڪل ٽيهارو هزار آمريڪي اچي ٽيڪساس ۾ آباد ٿيا. انهن آمريڪي آبادگارن جي واضح اڪثريت آمريڪا جي, ڏاکڻين رياستن کان آيل هئي, جن وٽ پنهنجا غلام هئا. جڏهن سن 1829ع ۾ ميڪسيڪو سرڪار غلاميءَ کي قانوني طور ناجائز قرار ڏنو تہ ٽيڪساس جي ماڻهن غلامي ۽ ٻين مسئلن (سياسي مسئلن تي ميڪسيڪو سرڪار سان مهاڏو اٽڪايو. سن 1835ع ۾ ٽيڪساس وارن ميڪسيڪو سرڪار سان بغاوت ڪئي. ٻئي سال ميڪسيڪو کان عليحدگي ۽ پنهنجي آزادي جو اعلان ڪيو. آمريڪا جي توسيع پسند عناصر جي خواهش جي پيش نظر آمريڪا ٽيڪساس رياست کي پنهنجي وفاق ۾ شامل ڪري ڇڏيو. ان ڳالهہ تي ميڪسيڪو ملڪ کي سخت منيان لڳي. ٻئي سال آمريڪا ميڪسيڪو تي حملو ڪري ان جي ڪيليفورنيا صوبي سان گڏ ميڪسيڪو شهر تي پڻ قبضو ڄمايو. نيٺ ميڪسيڪو سرڪار مجبور ٿي آمريڪا سان هڪڙو معاهدو ڪيو. جنهن تحت ميڪسيڪو ملڪ جي اٽڪل اڌ ايراضي آمريڪا حاصل ڪري ورتي. جنهن ۾ ڪيليفورنيا, نيوادا, اتاهہ, ويومنگ صوبا, اريزونا, ڪولوراڊو ۽ نيوميڪسيڪو جا ڪجهہ ڀاڱا شامل هئا.

سن 1840ع ڌاري هزارين آمريڪي آبادڪار اوريگن علائقن ۾ وڃي رهڻ لڳا. هنن علائقن تي آمريڪا سان گڏ انگلينڊ پڻ مالڪي جي دعويٰ پئي ڪئي. آمريڪي آبادڪارن آمريڪي سرڪار کي پنهنجي قبضي جي يقين ڏهاني ڪرائي.

نيٺ سن 1846ع ۾ انگلينڊ ۽ آمريڪا هن علائقي ۾ پنهنجي سرحد چٽي ڪئي. انهيءَ کان پوءِ وچي وچئين طرف واري ايراضي ۾ اوريگن ۽ واشنگٽن رياستون وجود ۾ آنديون ويون.




سن 1853ع ۾ پيسفڪ سمنڊ تائين ريلوي وڇائڻ جي خواهش پٽاندر آمريڪا ميڪسيڪو کان گيڊ سڏبين علائقو خريد ڪيو. جيڪو بعد ۾ اريزوناءِ نيوميڪسيڪو رياستن جو حصو بنجي ويو. اهڙيءَ ريت آمريڪا هڪ صديءَ کان به گهٽ عرصي اندر فقط تيرهن بيٺڪن مان مسلسل وڌندو دنيا جي تمام وڏن ملڪن ۾ هڪ اهم ملڪ ٿي پيو. جنهن عرصي دوران آمريڪا اولهه طرف ۾ اصل آمريڪي باشندن کي پنهنجي وطن مان ماري پڇائيندو مختلف علائقن ۽ ملڪن کي فتح ڪندو ملڪي سرحدون لڳاتار وڌائيندو ويو. انهيءَ ساڳئي دور ۾ آمريڪا جي وفاق ۾ شامل اتر طرف وارين رياستن ۽ ڏکڻ طرف وارين رياستن ۾ ڪيترن ئي مسئلن بابت اختلاف وڌندا ويا. اتر وارين رياستن ۾ صنعتڪاريءَ ۾ تمام گهڻو اضافو ٿيو. جنهن سبب انهن جي معيشيت ڪافي حد تائين ترقي ڪئي. انهن اترين رياستن ۾ اقتصاديات جو دارومدار زرعي پيداوار تي هو جنهن ۾ مڪيه فصل ڪپهه، تماڪ، چانور ۽ نير هوندو هو. هنن رياستن ۾ وڏيون جاگيرون ۽ وڏيون زمينداريون هيون جتي شيدين جو غلام مزدور طبقو زرعي پورهيو ڪندو هو. هن غلام طبقي کي ڪو به سياسي يا سماجي حق حاصل ڪو نه هو. ڏکڻ طرف وارين رياستن جي خواهش هئي ته شيدين جي غلاميءَ وارو نظام نه فقط برقرار رهي پر انهيءَ کي ملڪ جي اتر وارين رياستن ۾ پڻ پکيڙيو وڃي. جڏهن ته اتر وارين رياستن انهيءَ غلاميءَ واري نظام جي سخت مخالفت ڪئي ۽ انهيءَ جي خاتمي لاءِ جاکوڙ شروع ڪئي.

سن 1880ع ۾ جڏهن ابراهام لنڪن آمريڪا جو صدر چونڊجي آيو. تڏهن هُن جمهوريت جي تشريح ڪندي چيو ته ”عوام جي ڀلائي لاءِ عوام طرفان چونڊيل عوامي حڪومت جمهوريت آهي.“ تڏهن ڏکڻ وارين غلامي برقرار رکندڙ رياستن کي اڃي خوف ورتو ته اهو شايد غلاميءَ واري نظام کي ختم ڪرائي ڇڏي. تنهنڪري اول منجهائن ستن رياستن ۽ بعد ۾ ٻين رياستن پڻ آمريڪا جي وفاق کان جدا ٿيڻ يعني آمريڪا کان جدا ۽ آزاد ٿيڻ جو اعلان ڪيو. اتر وارين مضبوط وفاق چاهيندڙ رياستن جي خيال ۾ ملڪي رياستن کي وفاق کان جدا ٿيڻ جو حق ڪو نه هو. انهيءَ ڳالهه کي بنياد بنائيندي ڏکڻ وارين رياستن جي خلاف سن 1861ع

۾ گهرو ويڙهہ چالو ڪري ڏنائون. اها گهرو لڙائي پنجن سالن تائين هلي ۽ اترين رياستن جي ڏکڻ وارين رياستن تي فتح جي صورت ۾ ختم ٿي ۽ جدا ٿيڻ واريون سموريون ڏاکڻيون رياستون سن 1865ع ۾ وري وفاق ۾ شامل ٿي ويون. رياستن جي جدا ٿيڻ وارو مسئلو نبيريو ويو ۽ ڏکڻ وارين رياستن ۾ چاليهن لکن کان وڌيڪ شيدي غلامن کي سماجي ۽ سياسي آزادي حاصل ٿي ۽ شهري حق مليا. اهڙي ريت آمريڪا ٻيهر متحد ۽ مضبوط ٿي نئين سر ترقيءَ جي راهہ تي گامزن ٿيو. سن 1870ع ۾ آمريڪا تيز رفتار صنعتي ترقي سبب اسرندڙ عالمي طاقت واري حيثيت جو حامل ٿي چڪو هو. انهيءَ دور ۾ ڏکڻ آمريڪا کنڊ وارا يعني لاطيني آمريڪي ملڪ يورپي سامراجي ٻينڪيت کان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ۾ مصروف هئا. يورپ ۾ برپا ٿيندڙ سماجي انقلابن ڏکڻ آمريڪا جي ملڪن تي پڻ پنهنجا اثرات مرتب ڪيا. سن 1791ع ۾ هائيٽي Hiati نالي هڪ جزيري جي عوام تُوسينٽ ايل اُورِوَرِٽيوُر Tousaint L'ourwerture هڪ اڳوٽي غلام جي اڳواڻي هيٺ فرانس جي تسلط خلاف بغاوت ڪئي. فرانس وارن ڪيترن ئي سالن تائين انهيءَ آزاديءَ جي تحريڪ کي دٻائي رکيو. پر نيٺ اها تحريڪ ڪامياب ٿي ۽ سن 1804ع ۾ هائيٽي هڪ آزاد ملڪ بنجي ويو. ڏکڻ آمريڪا کنڊ ۾ گهڻيون ٻينڪون اسپيين قائم ڪيون هيون. انهن پڻ آزادي حاصل ڪرڻ پئي گهري. هنن ڪالونين ۾ آزاديءَ جي تحريڪ جي اسپيني آبادڪارن ۽ مقامي ماڻهن جي ميلاپ سان پيدا ٿيل نئين نسل جي ماڻهن سڀ کان وڌيڪ پنڀرائي ڪئي. هن نئين نسل کي ڪريئولس Creoles سڏڻ لڳا. ڪريئول گهڻا ماڻهو پڙهيل هئا ۽ انقلاب برپا ڪرڻ جي سگهہ جا حامل هئا. ڪريئولن ٻينڪن ۾ وڏن سرڪاري عهدن تي اصل يورپي ماڻهن جي مقرر رهڻ جي سخت مخالفت ڪئي. اصل اسپيني آبادڪار جن کي پيننِسولَرس Peninsolars سڏبو هو. اهي ڪريئولن کي گهٽ ذات تصور ڪندا هئا ۽ ساڻن نامناسب سلوڪ روا رکيو آيا.

فرينچ انقلاب برپا ٿيڻ کان ترت پوءِ اينٽونيو نرينو Antonio Narino نالي هڪ انقلابي شخص فرينچ انقلابين طرفان انساني حقن واري پڌرنامي جو اسپينش زبان ۾ ترجمو ڪيو ۽ شايع ڪرايو. تہ سرڪار کيس گرفتار ڪري قيد ڪيو پر فرينچ انقلاب جو نظريو سمورين ڪالونين ۾ تيزيءَ سان پکڙندو ويو.

سن 1808ع ۾ فرينچن اسپيين فتح ڪيو ۽ سندس ٻَينڪُن تي قبضو ڪرڻ لاءِ عسڪري عمل جاري رکيو. ڏکڻ آمريڪا ۾ ڪريئولن اول فرينچ قبضي خلاف بغاوت ڪئي. پر پوءِ انهيءَ صورتحال مان انقلابي فائدو حاصل ڪرڻ خاطر سن 1810ع ۾ ڪراڪاس ۽ نيوگري ناڊا ۾ جنتا نالي آزاديءَ جي تحريڪ منظم ڪئي. پر انهيءَ کي ترت ئي اسپيني ڪارندن بي رحميءَ سان ڪچلي ڇڏيو.

سن 1816ع ۾ ڏکڻ آمريڪا ۾ اسپين جي تمام وڏي نو آبادي نو پلاٽا ۾ منظم ٿيندڙ آزاديءَ جي ٻي تحريڪ اڳوٽي تحريڪ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ سوڀاري ٿي. چو تہ انهيءَ تحريڪ کي ملڪ جي تقرباً سمورن ننڍين توڙي وڏن شهرن ۾ اڳوٽي جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ منظم مربوط ۽ مضبوط ڪيو ويو هو تنهنڪري جلدي اها تحريڪ اسپين جي سمورين ڪالونين ۾ پکڙجي وئي. ڏکڻ آمريڪا ۾ قائم سمورين يورپي ٻينڪن ۾ آزاديءَ واري تحريڪ جي مدد لاءِ مڪمل طور تياري ڪري رکي وئي جتي پڻ چليءَ جي هڪڙي فوجي سپاهيءَ برنارڊو او هگنس Bernardo O' Higgins اسپيني لشڪر جي خلاف پنهنجي هڪ منظم جٿي جي



اڳواٽي ڪندي بغاوت شروع ڪري ڏني هئي. مٿي ڄاڻايل انقلابي فوجين جي گڏيل جدوجهد سبب سن 1818ع ۾ اسپيني فوج کي شڪست آئي ۽ چليءَ آزادي حاصل ڪئي. سن 1819ع ۾ لاپلاتا ۾ جنتا نالي آزاديءَ جي تحريڪ جي حقيقي اڳواڻن مان هڪڙي شخص سائمن بوليوار Simon Bolivar نيوگريناڊا ۾ اسپيني فوج کي شڪست ڏني. فقط ٻه سال پوءِ وينز ولا ۾ Venezeela پڻ آخري اسپيني لشڪر ٻڇڙي شڪست کاڌي.

سين مارٽن ۽ بوليوار پيرُو (Peru) جي آزادي لاءِ گڏجي حملو ڪرڻ جو منصوبو جوڙيو. ڇو ته اسپين جي ڏکڻ آمريڪا ۾ سڀ کان وڏيڪ مضبوط ڪالوني ۽ هيڊڪوارٽر پيرو هو. مٿين اڳواڻن منصوبي تحت حملو گڏيل حڪمت عملي موجب ڪيو پر پيرو ۾ داخل ٿيڻ کانپوءِ سنن مارٽن سندس فوجون بوليوار جي حوالي ڪري پاڻ چلي موٽي ويو. باقي بوليوار انقلابي فوجي جدوجهد جاري رکيو آيو ۽ نيٺ سن 1824ع ۾ اسپين جي آخري لشڪر کي وڏي ڏاهپ سان شڪست جو شڪار بڻايو. هن عظيم جدوجهد جي ڪري عوام کيس دي لبريٽر The librater آزادي ڏيارينڌڙ جو خطاب عطا ڪيو. ٻئي سال بوليوار جي هڪڙي ساٿي سالار، اپرپيرو ڪالوني جنهن کي هاڻي بوليويا سڏجي ٿو اسپين کان آزاد ڪرايو. ٻئي طرف سن 1810ع ۾ ميڪسيڪو جي اصل باشندن جن کي هاڻ انڊين سڏيو ٿي ويو. انهن نون آبادڪارن طرفان مٿن ٿيندڙ ظلمن يعني زر توڙي سندن زمينن ڪسجڻ خلاف بغاوت ڪئي. انهيءَ بغاوت جي اڳواٽي Father migual Hidalgo ميگوئل هائڊلگو نالي هڪڙي اصل ميڪسيڪن شخص ٿي ڪئي، جيڪو ڪئٿولڪ پادري پڻ هو. کيس گرفتار ڪري قتل ڪيائون ۽ بغاوت ڪچلي ڇڏيائون. تنهن کان پوءِ هائڊلگو جي هڪڙي پوئلڳ نالي فادر جوس مارلس Father Jose Marlos جي اڳواٽي ۾ هڪڙي ٻي اهڙي بغاوت اپري، پر اُها پڻ بيدرديءَ سان ڪچلي وئي. نيٺ سن 1820ع ۾ ڪريئولن جي اڳواٽي ۾ هتي ٿيو پيرو جيڪا تحريڪ منظم ۽ چالو ٿي تنهن سبب ميڪسيڪو ٻن سالن جي جدوجهد بعد آزادي حاصل ڪئي، انقلابي اڳواڻ آگستين ڊيِ اِٽُر بائيڊ Augustin de Iturbide هتي بادشاهه جي حيثيت سان حڪومت ڪرڻ لڳو پر هڪ ئي سال جي قليل عرصي اندر يعني 1823ع ۾ ميڪسيڪو جي انقلابي عوام سندس تختو اونڌو ڪري ملڪ ۾ عوامي راڄ قائم ڪيو. بادشاهه اِٽربائيڊ جي حڪومت دوران وچ آمريڪا جي ڇهن رياستن کي ميڪسيڪو ۾ شامل ڪيو ويو. پر انهن ميڪسيڪو جي تسلط کي رد ڪري پنهنجي آزاديءَ جو اعلان ڪيو ۽ پاڻ ۾ متحد ٿي ”وچ آمريڪا جا گڏيل صوبا“ United provinces of central America سڏائڻ لڳا نه فقط ايترو پر سمورا صوبا ترت پوءِ هڪ ٻئي کان جدا ٿي ڪوستاريڪا، السيلواڊور گوٽيمالا، هونڊراس ۽ نڪاراگوا جي نالن

سان آزاد رياستن جي صورت ۾ ظاهر ٿيا. جنهن دوران ميڪسيڪو ۾ آزاديءَ جي تحريڪ چالو هئي تڏهن برازيل جي حڪومت ۾ پڻ عجيب غريب تبديليون پئي ٿيون. فرينچن جڏهن اسپين ۽ پورچوگال فتح ڪيا تہ پورچوگيز شاهي خاندان پڇي پنهنجي ڪالوني برازيل ۾ ديرو ڄمايو. وري جڏهن پورچوگيز بادشاهہ Joao VI جوائو ششم سن 1821ع ۾ واپس پرتگال موٽيو تہ پويان برازيل ۾ سندس پٽ پيڊرو Pedro کي برازيل جو بادشاهہ بنايو ويو. تنهن کانپوءِ برازيل جي ماڻهن ۾ سندن نمائندن ۽ سفيرن توڙي وڻج واپار ۾ ساڻن پرتگالي حڪومت جي بہ اکيائي واري رويي تي رنجش وڌڻ لڳي. ۽ آزادي جي تحريڪ پيدا ٿي جيڪا سن 1822ع ۾ پورچوگال کان برازيل جي آزاديءَ جي اعلان سان انتها تي پهتي، پر برازيل پهريون آزاد ملڪ هو جتي بادشاهت برقرار رهي ۽ ساڳيو بادشاهہ پيڊرو پڻ بادشاهہ جي حيثيت سان برقرار رهيو.

ڏکڻ آمريڪا جي اڪثر آزاديءَ وارن اڳواڻن جي تجويز ۽ توقع هئي تہ ڏکڻ آمريڪا جا سمورا آزادي حاصل ڪندڙ ملڪ گڏجي چند شاهي وفاقي رياستون بنائي اتر آمريڪا جي گڏيل آمريڪي رياستن واري شاهي وفاقي انداز سان نهايت طاقتور ۽ ترقي يافتہ قومن جي صورت ۾ دنيا ۾ برقرار رهڻ گهرجن. پر انهيءَ جي برعڪس سموريون رياستون هڪ ٻئي کان جدا رهڻ لڳيون. نيوگريناڊا، گران ڪولمبيا جي نالي سان سڏجڻ لڳي، پر اهو بہ جلد ٽُٽي وينزولا، ڪولمبياءِ ايڪئاڊور نالن سان ٽن جدا آزاد رياستن جي صورت ۾ ظاهر ٿيون ۽ پيرو نالي اڳوڻي شاهي بينڪ پڻ ٽن جدا ملڪن پيرو، بوليويا، ۽ چليءَ جي صورت ۾ نمودار ٿيون.

پيراگوئي وارو ملڪ اڳوڻي شاهي ڪالوني لاپلاٽا جي متين پاڱي مان ٺاهيو ويو ۽ 1823ع ۾ يوروگئي ملڪ پڻ برازيل توڙي لاپلاٽا وارن اصل صوبن کان الڳ آزاد حيثيت حاصل ڪئي. مذڪور مڙني ملڪن يورپي بينڪي راڄ کان آزادي تہ حاصل ڪئي پر ماڻهن کي حڪومت کان پري ۽ اڻجاڻ هئڻ سبب سندن جدوجهد نالي ماتر آزادي تي اڪتفا ڪئي. ملڪ ۾ جمهوري نظام حڪومت نہ قائم ٿيو نہ ڪي دائم ٿيو. ڇو تہ هن ملڪ جي اصل باشندن ۽ قبيلن جهڙوڪ: ميسٽيزو، اصل آمريڪي انڊين کي توڙي هتي آندل ڪارن غلامن کي تعليم کان مڪمل طور پري رکيو ويو. هتي ڏارين جي ميلاپ سان پيدا ٿيل نئون نسل جنهن کي ڪريئول سڏين ٿا. اقتدار ۾ ٻين مقامي ماڻهن کي ڀائيوار ڪرڻ لاءِ تيار ڪو نہ هو. انهيءَ صورتحال جي پيش نظر فوجي ۽ جنگي سردارن ملڪي اقتدار تي قبضو ڪرڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي. انهن جنگي سردارن کي ڪاڊيلو (Caudillo) سڏڻ لڳا. هنن کي فوج جي مڪمل حمايت حاصل رهي. هر هڪ ڪاڊيلو يعني فوجي سردار حڪومت تي جنگ وسيلي قابض ٿيندو رهيو ۽ پنهنجو اقتدار پڻ ٻئي ڪاڊيلو جي حملي سان هار کائڻ سبب وڃائيندو رهيو. اقتدار ۽ سرڪار ۾ هر تبديلي وڏي رتوڇاڻ وسيلي عمل ۾ ايندي رهي. نتيجتاً ڏکڻ آمريڪا جي اٽڪل سمورين رياستن ۾ ڪا بہ مستحڪم حڪومت قائم نہ ٿي سگهي.

هنن لاطيني آمريڪي رياستن ۾ ڪاڊيلوز يعني فوجي حڪمران مثالي ڊڪٽيٽر ٿي رهيا، جن کي ملڪ يا عوام جي سڌاري طرف ذرو بہ ڌيان ڪو نہ هو. مثلاً سن 1835ع کان 1852ع تائين ارجنٽائين ۾ حڪومت ڪندڙ ڪاڊيلو جان مينوئل ڊي Jaun Manual de Rosas روساس نهايت ئي ظالم حڪمران هو. جنهن سمورو وقت تشدد ۽ قتل وسيلي حڪومت ڪئي.

ٻيو مثال اينٽونيو لو پيز ڊي سانٽا اينا Antonio logpez de sanitanna نالي ڪاڊيلو جو آهي، جيڪو 1833ع ۾ پنهنجي فوج سان حملو ڪري ميڪسيڪو شهر تي قبضو ڪري پاڻمرادو ملڪ جو صدر سڏائڻ لڳو ۽ سن 1855ع تائين ملڪ تي قابض رهيو. سندس حڪومت دوران ملڪ جو اڌ حصو آمريڪا جي وفاقي حڪومت ڦٻائي وئي. سانٽا اينا ڪانپوءِ اقتدار ۾ ايندڙ ڪاڊيلو ميڪسيڪو جو حقيقي محب وطن حڪمران ثابت ٿيو. جنهن جو نالو بينٽو جُئاريز benito Jua Rez هو. هُن دور ۾ جئاريز ٻھريون اصل ميڪسيڪن يعني انڊين هو. جنهن ميڪسيڪو جي حڪومت سنڀالي. هن ڪيترائي سماجي سڌارا آندا. جھڙوڪ چرچ جو اثر رسوخ گهٽ ڪري عبادت ۾ ڪم نه ايندڙ چرچ جي سموري جائداد نيلام ڪرائي. ميڪسيڪو جي غريب ماڻھن کي زمين ڏياريائين.



They're darker than us!

انهيءَ صورتحال ملڪ جي خوشحال زميندار ۽ چرچ سان وابسته شاهوڪار طبقو جُئاريز جو سخت مخالف ٿي پيو ۽ملڪ ۾ ٽن سالن تائين گهرو لڙائي جاري رهي. انهيءَ جي باوجود جئاريز جي عوام طرفان حمايت سبب سندس اقتدار برقرار رهيو.تڏهن هتي جي جاگيردار ۽ شاهوڪار طبقي فرانس جي هڪڙي تونگر نالي ميڪسيميليئن (Maximilian) کي ميڪسيڪو جو بادشاهه بنائي. ويهاريو پر جئاريز عوامي حمايت ۽ مدد سبب ٿاڦيل فرينچ بادشاهه کي ڀڄائي ڪڍيو ۽ سن 1867ع ۾ پاڻ ميڪسيڪو جو صدر چونڊجي ويو ۽ 1872ع ۾ پنهنجي وفات تائين انهيءَ عهدي تي فائز رهيو. هن عام ماڻهن جي تعليم جو بندوبست ڪيو ۽ جمهوري نظام ۽چونڊن جو سرشتو قائم ڪيو. هن ملڪي فوج جو تعداد پڻ ضروري حد تائين گهٽائي ڇڏيو. اهو ئي سبب آهي جو اڄ تائين ڪيس ميڪسيڪو جو سورمو سڏيو وڃي ٿو. هن دور ۾ ڏکڻ آمريڪا جي مجموعي صورتحال کان برازيل ملڪ ۾ مختلف سماجي صورتحال موجود هئي. ٿيو هيئن ته سن 1831ع ۾ شهنشاهه پيبدرو اول کي سندس اميرن زوري معرول ڪري سندس پٽ کي پيبدرو ثاني جي حيثيت ۾ ملڪ جو بادشاهه بنايو ويو. نئون بادشاهه صغير يعني فقط 5 سالن جو هار هئڻ سبب حڪومت جو ڪاروبار اميرن ۽ صلاحڪارن جي حوالي رهيو. جڏهن هو وڏو ٿيو ته سن 1841ع ۾ حڪومت جون واڳون پاڻ سنڀاليائين ۽ ايندڙ 48 سالن تائين نهايت خوش اسلوبيءَ سان حڪومت هلايائين. پيبدرو ثاني 19 صدي دوران سڀ کان وڏيڪ پڙهيل بادشاهه هو. هن جي دور حڪومت ۾ برازيل زراعت توڙي صنعت ۾ بي مثال ترقي ڪئي. انهيءَ سان گڏ ڏيساور جي واپار ۾ ڪافي ۽ ربڙ وڏي پيماني تي وڪرو ٿيڻ لڳو.

ملڪ ۾امن امان، مضبوط حڪومت ۽ ترقي ڪندڙ معيشيت سبب، انگليند برازيل ۾ ڪيترن ئي نون منصوبن ۾ سيڙپ ڪرڻ لڳو. نتيجتاً ملڪ ۾ پڪن رستن، ريلوي، ٽيليگراف لائين. واهن ۽ڪينالن توڙي مختلف قسمن جي ڪارخانن جو جار وڇايو ويو. جنهن سبب ملڪ ۾ بهتر اطلاعات ۽مواصلات جو اعليٰ نظام وجود ۾ آيو ته ٻئي طرف روزگار جا وسيلا وڏيڪ تعداد ۾ پيدا ٿيا ۽ مزوريءَ جو اگهه پڻ وڌيو.

⑥



# فتوحات چنگيز خان

چَنگِيزِ خان جي خاندان وارا منگول سردار، سندس ڏاڏي کان وٺي، ٻارهين عيسوي صديءَ ۾ سندن وطن منگوليا جي مرڪزي علائقي ۾ نروار ٿيا. قبيلائي اتحادن، ٽوڙي اختلافن، ڦڏن فسادن ۽ منجهن مسلسل جنگين ۽ جهيڙن جي نتيجي طور، آخر منجهن معروضي طور گهربل هڪڙو حقيقي ۽ نئون اتحاد قائم ٿيو. تنهن جي بنياد تي هنن هڪ باضابطه عسڪري سياسي تنظيم جي تشڪيل ڪئي. انهيءَ گهراڻي جي فرد چنگيز خان، تيرهين عيسوي صديءَ جي پهرين چوٿائيءَ دوران ايشيا ۽ يورپ جي ڪيترين ئي ننڍين وڏين رياستن کي فتح ڪري، پنهنجي وقت جي وڏي ۾ وڏي رياست قائم ڪري، سڄي دنيا تي پنهنجي هستيءَ جو ڌاڪو ڄمايو. اُتر مرڪزي منگولبيا ۾ سن 1162ع ڌاري پيدا ٿيندڙ چنگيزخان جو اصل نالو ”تيموجِن“ هو. هو بورجيگن قبيلي جو فرد ۽ خابُول خان جو اولاد هو. جنهن مان سندس پيءُ ”سُوخَئِي پيدا ٿيو هو. خابول خان 1100ع ڌاري، اتر چين ۾ قائم چِن يا جِن گهراڻي جي حڪومت خلاف جزوي ۽ مختصر طور تي مختلف

منگول قبيلن جو اتحاد جوڙيو هو. منگولن جي مخفي تاريخ موجب، چنگيز خان جي هٿ ۾ جائي ڄمر کان وٺي، خون جو هڪڙو داغ موجود هو. جيڪو منگول ڪٿا موجب هڪ سربراهہ / اڳواڻ جي قدرتي علامت ٿئي ٿو. سندس ماءُ ”هوئِلُن کيس منگول قبيلن جي جنگجو مِزاجَ جي ڪنورتا واري حقيقت کان پلي پٽ واقف ۽ سجاڳ ڪيو ۽ کيس منگول قبيلن ۾ ٻڌي پيدا ڪرڻ جي تلقين ڪئي. هن کي

نَوَنِ (9) سالن جي عمر ۾ سندس پيءُ چنگيز خان کي سندس مستقبل ۾ ٿيندڙ ”ڪُنوار، ”بورتي“ جي خاندان ۾ رهڻ لاءِ آٽي ڇڏيو. ڳوٺ ڏانهن موٽندي سندس پيءُ، يَسُوخئي کي هڪڙي مخالف تارار قبيلي جا ماڻهو مُنهن ۾ پئجي ويا، سي کيس پرچڻ جو بهانو بنائي سندن ديري تي وٺي ويا ۽ ساڻن دغابازي ڪرڻ جي انتقام طور کيس زهر ڏنائون. تنهن سبب هو مري ويو اها خبر ٻڌي، چنگيز خان پنهنجي گهر موٽي آيو ۽ گهر جو ۽ پنهنجي خانداني نُکَ جو اڳواڻ ٿيڻ جي تقاضا ڪئي، جيڪا سندس راڄ جي ماڻهن، سندس عمر ننڍي هئڻ جي بنياد تي قبول ڪا نہ ڪئي، اُتلو هن جي ننڍن ڀائرن ۽ ويڳڻ ڀائرن سميت کيس راڄ نيڪالي ڏنائون. تنهن ڪري اُهي ڀِنَڙِين ڀَرِينِ ٿي ويا. سندن ڪُٽنب تي معروضي دباءَ وڌي ويو. انهيءَ دؤران شڪار ۾ هٿ آيل مال جي ورهاست تان جهيڙو ٿي پيو، جنهن ۾ چنگيز خان پنهنجي ويڳي ڀاءُ کي ماري وڌو. انهيءَ ڀاءُ جو نالو بَختَر هو. تنهن کان پوءِ هن گهرجي وڏي جي حيثيت مڃائي ورتي. 16 سالن جي ڄمار ۾ چَنگِيز خان سندس مڱ بورتِيءَ سان شادي ڪري، سندس زال واري ڪونڪِيرَت قبيلي سان سندس قبيلي جو اتحاد مُستحڪم ڪيو. انهيءَ کان سِگهو پوءِ چنگيز خان جي هڪ مخالف قبيلي جي ماڻهن هٿان، سندس زال، بورتي اغوا ٿي وئي ۽ انهي مَرڪِت قبيلي جي سردار کي ڏني وئي، جنهن کيس پاڻ وٽ زال ڪري ويهاريو. پر چنگيز خان بورتيءَ واري قبيلي جي مدد سان بورتيءَ کي مَرڪَت قبيلي کان ڇڏائي آيو. ٿورن ڏينهن کان پوءِ بورتيءَ پهريون پٽ ڄڻيو، جنهن جو نالو ”جوچي“ رکئون مائيءَ جي اغوا سبب چنگيزخان جي ڪونڪِٽ قبيلي جي ماڻهن ڇوڪر جي حلالي هئڻ ۾ شڪ آندو، پر چنگيز خان ٻار کي پنهنجو حلالي اولاد تسليم ڪيو چنگيز خان کي بورتيءَ مان چار پٽ ٿيا. 20 سالن جي ڄمار ۾ سندس هڪڙي سابق اتحادي قبيلي سان تڪرار ۽ جهيڙي ۾ چنگيز خان گرفتار ٿي، انهيءَ تائچيئُت قَبِيلي ۾ غلام ٿي ويو پر ٿوري ئي وقت اندر انهيءَ قبيلي جي هڪڙي نيڪ نيت شخص جي همدرديءَ ۽ مدد سان، اتان ڪِسڪي ويو ۽ اچي پنهنجن ڀائرن سان گڏيو جتي صورتحال جي تقاضا موجب هن پنهنجن ڀائرن سان گڏ ٻين هم خيال قبيلن سان گڏجي هڪڙو عسڪري اتحاد قائم ڪيو ۽ اقتدار حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد جاري رکندي ويهہ هزار نوجوان منگولن جي هڪ منظم فوج تيار ڪري ورتي ۽ منگولن جي مختلف قبيلن ۾ وِرڇ سبب پيدا ٿيندڙ ڪمزوري ۽ لاچاريءَ کي ختم ڪرڻ ڪارڻ چنگيز خان سمورن پاڙيسري قبيلن سان رابطو ڪندو، سندن اختلاف ختم ڪندو، کين پاڻ ۾ پرچائيندو ۽ پاڻ سان اتحاد ۾ شامل ڪندو، پنهنجي قيادت ۾ منگول اڪثر قبيلن کي متحد ڪرڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ سان گڏ پنهنجي ويڙهاڪ تنظيم فوج کي مُيسر مناسب تربيت ڏئي تيار ڪري، اول پنهنجي پيءُ جي خون جو پلاند ڪرڻ لاءِ انهن قاتل تاتارِين تي ڪاهي ويو ۽ کين سخت شڪست ڏنائين، چنگيز خان پهرين تاتاري فوج ۾ قتلام ڪرايو.

تنهن کان پوءِ تاتارين جي هر نريني فرد کي قتل ڪرڻ جو حڪم ڪيو جنهن جو قد ٽن ڦُٽن کان ڊگهو هجي، تاتارين کي مات ڏيڻ کان پوءِ چنگيز خان جي منگول فوج تائيچيئُت قبيلن تي، سلسليوار ۽ لڳاتار گهوڙي سوار لشڪر جي چڙهاين ذريعي شاندار فتح حاصل ڪئي ۽ سندن سمورن جنگي سردارن ۽ راڄ جي چڱن مڙسن کي جيئرو جهلي ٻڌي پاڻيءَ جي ڪڙاهين ۾ ٽهڪندڙ پاڻي ۾ اُڇلائي، ٽهڪائي مارايو. تنهن کان پوءِ چنگيز خان سن 1206ع ۾ منگولن جي هڪڙي نهايت طاقتوَر سرڪش ۽ سندس مخالف، نائِمان قبيلي کي پڻ عبرتناڪ شڪست ڏئي، وچ ۽ اوڀر منگوليا جي سموري علائقي کي قبضي هيٺ آندو. سندس فوج کي حاصل ٿيندڙ ڪاميابين جو مکيہ سبب خود چنگيز خان جون تشڪيل ڪيل نراليون عسڪري حڪمت عمليون هيون، جن تي عمل ڪرڻ لاءِ سندس سکيا ڏِنل جاسوسي ڪندڙ نيٽ ورڪ جي جفاڪشيءَ سان دشمن فوج بابت گهربل صحيح معلومات مهيا ٿيندي رهي. جنهن جي بنياد تي، دشمن فوج جي چرپر کان بلڪل اڳ ۾ انهن جي خلاف جنگ جا بلڪل نرالا ۽ نامعلوم گُر ڪتب آندا ويندا هئا. اهڙيءَ طرح بهتر سکيا ورتل، چنگيز خان جي اسي هزار منگول فوج ۾ فوجي ضباطي مطابق رابطي جو پڻ هڪ نرالو نظام رائج هو جيڪو روشني ۽ دونهن تي مُبني هو. تنهن کان سواءِ نغارا ۽ مختلف رنگن جا جهنڊا بہ استعمال ۾ هئا. هر هڪ سپاهي، تير ڪمان، تير ڪش (تيرن سان ڀريل) هڪ ڍال، هڪ تلوار، هڪ خنجر ۽ هڪ سِرڱڻ ڦندي واري رسي سميت مڪمل طور هٿياربند هو هُن وَٽ هڪ واٽر پروف وڏو ٿيلهو بہ ساڻ هوندو هو، جنهن ۾ ڪاڏو، ڪپڙا ۽ ڪي ضروري شيون ڀيل هونديون هيون اهو ٿيلهو ضرورت پٽاندر پاڻيءَ ۾ ترڻ لاءِ سنڌ يا ٽُرهي جو بہ صحيح ڪم ڏيندو هو. چنگيز خان جي گهوڙي سوارسپاهيءَ وٽ هڪ چوٽي تلوار، نيزو جنگي تبر، زره، هڪ دوا جي شيشي ۽ هڪ ڊگهي سنهي چڙهہ بہ هُوندِي هئي. جنهن جي ڇيڙهي تي هڪ ڪُنڍو لڳل هوندو هو، جنهن جي مدد سان دشمن گهوڙي سوار کي گهوڙي تان ڪيرائيو هو. منگول هميشہ ڀرپور حملو ڪندڙ ويڙهاڪ هئا ۽ دشمن کي مڪمل طور تباهہ ۽ ناس ڪري ڇڏيندا هئا. اهي پنهنجي گهوڙن تي ضابطو سندن ٽنگن ذريعي ڪندا هئا. سندن آزاد هٿن سان اهي ضرورت موجب وٽن موجود سمورا هٿيار استعمال ڪري سگهندا هئا. سموري فوج کي وقت سر گهربل هر شيءِ پهچائڻ لاءِ هڪڙو جامع ۽ باضابطہ ٽرانسپورٽ نظام هو، جنهن جو بنياد ڍڳي گاڏين تي قائم ڪيل هو. منگول فوج ۾ طبي امداد ۽ دُعا ڦيڻي لاءِ بہ واسِطيدَار ويڄ طبيب ۽ روحاني بزرگ توڙي پوپا بہ موجود هوندا هئا، تنهن کان سواءِ مال غنيمت جي فهرست تيار ڪرڻ وارا اهلڪار پڻ منگول فوج ۾ موجود هئا.



مختلف منگول قبيلن تي فتح پائڻ سبب، غير منگول قبيلن جي سردارن بہ امن جي بدلي چنگيز خان کي پنهنجو حاڪم تَسلِيم ڪيو ۽ سندس ساراه طور ڪيس "چنگيز خان" جو لقب ڏنائون. انهيءَ لقب "چنگيز خان" جي معنيٰ آهي "سموري دنيا جو حاڪم". انهيءَ وقت کان وٺي سندس اصل نالي "تموجين" جي بدران ڪيس چنگيز خان سڏڻ شروع ڪيو ويو. انهيءَ لقب نہ فقط سندس سياسي اهميت ۾ تمام گهڻو اضافو آندو پر سندس روحاني قدر پڻ وڌي ويو. فوج ۾ موجود وڏي پروهت انڪشاف ڪيو تہ تيموجين نہ فقط چنگيز خان، يعني سڄي دنيا جو حاڪم آهي، پر اهو مونگِڪي ڪوڪو ٽينگري، يعني مَنگولَن جو سڀني کان وڏو ديوتا يعني خُدا جو نمائندو آهي. انهيءَ روحاني اعليٰ حيثيت واري انڪشاف جي بنياد تي انهي مفروضي کي پڻ تسليم ڪيو ويو، تہ تيموجين جي پاڳ ۾ واقع دنيا جي بادشاهي لکيل آهي ۽ هو واقع چنگيز خان آهي. چنگيز خان جي شهنشاهت ۾ سهپ ۽ صبر جو تہ رواج ۽ ناماچار هو پر چنگيز خان جي مزاحمت ڪرڻ خُدا تعاليٰ جي مزاحمت ڪرڻ جي برابر هو. انهيءَ خيال کي ايتري گهڻي مذهبي جنون سان مشتهر ڪيو ويو، جو چوڻ ۾ آيو تہ چنگيز خان هڪڙي دشمن جنگي سردار کي شڪست ڏيڻَ کان پوءِ چيو تہ "آئون الله تعاليٰ جو قهر آهيان جيڪڏهن توهان ڪبيرا گناه نہ ڪيا هجن ها، تہ الله پاڪ منهنجي صورت ۾ اوهان تي قهر نازل ڪو نہ ڪري ها." چنگيز خان پنهنجي قسمت آزمائڻ ۾ هڪ پل بہ ضايع نہ ڪيو. جڏهن تہ سندس لشڪر کي روحاني اُتساه تمام گهڻو پرجوش بنايو پر منگول لشڪر گهڻا ڪشالا ماحولياتي حالتن پٽاندر ئي ڪيا. چنگيز خان جي ملڪ ۾ آدمشماري وڌڻ سبب، ڪاڌ خوراڪ ۽ زندگيءَ لاءِ گذر جا وَسِيلا گهٽجڻ لڳا. تڏهن چنگيز خان سن 1207ع ۾ اتر اولهہ چين ۾ قديم شاهراه ريشم سان لڳو لڳ قائم، ايگزيا گهراڻي جي حڪومت واري رياست تي ڪاهہ شروع ڪئي ۽ سانده ٻن سالن جي طويل جنگ کان پوءِ ان کي زيرِ ڪيو ۽ پنهنجي مرضيءَ موجب واپار تي ايگزيا حڪومت طرفان مڙهيل محصول ختم ڪرائي، ڪيترو ئي ڏن وٺي پنهنجي وطن وريو. سن 1211ع ۾ چنگيز خان جي لشڪر چِن يا جِن گهراڻي جي اتر چين ۾ قائم بادشاهيءَ تي حملو ڪيو. چِن گهراڻي جي حڪومت پڻ منگوليا سان واپار بابت ڦڏو ڪيو هو. جڏهن تہ منگوليا کي چِن گهراڻي واري ملڪ ۾ پيدا ٿيندڙ مال جي سخت گهرج هئي، جنهن ۾ اناج جي سڀ کان گهڻي گهرج هئي. چِن گهراڻي سان جنگ ڊگهي ٿي وئي ۽ 1215ع ۾ چنگيزخان جي فوج، موجوده بيجنگ شهر ۽ ان جي آس پاس واري علائقي تي قبضو ڄمائي چِن حڪومت جي لشڪر کي شڪست ڏني، اُتان تڙي ڪڍيو. چن سرڪار مجبور ٿي منگولن جا شرط مڃيا. تنهن کان پوءِ چنگيز خان جي فوج، اولهہ طرف منگوليا جي سرحدي حڪومتن ۽ اسلامي دنيا ڏانهن چڙهائي ڪرڻ لڳي. شروعات ۾ چنگيز خان خوارزم واري اسلامي رياست سان سفارتي لاڳاپا قائم ڪيا ۽ هڪ واپاري ناهہ ڪيو. اها رياست انهيءَ وقت ترڪستان، پرشيا يعني فارس ۽ افغانستان تي مشتمل، هڪ وسيع ۽ خوشحال اسلامي رياست هئي، منگول سفارتي وفد ۾ جاسوسي ڪرڻ جو شڪ وجهي، اوتار صوبي جي گورنر مٿس حملو ڪيو. جڏهن انهي واردات جي چنگيز خان کي خبر پئي تہ هن خوارزم جي حڪومت کان، پنهنجو ايلچي موڪلي اوتار جي ڏوهاري گورنر جي ٻانهن جي گهر ڪئي. خوارزم جي بادشاهہ شاه محمد، منگول بادشاه جي گهُرَ کي ناجائز ڌمڪي سمجهي،

گورنر جي ہانهن تہ ڪا نہ ڏني، اٽلو منگول ايلچيءَ کي مارائي، انهيءَ جي سسي شهہ طور چنگيز خان کي ڏياري موڪلي، بادشاهہ شاهہ محمد جي انهيءَ غصو ڏياريندڙ عمل، قهر خدائيءَ کي دعوت ڏني، جنهن سموري وچ ايشيا کان وٺندي اوڀر يورپ تائين سمورين قومن ۾ ڪوس ۽ شهرن کي ساڙي تباهہ ڪري ڇڏيو. سن 1219ع ۾ چنگيز خان پنهنجي ہہ لک سپاهين جي منگول لشڪر جي خوارزم جي حڪومت جي خلاف ٿيندڙ حملي جي ڪمان خود پاڻ سنڀالي. انهيءَ حملہ آور لشڪر کي ٽن حصن ۾ ورهايو ويو هو. منگول لشڪر خوارزم جي هر شهر ۾ ڪوٽن ۽ قلعن کان وٺي نہ ختم ٿيندڙ وحشيت ۽ ڪنورتا جو نهايت پيمانہ عمل جاري رکندي، مڪمل طور تباهہ ڪري ڇڏيو. شهر ۾ جيڪي ماڻهو ڪوس هلندي ہہ مرڻ کان بچيا، اُنهن کي ہہ ٻئي شهر تي حملي دوران ڍال طور استعمال ڪندي ماريو پئي ويو. شهرن ۾ گهرو جانورن سميت ڪا ہہ ساهہ واري جِنس پويان جيئرِي ڪا نہ ڇڏيائون. مردن، عورتن ۽ ٻارن جي کوپرين سان تمام وڏا مخطروطي مُنارا ٺاهيا ويا هڪ شهر کان پوءِ وري ٻئي شهر ۾ واري واري سان ماڻهو ماريندا، ملڪيتون ڦريندا، باهيون لڳائندا تباهہ ڪندا آيا ۽ آخر ۾ بادشاهہ ۽ پوءِ سندس پٽ کي ماري سن 1221ع ۾ خوارزم گهراڻي جو انت آندو ويو. انهيءَ دور ۾ چنگيز خان جي فتوحات، يورپ ۽ چين جي مکيہ تجارتي مرڪزن کي هڪٻئي سان ڳنڍي ڇڏيو هاڻي چنگيز خان جي توسيع ٿيل شهنشاهت جو ڪار وهنوار ۽ نظم و ضبط مگنولن جي مُروج دستور العمل مطابق هلائڻ لڳا. انهيءَ قانون کي ”لاسا“ سڏبو هو. انهيءَ دستور ۾ شهنشاهہ چنگيز خان جا اهي فرمان ۽ فيصلا پڻ شامل آهن، جن وسيلي قتل يا خون وارن فسادن، زنا ڪاريءَ، چوريءَ ۽ ڪوڙي شاهديءَ تي سَخت بندش لڳائي وئي هئي. انهيءَ رياستي قانون ۾ منگولن وٽ سماجي ماحول لاءِ عزت ۽ احترام جي جهلڪ ہہ ڏسڻ ۾ پي آئي. جهڙوڪ ندين نالين ۽ پاڻيءَ جي وڏن وهڪرن ۾ وِهنجڻ تي بندش پيل هئي. فوج جي سفر دوران، اڳيان ويندڙ سپاهيءَ جو هلندي ڪيرائيل سامان، سامان ڪيرائيندڙ سپاهيءَ جي پويان ايندڙ سپاهيءَ کي، کڻڻ لاءِ حڪم ڏيڻ تي ہہ بندش پيل هئي. مٿي لکيل قانونن جي ڀڃڪڙي ڪرڻ جي سزا معمول موجب موت جي سزا هوندي هئي. فوجي توڙي سرڪاري اهلڪارن جي عهدي ۾ ترقيءَ جو مدار مِٽي ماڻٽي ۽ سفارش تي نہ، پر فقط لياقت ۽ قابليت تي رکيل هو. ڏنِ، ڍل ۽ محصول ۾ مذهبي پيشوائن ۽ ڪجهہ مخصوص پيشہَ وَر افراد کي ڇوٽ مليل هئي. چنگيز خان جي منگول سلطنت ۾ سڀ ۽ مذهبي رواداري ہہ موجود هئي. مذهب کي فرد جو ذاتي معاملو قرار ڏنل هو. مذهب جي رياستي اُمور ۾ مداخلت جي منع ٿيل هئي. البت ڪنهن ہہ مذهب تي ڪا بندش ڪا نہ هئي. وچ ايشيا واري اسلامي رياست خوارزم سان جنگ هلندي، چنگيز خان جو حڪم نہ مڃيندي، پنهنجي گهربل فوج چنگيز خان ڏانهن ڪا نہ موڪلي ۽ کليل مخالفت ڪرڻ لڳي. تنهن ڪري انهي اوڀر چين ۾ قائم تينگڱُت رياست جي شهرن کي فتح ڪرڻ واري سلسلي دوران چنگيز خان دشمن فوج کي شڪست فاش ڏني ۽ گاديءَ واري شهر ”ننگ هِيا، کي ڦرلٽ ۽ غارتگري وسيلي مڪمل طور تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيو. تنهن کان پوءِ تينگُت اَهلڪارَ هڪ ٻئي پويان آڻ مڃيندا آيا ۽ اهڙي ريت جنگ ختم ٿي. چَنگِيز خان تينگُت رياست وارن سان سمورو وير تہ ڪو نہ ختم ڪيو نہ ئي سمورو بدلو ورتو پر شاهي گهراڻي کي موت جي سزا ڏئي، ان جو مڪمل خاتمو ڪيو. پنهنجي وفات کان اڳ، چنگيز خان سندس پُٽ



اوگدئي کي پنهنجو جاءِ نشين ۽ حڪومت جو سربراه بڻايو چِنن سميت اوپر ايشيا جي وڏي ڀاڱي تي اوگدئي جي حڪومت قائم ٿي ۽ سلطنت جو باقي بچيل حصو چنگيز خان جي ٻين پٽن ۾ ورهايو ويو. سندس پٽ چغتائي اتر ايران سميت وچ ايشيا ۾ پنهنجي حڪومت قائم ڪئي. سيني ۾ ننڍي ياءِ هجڻ سبب، تولوئي کي منگوليا جي پر ۾ هڪڙي ننڍڙي علائقي جي مالڪي نصيب ٿي. سندس پٽ جُوچي، جيڪو چنگيز خان جي وفات کان اڳ ماريو ويو هو جوچي ۽ سندس پٽ، باٽُو کي جديد روس تي قبضو حاصل ٿيو.

چنگيز خان پَنهِنجي قبيلي جو سردار چونڊجڻ کان ٽُرت پوءِ، پنهنجي پهرين فوجي مهم شروع ڪئي ۽ تينگٽ رياست جي گادي واري شهر تي سن 1209ع ۾ آسانيءَ سان قبضو ڪري ورتو. گاديءَ واري شهر ايگزي ايگزيا پهچڻ لاءِ منگول فوج کي گوبي نالي طويل رڻ پٽ جهاڳڻو ٿي پيو اهو مشڪل پنڌ ڄاڻي، شهر کي ويجهو هڪ جابلو لڪ مان لنگهي آسانيءَ سان شهر پهچڻ گهريو جتي رسندي دشمن سان شديد جنگ چالو ٿي وئي، اُتان گوهي ڏئي منگول فوج تينگٽ فوج کي پنهنجي گهيري ۾ آڻي، آڻ مڃائي ۽ شهر تي قبضو ڪري ورتو ۽ اهو شهر منگولن کي ڏن ڏيندڙ شهر ٿِي پيو جنهن سان گڏ منگولن کي شاهراه ريشم تي موجود زبردست نخلستان بہ قبضي هيٺ آيو ۽ شهر ۽ شاهراه تان ويندڙ ۽ ايندڙ تجارتي مال تان ملندڙ محصول بہ ملندو رهيو.تينگِٽ رياست جي بادشاه، چنگيز خان کي پنهنجي ڌيءَ جو سڱ ڏنو ڪيتروئي نذرانو پيش ڪيو انهيءَ شهر جا مختلف هُنرن جا ٽيهہ هزار ڪاريگر منگوليا آندا ويا.جِن منگوليا جي گادي واري شهر ڪراڪورم جي تعمير ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. تنهن کان پوءِ چنگيز خان اترچين ۾ قائم چِن يا جِن گهراڻي واري حڪومت تي سن 1211ع ۾ ڪاهہ ڪئي ۽ ميدان جنگ ۾ تہ منگول سوپارا ٿيا، پر وڏن شهرن کي فتح ڪرڻ ۾ ڏکائي ٿي. تنهن ڪري هنن معروضي صورتحال جو ويهي ڀوڳ ڪوڙهو اپياس ڪيو ۽ چيني انجينئرن جي مدد سان نيون ۽ نراليون حڪمت عمليون ۽ گُر جوڙي ورتا ۽ عسڪري تاريخ ۾ منگول فوج پنهنجي وقت جي ڪامياب فوج ٿي پئي ۽ نتيجي طور جنگ جي ميدان ۾ ڪنئين سويون ماڻي، ڪيترن ئي ڪوٽن ۽ قلعن وارن شهرن تي قبضو ڪيو. سن 1213ع ۾ چنگيز خان چِن گهراڻي واري اتر چيني رياست فتح ڪري ڏکڻ طرف عظيم ديوار چين تائين پنهنجي حڪومت کي مستحڪم بڻايو. تنهن کان پوءِ چنگيز خان پنهنجي فوج کي ٽن ڀاڱن ۾ ورهائي، ديوار چين ۽ هُڪانگ هي جي وچ ۾ چِن رياست جي دل يعني مرڪز ڏانهن پيش

قدمي ڪندي، چِن فوج کي شڪست ڏني. اتر چين کي برباد ڪري، ڪيترن ئي ننڍن وڏن شهرن تي قبضو ڪرڻ کان پوءِ سن 1215ع ۾ چِن گهراڻي جي رياست جي گاديءَ واري شهر يا نِچِنگ، جيڪو پوءِ بيجنگ سڏجڻ لڳو جو گهيرو ڪيو ۽ چند ڏينهن اندر قبضو ڪري خوب ڦرلٽ ۽ غارتگري ڪئي. بادشاه آڻ ڪا نہ مڃي، پر پنهنجي گادي وچي هڪ ڏوراهين شهر" ڪائيفينگ ۾ قائم ڪئي. انهيءَ وقت نائمان منگوليا جي معزول حاڪم اولهہ طرف پيچي وچي ڪراڪيتاء رياست تي قبضو ڪيو جيڪا چنگيز خان جي طرفدار ۽ اتحادي هئي. انهي وقت مسلسل ڏهن سالن تائين چيتيون لڙايون لڙندي ڪُچلُگ منگول فوج ٽڪي چُور تي پئي هئي. تنهن ڪري چنگيز خان، هڪ ڏاهي نوجوان سالار جيبي جي اڳواڻيءَ ۾ نائمان جي معزول حاڪم ڪُچلُگ تي بہ فوجي پلٽنون چاڙهي موڪليون. پئي طرف منگول جاسوسن ڪُچلگ جي لشڪر ۾ وڳوڙ پيدا ڪري وڌو. اهڙيءَ طرح جيبي تمام تيزيءَ سان وچي دشمن لشڪر تي ڪاشغر شهر جي اولهہ طرف ڀرپور حملو ڪري دشمن فوج کي شڪست ڏني ۽ ڪچلُگ گرفتار ڪري پوءِ ماري ڇڏيو ۽ ڪراڪيتاء واري رياست منگول شهنشاهت ۾ شامل ٿي وئي. سن 1218ع ۾ چنگيز خان ڪراخيتائي نالي هڪ باغي ننڍڙي رياست تي ويهہ هزار گهوڙي سوارن جي لشڪر کي جيبي جي قيادت ۾ چاڙهي موڪليو جنهن دشمن جي گاديءَ واري شهر تي تمام تيزيءَ سان ڀرپور حملو ڪري ترت ئي مڪمل قبضي ۾ آڻي، حاڪم، نواب کي گرفتار ڪري قتل ڪيو ويو ۽ شهر ۾ ڦرلٽ ڪري تاراج ڪيو ويو ۽ اُها ننڍي رياست ڪراخيتائي منگوليا سان ملائي وئي وچ ايشيا واري رياست خوارزم 1220ع ۾ مڪمل طور فتح ٿي تنهن جو احوال اڳ ۾ آيل آهي. سن 1219ع ۾ چنگيز خان پنهنجي هڪ لک ڏهہ هزار فوج کي ٻن ڪالمن ۾ ورهائي بخارا ۽ اُترار شهرن جو گهيرو ڪرايو جتي منگول فوج هڪ مهيني جي محاصري کان پوءِ انهن شهرن تي قبضو ڪيو. اتان قسمت سان ڪسڪي آيل هڪ اکين ڏٺي شاهد جو بيان آهي تہ اُهي (منگول) آيا، زوري زنا ڪئي، ماڻهن جو ڪوس ڪيو ڦُر لُٽ ڪئي، باهہ لڳائي شهر پڙپانگ ڪندا هليا ويا. اُترار شهر ۾ بہ هڪ لک کن سِپِيُون ڏڙن کان ڏار ڪري مِٽي ۾ گوليون ويون، چنگيز خان بخارا شهر جي هڪڙي مسجد ۾ لنگهي ويو جتي هن قرآن شريف جي ڪوڪن مان قرآن شريف ڪيڏائي، انهن ڪوڪن ۾ پنهنجي گهوڙن جو داڻو وجهايو. مسجد مان ٻاهر نڪرندي، مقامي ماڻهن کي چيو تہ آئون خدا جو قهر آهيان. جيڪڏهن اوهان ڪبيرا گناه نہ ڪريو ها تہ الله اوهان کي سزا ڏيڻ لاءِ مون وانگر ڪو قهر نازل ڪو نہ ڪري ها! چنگيز خان بخارا شهر جي حاڪمن کي حڪم ڪيو تہ شراب، گهوڙي جي ڪير جو ڏونرو ۽ ڪي موسيقار آڻيو تنهن کان پوءِ امير طبقي کي حڪم ڪيو تہ توهان پنهنجا سمورا زر زيور ۽ هيرا موتي آڻي منهنجي پيرن اڳيان رکو. منگول فوج شهر ۾ کڻڻ لائق ڪا بہ شيءِ اتي ڪا نہ ڇڏي ۽ سموري ملڪيت ڪٽي ويا. ويندي مسجد کي باهہ ڏني، جنهن پڪڙجي سموري شهر کي ساڙي ڇٽ ڪري ڇڏيو. سن 1220ع ۾ چنگيز خان خوارزم رياست جي گادي واري شهر سمرقند تي حملو ڪيو تہ بادشاه پنهنجي هڪ لک ڏهہ زار فوج جي پهري ۾ فرار ٿي ويو. باقي شهر جي اميرن ڪوٽ جا دروازا کولي فوج کي رحم جي اپيل ڪئي. منگول هاڻي ٽڪي پيا هئا، پر شهر جو ڪوٽ ٽوڙي ڪيرائي ڇڏيو شهر کي پاڻي رسائيندڙ شاخ پيچي برباد ڪري ڇڏي، هڪ لک کن ماڻهو ماري ڇڏيا. سموري

مال ملڪيت سان گڏ اٽڪل ٽيهه هزار مختلف هنرن جا ڪاريگر، جهڙوڪ لوهار، واڍا، رازا، ڪوري، خوش نويس، منشي، ويج ۽ طبيب گرفتار ڪري سندن ملڪ منگوليا اماڻيا ويا. منگولن تنهن کان پوءِ شاهراه ريشم تي قائم ٻين تجارتي مرڪزن وارن شهرن جهڙوڪ ازبڪستان جو شهر اُرگينچ ترڪمانستان جو شهر مرو، افغانستان جي شهرن بلخ، غزني ۽ هرات ۽ ايران جي شهر نيشاپور وغيره کي قتل و غارت ۽ ڦرلٽ ڪري اُجاڙي ڇڏيو. مسلم تاريخدانن موجب اڙل سمنڊ جي نزديڪ اُرگينچ شهر جي هڪ لک ماڻهن کي قتل ڪيو ويو ۽ شهر کي پاڻي سان ٻوڙي غرق ڪرڻ لاءِ هڪڙي نديءَ جو رخ ڦيرائي شهر ڏانهن ڪيو ويو موجوده ترڪمانستان رياست وارو شهر مرو، سلجوق ترڪ مسلمانن جي دؤر حڪومت دؤران محلن ۽ محلاتن، ڪُتب خانن، اعليٰ تعليمي ادارن، سائنسي علمن جي رسد گاهن ۽ تجربيگاهن ۽ باغ باغيچن سان آراسته هڪ عاليشان شهر هو. اتي 1218ع ۾ چنگيزخان جي قاصدن اچي شهر جي سلجوق حاڪم کان خراج ۽ شهر جون تمام خوبصورت عورتون گهربل تعداد ۾ پيش ڪرڻ جي طلب ڪئي. سلجوق حاڪم غصي ۾ اچي سمورن قاصدن کي مارائي ڇڏيو. ٽن سالن کان پوءِ مقتول قاصدن جو بدلو وٺڻ خاطر شهر تي منگولن جو وڏو ڪٽڪ چڙهي آيو ۽ هٿيار ڦٽا ڪري آڻ مڃڻ جي زوردار گهُر ڪئي، جيڪا ترت قبول ڪا نه ڪئي وئي، ته پوءِ منگول راڪاسن وانگر چِتا تي پيا ۽ پنهنجي فوج کي حڪم ڏنو ته هر سپاهي تي سؤ کان چار سؤ بيگناه ماڻهن کي ضرور قتل ڪري، ڪمال وحشت سان منگولن شهر ۾ هڪڙو به جڻ ٻچو جيئرو ڪو نه ڇڏيو ۽ سڀ رَهواسي ماري ڇڏيا ۽ پوءِ ڦرلٽ پڄاڻان، شهر نذرِ آتش ڪري ڪُوچ ڪيو. سندن وڃڻ کان پوءِ شهر ۾ هڪ ساهوارو به بچيل ۽ جيئرو ڪو نه هو. اهو شهر ايندڙ هڪ سؤ سالن تائين به چڱي پر آباد ٿي نه سگهيو. ڪيترن ئي تاريخدانن جي راءِ موجب قتلام جي سلسلي ۾ ڏنل انگ اکرن ۾ تمام گهڻو مبالغو ڪيل آهي، راءِ ڏني وئي آهي ته حقيقت ۾ ذڪر هيٺ آيل تقريباً سمورن شهرن ۾ انهيءَ دؤر ۾ ايتري گهڻي تعداد ۾ ماڻهو موجود ئي ڪو نه هئا. هڪڙي يورپي تاريخدان، لاري، موسز لکيو ته منگولن ساڻن وڙهندڙ دشمن فوجن کي ته يقيناً ماري مليا ميٽ ڪيو ۽ دهشت پکيڙڻ لاءِ عام ماڻهن کي ڪافي تعداد ۾ قطارن ۾ آڻي توبن جي اڳيان بيهاري توبن جي گولن سان اجتماعي طور تي ماريندا هئا، پر آئون يانيان ٿو ته انهن، جاڻايل تعداد ۾ عام ماڻهو ڪو نه ماريا هوندا، ڇو ته پنهنجو ڦرلٽ ۾ گڏ ڪيل ۽ فوج جو ٻيو به تمام گهڻو سامان ڍوهڻ لاءِ منگولن کي هر هنڌ ڪم وارن ماڻهن جي سدائين ضرورت هوندي هئي، ڪين قبضي هيٺ آندل شهرن جو نظم ۽ ضبط بحال ڪرڻ ۽ انتظام سنڀالڻ لاءِ به مقامي ماڻهن ۽ ملازمن جي سخت ضرورت هوندي هئي. منگول افغانستان جي شهر هرات ۾ 1221ع ۾ آيا ۽ شهر تي قبضو ڪيو ۽ شروع ۾ ماڻهن کي مارڻ چالو ڪو نه ڪيو، پر جڏهن ماڻهن منگول فوج سان تڪرار ۽ شدو مدو ڪرڻ چالو ڪيو. تڏهن چنگيز خان سندس جنرلن مان هڪڙي کي چيو ته هاڻي جڏهن هنن مُئلن مثل ماڻهن ۾ ساهه پئجي ويو آهي ۽ اهي سرڪشي ڪرڻ لڳا آهن. تنهن ڪري آئون اوهان کي حڪم ٿو ڪريان ته سندن سِسِيون ڌڙن کان ڌار ڪيون وڃن. تنهن کان پوءِ انسانيت کان ٻاهر ٿي ڪنور منگولن مجبور ۽ لاچار رعيت ۾ ٻاڪر ڪُنو مچائي ڏنو ۽ خبرن جي اشاعت موجب، فقط چاليهن ماڻهن کان سواءِ شهر جي سمورن ماڻهن کي تَهِ تيغ ڪيو. انهن جو تعداد هڪ هنڌ تيرهن لک

جاڻايل آهي. اهو يقيناً گهڻو مبالغو آهي. البت ڪن هنڌن اهو تعداد هڪ لک سٺ هزار ڏيکاريل آهي، جيڪو البت گمان ۾ اچي سگهي ٿو. خوارزم جي شهرن کي فتح ڪرڻ کان پوءِ چنگيز خان ڏکڻ طرف رخ ڪيو ۽ سال 1221ع ۽ 1222ع افغانستان ۾ موجود هندوڪش جي ماٿرين ۾ گذاريو. سن 1221ع کان 1223ع تائين سندس جنرلن هڪ صوبيدئي ۽ ٻئي جيبي پنهنجي ويهه هزار گهوڙي سوار فوج سان ڪيسپئين سمنڊ جي چوڌاري چڪر ڏيندي، سامهون ٿيندڙ هر هڪ لشڪر کي ناس ڪري ڇڏيو. جنرل صوبيدئي ۽ جنرل جيبي جارجيا ۾ ٻن وڏن لشڪرن کي شڪست ڏئي، ڪاڪيشيا جي جبلن جي قطار سياري جي مند ۾ پار ڪري اسي هزار روسي فوج کي شڪست ڏني، جنهن جي ڪمان ڪيف، چرنيگوف، گاليشيا ۽ سُزدال جي ڇوٽين رياستن جا شهزادا ڪري رهيا هئا. اها جنگ 1223ع ۾ ڪِئاڪا نديءَ وٽ لڳي هئي. ڪاڪيشيا جي جارجيئن ۽ ڪيوبين قبيلن کي شڪست ڏيڻ کان پوءِ منگولن جي هي ٿوري فوج سن 1222ع ۾ ڪيوبان واري نيم خشڪ ميداني علائقي ۾ پيش قدمي ڪرڻ لڳي. حرفت سان تيز چال مِلائيندي، منگولن ڪيومانن کي وري ٻيو ڀيرو بہ شڪست ڏني ۽ استراخان تي قبضو ڪري ورتو. تنهن کان پوءِ منگول فوج ڊون درياهہ اُڪري روس ۾ داخل ٿي ڪرائميا رياست وچان لنگهي، منگول لشڪر سودڪ واري قلعي تي يلغار ڪئي، جيڪو ڪيسپيئن سمنڊ جي ڏکڻ اوڀر ڪِناري تي ٿهيل هو. تنهن کان پوءِ اهو منگول لشڪر وري اتر طرف ڦيرو ڪائي موجوده دؤر ۾ ”يوڪرين“ سڏجندڙ رياست ۾ داخل ٿي ويو. تڏهن منگول جنگي سردارن ڀانيو تہ هنن پنهنجي مهم ۽ مُراد پوري ڪري ورتي هئي. منگوليا ڏانهن واپس ورڻ کان اڳ پنهنجي فوج کي آرام ڪرائڻ ۽ ٽڪ پچائڻ ۽ ان کان سواءِ يوڪرين جي اتر ۽ اولهہ وارين رياستن ۽ حڪومتن جي معروضي، سياسي، معاشي ۽ معاشرتي ٿوس حالتن جي حقيقي ڄاڻ حاصل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ ڊنيپَر درياه جي منهن جي ويجهو مناسب ماڳ وٽ ڇانوڻي ڪيمپ لڳائي ۽ سندن جاسوس ساٿي سموري اوڀر ۽ وچ يورپ ۾ پکڙجي ويا. عين انهيءَ وقت، روس ۽ ڪيومان رياست جي اسي هزار سپاهين تي مُشتمل گڏيل فوج ڪيف جي شهزادي، مِستيسلاف جي سالاريءَ تحت، منگول فوج جي خلاف شهہ ڏيندڙ



گشت چالو ڪيو. منگول ڪمانڊر جيبي ۽ ٻئي ڪمانڊر سُبيتئي، گشت ڪندڙ فوج کي امن جي اپيل ڪئي، پر اها قبول ڪا نہ ٿي، اُلٽو سندن قاصدن کي بہ قتل ڪيو ويو. تڏهن منگول فوج حملو ڪري هلِها ندي جي ڪنارن تي مستيسلاف جي فوج کي درهم برهم ڪري ڇڏيو. انهيءَ وقت چنگيز خان جي قاصد منگول فوج لاءِ نئون حڪم آڻي ڏنو تنهن موجب اها فوج پنهنجو رخ تبديل ڪري اوڀر طرف هلڻ لڳي. انهيءَ وقت منگول فوج ڪيسپئين سمنڊ جي اتر طرف وٺان پي وئي تہ جنرل جيبي اوچتو بيمار ٿي پيو ۽ مري ويو. سن 1224ع ۾ ڪمانڊر سُبيتئي، منگول فوج کي ڇهہ هزار چار سؤ ڪلوميٽرن جو ڊگهو پنڌ ڪرائي، خوارزم جي وڏي رياست کي فتح ڪري موٽندڙ مکيہ منگول فوج، جنهن جي قيادت چنگيز خان پاڻ پئي ڪئي، انهي سان ڏکڻ روس ۾ موجود ارٽش نديءَ جي نزديڪ آڻي گڏايو. چنگيز خان ضروري آرام ۽ نئين جوڙجڪ سان شڪست کائڻ کان پوءِ وري بہ سرڪشي ڪندڙ حاڪمن ۽ جنگي سردارن جي سَرڪُوبيءَ لاءِ سنيت ڪئي. خوارزم کي آزاد ڪرائڻ لاءِ بادشاه جي پُٽَ جلال دين 1923ع ۾ چڙهائي ڪئي پر سوپارو ڪو نہ ٿيو ۽ پوءِ ٻي ڪاهہ ۾ منگولن کي شڪست ڏني چنگيز خان جلال دين جي بهادريءَ کي ساراهيو. سموري اولهہ ترڪستان تي قبضو ڄمائڻ کان پوءِ حڪم عدولي ڪندڙ ايگزي ايگزيا جي سرڪش بادشاهہ کي سزا ڏيڻ لاءِ موٽيو جتي منگولن وڏي ويڙهہ کان پوءِ تيئنگت شهر تي قبضو ڪري ورتو ۽ حڪمرانن سميت سندن سَمُوري قبيلي کي ماري ڇڏيو. سن 1226ع جي پڇاڙيءَ ۾ چن ۽ اولهہ ايگزيا جي سرڪش حڪمرانن کي سيکت ڏيڻ لاءِ سخت سياري ۾ بہ منگول فوج ڪاهہ ڪئي ۽ پاري ۾ ڄمي ويل هُئانگ هي نديءَ جي ڪنارن وٽ وڃي دشمن فوج سان جنگ جوٽي، جتي وڏي ويڙهہ کان پوءِ آخرڪار دشمن جي ٽن لکن کان بہ وڌيڪ فوج کي شڪست ڏئي مفلوج ۽ منتشر ڪري ڇڏيو. ويسترن ايگزيا جي بادشاه کي بہ منگولن جبلن ۾ ٺهيل هڪ قلعي ۾ گهولهي لڏو ۽ قتل ڪيو. سندس پٽ پڇي وڃي اوچي ڪوٽ واري شهر ننگزيا ۾ لِڪو، جيڪو شهر منگولن کان فتح ڪرڻ کان رهجي ويو هو. اهو شهر هٿ ڪرڻ لاءِ فوج جي ٽئي حصي کي اتي ڇڏي چنگيز خان باقي فوج جي اڌ حصي جي ڪمان جنرل اوگدئي کي سونپي، چن واري هارايل فوج کي، هئانگ هي نديءَ جي اُتر طرف سندن آخري ٽڪاڻي تي چڙهائي ڪري ماري ميچائي ۽ منتشر ڪري پڇائڻ واسطي ڪيس اوڀر طرف روانو ڪيو ۽ باقي بچيل لشڪر ساڻ، نئين سر هٿيار بند ٿيندڙ سونگ حڪومت جي لشڪر کي ننگزيا شهر جي بچاء خاطر، اوڏانهن وڃڻ کان روڪڻ لاءِ، چنگيز خان پاڻ اوڀر ڏکڻ طرف صوبي ديچوآن ڏانهن رواو ٿيو جتي تنهي دشمن رياستن، ويسترن ايگزيا، چِن ۽ سونگ رياستن جو ميلاپ هو. اتي پهچڻ کان پوءِ ويسترن ايگزيا رياست جي نئين حاڪم آڻ مڃي، جيڪا چنگيز خان قبول ڪئي، پر چِن حڪمران جي امن جي آڇ کي رد ڪري ڇڏيو. موت جا پرون پوَڻ ساڻ، چنگيز خان وطن ورڻ جي سنيت ڪئي، پر هُن پنڌ ۾ ئي پساه پورا ڪيا ۽ جيئرو وطن ڪو نہ پهتو. سن 1227ع ۾ مرڻ جي پاٿاريءَ تي پيل هوندي بہ وٽس حاضر سندس سيني کان ننڍي پٽ ٽُولُئي کي سندن دشمن، چِن سُلطنت جي مڪمل خاتمي لاءِ سندس جوڙيل جنگي منصوبو ۽ حڪمت عملي نهايت سياڻپ سان سمجهائي، تہ جيئن سندس جاءِ نشين انهيءَ کي هِنيين سين هنڊائين.

⑥




# برطانيه جي شهنشاهي

برطانوي شهنشاهيت، پنهنجي مُلڪ کان سواءِ، دنيا جي ڪيترن ئي ٻين مُلڪن، علائقن ۽ ٻيٽن تي زوريءَ قبضو ڪري، سندس سامراجي حڪومت قائم ڪئي ۽ انهن ملڪن ۽ علائقن تي، پنهنجي انتظامي حوالي سان درجي بنديءَ موجب مخصوص نالا ڏنا، جهڙوڪ Dominions ڊومينيئنس يعني سڌي حڪمرانيءَ هيٺ، ٻيا مُلڪ؛ Colonies ڪالونيز يعني ٻينڪون ٽيان Protectorates پروٽيڪٽوريٽس، يعني زير حمايت مُلڪ Mandates مينڊيٽس يعني چونڊيل حڪومت وارا قبضي هيٺ علائقا. برطانيه، انگلينڊ هٿان، سورهين ۽ ارڙهين عيسوي صدين جي وچ ۾، دنيا جي مختلف ڪنڊن جي مُلڪن ۾ سندس سامراجي تسلط قائم ڪرڻ جي شروعات ڪئي ۽ پنهنجي عروج واري هڪ صديءَ کان ٻه وڏيڪ عرصي دوران اها (برطانوي) شهنشاهيت، سڀني کان وڏي عالمي طاقت جي حامل هئي. 1922ع ۾ اٽڪل 458 مِلين آدمشماري، جيڪا تڏهن دنيا جي ڪُل آدمشماريءَ جو تقريباً پنجون حصو هو، سندس رَعِيَت هُئي ۽ ٽي ڪروڙ ستٽيهه لک چورس ڪلوميٽر، برابر هڪ ڪروڙ ٽيهه لک، ٻارهن هزار چورس ميل ايراضي، يعني ڌرتيءَ جي ڪل خشڪي ايراضيءَ جو اٽڪل چوٿون حصو برطانوي سامراج جي تسلط هيٺ هو. نتيجي طور



سندس سياسي، قانوني، لساني ۽ ثقافتي ورثو دنيا ۾ گهڻو پکڙيل هو. سندس عظيم ترين عالمي سامراج جي حيثيت بابت هِيءَ چوَڻي مشهور ٿي ته: ”اُها شهنشاهت / سلطنت، جنهن تان سج ڪڏهن به نٿو لهي، سا برطانيه واري (سامراجي) بادشاهي آهي“. پندرهين ۽ سورهين عيسوي صدين ۾ دنيا جي نِت نوَن علائقن ۽ مُلڪن کي ڳولي هٿ ڪرڻ واري عرصي دوران، ٻن يورپي ملڪن: پُرتگال ۽ اسپين دنيا جي اڻ ڏٺل مُلڪن ۽ ماڳن کي ڳولي لهڻ واري مهم جوئيءَ جي شروعات ڪئي ۽ لڌل علائقن ۾ پنهنجون بينڪي (سامراجي) حڪومتون قائم ڪيون. انهن سامراجي حڪومتن جي قيام جي هِرس ۾ انگلينڊ، نيدرلينڊس ۽ فرانس، آمريڪا، ايشيا، آفريڪا توڙي آسٽريليا کنڊن ۾ اول پنهنجا تجارتي مرڪز ۽ پوءِ اتي پنهنجون بينڪون بنائڻ شروع ڪيون.

سترهين ۽ ارڙهين عيسوي صدين دوران، فرانس ۽ نيدرلينڊس سان جنگين جي ڊگهي سلسلي جي نتيجي طور، انگلينڊ سن 1707ع ۾ اسڪاٽ لينڊ سان اتحاد ڪري United Kindom of Great Britain عظيم برطانيه واري گڏيل بادشاهت بنيو ۽ اتر آمريڪا کنڊ ۽ هندستان جي ننڍي کنڊ ۾ برتري ۽ سبقت رکندر سامراجي طاقت ٿي اُڀريو پر جڏهن 1783ع ۾ آمريڪا، برطانيه کان آزاديءَ واري جنگ کٽي، پنهنجون تيرهن بينڪي رياستون آزاد ڪرايون، تڏهن اهو وڏي شڪست ۽ نِدامت جو سبب بڻيو تنهن ڪري پاڻ تان ذلت جو داغ لاهڻ ۽ وِڃايل حيثيت بحال ڪرڻ ڪارڻ ٽُرت ئي ايشيا، آفريڪا ۽ پيسفڪ وارن علائقن ڏانهن سامراجي جارحيت اختيار ڪئي ۽ 1815ع ۾ فرينچ سامراجي حڪمران، نيپولين بوناپارٽ کي شڪست فاش ڏيڻ کان پوءِ پنهنجي وڃايل طاقت بحال ڪئي ۽ تقريباً هڪ صديءَ تائين وري به ناقابل شڪست عالمي طاقت طور دنيا ۾ لڳاتار حملا ۽ قبضا ڪندو پنهنجون بينڪون وڌائيندو ويو جن مُلڪن ۾ برطانيه، برطانوي ۽ ٻين يورپي نسلن جي (گورن) ماڻهن کي آڏي ويهاريو هو انهن جي طفيل، انهن

بيٺڪن کي ڪجهه حد تائين جزوي خود مختياري ڏئي، سندن غلاميءَ جو درجو گهٽائي ڪين ڪالونيءَ مان ڦيري ڊومينيئن يعني نيم خود مختيار رياست جو درجو ڏنو.

ويهئين عيسوي صديءَ جي شروع ۾ آمريڪا ۽ جرمنيءَ، برطانيه جي اقتصادي برتريءَ کي ڪي قدر ڇيهو رسايو هو ۽ تنهن ڪان پوءِ به برطانيه ۽ جرمنيءَ جي وچ ۾ پيدا ٿيندڙ گهٽي اقتصادي توڙي فوجي ڇڪتاڻ ۽ مقابلا، پهرين عالمي لڙائي جا محرڪ ٿي پيا. انهيءَ جنگ دوران برطانيه گهڻي قدر پنهنجي سامراجي سلطنت تي ئي ڀاڙيو هو. انهيءَ جنگ برطانيه جي فوجي، مالياتي ۽ انساني توانائيءَ جي وسيلن تي نهايت خراب اثر مُرتب ڪيا. جيتوڻيڪ پاڻ هن جنگ ڪان ٽُرت پوءِ پنهنجن بيٺڪي علائقن ۽ ايراضين ۾ گهڻي وسعت ڪئي، پر هاڻي برطانيه اڳي وانگر سيني ڪان وڌيڪ فوجي ۽ صنعتي طاقت جو مالڪ ملڪ نه رهيو هو. ٻي عالمي جنگ دوران، برطانيه جي ڏکڻ اوڀر ايشيا وارين بيٺڪن تي جاپان قبضو ڪيو. انهيءَ جنگ ۾ سندس اتحادين سان گڏ هجڻ سب برطانيه کي به فتح مند قرار ڏنو ويو پر ڪيس اقتصادي ۽ اخلاقي طور رسيل ڇيهي، برطانوي سامراجي زوال ۾ تيزي آندي. هندستان، جيڪو تمام گهڻي آدم شماريءَ ۽ دولت جي وسيلن سان مالامال بيٺڪي ملڪ هو اهو به ٻين گهڻن بيٺڪي ملڪن سميت برطانوي سامراج مان آزاد ٿيو ۽ نيٺ 1997ع ۾ هانگ ڪانگ واري مثالي بيٺڪ کي سياسي طور چين جي حوالي ڪرڻ واري عمل، برطانيه جي هن سامراجي شهنشاهت جي خاتمي تي مُهر هڻي ڇڏي. هاڻي برطانيه جي اقتدار اعليٰ هيٺ باقي چوڏهن علائقا سمنڊ پار اجا به آهن. برطانوي سامراج ڪان آزادي حاصل ڪندڙ اڪثر مُلڪن، برطانيه طرفان برپا ڪيل هڪڙي نئين بين الاقوامي فلاحي تنظيم نالي Common Wealth of Nations يعني ”بين



الاقوامي باهمي دولت“ ۾ شموليت اختيار ڪئي، انهن مان سورهن مُلڪن، مهاراڻي ايلزبيٿ ثانيءَ کي، برطانيہ وانگر سندن ملڪن جي سربراهہ طور پڻ قبول ڪيو آهي.

برطانيہ جي سامراجي شهنشاهت جا بنياد تڏهن ئي نصب ٿيا، جڏهن انگلينڊ ۽ اسڪاٽ لينڊ بہ الڳ الڳ آزاد بادشاهتون هيون ۽ اجا پاڻ ۾ ضم ٿي Great Britain برطانيہ عُظميٰ نالو اختيار ڪو نہ ڪيو هئائون. معروضي طور اسپين ۽ پرتگال هتان سمنڊ ڪان پار ليپي، قبضي هيٺ آندل علائقن بابت ٻوڙهي ويچار بعد انگلينڊ جي بادشاهہ هينري ستين، سن 1496ع ۾ اُتر ايٽلانٽڪ وڏي سمنڊ منجهان، ايشيا ڪنڊ ڏانهن ويندڙ واٽ ڳولي لهڻ خاطر، اميرالبحر جان ڪيبٽ کي انهيءَ کوجنا واري ساموندي سفر جو سالار مقرر ڪيو جنهن يورپي مهم جوئن هتان آمريڪا ڪنڊ ڳولي لهڻ کان پنج سال پوءِ سن 1497ع ۾ سونپيل مهم واسطي پنهنجا ٻيڙا هاڪاريا ۽ آمريڪا جي ”نيو فائونڊ لينڊ“ نالي ساموندي ڪناري تي ڪاميابيءَ سان لنگر انداز ٿيو پر ڪرسٽوفر ڪولمبس وانگر ڀُلجندي يانيائين تہ هو ايشيا ۾ اچي رسيو آهي. تنهن سبب هن اُتي ڪا بينڪ قائم ڪا نہ ڪئي، جتي پنهنجن ماڻهن کي ويهاري اچي جان ڪيبٽ ٻئي سال پڻ ساڳئي مهم جوئيءَ جوئيءَ خاطر ٻيڙا آمريڪا ڏانهن هاڪاريا هئا، پر انهن ٻيڙن بابت وري ڪجهہ بہ ٻڌڻ ۾ ڪو نہ آيو. تنهن ڪان پوءِ اٽڪل پوڻين ٻن صدين تائين آمريڪا ۾ بينڪون قائم ڪرڻ خاطر انگلينڊ طرفان ڪا بہ ڪوشش ڪا نہ ڪئي وئي، تان جو سورهين عيسوي صديءَ جي آخري ڏهاڪن ۾ راڻي ايلزبيٿ اول جي حڪومت دوران مذڪور مهم جوئي وري چالو ڪئي وئي. انهيءَ ئي دور ۾ پروٽيسٽنٽ عيسائي فرقي وارن سُڌارن جي عمل، انگلينڊ ۽ ڪيٿولڪ عيسائي فرقي جي حامل مُلڪ اسپين کي پاڻ ۾ نہ نهڻ جوڳا دشمن ڪري وڌا. سن 1562ع ۾ انگريز تاجدار ٻن بحري قزاقن: جان هاڪنس ۽ فرانسز ڊريڪ کي اسپين ۽ پرگال وارن غلامن ۽ دولت سان ڀريل ٻيڙن کي اولهہ آفريڪا جي ساحل ڪان ڪجهہ پرپرو، غلام ۽ دولت ڦرڻ ڪارڻ حملا ڪرڻ جي همت افزائي ڪئي تہ جيئن ايٽلانٽڪ وڏي سمنڊ ۾ مخالف قومن پاران جاري تجارتي نظام ۾ ڏار پون. انگريزن جي انهيءَ چال کي دڙڪو پائيندي اسپين انگلينڊ سان ٿيندڙ جنگين ۾ تيزي آندي، تڏهن راڻي ايلزبيٿ ساموندي ڏاڙا هڻڻ، آمريڪا، اسپين ۽ ٻين مخالف ملڪن جي اڏن تي حملا ڪرڻ ۽ آمريڪا مان ميڙيل دولت سان ٿمتار اسپين ۽ ٻين مخالف ملڪن جي جهازن کي ڦرڻ ۽ تباهہ ڪرڻ وارن ساموندي ڏاڙيلن کي دعا ڪندي ۽ گهربل سموري مدد ڪندي هئي. انهيءَ دور ۾ هڪلوئٽ ۽ جان ڊي جهڙن هلنديءَ وارن ناميارن عالمن ۽ اديبن، سندن لکڻين ۾ سمنڊ پار دنيا ۾ بينڪون بنائي انگلينڊ جي (سامراجي) شهنشاهت قائم ڪرڻ لاءِ گهڻو پرچار ڪيو ۽ زور پريو ڇو تہ انهيءَ دور ۾ اسپين آمريڪا ڪنڊ ۾ برتري حاصل ڪري، پيسفڪ سمنڊ ۾ وسيلن سان مالا مال نون علائقن تي قبضو ڄمائڻ ڪارڻ انهن جي تلاش ۾ رُڌل هو. پرتگال، آفريڪا، برازيل ۽ ويندي چين جي ساموندي ڪنارن تي پڻ پنهنجون واپاري ڪوٺيون ۽ انهن جي بچاءُ ۽ حفاظت خاطر ڪوٽ ۽ قلعا اڏي چڪو هو. هوڏانهن فرانس سينٽ لارينس نديءَ واري سموري علائقي تي قبضو ڄمائي پنهنجي بينڪ بنائڻ ۾ مشغول هو اهو علائقو پوءِ ”جديد فرانس“ سڏجڻ لڳو. جيتوڻيڪ سمنڊ پار پنهنجون بينڪون بنائڻ ڪارڻ“ ٻين يورپي طاقتن جي ريس ۾ انگلينڊ سندن ڪڍ لڳو پر سورهين

عيسوي صديءَ دوران اهو انگلينڊ ۽ اسڪاٽ لينڊ جي پروٽيسٽنٽ يعني عيسائي مذهب ۾ هٺ ٺوڪين ۽ دقيانوسي رسمن رواجن جي خلاف احتجاج ڪندڙ فرقي وارن سرڪش ماڻهن کي، آئرلينڊ ۾ آباد ڪرڻ ۾ رُڌل هو ۽ بهانو اهو بنايائين ته فرانس جي نارمنديءَ وارن به ته 1169ع ۾ آئرلينڊ تي حملو ڪري قبضو ڪيو هو. انگلينڊ جي ڪيترن ئي توسيع پسند ماڻهن آئرلينڊ ۾ انگريزي بينڪ بنائڻ ۾ مدد ڪئي هئي ۽ انهن اتر آمريڪا ۾ آبادڪاري ۽ بينڪون بنائڻ ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪيو هو. انهن ماڻهن ۾ انگلينڊ جي مغربي پاڱي جي رهاڪن جو گروهه نمايان ڪردار جو حامل هو. سن 1578ع ۾ انگلينڊ جي راڻي ايلزبيٿ اول مشهور جهازران همفري گلبرٽ کي سمنڊ پار ڏيهن جي کوجنا، تحقيق ۽ ايجاد ڪرڻ واسطي گهربل پروانو ڏنو. انهيءَ ئي سال همفري گلبرٽ، ويسٽ انڊيز نالي ٻيٽن ڏانهن پنهنجا ٻيڙا هاڪاريا. سندس ارادو هو ته بحري جهازن کي ڦري لُٽي، پوءِ اتر آمريڪا ۾ بينڪ قائم ڪندو، پر سندس اها مهم، ايٽلانٽڪ سمنڊ پار ڪرڻ کان اڳ ئي برباد ٿي وئي، پر هو وري به 1583ع ۾ ٻي مهم تي اسهيو ۽ نيو فائونڊلينڊ نالي هڪ شاهي ٻيٽ تي وڃي رسيو. جنهن ٻيٽ جو بندر هن اڳي ئي انگلينڊ لاءِ مخصوص ڪرڻ ٿي گهريو. اتي رسي قبضو ڪرڻ جي باوجود، اتي گهربل تعداد ۾ ماڻهن کي آباد ڪري پنهنجي بينڪ بنائي نه سگهيو ۽ انگلينڊ موٽڻ کان اڳ ئي پساهه پورا ڪيائين. سندس جاءِ تي سندس ويڳو ڀاءُ، والٽر ريليهه مقرر ٿيو. تنهن کي راڻي 1584ع ۾ ساڳئي قسم جو پروانو سونپيو ۽ هو سال جي پڇاڙيءَ ۾ سونپيل مهم تي روانو ٿيو ۽ رونوڪ نالي علائقي تي قبضو ڪري ترت پنهنجي ڪالوني قائم ڪيائين، تنهن علائقي کي هاڻي ڪيرولينا سڏجي ٿو. ان ڪالونيءَ جي رهواسين کي گهربل سامان نه رسڻ سبب، اها بينڪ برقرار رهي نه سگهي. سن 1703ع ۾ اسڪاٽ لينڊ جي باشاهه جيمس چوٿين، انگلينڊ سان رياستي انضمام اختيار ڪيو ۽ 1704ع ۾ اسپين سان دشمني ختم ڪندڙ لنڊن وارو عهدنامون اصولي طور قبول ڪرايو. هن مکيه دشمن سان امن امان قائم ٿيڻ کان پوءِ ڌارين بينڪن کان ڦرلٽ تي گذارو ڪرڻ بدران، برطانيه هاڻي پنهنجون ذاتي بينڪون قائم ڪرڻ ڏانهن ڌيان ڌريو ۽ اتر آمريڪا کنڊ ۽ ان جي ويجهو ايٽلانٽڪ سمنڊ ۾ موجود ”ويسٽ انڊيز“



نالي ٻيٽن ۾ برطانوي بينڪن جي قيام ۽ حڪومت جي منظوريءَ سان خانگي عالمي تجارتي ڪمپنين ۽ خصوصاً ”انگريزي ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ“ جي قيام سان برطانيہ جي سامراجي شهنشاهت وجود ۾ آئي. نجي واپاري ڪمپنيءَ کي برطانوي بينڪن ۽ نوآبادين جي انتظام ۽ پرڏيهي واپار جو اختيار ڏنو ويو. ارڙهين عيسوي صدي جنهن دوران برطانيہ جون آمريڪا ۾ بينڪون قائم ٿيون, مضبوط ٿيون ۽ انهن مان يڪيون تيرهن بينڪون نيٺ ساڻس وڙهي وڃي آزاد ٿيون, تنهن دور کي ڪن تاريخدانن برطانوي سامراجي شهنشاهت جو پهريون دور ڪري ليکيو آهي. انگلينڊ جي پارليامينٽ کان پروانو حاصل ڪندڙ انگلش ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ ايشيا کنڊ ۾ برطانوي شهنشاهيت کي توسيع ڏيڻ ۾ مکيہ ڪردار ادا ڪيو. ڪمپنيءَ جي فوج برطانوي بحري فوج سان گڏجي برطانوي سامراجي مفادن جي حصول ۽ بچاء خاطر سدائين عمل پيرا رهي. سرڪاري توڙي ڪمپنيءَ جي فوجن هندستان کان ٻاهر پڻ سمورين جنگين ۾ هڪ ٻئي سان مڪمل تعاون ڪيو. جهڙوڪ: 1799ع ۾ فرينچ بادشاهہ نيپولين بونا پارٽ کي سندس لشڪر سميت مصر مان ڀڄائي ڪيڻ, سن 1811ع ۾ نيدرليندس وارن کي زوري نيڪالي ڏئي انڊونيشيا جي شاهي ٻيٽ ”جاوا“ تي قبضو ڪرڻ, 1819ع ۾ سنگاپور حاصل ڪرڻ, 1824ع ۾ ملاڪا هٿ ڪرڻ ۽ سن 1826ع ۾ برما کي شڪست ڏئي مٿس قبضو ڪرڻ ۾ پڻ انگلش ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي فوج برطانيہ جي بحري فوج جي ڪمانڊ هيٺ تمام اهم ڪردار ادا ڪيو. هندستان ۾ سندس بنياد وڻان سن 1729ع کان وٺي آفيم واري وڌندڙ نفعي واري چين ڏانهن روانگي واپار ۾ اها مشغول رهي. سن 1739ع ۾ چين جي حڪمران گهراڻي ڪنگ برطانيہ طرفان چين ۾ ٿيندڙ آفيم جي واپار کي ناجائز ۽ غير قانوني واپار قرار ڏنو تڏهن کان وٺي ايسٽ انڊيا ڪمپني, برطانيہ کي چانهہ جي درآمد سبب رسندڙ نقصان ۽ چين ڏانهن برطانوي خزاني مان چاندي جي وڏي مقدار ۾ وڃڻ ڪري بگڙجندڙ مالياتي توازن کي مناسب ضابطي ۾ آڻڻ لاءِ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ چين ڏانهن آفيم جو روانگي واپار جاري رکيو. 1839ع ۾ چيني اختيارين جڏهن ڪينٽن شهر ۾ موجود برطانيہ جي آفيم جون ويهہ هزار صندوقون ضبط ڪيون تہ برطانيہ آفيم جي ضبطيءَ جو بهانو بنائي, چين تي ناجائز جنگ مڙهي هانگ ڪانگ تي قبضو ڄمائي



وينو. تنهن وقت اتي انساني آبادي بلڪل گهٽ هئي. برطانوي شهنشاهه ارڙهين عيسوي صديءَ جي آخر ۽ اوڻيهين صديءَ جي شروعات دوران ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي مڙني معاملات ۾ گهڻي دخل اندازي ۽ جانچ پڙتال چالو ڪري ڇڏي. انهي سلسلي ۾ برطانوي پارليامينٽ سن 1784ع ۾ پِٽس انڊيا ايڪٽ پاس ڪرڻ کان اڳ 1773ع ۾ ريگيوليٽنگ ايڪٽ پڻ پاس ڪيو هو ۽ پٽس ايڪٽ پاس ڪرڻ کان پوءِ سن 1813ع ۾ چارٽر ايڪٽ پڻ پاس ڪيو هو. انهن ايڪٽن وسيلي ڪمپنيءَ جي مڙني معاملن کي پنهنجي ضابطي هيٺ آندو ۽ ڪمپنيءَ جي قبضي هيٺ سيني بينڪن ۽ علائقن تي برطانوي شهنشاهت جو اقتدار اعليٰ سڌيءَ طرح قائم ڪيو ويو. هندستان ۾ ٿيندڙ سرڪار مخالف بغاوت, جيڪا فوج ۾ هندستاني سپاهين جي بغاوت سان شروع ٿي هئي, اها برطانوي سامراج خلاف هندستاني عوام طرفان ٿيندڙ بغاوت ڇهن مهينن تائين جاري رهي, جنهن دوران ٻنهي ڌرين جو گهڻو جاني ۽ مالي نقصان ٿيو هو. ٻئي سال يعني سن 1858ع ۾ برطانوي حڪومت ايسٽ انڊيا ڪمپني کي ٽوڙي ختم ڪري, گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ 1858ع تحت هندستان ۾ برطانيا جي شهنشاهي واري حڪومت قائم ٿي ۽ راڻي وڪٽوريا جي هندستان جي راڻي واري حيثيت ۾ باقائده تاج پوشي ٿي. راڻي هندستان جي حڪوت هلائڻ لاءِ هڪ گورنر جنرل مقرر ڪيو. اهڙي ريت هندستان برطانوي (سامراجي) سلطنت جي سڀ کان وڏيڪ مُلهائتي نوآبادي, برطانوي تاج ۾ هڪ امُلهه ماڻڪ ۽ برطانيه جي طاقت يا توانائيءَ جو اهم ترين ذريعو ٿي پيو! اوڻيهين عيسوي صديءَ جي پڇاڙيءَ واري حصي دوران فصلن جي لاڳيتي ڪرڻ ۽ سڙڻ سبب هندستان جي ننڍي کنڊ ۾ انتهائي خطرناڪ ۽ موتمار ڏڪار پيو جنهن سبب پندرهن ملين يعني ڏيڍ ڪروڙ کان به وڌيڪ ماڻهو اجل جو شڪار ٿيا. ايسٽ انڊيا ڪمپني, جيڪا تڏهن هندستان تي حڪومت ڪري رهي هئي, انهيءَ ڏڪار جي راڪاس کي منهن ڏيڻ ۽ متاثر ماڻهن جي گهربل مدد ڪرڻ ۾ مڪمل طور ناڪام وئي. بعد ۾ سڌي برطانوي دور حڪومت ۾ ايندڙ هر ڏڪار بابت ڪميشنون قائم ڪيون ويون, جن ڏڪارن جي سببن ۽ گهربل اپائن اختيار ڪرڻ جون سفارشون ڪيون. تنهن کان پوءِ مس مس سن 1900ع ڌاري وڃي ڏڪار وارين حالتن تي جوڳو ضابطو آيو.

اُوڻهَيِئين عيسوي صديءَ دوران برطانوي ۽ روسي سامراجي ملڪ, سياسي ميدان ۾ توانائيءَ جي انهيءَ خلا کي پُر ڪرڻ خاطر پاڻ ۾ وڙهندا رهيا, جيڪو خلا ترڪيءَ جي عثماني سلطنت جي زوال ۽ بادشاهي گهراڻن جي زوال سبب پيدا ٿي پيو هو. مذڪوره ملڪن ۾ پيدا ٿيل دشمني ۽ ويڙهاند کي "يوريشيا" يعني يورپ ۽ ايشيا جي وچ ۾ موجود سرحد کي ويجهن ملڪن ۾ "شاهي راند" ڪري ليکيو ويندو هو. روس هتان پروشيا ۽ ترڪيءَ تي زبردستيءَ سان حملا ڪري کين شڪست ڏيڻ تان ڏمرجي, باهوڙجي ۽ انهيءَ پٺيو کان ٻڌجي ته متان روس هندستان تي قبضو نه ڪري ويهي رهي, برطانيه جون سامراجي خواهشون پڙڪي اٿيون. تنهن ڪري هندستان تي روسي حملي ۽ قبضي کان بچڻ خاطر, برطانيه 1839ع ۾ قبضي جي لالچ ۾ افغانستان تي حملو ڪيو پر اهو حملو ۽ جنگ برطانيه لاءِ هڪ زلزلو ۽ تمام وڏو الميو ثابت ٿيو. سن 1853ع ۾ جڏهن روس ترڪيءَ جي بلقان وارن علائقن تي حملو ڪيو ته رومي سمنڊ ۽ وچ اوڀر ۾ روسي بالادستيءَ جو خوف محسوس ڪندي, برطانيه ۽ فرانس روس جي بحري قوت کي تباهه ڪرڻ واسطي روس جي ڪريميا واري

اُپيپٽ تي حملو ڪيو. 1854ع کان 1856ع تائين برطانيه جي روس سان هلندڙ جنگ، جنهن دوران جنگ جون جديد چالون ۽ جديد ٽيڪنڪ ڪم آندي وئي، روس لاءِ شڪست جو اعلان هئي. ٻن وڏيڪ ڏهاڪن تائين وچ ايشيا ۾ به صورت حال غير متوازن ۽ غير فيصلہ ڪُن رهي. سن 1876ع ۾ ننڍي ڪنڊ هندستان جي پر ۾ بلوچستان واري رياست کي برطانيہ هندستان سان ڳنڍي ڇڏيو. ته ٻئي طرف روس ڪرغيزيا، ڪزاڪستان ۽ ترڪمنستان کي پنهنجي سامراجي سلطنت ۾ زوريءَ ملائي ڇڏيو. اهڙين حالتن ۾ ٻنهي سامراجين ۾ وري جنگ ٿيڻ اٽڪر پئي محسوس ٿي، پر ٻئي ڏريون نيٺ 1878ع ۾ جزوي طور ۽ 1907ع ۾ سمورن مکيہ معاملن بابت ”اينگلو رشيئن اينٽينٽ“ نالي هڪ جامع ٺاهہ تي اچي پهتيون! سن 5-1904ع دوران روس ۽ جپان جي وچ ۾ ٿيندڙ جنگ ۾ روس جي ساموندي فوجي قوت گهڻي قدر تباهہ ٿي گهتجي وئي، تنهن ڪري بہ برطانيہ کي روس جو ڊپ، ڪي قدر گهٽيو.

ڊچ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ سن 1652ع ۾ آفريڪا کنڊ جي ڏاکڻي ڇيڙي وٽ ”ڪيپ ڪالوني“ نالي سان هڪ بينڪ قائم ڪئي. اتي نيدرليندس جي انهيءَ واپاري ڪمپنيءَ بحري بندر ۽ اڏو بہ تعمير ڪيو. جيڪو سنڌن ايسٽ انڊيز ۾ موجود بينڪن ڏانهن ويندڙ ۽ اتان موٽندڙ غورابن ۽ ٻيڙن لاءِ ساهي کڻڻ واري جاءِ يا اسٽيشن جو ڪردار ادا ڪندڙ هو. اها بينڪ، برطانيہ اصولي طور تہ 1806ع ۾ حاصل ڪئي، جنهن ۾ اصل مقامي ماڻهن جي گهڻائي موجود هئي، انهن اصل ماڻهن کي برطانيہ وارا ”بوئر“ سڏيندا هئا. انهي خدشي جي پيش نظر تہ ڪانئس اڳ ۾ انهيءَ ڪالونيءَ مٿان، مٿان فرانس نہ قبضو ڪري وٺي، جو تہ انهيءَ وقت فرانس انهيءَ ڪيپ ڪالوني جي مالڪ ملڪ يعني خود نيدرليندس تي ئي سڌو حملو ڪيو هو برطانيہ 1795ع ۾ ئي ڪيپ ڪالوني پنهنجي قبضي هيٺ آڻي ڇڏي ۽ 1820ع کان پوءِ اتي برطانوي گورن کي لکن جي تعداد ۾ آڻي آباد ڪيو ۽ بوئرن يعني اصل باشندن کي ڪيپ ڪالونيءَ مان زوريءَ نيڪالي ڏئي کين ڪيپ ڪالونيءَ جي اتر طرف نيم وسندين ڏانهن ڌِڪي ڇڏيو جتي آباد ٿيڻ کان پوءِ انهن پنهنجون خود مختيار جمهوري رياستون قائم ڪيون، پر 1830ع ۽ 1840ع اندر اهي پنهنجو وجود وڃائي ويٺيون، ڇو تہ انهن ”سوٿو“ ۽ ”زُولُو“ قومن ساڻ گڏجي برطانوي سامراج سان ڪيترائي ڀيرا ٽڪر کاڌا ۽ مقابلا ڪيا، ڇاڪاڻ تہ برطانيہ سموري ڏکڻ آفريڪا جي علائقي تي قبضو ڪرڻ واري بدنيت جو حامل هو. انهن علائقن ۾ اصل آفريڪي ماڻهن، جن کي برطانوي حاڪم ”بوئر“ سڏيندا هئا، انهن اتي بہ آزاد رياستون قائم ڪيون هيون. (1) سائو آفريڪن ريپبلڪ يا ٽرانسوال ريپبلڪ، جيڪا 1852ع کان 1877ع تائين ۽ ٻيهر 1881ع کان 1902ع تائين قائم هئي ۽ (2) آرينج فري اسٽيٽ، 1854ع کان 1902ع تائين قائم رهي.

سن 1869ع ۾ فرينچ شهنشاهہ نيپوليئن ٽِئين جي هٿ هيٺ سوئيز ڪينال کُليو جنهن رومي سمنڊ کي هندي وڏي سمنڊ سان ملائي، هڪ بهتر بحري لنگهہ قائم ڪيو. شروع ۾ برطانيه انهي بحري گذرگاهہ جي مخالفت ڪئي، پر پوءِ انهي مان حاصل ٿيندڙ وڏي فائدي سبب، ان جي اهميت کي قبول ڪيو ۽ اهو لنگهہ برطانوي سامراج جي شهہ رڳ طور تمام گهڻي اهميت جو حامل ٿي پيو. سن 1875ع ۾ ڪنزرويٽو پارٽيءَ جي حڪومت جنهن دوران بنجامن ڊزرائلي برطانيہ جو وزير اعظم هو مصر جي مقروض بادشاهہ اسماعيل پاشا

وارو سوئيزڪينال جي ڪل ماليت جو 44 سيڪڙو حصو چئن ملين پائونڊن ۾ خريد ڪيو جن جي 2013ع ۾ ماليت 340 ملين پائونڊن جي برابر هئي. انهي حصي خريد ڪرڻ جي باوجود، هن جديد حڪمت عمليءَ جي حامل گذر گاهه تي برطانيه جو مڪمل قبضوءِ ضابطو نه ٿي سگهيو. انهيءَ صورت حال برطانيه کي سوئيز ڪينال جي مڪمل مالڪي حاصل ڪرڻ لاءِ لالچايو ۽ اُڪسايو. نتيجي ۾ سن 1882ع ۾ فرانس ۽ برطانيه جو مصر تي گڏيل اختيار پڄاڻيءَ تي پهتو ۽ اهو اختيار اڪيلي طور برطانيه کي حاصل ٿيو پر سوئيز ڪينال جي ملڪيت ۾ اڃا تائين فرانس جو وڏو حصو باقي هو. تنهنڪري هو برطانيه جي حيثيت کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ ڪيترائي پيرا ڪونس ڦٽائي ڪندو رهيو.انهيءَ ڇڪتاڻ کي ختم ڪرڻ لاءِ 1888ع ۾ قسطنطنيه شهر ۾ منعقده ڪنوينشن ۾ ٿيل معاهدي موجب، سوئيز ڪينال غير جانبدار (ڪنهن جو به نه) علائقو قرار ڏنو ويو.

فرانس، بيلجم ۽ پرتگال ڪانگو نديءَ جي هيٺئن پاڳي سان وابسته علائقن يعني آفريڪا جي گرم ڪمربند ۾ قبضو ڄمائڻ لاءِ جيڪو عمل دخل ڪيو تنهن اتي اڳ پهتل يورپي سامراجين طرفان ٿيل قبضن کي اکوڙي، ڪمزور ڪري ڇڏيو. انهيءَ بگڙيل صورت حال کي يورپي سامراجين لاءِ فائدي مند بنائڻ خاطر جرمني 1884ع ۾ برلن شهر ۾ ڪانفرنس ڪوٺائي، جنهن ۾ سمورا يورپي سامراجي، پرائي مال تي، ٽوپي نراڙ تي رکي اچي سهڙيا ۽ مال غنيمت وانگر آفريڪا کنڊ جي ٽيندڙ ورهاست ۾ پنهنجي سرسيءَ لاءِ اخلاق ۽ انصاف جا سمورا ليڪا لنگهي بيٺا، پر نيٺ هٽي هٽي وڃي ورهاست لاءِ هڪڙي جدول مرتب ڪيائون، جنهن موجب ناجائز قبضن کي ٻن قسمن / درجن ۾ ورهاياائون. (1) پڪا يعني موثر قبضا، (2) ڪچا يعني عارضي قبضا. پڪن قبضن لاءِ ”اِفيڪٽو آڪيوپيشن“ وارو مفروضو جوڙيائون. آفريڪا کنڊ جي هن ريت ناجائز ورهاست کي ”اسڪريمبل فار آفريڪا“ يعني آفريڪا خاطر جفاڪشي سڏيندي، پڪن ناجائز قبضن کي تسليم ڪرڻ جي سفارش ڪيائون. آفريڪا ۾ قبضا گيريءَ لاءِ ڇڪتاڻ ۽ داداگيري 1890ع واري ڏهاڪي تائين جاري رهي، تنهن ڪري برطانيه کي سوڊان تان هٿ ڪڻن واري فيصلي تي نظرثاني ڪرڻي پئي. سوڊان ۾ برطانيه ۽ فرانس جي گڏيل فوج 1896ع ۾ مهدي سوڊانيءَ واري لشڪر کي شڪست ڏنيءِ 1898ع ۾ فاشودا واري ماڳ وٽ ٿيل فرينچ حملي کي به پسپا ڪري ڇڏيو. اهڙي ريت سوڊان نالي ماتر ته برطانيه ۽ مصر جي گڏيل قبضي هيٺ رهيو پر عملي طور اهو برطانوي بينڪ ئي هو. برطانيه کي ڏکڻ ۽ اوڀر آفريڪا ۾ حاصل ٿيل سرسيءَ، سيسل روڊ کي اُڪسايو ته هو ڪيپ ٽائون کان قاهره تائين ريل گاڏين واري پٽڙي وڇائي، ته جيئن حڪمت عمليءَ جي لحاظ کان تمام اهم ماڳ، سوئيز ڪينال کي معدنيات سان مالا مال ڏکڻ آفريڪا کي ڳنڍيو رکي. سن 1880ع ۽ 1890ع جي ڏهاڪن دوران، آفريڪا ۾ برطانوي سامراج جي توسيع ڪندڙ سيسِل روڊ، پنهنجي خانگي هٿياربند سوداگر ڪمپني، ”برٽش سائوٿ آفريڪا ڪمپني“ ذريعي جن علائقن تي قبضو ڪري، انهن کي پاڻ ۾ ملائي رکيو هوانهن علائقن کي سندس نالي سان يعني ”روڊيشيا“ سڏيو ويو. ٻئي طرف گورن آبادڪارن جي اڪثريت وارين بينڪن ۾ انساني ۽ سياسي حقن جي حوالي سان پيدا ٿيل بيچيني ۽ مونجهاري واري صورتحال جي سببن ۽ انهن جي خاتمي لاءِ مستر

ڊرهام واري 1839ع ۾ ڊنل رپورٽ ۾ ڪيناڊا ۾ پيدا ٿيل سياسي وڳوڙ جي خاتمي لاءِ ڪيناڊا جي متئين توڙي هيٺئين، ٻنهي ڀاڱن ڪي مِلائي اتي عوام طرفان چونڊيل جمهوري ۽ خودمختيار حڪومت قائم ڪرڻ جي تجويز ڊنل هئي. تنهن مطابق برطانوي پارليامينٽ 1840ع ۾ "يونين آف ڪيناڊا ايڪٽ 1840ع" پاس ڪيو. تنهن تحت ڪيناڊا برطانوي سامراج جو هڪ صوبو بڻيو. اهڙيءَ ريت برطانيه جي سامراجي شهنشاهت اندر گورن آبادڪارن جي اڪثريت وارين بيٺڪن جي آزاديءَ ڏانهن وک وڌائڻ جي شروعات ٿي ۽ پهرين ذميوار حڪومت ڪيناڊا ۾ "نووا اسڪوٽيا" نالي بيٺڪ ۾ قائم ڪئي وئي، تنهن کان پوءِ اتر آمريڪا ۾ برطانيه جي ٻين بيٺڪن کي بہ اهو حق ڏنو ويو. برطانوي پارليامينٽ طرفان "برٽش نارٿ آمريڪا ايڪٽ 1867ع" پاس ٿيڻ سان، اپر ۽ لوئر ڪيناڊا، نيو برنسوڪ ۽ نووا اسڪوٽا نالي چئن بيٺڪن کي گڏي "ڊومينيئن آف ڪيناڊا" نالي برطانوي رياست اندر هڪ خود مختيار ڪنفيڊريشن بنائي، جنهن کي خارجہ امور کان سواءِ باقي سمورا اختيار حاصل هئا. ساڳئي طرح 1901ع ۾ آسٽريليا کنڊ ۾ برطانوي گورن جي اڪثريت وارين بيٺڪن آسٽريليا ۽ نيوزيلينڊ کي پڻ "ڊومينيئن اسٽيٽس" سان نوازيو ويو ۽ سن 1907ع واري "ڪالونيئل ڪانفرنس" ۾ رياستي جوڙجڪ بابت هڪ ٻئو لفظ ڊومينئين اسٽيٽس" سرڪاري طور متعارف ڪيو ويو.

عيسوي اُڻيهئين صديءَ جي پوين ڏهاڪن ۾ آئرلينڊ ۾ خودمختيار حڪومت جي قيام ڪارڻ جدوجهد چالو ٿي. اتي 1798ع وارن فسادن کان پوءِ، آئرلينڊ جي حاڪم طبقي سان گٺ جوڙ ڪري، برطانوي پارليامينٽ مان "ايڪٽ آف يونين" نالي بل پاس ڪرائي، برطانيہ آئرلينڊ کي سندس سامراجي شهنشاهت، "يونائيٽيڊ ڪنگڊم آف گريٽ برٽين" ۾ ضم ڪري ڇڏيو. آئرلينڊ سن 1845ع ۽ 1852ع درميان خطرناڪ ڏڪار جو شڪار ٿيو هو. هوم رول موومينٽ يعني عوام طرفان قائم ڪيل مقامي خود مختيار حڪومت قائم ڪرڻ واري تحريڪ کي ان وقت جي برطانوي وزيراعظم وليئم گليڊسٽون جي حمايت حاصل هئي، جنهن کي اها اميد هئي تہ آئرلينڊ بہ ڪيناڊا وانگر ڊومينيئن اسٽيٽس يعني سامراج جي تابع خود مختيار رياست جو درجو اختيار ڪندو. انهيءَ خواهش پٽاندر گليڊسٽون 1886ع ۾ پارليامينٽ ۾ هوم رول بل پيش ڪيو پر اهو پاس ڪو نہ ٿيو ڇاڪاڻ تہ پارليامينٽ جي اڪثر ميمبرن کي خدشو هو تہ نيم آزاد آئرلينڊ برطانيہ جي سلامتيءَ لاءِ خطرو ۽ برطانوي سامراج ۾ ڏار وجهڻ جو سبب ٿي سگهي ٿو. اهڙو ٻيو بل بہ ساڳين خدشن ڪري پاس نہ ٿي سگهيو ۽ اهو سن 1914ع ۾ پاس ٿيڻ جي باوجود پهرين عالمي لڙائي برپا ٿيڻ سبب نافذ نہ ٿي سگهيو. برطانيہ ٻي عالمي جنگ ۾ سندس ساٿي سامراجين سان ساٿ سبب سوڀارو تہ سڏجڻ لڳو پر پنهنجي ملڪ اندر توڙي سندس بيٺڪي راڄن ۾ جنگ جون تباهہ ڪاريون پڌريون هيون. يورپ کنڊ، جنهن جهان تي ڪيترين ئي صدين تائين، پنهنجي هستيءَ جو سِڪو ڄمائي رکيو هو تنهن جو خود وڏو حصو جنگ ۾ تباهہ ۽ برباد ٿي ويو ۽ سڄي دنيا سان گڏ اهو بہ آمريڪا ۽ سوويت يونين جي فوج وٺ يرغمال هو ڇو تہ عالمي طاقت جو توازن، هاڻي انهن ڏانهن منتقل ٿي ويو هو. هن جنگ سبب برطانيہ جو تہ لازمي طرح مڪمل ڏيوالو نڪري ويو، جنهن ۾ مس مس وڃي تڏهن ساهہ پيو جڏهن 1946ع ۾ آمريڪا کيس 4.33 ملين ڊالرن جو قرض ڏنو. برطانيہ انهيءَ قرض جي آخري قسط اِجهو هن صديءَ جي سن 2006ع ۾ ڏئي پوري ڪئي. انهيءَ

جنگ واري عرصي دوران، يورپي سامراجين جي سمورين بينڪن ۾ آزاديءَ جي هلچل زورن تي هئي. آمريڪا ۽ سوويت يونين درميان وڌندڙ سرد جنگ، انهيءَ بگڙيل صورت حال کي اجا بہ وڌيڪ ڦيتاڙي ۾ مونجهاري ۾ ڦاسائي وڌو. اصولي طور تي ٻئي جديد عالمي طاقتون، آمريڪا توڙي سوويت يونين يورپي سامراجين جي قائم ڪيل بينڪي راڄن جي خلاف هيون. پر عملي طور تي معاشي نظامن جي حوالي سان آمريڪا اشتراڪيت مخالف ۽ سوويت روس سرمائيداري سامراج مخالف هئڻ سبب، هڪٻئي سان مقابلي ۾ جُنبِي ويا. انهيءَ مقابلي کي جديد تاريخ ۾ "سرد جنگ" سڏڻ لڳا. انهيءَ صورتحال جي پيش نظر آمريڪا، برطانوي سامراجي بينڪون برقرار رکڻ خاطر سندن مدد پئي ڪئي تہ جيئن انهن ملڪن ۽ علائقن ۾ اشتراڪيت پکڙجي نہ سگهي. پر معروضي حالتن ثابت ڪري ڏيکاريو تہ هاڻي برطانوي سامراج جا ڏينهن اچي پورا ٿيا آهن. تنهن ڪري هن پاڻ ئي امن امان سان پنهنجون بينڪون خالي ڪري وڃڻ جي حڪمت عملي اختيار ڪئي ۽ جتي ڪيس غير اشتراڪي حڪومتون مُيسر ٿيون،اتي هنن انهن کي حڪومت جون واڳون ڏيڻ شروع ڪيون. اها ڳالهہ فرانس، پرتگال ۽ ٻين سامراجين جي خلاف هئي. جن پنهنجون بينڪون بچائڻ خاطر ڏاڍيون مهانگيون لڙايون لڙيون، پر ڪامياب ٿي نہ سگهيا هئا. سن 1945ع ۽ 1965ع درميان برطانيہ جي رياست کان ٻاهر برطانيہ جي بينڪن ۾ سندس رعيت جو تعداد ست سئو مِلين مان گهٽجي اچي فقط پنج مِلين تي بيٺو جنهن ۾ بہ ٽي ملين تہ فقط هانگ ڪانگ ۾ هئا. سن 1945ع ۾ بينڪي راڄ ختم ڪرڻ واري پاليسيءَ جي حامل، ليبر پارٽي جي سرڪار، ڪليمينٽ ايٽلي جي اڳواڻي ۾ عام چونڊن ۾ چڙهي آئي هئي، ان وقت درپيش مکيہ مسئلي، يعني هندستان جي آزاديءَ ڏانهن ڌيان ڏريو. هندستان جون بہ مکيہ سياسي پارٽيون. هڪ انڊين نيشنل ڪانگريس ۽ ٻي آل انڊيا مسلم ليگ ڪافي سالن کان هندستان جي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪري رهيون هيون، پر آخر ۾ منجهن اختلاف ٿي پيو. ڪانگريس گڏيل ۽ غير مذهب هندستان جي رياست جي خواهان هئي، تہ مسلم ليگ، هندو گهڻائيءَ جي بالادستيءَ جي خدشي سبب، مسلم آباديءَ جي اڪثريت رکندڙ علائقن ۾ هندستان واري رياست کان الگ هڪ اسلامي رياست جي قيام جي گهر ڪئي. هندستان ۾ وڌندڙ وڳوڙ ۽ بيچيني ۽ 1946ع ۾ رائيل انڊين نيويءَ طرفان ٿيندڙ بغاوت سبب، وزيراعظم ايٽليءَ 1948ع کان اڳ ۾ ئي هندستان کي آزادي ڏيڻ جو واعدو ڪيو. پر صورت حال جي تقاضا، ڪم جلد اُڪلائڻ واري ۽ گهرو ويڙهہ جا آثار نمايان ٿيا تہ هندستان جي آخري وائيسراءِ، مائونٽ بيٽن، آزاديءَ جي تاريخ اجا بہ ويجهي يعني 15 آگسٽ 1947ع جو اعلان ڪيو. هندستان ۽ پاڪستان کي جدا ڪندڙ بين الاقوامي سرحد، جيڪا انگريزن مقرر ڪئي هئي، انهيءَ سبب وجود ۾ ايندڙ ٻنهي رياستن اندر، لکن جي تعداد ۾ هندو توڙي مسلم آباديءَ اقليت جي صورت اختيار ڪئي. نتيجي طور هندن توڙي مسلمانن کي لکن جي تعداد ۾ لڏڻو ۽ دربدر ٿيڻو پيو ۽ مذهبي دشمنيءَ سبب لکين ماڻهو ماريا ويا برطانيہ طرفان برما ۽ سري لنڪا کي 1948ع ۾ آزادي ملي. هندستان، پاڪستان ۽ سري لنڪا، برطانيہ طرفان پنهنجو پرم رکڻ لاءِ کانئس آزاد ٿيندڙ بينڪي مُلڪن تي مشتمل بين الاقوامي تنظيم "ڪامن ويلٿ آف دي نيشنس" ۾ شموليت اختيار ڪئي، پر برما شامل ڪو نہ ٿيو. فلسطين واري نو آبادي، جنهن کي "مينڊيٽ" جو درجو ڏنل هو.

هندستان وانگر مسلم اڪثريت ۽ يهودي اقليت وارو ملڪ هو. برطانيه، آمريڪا ۽ سندن ساٿي سامراجين هڪ سوچيل سازش تحت، سموري دنيا ۾ آباد، شاهوڪار يهودين کي فلسطين ۾ آڻي ويهاري، اتي 1948ع ۾ ”اسرائيل“ نالي هڪ يهودي رياست قائم ڪئي ۽ مسلم فلسطينين جي واضح اڪثريت کي فلسطين جي رياست مان زوري ماري ڀڄائي ڪڍي ڇڏيو. جيڪا اڄا تائين لبنان، شام، اردن ۽ ٻين پاڙيسري ملڪن ۾ قائم پناهگير ڪيمپن ۾ ويٺي آهي. 1980ع ۾ برطانيا جي آفريڪا کنڊ ۾ آخري ٻيٺڪ ”روڊيشيا“ آزادي حاصل ڪري، پنهنجو نالو ”زمبابوي“ رکيو آهي. نيوهيبرائيڊس، ”وانوئاتو“ نالي سان 1980ع ۾ آزادي حاصل ڪئي. بيزائيل ٻئي سال 1981ع ۾ آزاد ٿيو. برطانوي پارليامينٽ 1981ع ۾ برٽش نيشنلٽي ايڪٽ 1981ع جوڙيو. تنهن مطابق برطانوي ٻيٽڪن کي ”برطانيہ جي ماتحت علائقا“ نالو ڏنو ويو ۽ 2002ع انهن کي اڄا ٻيو نالو ”برطانيہ جا سمنڊ پار علائقا“ ڏنو ويو. اهڙيءَ ريت، ايٽلانٽڪ وڏي سمنڊ ۾ موجود انساني آباديءَ کان خالي ٻيٽ ”روڪال“ جنهن تي 1955ع ۾ قبضو ڪيو هو. تنهن کان سواءِ برطانيہ طرفان سندس اڪثر سموريون ٻيٺڪون خالي ڪري آزاد ڪرڻ وارو عمل 1982ع ۾ اچي پورو ٿيو. ساڳئي سال ڪيناڊا جي سرڪار ڪيناڊا جو آئين برطانيہ جي آئين کان الڳ ڪري، برطانيہ سان وابستہ پنهنجو آخري قانوني لاڳاپو بہ ٽوڙي مڪمل طرح آزاد ملڪ جي حيثيت حاصل ڪئي. 1986ع واري آئيني ايڪٽ تحت نيوزيلينڊ کي آزادي ملي ۽ 1986ع واري آسٽريليا متعلق جوڙيل ايڪٽ تحت آسٽريليا وارين ماتحت رياستن کي پڻ آزادي نصيب ٿي.

سيپٽمبر 1982ع ۾ برطانيہ جي خاتون وزير اعظم، مارگريٽ ٿيچر برطانيہ جي مکيہ ڪالوني هانگ ڪانگ جي مستقبل بابت چين جي سرڪار سان مذاڪرات ڪرڻ واسطي بيجنگ ويئي هئي. سن 1842ع ۾ چيني ۽ برطانوي قيادت ۾ ٿيل نانڪنگ معاهدي موجب هانگ ڪانگ هميشه لاءِ برطانيہ جي حوالي ٿيو هو. پر انهيءَ ٻيٽڪ سان 99 سالن جي مقاطعي تحت حاصل ڪيل ٻين نون علائقن کي شامل ڪرڻ سان هانگ ڪانگ جي آباديءَ جي واضح اڪثريت ڳنڍيل نون علائقن وارن ماڻهن تي مشتمل ٿي پئي هئي. انهن علائقن جو ٺيڪو سن 1997ع ۾ پورو ٿيڻ وارو هو. تنهن ڪري ٿيچر جي پهرين اها خواهش هئي تہ ڪنهن نہ ڪنهن طرح هانگ ڪانگ مڙئي اسان جي هٿ هيٺ هجي، تنهن ڪري چين جي اقتدار اعليٰ تحت هانگ ڪانگ جو انتظام برطانيہ جي هٿ ۾ رهڻ جي تجويز ڏنائين، پر چين اها رد ڪري ڇڏي. آخرڪار 1984ع ۾ هڪ معاهدو ٿيو جنهن موجب هانگ ڪانگ چين جو خصوصي انتظاميہ جو حامل علائقو ٿي رهندو ان جو عوام زندگي جو اتي مُروج نظام گهٽ ۾ گهٽ پنجاهہ سالن تائين ٺوريندو ايندو. هانگ ڪانگ کي چين جي حوالي ڪرڻ واري تقريب سن 1997ع ۾ هانگ ڪانگ ۾ ئي منعقد ٿي هئي، تنهن ۾ برطانيہ جو ولي عهد شهزادو چارلس پڻ موجود هو. جنهن ٻين سان گڏ خود پاڻ بہ برطانيہ جي سامراجي سلطنت جي پڄاڻي جو معروضي مشاهدو ڪيو!

⑥



# فرانس وارو انقلاب

يورپ جي جديد تاريخ جو هڪڙو اهم واقعو فرانس ۾ سياسي انقلاب سن 1789ع ۾ شروع ٿيو ۽ فوجي سالار، نيپولين بوناپارٽ طرفان اقتدار تي ناجائز قبضو ٿيڻ سان ختم ٿيو. انهيءَ عرصي دوران فرانس جي عوام مُلڪ ۾ جاگيرداري نظام ۽ مطلق العنان حڪومت واري نظام کي رد ڪري، ملڪ ۾ عوامي جمهوري حڪومت قائم ڪرڻ لاءِ جدوجهد جاري رکي. هن کان اڳ ۾ آمريڪا ۾ برپا ٿيل انقلاب ۽ آزاديءَ جي جنگ کان متاثر ٿيندڙ فرانس جي عوام پڻ روشن خياليءَ واري ويچار ڌارا کان متاثر ٿي انساني حقن جهڙوڪ: سياسي ۽ سماجي آزاديءَ جي حقن جي حاصلات لاءِ انقلابي جدوجهد شروع ڪئي. فرينچ عوام ظالم جاگيردار ۽ امير طبقي ۽ جابر مطلق العنان بادشاهي نظام مان هميشه لاءِ ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ ۽ حقيقي انساني قانوني حق حاصل ڪرڻ لاءِ عوام جي طاقت جو غير متوقع ۽ بيحد حيران ڪندڙ مظاهرو ڪيو.مڪمل طور واقف، مُنظم ۽ مستحڪم نہ هئڻ سبب گهربل مقصد حاصل ڪرڻ ۾، انهيءَ وقت تہ ڪامياب نہ ٿي سگهيو، پر پنهنجي انقلابي عمل وسيلي فرانس تہ ڇا، پر يورپ توڙي سڄي دنيا ۾عوام دشمن ۽ استحصال ڪندڙ طبقن ۽ ڏرين ۽ ظالم حڪمرانن کي خوف ۽ هِراس ۾ مُبتلا ڪري ڇڏيو. فرانس طرفان

آمريڪي انقلاب ۾ مُلوث هئڻ ۽ بادشاهہ لوئيس سورهين ۽ سندس وارثن جي بيجا ۽ فضول خرچين، فرانس کي معاشي طور ڏيوالي جو شڪار ڪري ڇڏيو. نہ فقط سرڪاري خزانو خالي ٿي ويو پر لڳاتار خشڪ ساليءَ، چوپائي مال ۾ مسلسل بيماريون ۽ موت، پڻ ڏهاڪن دوران اناج وارا فصل خراب ٿيڻ ۽ آسمان سان ڳالهيون ڪندڙ مهانگائي، غريب عوام جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو. ويتر ناجائز محصول مڙهڻ سبب بيزار ٿي، فرينچ عوام سرڪار جي خلاف بغاوت ۽ هنگامہ آرائيءَ تي لهي آيو.اُنهيءَ انڌير نگريءَ واري عالم ۾ سرڪاري طور تي سترهن هزارن کان بہ وڌيڪ ماڻهو اجل جو شڪار ٿيا ۽ خبر ڪانهي تہ ٻيا ڪيترا ماڻهو ڪيسن هلڻ بنا، جيلن اندر سڙي مري ويا! سن 1786ع جي پڇاڙيءَ ۾ بادشاهہ لوئيس سورهين جي مقرر ڪيل ڪنٽرولر جنرل، چارلس اليگزينڊر ڊي ڪالون، سموري زرعي زمين تي هڪڙو مخصوص محصول مڙهڻ جي تجويز ڏني، جنهن تحت صاحب مراعات طبقو بہ آجو نہ هجي. هن تجويز جي حمايت لاءِ امير طبقي ۾ پيدا ٿيل اختلافن کي گهٽائڻ لاءِ ڪنهن بادشاهہ سن 1614ع کان وٺي 1786ع تائين پهريون ڀيرو مُلن واري امير طبقي ۽ وچولي امير طبقي کي هڪ گڏجاڻيءَ ۾ گهرايو جيڪا 5 مئي 1789ع ۾ مقرر ڪئي وئي هئي. بادشاهہ انهن ماڻهن کان مسئلن جي فهرست طلب ڪئي. فرانس جي آدمشماريءَ ۾ قابل غور حد تائين تبديلي ٿي چڪي هئي ۽ ٽيو نمبر اسيمبلي ۾ 98 سيڪڙو هئڻ جي باوجود ميمبرن جي وڏي تعداد کي ووٽ جي حق کان محروم رکيو ويو. تنهن ڪري عوام ووٽ جي حق جي گهر ڪئي، امير، جاگيردار ۽ شاهوڪار مُلان طبقي کي مليل ناجائز مراعات کي رد ڪرڻ جي گهر ڪئي ۽ مُلڪ ۾ نمائنده حڪومت، يعني جمهوري نظام حڪومت جي قيام جو مطالبو ڪيو.ياد رهي تہ فرانس ۾ شاهي حرفت بازيءَ موجب بادشاهہ طرفان ملڪي معاملن بابت نالي ماتر مشاورت واسطي تي الڳ الڳ صلاحڪارن جا ايوان قائم ڪيل هئا. انهن ايوانن کي سلسليوار فرسٽ اسٽيٽ، سيڪنڊ اسٽيٽ ۽ ٿرڊ اسٽيٽ سڏيندا هئا. ٿرڊ اسٽيٽ ۾ عام ماڻهن مان بہ ايڪڙ ٻيڪڙ ميمبر نامزد ڪيا هئا. 17 جون 1789ع تي ٿرڊ اسٽيٽ گڏجاڻي ڪري پاڻ کي قومي اسيمبلي قرار ڏنو ۽ ٽن ڏينهن کان پوءِ ٽينس راند جي ميدان ۾ گڏ ٿي وچن ڪيو تہ سمورا ميمبر آئيني سڌارن لاءِ گڏجي جدوجهد ڪنداسين ۽ هڪٻئي کان هرگز جدا نہ ٿينداسين. انهيءَ گڏجاڻيءَ کان پوءِ هڪ هفتي اندر امير ملن واري طبقي جي اڪثر نمائندن ۽ آزاد خيال امير طبقي جي 47 نمائندن، قومي اسيمبليءَ ۾ شموليت اختيار ڪئي پر بادشاهہ لوئيس سورهين، عداوت ۽ نفرت وچان نئين قومي اسيمبلي ۾ سمورا مشاورتي ايوان يعني اسٽيٽس ضم ڪري، قومي اسيمبليءَ جي الڳ ۽ نرالي پيدا ٿيل بناوت ۽ سياسي حيثيت کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ٻئي طرف نئين قومي اسيمبلي ورسيلس ۾ پنهنجون گڏجاڻيون جاري رکيون ۽ پنهنجي آئين ساز اسيمبليءَ واري حيثيت اختيار ڪئي. انهيءَ گهڻ طرفي ڪشمڪش واري صورتحال، راڄڌانيءَ واري شهر پيرس ۾ مجموعي خوف ۽ هِراس واري ڪيفيت پيدا ڪري وِڌي، ڇاڪاڻ تہ شاهي اقتدار ڪمزور ٿيڻ ڪري، رياست جي اقتدار تي فوج طرفان قبضو ٿيڻ وارو افواهہ زور وٺي ويو هو. عوام طرفان سرڪار جي خلاف پرچار ۽ بغاوت جي رچي راس ٿيڻ تي 14 جولاءِ 1789ع تي عوام واري انقلاب جي هر اَوَل دستي يعني نوجوان انقلابي طبقي، هٿيار ۽ بارود کي محفوظ بنائڻ ۽ ان کي فوج طرفان



عوام جي خلاف استعمال ڪان روڪڻ واسطي، باسٽل قلعي تي حملو ڪيو. انهيءَ واقعي کي، فرينچ انقلاب جي شروعات سڏين ٿا ۽ انهيءَ تاريخ / ڏينهن کي قومي انقلاب ۽ آزاديءَ جو ڏينهن / ڏڻ ڪري ملهائيندا آهن. انقلابي جوش ۽ جذبي واري لهر، انقلابي طوفان جي صورت ۾، شهر توڙي ٻهراڙيءَ، مطلب تہ جهر جهنگ ۾ سمورن ظالمن ۽ استحصالي طبقن، ظالم حاڪمن ۽ ظالم ماڻهن جي خلاف، نفرت ۽ سمورن ظالم حاڪمن، طبقن ۽ ماڻهن ڪان بدلو وٺڻ جي هيجان ۾ سرشار عوام کي مڪمل آزاد ۽ اقتدار جو حقيقي وارث بنائي ڇڏيو. بدلي جي هيجاني ڪيفيت ۾ سرشار عوام، پورهيت ۽ هاري طبقي، جاگيردارن، اميرن، زميندارن، شاهوڪار ملن، اعليٰ عملدارن ۽ ظالم حڪمران طبقي جي محلن/ گهرن تي گڏيل حملا ڪيا، ڦريو لُٽيو ۽ انهن محلن / گهرن کي باهيون ڏئي ساڙي ڇڏيو. هاري ۽ پورهيت عوام طرفان غير متوقع ۽ حيران ڪندڙ ۽ ڀيانڪ بغاوت سبب ظالم ۽ عوام دشمن حاڪم، امير، جاگيردار، امير مُلان ۽ زميندار طبقي جي ملڪ مان ڀاڄ ۾ تيزي اچڻ ڪان متاثر ٿي، انقلابي عوام جي همٿ افزائي ۽ پنيرائي ڪندي نئين آئين ساز قومي اسيمبليءَ 4 آگسٽ 1789ع ۾ جاگيرداري نظام کي رد ڪرڻ وارو ٺهراء منظور ڪيو. انهي ٺهراء کي پوءِ پيدا ٿيل هڪڙي فرينچ تاريخدان، جارجس ليفيبور، "Death certicate of the old order" يعني "پراڻي سماجي نظام جي موت جو پروانو سڏيو، 4 آگسٽ 1789ع ۾ قومي اسيمبليءَ انساني حقن ۽ شهري حقن بابت هڪڙو پڌرنامون جاري ڪيو. جنهن جو بنياد، روشن خيال مفڪرن، جِين جيڪس روسو ۽ ٻين جي تشڪيل ڪيل سياسي جمهوري اصولن تي قائم ڪيو ويو هو. انهيءَ پڌرنامي ۾ قومي اسيمبليءَ مطلق العنان حڪومت کي رد ڪري، ملڪ ۾ آزاديءَ، برابريءَ، انصاف، ڀائيچاري ۽ رواداريءَ تي مبني، عوام طرفان چونڊيل، عوامي نمائندن تي مشتمل هڪڙو جمهوري نظام حڪومت قائم ڪرڻ، ان کي محفوظ ۽ مستحڪم بنائڻ جو عوام سان وچن ڪيو. خراب معاشي حالتن ۾، قومي اسيمبليءَ لاءِ هڪڙو حقيقي جمهوري آئين تشڪيل ڪرڻ تمام مشڪل مسئلو ٿي پيو. مثلاً ڏيهہ ۽ پرڏيهہ لاءِ سفيرن ۽ وفدن جي رُڪنن ۽ نمائندن جي چونڊ جي ذميواري ڪنهن کي سونپجي، مذهبي پيشوا حڪومت سان وفادار رهندا يا پوپ جي حڪم تحت هلندا. اهڙن ٻين ڪيترن ئي معاملن بابت قومي اسيمبليءَ جا ميمبر، ڪيترن ئي مهينن تائين پاڻ ۾ ڇڪتاڻ ۾ مبتلا رهيا. ٻئي طرف جون 1791ع ۾ بادشاهہ مُلڪ مان ڀڄڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ان کي روڪي قيد ڪيو ويو. پر 3 سيپٽمبر، 1791ع ۾ لِکيل صورت ۾ فرانس جو جيڪو پهريون آئين پڌرو ڪيو ويو، تنهن ۾ ملڪ ۾ آئيني بادشاهت جي قيام جو ذڪر هو. جنهن تحت بادشاهہ کي وزارت ٺاهڻ ۽ ويٽو جا اختيار مليل هئا. اسيمبلي ميمبرن کي فيصلن ڪرڻ جا اختيار بلڪل محدود ڪيا ويا. اسيمبلي ۾ موجود بااثر ارڪان، جهڙوڪ ميڪسيميلين روسپيئر ڪيمل دوسمولن ۽ جارج ڊينٽن وغيره، جن بادشاهہ کي ڦاسي ڏيڻ ۽ ملڪ

۾ حقيقي جمهوري نظام حڪومت جي قيام لاءِ جدوجهد پي ڪئي، انهن کي اهڙو ناقص، عوام دشمن ۽ بادشاهت کي برقرار رکڻ وارو آئين هرگز قبول ڪو نہ هو ۽ انهيءَ آئين کي رد ڪرڻ ۽ ملڪ ۾ حقيقي جمهوري نظام جي قيام لاءِ جدوجهد تيز ڪئي. اپريل 1792ع ۾ نئين چونڊيل اسيمبليءَ آسٽريا ۽ پروشيا سان جنگ ڪرڻ جو اعلان ڪيو ڇاڪاڻ تہ اسيمبليءَ جي ميمبرن جو خيال هو تہ اسيمبلي ۾ انقلاب دشمن فرينچ هتان ڀڄي انهن ملڪن ۾ وڃي انقلاب جي خلاف فرانس تي انهن ملڪن طرفان حملو ڪرڻ جي تياريءَ ۾ رُڌل آهن. 10 آگسٽ 1792ع ۾ جيڪبيئن انتها پسند ٽولي، پيرس ۾ شاهي محل تي حملو ڪري بادشاهہ کي قيد ڪيو ۽ ٻئي مهيني، يعني سيپٽمبر ۾ پيرس شهر جي انتها پسند باغين، انقلاب مخالف مُلزمن کي سوَن جي تعداد ۾ ماري ڇڏيو ۽ آئين ساز اسيمبليءَ کي رد ڪري، ان جي بدران، انقلابين تي مُشتمل هڪڙي گروپ کي "نيشنل ڪنوينشن" جي نالي ۾ تشڪيل ڪيو جنهن بادشاهي نظام رد ڪري، ملڪ ۾ جمهوري نظام جي قيام جو اعلان ڪيو. 21 جنوري 1793ع ۾ فرينچ رياست سان وڏي غداري ڪندڙ ۽ عوام دشمن ڪردار جو حامل ڄاڻائيندي، بادشاهہ لوئيس سورهين کي موت جي اڌيءَ تي رکي سندس سِر قلم ڪيو ويو ۽ سندس راڻي ميري اينٽوئينيٽ کي پڻ نوَن مهينن کان پوءِ قتل ڪيو ويو. اهڙي طرح انقلاب سخت تشدد وارو روپ اختيار ڪيو. عيسائيت خلاف خطرناڪ مهم چالو ڪئي وئي، هڪ نئين ڪيلينڊر جي جوڙجڪ عمل ۾ آندي وئي ۽ هزارن جي تعداد ۾ مُبينہ انقلاب دشمن عناصر کي قتل ڪيو ويو. ماڻهن کي گهٽو ڪري پبلڪ سيفٽي ڪميٽيءَ جي اڳواڻ، روبسپيئر جي حڪمن تحت ماريو ويو ۽ نيٽ ڪيس پڻ 28 جولاءِ 1794ع تي ساڳيءَ طرح اڏيءَ تي رکي ماريو ويو ۽ سندس انتها پسند قاتل ٽولي خلاف عملي مهم چالو ٿي وئي. 22 آگسٽ 1795ع ۾ روبسپيئر واري ٽولي کان بچي ويل نيشنل ڪنوينشن واري ٽولي، هڪڙي آئيني مسودي جي منظوري ڏني، جنهن ۾ پارليامينٽ ٻن ايوانن تي مُشتمل هئي، جيڪا مرحليوار آئين جوڙيندي. اقتدار اعليٰ جو مڪمل اختيار پنجن ميمبرن تي مُشتمل هڪ ڪميٽيءَ کي حاصل هوندو. ان کي ڊائريڪٽري سڏيو ويندو. اها ڊائريڪٽري پارليامينٽ طرفان جوڙي ويندي. شاهہ پرستن ۽ جيڪبيئن گروپ، هن نئين حڪومت جي جوڙجڪ جي خلاف احتجاج ڪيو پر نئين فوجي سالار، نيپوليئن بوناپارٽ انهيءَ بغاوت کي دٻائي ڇڏيو. چئن سالن جي اقتدار ۾، ڊائريڪٽري سياسي رشوت ستاني، معاشي بحران، عوام ۾ بيچيني ۽ نااهليءَ جي حامل رهي. تنهن ڪري انهيءَ پنهنجو اقتدار برقرار رکڻ واسطي فوج تي گهڻو انحصار ڪيو. انهيءَ معروضي صورتحال جو ناجائز فائدو وٺندي، تاريخ 9 نومبر، 1799ع ۾ ڊائريڪٽريءَ کي منسوخ ڪري، فوجي سالار، نيپولين بوناپارٽ، اقتدار تي فوجي قبضو ڪري، پاڻ کي مُلڪ جو First Consul فرسٽ ڪونسل يعني ناظم اول معنيٰ ڳُجهي يا اڻسِڌي طرح بادشاه بنائي، فرانس تي لڳاتار سورهن سالن تائين مرد آهن طور مسلط رهيو. فرينچ حڪومت تي سندس ناجائز فوجي قبضي واري واردات، فرينچ انقلاب کي عملي طور ختم ڪري ڇڏيو.

⑥



# فرانس جي تاريخ جا دلچسپ واقعا

## اوائلي گئول

جڏهن قديم رومين فرانس کي پنهنجي شهنشاهت جو حصو بنايو، تڏهن انهن پنهنجي سرحدن کي رائن نديءَ جي ڪناري ۽ پئرس وارن بيلن تائين وڌائي ڇڏيو. شهنشاهه جوليئس سيزر جي شهرت جيڪا ڪيس ايشيا جي ميدان ۾ بادشاهه وَرنگيتورڪس کي 52ق.م. ۾ شڪست ڏيڻ سان حاصل ٿي. تنهن جي اشاعت هن قديم دنيا جي ادبي شاهڪار گئولن جون جنگيون Gallic Wars نالي ڪتاب جي صورت ۾ جلدي ڪرڻ پئي چاهي. انهي سال سين واديءَ جي هڪ جزيري لُوتيتيا Lutetia ۾ رومين پنهنجي بيِنڪ قائم ڪئي. جنهن کي پوءِ پئرس سڏيو ويو. جڏهن رومي سلطنت جو زوال آيو ته رومي لشڪر کي رومي سمنڊ جي ڪناري تي قائم محفوظ ڇانوڻين ڏانهن منتقل ڪيو ويو. جن ۾ مکيه هيٺيون هيون.

آرينج، مونٽ پيليئر، نائيمس، ناربون ۽ مارسيل، جتي يورپ ۾ رومين جا بهترين يادگار قائم آهن. ملڪ ڇڏڻ وقت ورثي طور رومي ڪيٿولڪ چرچ ڇڏي ويا. جيڪو پنهنجي ڪافي اوٽاين جي باوجود انهيءَ افراتفريءَ جي عالم ۾ جيڪا سلطنت جي زوال سبب سرزد ٿي. تهذيب جي واحد ضامن طور موجود هو. گهٽ

درجي واري ايٽِن ٻولي عام طور عمل ۾ هئي. جيڪا آهستي آهستي قديم فرينچ ٻوليءَ ۾ تبديل ٿي. اها ٻولي وچئين دور واري ٻوليءَ جي اجوڪن ماهرن کي مُنجهايو وجهي. تہ وري سرهائي جو سامان بہ مهيا ڪري ڏي ٿي.

هتي وارن قبيلائي سردارن عيسائيت جو جيڪو قسم اختيار ڪيو هو اهو عموماً استعمال ۾ نہ هو. تنهنڪري ميرونجيئن گهراڻي جو باني ۽ اتر اوپر گئول فرينچن جو بادشاهہ ڪِلووِس رومن ڪيٿولڪ ٿي ويو ۽ ريمس جي طاقتور مها پادريءَ جي تائيد حاصل ڪئي ۽ گهڻن گئول قبيلن جي سياسي حمايت حاصل ڪئي. جن آپيشاهيءَ واري دؤر ۾ ناآشنائيءَ ۾ گذاريو. بادشاهہ ڪلووِسَ جي رومن ڪيٿولڪ مذهب اختيار ڪرڻ کي ڪيٿولڪ چرچ ۽ بادشاهہ جو سنگم قرار ڏنو ويو. جيڪو وڏي ويجهي انقلاب 1789ع تائين ترقي يافتہ رهيو.

سوئزينس واري جنگ جي نتيجيءِ ڪلووِسَ بادشاهہ 486ع ۾ رومي حڪومت جا گئول سرزمين تي قائم آخري نشان بہ مٽائي ڇڏيا. ان کان پوءِ وارين ڪاميابين ۾ اولهہ طرف سِين تائين ۽ پوءِ لوئر تائين سرحدن ۾ واڌارو ٿيو. سن 500ع ۾ ڊِچن واري جنگ کان پوءِ هيءَ برگنديءَ جي بادشاهہ جو لارڊ اعظم ٿيو. ست سال پوءِ سندس فوجن وسيگوٿس Visigoths کي اسپين ڏانهن ڀڄائي تقريباً اهو سمورو علائقو فرانس سان ملايو. جتي هن پنهنجي ميرووِنجِيئَن Merovingian گهراڻي جي حڪومت قائم ڪئي.

اوائلي شرافت مان وڏ ۾ وڏ چڱائي لاءِ ڪوشش ڪندي، اوڀر رومي شهنشاهيت جي بازنطيني شهنشاهہ اناستيسيئس Anatasius آخرڪار فرانس جي بادشاهت کي تسليم ڪيو. سن 511ع ۾ بادشاهہ ڪِلوسَ جي وفات بعد فرانس جي بادشاهي رياست سندس وڙهندڙ وارثن ۾ ورهائجي وئي. ميرووِنجيئن گهراڻي جي



حڪومت مختلف ياڱن جي صورت ۾ بہ وڏيڪ اڍائي سئو سالن تائين برقرار رهي. انهيءَ عرصي دوران وڏن پادرين ۽ اميرن جو اثر رسوخ وڌيو ۽ سندن مقامي علائقائي حڪمراني قائم ٿي. جنهن کي اجوڪي مفهوم ۾جاگيرداري چئي سگهجي ٿو. جيتوڻيڪ ميروونجيئن گهراڻي وارن جي وڪالت ڪندڙ سندن ڪارناما بيان ڪرڻ ۾ ڏاڍا تڪڙا آهن. مگر سندن ڪمزور ۽ آپيشاهي دور حڪومت کي عالمي تاريخدان اونداهو دورڪري ڄاڻائين ٿا.

ميروونجيئن گهراڻي جي درباري سازشن سبب تباهہ ٿيڻ سان حڪومت تي قابض هڪ نئون گهراڻو ڪيرولنجيئن پيدا ٿيو. سندن اڳواڻن مان هڪڙي شخص نالي چارلس مارٽل Charles Martel سن 743ع ۾ ٽوئرس جي ميدان ۾ مسلمانن طرفان اتر يورپ ۾ ٿيل حملي کي روڪيو ۽ پنهنجي پٽ پيپن Pepon لاءِ گهڻي وڏايل بادشاهي ڇڏي ويو. ڪيرولنجيئن شهنشاهت پائرينيز جبلن کان وٺي جرمنيءَ وارن بيلن تائين يعني موجود فرانس، جرمني ۽ اٽليءَ جي اترئين حصي تي مشتمل پکڙجي وئي. هن وسيع و عريض شهنشاهت جو وارث شارليمن Charlemagne 768ع ۾ بادشاهہ بڻيو. سن 800ع ۾ ڪرسمس جي موقعي تي روم ۾ نيڪ شهنشاهہ جي حيثيت ۾ شهنشاهہ ٿيو ۽ پنهنجي راڄڌانيءَ ۾ پاڪ رومي شهنشاهيت جو بنياد اچي وڌائين، سندس حڪومت علم، ادب، فنون لطيف ۽ علمي شاهڪارن ۾ نئين سر اجاگر ڪيل دلچسپي ڏني. جنهن کي دانشورن ڪيرولنجيئن گهراڻي واري نئين روشنيءَ يا روشن خياليءَ طور پيش ڪيو. شارليمن جي مقناطيسيت جي برعڪس سندس



وڪرندڙ شهنشاهيت ۾ ثقافتي ويڇا پيدا ٿي پيا. جيڪي سندس ٽن وارثن جي دور ۾ ٻن حصن ۾ ورهائجي ويا. اڪوئلٽين واري چارلس الهندي علائقي کي پنهنجي تسلط هيٺ آندو ۽ جوئريا واري لوئيس ايرندي ياڱي تي قبضو ڪيو. تاريخدانن هن ورهاست کي جديد فرانس ۽ جرمنيءَ جي جدا قومن جي حيثيت سان تاريخي واڌاري ۽ ترقيءَ سان تعبير ڪيو آهي. شارليمن جي وفات کان ٿورو پوءِ سندس ٽڪرا ٿيل شهنشاهت تي اتر طرف کان ساموندي ڌاڙيلن ڏکڻ کان مسلمانن ۽ اوڀر کان هنگريءَ وارن حملا ڪيا.

## وچيون دور

سن 987ع ۾جڏهن ڪيرولنجيئن گهراڻي جو خاتمو ٿيو تہ هف ڪيپيٽ Hugh Capet پئرس جو نواب ۽ فرانس جو ڊيوڪ هو. تنهن حڪومت تي قبضو ڪري پنهنجي گهراڻي Capietian Dynasty جو آغاز ڪيو. جنهن سان فرانس ۾ وچئين دور جو سرڪاري طور شروعات جو اعلان ٿيو. سن 1154ع ۾ اڪوئيٽن واري شهزاديءَ ايلِينَر آف اڪوئيٽين Elenorof Aquitaine جي فرانس جي بادشاهہ لوئيس ستين سان ٿيندڙ شاديءَ جي رد ٿيڻ ۽ سندس يعني ايلينر جي شادي انگلينڊ جي هينريءَ ٻئي سان ٿيڻ سبب فرانس جو الهندو اڌ حصو انگلينڊ جي قبضي ۾ آيو. جنهن جا اهڃاڻ صدين تائين باقي رهيا. انهيءَ دوران شاهي ٻيلا ۽ ڍٻڻين وارا علائقا صاف ڪيا ويا جيڪي اتي جي مقامي رهاڪن راهبن جي گروهن صفا ڪيا. آدمشماري وڌي, شاهي گوٿڪ گرجا گهر تعمير ٿيا ۽ تيزي سان ترقي ڪندڙ سماجي ڍانچي جي هر هنڌ ۽ ميدان ۾ پادرين ۽ راهبن جي شرڪت واقع ٿي, حڪمران طبقي ۾ خوشقسمتيءَ سان ٿيندڙ شادين سبب پئرس جي حڪمراني هيٺ ايندڙ علائقن ۾ ٻيڻ تي اضافو ٿيو ۽ شهر کي ملڪ جي راڄڌاني طور تسليم ڪيو ويو.

بادشاهہ فلپ ثاني Philippe II جنهن سن 1179ع کان 1223ع تائين حڪومت ڪئي. فرينچ حڪمرانن ۾ سيني کان وڏيڪ پنهنجي خاندان ۾ ماڻهن جون شاديون ملڪ جي مکيہ خاندانن جهڙوڪ وولوئس Volois آرٽوس Arois ۽ ورمينڊوئس Vermandois مان ڪرايون. هن پنهنجا شهر نارمنڊي Nromandy ۽ اينجو Anjoe انگريزن کان واپس وٺڻ جو بندوبست ڪيو. بادشاهہ سينٽ لوئس نائون تيرهين صديءَ ۾فرانس جو ناميارو بادشاهہ سڏبو هو. جيتوڻيڪ سندس اڳين حڪمرانن جي فوجي ڪاميابين سان حاصل ڪيل علائقا هن انگريزن کي موٽائي ڏنا, ڪجهہ قدر مذهبي گروهہ بنديءَ سبب ۽ بيماريءَ جي باعث سن 1270ع ۾ هڪ فوجي ٻيڙي تي سوار هوندي وفات ڪيائين. جيڪو ٻيڙو ان وقت تيونس جي بندر تي لنگرانداز هو. سندس اهو سفر اٺين صليبي جنگ وڙهڻ لاءِ شروع ڪيل هو. سندس وفات وقت ناٽرڊيم ڪيٿيڊرل ۽ سينٽ چَيپَل جيڪي پئرس ۾ آهن مڪمل تعمير تي پُڄڪا هئا ۽ پٿر تي چٽسالي ۽ گهاڙيٽي جو فن اوچ تي هو ۽ پردن لاءِ ڪم ايندڙ چٽن گلن ۽ رنگين تندن وارو ڪپڙو سهڻي نموني جو تيار ٿيندو هو.



www.alamy.com - DGXAGC

سن 1300ع ۾ لالچي پوپ جي تقاضائن خلاف فرينچ خودمختياري لاءِ جدوجهد دوران فلپ چڱي کي سخت ڪاوڙ ڏياري ۽ رومي پوپ جي برخلاف اَوِگنن واري پوپ جي حمايت ۽ رومي پوپ بونيفائيس اٺون Roman Pope Bonifice VIII جي سر عام بي عزتي ڪئي ۽ ڪيس گهر ۾ نظربند ڪري ڇڏيائين. چون ٿا اهو پوپ انهيءَ صدمي سبب گذاري ويو. وچئين دور جي وڏن واقعن مان هڪڙو هي به آهي ته انهيءَ دور ۾ هڪ وقت تي روم توڙي اوِگنن شهرن مان به پوپ حڪومت ڪري رهيا هئا ۽ روحاني توڙي مالي وسيلن تي وڌ ۾ وڌ قبضي خاطر هڪٻئي سان زور آزمائي ۾ سانده مشغول رهيا. تان جو 1378ع ۾ رومي پوپ کي سياسي حمايت واضح طور حاصل ٿي ۽ اوگنن وارو پوپ پنهنجي دعويٰ تان دستبردار ٿيو. چوڏهين عيسوي صدي فرينچ بادشاهن جي طاقت ۽ دولت ۾ اضافو ڏٺو. انهيءَ دور ۾ جاگيردارن جي زر توڙي زور ۾ نمايان گهٽتائي ٿي. سن 1316ع ۾ بادشاهه لوئيس ڏهين جي پنهنجي وارث بنا وفات سبب هڪ ڏهاڪي کان به وڌيڪ سالن تائين ملڪ ۾ آپيشاهي ۽ افراتفريءَ جو عالم برپا رهيو. نيٺ ويلوئس گهراڻي حڪومت تي قبضو ڪري پنهنجي گهراڻي جي شروعات ڪئي.

سن1348ع ۾ اونهاري ۾ پليگ وبائي بيماري يورپ ۾ پکڙي ۽ چار سال برقرار رهي. جنهن دوران يورپ جي آدمشماريءَ جو اٽڪل ٽيون حصو يعني 33 سيڪڙو موت جو ڪاج ٿي ويو. پئرس جا سرنديءَ وارا ماڻهو شهر ڇڏي ٻهراڙيءَ جي وادين جهڙوڪ لوئي وغيره ۾ سلامتيءَ وارن ماڳن تي وڃي رهيا. نتيجي طور فصل تمام خراب ٿيا ۽ قوم خطرناڪ مالي بحران ۾ وڪوڙجي وئي.

سئو ساله انگريزن جي فرانس سان جنگ دوران فرينچ تخت تي قبضي جي نيت ڪري هنن فرانس ۾ داخل ٿيڻ لاءِ ڪيترائي رستا ٺاهيا. پنهنجي بي پناهه طاقت سان تقريباً سمورو اترين پاڱو جنهن ۾ پڪاردي Picardy ۽ نارمنڊي Normandy شامل آهي. تنهن کان سواءِ شيمپئن, لوئر واديءَ جا ڪجهه حصا ۽ گُويين Guyenne وارو وڏو علائقو پنهنجي قبضي ۾ آندو. هن صورتحال دوران هڪ ڪِرشِما ساز شخصيت هاري خاندان جي ڇوڪري جان آف آرڪ Joan Of Arc عظيم سورميءَ جي صورت ۾ نمودار ٿي. جنهن مايوس ۽



ڇڙوڇڙ فرينچ لشڪر کي منظم ۽ مضبوط بنائي دشمنن خلاف بي مثال جدوجهد شروع ڪئي ۽ بزدل فرينچ ولي عهد جي لاءِ بادشاهه چارلسستين جي حيثيت ۾ ريمس جي ڪيٿيڊرل ۾ سندس تاجپوشيءَ جو بندوبست ڪيو. ڪيٿولڪ چرچ جي مخالفت ڪري هن سورمي کي رائج مذهب جي مخالف هئڻ جي الزام تحت روون Roven شهر ۾ 1431ع ۾ تياس تي ٽنگي ساڙي قتل ڪيو ويو. ٽِئين تخت نشين بادشاهه جي اڳواڻيءَ ۾ آندل سڌارن ڪري مالي طور ڪجهه قوت حاصل ٿي ۽ قومي وقار به ڪي قدر بحال ٿيو. پاڻ ۾ وڙهندڙ ۽ ڇڙوڇڙ فوجي ٽولن جي پاڻ ۾ ناهه ٿيڻ ڪري انهن انگريزن کي ملڪ جي وڏي حصي مان پچائي ڪڍيو ۽ انگريزن وٽ فقط نارمنڊي وارو ڪيلائس Calais بندر قبضي هيٺ رهيو. سيلٽڪ ٻولي ڳالهائيندڙ ماڻهن تي مشتمل اولهه وارن علائقن کي فرانس ۾ ضم ڪرڻ خاطر بادشاهه چارلس اٺين سن 1400ع جي آخر ۾ برٽيني واري آخري شهزاديءَ ايني Enne, last Duches of Brittany سان شادي ڪئي 1500ع جي اوائل ۾ بي حد چالاڪ ۽ حرفت باز بادشاهه سفارت ۽ عداوت ۽ شجاوت سان پنهنجي بادشاهي کي محفوظ ۽ معيشيت کي اٽليءَ جي شاهوڪارن کان آزاد ڪري مضبوط ڪيو. هن روشن خياليءَ جي پيچيده پاليسين سان مقابلو ڪري فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ جوڳيون تدبيرون اختيار ڪيون ۽ ٻين جي مدد تي انحصار ڪرڻ جي بدران هر طرح سان خود ڪفيل ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ڪافي قدر ڪامياب ٿيو.

انهيءَ دوران ڪيٿولڪ بدعت جي خلاف احتجاج وارن خيالن ۾ اضافي ۽ ڪيٿولڪ چرچ جي بدعت کي برداشت ڪرڻ وارن خيالن جي خاتمي سبب گهرو ڪشيدگي پيدا ٿي. 1572ع ۾ ميڊيسيءَ واري ڪيٿرين Catherine De Medici پنهنجي مذهبي سهپ واري پاليسيءَ کي تبديل ڪري سينٽ بار ٿولو ميو جي ڏينهن تي سوين پروٽيسٽنٽس Protestants جي قتل جو حڪم ڏنو. بادشاهه هينري چوٿون قتل ۽ غارت گيريءَ کان تنگ ٿي ۽ اهو خوف ڪائيندي ته متان اسپين ملڪ جيڪو خود رومن ڪيٿولڪ هئڻ سبب هتي امن بحال ڪرڻ جي بهاني ۽ رومن ڪيٿولڪ چرچ جي بچاءُ ۽ مدد جي بهاني فرانس تي قبضو اچي ڪري. سن 1593ع ۾ سمجهوتي طور پاڻ خودرومن ڪيٿولڪ مذهب اختيار ڪيو. سن 1598ع ۾ هڪڙي اڌ چريي راهب هٿان خنجر سان قتل ٿيڻ کان ٿورڙو وقت اڳ ۾ بادشاهه مشهور فيصلي Edit of Nantes نينٽس جو فرمان جاري ڪيو جنهن موجب فرانس ۾ پروٽيسٽنٽ فرقي وارن کي مذهبي آزادي ڏيڻ جو اعلان ڪيو.

## جاگيرداريءَ جو خاتمو

هن وقت کان وٺي فرانس هاڻي جديد رياست جي صورت اختيار ڪئي. جنهن ۾ جاگيرداري نظام جا فقط چند باقيات رهجي ويا هئا. سن 1624ع ۾ بادشاهه لوئيس تيرهن ڪيٿولڪ فرقي جي مهاپادري رچليو Richliece کي پنهنجو وڏو وزير بنايو. وسيع قانوني اختيار حاصل ڪرڻ سبب 1642ع ۾ مرڻ گهڙيءَ تائين ملڪ تي حڪمراني ڪندو رهيو. سندس وزارت جو مکيه مقصد سموري اختيار جو مرڪز فقط بادشاهه سلامت جي ذات ٿي هئي جنهن ۾ ٻيو ڪو به پاڳي پائيوار نه ٿي سگهي. انهيءَ مقصد جي حصول لاءِ هن ڪيترائي ٻُجڙا قدم کنيا. جنهن سبب بادشاهه لوئيس چوڏهون مکمل طور مرد آهن Monarch جي صورت

۾ تخت نشين رهيو. سِسِليءَ ۾ پيدا ٿيل پنهنجي وڏي وزير پادريءَ مزارين جي مدد سان نون (9) سالن جي عمر ۾تخت نشين ٿيڻ جي باوجود سندس حڪمرانيءَ واري دور ۾ يورپ هن کان وڌيڪ طاقتور رومي شهنشاهه کو نہ ڏٺو. پهرين اسپين جي خلاف لشڪرڪشي ڪيائين ۽ پوءِ اسپيني بادشاهه جي ڌيئرن مان هڪڙي سان قانوني طور شادي رچائي. فرانس جي حدن ۾ اسپين جي ٻن پرڳڻن آرتوئس Artois ۽ روسيلن Rausilon کي ملائي پنهنجي ملڪ جون سرحدون وڌايون. بعد ۾اتر ۽ اوڀر ۾ بيلجم خلاف فوجي مهمن ۽ پوءِ سفارتي عمل ذريعي پنهنجي سرحد کي وڌايو. انهيءَ وقت انگلينڊ جي آدمشماري 8 ملين ۽ اسپين جي آدمشماري 6 ملين هئي. انهن جي ڀيٽ ۾ فرانس جي آبادي تمام گهڻي يعني 20 ملين هئي. انهيءَ وقت فرانس جون نوآباديون (بينڪون) ڪينڊا، ويسٽ انڊيز ۽ آمريڪي رياست لائوسيانا اڳوڻي جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ طاقتور ٿي پيون هيون.

لوئيس بادشاهه جي ڏاهي وزير خزانہ ڪولبرٽ Colbert جي واپار وارين سُٺين پاليسين جي ڪري انهن ڪالونين مان فرانس بي حساب دولت ڪمائي وڏو طاقتور ملڪ ٿي پيو. امير طبقي جي پسند جنهن کي اڄڪلهه اميراڻو شوق چيو وڃي ٿو. انهيءَ جي تقاضا پٽاندر هنرن ۽ فنون ۾ ترقي ٿي. بادشاهه لوئيس جي ورسيلز وارو محلات انهيءَ دور جي فرينچ فن تعمير جو حقيقي شاهڪار يادگار آهي. هيءَ بادشاهه پنهنجي ملڪ جي سرحدي توسيع پسنديءَ واري حريص طبيعت سبب پوري يورپ جي قومن لاءِ خطرو ٿي پيو. تنهنڪري اُهي يوربي مُلڪ آرينج واري حڪمران وليئم William of Orange جي اڳواڻيءَ ۾ لوئيس تي ڪرڙي نظر رکڻ لڳا. هن صورتحال ۾ فرانس اهڙين بداتوار ۽ ڳاتي پيچندڙ خرچ سان ٿيندڙ جنگين جو سلسلو شروع ڪيو تہ ٻئي طرف زرعي پيداوار تمام خراب حد تائين گهٽجي وئي ۽ وري ماڻهن تي ڳرا محصول مڙهيا تن ماڻهن ۾ بي چيني ۽ بد دليءَ جي فضا قائم ڪئي. انهيءَ وقت انگلينڊ کي يورپ توڙي پوري دنيا ۾ پنهنجون نفعي بخش بينڪون قائم ڪرڻ واري حرص جو ساري دنيا کي خطرو لاحق هو.

ايٽلانٽڪ سمنڊ جي ڪناري تي وڏن بندرن خصوصاً بورڊيئڪس Bordeauz سبب فرانس ويسٽ انڊيز جي غلامن ۽ کنڊ جي واپار سبب ترقي ڪئي. فرانس ملڪ جي طاقت جي برعڪس انگلينڊ جي بحري طاقت سبب فرانس جون ڪالونيون ڪمزور ۽ گهٽ ٿيون. اٽلو پروشيا Prussia جي فوجي طاقت جي عروج فرانس لاءِ مسئلو وڌيڪ مُنجهائي وڌو ڇو تہ اهو هڪ پاڙيسري ملڪ هو.

### انقلاب ۽ نيپولين جو عروج

انهيءَ عرصي دوران روشن خياليءَ جي تحريڪ بادشاهي وهمن ۽ وسوسن ۽ مذهبي فرقيواريت خلاف جدوجهد ڪرڻ لاءِ دانشورن ۽ عالمن جو هڪڙو نسل تيار ڪري رهي هئي. حالانڪ خيالن ۾ جوش جو اُڀار پنجاهه سالن کان وڌيڪ عرصي کان وٺي عمل پيرا هو. جنهن سبب 1789ع واري فرينچ انقلاب ڪانپوءِ پورو يورپ اڳوڻي جهڙو هرگز نہ رهيو. 10 آگسٽ 1792ع ۾ مارسيل Marscille کان ايندڙ فوجن پئرس شهر جي وڳوڙي ٽولن سان گڏجي نااهل بادشاهه لوئيس سورهين ۽ سندس راڻي ميري اينٽوئينٽ Marie

Antoinette جيڪا آسٽريا ۾ پيدا ٿي هئي کي اقتدار تان هٽائي قيد ڪيو ويو. ڪيترن مهينن جي رتوڇاڻ ۾ مختلف مشتعل گروهن جي پاڻ ۾ ويڙهه ڪانپوءِ بادشاهه ۽ راڻيءَ کي قتل ڪيو ويو. فرانس جي مسئلن جي سڌاري کان اڳ انهن ۾ وڏيڪ اُبتري پيدا ٿي. هن قتل ۽ غارتگريءَ واري عمل ۾ اعتدال پسند توڙي انتها پسند انقلابين کي شهر جي وچ تي مُشتعل هجومن جي روبرو قتل ڪيو ويندو هو. جنهنجو مشاهدو مڃيريل هجومن سان گڏ ڊڪينس مم ڊفارج Dickens Mme Defarge جهڙو بچڙو ماڻهو به پنهنجي ٽولي سان گڏ ڪندو هو. پراڻي حڪومت جي خاتمي ۽ هن قتل ۽ خون جي هوليءَ فرانس جي تاريخ ۾ نهايت ڀيانڪ قصا ۽ ڪهاڻيون يادگارطور ڇڏيون ته اُن سان گڏ سورهيائي جا به ڪئين داستان مرتب ڪيا. مٿي بيان ڪيل سموري صورتحال جي نتيجي طور ”انساني حقن جو پڌرنامو“ جاري ڪيو ويو. جيڪو 1789ع ۾ شايع ٿيو اهو روشنخياليءَ تي مبني اهڙي اهيمت جو حامل دستاويز هو. جنهن کي هيستائين جمهوري قدرن ۽ اصولن جو بهترين نمونو سمجهيو وڃي ٿو. فرانس ۾ امير شاهي جي خاتمي سموري يورپ جي بادشاهن کي لوڏي ڇڏيو. هن صورتحال ۾ فرانس ۾ وري نئين سر قومي پڌي پيدا ڪرڻ لاءِ نيپولين بونا پارٽ واري فوجي قوت گهربل هئي. جنهن وقت فرينچ ماڻهو انقلاب دوران آپيشاهي جي ڪارستانين کان صفا تنگ ٿي پيا. تنهن وقت نيپولين هڪ ماهر سپهه سالار ۽ عظيم سياسي رهنما جي حيثيت ۾سياسي اُفق تي نمودار ٿيو ۽ پنهنجو تباهه ٿيل قومي وقار وري بحال ڪيو. هن پنهنجي ملڪ ۾ ڪامورا شاهيءَ جو هڪ نئون نظام قائم ڪيو. جنهن هڪ نئين قانوني ڍانچي تي عمل ڪيو.اهو قانوني ڍانچو دنيا جي اڪثر ملڪن ۾ پڻ نافذ ڪيو ويو. بوناپارٽ 30 سالن جي عمر ۾ سن 1799ع ۾ پئرس ۾ داخل ٿيو. جتي فرسٽ ڪونسل ۽ فرانس جي حاڪم First Consul and Master of France جي حيثيت ۾ سندس تاجپوشي ٿي تنهن کان جلد پوءِ هن جي اتر اٽليءَ خلاف ڪيل فوجي مهم جي فيصلاڪن ڪاميابيءَ سبب فرانس اندر سندس حڪومت کي وڏيڪ پختو ڪيو. هڪ ذهين سياستدان جي حيثيت ۾ ويٽيڪن پوپ سان صُلح سمجهوتو ڪري امن قائم ڪيو ۽ انقلاب جي اوائل ۾ پيدا ٿيل لادينيت ۽ نرمي اختيار ڪئي. پنهنجي ڪامياببن نيپولين ۾ سموري يورپ تي قبضي ڪرڻ جو حوص پيدا ڪري وڌو. عظيم موسيقار بيٿوون موسيقيءَ جي هڪ شاهڪار رچنا ايروئيڪا Eroica Symphony سندس يعني نيپولين جي نالي منسوب ڪئي، پر پوءِ جڏهن نيپولين ٻين ملڪن تي ٻيجا ڪاهون ڪيون ۽ پنهنجي ملڪ ۾ انياء جو مرتڪب ٿيو. تنهن وهنوار کي ظلم ڪوٺيندي بيٿوون پنهنجي رچنا جو انتساب منسوخ ڪري ڇڏيو. بونا پارٽ اڄان سموري يورپ تي قبضو ڪرڻ وارن خيالن ۾ محو هو. جو کيس ماسڪو کان پسپائيءَ جو شڪار ٿيڻو پيو. جنهن سبب 1812ع ۾ چار لک فرينچ سپاهي روس ۾ برفباريءَ سبب موت جو کاڄ ٿيا ۽ هيءَ عظيم فوج ڇڇي ٽڪرا ٽڪرا ٿي پئي. تنهن کان پوءِ واٽرلو واري جنگ ۾ نيپولين هارايو ۽ قيد ڪيو ويو. انگريزن کيس ڏکڻ ايٽلانٽڪ سمنڊ ۾ واقع سندن قبضي هيٺ ”سينٽ هيلينا“ ٻيٽ ۾ جلاوطن ڪري رکيو. جِتي کيس خبر ڪانهي ڪهڙي نموني زهر ڏيئي 1821ع ۾ ماريو ويو.

⑥



## ابتدائي صنعتي تهذيب ۾ پورهيتن جي حالت زار

نيپولين بوناپارٽ جي سينٽ هيلينا ٻيٽ تي نظربنديءَ سان جهڙوڪر في الوقت يورپ جومکيہ سياسي مسئلو حل ٿي ويل نظر آيو پر يورپي حڪمرانن جي اڳيان ٻيا بہ ڪيترائي وڏيڪ پيچيده سماجي ۽ اخلاقياتي مسئلا پنهنجي شدت سان موجود هئا. انگلينڊ ۽ جرمنيءَ جي صنعتي شهرن ۾ ڪارخانن مان نڪرندڙ دونهون ۽ غليظ رهائشي حالتن قدرتي ماحول کي خراب ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو. انهيءَ ڪري هزارن جي تعداد ۾ پورهيت ماڻهو غليظ ماحول، گهٽ خوراڪ ۽ طبي امداد جي عدم موجودگيءَ سبب جوانيءَ ۾ ئي مرڻ ۽ اپاهج ٿيڻ لڳا. اهي سمورا ماڻهو جديد صنعتي تهذيب جو شڪار ٿيڻ لڳا. جنهن تهذيب انسانيت جو ڪو سبق اڃان پڙهيو ئي ڪو نہ هو.

جهڙيءَ ريت بونا پارٽ پنهنجي زبان درازي سان ملڪ جي نومولود حب الوطنيءَ جي جذبي سان سرشار فرينچ نوجوان طبقي کي پنهنجي ناجائز مفادن خاطر استعمال ڪري سڄي يورپ ۾ قتلام ڪرايو. ساڳئي ريت يورپ جي صنعتي ملڪن جي صنعتڪار طبقي پنهنجي لالچ ۽ هٻڇ سبب صنعتي حرفت جي مدد سان غريب عوام کي گذر جي آسري تي پنهنجي ڪارخانن ۾ اچي اڙايو ۽ سندن محنت مان خوب نفعو ڪمايو پر

سندن خوراڪ، رهائش ۽ صحت جي بهبود لاءِ ڪو به اپاءُ نه ورتو. هي صنعتڪار طبقو انساني تاريخ جي سڀ کان وڏيڪ تخريبڪار، خود مطلب ۽ مڪار طبقي طور پيدا ٿيو. جڏهن ته معروضي تقاضا موجب صنعتي يعني معاشي ترقيءَ سان گڏ معاشري ڪي اخلاقي ترقي پڻ گهربل هئي. ايڪڙ ٻيڪڙ نيڪ ڪارخانيدارن ۽ اصلاح پسندن جي هجڻ سان اصل مقصد ۽ حقيقي طور فلاح عام جو حصول مُور ممڪن نه هو. هن نهايت دکدائڪ صورتحال کي تبديل ڪري فلاح عام جاري ڪرڻ لاءِ ته حقيقي اخلاقي تبليغ جي وڏي پئماني تي اشد ضرورت هئي ته جيئن صنعتي تهذيب جي ناانصافين جو احساس پيدا ٿئي ۽ اخلاقي سڌاري جو جذبو جاڳي، جو ته پورهيت طبقي سان ٿيندڙ غير انساني انياء جو تدارڪ سيڙپ جي گهٽائي ۽ ان مان حاصل ٿيندڙ نفعي جي ادائگيءَ جي ضمانت جي يقين داني سان ٿي سگهڻ جو ته ڪو به امڪان ڪو نه هو.



هن صنعتڪاريءَ واري نئين تهذيب جي پيدائش سبب نوان سياسي ۽ سماجي نظريا وجود ۾ آيا. سي مفاد پرستيءَ تي مشتمل هئا. جو ته انهن جو مکيه محرڪ، منافعو هو. انهيءَ دوران عام ڀلائي وارين ڌرين ۾ پڻ ڪجهه واڌارو ٿيو. جن جو نصب العين هن نئين تهذيب جي پيدا ڪيل خرابين جو انت آڻڻ هو. ماديت ۽ خيال پرستي، مذهب ۽ مفاد پرستي ۽ خود مطلبيءَ جو پاڻ ۾ خوب ٽڪرٿيو. جنهن جي نتيجي ۾ اوڻيهين صديءَ واريون نيون تاريخي روايتون وجود ۾ آيون.

فرينچ والار پسنديءَ واري انهيءَ دور ۾ اولهه يورپ ۽ اتر آمريڪا جي ڀرائين ۽زرعي علائقن ۾ نئين صنعت ڪاري پکڙندي رهي. انهن ڪارخانن وارن علائقن ۾ ڪارخانن مان نڪرندڙ دونهون ميلن تائين پکڙندو رهيو. اتي جون نهرون ۽ واهه ڪارخانن مان نڪرندڙ غليظ مادن جي انهن ۾ داخل ٿيڻ سبب ٿرجي ويا ۽ سندن پاڻي ڪاڌي پيتي ۽ ٻي استعمال جي لائق نه رهيا. انهيءَ دور ۾ پاڻيءَ جي زور تي هلندڙ مشينن کي ٻاڦ وسيلي هلائڻ جو تجربو ڪامياب ٿي رهيو هو. تنهن هن صنعتي انقلاب کي وڏيڪ زور وٺايو. ڪن وڏن واهڙن جي ڪنارن تي وڏي تعداد ۾ فقط ڪپهه تاڻڻ جا ڪارخانا لڳايا ويا. اتي پڻ صفائي ۽ صحت جو فقدان برقرار رهيو.

هن نئين طاقت يعني ٻاڦ جي ايجاد سبب وڏن ۽ ڀاري ڪارخانن جي چوڏاري سڪيم پورهيت طبقو وڏي تعداد ۾ رهڻ تي مجبور ٿيو. جتي تمام گھڻي غلاظت گُھٽ ۽ ٻُوسٽ ۾ رهندڙن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو هو. هن ٻهراڙين ۾ ڪارخانن جي قيام ۾ نہ فقط انهن هنڌن پاڻيءَ جي وڏي مقدار ۾ موجودگي جو سبب هو پر انهن هنڌن تي ڪوئلو پڻ وڏي مقدار ۾ لڌو ويو ۽ ٽرانسپورٽ جو پڻ جوڳو بندوبست ڪيو ويو. ان سان گڏ انهن علائقن جي آبهوا پڻ نهايت سٺي هئي. انهيءَ دور ۾ اتر اولهہ انگلينڊ ڪپهہ جي صنعت جو مرڪز ۽ لنڪاشائر وارو سمورو علائقو سموري دنيا جي صنعتڪاريءَ جو محور ٿي پيو. ڪارخانن ۾ ٻاڦ جي استعمال صنعت ۾ لوهہ ۽ ڪوئلي جي طلب ۾ گھڻو اضافو آندو.نتيجي طور سال 1830ع کان 1833ع تائين واري مختصر عرصي اندر انگلينڊ ۾ لوهہ جي پيداوار ۾ نهايت انقلابي اضافو ٿيو. جنهن دوران اهو ڇهہ لک اسي هزار ٽنن کان وڌي وڃي ٽيهہ لکن ٽنن کي پهتو. هينري بيسمر Henry Besemer طرفان ٿوري خرچ سان فولاد ٺاهڻ واري طريقي جي ايجاد کان پوءِ تہ هن صنعت ۾ تمام گھڻي ترقي ٿي ۽ فولاد جي پيداوار ۾ تمام گھڻو واڌارو ٿيو. هن عرصي دوران انگلينڊ جي ڀيٽ ۾ فرانس ۽ آمريڪا ۾ صنعتڪاري جي رفتار سست رهي. 1830ع تائين امريڪا ۾ اوني توڙي سوٽي ڪپڙي ٺاهڻ لاءِ پراڻا گهرو آڏاڻا ڪم ايندا هئا. صنعتي ترقيءَ جو دارومدار آمدرفت جي وسيلن جي ترقيءَ تي بہ ٿي پيو. اتر اولهہ يورپ ۾ نهرون ۽ درياءَ چڱي تعداد ۾موجود هئڻ سبب ريلوي جي ايجاد تائين انهن ندين کان موصلات جو خوب فائدو ورتو ويو.

اتر آمريڪا ۾ مواصلات جي مقصد لاءِ ٻهريون وڏو ڪينال نيويارڪ کان ايري ڍنڍ تائين کوٽيو ويو جيڪو 1825ع ۾ مڪمل ٿيو. هن کان ڏهہ سال پوءِ انگلينڊ ۾ واهن تان آمدرفت جو رجحان گهٽجڻ لڳو ۽



ريلوي ۾ خشڪي رستن ڏاهڻ جو رجحان پيدا ٿيو. ٽيلفورڊ ميڪڊم Telford Macadam نالي هڪ اسڪاٽ سائنسدان رستي پڪو ڪرڻ لاءِ مصالحو تيار ڪيو. جنهن جي تشهير انگلينڊ جي پارليامينٽ پنهنجي ڪميٽيءَ ذريعي 1819ع ۾ شروع ڪرائي ۽ انگلينڊ جي سمورن شاهي رستن کي پڪو ڪيو ويو. انهيءَ سبب ڪيترن ئي شهرن جي وچ ۾ روزانه ٽرانسپورٽ سروس شروع ٿي وئي. اهڙي ريت بار ڍوهيندڙ ۽ مسافر گهوڙي گاڏين جو رواج آهستي آهستي گهٽجڻ لڳو. سن 1813ع ۾ تيار ٿيل پفنگ بلي Puffing Billy نالي ريلوي انجڻ پهرين انجڻ تصور ڪئي وڃي ٿي. جيڪا هيڊلي Hedley ڪمپني طرفان ٺاهيل هئي.اها انجڻ نيوڪيسل شهر جي ويجهو ولام Wylam ڳوٺ وٽ ڪوئلي جي کاڻين ۾ استعمال ٿيڻ لڳي. ريلوي انجڻ جو مشهور موجد جارج اسٽيفينسن هن ئي ڳوٺ ۾ ڄائو هو. سندس پيءُ نهايت غريب مزور هو. جيڪو کاڻين ۾ ڇڪڙا ڇڪڻ وارو ڪم ڪندو هو. اسٽيفنسن ننڍي هوندي مال چاريندو هو ۽ ٻنين ۾ مزوري ڪندو هو. بعد ۾ ڪيس ڪوئلي جي کاڻ ۾ ٻني ٻارڻ وارو مزور ڪري رکيو ويو. جتي وڌيڪ مزوري ملڻ سبب رات جو هلندڙ اسڪول ۾ پڙهڻ شروع ڪيائين. انهيءَ دوران کاڻين ۾ ڪم ايندڙ هڪڙي سيفٽي ليمپ Safety lamp ايجاد ڪئي. سن 1814ع ۾ هن پهرين لوڪو موٽِو انجڻ تيار ڪئي. بعد ۾ هن اسٽاڪٽن کان ڊارلنگٽن شهر تائين ريلوي لائين تيار ڪئي جيڪا 1825ع ۾ مڪمل ٿي. تنهن کان پوءِ لِور پول ۽ مانچيسٽر ريلوي لائين وڏي مقابلي ۾ ڪاميابيءَ سان ٺاهي ورتي. جنهن دوران هن راڪيٽ نالي تيز رفتار انجڻ تيار ڪئي. جيڪا 35 ميل في ڪلاڪ جي رفتار سان ريل گاڏي ڇڪيندي هئي. اهڙي طرح چيف انجنيئر جي حيثيت سان انگلينڊ جي اوائلي ريلوي لائين ٽريڪ جارج اسٽيفنسن تعمير ڪيو. انگلينڊ کان ٻاهر يورپ ۾ پهرين ريلوي انجڻ پڻ جان ڪاڪرِل John Cockerill نالي هڪڙي انگريز پنهنجي پياءُ جي شراڪت سان بيلجم ۾ قائم ڪيل انجنيئرنگ ڪمپني ۾ تيار ڪئي.



هن دور ۾ سمورن صنعتي ملڪن جي صنعتي پيداوار ۾ حيرت ناڪ اضافو ٿيو ته ڪارخانيدارن ۽ سيڙپڪارن جو دين ايمان ئي گهڻو نفعو ڪمائڻ ۽ تجارت کي وڌائڻ ٿي پيو. ۽ هنن نفعي واري رقم وسيع واپار ۾ سيڙائي، پر مزور طبقي جي مزوريءَ ۾ واڌاري ۽ سندن عام فلاح لاءِ ڪو به قدم ڪو نه کنيو. فرانس ۾ ته مزوريءَ جي شرح انگلينڊ کان به گهٽ هئي. آمريڪا جي آبادڪاريءَ ۾ برطانوي ۽ ٻين يورپي قومن جي قائم

ڪيل بينڪن ۾ واپار ۾ استحصال جا نوان ۽ انيڪ موقعا مُيسر ٿيا، جنهن ڪري انهن ڪالونين مان صنعتي ڪچو مال پڻ يورپ پهچڻ لڳو تہ صنعت تمام گهڻي ترقي ڪئي. تيار مال ڪالونين ۾ وڪجڻ لڳو. ڏيساور کان ڪچي مال جي رسد ۾ دير ٿيڻ سبب ڪيترن ئي مهينن تائين مزدور طبقو بي روزگاريءَ جو شڪار ٿي ويندو هو. اها صورتحال اڪثر ۽ بيشتر برقرار رهندي هئي. ڪپهہ جي ڪارخانن لاءِ گهربل ڪپهہ آمريڪا مصر ۽ هندستان مان گهرايوويندو هو. اُن گهڻي ياڳي آسٽريليا مان ايندي هئي. انگلينڊ گهربل اناج آمريڪا ۽ ڪينيڊا مان گهرائڻ لڳو.

صنعتڪاريءَ ۾ ترقيءَ سان گڏ يورپ ۾ آدمشماريءَ ۾ پڻ تمام گهڻو واڌارو ٿيو. صنعتي شعبي ۾ مزودرن جي گهربل انگ جي برخلاف انگلينڊ جي 1801ع واري هڪ ڪروڙ چاليهہ لک آبادي تيزيءَ سان وڌندي 1870ع ۾ ٽي ڪروڙ ڏهہ لکن کي وڃي پهتي. ٻي سموري صنعتي يورپ ۾ پڻ لڳ ڀڳ ساڳئي رفتار سان آباديءَ ۾ اضافو ٿيو. شهر ۾ آدمشماري جي واڌ ۽ ڪارخانن ۾ توسيع سبب ڪيترائي سماجي ۽ معاشي مسئلا پيدا ٿيا. پورهيت طبقي جي مجموعي طور تي مشڪل صورتحال کان سواءِ هن صنعتي راڄنيتيءَ ۾ ڪي مثبت پهلو بہ ظاهر ٿيا. جهڙوڪ اڳوڻي زماني جي ڀيٽ ۾ ڪپڙو جام ۽ قدري سستو ۽ شاهوڪار توڙي غريب جي پهچ اندر مُيسر ٿيو. وبائي مرضن کان بچاءَ ڪارڻ ويڪسين ايجاد ٿي، جهڙوڪ جينر Jenner جي ايجاد ڪيل ويڪسين سبب ماتا جي موذي مرض تي ضابطو آيو ۽ هوريان هوريان ختم ٿيڻ لڳو.

اوڻيهَئِين صديءَ جي پهرين ٽن چوٿائين ۾ پوري دنيا چار ڀيرا ڪالرا جي وبا جو شڪار ٿي، جنهن دوران ڪيترا لک غريب عوام موت جو کاڄ ٿي ويا.



ڪارخانن جي چوڌاريءَ قائم مزدور بستين جي حالت نهايت خراب هئي. هنن بستين جي جائزه ڪميٽي جي 1842ع ۾ ڏنل رپورٽ موجب مانچيسٽر شهر جا ڏهہ سيڪڙو ماڻهو گدامن ۽ تهہ خانن ۾ رهندا هئا. ٻارهن هزار ڪٽنبن جو گذر خيرات تي هو. ٻن هزارن کان وڌيڪ مزورن کي هڪ ڏهاڙي مزدوري هڪ پيسي کان وڌيڪ کا نہ ملندي هئي. لنڊن واري صنعتي علائقي جي حالت وڌيڪ خراب هئي. 1840ع واري ڪميشن جي رپورٽ مطابق سمورن

مزورن جي رهائشي علائقن جون جايون زبون حال، گهٽيون ڪني پاڻيءَ سان ڀريل، ڪاڪوس غلاظت سان اِٽيلَ، ڀيون ڪڏون ۽ ڪوپا ڪن ڪچري سان تار جتان اٿندڙ بدبوءِ ڪئين ميلن تائين پکڙندي رهي. فرانس توڙي جرمنيءَ ۾ پڻ پورهيت طبقي جي حالت ساڳئي ريت اَبتَر هئي. مزدور ٻارن جي حالت نهايت رحم جوڳي هئي. ٻارن کان چوڏهن ڪلاڪ ڪم ورتو ويندو هو. هڪڙي ڏينهن جي ڊيوٽي دوران هڪڙي مشين کان ٻي مشين ڏانهن ايندي ۽ ويندي ٻار ويهن ميلن کان وڌيڪ پنڌ ڪندا هئا. ڪين ايترو ته ٿڪ ٿيندو هو جو صبح جو ڪين مار ڏئي اُٿارڻ تي مجبور ڪيو ويندو هو. فرينچ پارليامينٽري ڪميٽيءَ جي 1842ع واري رپورٽ موجب تمام ننڍڙا ٻار ٻارهن ڪلاڪن تائين ڪاٽين جي گيٽن تي دروازا کولڻ ۽ بند ڪرڻ تي مقرر هئا. جتان ٻيا مزور پنيءَ تي بار کڻندا اندر ۽ ٻاهر پيا ويندا هئا. انهيءَ هنڌ مڪمل اونداهي هوندي هئي. ڪاٽين ۾ هوا جو گذر ۽ حفاظت جو دارومدار انهن دروازن جي صحيح حالت تي هو. ٻارن کي انهن ڏکين هنڌن تي سامان کڻائي موڪليو ويندو هو. جتي وڏا مزور وڃي ڪو نه سگهندا هئا. ڇو ته انهن ڪاٽين جا غار ڏيڍ فوٽ کان وڌيڪ ويڪرا ڪو نه هئا. انهن کان ڪاٽين جي تري مان پاڻي ڪڍڻ جو تمام ڏکيو ڪم پڻ ورتو ويندو هو. جتي اهي سمورن ٻارهن ڪلاڪن تائين پاڻيءَ ۾ بيٺا هوند اهئا. عورت مزدورن سان ته خصوصاً اسڪاٽ لينڊ ۾ ته اجا وڏو ويل هوندو هو. ڪانئن پنيءَ تي بار کڻائي چاڙهين وسيلي هيٺ يا مٿي پهچايو ويندو هو. گهٽ مزوري ۽ گهڻن ڀاتين سبب پورهيت ماڻهو پنهنجي ٻارن کان پڻ مزوري ڪرائيندا هئا. ڪارخانن جي بستين ۾ شراب جا گُتا پڻ ڪليل هئا. جتي مرد توڙي عورت مزدور غم غلط ڪرڻ لاءِ پهچ سارو شراب واپارائينداهئا.

آمريڪا ۾ حالتون يورپ کان مختلف هيون، جتي مزوري وڌيڪ هئي. سٺي زرعي پيدائش سبب ڪارخانن ۾ مزوري ڪرڻ لاءِ مجبور ڪو نه هئا. اتي ڪجهه جي ڪارخانن ۾ انهن مزور گهرن جون ڇوڪريون ڪم ڪنديون هيون. جيڪي ظالم زميندارن جي زمينن تي هارپ ڪندا هئا. ڪجهه جي ڪارخانن جي مزورن جون رهائشي بستيون موافق آبهوا ۾ مناسب نموني تعمير ٿيل هيون. جتي صحت ۽ صفائي جو جوڳو بندوبست ٿيل هو.

انگلينڊ، فرانس ۽ آمريڪا ۾ صنعت جي جديد ڪاريءَ سبب نئين ڪارخانيدارن جو هڪڙو چڱو موچارو طبقو وجود ۾ آيو. جنهن دولت جا انبار ڪمايا. ويهئين صديءَ جي شروعات تائين لنڊن جي شهر ۾ پڻ ننڍيا ڪارخانا قائم ٿيل هئا.

انگلينڊ ۾ ريلوي لائين جي ڳُوڙهي جار وڇائڻ ۽ ريلوي ٽرانسپورٽ ۾ انقلاب آڻڻ جو سهرو جارج هڊسن جي سر تي سونهي ٿو. جيڪو 1800ع ۾ پيدا ٿيو. سندس پيءُ غريب هاري ۽ يارڪ شهر جي ويجهو هائوس هام ڳوٺ جو ڪانسٽيبل هو. هڊسن پهرين درزڪو ڪم سکيو پر پوءِ هڪڙي ننڍڙي واپاري سان ڀائيوار ٿيو ۽ ستاويهن سالن جي عمر ۾ شاهوڪار واپاري ٿي ويو. هڪ مائٽ جي ملڪيت مان مليل ٽيهه هزار پائونڊن مان هن مڊلينڊ ريلوي جا شيئرز خريد ڪيا، تنهن کان پوءِ يارڪ شاعر ريلوي اسڪيم جا پنج سئو شيئر خريد ڪري اهو انهيءَ پروجيڪٽ جو چيئرمين ٿي ويو.

هن يارڪ ايڊنبرا لائين جا ٻين ڊائريڪٽرن کان پنجوٽا شيئر خريد ڪيا. هن ڊَربِي تائين ٺهندڙ ٻيون ٽي لائينون بہ خريد ڪيون. اهڙيءَ ريت پنجاهہ لک پائونڊن جي وڏي رقم سيڙائي هڪڙي وڏي ۽ نئين ريلوي ڪمپني جوڙي ۽ ان جو ڊائريڪٽر ٿيو. جيڪا مڊليينڊ ريلوي ڪمپني سڏجڻ لڳي. سن 1844ع ۾ هڊسن جي اختيار هيٺ هڪ هزار سورهن ميل ريلوي لائين ٽريڪ موجود هئي. ٻي سال هو پارليامينٽ جو ميمبر چونڊجي ويو. تنهن بعد بي ايمانيءَ سندس ڪاروبار بگاڙي وڌو. ٿيو هيئن تہ هن شيئرز ڪمپني ۾ هڪ لک پنجيتاليهہ پائونڊن جو غبن ڪيو بہ سال پوءِ خريد ڪيل نارٿ انگليند ريلوي جي ڏهن وڏن پائيوارن سان هن 78 انهترملين پائونڊن جو غبن ڪيو ۽ ملڪ مان فرار ٿي ويو. جڏهن واپس آيو تہ ڪيس قيد ڪيو ويو پر سندس دوستن مٿس چڙهيل قرض جي ڪجهہ رقم ادا ڪري ڪيس ڇڏايو ۽ ڏيوالپڻي کان بچائي ورتو.

انگلينڊ ۽ آمريڪا ۾ سرمائيدار طبقو حڪومت ۽ اقتدار ۾ داخل ٿيو ۽ پنهنجي موڙي جي سيڙپ جي تحفظ لاءِ پارليامينٽ وسيلي قانون جوڙيا ويا. هنن ملڪن ۾ ڪيترين ئي بينڪون قائم ٿيون جن سٺائي وقت ۾ خوب ڪمايو. فرانس جي پارليامينٽ عوام جي اسرار تي سيڙپڪاريءَ بابت هڪ اهڙو قانون جوڙيو جنهن مطابق نفعي جي گارنٽي حڪومت طرفان ڏني وئي. انهيءَ زماني ۾ برطانيہ ئي واحد ملڪ هو جنهن ٻين ملڪن ۾ وڏي مقدار ۾



سيڙپ ڪئي ۽ لنڊن عالمي مالي نظام جو مرڪز ٿي پيو. انگلينڊ پنهنجي سرمائي جي سيڙپ سڀ کان پهرين ڏکڻ آمريڪي رياستن ۾ شروع ڪئي. جتي آزاديءَ جون تحريڪون هلندڙ هيون. سن 1833ع ۽ 1845ع جي وچ ۾ برطانيہ پرڏيهہ ۾ ريلوي اڏاوت لاءِ پنجاهہ ملين پائونڊن جي سيڙپ ڪئي.

انهيءَ وقت وڏن بينڪرن جو حڪومتن ۾ چڱو موچارو اثر رسوخ هوندو هو. مثلاً روٿس چلڊ Roths Child جيڪو فرينڪفرٽ شهر جو هڪڙو يهودي هو تنهن پنهنجو ڪاروبار ارڙهين صديءَ ۾ شروع ڪيو. هن ويانا لنڊن، پئرس نيپلس ۽ فرينڪفرٽ شهرن ۾ پنهنجن پُٽن جي نگرانيءَ ۾ بينڪون قائم ڪيون. وڏو پٽ فرينڪفرٽ بئنڪ جو انچارج ۽ ٻين سمورين بينڪن جي نگراني ڪندو هو. سندس ويانا واري بينڪ جو انچارج پٽ سولو من آسٽريا جي چانسلر ميٽرنڪ Mtternich جو دوست هو. هن ڪٽنب جا سمورين واسطيدار حڪومتن سان سنا تعلقات قائم ٿيا. اهڙي ريت هنن بي انتها ناڻو ڪمايو ۽ عالمي پئماني تي شهرت حاصل ڪئي. هن خاندان پنهنجي سموري قبيلي کي تجارت ۾ آندو ۽ وقت جي وڏن ماڻهن سان شادين مرادين وسيلي متي مائٽي پيدا ڪئي.

صنعتي انقلاب غريب ۽ شاهوڪار طبقن جي وچ ۾ تضادن کي وڌائي وڌو. شاهوڪار طبقو تيزيءَ سان وڌيو ۽ حالتن مطابق وڌ ۾ وڌ فائدو، فرحت، لذت ۽ عيش عشرت حاصل ڪرڻ لڳو. انگلينڊ جو وچيون طبقو ٻهراڙيءَ ۾ زرعي فارم لڳائي ارڙهين صديءَ جي نوابن وانگر نوَن محلن ۾ ضيافتن ۽ شڪارن ۾ پاڻ وندرائڻ لڳو. ڪجهه صنعتڪار پورهيت طبقي جي ڀلائي لاءِ به ڪوشان هئا. جن ۾ جان فيلڊن به هڪ هو. جنهن جي ڪوشش سان ٻارن ۽ عورت مزورن جي ڏهاڙي وقت ٻارهن ڪلاڪن کي گهٽائي ڏهه ڪلاڪ مقرر ڪرڻ لاءِ قانون جوڙيو ويو. هن قانون جي مخالفت ۾ تمام گهڻا سرمائيدار اُٿي ڪڙا ٿيا هئا. حفظان صحت جي خلاف مزدور بستيون اڏڻ جي خلاف ڪوشش في الوقت ڪاميابي ڪونه ٿي، جو تقريباً سموري سرمائيدار طبقي اهڙي قانون جوڙڻ جي مڪمل مخالفت ڪئي، چو ته انهن مان سڀ کان ننڍي مالڪ کي به ساليانو مسواڙ چاليهه هزار پائونڊن کان وڌيڪ حاصل ٿيندي هئي. يورپ جي ڀيٽ ۾ آمريڪا جي مزور طبقي کي اهڙي مشڪلات ۽ مجبوري ڪا نه هئي. هتي پورهيت طبقي کي مزوري نسبتاً مناسب ۽ رهڻ ڪرڻ جو چڱو بندوبست هو. اهو ئي سبب هو جو آمريڪا ۾ انهيءَ عرصي دوران جمهوري نظام حڪومت جو تجربو ڪامياب ٿيو.

انگلينڊ پهريون ملڪ هو جتي صنعتڪاري سڀ کان اَوّلِ قائم ٿي. نتيجتاً هتي صنعت کي زراعت تي فوقيت حاصل ٿي. فرانس ۾ آباديءَ جو مکيه طبقو هاري ۽ ننڍو آبادگار طبقو هو. جنهن کي وڏيون جاگيرون ختم ڪري زمين جا ننڍڙا ٽڪرا ڏنا ويا، جن کي آباد ڪري پنهنجو گذر ڪرڻ لڳو ۽ سياست کان پري رهڻ لڳو. فرينچ مزور طبقو تمام ننڍڙي اقليت جي صورت ۾ سياسي طور غير فعال رهيو ۽ هاري ۽ آبادگار طبقي کي سياسي ڌارا ۾ شامل ڪري نه سگهيو. جڏهن ته فرينچ زميندار ۽ امير طبقو پنهنجي زمين جو مالڪ رهيو. جنگين جي عرصي دوران جرمني ۽ اسپين ۾ غلام داري تقريباً ختم ٿي وئي، پر آسٽريا، روس ۽ ترڪي ۾ بادشاهت ۽ جاگيرداري سماجي نظام برقرار رهيو. جتي وچيون طبقو نالي ماتر موجود هو. امير ۽ جاگيردار طبقو مقامي توڙي رياستي اقتدار تي قابض هو. آباديءَ جو مکيه وڏو حصو غلام ۽ نيم غلام هاري طبقو جاگيرن ۾ پورهيو ڪندي جاگيردارن جي مڪمل قبضي ۾ هو. جرمني ۾ پڻ فرانس وانگر وڏيون جاگيرون توڙي انهن هارين ۾ ورهايون ويون، جيڪي انهن کي آباد ڪندا هئا. البت هڪڙو مراعات يافته زميندار طبقو اجان به موجود هو. جنهن کي جنڪر Junker سڏيندا هئا. انگلينڊ ۾ جاگيردار ۽ پورهيت طبقي جي وچ ۾ تمام وڏو خليج ۽ اختلاف پيدا ٿيو جنهن هڪ قسم جي زرعي سامراج واري شڪل اختيار ڪئي. کيت مزدورن جي حالت نهايت ابتر هئي. کين تمام گهٽ مزدوري ملندي هئي ۽ رهائشي صورتحال سنگين هئي. مهانگائي پڻ ڏاڍي هئي. آئرلينڊ ۾ هن پورهيت طبقي سان اجا وڌيڪ انياء هو. مجموعي طرح سموري دنيا ۾ زراعت ۾ روايتي طورطريقا استعمال ۾ هئا. البت انگلينڊ ۽ آمريڪا ۽ چند يورپي مُلڪن زمين پوکي راهي جا نوان طور طريقا عمل ۾ آندا. آمريڪا ۾ زرعي شعبي ۾ مشينريءَ جو استعمال تيزي سان شروع ٿيو. آمريڪا جي ڏاکڻي ڀاڱي جو زميندار طبقو نوَن طور طريقن ۽ نوَن سڌريل اوزارن جو استعمال ڪرڻ ڏانهن مائل ڪو نه ٿيو هو. چو ته اهو زميندار طبقو سياسي طرح پڻ رجعت پرست هو. انهيءَ ڪري سندن غلام هاري طبقي ۾ نون طريقن ۽ اوزارن کي استعمال ۾ آڻڻ لاءِ گهربل شعور ۽ شوق عدم موجود هو.

⑥



# انگريزن طرفان سنڌ جي فتح

صبح جي وقت، 17 فيبروري 1843ع تي، انگريزن سنڌ تي قبضو ڪري، حيدرآباد جي قلعي تي، 21 فيبروريءَ تي سنڌ جو ستن ڳاڙهين ۽ اڇين پٽين وارو جهندو لاهي، يونين جيڪ جو جهنڊو چاڙهي، سنڌ کي برٽش ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي ڪالونين ۾ شامل ڪري ڇڏيو. برٽش فوج قلعي اندر ڦرلٽ ڪري، زيورن ۽ جواهرن ڪانسواءِ ڏهه لک پائونڊن جيترو خزانو هٿ ڪيو، جنهن ۾ سر چارلس نيپئر کي ستر هزار پائونڊ حصي ۾ مليا. (جنت السنڌ صفحو 745)

نيپئر، سيپٽمبر 1842ع ۾ پوني کان، زينوبيا جهاز رستي سنڌ ۾ ريزيڊنٽ طور پهتو. (ٽالپرن جي مختصر تاريخ، صفحو 186) ۽ 1847ع جي سيپٽمبر مهيني ۾ نوڪري کان رٽائر ٿي، مظفر نالي جهاز ۾ عدن ۽ سوئيز کان ٿيندو لنڊن ويو.

سنڌ تي قابض ٿيڻ شرط سڄي سنڌ ۾ مارشل لا لاڳو ڪئي ويئي. سڀ انتظامي ڪامورا، مليٽري آفيسر مقرر ڪيا ويا. مليٽري ۽ سول ڪورٽون قائم ڪيون ويون، جيڪي ڏوهارين کي ترت سزائون ۽ ڏنڊ وجهنديون هيون.

ڪيسن ۾ اپيل جو حق هوندو هو پر اپيل تي غور ڪيو وڃي يا نہ سا سندن مرضي هوندي هئي. (نئين مصر جا پراڻا ورق ص 319) مياڻيءَ جي جنگ ۾ انگريزن جي مدد ۾ هيٺين شخصيتن اهم ڪردار ادا ڪيو. 1. مير علي مراد، والي خيرپور رياست، 2. سيٺ نائون مل، 3. سر آغا خان (سوانح حيات آغا خان ص30) سنڌ فتح ڪرڻ ڪانپوءِ انگريزن، ميرن سان جيڪي عقوبتون ڪيون تن جو احوال سندن سوانح حياتين ۽ انگريزن جي رڪارڊ ۾ ملي ٿو انهيءَ تي اڳ بہ ڪافي لکجي چڪو آهي. انگريزن جي سنڌ تي ڪاهہ جا هي سبب نظر اچن ٿا.


The author's father, Mir Mohammad Azam Jan (Khan-e-Kalat: 1931-33).

1. 1807ع ۾ فرانس جي نيپولين بونا پارٽ ۽ روس جي زار اليگزينڊر پهرئين، ٽلسٽ جو عهد نامو ڪيو ۽ پاڻ گڏجي، هندستان تي حملي جون تياريون ڪرڻ لڳا. انهيءَ وقت کان وٺي برٽش حڪومت کي هميشہ هي ڪٽڪو لڳل هوندو هو تہ روس يا فرانس، هندستان يا سندس گڏيل آزاد رياستن تي قبضو نہ ڪري.

2. انگريزن سنڌ جي فتح کان ڳئين سال اڳ، سنڌ جي سموري علائقي جي، چوري چوري، ڪئين ڀيرا سروي ڪرائي، پر 1836ع ۾ برٽش فوج جي ماهر سروي آفيسر ڪارليس کان سڄي سامونڊي علائقي جي مڪمل سروي ڪرائي وئي. سنڌ جو هي وسيع سامونڊي علائقو انگلينڊ کي ويجهو هو. ٻيو تہ اهو ايران ۽ سڄي عرب دنيا کي پڻ ويجهو هو. جڏهن ڪراچي اجا ننڍڙو ڳوٺڙو هو، تڏهن هڪ انگريز آفيسر، ڪراچيءَ جي سامونڊي علائقي جي سروي ڪري، وائيسراءِ هند کي رپورٽ ڏني تہ هي علائقو ڪڏهن سڄي هندستان جو مرڪزي شهر هوندو ۽ دنيا جي مکيہ شهرن ۽ بندرن مان هڪ هوندو.

انگريزن سان لک اختلاف پنهنجي جڳهہ تي، پر هنن جي دور انديشيءَ کي سلام آهي. اهو ئي سبب هو جو هنن سنڌ جي فتح کان تقريباً ٽي سال اڳ 1839ع ۾ رئيرائڊمرل فريڊرڪ ميٽل جي ڪمانڊ هيٺ بحري فوج ذريعي ڪراچيءَ تي اڳ ئي قبضو ڪري ڇڏيو هو ۽ نيپئر پڻ، سنڌ تي قبضي کان پوءِ حيدرآباد نہ پر ڪراچيءَ کي پنهنجو هيڊ ڪوارٽر ٺاهيو تہ جيئن ڪراچيءَ کي سنڌ جي مرڪزي حيثيت حاصل ٿئي ۽ پاڻ فوج جو هيڊ ڪوارٽر بہ ڪراچيءَ ۾ ڪيائين. ڪراچيءَ جي ڪليڪٽر، پريڊيءَ کان بنگلو خالي ڪرائي پاڻ انهيءَ ۾ رهيو.

ڪيترن سالن کان سنڌ جي سامونڊي ڪناري تي، ڪئين بندر ٺهندا ۽ ڊٺندا رهيا آهن. جتان سڄي دنيا سان واپار هر وقت چالو هوندو هو. انهن ۾ هيٺيان بندر شامل آهن.

1. گهوڙا ٻاڙي بندر.
2. ڪيٽي بندر.
3. گذري بندر.
4. لاهري بندر.
5. شاهه بندر.
6. ٺٽو بندر.
7. ڪڙڪو بندر.
8. اُرنگا بندر.
9. علي بندر.

انهيءَ ڪانسواءِ هندستان، بلوچستان ۽ عرب جا هي بندر پڻ سنڌ جي ويجها هئا ۽ انهن جي حيثيت پڻ سنڌ جي مددي بندرن جي هئي.

هندستاني بندر:

1. مانڊوي بندر (ڪڇ).
2. لکپت بندر (ڪڇ)
3. پوربندر (ڪاٺياواڙ)

بلوچستان جا بندر:

1. گوادر بندر.
2. سون مياڻي.
3. پسني بندر (عُمان-اومان)
4. مسقط بندر (اومان)

مٿين سامونڊي بندرن ۽ انهن تي هلندڙ واپار جو اندازو ۽ اهميت، انگريز گهڻو اڳ لڳائي چُڪو هو. بندرن جي اهميت ميرن لاءِ ڪا خاص ڳالهه ڪا نه هئي. ڇو ته ميرن جي حڪومت صرف سنڌ تي هئي. پر انگريزن جي نظر هندستان ۽ سڄي دنيا تي هئي. انهيءَ ميدان ۾ انگريزن جي اڳيان ميرن جي ڪا اهميت ڪا نه هئي. انگريزن جون نظرون فرانس، روس، ڊچ، پورچوگيزن ۽ جرمنيءَ تي هيون.

3. درياءِ سنڌ سڄو ئي جهاز رانيءَ جي قابل آهي. جنهن ۾ افغانستان، صوبہ خيبرپختونخواهه، پنجاب ۽ سنڌ ۾ جهاز رانيءَ سان ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ کي تمام گهڻا مالي فائدا ٿيندا ۽ درياءِ سنڌ معرفت هندستان جي ٻين صوبن ۾ پڻ جلد مال پهچايو ويندو ۽ روانو ڪيو ويندو. انگريزن درياءِ وسيلي واپار ڪرڻ لاءِ ميرن سان معاهدو به ڪيو ۽ ان مقصد لاءِ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ سنڌ جي قبضي کان ڪيترو اڳ "انڊس فلوٽيلا" نالي جهاز ران ڪمپني به قائم ڪري ڇڏي هئي. ڪن مورخن جو اهو خيال آهي ته انگريزن سنڌ تي دولت جي ڪري قبضو ڪيو پر ائين نه هو. ڇو ته سنڌ جي آمدني انهيءَ وقت انگلينڊ جي هڪڙي بي ڪلاس لارڊ جي

آمدنيءَ کان بہ گهٽ هئي. انهيءَ وقت سنڌ صوبو هندستان جي ٻين سڀني صوبن کان وڌيڪ غريب هو ۽ اڄ وانگر خوشحال ۽ امير صوبو ڪو نہ هو. هتي برسات گهٽ هئڻ ڪري آبادي گهٽ ٿيندي هئي. درياءَ جي ڀر سان جيڪي زمينون، اُٽل سبب آباد ٿينديون هيون، سي ميرن پنهنجي شڪار گاهن لاءِ مخصوص ڪري ڇڏيون. جنهن ڪري سنڌ جي ڪُل آمدني صرف پنجويهہ لک وڃي بچي. جڏهن تہ ڪلهوڙن جي وقت ۾ اها هڪ ڪروڙ کان بہ مٿي هئي. اڄ جي سنڌ جيڪا تن ٻئراجن، پيٽرول، گئس، ڪوئلي، بندرن ۽ ڪارخانن هئڻ ڪري، سڄي دنيا جي نظرن ۾ آهي. سا اُن وقت نہ هئي. انگريزن جا سنڌ تي قبضي جا بظاهر اهي ئي مکيہ سبب نظر اچن ٿا.

## ميرن جي هارائڻ جا سبب:

انگريزن ڪي مٿين سببن ڪري، سنڌ تي قبضو ڪرڻو هو. سو تہ ڪنهن بہ حالت ۾ ڪن ها، پر ايتري ٿوري تعداد يعني فقط اناويهہ سو انگريز فوج سان، هيڏي وڏي فوج يعني ٻاويهہ هزار سنڌي فوج جي هارائڻ جا مکيہ سبب هيٺان نظر اچن ٿا.

1. ميرن جي گاديءَ جو هنڌ يعني حيدرآباد ۽ حيدرآباد جو قلعو درياءَ جي ڪناري تي، سنڌ جي وچ ۾ هڪ وڏو شهر هو. جنهن ۾ جڏهن ڪو ٻاهرئين ملڪ جو سياح ايندو هو تہ سکر يا ٺٽي کان درياءَ رستي ايندو هو ۽ سڄي ملڪ جو نقشو ۽ ملڪ جي صورتحال سندس اکيان هوندي هئي. پروارن ملڪن جي بادشاهن ۽ انگريزن کان سنڌ جي ڪا بہ ڳالهہ ڳجهي نہ هئي. جيڪو انهيءَ وقت جي صورتحال مطابق درست نہ هو.

2. ميرن وٽ سندن باڊي گارڊن ۽ قلعي ۾ ٻن ٽن سوَن فوجين کان سواءِ ڪا بہ باقائده فوج ڪانہ هئي. جنگ جي وقت ۾، جاگيردار پنهنجا ماڻهو وٺي ميرن وٽ ايندا هئا. جيڪي پنجويهہ ٽيهہ هزار ڪن ٿي ويندا هئا. جيڪي تلوارون تہ هلائي ويندا هئا، پر جنگي فن کان بلڪل اڻ ڄاڻ هئا. اهي راڄن جي جهيڙن لاءِ تہ صحيح هئا، پر ڌارئين فوج سان جنگ جي ميدان ۾، ڪامياب مقابلو ڪرڻ جي هڪڙي ٽڪي جي بہ صلاحيت نہ رکندا هئا. اهو ئي سبب هو جو مياڻيءَ جي جنگ ۾ اهڙي نموني هزارين ماڻهو اچي گڏ ٿيا. جيئن اڄڪلهہ ماڻهو جلسن ۾ ايندا آهن.

3. ميرن جو عوام سان ڪو بہ رابطو نہ هو. سندن وقت، اڪثر ديرن ۾ عيش عشرتن ۾ گذرندو هو. پاڻ سڄي سال ۾ صرف هڪ ڀيرو پنهنجن شڪارگاهن تي ويندا هئا.

4. درياءَ جي پرواريون سٺيون زمينون، جيڪي ڪلهوڙن ڏاڍيون محنتون ڪري آباد ڪرايون هيون. سي سڀ، هنن پنهنجون شڪارگاهون ڪرائي ڇڏيون. جنهنڪري سنڌ خوشحال ملڪ مان ڦري هڪ غريب ملڪ بنجي پيو. هڪ طرف انهن زمينن جي آبادي نہ هئڻ ڪري، هر طرح جي اناج جي کوٽ محسوس ٿيڻ لڳي، تہ ٻئي طرف ڍل گهٽ ملڻ سبب خزانو خالي ٿيڻ لڳو.

5. سنڌ ڪلهوڙن يا انهيءَ کان اڳ ڪنهن هڪ بادشاهت هيٺ هڪڙو سڄو ملڪ هوندو هو. پر ميرن ان کي ڇيري ٽُڪرا ٽُڪرا ڪري ڇڏيو. هڪ ٽُڪر حيدرآباد جي ميرن وٽ هو جنهن ۾ وري چار پائيوار:

1. مير صوبدار خان.
2. مير محمد خان.
3. مير نور محمد خان.
4. مير نصير خان.

نالو چوپاريءَ جو پر هڪ ٻئي تي ايتري بي اعتباري جو رات جو سمهندا بہ گڏ هئا. ٻيو ٽڪر ميرپورخاص جي ميرن وٽ ۽ ٽيون ٽڪرو خيرپور جي ميرن وٽ هو. انهن حاڪمن جا پاڻ ۾ اختلاف بہ شڪست جوڪارڻ بڻيا. ڇو تہ خيرپور جي والي مير علي مراد خان نہ صرف انگريزن جي مالي مدد ڪئي، پر پنج سو سنڌي گهوڙي سوارن جو جٿو بہ چارلس نيپئر کي ڏنو جيڪو مياڻيءَ جي جنگ ۾ انگريزن سان گڏ هو. انهن سنڌي گهوڙي سوار دستن جي ڪمانڊ، ڪئپٽن رُسيل ۽ ڪئپٽن جيڪب ڪري رهيا هئا.

6. انگريزي فوج وٽ جڏهن انگلينڊ کان نوان ۽ جديد هٿيار پهچندا هئا تہ هو پراڻا هٿيار، هندستان جي راجائن ۽ ٻين پرپاسي وارن ننڍين حاڪمن کي وڪرو ڪري ڏيندا هئا. اهي مدي خارج هٿيار، مير بہ ڪائنئ وٺندا هئا. حيدرآباد، ڪراچي ۽ ٺٽي ۾ بندوقن ۽ گولي بارود جا ننڍڙا ڪارخانا هوندا هئا. پر اهي انگلينڊ جي هٿيارن جي مقابلي جا نہ هئا. مير شڪار لاءِ تہ پنهنجن گماشتن معرفت، ٻاهرين ملڪن مان سُٺيون بندوقون گهرائيندا هئا، پر جنگ لاءِ وٽن ڪي بہ جديد هٿيار نہ هئا وٽن جيڪي توبون هُيون انهن جي هلائڻ وارا بہ غير مقامي ماڻهو هئا. جيڪي جنگ دوران وڪامجي چُڪا هئا. ۽ توبن جا مُنهن مٽي ڪري ڇڏيائون. ميرن جي



توبن جو انچارج هڪ انگريز جان هاويل John Howell هو. جنهن پڻ مياڻيءَ جي جنگ دوران غداري ڪئي. انگريزن جي مقابلي ۾ ميرن وٽ نه جديد هٿيار هئا. ۽ نه سٺا هٿيار هلائيندڙ. اهو ئي سبب هو جو هيڏي ساري فوج صرف اٺاويهه سو انگريزي فوج هٿان شڪست کائي وئي. سو به پنهنجي ملڪ ۾ ۽ پنهنجي ئي ميدان تي.

انگريزن جنگ کٽڻ کان پوءِ مير حاڪمن کي پهريائين حيدرآباد ريزيڊنسيءَ ۾ نظر بند ڪيو ۽ وڏيڪ حڪمن لاءِ گورنر جنرل کي لکيو. جتان پهرين آرڊر پهتو ته ميرن کي عدن موڪليو وڃي، پر ترت ئي پوءِ ٻيو حڪم پهتو ته کين بمبئي پهچايو. اتي به کين عارضي طرح رهايو ويو جتان پوءِ کين ميسور موڪليو ويو. ڏهه مهينا ميسور جيل ۾ رکڻ کان پوءِ کين ڪلڪتي ۽ پوءِ هزاري باغ ۽ دَمدَم موڪليو ويو. (پري ميوٽني رڪارڊس جي ڪئٽالاگ، صفحي 116 تان ورتل)

هزاري باغ کان پوءِ ميرن کي هڪ ٻئي کان جدا ڪري، ڪن کي اُتي ئي هزاري باغ ۾ ۽ ڪن کي وري ٻين ويران جڳهين ۾ جدا جدا رکيو ويو. ميرن کي بمبئي جيل روانو ڪرڻ کان پوءِ نيپئر ٻن ڳالهين ڏانهن خاص ڌيان ڏنو. هڪ ته سڀني جاگيردارن کي گڏ ڪري سندن جاگيرون بحال ڪري سندن همدرديون حاصل ڪيون. ٻيو ته ملڪي انتظام جي جوڙجڪ انگريزي قاعدن ۽ قانونن مطابق ڪئي. ان لاءِ نيپئر جي حڪم موجب سڄي سنڌ جي جاگيردارن کي اطلاع ڪيو ويو ته پنهنجي جاگيرن جي پروانن ۽ سَنَدن سميت، اچي حيدرآباد جي قلعي ۾ حاضر ٿيو.انهيءَ لاءِ حيدرآباد شهر ۾ وڏي دربار جو اهتمام ڪيو ويو. سڄي سنڌ مان ڪي جاگيردار ته رضا خوشيءَ سان آيا، پر ڪن کي گرفتار ڪري هن دربار ۾ پيش ڪيو ويو. جيڪي جاگيردار انگريزن جي ڪوٺايل هن دربار ۾ پيش ٿيا، تن سڀني جا پروانا ۽ سندون ڏسي، سندن جاگيرون بحال ڪيون ويون. تنهن هوندي به تمام گهڻا جاگيردار هن دربار ۾ نه آيا. انهيءَ لاءِ پوءِ انگريزن اهو قانون ٺاهيو ته جيڪي جاگيردار هن دربار ۾ نه آيا آهن، پر جيڪڏهن سندن وارث، سندن جاگيرن جا پروانا ۽ سندون انگريز عملدارن کي پيش ڪندا ۽ انگريز عملدار انهن جي تصديق ڪرڻ کان پوءِ انهن جي وارثن کي اهي جاگيرون بحال ڪري ڏيندا. انگريزن انهيءَ لاءِ باقاعده جاگيرن جو کاتو شروع ڪيو ۽ تنهن لاءِ هڪ اسسٽنٽ ڪمشنر مقرر ڪيو ويو.اها دربار 24 مئي 1844ع تي منعقد ٿي. جنهن ۾ هر جاگيردار کي سرچارلس نيپئر جي صحيح ساڻ سندون ڏنيون ويون. دربار ۾ نيپئر جو منشي وڏي واڪ، هر هڪ ماڻهوءَ جو نالو وٺندو ويو ۽ واري واري سان آيل جاگيردار پنهنجي پنهنجي جاگير جون سندون وٺندا ويا. جاگيرن جا ٽي قسم هئا.

1. فرسٽ ڪلاس.
2. سيڪنڊ ڪلاس
3. ٿرڊ ڪلاس جاگير.

انهيءَ وقت سموري سنڌ جي زمينن جو ڏهون حصو جاگيرن طور جاگيردارن کي مليل هو. انهيءَ ڏهه سيڪڙو زمين مان به تمام ٿورو حصو زمين جو آباديءَ هيٺ هو نه ته گهڻي زمين غيرآباد پيل هئي. اهي جاگيرون مليٽري ۽ سول خدمتن جي ڪري ڏنيون وينديون هيون.

سنڌ ۾ جاگيرداريءَ جي شروعات مغل دور ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. جڏهن سنڌ مغل بادشاهت هيٺ هئي. جاگيرن ۽ جاگيردارن جو انگريز حڪومت ڊپارٽمينٽ قائم ڪيو هو ۽ انهيءَ جو مڪمل رڪارڊ تيار ڪري ڪمشنر ڪراچي آفيس ۽ ڪليڪٽر ڪراچي، حيدرآباد ۽ شڪارپور ۾ رکيو ويو. اهو ون يونٽ قائم ٿيڻ کان پوءِ ٻين فائلن سان گڏ لاهور موڪليو ويو. جيڪو اُتي ڪيترو وقت جڳهين ۽ ڪٻٽن نہ هئڻ سبب، ٻاهر اُس ۾ ۽ برساتن ۾ خراب ٿيندو رهيو. جڏهن ون يونٽ ٽوڙيو ويو تڏهن بہ لاهور کان تمام ٿورو رڪارڊ صحيح سلامت واپس ڪراچيءَ پهتو. نہ تہ سنڌ جو سڄو رڪارڊ جيڪو انگريزن ناهيو سو وڏي مقدار ۾ اُس، برساتن، اڏوهيءَ ۽ لاغرضيءَ ڪري تباهہ ۽ برباد ٿي ويو. انهيءَ ڪانسواءِ سنڌي ٻولي جي لپي تيار ڪرڻ ۽ سنڌ ۾ تعليم جاري ڪرڻ جو بہ هڪ وڏو رڪارڊ هو. اهو رڪارڊ ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد ۾ هو. تنهن جي بہ خبر ڪانهي تہ اُتي محفوظ آهي يا نہ. سنڌ ۾ انگريزن جي فوجي ڇانوڻين، پوليس، چوڪين ۽ انسپيڪشن بنگلن تي پڻ هنن ابتدا کان وٺي هر قسم جو سياسي ۽ غير سياسي رڪارڊ ۽ وزيٽرس بوڪ رکايا. انهن دفترن ۾سنڌ جي گذريل دور جو هڪ ناياب ذخيرو موجود هو. جنهن جي اڄ ڪا بہ خبر ڪانهي، پرتنهن هوندي بہ ڪراچي ڪمشنر جي آفيس ۽ سنڌ آلاجيءَ ۾سنڌ متعلق ڪجھ نہ ڪجھ رڪارڊ ۽ فائيل موجود آهن. ٿي سگهي ٿوتہ ڪن خانگي ادارن، لائبريرين ۽ ڪن فردن وٽ بہ ڪجھ ان متعلق مواد هجي، جنهن کي گڏ ڪري سنڌيءَ ۾ ڇپرائڻ جي اڄ تمام گهڻي ضرورت آهي. جاگيرن ۽ جاگيردارن جي مواد کي گڏ ڪري ڇپرائجي تہ سڄي سنڌ کي ان جي ڄاڻ پوي ۽ ڳجهيون حقيقتون پڌريون ٿين.

جاگيرن جي مسئلي حل ڪرڻ سان گڏ، انگريزن سندن طور طريقي مطابق سڄي سنڌ ۾ انتظامي جوڙجڪ ڪرڻ شروع ڪئي. اها هن ريت آهي: ابتدا ۾ هنن سنڌ اندر ٽي ڪليڪٽوريٽ ۽ ڪيترائي ضلعا قائم ڪيا. سندن تفصيل هيٺيون آهي.

1. ڪراچي ڪليڪٽوريٽ: ان جو ڪليڪٽر ڪئپٽن پريڊيءَ کي مقرر ڪيائون. جنهن جي نالي سان ڪراچيءَ ۾اڄ بہ پريڊي اسٽريٽ آهي. ڪراچي ڪليڪٽوريٽ ۾ ٽي ضلعا قائم ڪيائون.

1. ضلعو گهوڙا ٻاري: ان ضلعي ۾ وري هيٺيان پرڳڻا قائم ڪيا ويا.

1. ڳوڪيريلا.
2. ساڪرو.
3. سائيتري.
4. ڳاڙڪا.

گهوڙا ٻاري ضلعي جي ڊيگھ سٺ ميل ويڪر پنجاھ ميل ۽ آدمشماري (76440) ڇاهتر هزار چار سئو چاليھ هئي.

2. ضلعو جهرڪ هو جنهن جا هيٺيان پرڳڻا قائم ڪيا ويا.

1. سيري.
2. سونڊا.
3. مانجهند.
4. ڪوٽڙي.

جهرڪ ضلعي جي ڊيگھ (سيوهڻ جي لڪي پرڳڻي سميت) هڪ سئو پنجاهہ ميلءِ ويڪر 70 ستر ميل ۽ آدمشماري (105036) هڪ لک، پنج هزار ڇٽيھ هئي.

3. ضلعو سيوهڻ. جنهن جا پرڳڻا هيٺيان هئا.

1. لڪي.
2. سيوهڻ.
3. ٻوبڪ.
4. سامتاڻي.

سيوهڻ ضلعي جي ڊيگھ پنجاهہ ميل ۽ ويڪر چاليھ ميل ۽ آدم شماري (158556) هڪ لک اٺونجاهہ هزار پنج سئو ڇا ونجاهہ هئي. ڪليڪٽوريٽ جو انچارج ڪليڪٽر ۽ ضلعي جو انچارج ڊپٽي ڪليڪٽر هو. پرڳڻي جو انچارج ڪاردار هو. ڪراچي ڪليڪٽوريٽ جي ساليانې آمدني هن ريت هئي.

| سال | آمدني روپين، آنن ۽ پائين ۾ | | |
|---|---|---|---|
| سال | پايون | آنا | روپيا |
| 1843-44ع | 5 | 7 | 228211 |
| 1844-45ع | 6 | 6 | 645119 |
| 1845-46ع | 11 | 5 | 585921 |
| 1846 -47ع | 4 | 12 | 625781 |

سنڌ جو ٻيو ڪليڪٽوريٽ حيدرآباد مقرر ڪيائون. ان جو ڪليڪٽر "ڪئپٽن اي بي راٿبورن" مقرر ڪيائون. سندس پگھار 1209 روپيہ ماهوار هو. هن ڪليڪٽوريٽ ۾ ڇھ ضلعا قائم ڪيائون.

1. ضلعو هالا: جنهن جو ڊپٽي ڪليڪٽر، ڪئپٽن اَيندرِيسَن مقرر ٿيو هالا ضلعي ۾ يارهن پرڳڻا قائم ٿيا.



1. چَني جا.
2. دولتپور.
3. ڏنيجاهہ.
4. مٽيجاهہ.
5. ڪند چاڪرواهہ.
6. لائق گهي مبارڪ واهہ.
7. ونجاري.
8. هالا.
9. ڪيٽي ڪاٺوٽ.
10. علي بحر جيسومر.
11. شاهہ واهہ لوهاڻا.

2. ضلعو ٽنڊو محمد خان: جنهن جو ڊپٽي ڪليڪٽر، "ڪئپٽن جونس" مقرر ٿيو هن ضلعي ۾ ٻارهن پرڳڻا هئا.

1. سماوتي.
2. اوداجنڊي.
3. هنگوراڻي.
4. ڪرلي ٽڪور.
5. سعيد پور لوڌاڻ.
6. ڇئودرا.
7. ڪتڙ اگهيماڻي.
8. ڪسڪارتيار.
9. ڍنڍي ڪوڪر.
10. شاهواه منگوبي.
12. جهولي ڍنڍي.
3. ضلعو شاهبندر: ان جو ڊپٽي ڪليڪٽر، ”ليفٽيننٽ جيميسن“ مقرر ٿيو. ۽ ان ۾ پنج پرڳڻا قائم ٿيا.
1. شاهبندر.
2. جاتي.
3. چيچ.
4. ستا.
5. مينگر.
4. ضلعو ميرپور، اُتي ڊپٽي ڪليڪٽر، ”ليفٽيننٽ فاريس“ ۽ ان ۾ پندرهن پرهن پرڳڻا قائم ڪيا ويا.
1. متياري ڪندو.
2. علي بحر سنگڙو.
3. سرفراز واهه.
4. امام واهه.
5. نارا جوٽيجاڻي.
6. عمرڪوٽ.
7. شاهه ڳڙهه خان ڳڙهه.
8. ڪاما راهه.
9. هوسڙي ٻڙدو.
10. ڪاتري سپيا.
11. علي بحر خان واهه.
12. امام واهه ٻنيُوب.


THE CHARGE OF THE CAVALRY AT MEEANEE.
www.alamy.com - B8P3X6

13. جودا.
14. ميرپور.
15. الهيار نصرپور.
5. ضلعو عالم ڪوٽ: جنهن جو ڊپٽي ڪليڪٽر, ”ليفٽيننٽ فيننگ“ ۽ اتي يارهن پرڳڻا جڙيا.
1. ٻنون لائقپور.
2. ڏڇر والي شاهہ.
3. رانتا ٻيلو.
4. ڏاڏوڪي چوريا.
5. ڪورواهہ.
6. ٻهرام پور سيراٽي.
7. ميرپور ٻنورو.
8. دوڪ گاجا.
9. آمڙا شاهہ ڪپور.
10. گڏي.
11. لاڪات ميرپور واهہ. (انگريزن ضلعي عالم ڪوٽ قائم ڪرڻ کان اڳ هن علائقي ۾ لائق پور ضلعي جي نالي سان اهو قائم ڪيو هو پر ترت ئي پوءِ انجو نالو ضلعو عالم ڪوٽ رکيائون) (ڏسو پري ميونٽي رڪارڊس, صفحو 118)
6. ضلعو وونگا: جنهن جوڊپٽي ڪليڪٽر, جي وڊايسڪٽائِر ۽ ان ۾ ڏهہ پرڳڻا قائم ٿيا.
1. داد واهہ جا لاڙ.
2. ٻڍيڻو ڪولڙو.
3. مانڌر.
4. لوهاري.
5. ولاسو ڪيڙ.
6. ڪولڙي.
7. ڪديرا خيرپور.
8. شادي واهہ.
9. ونگا ڪُڪ.
10. چچگام.

نوٽ: حيدرآباد ڪليڪٽوريٽ ۾ چاونجاهہ ڪاردار مقرر ٿيا. ڪيوري نمبر 15 صفحو 95.

ٽيون ڪليڪٽوريٽ شڪارپور، جنهن جو ڪليڪٽر، ميجرگولڊني کي مقرر ڪيائون. هن ڪليڪٽوريٽ ۾ پنج ضلعا قائم ٿيا.

1. شڪارپور.
2. سکر.
3. ميهڙ.
4. چانڊڪا لاڙڪاڻو.
5. پڊ عيدن.

(مئي 1946ع ۾ پڊ عيدن ضلعو سکر ضلعي ۾ ضم ڪيو ويو. ايضاً، صفحا 95 ۽ 126)

شڪارپور ضلعي ۾ ٻه پرڳڻا قائم ٿيا.

1. شڪارپور.
2. نوشهرو.

سکر ضلعي ۾ چار پرڳڻا قائم ٿيا.



1. روهڙي.
2. سکر.
3. گهوٽڪي.
4. گوسرجي.

چانڊڪا لاڙڪاڻي ضلعي ۾ پڻ چار پرڳڻا قائم ڪيائون.

1. مائل مرادي.
2. سُلدِينا
3. قمبر.
4. بوڪيرپور.

ميهڙ ضلعي جا پرڳڻا هن ريت هئا.

1. ٽگڙ.
2. ميهڙ.
3. باغبان.

انگريزن ابتدا ۾ سنڌ ۾ سول ڪاتا هن ريت شروع ڪيا.

1. سرچارلس نيپئر 1843ع کان 1847ع تائين مليٽري ڪمانڊنگ آفيسر ۽ گورنر سنڌ. نيپئر کان پوءِ سنڌ جي صوبائي حيثيت ختم ڪري، ان کي بمبئي پريزيڊنسيءَ ۾ شامل ڪيائون ۽ ان جو درجوگهٽائي ڪمشنريءَ تائين محدود ڪري، اتي ڪمشنر مقرر ڪيائون. پوءِ مليٽري کي انتظاميہ کان عليحده ڪري ان جو ڪمانڊنگ آفيسر الڳ مقرر ڪيو ويو. جيڪو بمبئي جي گورنر جي سڌي ڪمانڊ ۾ ڪم ڪندو هو. ان کان پوءِ مُني صدي تائين واري واري سان هيٺيان ڪمشنر مقرر ٿيندا آيا.

1. مسٽر آر ڪي پرنگل 1847ع کان 1851ع تائين.
2. سربارٽل فريئر 19 جنوري 1851ع کان 1859ع تائين.
3. جي-ڊي انويرارٽي 1859ع کان 1862ع تائين.
4. سيميوئل مينسفيلڊ 1862ع کان 1866ع تائين.
5. مسٽر رابرٽسن, قائم مقام ڪمشنر.
6. سر وليم 1866ع کان 1867ع تائين.
7. ميري ويدر 1867ع کان 1877ع تائين.
8. آچيالڊ ڊيوڊ رابرٽسن, سنڌ جي ڪمشنر جو انتظامي سربراهہ يعني,
1. قائم مقام ڪمشنر.
2. ٽي ڪليڪٽر جن جو احوال اڳ ۾ ڏنل آهي.
3. سمنڊ, فشريز ۽ لوڻ جا ذخيرا.
4. پبلڪ گارڊنس جو سربراهہ ميجر مسٽر پِلينڪِنس هو.
5. ڪئنال ۽ بيلا, تن جو سربراهہ ميجر اسڪاٽ هو.
6. سِوِل جج ۽ ائڊووڪيٽ جنرل, ڪئپٽن ينگ هو.
7. پوليس ۽ جيل کاتي جو سربراهہ, ليفٽيننٽ مارسٽن هو.

نوٽ: پهرئين آڪٽوبر 1847ع ۾ سڄي سنڌ ۾ ڪُل 1585 قيدي جيلن ۾ نظر بند هئا. سندن تفصيل هن ريت هو.



1262 سزا مليل قيدي
147 قيدين جا ڪيس هلندڙ هئا.
176 جنگي قيدي هئا.

1847ع ۾ سڄي سنڌ اندر پاويهہ سئو ڏهہ پوليس نفري هئي, جنهن ۾ اٺ سئو اٺتيهہ گهوڙي سوار هئا. انهيءَ وقت سنڌ جي آدمشماري ٻارهن لک, چوهتر هزار, ست سئو ٻتيهہ هئي. خيرپور رياست جي آدمشماري انهي کان الڳ هئي.

8. ساموئيل ڪسٽمس جو سربراهہ, ڪليڪٽر, مئڪ ليوڊ هو.
9. پبلڪ ورڪس جو سربراهہ ميجر پيٽ هو.
10. ٽريزرر.
11. اِنڊس فلوٽيلا ۽
12. بوٽ ڊپارٽمينٽ قائم ڪيا ويا جن جا سربراهہ الڳ الڳ مقرر ٿيا هئا.

⑥



# ٽائٽانڪ بحري جهاز ٻُڏي ويو

بحري جهازرانيءَ جي ”وائيٽ اسٽار لائين“ ڪمپنيءَ جو دنيا ۾ سڀني کان وڏو بحري جهاز ”ٽائٽانِڪ“ انگلينڊ جي شهر سائوٿ هيمپٽن کان، آمريڪا جي شهر نيويارڪ ڏانهن پنهنجي سفر دوران، سمنڊ اندر موجود برفاني ڇپ سان ٽڪرائجڻ سبب ٻجي پيو ۽ غرق ٿي ويو. جهاز ۾ سفر ڪندڙ ماڻهن، 1500 کان ٻه وڌيڪ تعداد ۾ حياتيءَ جو ڏِيئو گل ڪيو. هي ٽائٽانِڪ بحري جهاز سن 1912ع ۾ اپريل مهيني جي 14 ۽ 15 تاريخن جي وچ واري رات نيويارڪ ڏانهن سفر تي اُسهيو ۽ سفر دوران رات جو ٻارهن لڳي چاليهن منٽن تي ڪيس سمنڊ اندر موجود برفاني وڏي ڇپ سان تباهه ڪُن ٽڪر وارو حادثو پيش آيو. جنهن جهاز جو ترو ٽوڙي سِيرُون سِيرُون ڪري وڌو ۽ هي بدقسمت جهاز، برف واري تمام وڏي ڇپ سان ٽڪرائجي ٽٽڻ کان پوءِ صرف اڍائي ڪلاڪن اندر، تاريخ 15 اپريل سن 1912ع ۾ اُتر ايٽلانٽڪ وڏي سمنڊ ۾ غرق ٿي ويو. سفر شروع ٿيڻ کان اڳ ڄاڻايو ويو ته هي جهاز بلڪل صحيح حالت ۾ ۽ سفر ڪرڻ لاءِ مڪمل طرح لائق آهي. ٽائٽانڪ بحري جهاز جو ڪيپٽن يعني وڏو ناکو ايڊورڊ اسمٿ، ٻاهٺ سال عمر جو شاهه ڪاريگر ناکو هو. جنهن کي هن کان اڳ سامونڊي سفر ۾ ڪو به حادثو پيش ڪو نه آيو هو. سفر شروع ڪرڻ واري رات دوران

سمنڊ نهايت پرسڪون ۽ خاموش هو. رات جو ٽين بجي ڌاري جهاز جي ڪيپٽن، جهاز جي نگهداشت واري شعبي جي سربراه جي راءِ کي قبول ڪيو ته جهاز جي رستي ۾ جيڪڏهن ڪا به برفاني چَپ حائل ٿي ته انهي چَپ کان پري هٽڻ لاءِ پاڻ کي گهربل مناسب وقت مُيسر هوندو.

حقيقت ۾ جهاز جي واسطيدار عملي کي جهاز جي سفر واري رستي ۾ برفاني ڇپن جي يڪي سلسلي جي موجودگي بابت لڳاتار ڇهه پيرا وارننگ ڏني وئي هئي. هن سفر دوران جهاز پاڻ سان ماڻهن کي بُڏڻ کان بچائڻ واريون ٻيڙيون به ڪافي تعداد ۾ ساڻ ڪيون. انهن مان اڌ جيتريون ٻيڙيون ته جهاز تي ئي رکيل هيون. تنهن هوندي به انهن ٻيڙين مان گهٽيون ته ماڻهن مان اڌ به ڪو نه ڀَريُو هيون ته اهي جهاز کان پري هَٽِي ويون. هن جهاز سان اڳ ۾ اهڙو حادثو پيش آيو ئي ڪو نه هو ۽ جهاز جي چند خلاصين کان سواءِ ٻئي عملي کي ٻيڙيون جهاز مان لاهڻ جي مشين کي استعمال ڪرڻ جي ڪا سمجهه ڪا نه هئي. پر انهيءَ وقت خطري جي ڪا به علامت ڏسڻ ۾ نٿي آئي. حياتي بچائڻ وارين ٻيڙين وسيلي جيڪي مسافر بچي ويا، انهن ٻڌايو ته جيئن جهاز پاڻيءَ منجهه ويهڻ شروع ٿيو ته جهاز




جي بينڊ وارن عجيب قسم جون ڌُنون وڄائڻ شروع ڪيون. آخر ۾ ٻڏڻ ۾ اينڊز ڌُن "آتم" يعني سرءِ نالي واري هئي. بينڊ وارا سمورا فنڪار ويچارا جهاز ۾ هئڻ سبب حياتي وڃائي ويٺا. جهاز جو وڏو ناکو ايڊورڊ اسمٿ، جهاز سان گڏ ٻُڏي ويو. جهاز تي رهجي ويل 1500 کان به گهٽي تعداد ۾ مسافرن وڏي دليريءَ جو مظهارو ڪيو ۽ ڪرنل جان ايسٽور پنهنجي زال جي بچاءَ واري ٻيڙيءَ ۾ همٿ افزائي ڪندي چيو ته "پياري خدا حافظ، اميد ته پاڻ ڪجهه وقت کان پوءِ وري ملنداسين" حقيقت ۾ اهي پاڻ سان وري ڪو نه مليا. ڪرنل جي زال، آسيٻور اِسٽرائس مڙس کان ڌار نه ٿيندي چوڻ ڪيندو هو ته پاڻ چاليهه سال گڏ گذاريو آهي، تنهن ڪري هن پوڙهپڻ ۾ پاڻ کي هڪٻئي کان جدا نه ٿيڻ گهرجي. اهو جو پڇاڙيءَ ۾ هڪٻئي جي ڀاڪرن ۾ ڏسڻ ۾ آيو هو. جيڪو غرق ٿي ويو پر "وائيٽ اسٽار لائين" جهاز ران ڪمپنيءَ جو چيئرمين بِرُوس اِسمي، حياتي بچائڻ واري ٻيڙيءَ وسيلي بچي ويو ۽ ماڻهن جي تنقيد جو نشانو ٿيو. ماڻهن جي گهٽائيءَ جو چوڻ هو ته ڪيس سندس نه ٻُڏڻ واري انهيءَ ٽائٽانڪ بحري جهاز سان گڏ ائٽلانٽڪ وڏي سمنڊ ۾ غرق ٿيڻ گهرُبو هو.

⑥



# مونا ليزا جي تصوير جي چوري

اها ويهين صديءَ ۾ مصوريءَ جي هڪ عظيم شاهڪار جي چوري هئي. 21 آگسٽ 1911ع تي پئرس شهر ۾ موجود لوِور نالي عظيم عجائب گهر مان اها جڳ مشهور تصوير ڪو شاهينگ چورائي ويو. سيمور ريٽ Seymaur Reat نالي هڪ ليڪڪ موجب ڪو شخص سيلون ڪار Salon Carre نالي ڪمري ۾ جتي اها تصوير ٽنگيل هئي، داخل ٿيو. ديوار تان تصوير لاٿائين ۽ ٻاهر نڪري ويو. مزيدار ڳالهه اها ته موناليزا جي تصوير سومر جي ڏينهن صبح ڌاري چورائي وئي هئي، پر انتظاميه کي پهريون پيرو خبر ٻئي. ڏينهن يعني اڱاري جي منجهند ڌاري پئي ته اها تصوير واقع چورائجي وئي. انهيءَ وقت لوِور ميوزم جي انهيءَ ڀاڱي جي مکيه عملدار مايوسيءَ واري حالت ۾ محافظن جي ڪئپٽن کي اطلاع ڏنو. ڪئپٽن ڪيوريٽر کي اها خبر ٻڌائي. ڪيوريٽر پئرس شهر جي پوليس جي مک عملدار يعني پريفيڪٽ آف پوليس کي اها خبر ٽيليفون تي ٻڌائي، پوليس جي مُک عملدار نيشنل ڪرمنل انويسٽيگيشن ڊپارٽمينٽ جنهن کي La Surete لا سُريٽ سڏيندا آهن. کي جانچ لاءِ تياريءَ جو حڪم ڏنو. ساڳئي ڏينهن ٽپهري ڌاري سَتَ انسپيڪٽر هڪ

سئو کان وڌيڪ سپاهين سميت لوور ميوزم پهچي ويا. جن اچڻ شرط عجائب گهر جا سمورا گيٽ بند ڪري سمورن گهمندڙن ماڻهن توڙي محافظن کان پڇا ڳاڇا ڪئي. بعد ۾ پوري هڪ هفتي تائين لوور ميوزم جيڪو اوڻيتاليهه ايڪڙ ايراضيءَ تي مشتمل آهي جي هر ڪمري ۽ هر طبقي جي مڪمل جهڙتي ۽ جانچ ڪئي وئي.

مونا ليزا جي تصوير جي چوريءَ واري خبر سموري دنيا کي غمگين ڪري وڌو. هيءَ خبر هر مڪيه اخبار جي اڳئين صفحي تي ڇپيل هئي. ڪئين انومان هئا, ڪن جو خيال هو ته شايد اها تصوير صفائي واري عملي جي ڪنهن فرد چورائي هوندي, ٻين جو اندازو هو ته مذڪور چوري غالباً ٽوري پگهار وارن سيڪيورٽي گارڊن مان ڪنهن جي ڪيل آهي. لوور ميوزم جا منتظمين حضرات پڻ چوريءَ جي شڪ ۾ گهيريل هئا. لوور جي مڪيه ڊائريڪٽرن مان هڪڙي کي گولي هنيائون ۽ ٻئي کي سسپينڊ ڪيائون. سار سنڀال ڪندڙ عملي جي ڪيترن ئي ملازمن تي ڏنڊ وڌا ويا, تنبيهه ڪئي وئي ۽ ملازمت جي رينڪ گهٽائي وئي.

پئرس پوليس عجائب گهر جي نامعقول حفاظت جي شڪايت ڪئي, ميوزم جي انتظاميه تفتيشي پوليس جي ڪارڪردگيءَ جي شڪايت ڪندي چيو ته هن ميوزم جي نامعقول حفاظت جي شڪايت ڪئي آهي. پر ڪو به سراغ لڳائي نه سگهي آهي. اهڙي طرح قانون لاڳو ڪندڙ ڪيترائي فرينچ محڪما مذڪور چوريءَ جي سلسلي ۾ ڪو حقيقي سراغ لڳائڻ بجاءِ اٽلو پاڻ ۾ جُنبا پٽ ڪندا رهيا. ايتري قدر جو جيڪڏهن ڪنهن هڪڙي کاتي ڪو جُوٽيئَت هٿ ڪيو ته انهيءَ جي مخالف محڪمي اهو ماڻهو ڪنهن جڙتو ڏوهه ۾ گرفتار ڪري ڇڏيو جيئن ته مخالف ڌر پنهنجي ڪم ۾ ڪامياب نه ٿي سگهي.




نيٽ پئرس پوليس جو انسپيڪٽر مسٽر لوئيس ليپائين پئرس پوليس جو پريفيڪٽ يعني مُک عملدار ٿي آيو. جنهن ميوزم جي حاضر توڙي اڳوڻن سمورن ملازمن کان انٽرويوز وٺڻ سان جانچ جاري رکي، پر ڪيس خاطر خواهه ڪاميابي ڪا نہ ٿي.

مونا ليزا جي تصوير جي گمشدگيءَ کي پئرس جي ڪيترن ئي باشندن هڪڙي سازش قرار ڏنو تہ ٻين انهيءَ کي جاٽي واٽي فراريت سڏيو. تصوير جي چوري کان هڪ هفتو پوءِ جڏهن ميوزم وري گهمڻ لاءِ کوليو ويو تہ حاضر ڊيوٽي ڪيوريٽر جي چوڻ موجب پئرس جا باشندا لا تعداد ميڙن جي صورت ۾ تصوير واري ڪمري ۾ ماتمين وانگر داخل ٿيندا، نهايت ڏکوئيندڙ انداز سان اهي کوکا ڏسندا رهيا، جن وسيلي مونا ليزا جي تصوير ٽنگيل هئي. هر ڪنهن ائين پئي ٿي پيو تہ اها تصوير قومي اثاثو هو جيڪو هميشہ لاءِ وڃائجي ويو. اهو محسوس ڪندي ماڻهن سخت احتجاج ۽ گوڙ ڪيو. اهو هڪڙو وڏو واقعو ٿي ويو. وقت گذرڻ سان ماڻهن جو جوش گهٽيو ۽ انهيءَ سلسلي ۾ ٺوڳ ۽ چرچا شروع ٿي ويا. ڪئين پروليون ۽ ڪارٽون ٺهڻ لڳا. ڪنهن شخص اخبار کي خط لکي پُڇيو تہ مونا ليزا جي تصوير وارا چور ايفل ٽاور ڪڏهن چورائيندا؟ ماڻهن انهيءَ تصوير جي چوري بابت ڪيترائي گيت پڻ لکيا، جيڪي اُهي هوٽلن ۽ ڪيفيز ۾ ڳائڻ لڳا.



نائيٽ ڪلبن ۾ فنڪارن جون ڪجهہ اهڙيون بہ ٽوليون پيدا ٿيون جيڪي مونا ليزا جي لباس ۾ پنهنجو فن پيش ڪنديون هيون. مشهور ميوزڪ هالن تي ۽ ٿيٽرن ۾ ڪم ڪندڙ مکيہ اداڪارن کي مونا ليزا جو نالو ڏنائون. ڪيترائي پوسٽ ڪارڊ ڇپيا ويا. جن تي مونا ليزا جو فوٽو ڇپيل هو. چوريءَ جي جانچ جاري رهي، پر اجا

ڪاميابي ڪا نہ ٿي هئي. پُر اسرار شخصيت جي مالڪ موناليزا سان وابستہ سندس تصوير جي چوري وارو معمو ڪو پهريون ڪونهي. سندس اصل سڄاڻپ پڻ شڪي آهي. عظيم مصور ليونارڊو ڊاونسي سورهين صدي جي شروع ۾ اها تصوير پينٽ ڪئي هئي. هڪڙي ٻئي فنڪار Cuzin ڪيوزن موجب ليونارڊو جي پينٽ ٿيل گهڻين تصويرن ۾ مثالي حسن تہ موجود آهي، پر اهي واضح طور غير حقيقي لڳن ٿيون. انهيءَ جي برعڪس موناليزا جي تصوير سموريءَ سادگيءَ جي باوجود حقيقي، مخصوص، چورس چهري سان سڄي سراپا سهڻي آهي.

مونا ليزا ذاتي طور تي ڪٿي ڪهڙي بہ شخصيت جي مالڪ هجي، اها ڳالهہ پنهنجي خاني، پر هتي سندس شخصيت صدين کان وٺي حسن ۽ پيار جي علامت طور تسليم رهندي آئي آهي. انهيءَ سلسلي ۾ شايد موناليزا جي تصوير ناهيندڙ مصور لِيونارڊو جي خود ديو مالائي شخصيت ڪارفرما ٿي سگهي ٿي. ڇو تہ هن مصور پنهنجي سمورين فني صلاحيتن کي هيءَ انوکي تصوير چٽيندي ڪم آندو. موناليزا جي تصوير جي چوريءَ جي خبر جيئن جيئن پکڙجندي وئي تيئن تيئن تصوير جي معمار جي فني مڃتا ۾ واڌارو ٿيندو ويو. حقيقت موجب ليونارڊو جي فنڪاريءَ کي صدين تائين مُصَوَريءِ جي معيار طور مڃتا حاصل رهي، ۽ اڄ تائين سندس فني اصولن کي ساڳي مڃتا حاصل آهي.

ڊگهي عرصي گذرڻ سبب هن تصوير جي رنگن ۾ جهڪاءُ ٿيڻ جي باوجود موناليزا جي تصوير ۾ مخصوص جمالياتي جادو جلوه گر آهي. جرئت پسند فنڪار جهڙوڪ ڊيوڪيمپ ۽ ڊالي ڊاونسي جي فني ڪاريگريءَ جي تعريف ڪندا هئا ۽ موناليزا جي تصوير کي مصوريءَ جي تاريخ ۾ سڀ کان وڏيڪ اهميت جي حامل قرار ڏنائون.

هن تصوير جي چوريءَ کان بہ سال پوءِ سن 1513ع ۾ فلورينس جي نوادرات جي هڪ واپاريءَ جي دفتر ۾ هڪڙو خط پهتو جنهن چوريءَ جي راز کي پڌرو ڪرڻ ۾ مکيہ ڪم ڏنو. انهيءَ موجب سراغ ملڻ تي موناليزا جي تصوير انهيءَ هنڌ جي نهايت ويجهو لڌي وئي جتي چار صديون اڳي اها ٺاهي وئي هئي. اهو ماڳ لوِر ميوزم کان چند بلاڪن جي فاصلي تي سندس چور جو گهر هو. جتي اها سانده ٻن سالن تائين لڪائي رکي وئي هئي. هن وقت موناليزاواري اها تصوير وري بہ ميوزم ۾ نمائش لاءِ لڳل آهي، پر اڳي جي ڀيٽ ۾ سخت پهري ۽ حفاظت هيٺ رکيل آهي. جتي انهيءَ تصوير کي ڏسڻ لاءِ هر سال ڪروڙين ماڻهو ايندا آهن.

ڪيوزن جي چوڻ موجب انفرادي طور تصوير ۾ عورت ايتري ملوڪ ڪانهي ۽ نڪي منجهس گهڻو رنگ ۽ روغن نمايان آهي. تنهن هوندي بہ هيءَ تصوير ساري جڳ ۾ مشهور آهي. انهيءَ جو سبب شايد اهو هجي تہ هن تصوير واري اصل عورت تہ اسان ڏسي ئي نٿاسگهون، تنهنڪري اها ڳالهہ غير معمولي ٿيو پوي، جڏهن اسين سندس تصوير ڏسون ٿا. جهڙوڪر: اسان خود موناليزا کي پهريون ئي ڀيرو ڏسون ٿا.

⑥




# پهرين عالمي جنگ

وِيهَئِين عيسوي صديءَ جي شروع دوران اولهه جا مُلڪ پوري دنيا ۾ وڏيڪ تونگر هئا. وڌن صنعتڪاري گهٽي هئڻ سبب عالمي واپار تي سندن قبضوجميل هو.انهن مان ڪافي ملڪن جون ايشيا ۽ آفريڪا کنڊن ۾ تمام وسيع بينڪون قائم هيون.

سائنسي ايجادن توڙي تعليمي ميدان ۾ پڻ مذڪوره ملڪن انهي دور ۾ عالمي سطح تي اڳواٽي پي ڪئي. جن ماڻهن ڪڏهن به اولهه جو ڪو به ملڪ ڪو نه ڏٺو هو. اهي اولهه وارين قومن جون ٻوليون مختلف علوم جي حصول خاطر سکڻ ۽ استعمال ڪرڻ لڳا. اهڙي طرح مغربي ملڪن جا سائنسي ۽ طبي علم پوري دنيا ۾ پکڙجي ويا.

سن 1914ع ۾ مذڪوره مغربي ملڪ عالمي لڙائي ۾ ڦاسي پيا. جنهن بابت انهن ملڪن جي سربراهن جو خيال هو ته اها آخري عالمي لڙائي هوندي. سندن اهو خيال غلط هو. سن 1939ع ۾ مذڪوره ملڪ ٻي عالمي لڙائي ۾ پڻ مشغول رهيا. انهن ٻن مهاڀاري جنگين عالمي معاملات ۽ تعلقات ۾ اولهه جي ملڪن جو

روايتي ڪردار يڪسر تبديل ڪري ڇڏيو. آمريڪا ۽ روس دنيا جون سڀني کان وڏيون طاقتون ٿي پيا. ڪميونزم جيڪو اڳي انسان ذات جي تمام ننڍڙي گروهه جو سياسي نظام هو. اهو وڏيڪ طاقتور ۽ روسين توڙي چينين جي سياسي ۽ سماجي رهبريءَ ڪندڙ فلسفو ٿي پيو. ڪميونسٽن واضح طور پڌرو ڪيو ته اهي ڪميونزم جي خيالات جو پرچار پوري دنيا ۾ ڪرڻ چاهين ٿا.

انهيءَ وقت دنيا سماجي طور ٻن ڀاڱن ۾ورهائجي وئي. پهرين دنيا سرمائيداري نظام رکندڙ مغربي ملڪن تي مشتمل هئي. جنهن جي اڳواڻي آمريڪا عالمي وڏي طاقت جي صورت ۾ ڪرڻ لڳو ۽ ٻي دنيا ڪميونسٽ ملڪن تي مشتمل هئي. جنهن جي اڳواڻي سوويت يونين ڪري رهيو هو. سن 1955ع ۾ ٽين دنيا پڻ وجود ۾ آئي، جيڪا ايشيا ۽ آفريڪا جي اڻ ڌري ملڪن تي مشتمل هئي. ٽين دنيا جي مذڪوره اڻ ڌري تحريڪ وارن ملڪن کي پهرين ۽ ٻي دنيا جي وچ ۾ هلندڙ ڇڪتاڻ ۾ ڦاسڻ جو ڪو به خيال ڪو نه هو. انهن ملڪن کي ايشيا ۽ آمريڪا ۾ يورپي قومن جي نوآبادياتي غلاميءَ مان ڇوٽڪارو گهربل هو. جنهن لاءِ اُهي ڪافي عرصي کان جدوجهد ڪري رهيا هئا. ٽين دنيا جي انهن ملڪن جلد ئي وچ اوڀر جي عرب رياستن ۽ ڏکڻ آمريڪا جي ملڪن کي پنهنجي اڻ ڌري تحريڪ ۾ شامل ڪري ورتو ۽ پنهنجي ملڪن جي اقتصادي بحالي ۽ ترقي لاءِ جاکوڙڻ شروع ڪيو.

اوڻيهين صديءَ جي آخر ڌاري فرانس، جرمني، انگلينڊ، آسٽريا، هنگري، اٽلي ۽ روس يورپ جا نهايت طاقتور مُلڪ هئا. هر ملڪ پنهنجي بينڪن ۽ عالمي تجارت جي بچاء خاطر وڏا ۽ طاقتور لشڪر تيار ڪيا ۽ ٻين ملڪن سان عسڪري ۽ اقتصادي معاهدا ڪرڻ لڳو. نتيجتاً يورپ ۾ ٻه مکيه عسڪري اتحاد قائم ٿيا. جن مان هڪڙي جي اڳواڻي جرمنيءَ ٿي ڪئي. تنهن سان آسٽريا، هنگري ۽ اٽلي شامل هئا. ٻي عسڪري



اتحاد جو سرواڻ فرانس هو. جنهن سان انگلينڊ ۽ روس متحد هئا. هنن عسڪري اتحادن ۾ آمريڪا شامل ڪو نہ هو. هنن اتحادن ۾ شامل هر ملڪ واعدو ڪيو تہ اتحادي ملڪن تي حملي ٿيڻ سبب اهو سندن مڪمل مدد ڪندو.

هنن عسڪري اِتحادن جي وجود سبب تمام ٿوري اٽڪل جي ڪري سمورن ملڪن طرفان جنگ ۾ عملي طور ملوث ٿيڻ جو خطرو هر وقت موجود هو ڇو تہ يورپ ۾ مفادات جي حصول لاءِ ڪشمڪش ڪافي عرصي ڪان جاري هئي.

روس، آسٽريا ۽ هنگريءَ جي وچ ۾ بلقان واري علائقي بابت تي اختلاف موجود هئا. بلقان واري علائقي ۾ موجود ننڍڙي رياست سربيا سندن نسل جي ماڻهن سلاون Slavs کي متحد ڪري، جيڪي هن علائقي ۾ ٽڙيل پکريل صورت ۾ موجود هئا. پنهنجي رياست جي حدن ۾ خاطرخواهہ توسيع ڪرڻ پئي چاهي.

سلاو آسٽريا ۽ هنگري ۾ گهڻي تعداد ۾ موجود هئا. جن سان سربيا اڪيلي سر ڦٻي نٿي سگهيو. تنهنڪري روس کان مدد طلبيائين. انهيءَ وچ ۾ 28 جون 1914ع تي آسٽريا جي حاڪم يعني آرچ ڊيوڪ فَرڊِيننَڊِ Ferdinand کي گولي هڻي ماريو ويو. انهيءَ جو الزام سربيا جي سربراهن تي لڳائي، آسٽريا ۽ هنگري سربيا سان جنگ جو اعلان ڪري ڇڏيو تہ روس سربيا جي مدد لاءِ تيار ٿيڻ لڳو. چند ڏينهن پوءِ آسٽريا هنگريءَ جي حمايت ۾، جرمني ۽ روس سان جنگ جو اعلان ڪيو. جرمن اڳواڻن پنهنجي مخالفن سان جنگ ڪرڻ وارا منصوبا ۽ تياري اڳي ئي ڪري ڇڏي هئي. ترت ئي بعد ۾ روس جي حمايت ۽ مدد خاطر فرانس ۽ انگلينڊ بہ هن جنگ ۾ شامل ٿي ويا. سن 1915ع ۾ جرمنيءَ جي اڳواڻيءَ واري اتحاد ۾ شامل اٽلي، فرانس جي اڳواڻيءَ واري اتحاد ۾ اچي شامل ٿيو. ترڪي ۽ بلغاريہ جا ملڪ وري جرمن اتحاد ۾ شامل ٿيا.






فرانس، روس، انگلينڊ ۽ اٽليءَ واري عسڪري اتحادين کي الائيڊ پاورس Allied Powers ۽ جرمني، آسٽريا، هنگري، ترڪي ۽ بلغاريه وارن عسڪري اتحادي ملڪن کي سينٽرل پاورس Central Powers ڪوٺڻ لڳا. اهڙيءَ ريت سربيا ۽ آسٽريا جي وچ ۾ سن 1914ع ۾ لڳندڙ جنگ هلندي هلندي پوري يورپ ۽ نيٺ عالمي لڙائيءَ جي صورت اختيار ڪئي ۽ انهيءَ کي پهرين عالمي جنگ سڏيو ويو. هيءَ جنگ يورپ مان وڌندي وچ اوڀر ۽ آفريڪا تائين پکڙجي وئي ۽ بحري لڙائي پوري دنيا ۾ ڦهلجي وئي.

هن لڙائي دوران شروعات ۾ الائيڊ پاورس جي ڀيٽ ۾سينٽرل پاورس کي وڌيڪ ڪاميابي حاصل ٿي، جرمن فوجن فرانس جي ڪافي علائقن تي قبضو ڪري ورتو هو. پر مجموعي طور ڪنهن به ڌر کي مڪمل ڪاميابي هن جنگ ۾ حاصل ڪا نه ٿي. ڪيترين ڳالهين ۾ هيءَ پهرين عالمي جنگ ماضيءَ وارين سمورين جنگين کان مختلف پڻ هئي. جهڙوڪ: دنيا ۾ پهريون ڀيرو مشين گن، هوائي جهازن ۽ آبدوزن جو استعمال هن جنگ ۾ ٿيو هو. تنهن کانسواءِ هن جنگ ۾ زهريليون گئسون پڻ هٿيار طور استعمال ڪيون ويون هيون. ماضيءَ ۾ سمورين جنگين جي ڀيٽ ۾ هن جنگ ۾ فوجين کان سواءِ عام شهري پڻ ڪئين لکن جي تعداد ۾ موت جو شڪار ٿيا.

هن جنگ هلندي سن 1917ع ۾ روس ۾ انقلاب آيو. بادشاهت ختم ٿي ۽ لينن جي اڳواڻيءَ ۾ سوشلسٽ حڪومت قائم ٿي. ملڪ جي سماجي، سياسي ۽ اقتصادي صورتحال سخت خراب هئڻ ۽ جنگ ۾ وڏي نقصان ٿيڻ ڪري، جرمنيءَ سان هڪ ٺاهه ڪرڻ سان روس جنگ کان ٻاهر نڪري ويو.

انهيءَ عرصي دوران الائيڊ ملڪن کي امداد پهچائيندڙ آمريڪي بحري جهازن کي جرمن آبدوز ڪشتين تارپيڊو وسيلي غرق ڪرڻ شروع ڪيو ۽ جڏهن هڪڙو آمريڪي بحري جهاز جنهن تي امدادي سامان سان گڏ ڪجهه تعداد ۾ عام آمريڪي شهري به سوار هئا. تارپيڊو ڪري غرق ڪيو ويو ته آمريڪا الائيڊ پاورس پاران جرمنيءَ خلاف جنگ جو اعلان ڪيو. ۽ پنهنجا ويهه لک فوجي يورپ اماڻيا. يورپي فوجون سانده چار سال وڙهندي ٿڪجي پيون هيون. پر هي آمريڪي فوجون تازه دم ۽ تڪڙيون هيون. انهن جي عمل دخل سبب جنگ جو توازن سينٽرل پاورس جي خلاف ۽ الائيڊ پاورس جي حق ۾ تبديل ٿي ويو.

نتيجي طور 11 نومبر 1918ع تي جرمني ۽ سندن اتحادين جنگ بند ڪرڻ وارو ٺاهه ڪيو ۽ اها جنگ ختم ٿي. پهرين عالمي لڙائي جي خاتمي کان اڳ آمريڪي صدر وڊرو ولسن دنيا ۾ امن امان قائم ڪرڻ بابت چوڏهن نڪتن تي مشتمل هڪڙو منصوبو مرتب ڪيو هو. جرمنيءَ ۽ سندس اتحادين پڻ انهيءَ منصوبي جي آجيان ڪئي هئي. الائيڊ ملڪن سينٽرل ملڪن کان جنگ جو خرچ ۽ ڏنڊ ڀرائڻ گهريو. اهڙيءَ ريت جرمنيءَ جون آفريڪا ۾ قائم بيٺڪون انگلينڊ ۽ فرانس ورهائي ڪنيون. الائيڊ جي حامي جاپان جرمنيءَ جون پيسفڪ ۾ قائم ڪالونيون قبضي ڪيون. آسٽريا هنگريءَ کي ورهائي چار الڳ الڳ ملڪ قائم ڪيا ويا. هر هڪ آسٽريا، هنگري، ڪزيڪو سلوواڪيا ۽ يوگوسلاويا. جنگ ۾ شڪست خورده قوم ۽ ڏر طور جرمني الائيڊ پاورس سان هڪ معاهدو ڪيو. انهيءَ کي Treaty of Versailles يعني ”ورسيلز وارو معاهدو“ چئجي ٿو. انهيءَ معاهدي تحت جنگ ۾ ٿيل سمورو نقصان جرمنيءَ کي ڀرڻو هو ۽ پنهنجي فوج گهٽائڻي هئي. ۽ بحري فوج ختم ڪري ڇڏڻي هئي. نقصان جي تلافيءَ طور جرمنيءَ طرفان ڀريل رقم جو وڏو حصو فرانس کي مليو.



آمريڪي صدر وِلسن واري امن منصوبي تي گهڻو ڪري عمل ڪو نه ٿيو. البت انهيءَ جي هڪ نڪتي تي عمل ڪندي عالمي امن قائم رکڻ خاطر قومن جي هڪڙي تنظيم League of nations [قومن جي جماعت] تنظيم قائم ڪئي وئي. پر پنهنجي مخصوص فوج نه هئڻ سبب هي ادارو توقعات تي پورو لهي نه سگهيو ۽ ڪمزور رهيو. جنهن سبب خود آمريڪا به هن اداري ۾ ميمبر طور شامل ڪو نه ٿيو.

ورسيلز ٽريٽي تي جنوري 1919ع ۾ پئرس شهر کان ڪافي پري ورسيلز نالي ماڳ تي شاهي محل ۾ دستخط ڪيو ويو.

آمريڪا هن ۽ واسطيدار ٻين اهڙن معاهدن ٿيڻ ۾ خوش ڪو نه هو. مذڪوره معاهدن کان ترت پوءِ جنگ جون تباهه ڪاريون ظاهر ٿيون. بيلجيم ۽ فرانس جو اُتريون پاڱو مڪمل طور تباهه ٿي ويو هو. فرانس جا تقريباً سمورا ڪارخانا ۽ سڄو ريلوي نظام برباد ٿي ويو. هزارين فوجي اپاهج ۽ لکين بيروزگار بنجي ويا. جنگ ۾ ملوث سمورا ملڪ قرضن ۾ ڳچيءَ تائين غرق ٿي ويا.

جرمنيءَ ۾ بادشاهت ختم ڪري جمهوري نظام حڪومت قائم ڪيو ويو. جيڪو مسئلن جي ڍير ۾ ڦاسي پيو. جرمن راءِ عام ورسيلز معاهدي جي خلاف ۽ سخت ناراض هئي. جڏهن ته جرمنيءَ جي معيشيت بلڪل تباهه هئي. قرضن سان گڏ جنگ جي چٽي، مطلب ته بلڪل تباهه حال هئي.

سن 1929ع ۾ عالمي معيشيت ۾ خرابي ۽ ٻاڙائي پيدا ٿي جنهن کي عام طور ڊپريشن Depression ڪوٺيو ويو. ٿيو هينئن ته هر هنڌ وڏي تعداد ۾ ڪارخانا بند ٿيڻ سبب لکين ماڻهون بيروزگاريءَ جو شڪار ٿي پيا. عالمي واپار ۾ اڌ کان وڌيڪ گهٽتائي ٿي وئي. دنيا جا تقريباً سمورا ملڪ هن مايوس ڪن صورتحال کان سخت بُري طرح متاثر ٿيا.

مذڪوره صورتحال جي پيش نظر ڪافي ملڪن ۾ جمهوريت بدران آمريتون قائم ٿيون. سندن سوچ موجب اسيمبلين ۾ گهڻا ماڻهو گهڻو وقت فضول بحث مباحثن ۾ وڃائين ٿا ۽ ترت گهربل پاليسيون يا اپاءُ اختيار نٿا ڪن. جنهنڪري رياست جو ڪاروبار خوش اسلوبيءَ سان نٿو هلي. انهيءَ جي ڀيٽ ۾ هڪ ماڻهو وقت سر ترت فيصلو ڪري مسئلا حل ڪري سگهي ٿو. اهڙي طرح 1922ع ۾ بينيٽو مسوليني‌ءَ اٽليءَ ۾ ڊڪٽيٽرشپ قائم ڪري اولهه يورپ ۾ وري آمريت چالو ڪئي.

هن آمريت قائم ڪندي هڪ سياسي پارٽي فاشسٽ پارٽي جي حمايت حاصل ڪئي.

مَسوليني پارٽيءَ سان واعدو ڪيو ته هو اٽليءَ کي عالمي طاقت بنائيندو. سن 1933ع ۾ ايڊولف هٽلر جرمنيءَ جو چانسلر چونڊيو ويو. هن پڻ ترت ئي جمهوري ادارا ختم ڪري خود مرد آهن تي وينو. پاڻ کي der Fuchrer يعني جرمنيءَ جو واحد ۽ حقيقي اڳواڻ سڏائڻ لڳو. هن کي پڻ هڪ سياسي تنظيم نيشنل سوشلسٽ پارٽي يا نازي پارٽيءَ جي حمايت حاصل هئي. مسوليني‌ءَ وانگر هن پڻ پنهنجي ملڪ کي مضبوط ڪرڻ ۽ نئين سر فوج جي جوڙجڪ ڪرڻ جو عهد ڪيو. هٽلر ورسيلز معاهدي تان ڦري وڃڻ واري ڳالهه پڻ ڪئي هئي. هن ۽ سندس پارٽيءَ جرمنيءَ جي مسئلن جو سبب جرمن يهودين کي ڪوٺيو ۽ کين ظلم ۽ ستم جو نشانو بنايو. ڪائنن روزگار ۽ ڪافي شهري حقوق کسيا ويا. کين پنهنجي سڃاڻپ واسطي پيلي رنگ جو تارو (star) پنهنجي لباس تي چٽي نموني لڳائڻ جو حڪم ڪيو ويو. هٽلر ڪرستانن توڙي سندس مخالفن سان ظالماڻون رويو اختيار ڪيو.

⑥




# ريشمي رومال تحريڪ

هيءَ تحريڪ پڻ هندستان کي انگريزن کان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ قائم ڪيل مختلف تحريڪن مان هڪڙي تحريڪ هئي. جنهن جو نصب العين هٿيار بند جدوجهد وسيلي هندستان جي آزادي حاصل ڪرڻ هو. هيءَ تحريڪ هندستان جي جڳ مشهور اسلامي تعليمات جي اداري، دارالعلوم ديوبند سان وابسته علماء ڪرام، مولانا محمود الحسن، مولانا عبيدالله سنڌي ۽ سندن ساٿي علمائن، سن 1913ع ۾ هندستان جي آزاديءَ جي هڪ زير زمين تحريڪ طور وجود ۾ آندي. هن تحريڪ جي اڳواڻن، انهيءَ سلسلي ۾ انگريز مخالف يورپي ۽ ايشيائي ملڪن کان مدد وٺڻ خاطر گهربل رابطي جو سلسلو شروع ڪيو پر انهيءَ وقت افغانستان ۾ رهندڙ هن تحريڪ جي مکيه رهنما، مولانا عبيدالله سنڌيءَ طرفان سندس ساٿي رهنما، مولانا محمود الحسن ڏانهن هڪ ريشمي رومال تي لکيل ڳجهو خط پنجاب حڪومت جي سي آءِ ڊي کاتي کي هٿ اچڻ سبب، هن تحريڪ جي جدوجهد وارو راز کلي پيو. انهيءَ وقت مولانا محمود الحسن هن تحريڪ جي

حوالي سان ايران ۾ ترسيل هو. مولانا محمود الحسن سان گڏ، مولانا محمد ميان منصور انصاري، سيپٽمبر 1915ع ۾ حجاز مُقدس ويو هو ۽ ريشمي رومال تي غالب پاشا جي دستخط وارو لکيل خط کڻي اپريل 1916ع ۾ هندستان موٽي آيو ۽ اهو خط هندستان جي آزاديءَ واري جنگ وڙهندڙ قبائلي علائقن وارن مجاهدن کي ڏيکاريو. پوءِ اهو خط کڻي مولانا منصور انصاري جون 1916ع ۾ ڪابل پهتو. پهرين عالمي لڙائيءَ دؤران، مولانا عبيدالله سنڌي ۽ دارالعلوم ديوبند جو منتظم اعليٰ مولانا محمود حسن، هندستان جي اتر اولهه واري قبائلي علائقي ۾ انگريزي حڪومت جي خلاف آزاديءَ واري جدوجهد چالو ڪرڻ جي منصوبي تحت، آڪٽوبر 1915ع ۾ ڪابل روانو ٿيو. انهيءَ نصب العين جي حصول خاطر مولانا عبيد الله سنڌي افغانستان جي حاڪم کي هندستان ۾ انگريزي حڪومت جي خلاف جنگ ڪرڻ جي ترغيب ڏني ۽ مولانا محمود الحسن جرمني ۽ ترڪيءَ جي حڪمرانن کان انگريزن جي حڪومت خلاف مدد حاصل ڪرڻ لاءِ حجاز روانو ٿيو. افغانستان ۾ مولانا عبيدالله سنڌيءَ سان گڏ ڪجهه ديوبند وارا شاگرد به ساڻ هئا، جيڪي انگريزن خلاف ترڪيءَ جي خليفي طرفان هلندڙ جهاد ۾ شامل ٿيڻ واسطي ترڪي وڃڻ لاءِ تيار هئا پر مولانا سنڌيءَ فيصلو ڪري ڇڏيو تہ عالم اسلام جي سڀ کان وڏيڪ صحيح خدمت، هندستان جي آزادي واري تحريڪ جي ڪاميابيءَ تي دارومدار رکندڙ آهي. هن تحريڪ جي ترت مقصدن ۾ افغان حاڪم کي هندستان ۾ انگريز حڪومت جي خلاف جنگ ڪرڻ ۽ هن تحريڪ جي مجاهدن کي افغانستان مان لنگهي وڃڻ جي اجازت جو حصول هو. برلن- اِنڊيئن ڪميٽي جيڪا 1915ع کان پوءِ هندستان جي آزاديءَ واري ڪميٽي سڏجڻ لڳي، اها اِنڊو-جرمن-ٽُرڪش مشن جي صورت ۾ هندستان جي ايران سان لڳندڙ سرحد تي برطانوي سامراج جي خلاف هلندڙ جدوجهد جي همٿ افزائي ڪرڻ لڳي. اهو انڊو جرمن ٽُرڪش مشن ديوبندي مجاهدن سان ڊسمبر 1915ع ۾ ڪابل ۾ وڃي گڏيو. اهو مشن مجاهدن سان گڏ ترڪ خليفي انور پاشا ۽ مصر مان معزول ڪيل شاهہ عباس حلمي جا انگريز سامراج خلاف جدوجهد جي حمايت ۽ افغان حاڪم کي انگريز مخالف جدوجهد ۾ شامل ٿيڻ وارا پيغام کڻي آيو هن انڊوجرمن ٽُرڪش مشن جو



ترت مقصد هن ريشمي رومال تحريڪ وارو ساڳيو افغان حڪمران کي انگريز مخالف جدوجهد ۾ شامل ڪرڻ ۽ انگريز مخالف جنگ ڪندڙ مجاهدن کي افغانستان مان لنگهي جنگ جي محاذ ڏانهن وڃڻ جي اجازت جو حصول هو پر هن تحريڪ جو راز کلڻ کان پوءِ هن تحريڪ جا ديوبندي عالم رهنما، جهڙوڪ مولانا محمود الحسن، مڪي شريف مان گرفتار ڪيو ويو ۽ مولانا حسين احمد مدنيءَ سان گڏ مالٽا ۾ جلا وطن ڪري رکيو ويو. جتان کيس سِلهه جي موذي مرض ۾ آخري ڏاڪي ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ سن 1920ع ۾ آزاد ڪيو ويو. انهن کان سواءِ تحريڪ جا ٻيا بہ اهم رهنما گرفتار ٿي ويا. هن تحريڪ جي مکيہ رهنمائن ۾ مولانا عبيدالله سنڌي مولانا محمود الحسن، مولانا حسين احمد مدني، مولانا شاهہ رحيم راءِ پوري، مولانا محمد صادق کڏو ڪراچي وارو ۽ مولانا محمد ميان منصور انصاري شامل هئا. هيءَ هڪڙي انگريز مخالف هٿيار بند تحريڪ هجڻ سبب، کيس هٿيارن ۽ گولي بارود جي سخت ضرورت هئي. تنهن ڪري هن تحريڪ جي رهنمائن هندستان کان ٻاهر انگريز مخالف قومن ۽ ملڪن، جهڙوڪ افغانستان ترڪي روس ۽ جرمني کان گهربل جوڳي مدد لاءِ رابطا شروع ڪيا. هن تحريڪ جي خط و ڪتابت ريشمي رومالن تي ڳجهي خطاطيءَ وسيلي ڪئي ويندي هئي. تنهن نسبت سان آزاديءَ واري هن تحريڪ تي ”ريشمي رومال تحريڪ“ نالو پئجي ويو. هيءَ تحريڪ پنهنجي وجود جي شروعاتي عرصي دؤران ئي مشڪلات جو شڪار ٿي وئي. انهيءَ دؤر ۾ پنجاب جي گورنر، سر مائيڪل ڊوائر سندس يادگيرين جي اردو ترجمي نالي ”غير منقسم برصغير ميري نظر مين“ تان مولانا زاهد الراشدي مواد اخذ ڪري، تحريڪ ريشمي رومال اور انگريز گورنر پنجاب کي ياداشت جي عنوان تحت تحرير ڪيل مضمون ۾ ڄاڻايو تہ ”سر مائيڪل او ڊوائر لکي ٿو تہ ”ريشمي رومال (تحريڪ) منصوبي جو اطلاع اسان کي آگسٽ 1916ع ۾ مليو ۽ اسين انهي کي شروعات ۾ ئي ڪُچلي ڇڏڻ جا لائق ٿي وياسين. انهيءَ منصوبي جو بنياد 16-1915ع ۾ ڪابل شهر ۾ رکيو ويو جتي فيصلو ٿيو تہ هڪ طرف ٽُرڪ ۽ عرب پاڻ ۾ اتحاد قائم ڪن ۽ ٻئي طرف افغان، سرحدي قبيلا ۽ هندستان جا مسلمان پاڻ ۾ ٻڌي ڪن. اهڙيءَ ريت اسلام جون سموريون ڌُريون برطانوي حڪومت جي خلاف آزاديءَ جي هڪ نقطي تي پاڻ ۾ گڏجي وڃن. انهيءَ منصوبي کي عملي جامو پهرائڻ سولو خيال ڪيو ويو. اهو هيئن تہ سرحدي قبيلا هندستاني عالمن جي اُڪسائڻ تي انگريز سرڪار جي خلاف جنگ چالو ڪري ڏيندا ڪين هندستاني باغي مسلمانن جي حمايت بہ حاصل هوندي، اها اميد بہ ڪئي پئي وئي تہ انقلاب پسند هندو ۽ آمريڪا مان موٽي آيل سِک بہ انهي آزاديءَ جي مجاهدن سان ملي جدوجهد ڪندا. هي تحريڪ وڏي مهارت سان تيار ڪئي وئي هئي. انهيءَ تحريڪ کي هندستان، وچ ايشيا، حجاز ۽ ميسوپوٽيميا تائين پهچايو ويو ۽ انهيءَ تحريڪ جي منصوبي کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ سمورا روايتي طريقا ڪم آندا ويا. مختلف ملڪن ۾ ايلچي ۽ سفير موڪليا ويا. انهن وٽان ڳجها خط ۽ پيغام هٿ ڪيا ويا. انهيءَ مرحلي تي هن پر اسرار معاملي جي ڪُنجي يعني ڳُجهن خطن ۽ پيغامن وارا ريشمي رومال مون کي هٿ آيا. ڪابل ويل باغي نوجوانن ۾ هڪڙي سني مسلمان فوجي جو پٽ بہ شامل هو. اهو فوجي مسلمان منهنجو پراڻو دوست هو. انهيءَ مسلمان فوجي جي زور پرڻ تي مون ڪابل جي امير کي هڪ پيغام موڪليو تہ ڪابل آيل نوجوانن کي واپس هندستان اچڻ جي موڪل ڏني

وجي. انهن کان ڪا بہ پڇا ڳاڇا ڪا نہ ٿيندي ۽ کين معافي ڏني ويندي. اهو گُر ناڪام ٿيو. منهنجي مسلمان فوجي سنگتي جو هڪ خانداني ملازم بہ انهن باغي نوجوانن سان گڏ ڪابل ۾ هو. منهنجي سنگتي فوجيءَ جي پٺ، انهيءَ ملازم کي پنهنجي پيءُ لاءِ هڪ پيغام ڏئي هندستان موڪليو. انهيءَ ملازم جي اچ وڃ ڏسي منهنجي سنگتي فوجي کي ڪجهہ شڪ پيدا ٿيو ۽ انهيءَ ملازم تي سختي ڪئي تہ انهيءَ ملازم قبول ڪيو تہ مون هن پيغام سان گڏ ڪجهہ ٻيو مواد بہ آندو هو. اهي ساڳيا مشهور ريشمي رومالن تي فارسي ٻوليءَ ۾ زرد ريشمي ڪپڙي تي لکيل خط هئا. لکڻ واري جا اکر سنا هئا. انهيءَ ڪپڙي کي ڪوٽ جي اندروني ڏندين سان گڏي ٽانڪيو ويو هو. اهو ڪوٽ حفاظت جي لحاظ کان هڪ مقامي رياست ۾ رکيو ويو هو. منهنجي سنگتي پنهنڻ فوجيءَ جون ڏمڪيون ڪارگر ثابت ٿيون ۽ اهو ڪوٽ ڪيس اچي مليو. تنهن ريشمي رومال تي لکيل خط ڪٽي ڇڏيا، ڇو تہ ڪيس فارسي زبان گهڻي ڪا نہ ايندي هئي، تنهن ڪري هن انهيءَ جو مطلب ڪو نہ سمجهيو پر پانئيائين تہ انهيءَ ۾ ڪا نہ ڪا ڳجهي ڳالهہ ضرور موجود هوندي. هن اهو ڪوٽ ۽ ريشمي ڪپڙو ڪمشنر کي ڏنو. جنهن اهو مون کي ڏياري موڪليو ۽ ائين بہ چوائي موڪليائين تہ ڪپڙي تي لکيل اکر بلڪل بي معنيٰ ۽ سمجهہ کان ٻاهر آهن. شروعات ۾ مون انهن جو پورو مطلب ڪو نہ سمجهيو پر ايترو سمجهيم تہ اهي ڪنهن وڏي منصوبي جي باري ۾ لکيل آهن. مون اهي ڪپڙا سي آءِ ڊي کاتي وارن ڏانهن اماڻي ڇڏيا، جتي موجود سر چارلس ڪليو لينڊ اهو ڳجهہ جلد پڌرو ڪيو. اهي خط مولانا عبيدالله سنڌي ۽ مولانا منصور انصاري طرفان لکايل هئا، جن جو تعلق ديوبند جي مڪتب فڪر سان هو. انهن اهي خط جهاد جي تبليغ لاءِ لکايا هئا. سن 1915ع ۾ ڪابل ويندي انهن علمائن هندستاني مجاهدن سان ملاقات بہ ڪئي هئي. قابل ۾ سندن پرجوش خير مقدم ڪيو ويو. اتي ترڪي ۽ جرمنيءَ جي وفدن سان سندن رابطو ٿيو. تنهن کان سواءِ هندستاني انقلاب پسندن يعني مهندرا پرتاب ۽ برڪت الله سان بہ کين ملاقات ڪرائي وئي. اهڙيءَ ريت هنن رهنمائن پنهنجن رابطن ۽ واسطن کي ڪماڻتو بنايو. مولانا منصور انصاري عربستان جو دؤرو اڪئي ڪري ڪابل موٽي آيو هو. هٿ آيل ريشمي رومال وارن خطن ۾ 9 جولاءِ 1916ع تاريخ لکيل هئي. انهن مخفي خطن کي مقرر ماڻهن تي حفاظت سان مهل سر رسائڻ لاءِ سنڌ ۾ هڪڙو پروسي جوڳو ماڻهو موجود هو. تنهن کي تاڪيد ڪيو ويو تہ تون خود اهي مخفي خط کڻي وڃي تحريڪ جي رهنما، مولانا محمود الحسن کي ڏي يا ڪنهن ٻئي اعتماد واري شخص هٿان اهي خط شيخ الهند کي باسلامت رسائي. شيخ الهند، مولانا محمود الحسن انهيءَ وقت ديوبند کان مڪي ويل هو. ڪابل ۽ هندستان ۾ تحريڪ ۾ ٿيندڙ اڳڀرائي، جرمني ۽ ترڪيءَ جي وفدن جي آمد، جرمني وفد جي روانگي، عبوري حڪومت جي تشڪيل ۽ جهادي شاگردن جي سرگرمين بابت احوال انهن هٿ آيل خطن ۾ تفصيل سان موجود هئا. هڪ خدائي لشڪر جي بناوت جو تفصيل بہ انهن خطن ۾ درج هو. خطن ۾ بيان ڪيل هو تہ سمورا مسلمان حڪمران اتحاد قائم ڪري برطانوي سامراج کي مسلمانن جي ملڪن مان پڇائي ڪيندا. انهيءَ کان اڳ هن تحريڪ جي قائم ڪيل هنگامي حڪومت ترڪستان جي روسي گورنر ڏانهن پنهنجو وفد موڪليو جنهن هندستان جي انقلابي اڳواڻ مهندرا پرتاب جي صحيح وارو خط کيس پيش ڪيو. هن هنگامي حڪومت سوني پٽيءَ تي اڪريل خط روسي

شهنشاه زار جي خدمت ۾ به پيش ڪيو هو. انهيءَ خط ۾ التجا ڪئي وئي ته روس برطانيه سان ٿيل اتحاد کي ختم ڪري هندستان ۾ برطانوي سرڪار خلاف اسان جي جدوجهد ۾ مدد ڪري زار شاهي حڪومت انهيءَ وفد کي بي مراد موٽائي ڇڏيو پر سن 1917ع ۾ جڏهن روس ۾ بالشويڪن جي انقلابي حڪومت قائم ٿي، ته ڪين هنگامي حڪومت جي وفد واري التجا جو احساس ٿيو. انهيءَ کان اڳ ۾ پڻ هندستان جي ماهر ۽ محنتي اهلڪارن جي تعاون سان هن تحريڪ جي قائم ڪيل هنگامي حڪومت، سني ۽ خوبصورت اردو ۾ سفارتي خط لکايا ۽ سنن لفافن ۾ بند ڪري هندستان ۾ موجود رياستن جي نوابن، شهزادن ۽ رئيسن توڙي اميرن ڏانهن جرمن چانسلر وارن هالويڪ جي دستخط سان موڪليا، جن ۾ لکيو ويو ته جيڪڏهن توهان انگريزن جي غلاميءَ وارو طوق پنهنجي ڳچيءَ مان ڪڍڻ واسطي اسان جي جدوجهد ۾ شامل ٿيا ۽ ڪامياب ٿيا ته توهان کي پنهنجون سموريون مراعات شاندار انداز سان نيبهه هونديون. اهڙي قسم جا خط کڻي ويندڙ جرمن مِشن کي اسان (انگريزي فوج) اتر ايران ۾ پڪڙي خط کسي ورتا. اهي خط اڄ




به لندن ۾ موجود انڊيئن فارين آفيس ۾ دلچسپ تاريخي دستاويزن جي صورت ۾ محفوظ آهن. انهن عملن مان پتو پوي ٿو ته ڪابل ۾ موجود هنگامي حڪومت ۽ سندس اتحادين خدائي لشڪر جي راهه هموار ڪرڻ ۾ ڪيتري قدر سر توڙ ڪاوشون ڪيون! مڪي شريف ۾ موجود جنهن مولانا محمود الحسن ڏانهن اهي ريشمي رومال تي لکيل خط اماڻيا ويا هئا، تنهن حجاز ۾ موجود ترڪ جنرل غالب پاشا سان رابطو قائم ڪري ورتو هو. جنرل پاشا جڏهن مصر ۾ اسان جو جنگي قيدي ٿي پيو. تڏهن باسيائين ته مولانا محمود الحسن مون کان انگريزن جي خلاف اعلان جهاد واري دستاويز تي صحيح ورتي هئي. غالب نامه جي عنوان سان انهيءَ دستاويز جا نقل سڄي هندستان ۽ سرحد جي قبائلي علائقن ۾ ورهايا ويا هئا. انهن ريشمي رومال وارن خطن مولانا محمود الحسن کي تحريڪ کي اڳتي وڌائڻ جي قابل بنائي ڇڏيو. هن جي خواهش هئي ته ترڪيءَ جي حڪومت ۽ مڪي شريف جي حاڪم جو سندس تحريڪ لاءِ فعال تعاون حاصل ٿئي. ڇو ته انهن خطن لکڻ

وقت مڪي شريف جي حاڪم ترڪن جي خلاف اجا بغاوت ڪا نہ ڪئي هئي. هن تحريڪ جو منصوبو خوب ذهانت سان تيار ڪيو ويو هو ۽ انهيءَ دؤر جي حالتن پٽاندر انهيءَ منصوبي ڪي عملي جامون پهرائڻ ڪنهن بہ صورت ۾ ناممڪن نظر نٿي آيو. خطن ۾ خدائي لشڪر بابت ڏنل تفصيل غير حقيقي ۽ تخيلاتي هئا. خط ۾ ڄاڻايو ويو تہ خدائي لشڪر جو مکيہ دفتر مديني پاڪ ۾ هوندو ۽ انهيءَ جو سپهسالار مولانا محمود الحسن هوندو. قسطنطنيہ تهران ۽ ڪابل ۾ الڳ الڳ پر ماتحت ڪمانون موجود هونديون ڪابل واري لشڪر جي ڪمان مولانا عبيدالله سنڌي وٽ هوندي. خطن ۾ ٽن سرپرستن ۽ ٻارهن فيلڊ مارشلن جا نالا لکيل هئا، جن مان هڪڙو مڪي شريف جي حاڪم جو نالو بہ درج ٿيل هو. تنهن کان سواءِ ڪجھ ڪمانڊرن جا نالا بہ لکيل هئا. لاهور مان فرار ٿي ڪابل پهتل شاگردن کي بہ فراموش نہ ڪيو ويو. انهن مان هڪڙي کي ميجر جنرل، هڪ کي ڪرنل ۽ ڇهن ٻين کي ليفٽيننٽ ڪرنل وارا عهدا ڏنا ويا هئا. هن اسڪيم جو هي سمورو پاڳو صرف ڪاغذ تي موجود، پر انهيءَ مواد ذريعي اسان کي هدنستان ۾ سندن همدردن جي باري ۾ ڪافي معلومات حاصل ٿي ۽ اسين انهن جي خلاف گهربل قدم کڻڻ جي لائق ٿي واسين. پنجاب ۾ سندن ٽُرڪ نواز معتبر ساٿين مان اڌ ڊزن کن ماڻهن جي جلاوطنيءَ کان سواءِ سندن خلاف وڏيڪ ڪارروائي ڪا نہ ڪئي وئي. هيءَ ڳالهہ بيان ڪرڻ مناسب ٿيندي تہ پنجاب ۾ مسلمانن طرفان برپا ڪيل سياسي تحريڪن جي نوعيت، هندن ۽ سکن جي انقلابي تحريڪن کان بلڪل مختلف هئي. البت ڪابل ۾ صورتحال مستحڪم هُين، ڇو تہ اتي مسلمانن جا هندو انقلابين سان رابطا گهرا هئا، جيڪي هندستان توڙي برلِن يعني جرمنيءَ سان پڻ مربوط ۽ متاثر هئا. اهڙيءَ ريت سوين ماڻهو انگريز مخالف آزاديءَ جي تحريڪن ۾ شامل هئا، انهن مان گهڻن کي سزائون بہ ڏنيون ويون. البت سزا يافتہ ڪارڪنن ۾ مسلمان ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ مس هئا. جنگ هلندي والي افغانستان، امير حبيب الله اسان سان ڪيل معاهدي جي جيڪا پاسداري ڪئي، اها اسان جي لاءِ تمام گهڻو ثمر ثابت ٿي. جيڪي سندس سردار ۽ اهلڪار ڪيس جرمني ۽ ترڪيءَ سان کُلهو کُلهي سان گڏي بيهارڻ پيا چاهين، تن جي کُلي مخالفت ڪري نٿي سگهيو. انهن سردارن جا گماشتا گاديءَ واري شهر يعني ڪابل ۾ موجود هئا، جيڪي جهاد ڪرڻ جو اعلان ڪرڻ جي قابل هئا ۽ سرحد جي جنگجو قبيلن ۽ هندستان جي ننڍن پر مضبوط باغي مسلمان جٿن کي افغانستان ۾ گهرائي سگهيا ٿي. امير حبيب الله وقت جي صورتحال مطابق زمانہ سازيءَ کان ڪم ورتو ۽ وڏي ڏاهپ سان ترڪي ۽ جرمنيءَ جي وفدن کي چيو تہ اهي يعني ترڪي ۽ جرمني جنهن ڏينهن هرات شهر ۾ هڪ لک لشڪر آڻي ڏيکاريندا، تڏهن سمجهبو تہ توهان واقعي ڪجھ ڪرڻ چاهيو ٿا. انهيءَ صورتحال کان مايوس ٿيندي ترڪ ۽ جرمن مِشن ڪابل ڇڏي ويا. جيڪڏهن انگريزن کي هن تحريڪ جي باري ۾ ٽُرت خبر نہ پوي ها، تہ انهيءَ تحريڪ جي ڪامياب ٿيڻ جو وڏو امڪان هو. انگريزن خود تسليم ڪيو تہ ڪين هن تحريڪ بابت ترت ۽ مڪمل معلومات حاصل ٿيڻ ڪري ئي انهيءَ تحريڪ کي ناڪام بنائڻ جي قابل ٿي سگهيا.

⑥



# روس جو آڪٽوبر انقلاب

روس ۾ ڪيترن ئي سالن تي مشتمل زار شاهي استبدادي زار جي ظلم ۽ ستم جي انتها، آڪٽوبر انقلاب جي صورت ۾ پنهنجي منطقي انجام تي پهتي. پيٽر اول يعني بادشاهه پيٽر اعظم جي دور حڪومت کان وٺي، زار شاهي ظلم ۽ ستم ۾ اضافو آڻيندي، هڪڙي آپيشاهيءَ واري ڪاموڪي حڪومت جي صورت اختيار ڪئي، جنهن پنهنجي رعيت تي پنهنجي مرضيءَ ۽ خواهش کي زوريءَ مڙهيو پئي ۽ رعيت جي زندگيءَ ۽ ان جي ڀلائي لاءِ ڪو به احساس باقي نه رهيو.

جڏهن کان روس جي ”زار“ حاڪمن، مغربي ملڪن جي ايجاد ڪيل صنعت، حرفت ۽ ڪاريگريءَ کي روس ۾ استعمال ڪرڻ شروع ڪيو، تڏهن کان وٺي روس جي تعليم يافته ماڻهن جي هڪڙي گروهه کي مغربي ملڪن ۾ مروج انساني حقن بابت آگاهي به حاصل ٿي.انهن ماڻهن ۾ اڪثريت انساني حقن ۽ جمهوريت جي خواهش رکندڙ ماڻهن جي هئي ته ڪي منجهائن انتها پسند ۽ انقلابي خيالن جا حامل پڻ هئا. اعليٰ تعليمي ادارو، يونيورسٽي، انقلابي عمل جو جڙ ته ڳڙه ٿي پئي. اتي شروع ۾ فنائيت يعني دنيا جي شين



سان ڪا بہ دلچسپي نہ رکڻ ۽ دنيا سان سمورا لاڳاپا ترڪ ڪرڻ وارو رُجحان موجود هو. تنهن ڪان پوءِ اُتي چُڙواڳي، لاپرواهي ۽ لاقانونيت وارو عنصر نمودار ٿيو. پر آخرڪار يونيورسٽي ۾ مشهور جرمن مُفڪر ڪارل مارڪس جي پيش ڪيل سماجي انقلابي نظرئي تي بحث مباحثا ۽ مذاڪرا منعقد ٿيندا رهيا ۽ انهيءَ انقلابي نظرئي جو پرچار بہ ٿيڻ لڳو. سن 1861ع ۾ روس جي بادشاهہ اليگزيندر ٻئي آئين ۾ سڌارو آڻي غلامن کي آزاد ڪيو ۽ صنعتي ترقيءَ لاءِ راه هموار ڪئي، پر غلامن جي آزاديءَ واري نئين قانون، هاري طبقي تي سخت معاشي قانون ۽ شرط شروط مڙهي رکيا، جيڪي هاري طبقي جون حقيقي گهرجون پوريون ڪري نٿي سگهيا. مُلڪ ۾ صنعت ڪاري سبب، پورهيت طبقو ڪارخانن ۾ مزوري ڪرڻ خاطر شهرن ۾ اچي گڏ ٿيو. صنعت ڪار جي استحصال جو شڪار اهو پورهيت طبقو ظلم ۽ ظالم طبقي خلاف ٿيندڙ ڳالهيون، ٻين سڀني ماڻهن جي پيٽ ۾ ٻڌڻ لاءِ وڌيڪ ويجهو ۽ ٻڌڻ لاءِ بلڪل تيار موجود هو. ٻئي طرف عيسائي مذهب جي دقيانوسي، لاپرواه ۽ جابر پادري طبقي مذهب کي بلڪل جامد بنائي رکيو ۽ مٿس تنقيد ڪندڙ فرد کي ناجائز طور سزائون ڏياريندو رهيو ۽ غير روسي اقليت وارن يهودي مذهب رکندڙ ماڻهن جو سخت ظالماڻي طريقي سان قتلام جاري رکيو. تنهن ڪري انهيءَ مظلوم يهودي اقليت جي گهڻن ماڻهن، عالمي سطح تي قائم ڪيل يهودين جي انتها پسند "سيهوني تحريڪ" ۾ شموليت اختيار ڪئي. زار شاهيءَ جي ظالم حڪومت دوارن تقريباً سڀني غير روسي اقليتن سان اهو ويڌن برقرار رهيو. نتيجي طور سموري غريب عوام ۾ زار شاهي سرڪار لاءِ پيدا ٿيل نفرت وڌندي رهي.

سن 1903ع ۾ روس ڪيترين ئي سياسي توڙي سماجي تنظيمن ۽ پارٽين جو حامل ملڪ ٿي پيو. روسي جاگيردار طبقي مذهبي پيشوائن سان ڳٺ جوڙ ڪري روس جي آپيشاهيءَ کي لوڏي ڪمزور ۽ کوکلو ڪري وڌو. تنهن وقت سرمائيدار طبقي جي خواهش هئي تہ ملڪ ۾ آئيني بادشاهت قائم ٿئي. آزاد خيال وچئين طبقي پنهنجي الڳ سياسي تنظيم، "آئيني جمهوري پارٽيءَ" جي جوڙجڪ ڪئي. هاري طبقي جي ساٿ سان

تعليم يافته گروه، سوشلسٽ انقلابي پارٽي جوڙي. ان کان سواءِ شهري صنعتي مزدور طبقي ڪارل مارڪس جي نظريئي کان متاثر ٿي، روس جي سنجيده تعليم يافته ماڻهن جي رهبريءَ ۾ ”سوشل ڊيموڪريٽڪ ليبر پارٽي“ قائم ڪئي، پراها اعليٰ قيادت ۾ انقلاب جي حوالي سان حل نه ٿي سگهندڙ نظرياتي اختلاف ۽ حڪمت عمليءَ بابت اختلاف پيدا ٿيڻ سبب ”بالشيوڪ“ يعني اڪثريت وارو گروپ ۽ ”مينشيوڪ“ يعني اقليت تي مُبني گروپ نالي ٻن ڀاڱن ۾ ورهائجي ويئي. سن 1905ع وارو روسي انقلاب 22 جنوري 1905ع ۾ تڏهن شروع ٿيو جڏهن روس جي گاديءَ واري شهر ”سينٽ پيٽرس برگ“ يعني پيٽروگراڊ جي هڪڙي عيسائي مذهبي پيشوا جي اڳواڻيءَ ۾شهر جي مزورن جو هڪڙو بي هٿيار ٽولو ڪاڌي جي اٽاٽ ۽ مهانگائي خلاف شهنشاه زار کي هڪ ياداشت نامون پيش ڪرڻ لاءِ شاهي محل ڏانهن پئي ويو ته انهن هٿين خالي پُر امن مزورن جي ٽولي تي روسي فوج گولي هلائي سوين مزورن کي ماري وڌو. پوءِ انهي آچار واري ڏينهن کي ”بلڊي سنڊي“ يعني پورهيتن کي قتلام ڪرڻ وارو آچار سڏينديٰ، سرڪار خلاف عوامي احتجاج شروع ٿي ويو. جيڪو هڙتالن، فسادن، خونريزين، ساموندي فوج طرفان ٿيندڙ بغاوتن ۽ هاري طبقي طرفان ٿيندڙ حڪومت مخالف احتجاجن جي صورت ۾ ڪيترن ئي مهينن تائين جاري رهيو. سرڪار جي خلاف هيڏي وڏي پيماني واري طويل عوامي بغاوت ۽ جپان سان ٿيل جنگ سبب ڪمزور ۽ مجبور ٿي صاحب حيثيت افراد تي مشتمل محدود ووٽ وسيلي چونڊيل عوامي نمائندن واري هڪڙي مشاورتي اسيمبلي ”ڊوما“ قائم ڪرڻ جو واعدو ڪيو،پر مچريل عوام سرڪار مخالف سڄي ملڪ ۾ عام هڙتال برپا ڪئي، جنهن ملڪ ۾ سمورو ڪاروبار ۽ وهنوار ٺپ روڪي ڇڏيو. تڏهن مجبور ٿي ”زار نڪولس ٻئي“ هڪڙو پڌرنامون جاري ڪيو تنهن موجب عوام جي شهري حقن کي تسليم ۽ منظور ڪيو ويو ۽ جمهوري اصول موجب چونڊيل، عوامي نمائندن تي مشتمل هڪ اسيمبلي قائم ڪرڻ جو واعدو ڪيو ويو. انهيءَ پڌرنامي جي اشاعت کانپوءِ انقلابي ڌارا ۾ سرڪاري چالاڪيءَ ۽ خود غرض افراد جي خيانت سبب ڏار پئجي ويا. جيڪي ماڻهو پڌرنامي مان مطمئن هئا، انهن آڪٽوبرسٽ پارٽي جوڙي، ڊوما کي وڌيڪ اختيار ڏيارڻ جي خواهشمند ماڻهن نيشنل ڊيموڪريٽڪ پارٽي بنائي. سوشل ڊيموڪريٽ، جن سينٽ پيٽرس برگ شهر ۾ سوويت ڪائونسل قائم ڪئي هئي، انهن حقيقي سماجي سڌارن آڻڻ لاءِ زار شاهي حڪومت کي مجبور ڪرڻ خاطر هڙتال جاري رکي، پر سرڪار ڪاوڙ ۾ اچي سوويت ڪائونسل کي ڊسمبر 1905ع ۾ گرفتار ڪري ان کي ٽوڙي ڇڏيو ۽ مزورن جي بغاوت کي طاقت سان دٻائي ڇڏيو. جڏهن حالتون ناپر ۾آيون ۽ سرڪاري اختيار بحال ٿيو تڏهن زار چند مکيه قانونن جي نفاذ جو اعلان ڪيو جن تحت ڊوما يعني اسيمبليءَ کي بلڪل محدود اختيار ڏنا ويا. زار جي وزير استوليپن اقتصادي سڌارن لاءِ ڪجھ تدبيرون اختيار ڪيون پر اهي ناڪام ويون. ساڳئي وزير انقلابي تحريڪ کي ڏاڍي بي رحميءَ سان ڪُچلي ڇڏيو.

جڏهن سن 1914ع ۾ پهرين عالمي لڙائي ڇڙي پئي، تڏهن بالشيوڪن کان سواءِ باقي تقريباً سمورين سياسي پارٽين گڏجي زار جي جنگ بابت پاليسيءَ ۽ عملي اقدام جي حمايت ڪئي. جڏهن ته فوج جي بار بار پسپائي، خوراڪ جي شديد مصيبتن ۾ گهيريل هئڻ واري انتهائي خطرناڪ صورتحال سن 1916ع جي

آخر ۾ انقلابي وايو منڊل پيدا ڪري وڌو. شهنشاهه نڪولس ٻئي جي زال اليگزينڊريا فيوڊرو وِنا، جنهن کي عام طرح زارينا يعني زار جي راڻي چوندا هئا. زار جڏهن فوجي ڪمانڊ پاڻ سنڀالڻ لاءِ اوڏانهن ويو ته حڪومت جون واڳون زارينا جي حوالي ڪري ويو ۽ زارينا تي انهيءَ وقت هڪڙي جرائيم پيشه شخص راسپوٽين جو مڪمل اثر هئڻ سبب، ملڪ ۾ سرڪاري غنڊن ۽ داداگير ڏوهارين کان سواءِ شهنشاه زار جي حمايت ڪرڻ وارو ڪو به ڪو نه بچيو هو. روس ۾ مُروج پراڻي ڪئلينڊر موجب 28 فيبروري 1917ع تي گادي واري شهر سينٽ پيٽرس برگ، جنهن کي پيٽروگراڊ به سڏيندا هئا ۽ ماسڪو جي تقريباً سمورن صنعتي توڙي عام مزورن ڪاڏي جي شين جي کوٽ خلاف هڙتال شروع ڪئي ته اتي فساد ۽ وڳوڙ پڻ پڙڪي اٿيو پر اڪثر فوجي سپاهين هڙتالي باغين کي ماري ميڙائڻ کان انڪار ڪيو ۽ فوج ۾ ڪامورن جي حڪم عدولي ۽ سرڪار سان بغاوت پکڙجي وئي. زار نڪولس ٻئي مزدورن کي تشدد سان دٻائي، سندن تحريڪ کي ڪچلي چڏڻ گهريو ۽ ڊوما کي توڙڻ جو اعلان ڪيو. صورتحال پنهنجي فائدي ۾ ڏسندي، ڊوما سرڪاري اعلان کي ٺڏي ڇڏيو. 2 مارچ 1917ع تي پيٽرو گراڊ جي بَلوائين گاديءَ واري شهر تي قبضو ڪري ورتو ۽ زار کي تخت ڇڏڻ لاءِ مجبور ڪري وڌو. ڊوما يعني اسيمبليءَ زار جو حڪم رد ڪري هڪڙي عبوري حڪومت جوڙي، جيڪا مجموعي طرح وِچٽرن ماڻهن تي مشتمل هئي. عبوري حڪومت جو اڳواڻ ”پُرنس لِووف“ مقرر ٿيو.




جنهن سان گڏ مِليوڪوف ۽ ڪيرينسڪيءَ کي وزيرن طور مقرر ڪيو ويو. جيتوڻيڪ روسي عوام زار شاهي ظالم حڪومت جي خاتمي جو خوشيءَ سان استقبال ڪيو پر عبوري حڪومت کي عوام کان گهربل حمايت حاصل ڪا نه ٿي. پيٽروگراڊ يعني گاديءَ واري شهر ۾ قائم مزدورن ۽ سپاهين جي سوويت ڪائونسل جو فوج، مواصلات ۽ ٽرانسپورٽ تي ڪنٽرول هو. سوويت ڪاميٽين فوج ۾ رائج پراڻي جوڙجڪ ۽ ضابطو رد ڪري، سموري فوج ۾ سپاهين جون ڪميٽيون ٺاهيون ۽ انهن ڪميٽين هٿان چونڊ وسيلي سندن فوجي آفيسرن کي

مقرر ڪيو ويو. پنهنجي قوت ۽ ڪنٽرول هجڻ باوجود سوويت ڪائونسل شروع ۾ اقتدار تي ظاهري طور قبضو ڪو نہ ڪيو هو. سوشلسٽ انقلابين: بالشيوڪن توڙي مينشيوڪن، جيڪي تڏهن اڪثريت ۾ هئا، تن انقلاب جي انهيءَ عرصي دوران، وچئين سرمائيدار طبقي کي عبوري سرڪار هلائڻ لاءِ قبول ڪيو هو. عبوري حڪومت پنهنجي پروگرام ۾ مڪمل امن امان قائم ڪرڻ، وڏ ۾ وڏ شهري حق ۽ آزادي ڏيڻ ۽ عالمي طور مڃيل بالغ راءِ دهيءَ موجب اسيمبليءَ جو پرچار شروع ڪيو پر اها ٻن سنگين مسئلن، يعني جاري عالمي جنگ کي بند ڪرڻ ۽ ٻيو زرعي زمين جي انقلابي اصول موجب نئين سر ورهاست ڪرڻ وارن مسئلن جو حل پيش ڪرڻ ۾ بنهہ ناڪام وئي ۽ پڌرو ڪيائين تہ زمين جي ورهاست وارو ڪم نئين چونڊيل آئين ساز اسيمبلي ئي ڪري سگهندي. مارچ واري مهيني ۾ سوويت ڪائونسل عبوري سرڪار کان امن امان جي قيام جي گهر ڪئي ۽ جنگ کي جاري رهڻ واري ڳالهہ ڪندڙ وزير خارجہ سِليوڪوف خلاف ڀرپور احتجاج ڪري مئي مهيني ۾ کيس استعيفيٰ ڏيڻ تي مجبور ڪيو. عبوري حڪومت جي نئين سر تشڪيل ٿي، جنهن ۾ ڇهٽا وزير سوشلسٽ مقرر ٿيا. ڪير ينسڪي وزير جنگ مقرر ٿيو ۽ سوشلسٽ انقلابي اڳواڻ وڪٽر چيرنوف وزير زراعت مقرر ٿيو. اپريل 1917ع ۾ جرمنيءَ طرفان جرمنيءَ مان لنگهي روس وڃڻ جي اجازت ملڻ کان پوءِ لينن ۽ ٻيا انقلابي اڳواڻ جلاوطني ختم ڪري پنهنجي وطن واپس آيا. جرمنيءَ کي اميد هئي تہ بالشيوڪ انقلابي، روس طرفان ٿيندڙ جنگي ڪارروائين کي بند ڪري ڇڏيندا. لينن اچڻ شرط پنهنجي ننڍڙي، پر پهري سجاڳ انقلابي پارٽيءَ کي انقلاب جي عملي تحريڪ ۾ چُست بنايو. هن انقلاب واسطي ٽن مکيہ نُقطن کي ٽن طاقتور ۽ اثر انگيز انقلابي نعرن جي صورت ۾ پيش ڪري پارٽيءَ کي انقلابي تحرڪ ۾ آندو. اهي نعرا هئا: (1) جنگ ختم ڪريو (2) سموري زرعي زمين هارين ۾ ورهايو ۽ (3) سمورو اقتدار سوويت ڪائونسل کي سونپيو. هر طرح جي فوجي هٿياربند حملي ۽ قبضي خاطر ڪنيل قدمن جي ناڪاميءَ جولاءِ 1917ع ۾ عبوري حڪومت کي سخت مايوس ۽ مجبور ڪري وڌو ۽ گاديءَ واري شهر ۾ برپا فسادن ۽ وڳوڙن سبب سوويت ڪائونسل طرفان اقتدار تي قبضو ڪرڻ لاءِ عوام جي خواهش ۽ سندن حمايت واري صورت حال پيدا ٿي، تنهن کان پلي پت واقف هوندي بہ سوويت ڪائونسل اجا تائين صبر ڪندي پاڻ کي پنيان رکندي آئي. انهيءَ معروضي صورت حال کان واقف عبوري حڪومت خار کائيندي بالشيوڪ پريس ۽ بالشيوڪ اڳواڻن خلاف سخت ڪارروائي شروع ڪئي، جيتوڻيڪ خود سندس حيثيت بالڪل غير موثر ۽ ڏاوان ڏول ٿي چڪي هئي. زرعي سڌارن جي حوالي سان چيرنوف، پرنس لووف جي سخت مخالفت ڪئي، تنهن سبب لووف جولاءِ جي مهيني ۾ استعفيٰ ڏني. سندس جڳهہ تي ڪيرينسڪيءَ کي مقرر ڪيو ويو تنهن سوشلسٽن جي اڪثريت واري وزارت ناهي. پنهنجي طرفان عالمي جنگ ۾ شموليت دوران ڪيل تقريباً سمورن حملن ۾ ناڪام رهڻ سبب فوج ۾ نظم ۽ ضبط برباد ٿي ويو هو. عبوري حڪومت، مينشيوڪ ۽ ٻيا سوشلسٽ اڳواڻ، سوويت ڪائونسل ۾ موجود انقلابي سپاهين جي بالشيويڪن سان شامل ٿيڻ سبب سوويت ڪائونسل ۾ پنهنجي حمايت وڃائي ويٺا. جون 1917ع ۾ سوويت ڪميٽين جي پهرين ڪل روس ڪانگريس پيٽروگراڊ ۾ منعقد ٿي، جنهن ۾ بالشيوڪ اقليت ۾ هئا، پر اهي گهربل اڪثريت لاءِ مسلسل

ڪارڪنن ڪي پنهنجو هم خيال بنائيندا، پاڻ سان شامل ڪندا رهيا. قدامت پرست ۽ ڪجهه وچٿرا سياستدان، جن سوويت ڪائونسل جا اختيار گهٽائڻ تي گهريا، اهي جنرل ڪارنيلوف جي چوڌاري ڦرندا ۽ ان جا ڪن پريندا رهيا، تنهن سبب هن آگسٽ جي پڇاڙيءَ ۾ پيٽروگراڊ شهر تي پنهنجي گروپ طرفان قبضو ڪرڻ خاطر شهر تي هٿيار بند چڙهائي ڪئي، تڏهن ڪيرينسڪي جي گذارس موجب بالشيوڪن ۽ ٻين سوشلسٽن شهر ۽ عبوري حڪومت جي بچاءُ خاطر ڪارنيلوف جي حملي کي پسپا ڪري ڇڏيو. سيپٽمبر جي وچ ڪان وٺي بالشويڪن کي پيٽروگراڊ واري سوويت ڪائونسل ۾ اڪثريت حاصل رهي، تڏهن لينن سوويت ڪائونسل تي اقتدار تي قبضو ڪرڻ لاءِ زور ڀري تياري ڪرائي. اهڙيءَ طرح 24 آڪٽوبر واري رات جو ٽراٽسڪيءَ جي جوڙيل منصوبي موجب اقتدار تي قبضو ڪرڻ جو آغاز ڪيو ويو. مزدورن، سپاهين، ساموندي فوج جي سپاهين ۽ بالشيوڪ پارٽيءَ جي محافظ جٿن گڏجي گاديءَ واري شهر پيٽروگراڊ جي سرڪاري مکيه عمارتن ۽ زار جي مَحلَ، ”ونٽر پيليس“ تي قبضو ڪري ورتو ۽ ترت سوويت ڪميٽين جي



www.alamy.com - CPM8FJ

ٻئي ڪل روس ڪانگريس پيٽروگراڊ ۾ منعقد ٿي، جنهن مان مينشيوڪن ۽ سوشلسٽن سوويت قبضي خلاف واڪ آئوٽ ڪيو پر ڪانگريس ان جي توسيع ڪئي. اتي عوامي ڪميسارن يعني وزيرن جي ڪائونسل بہ جوڙي وئي، جنهن جو چيئرمين لينن کي مُقَرر ڪيائون. ٽراٽسڪي خارجہ ڪميسار يعني پرڏيهي وزير، ريڪوف داخلہ ڪميسار ۽ استالن کي روس ۾ موجود قومتن جو ڪميسار مقرر ڪيو ويو. ڪانگريس ترت ئي دشمنين کي ختم ڪرڻ لاءِ ۽ صلح قائم ڪرڻ جو سڏ ڏنو سموري ذاتي ملڪيت رد ڪئي ويئي ۽ چرچ وارين زمينن ۽ خانگي زمينن توڙي سرڪاري زمينن کي اتي جي مقامي هارين کي ڏيارڻ جو فيصلو ڪيو ويو. ان ڪان پوءِ ماسڪو شهر تي بہ سوويت قبضو ڪيو ويو.ان سان گڏ بالشيوڪ مزدورن ۽




سپاهين جي مقامي سوويت ڪميٽين ملڪ جي اڪثر شهرن تي پنهنجو اقتدار قائم ڪيو. ڪيرينسڪي ملڪ مان ٻاهر ڀڄي ويو. باقي عبوري حڪومت جي ڪارندن کي گرفتار ڪيو ويو. شادي ۽ طلاق وارا اڳوڻا قانون رد ڪيا ويا. عيسوي ڪليسا تي حملا ڪري عيسائي پروهتن کي ڪليسا جي زمينن تان زوري بيدخل ڪيو ويو. ڪارخانا مزدور سوويتن جي انتظام ۾ ڏنا ويا. بينڪن کي قومي ملڪيت بنايو ويو ۽ ملڪ جي معاشي نظام کي هلائڻ لاءِ ملڪگير اقتصادي ڪائونسل جوڙي وئي. قانون ساز اسيمبلي ڊوما جو اجلاس جنوري 1918ع ۾ منعقد ڪيو ويو پر ان جي ميمبرن جي واضح اڪثريت غير بالشيويڪ هجڻ سبب ڊوما کي ٽوڙيو ويو. انقلابي حڪومت جي خلاف سياسي عمل ۽ پرچار کي ختم ڪرڻ لاءِ ”چيڪا“ نالي هڪڙي سياسي پوليس تشڪيل ڪئي وئي، تنهن جو اڳواڻ ڊزر زينسڪي مقرر ٿيو. جرمني ۽ سندس اتحادين سان امن جي قيام خاطر ڳالهيون 1917ع جي پڇاڙيءَ ۾ ئي شروع ڪيون ويون ۽مارچ 1918ع ۾ بريسٽ – لٽوسڪ ٺاهه ٿيو جيڪو سراسر روس جي خلاف هو ڇو ته اُن ٺاهه تحت روس کي پنهنجا تمام گهڻا علائقا جرمنيءَ جي حوالي ڪرڻا پيا ۽ پهرين عالمي لڙائيءَ ۾ جرمني ۽ سندس اتحادين کي شڪست ملڻ کان پوءِ روس ۾ برپا گهرو جنگ دوران ئي جرمنيءَ کان انهن مان ڪجهه رياستون، جهڙوڪ: يوڪرين، آرمينيا، جارجيا ۽ آذربائيجان آزاد ڪرايا. روس ۾ بالشيويڪن يعني ڳاڙهي فوج ۽ محافظن ۽ غير بالشيويڪن يعني سفيد هٿياربند گروهن ۽ فوجن جي وچ ۾ هلندڙ گهرو لڙائيءَ 1920ع تائين ملڪ کي تاراج ڪري ڇڏيو. بالشيوڪن سان گهرو لڙائيءَ ۾ مشغول مُلڪَ جا سمورا ڪميونسٽ مخالف گروهه. ٽولا ۽ ڌڙا شامل هئا. انهن ۾ ٽوڙيل ڊوما جي ميمبرن سميت اهڙا ماڻهو به شامل هئا جيڪي ملڪ ۾ فوجي حڪومت جي قيام جي خواهش رکندڙ هئا. پر انهن ۾ شامل ڪجهه ڌڙا ته ڪُليءَ طرح زار جي حڪومت بحال ڪرائڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهيا هئا. سوويت سرڪار جي هٿياربند مخالفت پهرين ملڪ جي ڏاکڻي ڀاڱي ۾ شروع ٿي، جتي

ڪارنيلوف جي اڳواڻي ۾ ڪميونسٽ مخالف جٿا ۽ گروپ ڊون ڪيوسَيڪ جي ويڙهاڪن سان وڃي شامل ٿيا. اهو يوڪرين وارو علائقو هو. اهو نومبر 1918ع ۾ عام جنگ بنديءَ لاءِ ٿيل ناهه ڪان پوءِ جرمنيءَ خالي ڪيو تہ ان تي قبضو ڪرڻ لاءِ بالشيوڪن سان سمورا ڪميونسٽ مخالف فوجي ۽ ٻيا هٿياربند گروهہ وڙهڻ لڳا. اها لڙائي ٻن سالن تائين هلندي رهي.1919ع جي شروع ۾ اتي بالشيوڪن قبضو ڪري ورتو. پر ڊينيڪِن جي فوجن انهن کان قبضو ڇڏائڻ لاءِ انهن سان پنهنجي جنگ جاري رکي ۽ ڊسمبر 1919ع ۾ بالشيوڪن کي پسپا ڪري پنهنجو قبضو ڄمايو. پر ساڳئي ڊسمبر مهيني جي پڇاڙيءَ ۾ ڊينيڪِن جي فوجن کان اهو قبضو ڇڏايو. پر نيٺ يوڪرين جي انهيءَ علائقي تي 1920ع ۾ پولينڊ جي فوجن اچي قبضو ڪيو.انهيءَ عرصي دوران ڊينيڪِن پنهنجي فوج پي اني رينگل جي حوالي ڪري ڇڏي. روس ۽ پولينڊ جي وچ ۾ جنگ بنديءَ وارو ناهہ عمل ۾ اچڻ ڪان پوءِ بالشيووڪن اين رينگل جي فوجن کي يوڪرين مان پڇائي ڪِريميا ڏانهن ڌِڪي ڇڏيو ۽ مٿن دٻاء جاري رکيو. تنهن ڪري رينگل نيٺ پنهنجن ويڙهاڪن کي ڪريميا مان بہ ڪڍي وڃي قسطنطنيہ شهر ۾ پناهہ ورتو. بالشيوڪ دشمن سفيد فوجن کي اوڀر روس ۾ بہ تباهہ ڪُن شڪست پلئہ پئي. ٽوڙيل ڊوما جي ڪجھہ سوشلسٽ ميمبرن جي هڪڙي هٿياربند ٽولي سائبريا جي سمارا شهر ۾ بالشيووڪ مخالف حڪومت ٺاهي، تنهن کي چيڪوسِلاويڪيا جي فوج جي حمايت حاصل هئي، ڇو تہ انهيءَ چيڪ فوج ٽرانس سائيبريا واري علائقي تي پنهنجو قبضو ڄمائي رکيو هو. سيپٽمبر 1918ع ۾ سمارا واري بالشيوڪ مخالف حڪومت، سائبريا جي اومسڪ شهر ۾ قائم قدامت پرست حڪومت ۾ ضم ٿي وئي ۽ چند هفتن اندر اها حڪومت پڻ بالشيووڪ دشمن ايڊمرل ڪولچاڪ جي ڊڪٽيٽر حڪومت جي قبضي ۾ اچي وئي. جيتوڻيڪ ڪولچاڪ وارو ڪميونسٽ دشمن لشڪر شروع ۾ سوڀارو ٿيندو اوڀر روس جي گهڻي علائقي تي قابض رهيو. پر جنوري 1920ع کان اڳ ئي بالشيوڪ فوج روس جي ڏور اوڀر علائقي ڏانهن پڇائي ڪڍيو. سن 1920ع ۾ ولاڊيواتسڪ شهر کان سواءِ باقي سمورو سائبريا بالشيوڪ حڪومت جي قبضي هيٺ اچي چڪو هو پر روس دشمن اتحادي مُلڪن برطانيہ، فرانس ۽ آمريڪا جي گڏيل فوجن طرفان ٿيل بيجا مداخلت سبب روس ۾ هلندڙ گهرو ويڙه کي طويل ۽ وڌيڪ پيچيده بنائي وڌو. اتحادي فوجن، جرمني طرفان اتحادي ملڪن جي مال خانن تي قبضو ڪرڻ جي خدشي جو بهانو بنائيندي مارچ 1918ع ۾ مُرمانِسڪ تي ۽ ان کان پوءِ ارخانجلسڪ تي قبضو ڪري ورتو. بالشيووڪ فوجن اهي علائقا اتحادي فوجن کان نومبر 1919ع ۾ خالي ڪرايا. اتحادي فوجن وِلاڊيواسٽڪ تي بہ قبضو ڪيو هو پر جپان ڪانئن ڦري 1922ع تائين اتي قابض رهيو. بالشيووڪ فوج جي فتح ٻن سببن جي ڪري ممڪن ٿي. هڪ اهو تہ مختلف ڪميونسٽ دشمن فوجن جو پاڻ ۾ ۽ هڪٻئي سان گهربل باهمي تعاون ۽ مدد جو فقدان هو ۽ ٻيو اهو تہ ٽراٽسڪي جو وزير جنگ ٿيڻ کان پوءِ ڪميونسٽ ڳاڙهي فوج کي حالتن جي تقاضا موجب، نئين سر منظم ۽ مضبوط ڪيو ويو. نيٺ اها گهرو ويڙه بالشيوڪ ڳاڙهي فوج کٽي، پر ان لاءِ تمام وڏي قرباني ڏني وئي. سن 1920 تائين روس تباه ۽ برباد ٿي چڪو هو.

⑥



ESTABLISHED 1878 LOWELL MASS. SATURDAY JANUARY 10 1920 PRICE TWO CENTS

# PEACE RESTORED

REVOLUTION IN GERMANY?

Unconfirmed Reports From Brussels Say German Government Overthrown

Said That Socialists Master of Situation and General Strike Declared

COMMUNITY COUNCIL MEETING MONDAY

BIG SALE OF Brand New Army and Navy Goods

BACK FROM DEER ISLAND

Lowell Man Arrested as Radical Suspect, Exonerated by Immigration Officials

A.L. COUNTY CONVENTION CONVENES HERE

WILSON TO CALL FIRST MEETING

Putting of League of Nations Into Effect Will Occur on Friday, January 16

Supreme Council Fixes Time —United States, However, Will Not Be Represented

JINGLE BELLS, JINGLE!

First Real Snowstorm of the Season Brings Good Cheer to Lowell

Treaty of Versailles, Making Peace Between Germany and the Ratifying Allied Powers, Now in Effect

WHERE TREATY WAS PUT IN FORCE

EXCHANGE OF RATIFICATIONS

Ceremony Took Place in Famous Clock Hall at French Foreign Ministry

Before Exchange of Ratifications, Head of German Mission Signed Protocol

Peaceful Relations Resumed U. S. Only Nation of "Big Five" Not To Ratify

THE CITY'S DEBT LIMIT

ANNUAL LINEN SHOWER

## ليگ آف نيشنس جو قيام

بين الاقوامي سطح تي گهربل تعاون واسطي، پهرين عالمگير لڙائيءَ ۾ شامل اتحادي ملڪ، جيڪي انهيءَ جنگ ۾ سوڀارا ٿيا هئا، انهن، خاص ڪري آمريڪا ۽ برطانيه جي ڪوشش سان، دنيا جي ملڪن جي اها بين الاقوامي تنظيم ”ليگ آف نيشنس قومن جي جماعت“ جي نالي سان پهرين عالمي جنگ کان پوءِ قائم ڪئي وئي. انهيءَ جنگ دوران آمريڪا ۽ برطانيه ۾ اثر رسوخ وارن ماڻهن ۽ گروپن اهڙي قسم جي تنظيم جي قيام لاءِ زور ڀريو ۽ آمريڪا جي صدر وڊرو وِلسن انهيءَ تنظيم جي قيام واري راءِ جي مڪمل حمايت ڪئي ۽ چيو ته اهڙي عالمي تنظيم، جيڪا عالمي سطح تي پيدا ٿيندڙ تباهي ۽ بربادي ڦهلائيندڙ جنگ کي روڪي سگهي، اهڙي اختيار ۽ طاقت جي حامل هئڻ گهرجي. انهي سلسلي ۾ انهيءَ عالمي تنظيم جي جوڙجڪ، قائدن قانونن ۽ مکيه مقصدن جهڙوڪ: گڏيل يا باهمي سلامتيءَ جي حصول واسطي ليگ جي ميمبر ملڪن مان ڪنهن ملڪ تي حملو ڪندڙ ملڪ کي ليگ جي سمورن ميمبر ملڪن خلاف حملو سمجهيو وڃي ۽ انهيءَ حملہ آور ملڪ جي خلاف ليگ جي ميمبر، سمورن ملڪن طرفان گڏيل مزاحمت ڪرڻ، علائقائي تڪرارن جي نبيري واسطي، واسطيدار ڌرين يا ملڪن جي وچ ۾ ثالث يا امين طور فيصلا ڪرڻ، مُهلڪ هٿيارن کي گهٽائڻ لاءِ گڏيل ڪوشش ڪرڻ ۽ هڪڙي

ڪليل ۽ واضح باهمي پاليسي ۽ حڪمت عملي اختيار ڪرڻ بابت هڪ جامع مسوَدو تيار ڪري، اتحادي ملڪن سن 1919ع ۾ منعقد ٿيل ”پئرس پيس ڪانفرنس“ ۾ چند چاڻ ۽ تصديق خاطر پيش ڪيو ويو. انهيءَ مسودي ۾ ”ليگ آف نيشنس“ جي جوڙجڪ جي حوالي سان، هڪ اسيمبليءَ جو قيام، جنهن ۾ ليگ جي سمورن ميمبر ملڪن جا عيوضي پنهنجي ملڪن جي نمائندگي ڪندا، هڪ اعليٰ ڪائونسل جو قيام، جنهن ۾ سمورا اتحادي ملڪ مستقل يا دائمي ميمبر هوندا ۽ مقرر محدود، عرصي لاءِ گهربل ميمبر، ليگ جي باقي ٻين ميمبر ملڪن مان چونڊي مقرر ڪيا ويندا، ۽ ليگ جو انتظام هلائڻ لاءِ هڪڙو دفتر، آفيس يا هيڊ ڪوارٽر، سيڪريٽريٽ جي شڪل ۾ قائم ڪرڻ ۽ ان جو مُک منتظم سيڪريٽري جنرل طور ليگ جي ميمبر ملڪن طرفان مقرر عرصي لاءِ چونڊي مقرر ڪيو ويندو. ان ڪان سواءِ ليگ طرفان هڪڙي عالمي عدالت قائم ڪرڻ، جيڪا مستقل طور تي ڪم ڪندي رهندي ۽ اها مستقل عالمي عدالت هڪڙو گهربل نظام پڻ قائم ڪندي، جنهن مطابق ايشيا ۽ آفريڪا ۾ موجود ٻينڪون يعني سامراجي قبضي هيٺ علائقا يا ملڪ، مينڊيٽ يعني ليگ طرفان، ليگ جي اتحادي ملڪن کي ملندڙ علائقا يا ملڪ، اتحادي ملڪن جي وچ ۾ ورهائبا. انهيءَ بنياد موجب سن 1920ع ۾ ليگ جو دفتر يا هيڊ ڪوارٽر سوئزرلينڊ جي جنيوا شهر ۾ قائم ڪيو ويو. سر سلطان محمد آغا خان کي ”ليگ آف نيشنس“ جو صدر مقرر ڪيو ويو. ڪجهه غير ميمبر مُلڪن کي شامل ڪري ڪين ليگ جو ميمبر بنايو ويو جڏهن ته غير جانبدار يعني جنگ ۾ شامل نه ٿيل ملڪن کي في الحال ليگ جي اسيمبليءَ جي رُڪنيت ڪو نه ڏني وئي. ان ڪان سواءِ ليگ جي ميمبر ملڪن جي مخالف ۽ دشمن ملڪن کي پڻ رُڪنيت کان پري رکيو ويو. انهيءَ سال ليگ جي اڳيان مذڪور مقاصد جي حصول کان سواءِ ان جي اختيار جي مخالفت يا ڌمڪي وغيره جهڙو ڪو مسئلو پيش ڪو نه آيو. البت، جڏهن آمريڪي ڪانگريس يا قومي اسيمبلي، ليگ ۾ آمريڪا جي رڪنيت منظور ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي پئي، تڏهن ليگ سان بيوفائي ڪري، آمريڪا ئي ليگ کي وڏو ڌچڪو رسايو. ليگ جي اهم مقصدن مان هڪڙو ملڪن طرفان ٿيندڙ حملن کي ٽاري، پهرين عالمي جنگ کان پوءِ ملڪن ۽ قومن جي آزاد يا غلام حيثيت کي، جيئن جو تيئن برقرار رکڻ هو. سن 1930ع ۾ ليگ مان غير مطمئن قومن، جهڙوڪ: جپان، اِٽلي ۽ جرمني، مٿي ڄاڻايل آزاد يا غلام ملڪن جي حيثيت جيئن جو تيئن برقرار رکڻ واري فيصلي کي قبول ڪو نه ڪيو ۽ انهيءَ کي سندن حق ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ، انهيءَ فيصلي جي پيچڪڙي ڪندي، پنهنجي مخالف قومن جي خلاف جنگي حملا ڪرڻ لڳا. تڏهن ليگ جي اتحادي طاقتور ملڪن، ليگ جي فيصلي تي عمل ڪرائڻ لاءِ ڪا خاص دلچسپي ڪا نه ڏيکاري ۽ ليگ کي ان وقت نه ايترو اختيار هو نه ئي وٽس سرڪش قومن کي اڳرائي ڪرڻ کان روڪڻ واسطي گهربل قوت مُيَسر هئي. تنهن سبب ليگ تڏهن لاچار ٿي پئي. جپان طرفان منچوريا ۽ چين ۾ والار ڪرڻ، اٽلي جو ايٿوپيا تي قبضو ٿيڻ ۽ جرمنيءَ جو ورسيلز فرانس ۾ ٿيل ناهه تان ڦري وڃڻ واري مجموعي طور پيدا ٿيل مشڪل صورتحال کي منهن ڏئي، ضابطي هيٺ رکي سگهڻ جي طاقت ۽ اختيار نه هئڻ ڪري، ٻي عالمي جنگ دوران ليگ آف نيشنس لاچار ٿي خاموشي اختيار ڪئي ۽ پنهنجو ڪار وهنوار ٺپ ڪري ڇڏيو. انهيءَ ٻي عالمي جنگ جي خاتمي کان پوءِ ليگ آف نيشنس جي جاءِ تي ”يونائيٽيڊ نيشنس آرگنائيزيشن“ وجود ۾ آندي وئي. انهيءَ نئين اداري يعني ”اقوام متحده“ جو ڍانچو، جوڙجڪ، مقصدن جو وچور، اصول، قائدا ۽ قانون، توڙي انهن مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ گهربل حڪمت عملي ۽ ڪم ڪار لاءِ ڪارروائي ڪرڻ ۽ گهربل اُپاءَ وٺڻ وارا طور طريقا سمورا ساڳيا ”ليگ آف نيشنس“ وارا ئي تسليم ۽ اختيار ڪيا ويا ۽ استعمال ڪيا ويا.

⑥



# ويٽنام جي آزاديءَ جي جنگ

ويهين عيسوي صدي شروع ٿيڻ کان ترت پوءِ ويٽنام ۾ هڪ جديد قومي تحريڪ شروع ٿي، جنهن جو مقبول اڳواڻ، فان بوئي چائو هو. تنهن جي اُسرڻ سان روايتي حزب اختلاف، جديد قوم پرست قيادت خاطر راهه عمل هموار ڪئي. انهيءَ جديد قوم پرست قيادت ويٽنام تي فرانس جي سامراجي تسلط کي نه رد ڪيو، پر مغربي افڪار، سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ کي قبول ۽ اختيار ڪيو. روايتاً شاهه پسند هئڻ جي باوجود، چائو پنهنجي دور جو هڪ جديد مفڪر هو ۽ سندس عزم هو ته ويٽنام هڪ جديد، ترقي پسند ۽ آزاد رياست جي صورت اختيار ڪري. چائو ملڪ جي سربراهي لاءِ ويٽنام جي اڳوڻي شاهي خاندان جي هڪ برجستي فرد شهزادي چئونگ ڏِي کي چونڊيو. سن 1905ع ۾ چائو جپان ويو. تنهن جي پويان شهزادو چُئونگ به 1906ع ۾ اوڏانهن ويو. ويٽنام کي جديد بنائڻ ۽ آزاد ڪرائڻ خاطر، هنن گڏجي جپان ۾ هڪ تنظيم قائم ڪئي، تنهن ڪجهه سياستدان ۽ ڪئين سئو ويٽنامي نوجوان ، لڪچوريءَ جپان گهرايا، انهن کي جديد سائنسي ۽ سماجي علم سيکاريا ويا. ڪين سياسي تعليم، پرچار ڪرڻ جو هنر ۽ فوجي سکيا ڏني وئي چائو جي انقلابي

لکڻين کان متاثر ٿي قوم پرست عالمن ۽ اديبن 1907ع ۾ هنوئي شهر ۾ هڪڙو خيراتي اسڪول کوليو، جيڪو جَلدِ ئي فرينچ مُخالف مرڪز جي صورت اختيار ڪري ويو. تنهن ڪري چند مهينن اندر سرڪار اهو اسڪول بند ڪرائي ڇڏيو. پر چائو جي ڪارڪنن، سن 1908ع ۾ فرينچ سامراج طرفان مڙهيل ڳرن ٽيڪسن خلاف، ملڪ جي مکيہ شهرن ۾ عوام طرفان جلوس ۽ جلسا شروع ڪرايا. پُراڻن رواجن ۽ رسمن کي ترڪ ڪندي، ڊگهن وارن کي ڪترائڻ واري مهم شروع ڪئي وئي، جو تہ ويٽنام ۾ عورتن وانگر مرد بہ ڊگها وار رکندا هئا. اها مهم ٿوري ئي وقت ۾ سموري ملڪ ۾ پکڙجي وئي ۽ ڪامياب ٿي. سرڪار جي خلاف احتجاج ڪندڙن ۽ خصوصاً احتجاج منظم ڪندڙ اڳواڻن ۽ سرگرم ڪارڪنن کي سَوَن جي تعداد ۾ گرفتار ڪري، منجهائن ڪجهہ قتل ڪيا ويا. باقي گرفتار اڳواڻن ۽ ڪارڪنن کي پائولو ڪوندور نالي ٻيٽ ۾ فرينچ سامراج جي قائم ڪيل ڪنسنٽريشن ڪيمپ يعني تشدد گاهہ يا اذيتناڪيءَ واري جيل ۾ قيد ڪيو ويو. جپان کي قرض ڏيڻ کان پوءِ فرانس جي سامراجي حڪومت جپان تي زور ڀريو. تنهن ڪري جپان 1910ع ۾ چائو ۽ شهزادي، چئونگ کي جپان مان نيڪالي ڏني، تڏهن اُهي وري چين ويا ۽ 1912ع ۾ اُتي ويٽنام جي جلاوطن عوامي حڪومت قائم ڪيائون ۽ شهزادو چُئونگ انهيءَ جلاوطن حڪومت جو صدر نامزد ڪيو ويو. فرينچن کان ويٽنام جي آزادي حاصل ڪرڻ خاطر، چائو ڪجهہ مختلف قوم پرست ويٽنامي سياسي گروپن جو اتحاد بہ جوڙيو هو. انهيءَ صورتحال کان خائف ٿيندي، چيني موقعي پرست حڪمرانن کي برغلائي، فرينچ سامراجين چائو کي چين جي حڪومت هٿان ئي قيد ڪرايو. جيڪو ڏکڻ چين ۾ انقلابي ڌُر جي ڪاميابيءَ کان پوءِ 1917ع ۾ آزاد ٿيو ۽ اتي آزاديءَ جي جدوجهد جاري رکي، پر اها جدوجهد پهرين عالمي لڙائي جي خاتمي کان پوءِ تيزيءَ سان زوال جو شڪار ٿي وئي. 1925ع ۾ چائو کي فرينچ سامراجين جي چاڙتن، چين جي شهر شانگهائي مان اغوا ڪري، ويٽنام آندو. جتي سامراجي سرڪار ڪيس موت جي سزا ٻُڌائي، پر فرينچ گورنر جنرل، وارين موت جي سزا کي عمر قيد ۾ تبديل ڪيو ۽ ڪيس هِيُو شهر ۾ سندس گهر اندر نظر بند رکيو. جتي مسلسل پندرهن سال نظر بند رهندي، هو 1940ع ۾ گذاري ويو. چائو جي نظر بنديءَ دوران، قومي انقلابي تحريڪ کي هڪڙي ٻئي جلاوطن انقلابي جي رهنمائي حاصل ٿي، تنهن جو نالو نگويين ائي ڪُئو ۽ عرف يعني عام نالو هوچي مِنهہ هو. جيڪو هن سن 1940ع ۾ اختيار ڪيو هو. هوچي مِنهہ جون 1925ع ۾ ئي ويٽنام جي نوجوان انقلابي طبقي تي مُشتمل هڪڙي انقلابي تنظيم قائم ڪئي هئي، جيڪا ويٽنام جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي مرڪز يا شهرڳ واري حيثيت جي حامل ٿي پئي. هوچي مِنهہ 1912ع ۾ بحري جهاز جي مزدور يا خلاصيءَ جي حيثيت ۾ ويٽنام ڇڏيو ۽ 1917ع ۾ پيرس ۾ رهائش اختيار ڪرڻ کان اڳ، ڪجھ مُلڪن جو سير ۽ سفر ڪيو هو. هن 1920ع ۾ فرانس جي ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ شموليت اختيار ڪئي ۽ عالمي ڪميونسٽ تحريڪ جي سلسلي ۾ ڪيترائي سال رُوس ۽ چين ۾ گذاريا. وقت جي ڳُجهين انقلابي تنظيمن ۾ سيني کان وڌيڪ اثر انداز ٿيندڙ پنهنجي انقلابي تنظيم جي تشڪيل کان پوءِ، هو سن 1930ع ۾ هڪ ٻئي سان مد مقابل، مختلف ڪميونسٽ گروپن منجهان ئي، تجربي جي بنياد تي ”اِنڊو چائنا ڪميونسٽ پارٽي“ نالي ۾ ڪامياب ٿي ويو. ويٽنام جي سامراجي حڪومت ۽ ملڪي غدار حاڪم طبقن جي اِستحصال ۽ ظُلم سبب ملڪ ۾ پيدا ٿيل هٽرادي ڏڪار خلاف، ڪميونسٽ پارٽيءَ جي

اڳواٽيءَ هيٺ سموري هاري طبقي، مئي جي مهيني دوران سموري مُلڪ ۾ منظم احتجاج ۽ انقلاب برپا ڪري، ڪيترن ئي ظالم ڪامورن ۽ جاگيردارن کي قتل ڪري، ملڪ جي ڳچ پرڳڻن ۾ روسي انقلاب جي موافق سوويٽ حڪومت قائم ڪئي. تنهن انقلابي حڪومت کي ختم ڪري، پنهنجي اڳوڻي بينڪي نظام کي بحال ڪرڻ ۾، فرينچ سامراجين کي ذري گهٽ هڪ سال لڳي ويو! اُنهيءَ عرصي دوران سامراجي سرڪار، سفاڪي، دهشتگردي، قتل عام ۽ غارتگريءَ جي جابرانه ڪارروائين کي تمام وڏي پيماني تي جاري رکيو. اڳوڻين سياسي



پارٽين ۽ قوم پرست تنظيمن ۽ گروهن جي ابتڙ، ڪميونسٽ پارٽي پنهنجي سِکيا ۽ سياسي تعليم يافته سچن انقلابي ڪارڪنن جي حقيقي جدوجهد سبب، نه فقط پاڻ کي بچائي وئي، پر 1937ع ۾ فرينچ سامراج طرفان سندن بينڪن جي قومن کي ملندڙ نالي ماتر سياسي آزادين/حقن کي استعمال ڪندي قانوني طور تسليم ٿيڻ جوڳيون سياسي تنظيمون ناهڻ لاءِ حقيقي انقلابي لياقت ڪتب آڻيندي، اهڙو ته انقلابي پرچار ڪيو جنهن ڪري ملڪ جي ڪُنڊ ڪُڙڇ ۾ سموري عالم اديب لڏي ۽ پورهيت طبقي يعني هاري ۽ مزدور طبقي ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ جو اثر وڌيو ۽ ان جي ساک قائم ٿي. انهيءَ صورتحال جي پيش نظر ملڪ اندر موجود سامراج نواز مذهبي سياسي پارٽين ۽ مُلڪ جي ڏاڪڻي پاڱي ۾ موجود سامراج نواز مذهبي سياسي پارٽين ۽ مُلڪ جي ڏاکڻي پاڱي ۾ موجود، ٽراٽسڪيءَ جي پوئلڳ نقلي انقلابين سان ڪميونسٽ پارٽيءَ جي باهمي چڪتاڻ وڏي ۽ برقرار رهي. پر جڏهن 1939ع ۾ ٻي عالمي جنگ چالو ٿيڻ سبب، سامراجين وري به سمورن سياسي حقن کي معطل ڪري ڇڏيو تڏهن انهيءَ سخت ڪٺن صورتحال دوران پنهنجي منظم جوڙجڪ، مناسب نظرياتي تعليم، فولادي ضابطي ۽ حقيقي انقلابي قيادت سبب، قومي آزاديءَ لاءِ ڪوشان،سمورين سياسي پارٽين جي پيٽ ۾ هيءَ واحد ڪميونسٽ پارٽي، سيني کان وڌيڪ حقيقي ۽ اثر انداز انقلابي پارٽيءَ طور قومي توڙي پورهيت انقلابي جدوجهد ۾ مشغول هئي. ٻي عالمي لڙائيءَ دوران ويٽنام تي حڪومت فرانس تي ڪئي، پر اها حڪومت جپان جي اجازت سان قائم ٿيل هئي، ڇو ته تڏهن ويٽنام تي فرانس نه پر جپان جو سامراجي قبضو هو. ٻي عالمي جنگ ۾ 1940ع ۾ جپان، اِٽلي ۽ آسٽريا جي اتحادي، طاقتور يورپي ملڪ جرمني هِٽلر جي قيادت ۾ فرانس تي قبضو ڪري ورتو. تڏهن 22 سيپٽمبر 1940ع ۾ ويٽنام ۾ مقرر فرينچ گورنر جنرل، ايڊمر جين ڊڪوڪس، جپان سان هڪڙو ناهه ڪيو جنهن پٽاندر جنگ دوران ويٽنام ۾ جپان جي ٽيهه هزار فوج رهڻ ۽ مُلڪ جي سمورن هوائي ۽ فوجي اڏن کي استعمال ڪرڻ جو فيصلو ٿيو. انهيءَ تحت جپان لاءِ سموري ڏکڻ اوڀر ايشيا ۾ فوجي ڪاروائين لاءِ ويٽنام اهم ترين علائقو ٿي پيو. ويٽنام ۾ قائم فرينچ حڪومت، جپان سان مڪمل تعاون ڪرڻ سبب جنگ وارو سمورو عرصو برقرار رهي، پر جنگ جي

پڇاڙيءَ ۾ جرمنيءَ جو روس هٿان پسپا ٿيڻ سبب، فرانس تان قبضو ختم ٿيڻ کان پوءِ، پنهنجي حيثيت ڪمزور محسوس ڪندي، جپان مارچ 1945ع ۾ ويٽنام ۾ قائم فرينچ حڪومت کي ڊاهي، فرينچن کان هٿيار کسي ورتا، تڏهن فرينچن طرفان نالي ۾ نهال نامزد ڪيل شهنشاهہ مائوڊائي، جپان جي اجازت سان، پنهنجي وطن ويٽنام جي آزاديءَ جو اعلان ڪيو ۽ قومي حڪومت ٺاهي، پر حقيقي اقتدار/ اختيار جپاني فوج وٽ هو. جنگ واري تقريباً سموري عرصي دوران ويٽنام جي آزاديءَ واري تحريڪ، ڏکڻ چين ۾ گڏ ٿيل جلاوطن انقلابي گروپن جي سرگرمين تائين محدود رهي، جتي هوچي مِنهہ مئي 1941ع ۾ مختلف انقلابي ۽ قوم پرست سياسي گروهن تي مشتمل ”ويٽنام ڊوءِ ليپ ڊونگ مِنهہ هوئي“ نالي قومي محاذ آزادي جوڙڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. اهو محاذ پوءِ ”ويٽ مِنهہ“ سڏجڻ لڳو. انهيءَ محاذ جي اڳواڻي ڪميونسٽ پارٽي ڪري رهي هئي. انقلاب/ آزادي دشمن چيني حڪومت جي دٻاء تحت، ”ڊونگ مِنهہ هوئي“ يعني ”ويٽنام ريوليوشنري ليگ“ نالي، ڪميونسٽ قيادت واري محاذ جي خلاف هڪڙو سياسي اتحاد جوڙيو ويو ۽ چيني انقلاب دشمن حڪمران چيانگ ڪائي شيڪ جي حڪم سان هوچي مِنهہ کي قيد ڪيو ويو.پر انهيءَ آزادي / انقلاب دشمن اتحاد جي سراسر غير موثر ۽ ناڪامِ رهڻ سبب چين توڙي آمريڪا کي ويٽنام ۾ جپاني فوج بابت جاسوسي ڪرڻ جي ضرورت ۽ ويٽنام ۾ ڪيرايل جهازن وارن پائلٽن کي بچائڻ ڪارڻ گهربل مدد جي ضرورت مطابق چيني توڙي آمريڪي، سندن جوڙيل انقلاب دشمن محاذ بدران ڪميونسٽ قيادت واري محاذ تي ڏينهون ڏينهن انحصار وڌائڻ شروع ڪري ڏنو. ”وونگيوبين“ هوچي منهہ جي قيد واري عرصي دوران ويٽ مِنهہ جي اڳواٽي ڪندي، اُتر ٽونگ ڪِنگ واري علائقي ۾ سياسي ڪارڪنن ۽ گوريلا مجاهدن جا گهربل جٿا منظم ڪري، جدوجهد ۾ مشغول رکيا، جيڪي سندن انقلابي مقصد جي حصول خاطر، آمريڪا ۽ چين کي گهربل معلومات بہ ڏيندا رهيا. انهيءَ ڪردار جي طفيل هوچي منهہ کي 1943ع ۾ آزاد ڪيو ويو ۽ چين طرفان قائم ڪيل نقلي انقلابي تنظيم ”ڊونگ منهہ هوئي“ جو اڳواڻ مقرر ڪري، ويٽنام ۾ جپاني سامراج خلاف وڙهڻ لاءِ آمريڪا کيس هٿيار ڏنا ۽ مالي مدد بہ ڪئي. انهيءَ حيثيت ۾ هوچي مِنهہ، آزادي ۽ انقلاب لاءِ



پنهنجي اصل تنظيم "ويٽ مِنهہ" کي وڌيڪ منظم ,موثر ۽ مضبوط بنايو ۽ پاڻ آڪٽوبر 1944ع ۾ويٽنام اندر داخل ٿي ويو. جڏهن جپان 1945ع جي آگسٽ ۾ هٿيار ڦٽا ڪري آڻ مڃي، تڏهن "ويٽ مِنهہ" ويٽنام ۾ عام بغاوت جو سڏ ڏنو ۽ مُلڪ ۾ سياسي طور سيني کان وڌيڪ منظم، مضبوط ۽ عملي طور هٿياربند جدوجهد ۾ مصروف انقلابي تنظيم جي واضح حيثيت ۾، آگسٽ 1945ع جي پوئين اڌ دوران هنوئي شهر ۾، ڪنهن خاص مقابلي يا مخالفت کان سواءِ ئي اقتدار حاصل ڪيو ۽ 22 آگسٽ 1945ع تي باٺوڊائي جي قائم ڪيل حڪومت مستعفي ٿي. شهنشاهہ خود پاڻ ئي هنوئي شهر ۾ هوچي منهہ جي قائم ڪيل حڪومت جي فائدي ۾ ان کي تسليم ڪندي، شهنشاهت تان هٿ کڻي ويو. 25 آگسٽ 1945ع تي ڏکڻ ويٽنام واري عبوري بااختيار ڪميٽي، جيڪا سائيگان شهر ۾ مقرر ٿيل هئي ۽ ويٽ منهہ جي ماتحت هئي، اها هنوئي ۾ قائم ڪيل انقلابي قومي حڪومت جي ماتحت ٿي ڪم ڪرڻ لڳي. 20 سيپٽمبر 1945ع ۾ جڏهن هوچي مِنهہ ويٽنام جي آزاديءَ جو اعلان ڪيو تڏهن اها حقيقت ظاهر ٿي تہ ويٽنام جي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪندڙ سمورين سياسي پارٽين ۽ تنظيمن جي ڀيٽ ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ مکيہ، اهم فيصلہ ڪُن ۽ اڳواٽيءَ وارو ڪردار ادا ڪيو،تنهن ڪري اقتدار ۾ بہ ڪيس سبقت حاصل رهي. فرانس جي خواهش هئي تہ اهو ويٽنام تي وري بہ سامراجي تسلط قائم ڪري، پر اهو في الحال اتي قابض ٿيڻ کان قاصر هو. ٻئي طرف ويٽنام جي سيني ڪميونسٽ مخالف سياسي پارٽين ۽ تنظيمن، سڄي ملڪ ۾ ڪميونسٽن پاران اقتدار تي قبضو مضبوط ڪرڻ کان ڪميونسٽن کي روڪڻ لاءِ ڪميونسٽن جي سخت مخالفت ۽ شديد مزاحمت جاري رکي ۽ فرانس ويٽنام جي آزادي کي تسليم نہ ڪيو. هن ويٽنام جي انقلابي حڪومت مخالف ڌُرين جي حمايت ۽ مدد ڪئي. جڏهن ٻي عالمي لڙائيءَ ۾ کٽيندڙ اتحادي ملڪن طرفان ٿيل ڪانفرنس ۾ فيصلو ڪيو ويو تہ برطانيا جپاني فوجين کي ڏکڻ ويٽنام ۾ هٿيار ڇڏائي ۽ چين انهن کان اتر ويٽنام ۾ هٿيار ڦِٽا ڪرائي، تڏهن چين نہ چاهيو تہ فرانس وري بہ ويٽنام تي قابض ٿئي. تنهنڪري چيني هٿياربند فوج سيپٽمبر 1945ع ۾ ويٽنام جي نانگ ڪِنگ واري علائقي ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ هوچي منهہ واري انقلابي حڪومت ۾ ڪو بہ خلل پيدا ڪو نہ ڪيو. ٻئي طرف 12 سيپٽمبر 1945ع ۾ برطانوي فوج ڏکڻ ويٽنام ۾ داخل ٿي، جپانين وٽ قيد فرينچ فوج کي نہ فقط آزاد ڪرايو،پر کين هٿيار بند ڪري ويٽنام ۾ مقامي قومي عبوري حڪومت کي ڀڄائي ڪيڍڻ ۽ فرينچ اقتدار بحال ڪرڻ لاءِ فرينچ فوج جي ڀرپور مدد ڪئي. 23 سيپٽمبر 1945ع ۾ فرينچ فوج مقامي قومي حڪومت جي خلاف ڀرپور پيشقدمي شروع ڪئي ۽ ٿوري ئي وقت اندر سائيگان شهر تي قبضو ڪري، قومي حڪومت ڊاهي، سمورين ويٽنامي سياسي پارٽين کي نئين سر فرينچ تسلط خلاف مزاحمت ڪرڻ تي مجبور ڪري وڌو. 1946ع ۾ فرينچ فوج ڏکڻ ويٽنام جي اڪثر شهرن ۽ شاهراهن کي قبضي هيٺ آندو، پر ڏکڻ انام ۽ ڪوچن وارن اهم علائقن ۾ اها هٿياربند گوريلا لڙائي، مزاحمت ۽ مقابلي ۾ ڦاٿل رهي. انهيءَ فرينچ مخالف گوريلا جدوجهد کي اتر ويٽنام واري انقلابي حڪومت جي اخلاقي ۽ مالي مدد حاصل هُئي. سڄي ويٽنام تي يڪدم قبضو نہ ڪري سگهڻ سبب، ڏکڻ ويٽنام تي وري قابض ٿيندڙ فرينچن، اتر ويٽنام واري انقلابي حڪومت سان مصلحتي ڳالهيون ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. تنهن موجب مارچ 1946ع ۾ اتر ويٽنام جي اڳواڻ هوچي مِنهہ ۽ فرينچ جنرل جين سينٽين جي وچ ۾ هڪ اقرار نامون ٿيو. تہ جڏهن اتر

ويٽنام جي انقلابي حڪومت سندس ڏهه هزار فوج کي پندرهن هزار فرينچ فوج سان گڏ، فرينچ فوج جي اختيار هيٺ هنوئي، هائي فونگ ۽ ڪجهه ٻين شهرن ۾ رهڻ جي عملاً اجازت ڏيندي، ته ان جي بدلي فرانس، فرينچ يونين ۾ شامل ويٽنام جي رياست کي آزاد رياست طور تسليم ڪندو. پنجسالہ قسطن جي صورت ۾ پنهنجي سموري فوج ويٽنام مان ڪڍي ويندو ۽ ڪوچن چائنا يعني تقريباً سڄي ڏکڻ ويٽنام کي راءِ شماريءَ ذريعي ويٽنام رياست جي حصي طور ويٽنام رياست ۾ ضم ٿيڻ جي موڪل ڏيندو. انهيءَ سمجهوتي جي روشنيءَ ۾ چين ۽ فرانس جي وچ ۾ بہ هڪ عهد نامون ٿيو تہ فرانس چيني فوجي دستن کي پهرين ۽ پندرهين مارچ جي وچ ۾ آزاد ڪري ڇڏيندو ۽ چين ۾ سندس (فرانس) جي قبضي هيٺ سمورن علائقن، مال ملڪيت ۽ اختيارن تان دست بردار ٿيندو. انهيءَ وقت اُتر ويٽنام ۾ قائم حڪومت. ڪميونسٽن ۽ ڪميونسٽ مخالف قوم پرست تنظيمن جي اتحاد سان قائم ڪيل هڪڙي مخلوط حڪومت هئي، تنهن جي اڳواٽي، هوچي مِنهہ، چين جي حمايت برقرار رهڻ خاطر قبول ڪئي. مذڪور ڳنڀير صورتحال کي محسوس ڪندي هوچي منهہ نومبر 1945ع ۾ ٿي، پنهنجي ڪميونسٽ پارٽي جي خاتمي جو سرڪاري طرح اعلان ڪري ڇڏيو هو ۽ هڪ سمجهوتي تحت چين نواز ڪميونسٽ مخالف قوم پرست پارٽين کي جنوري 1946ع ۾ ٿيندڙ پارليامينٽري چونڊن ۾ 380 سيٽن مان، گهربل ووٽ نہ کٽڻ جي باوجود ستر سيٽون ڏيڻ جوواعدو ڪيو. جڏهن چين نواز قوم پرست پارٽين مارچ ۾ ٿيل فرانس۽ ويٽنام واري معاهدي کي رد ڪندي فرينچن خلاف بيجا پرچار چالو ڪيو تہ فرينچن 18 مارچ 1946ع ۾ هنوئي شهر ۾ اچڻ کان پوءِ انهن ڪميونسٽ مخالف، چين نواز قوم پرست تنظيمن کي دٻائڻ خاطر اتر ويٽنام جي انقلابي حڪومت جي ڀرپور مدد ڪئي. چيني فوج ويٽنام ۾ موجود هئڻ جي باوجود چين نواز قومپرست پارٽين جي مدد ڪرڻ جي قابل نہ رهي ۽ اهي چين نواز ڪميونسٽ مخالف قوم پرست ويڙهاڪ ٽولا پنهنجي قبضي وارن علائقن مان پسپا ۽ دستبردار ٿيندا ويا. سياسي حڪمت عمليءَ تي مُبني هن فرينچ تعاون سبب ويٽنام ۽ فرانس جي وچ ۾ حقيقي اختلاف ختم ٿي نہ سگهيا. مثلاً فرانس ويٽنام تي ٻيهر سامراجي تسلط مڙهڻ لاءِ ماندو هو جڏهن تہ ويٽنام حقيقي قومي آزادي چاهيندڙ هو. ڪوچن چائنا واري علائقي کي ويٽنام سان ملائڻ جي تياري ڪرڻ واري واعدي جي برخلاف، انڊو چائنا لاءِ مقرر سفير، ڊي آرگينليو پهرين جون 1946ع ۾ ڪوچن چائنا کي هڪ آزاد رياست هئڻ جو اعلان ڪيو. انهيءَ سامراجي قدم جي خلاف احتجاجاً فرانس ۽ ويٽنام جي وچ ۾ ٿيندڙ لڳو لڳ ٻئي ڪانفرنسون ناڪام ويون. البت سيپٽمبر 1946ع ۾ هوچي مِنهہ ۽ فرينچ وزير خارجہ ماريئس موتيٽ جي وچ ۾ هٿياربند ڇڪتاڻ ملتوي رکڻ جو فيصلو ٿيو پر 23 نومبر 1946ع ۾ فرينچ بحري فوج ڪنورتا جو رڪارڊ قائم ڪندي ويٽنام جي ساحلي شهر ......... تي ٻيانڪ حملو ڪري، ڇهن هزارن کان بہ وڌيڪ عام شهرين کي قتل ڪري ڇڏيو. تڏهن اترويٽنام جي انقلابي حڪومت جي اڳواڻن، خاموش رهڻ بدران، فرينچ سامراج سان مڪمل آزاديءَ لاءِ هڪ ڊگهي جنگ جوٽڻ جو فيصلو ڪيو ۽ ويٽنام جي حڪومت 19 ڊسمبر 1946ع ۾ هنوئي شهر ۾ موجود فرينچ فوج تي تباهہ ڪن حملو ڪري، هند چين علائقي ۾فرينچ سامراج ۽ سندس ساٿارين سان، مڪمل آزاديءَ خاطر ڊگهي جنگ جوٽي ۽ چند هفتن اندر اتر ۽ وچ ويٽنام جي تقريباً سمورن مکيہ شهرن ۽ اهم شاهراهن تي موجود فرينچ فوج اتر ويٽنام جي حڪومت جي ڪنٽرول هيٺ اچي

وئي. تنهن کان پوءِ اتر ويٽنام جي انقلابي حڪومت، اتر واري جابلو علائقي ۾ پنهنجي ريگيولر فوج جون ڪارروايون في الحال معطل ڪري، تقريباً چئن سالن تائين سڄي ملڪ ۾ گوريلا ويڙهه جاري رکي، ڀهراڙيءَ جي سموري عوام جون همدرديون ۽ تعاون حاصل ڪيو، حڪومت جي گرفت مضبوط رکي ۽ عوام کي سامراج خلاف هلندڙ جنگ ۾ شامل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي. سن 1949ع ۾ چين ۾ چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ کي فتح حاصل ٿيڻ کان پوءِ چين ۾ قائم انقلابي حڪومت طرفان ملندڙ امداد سبب، ويٽنام جي حڪومت جنگ ۾ پيش قدمي ڪندي، چين سان ملندڙ سموري سرحد تي قابض فرينچ فوج کي سيپٽمبر ۽ آڪٽوبر 1950ع دوران ڀڄائي ڪڍيو. پر فرينچ ڪمانڊر، ليٽر ڊِي، فاسگني 1951ع ۾ پنهنجي فوج کي ڪجهه منظم ۽ مستحڪم ڪيو. آمريڪا طرفان به مالي ۽ فوجي امداد ملڻ جي باوجود فرينچ فوج مجموعي طور حوصلو وڃائي ويٺي ۽ رڳو پاڻ کي بچائڻ ۾ پوري هئي. ان ڪانسواءِ انهيءَ فوج، ساڻس انقلابي فوج جي طرفان جنگ ڪرڻ جو اصل مقصد يعني فرينچ سامراج کان پنهنجي وطن ويٽنام جي مڪمل آزادي حاصل ڪرڻ واري مقصد کي بلڪل نظر انداز ڪري ڇڏيو. تنهن ڪري ويٽنام جي مڪمل آزاديءَ جي حصول وارو مقصد، هوچي مِنهه جي قيادت ۾ سامراج دشمن ۽ وطن دوست انقلابي جدوجهد سان ئي واڳيل رهيو. جو ته باءُوڊائي جي حڪمراني واري عرصي دوران قائم ڪيل فوج به سندس حڪومت وانگر بلڪل غير موثر هئي. سن 1953ع جي آخر ۾ دو آبي جي هيٺئين ڀاڱي کان سواءِ ٽونگ ڪنگ وارو سمورو علائقو، سمورا مرڪزي مٿاهان پَٽ ۽ لائوس جو به ڪجھ ڀاڱو هوچي مِنهه جي قيادت واري سياسي اتحاد، ويٽ مِنهه جي فوج جي قبضي ۽ اثر هيٺ هو. تنهن کان سواءِ سندن انقلابي گوريلا ۽ مقامي انقلابي مجاهد فورس پڻ ويٽنام جي سموري ساحلي علائقي ۾ ميڪانگ نديءَ واري دو آبي تي قابض هئا. مارچ 1954ع ۾ انقلابي فوج،جنرل جياپ جي قيادت ۾ ڊين بين ڦو واري وڏي فرينچ ڇانوڻي گهيري ۾ آڻي فرينچ فوج کي سخت شڪست ڏئي، وڏي مايوسيءَ جو شڪار بنايو. انهيءَ شڪست سبب فرانس ۾ هند چيني جنگ خلاف عام راءِ وڌڻ لڳي ۽ ويٽنام جي مسئلي جو فوج ڪشيءَ بدران سياسي حل تلاش ڪرڻ تي زور ڀريو ويو. جڏهن آمريڪي ڪانگريس ڊين بين ڦو واري لڙائي ۾ فرانس جي مدد ڪرڻ کان انڪار ڪيو، ته لاچار ٿي فرينچ سامراج جنگ ختم ڪرڻ خاطر جنيوا ۾ مُنعقد امن ڪافرنس ۾ ويٽنام جي انقلابي حڪومت سان ٺاهه ڪرڻ لاءِ راضي ٿي ويو. 21 جولاءِ 1954ع ۾ جنيوا ڪانفرنس جي پڄاڻيءَ تي فرينچ ۽ ويٽنامي اڳواڻن هڪ ٺاهه تي دستخط ڪيا، جنهن تحت سموري ويٽنام ملڪ کي، ان جي وچ تي موجود 17 پور وچوٽ ڊگرين وٽ، ٻن فوجي علائقن ۾ ورهايو ويو ۽ جنگبنديءَ جو اعلان ڪيو ويو. انهيءَ ٺاهه ۾ فيصلو ٿيو ته انقلابي فوج اُترئين ڀاڱي تان ۽ فرينچ ۽ نامنهاد ڏکڻ رياستي لشڪر ڏکڻ ويٽنام تان دستبردار ٿيندو. حقيقت ۾ اتر ويٽنام ۾ هوچي مِنهه جي قيادت ۾ قائم ڪيل انقلابي حڪومت، توڙي ويٽنام واري رياست کي چين، روس ۽ روس نواز سمورين رياستن، سن 1950ع ۾ ”ڊيموڪريٽڪ ريپبلڪ آف ويٽنام“ جي نالي سان تسليم ڪيو هو. ويٽ منهه انقلابي اتحاد کي گمان هو ته مڪمل فتح به جلد ئي حاصل ٿيندي، تنهن ڪري هن ٺاهه کي عبوري طور قبول ڪجي ۽ عام چونڊون منعقد ٿين ته 17 پوروچوٽ ڊگرين واري ورهاست ختم ڪري، يڪي آزاد ويٽنام جي رياست بحال ڪجي. انهيءَ جنگ بنديءَ دوران، جنگ ۾ تباهه ٿيل ملڪ ۾ تعميراتي ڪم شروع ڪيا ويا ۽ ويٽنام جي

عوام کي انهن فلاحي ڪمن ۾ قرباني ڏيڻ جي تلقين ۽ ترغيب ڏني وئي. روس، چين ۽ ٻين اشتراڪي ملڪن جي مدد سان ويٽنام جي انقلابي حڪومت صنعتي ڄار وڇائڻ شروع ڪيو. زرعي نظام جديد بنائڻ لاءِ ڪنيل اوائلي قدمن خلاف مبهم مقامي بغاوت ۽ قدرتي طور اناج جي اڻاٺ ڪان سواءِ، 1955ع کان 1965ع تائين، اتر ويٽنام جي انقلابي حڪومت کي ڪو به پيچيده سماجي يا سياسي گهوٽالو سامهون نه ٿيو ۽ ملڪ صنعتي ترقي ڪئي. ان جي ڀيٽ ۾ ساڳئي عرصي دوران ڏکڻ ويٽنام ڪيترن ئي سياسي گهوٽالن جو شڪار رهيو. ڏکڻ ويٽنام جي صدر بائوڊائي 14 جون، 1954ع ۾ ڪيٿولڪ عيسائي مذهبي اڳواڻ، نِگو ڊِنهه ڊيم کي ڏکڻ ويٽنام ۾ نئين حڪومت ناهڻ جي دعوت ڏني. تنهن هڪ سال ۾ روايتي غير يقيني صورتحال ۾ جدوجهد ڪندي، ڪاميابي حاصل ڪئي ۽ آمريڪي امداد طفيل پنهنجي ڪميونسٽ دشمن حڪومت مضبوط بنائي. هن سندس فوج مان سمورن فرانس نواز فوجي اڳواڻن کي ڪڍي ڇڏيو ۽ مقامي طور سياسي ۽ مذهبي آزادي ختم ڪري ڇڏي. هُن اتر ويٽنام مان ڀڄي آيل اٽڪل اڍائي لک باغين کي پڻ ڏکڻ ويٽنام ۾ آباد ڪيو. آڪٽوبر 1955ع ۾ نام نهاد راءِ شماري ذريعي بائوڊائي کي معزول ڪري نِگو ڊِنهه ڊيم خود پاڻ ملڪ جو صدر ٿي ويٺو. هن نالي ماتر زرعي سڌارن جو اعلان ڪيو. پر انتظاميه ۾ شامل جاگيردارن ۽ سندن نمائندن انهن سڌارن کي ناڪام بنائي ڇڏيو. ڏکڻ ويٽنام ۾ بااثر انقلابي پارٽي ويٽ منهه سان لڙائيءَ ۾ هن پوليس ۽ فوج جي تشدد سان گڏ، انقلابي پارٽيءَ جي خلاف ڇتي پروپيگنڊا مهم جاري رکي. آمريڪي امداد جو تقريباً 80 سيڪڙو فوج، جاسوسي ۽ سرڪار جي سيڪيورٽي تي خرچ ٿيڻ لڳو. ٻئي مت جي ڀيٽ ۾ ڪيٿولڪ عيسائي مذهب اختيار ڪندڙ ماڻهن کي وڌيڪ رعايتون مهيا ٿيڻ لڳيون. سرڪار جي جابر ڪردار تي تنقيد ڪرڻ جي نتيجي ۾ عالم ۽ اديب لڏي کي سمورن جمهوري ۽ انساني حقن کان محروم رکيو وڃڻ لڳو. فوجي توڙي سِوِل آفيسرن جي ترقيءَ يا وري سزا جو دارومدار صدر ۽ صدر جي خاندان سان وفاداريءَ سان مشروط ٿي ويو. چوندڙن مطلق العنان حاڪم مڪمل جانبدارانه ڪرايون. صدر جي ڀاءُ "نِگو ڊِنهه نِهُو" هڪ ڳُجهي تنظيم تيار ڪري، ان کان سرڪاري ڪامورن، فوجي عملدارن ۽ معاشري ۾ اهم حيثيت وارن ماڻهن جي خلاف جاسوسي ڪرائڻ لڳو. اهڙي سياسي ۽ سماجي صورتحال، ڪميونسٽ انقلاب لاءِ راهه هموار ڪئي، جيڪو اُتي سن 1957ع ۾ چالو ٿي ويو هو. هڪ سال پوءِ صدر ڊيم، جنيوا ناهه موجب سڄي ملڪ ۾ ٿيڻ وارين چوندڙن کي منعقد ڪرائڻ کان انڪار ڪيو. انهي جابرانه روش عوام توڙي سموري ملازم طبقي ۾ صدر ڊيم لاءِ تمام گهڻي نفرت پيدا ڪئي ۽ انقلابي عمل ۾ وڌيڪ تيزي آندي. تنهن ڪري سن 1963ع ۾ صدر ڊيم واري فوج خود پاڻ ئي صدر ڊيم خلاف قدم کڻڻ جو فيصلو ڪيو ۽ پهرين نومبر 1963ع ۾ ڊيم جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪري، اقتدار تي پاڻ قابض ٿي. فوجي حملي ۾ ڊيم ۽ سندس ڀاءُ نِهُوَ کي به قتل ڪيو ويو. فوجي راڄ دوران ڏکڻ ويٽنام ۾ موجود ڪميونسٽ دشمن سياستدان انتهائي انتشار جو شڪار رهيا. جون 1965ع ۾ ايئروائيس مارشل نگُوين ڪائو ڪِي جي قيادت ۾ ڏکڻ ويٽنام ۾ فوج طرفان مڪمل قبضو ٿيڻ کان اڳ، ڏکڻ ويٽنام ۾ لڳاتار (9) نوَ حڪومتون نهيون ۽ ڊهيون! فوجي حڪومت پڻ سياسي توڙي انتظامي طور، ڊيم سرڪار کان ڪنهن به صورت ۾ مختلف ڪا نه هُئي. ٻُڌ ويڙهاڪ انقلابين ڊيم جو تختو اونڌو ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو ۽ فوجي حڪومت سان پڻ سخت ويڙهه ڪئي، پر فوجي حڪومت انقلابي مزاحمت کي في

الحال دٻائي ڇڏيو شهري آزاديون ختم ڪيون ويون. خصوصاً پريس جي آزادي تي مڪمل بندش لڳائي وئي. حزب اختلاف سان واڳيل سياستدانن کي ڪميونسٽن جا مددگار چاٽائي قيد ڪيو ويو. سن 1967ع وارين چونڊن ۾ سيني ڪان وڌيڪ ووٽ کٽندڙ عوامي اميدوار ترِيونگ ڊِنهه ڊِزيُو کي ڪامياب قرار ڪو نه ڏنو ويو ۽جنگ بندي خاطر ڪنهن ناهه ڪارڻ ڪوشش ڪرڻ سبب. اُلٽو کيس قيد ڪيو ويو. انهن چونڊن ۾ صدر جنرل ٿِئو پاڻ کي زوريءَ ڪامياب قرار ڏنو ۽ پنهنجي آمرانه روش برقرار رکندي سن 1969ع ۾ سِويليئن وزير اعظم "ترانوان هونگ" کي سبڪدوش ڪري. جنرل تران ٿِيِن ڪِيم کي وزير اعظم بنايو. مطلب ته فوجي حڪمران. ڏکڻ ويٽنام ۾ پنهنجن عوام دشمن ڪُڌن ڪرتوتن ۾ ويران وير وڌ هئا. ٻئي طرف ڪميونسٽ پارٽيءَ جي رهبريءَ تحت قائم ٿيل ويٽنام جي ڪميونسٽ انقلابي فوج جو ڏکڻ ويٽنام اندر سامراج دشمن جدوجهد ۾ مشغول تعداد ڏينهن لک کان به وڌي ويو. تنهن ڏکڻ ويٽنام جي سامراجي حڪومت کي سخت حيران ۽ پريشان ڪري ڇڏيو تنهن ڪري فوجي حڪومت عوام تي ظُلم جي باهه ٻاري ڏني. آمريڪي مدد فرينچ سامراجي حڪومت کي 1946ع کان وٺي مُسلسل ملندي رهي، پر 1960ع کان پوءِ آمريڪا پنهنجا فوجي ماهر ۽ هٿياربند فوجون به موڪلڻ شروع ڪيون. سن 1963ع ۾ آمريڪا پنهنجي سترهن هزار فوج ۽ گن شِپ هيليڪاپٽر ڏکڻ ويٽنام موڪليا. اهڙيءَ طرح آمريڪا ويٽنام ۾ آزادي ۽ انقلاب لاءِ هلندڙ جنگ خلاف نه فقط سِڌي ريت شريڪ ٿيو پر هن ويٽنام جي آزاديءَ ۽ انقلاب جي مخالف سامراجي جنگ جي اڳواڻي ڪئي. ڪميونسٽ فوج جي پيشقدمي روڪي نه سگهڻ سبب آمريڪي صدر جانسن. فيبروري 1965ع ۾ اُتر ويٽنام تي بمباري ڪرائي، ته جيئن اُتان کان هٿيار ۽ گوريلا ڏکڻ ويٽنام ۾ اچي نه سگهن. پر سندس خواهش پوري ڪا نه ٿي. ڏکڻ ويٽنام کي، اتر ويٽنام هٿيارن سميت مالي توڙي جاني مدد مسلسل ڏيندو رهيو. اُتر ويٽنام تي ٿيل آمريڪي بمباري ناڪام ثابت ٿي. اُٽلو آزاد جمهوري دنيا ۾ آمريڪا خوار ٿيو. آمريڪي بمباريءَ کان مهينو کن پوءِ اُتر ويٽنام جي انقلابي حڪومت، ويٽ ڪانگ يعني ڏکڻ ويٽنام ۾ وڙهندڙ انقلابي فوج جي مدد لاءِ پنهنجي فوج موڪلڻ شروع ڪئي. تڏهن اتر ويٽنام جي بحري فوج تي آمريڪي بحري ٻيڙي تي بمباري ڪرڻ جو ڪوڙو الزام لڳائي، آمريڪا اتر ويٽنام جي بحري جهازن تي آبدوزن سان حملو ڪيو ۽ گهڻو نقصان رسايو. 7 مارچ 1965ع ۾ ڏکڻ ويٽنام جي ساحلي شهر ڊِآئنگ ۾آمريڪا پنهنجي ساڍا ٽي هزار بحري فوج لاٿي ۽ جولاءِ واري مهيني ۾ آمريڪي ويڙهاڪ فوج جو ڏکڻ ويٽنام ۾ تعداد پنجهتر هزار تائين وڌي ويو. آمريڪا تڏهن کان وٺي ڏکڻ ويٽنام ۾ هر مهيني پنهنجي فوج جو تعداد وڌائيندو ويو جيڪو 1968ع جي شروعات ۾ پنج لک ڏهه هزار ٿي ويو. اها پنج لک ڏهه هزار آمريڪي فوج، ڏکڻ ويٽنام جي ڇهه لک سرڪاري فوج،ڏکڻ ڪوريا جي پنجاهه هزار فوج، اٽڪل ايتري ئي تعداد ۾ آسٽريليا، نيوزي لينڊ ۽ ٿائي لينڊ جي فوج ۽ سوين هزارن جي تعداد ۾ مقامي، ۽ علاقائي وطن دشمن، عوام دشمن ۽ غدار مجاهد فورس، آمريڪي فوج جي قيادت ۾ مٿي ڄاڻايل سمورن ملڪن جي تقريباً تيرهن لکن کان وڌيڪ جديد هٿيارن سان ليس فوج سامراجي مقصد جي حصول ڪارڻ مڪمل طور ناجائز ۽ جابرانه جنگ وڙهڻ لاءِ ڏکڻ ويٽنام ۾ آندي وئي، اها ويٽنام جي وطن دوست انقلابي فوج، ويٽ ڪانگ سان نبردآزما هئي، پر انقلابي فوج مٿين سيني ملڪن جي گڏيل سامراجي فوج جون وايون بتال ڪري ڇڏيون، چو ته

حقيقي وطن دوست انقلابي جذبي سان ڀرپور گوريلا ڪاروائيون، سامراجي فوجين جون متيون منجهائي ڇڏيون. انهيءَ وقت جي انگن اکرن موجب اتر ويٽنام جي ريگيولر فوج جو ڏکڻ ويٽنام ۾ تعداد پنجاهه هزار کن هو جيڪو ٻه لک ٽيهه هزار ويٽ ڪانگ گوريلن سان گڏ تيرهن لکن کان به وڌيڪ تعداد ۾ ڪميونسٽ دشمن سامراجي فوجين سان انقلابي جنگ ۾ مشغول هو. اتر ويٽنام تي لڳاتار ٽن سالن تائين هاجيڪار بمباري ڪندي ۽ جديد ترين هٿيارن سان ليس، ڏکڻ ويٽنام ۾ ڇتي ويڙهه وڙهندي آمريڪا اتر توڙي ڏکڻ يعني سڄي ويٽنام کي معروضي طور تہ تباهہ ڪري ڇڏيو پر ويٽ ڪانگ نالي وطن دوست ڪميونسٽ انقلابي فوج جي عزم، توڙي ويڙهه واري قوت کي ڪمزور ڪري نہ سگهيو! اها حقيقت آمريڪا اڳيان جنگ ڪرڻ دوران فيبروري 1968ع ۾ تڏهن پڌري ٿي جڏهن ويٽ ڪانگ انقلابي فوج، هڪ ئي وقت تي، آمريڪا جي هڪ سئو کان بہ گهٽ فوجي اڏن، مرڪزن ۽ ڇانوڻين تي حملو ڪري، سامراجي فوج کي ڀڄائي، پاڻ اتي لڳاتار مهينو کن قابض رهي، هن غير متوقع حملي ٿيڻ کان پوءِ آمريڪا کي يقين ٿي ويو تہ انقلابي فوج ويٽ ڪانگ کان جنگ کٽي نٿي سگهجي ۽ ويٽنام ۾ آمريڪي فوجي ڪمانڊر، جنرل ويسٽ مورليند جي وڌيڪ بہ لک ڇهه هزار آمريڪي فوج موڪلڻ واري درخواست کي رد ڪندي آمريڪي صدر جانسن اُتر ويٽنام تي بمباري بند ڪرڻ جو حڪم ڏنو. ان جي نتيجي ۾ اتر ويٽنام سان صلح جي ڳالهين لاءِ ماحول سازگار ٿيڻ سان اهي ڳالهيون 13 مئي 1968ع ۾ پيرس شهر ۾ چالون ٿيون ۽ نومبر 1968ع ۾ آمريڪا اُتر ويٽنام تي ٿيندڙ بمباري مڪمل طور بند ڪئي، تڏهن پيرس مذاڪرات ۾ سائيگان سرڪار ۽ لبريشن فرنٽ کي بہ جامع ۽ قطعي نِبيري خاطر شامل ڪيو ويو. آمريڪي صدر نِڪسن جي جوڙيل سرڪار جي ابتدا دوران آمريڪي فوج ويٽنام مان نالي ماتر نڪرڻ شروع ڪيو پر 1970ع ۾ آمريڪي فوج جي شموليت سان لائوس ۽ ڪمبوڊيا ۾ سامراجي ويڙهه وڌائي وئي. تنهن ڪري حقيقي طور تي اها جنگ آمريڪي شموليت ۽ مدد سان پکڙجندي رهي. انهيءَ صورتحال دوران آمريڪا اپريل 1970ع ۾ ويٽنام مان پنهنجي هڪ لک پندرهن هزار فوج ڪڍي وڃڻ جو اعلان ڪيو. ڏيڍ لک وڌيڪ آمريڪي فوج ايندڙ ٻارهن مهينن دوران نڪري وڃڻ جو پڻ اعلان ڪيو ويو ۽ سموري آمريڪي فوج ڪڍي وڃڻ سائيگان واري سامراجي فوج جي انقلابي فوج سان مقابلو ڪرڻ جي سگهه جي بحاليءَ سان مشروط ڪيو ويو. انهي عرصي دوران جنگ بندي، صُلح ۽ سموري هندَ چين واري خطي ۾ موجود ويٽنام، لائوس ۽ ڪمبوڊيا جي آزادي بابت ڳالهيون جاري رهيون، پر ان هوندي بہ سڄي هند چيني علائقي ۾ آمريڪي بمباري بہ جاري رهي. جنوري 1973ع ۾ آمريڪا ۽ ٻين ٽن ڌرين يعني هڪڙي اتر ويٽنام جي انقلابي حڪومت، ٻي ويٽ ڪانگ انقلابي پارٽي ۽ ٽِي ڏکڻ ويٽنام ۾ سامراجي حڪومت هلائيندڙ ڪميونسٽ دشمن پارٽيءَ جي وچ ۾ جنگ بنديءَ وارو ٺاهه ٿيو جنهن تي چئني ئي ڌرين دستخط ڪيا. تنهن ٺاهہ موجب آمريڪا 60 ڏينهن اندر ويٽنام مان سندس سموريون فوجون ڪڍي ويٺو هو. اتر ويٽنام جي انقلابي حڪومت کي ڏکڻ ويٽنام جي حڪومت جي برابر حقدار ۽ جائز تسليم ڪيو ويو. مٿئين ٺاهہ تي عمل درآمد ڪرائڻ واسطي هڪڙي عالمي ڪميشن قائم ڪئي وئي هئي

⑥



## مائوزيتُنگ جي قيادت ۾ ٿيندڙ لانگ مارچ

آڪٽوبر سن 1937ع ۾ چين ۾ گهرو جنگ دوران چيانگ ڪائي شيڪ واري قوم پرست سڏائيندڙ چيني حڪومت، چين جي ڪميونسٽ پارٽيءَ کي مڪمل طور ختم ڪرڻ لاءِ چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ڏکڻ اوڀر چين ۾ موجود مرڪز کي فوجي محاصرو ڪيو. تڏهن پاڻ کي بچائڻ لاءِ ڪميونسٽ پارٽيءَ فوجي گهيرو ٽوڙي، اتر اولهه چين ۾ پهاڙي پناهه گاهه ڏانهن ڪوچ ڪيو. اتي پهچڻ ۾ اُن کي هڪ سال کان به وڌيڪ وقت لڳو جنهن دوان هُن چار هزار ميلن کان به وڌيڪ مفاصلو پنڌ ڪيو. تنهن ڪري تاريخ ۾ اُنهي سفر کي لانگ مارچ سڏجي ٿو. اُنهيءَ لانگ مارچ جي قيادت مائوزيتُنگ ڪئي هئي، جيڪو اُنهي وقت چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ جو غير تڪراري اڳواڻ ٿي اُڀريو هو.

چين ۾ ڪميونسٽ پارٽي ۽ حڪمران ڪومنتانگ پارٽيءَ جي وچ ۾ گهرو لڙائي سن 1927ع ۾ چالو ٿي وئي. انهيءَ دوران، ڪميونسٽ پارٽيءَ سن 1931ع ۾ ڏکڻ اوڀر چين جي جيانگرزي صوبي ۾ ”سوويت ريپبلڪ آف چائنا“ نالي ڪميونسٽ جمهوريه قائم ڪئي، تنهن جو اڳواڻ، چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ جي

چيئرمين، مائوزيتنگ کي چونڊيو ويو. انهيءَ ڪميونسٽ رياست ۽ ڪميونسٽ پارٽي کي ختم ڪرڻ لاءِ، صدر چيانگ ڪائي شيڪ جي اڳواڻي ۾ چيني سرڪار سن 1930ع ۽ 1934ع درميان چيني سوويت رياست کي سِلسِليوار پنج فوجي گهيرا ڪيا. مائوزيتُنگ جي اڳواڻي ۾ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ڳاڙهي فوج، گوريلا جنگ وسيلي لڳاتار چئين گهيرن کي ٽوڙي، چيني سرڪاري فو ج کي پٺتي ڌڪي چيني سويت ريپبلڪ کي بچائي ورتو. تنهن ڪري چيني سرڪار، پاڻ تان ڪميونسٽ پارٽيءَ طرفان ڏنل شڪست جو داغ ميسارڻ خاطر چيني سوويت ريپبلڪ خلاف پنجون ۽ آخري گهيرو تمام گهڻي فوج، تمام گهڻي اسلحہ ۽ بارود ۽ خوراڪ ۽ پوشاڪ سميت، بلڪل فيصلہ ڪُن انداز سان ڪيو ۽ ڪميونسٽ علائقي جي چوڌاري مضبوط مورچابندي قائم ڪئي ۽ ٻئي طرف ڪميونسٽ پارٽي ۾ پنهنجا ڇاڙتا پرتي ڪرائي مائوزيتُنگ جي خلاف مسلسل اهڙو تہ خطرناڪ پرچار چالو ڪرايو جنهن جي نتيجي ۾ مائوزيتنگ کان پارٽيءَ اڳواڻي ئي کسي وئي. نہ فقط ايترو پر ڳاڙهي فوج طرفان ٽيندڙ گوريلا جنگ بند ڪري، ڳاڙهي فوج کي بہ ٽوڙي ڇڏيو ۽ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي نئين قيادت جنگ جا رواجي طريقا اختيار ڪيا. اهڙي صورتحال ۾ سرڪاري فوج طرفان ٽيل گهيرو وڌيڪ مضبوطيءَ سان برقرار رهيو ۽ ڪميونسٽ رياست ٽوڙي پارٽي لاءِ خطرا ڏينهون ڏينهن وڌندا رهيا. تنهن ڪري سِرَ تي چڙهي آيل شڪست ۽ تباهيءَ کان بچڻ لاءِ ڳاڙهي فوج جي قيادت ۾ ڪيونسٽ پارٽيءَ نيٺ چين جي سرڪاري فوج جو گهيرو، ڪمزور هنڌن وٽان ٽوڙي، تاريخ 16 آڪٽوبر سن 1934ع ۾ لانگ مارچ جي صورت ۾ اتر چين ڏانهن سفر ڪيو. انهيءَ عمل بابت سرڪاري فوجي قيادت کي



ڪيترن ئي هفتن تائين ڪا بہ حقيقي خبر چار ملي نہ سگهي تہ ڪا گوريلا ڳاڙهي فوج گهڻو وقت اڳ گهيري مان نڪري اَلُوپ ٿي وئي آهي! ان وقت ڳاڙهي فوج جو تعداد 85 هزارن کان بہ وڌيڪ هو ۽ 25 هزارن کان ڪجھ وڌيڪ غير هٿيار بند پارٽي ڪارڪن بہ مارچ ۾ ساٿس شامل هئا.

هٿيار، بارود خوراڪ،پوشاڪ ۽ٻيو ضروري سامان، گهوڙي گاڏين گڏهہ گاڏين ۽ هن قافلي ۾ شامل تقريباً هر ماڻهوءَ جي پُٺيءَ تي رکيل هو. ڪيمونسٽن جو سرڪاري فوج جي هن سپ کان وڌيڪ مضبوط گهيري کي ٽوڙي مڪمل سلامتيءَ سان نڪري الوپ ٿي وڃڻ، چيني فوج ۽ سرڪار کي تمام وڏو صدمو رسايو ڇو تہ ڪميونسٽ ڳاڙهي فوج عموماً رات جو سفر ڪندي هئي ۽ اهو سفر پڻ سرڪاري فوج کان لِڪي ۽ اُنهيءَ کان گهڻو مفاصلو پري رکي ڪندي هئي. تڏهن، ڪڏهن ڪڏهن اها پهاڙي وادين ۾ نانگ وانگر ور وڪڙ کائيندي، اڳتي وڌندي نظر ايندي هئي. جنوري سن 1935ع ۾ ڳاڙهي فوج Zunyi زُنيي شهر واري علائقي کي قبضي هيٺ آندو. اتي پارٽيءَ جي اڳواڻن جي اهم گڏجاڻي ٿي، جنهن ۾ مائوزيتُنگ کي وري پارٽيءَ جو چيئرمين ۽ ڳاڙهي فوج جو سالار چونڊيو ويو. تنهن کان اڳ ئي مائوزيتُنگ پنهنجي سياسي ۽ فوجي حڪمت عمليءَ ۾ فيصلہ ڪن تبديلي آڻي ڳاڙهي فوج کي ڪيترن ئي ڀاڱن ۾ ورهائي، مختلف واٽون وٺائي مقرر منزل ڏانهن روانو ڪيو.مائوزيتُنگ جي سياسي ۽ فوجي هدايتن موجب، ڳاڙهي فوج مختلف واٽن تان هلندي، گوريلا جنگ ڪندي اڳتي وڌندي پنهنجي قول ۽ فعل وسيلي ڪميونسٽ پارٽي جي نصب العين جو ڪامياب پرچار ڪندي، گوهي ڏيندي دشمن کي مُنجهائي بتال ڪندي، اڳتي وڌڻ واري حڪمت عملي اختيار ڪئي ۽ اتر چين جي شانگزي پهاڙي علائقي ۾ پهچڻ جي پروگرام تي عمل شروع ڪيو. اتي پهچي جاپاني سامراجين سان جنگ ڪري چيني عوام جي همدردي ۽ حمايت حاصل ڪرڻ جو ارادو ڪيو ويو. انهيءَ مقصد حاصل ڪرڻ خاطر سڄو سال تقريباً هر روز سرڪاري فوج سان هٿياربند مقابلا ڪندي، هوائي فوج جي بمباريءَ جو نشانو ٿيندي، فاقاڪشي ڪندي، مرندي جهُرندي، ۽ هر وقت موت سان مقابلا ڪندي



آخرڪار ڳاڙهي فوج مائوزيتُنگ جي اڳوڻيءَ ۾ تاريخ 20 آڪٽوبر 1935ع ۾ شانگزي واري پهاڙي علائقي ۾ پهچي وئي، جتي سندس ساٿي فوج جا ڪجهه جٿا سندن انتظار ۾ اڳ ئي موجود هئا. ذڪرڻ اوپر چين جي جيانگزي علائقي مان سرڪاري فوج جو گهيرو ٽوڙي لانگ مارچ شروع ڪرڻ وقت، ڳاڙهي فوج جو غير فوجي ڪميونسٽ ساٿين سميت تعداد هڪ لک ڏهه هزار ڪن هو. اهو قافلو جڏهن سڄو سال جنگ ڪندي، چار هزار ميلن کان به وڌيڪ مفاصلو پنڌ ڪندي، چوويهه درياهه ۽ نديون اُڪرندي ۽ ارڙهن جبلن جون قطارون لنگهندي اچي شانگزي علائقي جي انقلابي مرڪز ۾ پهتي، تڏهن انهيءَ عظيم ڳاڙهي فوج جا فقط اٺ هزار ڪن مجاهد ساٿي بچيا هئا! باقي ٻيا سمورا ساٿي جنگ ۾ وڙهندي، بمباريءَ جو بک بنجندي، درياهن ۾ ڏُٻڻ ۾ ڦاسي غرق ٿيندي، بُکن، فاقن، بدحاليءَ ۽ بمباريءَ جو شڪار ٿيندي، چيني عوام جي ڇوٽڪاري خاطر پنهنجون حياتيون قربان ڪري، هڪ لک کان به وڌيڪ تعداد ۾ سورما شهيد ٿي ويا. لانگ مارچ دوران ڳاڙهي فوج جي هن عظيم جدوجهد ۽ قربانيءَ کان متاثر ٿي، چيني عوام جو نوجوان طبقو هزارن ۽ لکن جي تعداد ۾ ڳاڙهي فوج ۾ ڀرتي ٿيڻ لاءِ شانگزي انقلابي مرڪز ڏانهن ويندو رهيو. تڏهن کان وٺي چين جي سرڪاري فوج ۽ جاپان جي سامراجي فوج سان لڳاتار چوڏهن سال وڙهندي، انهن سامراجي ۽ عوام دشمن فوجن کي عبرتناڪ شِڪست ڏيئي مُلڪ مان ڀوڳائي ڪڍيو ۽ سن 1949ع ۾ مائوزيتُنگ جي اڳواڻيءَ ۾ چيني ڪميونسٽ پارٽيءَ چين ۾ عوامي جمهوري حڪومت قائم ڪئي. مسلسل سياسي ۽ معاشي جدوجهد سبب، ڪميونسٽ پارٽيءَ جي قيادت ۾ اڄ ايڪيهين صديءَ جي ٻئي ڏهاڪي ۾ چين سياسي ۽ معاشي طور وري دنيا تي ڇانئجي ويو آهي.

⑥





# ٻي عالمي جنگ

آمريت تي ٻڌل حڪومتن جي قيام ۽ استحڪام سبب اٽلي توڙي جرمني وري بہ عالمي امن لاءِ خطرو ٿي پيا ۽ سموري يورپ کي دٻائڻ لڳا. پهرين عالمي جنگ ۾ ڪجھ ايراضي هٿ نہ اچڻ تي اٽليءَ کي ڪافي ڪاوڙ ۽ رنج پهتل هو. انهيءَ ڪروڌ جي ڪري هن 1935ع ۾ آفريڪي ملڪ ايٿوپيا تي فوج چاڙهي وجي قبضو ڪيو. ”ليگ آف نيشنس“ ۾ ايترو دم ئي ڪو نہ هو جو اها اهڙي حملي کي روڪي سگهي، ٻئي سال يعني 1936ع ۾ فرانس ۽ جرمنيءَ جي وچ واري علائقي رهائينليند تي جرمنيءَ قبضو ڪيو. سن 1938ع ۾ خود آسٽريا تي قبضو ڪري انهيءَ کي جرمني رياست جو هڪڙو پاڱو بنائي ڇڏيائون. انهيءَ خطرناڪ صورتحال سمورن مغربي ملڪن کي منجهائي وڌو. هٽلر سندن دلجوئي ڪرڻ خاطر بيان ڏنو تہ سندس مقصد فقط اهو آهي تہ سمورن جرمن باشندن کي متحد ڪري قوم کي هڪ ملڪ ۾ ڪنو ڪجي. تنهن لاءِ جيڪي جرمن ڪزيڪو سلوواڪيا ۾ آهن. انهن کي سندن علائقن سميت جرمنيءَ ۾ شامل ڪيو ويندو. باقي ٻين قومن کي جرمنيءَ مان خطرو محسوس ڪرڻ جي ضرورت ناهي. انگليند ۽ فرانس ٻي مهاپاري جنگ لڳڻ کان

سخت ڊنل هئا ۽ ساڳئي وقت جرمنيءَ جي نئين طاقت کان پڻ مرعوب هئا. تنهنڪري جرمنيءَ طرفان ڪزيڪوسلوواڪيا کي ٻهرين تقسيم ڪري پوءِ انهيءَ تي قبضو ٿيندو خاموشيءَ سان ڏسندا رهيا.

جڏهن اٽليءَ ۾ جرمنيءَ وانگر جاپان ۾ پڻ ڊڪٽيٽرشپ قائم ٿي ته سن 1937ع ۾ هنن ٽنهي ملڪن پاڻ ۾ باهمي دوستيءَ جو معاهدو ڪيو. جاپان کي پڻ پنهنجي معيشيت کي سڌارڻ بحال ڪرڻ ۽ مضبوط بنائڻ لاءِ وڌيڪ زمين ۽ قدرتي وسيلن جي حصول جي گهڻي تانگهه هئي. انهيءَ ضرورت ۽ مقصد جي حصول خاطر جاپان پنهنجي گهڻي بري ۽ بحري فوج تيار ڪئي، جيئن ايشيا جي ڪمزور ۽ قدرتي وسيلن سان ڀرپور قومن ۽ علائقن تي قبضو ڪجي. انهيءَ سلسلي ۾ پهرين قدم طور 1931ع ۾ جاپان اتر چين جو منچوريا وارو ڀاڱو چين کان کسي ورتو.

جرمنيءَ، اٽليءَ ۽ جاپان جو عسڪري اتحاد هاڻ Axis Power محوري قوتون سڏجڻ لڳيون. هنن ملڪن جي پاڻ ۾ ناهه ٿيڻ واري سال 1937ع ۾. جاپان چين جي ڪُجھ ۽ اهم علائقن تي قبضو ڪري ورتو.

مذڪور حالات ۽ واقعات سبب باقي مغربي ملڪ مجموعي طور حيران ۽ پريشان ٿيا ۽ جنگ کان لنوائيندڙ هئا. فرانس ۽ انگلينڊ هٽلر کان سخت خائف ۽ ڊنل هئا. انهيءَ صورتحال تي آمريڪا کي پڻ سخت ڳڻتي هئي. پر في الحال يورپ جي ڪشمڪش ۾ ملوث ٿيڻ کان پاسو ڪري رهيو هو ۽ جرمني ۽ جاپان توڙي اٽليءَ جي ارڏائين کي روڪڻ لاءِ اجا حرڪت ۾ ڪو نه آيو ۽ خاموش تماشائي ٿي وينو هو.

روس جيڪو هاڻي سوويت يونين سڏائڻ لڳو هو سو ته جرمنيءَ کان سيني کان وڌيڪ ڊنل هو. ڇو ته روس پهرين جنگ ۾ سيني ملڪن کان اڳي جرمنيءَ کان شڪست کائي چڪو هو. سوويت يونين ۾





ڪميونسٽ حڪومت هئي. جرمنيءَ وارا نازي حڪمران ڪميونسٽن کان سخت نفرت ڪندا هئا، پر عالمي صورتحال جي پيش نظر روس ۽ جرمني سن 1939ع ۾ هڪ ٻئي تي حملو نہ ڪرڻ جو معاهدو ڪيو. هن معاهدي کان ترت پوءِ جرمني پهرين سيپٽمبر 1939ع تي پولينڊ تي حملو ڪيو رد عمل طور روس بہ پولينڊ ۾ پنهنجون فوجون داخل ڪري ڪجهہ ايراضي جرمن قبضي کان بچائي پر ڪافي علائقي تي جرمني قابض ٿي چڪو هو. انهيءَ قبضي خلاف فرانس ۽ انگلينڊ پولينڊ جي حمايت ۾ جرمنيءَ جي خلاف جنگ جو اعلان ڪيو. اهڙيءَ ريت هيءَ جنگ ٻي عالمي جنگ جي صورت اختيار ڪري وئي. محوري قوتن تہ جنگ لاءِ خوب تياريون ڪيون هيون. 1940ع جي اوائل ۾ جرمن فوجن ڊينمارڪ ۽ ناروي تي قبضو ڪري ورتو هو. تنهن کان ترت پوءِ فرينچن جي حمايت ۾ آيل انگريزي فوجين کي فرانس مان هڪالي ڪڍي جرمن فوجن گهڻي فرينچ ايراضيءَ تي قبضو قائم ڪيو. ٻئي طرف جرمن ۽ اٽليءَ جي فوجن اتر آفريڪا جي ڪافي علائقن تي قبضو ڄمايو. انهيءَ وچ ۾ اٽليءَ البانيا تي حملو ڪري ان کي فتح ڪيو. سن 1941ع ۾ جرمني ۽ اٽليءَ جي فوجن بلقان علائقي وارن ننڍن ملڪن کي پڻ فتح ڪري ورتو.

جڏهن محوري قوتن کي يورپ توڙي آفريڪا ۾ مسلسل فتوحات حاصل ٿينديون رهيون ۽ سندن مخالف ملڪ جن کي اتحادي ملڪ Allied Powers ڪوٺڻ لڳا. لڳاتار شڪستن سان دوچار ٿيندا رهيا. تہ انهيءَ وايومنڊل ۾ هٽلر ڀانيو تہ هاڻي تہ سوويت يونين کي شڪست ڏيڻ ۾ ڪا تڪليف ڪا نہ ٿيندي. تنهنڪري روس سان ٿيل معاهدي کي يڪ طرفو رد ڪندي جرمنيءَ جُونِ سن 1941ع تي سوويت روس تي حملو ڪري

ڏنو. جنهن عرصي دوران جرمنيءَ ۽ اٽلي يورپي ملڪن کي فتح ڪندا رهيا. انهيءَ وقت سندن ساٿاري جاپان وري ايشيا جي ملڪن تي حملا ۽ قبضا ڪرڻ ۾ مشغول هو. جنهن دوران هن چين جي وڏي حصي، ايسٽ انڊيز ۽ سموري انڊو چائنا تي پنهنجو قبضو ڄمائي ورتو هو. تنهن کان پوءِ جاپان، فلپائين ۾ آمريڪي فوجن جي موجودگيءَ تي سندن فتوحات خلاف خطرو محسوس ڪندي، آمريڪين کي هتان نڪري وڃڻ لاءِ مجبور ڪرڻ لاءِ سنجيدگيءَ سان سوچڻ شروع ڪيو. انهيءَ ڏِس ۾ پهرين عملي قدم طور جاپاني بحري فوج پيسفڪ سمنڊ ۾ موجود هوائي ٻيٽ تي قائم آمريڪي بحري بندر "پرل هاربر" تي اوچتو حملوڪري ڪيترن ئي آمريڪي بحري جهازن کي غرق ڪري ڇڏيو ۽ آمريڪي بحريه کي ڪافي نقصان رسايو. جاپان جي انهيءَ حملي جي رد عمل طور آمريڪا ڪاوڙ ۾ اچي اتحادي ملڪن يعني انگلينڊ، فرانس ۽ سوويت روس جي حمايت ۾ محوري قوتن جي خلاف جنگ ۾ شامل ٿي ويو. اتحادين چين کي بہ محوري ملڪن خلاف پاڻ سان شامل ڪري ڇڏيو. انهيءَ وقت آمريڪا دنيا جو سڀ کان وڏو صنعتي ملڪ هو. جتي هزارن جي تعداد ۾ جنگي جهاز ۽ ٽينڪون ٺهڻ لڳيون. انهيءَ سان گڏ بحري جنگي جهاز پڻ تمام گهڻي تعداد ۾ تيار ٿيڻ لڳا. آمريڪا ۾ تيار ٿيندڙ سموري جنگي سازوسامان کي ترت يورپ پهچايو ويو. ساڳئي وقت محوري قوتن لاءِ اها ڳالهه هاڻي وڏيڪ ڏکي ٿيڻ لڳي. تہ اُهي ضرورت مطابق جنگي ڪُمڪ سمورن محاذن تي وقت سر پهچائين. سوويت روس ۾ جرمن فوجون سخت خطرن سان دوچار ٿيون. ڪين سوويت روس جيڪو دنيا ۾ سڀ کان وڏي ايراضيءَ وارو ملڪ هو، فتح ڪرڻ ناممڪن محسوس ٿيو.




سن 1943ع ۾ هن عالمي جنگ جي صورتحال ۾ نمايان تبديلي آئي. آمريڪا جي شامل ٿيڻ سبب اتحادي ملڪن جي حالت عسڪري طور وري بحال ٿي وئي ۽ اهي بچاءُ واري جنگ مان گذري هاڻي محوري قوتن تي سمورن محاذن تي حملا ڪرڻ لڳا. سن 1943ع ۾ روسي فوجن جرمن لشڪر تي وڏي پئماني تي حملا شروع ڪري ڇڏيا. ساڳئي سال اتحادي فوجن اٽليءَ ۽ جرمنيءَ طرفان آفريڪا ۾ ڪيل قبضا خالي

ڪرايا ۽ اٽليءَ جو ملڪ خود سندن يعني اتحادي قوتن جي قبضي هيٺ آيو. سن 1944ع ۾ جرمن قبضو ختم ڪرائڻ لاءِ اتحادي فوجون فرانس ۾ داخل ٿيون. جنهن ڪري جرمن قابض فوج اتحادي فوجن جي گهيري ۾ اچي ويئي ۽ جرمن لشڪر جو وڏو حصو مري کپي ويو. باقي تمام ٿوري تعداد ۾ جرمن لشڪر ڀڄي جان بچائي. سن 1945ع ۾ سوويت روس جي اڳواٽيءَ ۾ اتحادي فوجون جرمنيءَ ۾ Elbe ايلبي نديءَ وٽ اچي پهتيون. تڏهن جرمنيءَ کي پنهنجي شڪست جو احساس ٿيو ۽ جرمنيءَ جي مرد آهن هٽلر خودڪشي ڪئي. انهيءَ صورتحال يورپ ۾ ٻي عظيم جنگ جو انت آندو. جرمنيءَ کي چئن ڀاڱن ۾ ورهايو ويو ۽ هڪ هڪ ڀاڱو انگليند، آمريڪا، فرانس ۽ سوويت روس جي حوالي ڪيو ويو.

ٻي عظيم جنگ يورپ سان گڏ ايشيا ۾ پڻ لڙي پئي ويئي، آمريڪي فوجن سن 1942ع ۾ پيسفڪ سمنڊ ۾ جاپان جي زير تسلط ٻيٽن تي حملا ڪيا. آمريڪا جي هوائي ۽ بحري ٻيڙي کي جاپان تي اڳي ئي برتري حاصل هئي. تنهنڪري جاپان آهستي آهستي هار کائيندو ۽ قبضا خالي ڪندو ويو. آمريڪين پنهنجي اتحادين سان گڏجي جاپانين کي پيسفڪ ۾ سندن سمورين ٻيٽن تان دستبردار ڪري کين پنهنجي ملڪ تائين اچي محدود ڪيو. پر جاپان پنهنجي هوڏ تان اجا ڪونہ هٽيو هو. تنهنڪري آمريڪا جاپان جي شهر هيروشيما تي 6 آگسٽ 1945ع تي ايٽم بم ڪيرايو ۽ ٻيو ايٽمي بم جاپان جي ٻئي صنعتي شهر ناگاساڪيءَ تي ڪيرائي، جاپان جي لکين ماڻهن کي ماري ۽ لکين ماڻهن کي اپاهج بنائي سندس معيشيت توڙي عسڪري قوت کي مڪمل طور فنا ڪري جاپان کي آڻ مڃڻ لاءِ بيوس ۽ مجبور ڪري وڌو. نتيجي طور لڳاتار ڇهن سالن کان جاري هيءَ ٻي عالمي لڙائي 2 سيپٽمبر 1945ع تي اختتام پذير ٿي. هن عظيم جنگ ۾ پهرين عالمي جنگ جي ڀيٽ ۾ تمام گهڻو مالي توڙي جاني نقصان ٿيو هو. مجموعي طور ڏيڍ ڪروڙ فوجي مئا ۽ انهيءَ کان ٻہ وڌيڪ تعداد ۾ هن جنگ ۾ عام شهري اجل جو شڪار ٿيا يورپ توڙي ايشيا ۾ گولاباري سبب تمام گهڻي تباهي ٿي چڪي هئي. جنگ جي شڪار هر ملڪ جا ڪارخانا، ريل جا رستا، توڙي موٽر رستا صفا برباد ٿي ويا. ڪروڙين ماڻهو فاڪا ڪشيءَ ۾ مبتلا ٿي ويا.



جنگ جي خاتمي ڪانپوءِ هٽلر

جي ظلمن جا داستان مشتهر ڪيا ويا. ايشيا ۾ جاپانين جي ظلمن جا داستان پڌرا ڪيا ويا. سندن سفاڪاڻي ڪردار سبب جاپان ۽ جرمني جي مکيه اڳواڻن تي جنگي ظلمن جا ڪيس هلائي, منجهائن گهڻن کي موت جي سزا ڏني وئي ۽ باقي اڳواڻن کي قيد جون ڊگهيون سزائون ڏنيون ويون. هنن ٻن عالمي جنگين سبب يورپي قومن جي عالمي طاقتن واري اڳوڻي حيثيت ختم ٿي وئي. جنهن تحت عالمي واپار تي سندن قبضو هوندو هو ۽ تمام وڏيون ۽ گهڻيون بينڪون سندن تسلط هيٺ هيون. هنن جنگين سبب مجموعي طور يورپي ملڪن جي معيشيت بالڪل تباهه ٿي وئي. ٻئي طرف يورپ جي تسلط هيٺ ايشيائي ۽ آفريڪي بينڪن يعني يورپي قومن جي غلاميءَ ۾ ڦاٿل ايشيائي آفريڪي قومن آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ منظم جدوجهد جو آغاز ڪري ڇڏيو.



ٻي عالمي جنگ جي خاتمي وقت يورپ جون ڪافي بينڪون آزاد ٿي چڪيون هيون. جنهن سبب يورپي ملڪن کي پنهنجي معيشيت جي اوسر لاءِ گهربل سستو ڪچو مال ۽ مزور ملڻ گهٽجي ويو ۽ اهو آخر بند ٿي ويو. جنهن ڪري يورپي ملڪن کي گهربل مال توڙي مزدور تمام گهٽي رقم جي عيوض وٺڻو ٿي پيو. جيڪو في الوقت سندن دسترس کان ٻاهر هو.

مذڪور صورتحال ۾ مُثبت تبديلي ۽ سڌارو آڻڻ لاءِ آمريڪا جي اڳواڻيءَ ۾ اتحادي ملڪن ڪافي اپاءُ ورتا. جنهن تحت آمريڪا متاثر ملڪن کي سندن معيشيت جي بحاليءَ لاءِ تمام وڏا قرض هڪ منصوبي موجب جاري ڪيا. انهيءَ منصوبي کي ”مارشل پلان“ نالو ڏنو ويو ڇو ته انهي منصوبي جي جوڙجڪ ۾ انهيءَ وقت جي آمريڪي سيڪريٽري آف اسٽيٽ يعني وزير خارجه جارج مارشل جو مکيه ڪردار هو. انهيءَ منصوبي تحت جيڪي قرض جاري ڪيا ويا انهن وسيلي ڪجهه سالن اندر اولهه يورپ جي ملڪن ۽ جاپان جي معيشيت بحال ٿي وئي ۽ اهي ملڪ ترقيءَ جي نئين راهن تي گامزن ٿي ويا. هن عالمي لڙائيءَ سبب برطانوي سامراج جي عالمي پڳ لهي پئي ۽ اها آمريڪا جي سر تي سجائي وئي, ڇو ته حرفت صنعت توڙي اثر ۾ اهو سڄي دنيا ۾ زور آهي.

⑥



## هيروشيما ۽ ناگاساڪي تي ايٽمي بمباري
### (6۽ 9 آگسٽ 1945ع)

هيروشيما شهر اوٽا نديءَ جي ڇوڙ واري علائقي ۾ جتي اوٽا ندي ستن ننڍن واهڙن ۾ ورهائجي وڃي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي. انهن واهڙن جي وچ ۾ آباد آهي. اهڙيءَ ريت هي شهر ڇهن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي. هي سمورو شهر تقريباً هڪڙي سنوت واري ۽ سڌو آهي. اهو سمنڊ جي سطح کان تمام ٿوري اوچائي تي واقع آهي. هيروشيما شهر جي اتر اولهہ ۽ اتر اوڀر طرف تي ڪجهہ پهاڙيون موجود آهن. جيڪي 700 کن فوٽ اوچيون ٿينديون. شهر جي اُڀرندي ڀاڱي ۾ هڪڙي ٽڪري اڌ ميل کن ڊگهي ۽ 221 فوٽ بلند آهي. بيماريءَ کان جزوي طور بچيو باقي هيروشيما جو سمورو شهر ايٽم بم جي مڪمل نشاني ۾ آيو. انهيءَ وقت شهر جي 26 چورس ميلن جي ڪُل ايراضيءَ مان فقط 7 چورس ميلن جي علائقي ۾ تعميراتي ڪم مڪمل ٿيل هو. جنهن ۾ تجارت، رهائش توڙي صنعت لاءِ مخصوص ڀاڱا الڳ الڳ نموني تعمير ٿيل ڪو نہ هئا. ڪارخانا توڙي ورڪشاپ رهائشي توڙي تجارتي علائقي جي وچ ۾ ئي قائم ٿيل هئا.

شهر جي ڪُل آدمشماريءَ جو 75 سيڪڙو شهر جي انهيءَ ڳتيل مرڪزي علائقي ۾ آباد هو. انهيءَ وقت شهر کي فوجي اهميت پڻ حاصل هئي. جتي جاپاني فوج جو ٻيو نمبر هيڊ ڪوارٽر موجود هو. سموري ڏکڻ جاپان جي ڊفينس ڪمانڊ انهيءَ هيڊ ڪوارٽر جي هٿ ۾ هئي. شهر ۾ ملڪي سطح جا گودام ۽ مواصلاتي نظام جو مرڪز پڻ قائم هو. جاپاني حڪومت جي هڪڙي رپورٽ ۾ درج هو ته ”ٻي عالمي لڙائي چالو ٿيڻ کان وٺي هيروشيما جي باشندن. شايد هزار کان به وڌيڪ ڀيرا جاپاني فوجين کي Banzai جي نعرن سان بندر تان الوداع ڪيو هوندو.“

شهر جي مرڪز ۾ لوهه پٿر ۽سيمينٽ سان ٺهيل مضبوط عمارتون به موجود هيون, ته انهيءَ سان گڏ ڪاٺ جون اپريون جايون پڻ جڙيل هيون.

شهر جي مرڪز کان ٻاهر رهائشي علائقي جي وچ ۾ ڪيترائي ورڪشاپ قائم هئا. جيڪي ڪاٺ جي جاين ۾ هلي رهيا هئا.

البت وڏا ڪارخانا شهر جي پرپاسي ۾ قائم هئا. ماڻهن جا گهر گهڻو ڪري ڪاٺ جا ٺهيل هئا ۽ سندن ڇتين ۾ سرن جا ڇوڪا لڳل هئا. ڪارخانن واريون گهڻيون جايون پڻ ڪاٺ جي فريم تي ٺهيل هيون. انهيءَ ڪري سموري شهر کي باهه سبب مڪمل تباهه ٿيڻ جو خطرو ازخود لاڳو هو. جاپان ۾ زلزلن جي دائمي خطري سبب هيروشيما ۾ جديد جايون آمريڪي معيار کان ڪافي دفعا وڌيڪ مضبوط ٺهيل هيون. اهو ئي سبب هو جو ايٽم بم جي نشاني ۾ ايندڙ اهڙيون ڪافي عمارتون پڇي پري تباهه ٿيڻ کان بچي ويون. شهر جي آدمشماري ٿي لک اسي هزار هئي, پر خطري جي پيش نظر ڪافي ماڻهن جي لڏي وڃڻ ڪري اها گهٽجي گهٽجي وئي. ايٽمي بمباريءَ وقت شهر ۾ 2 به لک 55 پنجونجاهه هزار ماڻهو موجود هئا.



ناگاساڪي شهر ڪيوشو ٻيٽ جي دنگ تي ڪيوشو اپسمنڊ جي طويل ساحل وٽ موجود آهي. جيڪو هڪ قدرتي عاليشان بَندر آهي. تجارتي ۽ رهائشي علائقو شهر جي انهيءَ ميداني پاڳي تي قائم آهي, جيڪو ساحل سان لڳ آهي. هي شهر پڻ حقيقت ۾ ٻن ننڍين ندين جي وچ ۾ هڪڙي پهاڙيءَ جي دامن ۾ موجود ماڙين ۾ تعمير ٿيل آهي. جنهنڪري اهو بمباريءَ جي تباهيءَ کان هيروشيما شهر جي ڀيٽ ۾ جزوي طور بچي ويو. شهر جي ڪُل

ايراضي 35 چورس ميل ٿيندي، پر انهيءَ جو ڳتيل علائقو چئن چورس ميلن کان بہ گهٽ ايراضيءَ تي مشتمل آهي. ناگا ساڪي شهر ڏکڻ جاپان ۾ سڀ کان وڏو بندر آهي. هتي ملڪ جي اهم صنعت آهي جنهن ۾ هٿيار، بارود ۽ بحري جهاز سازي جا ڪارخانا قائم آهن. اهو صنعتي علائقو ئي بمباريءَ جي نشاني تي رهيو. شهر جي عام گهرن جي اڏاوت گهڻو ڪري ڪاٺ سان ئي ٿيل هئي. ڪيترائي ننڍا ڪارخانا ۽ ورڪشاپ پڻ ڪاٺ جي عمارتن ۾ قائم هئا. هيروشيما وانگر هن شهر ۾ بہ رهائشي، تجارتي ۽ صنعتي علائقا الڳ الڳ هنڌن تي قائم ڪو نہ هئا ۽ ڪارخانا، گهر توڙي دُڪان هڪٻئي سان گڏ ۽ هڪٻئي جي وچ ۾ ٺهيل هئا.

هيروشيما دنيا جو پهريون شهر هو جتي ايٽم بم اڇلائي سفاڪيءَ جو نئون پئمانو قائم ڪيو ويو. هن پيانڪ واقعي جي منصوبي تي اهڙي طرح عمل ڪيو ويو جنهن جو نتيجو مڪمل طور متوقع نڪتو.

شهر تي ايٽم بم 6 آگسٽ 1945ع تي صبح جو 8 لڳي 15 منٽن تي ڪيرايو ويو. بم ڪرڻ کان هڪ ڪلاڪ کن اڳ ۾ جاپاني ريڊار تي آمريڪي هوائي جهاز ڏکڻ جاپان ڏانهن اڏامندي ڏسي خطري جو سنگل ڏنو ويو. جنهن سبب ڪيترن ئي جاپاني شهرن۾ ريڊيو جي نشريات بند ڪئي وئي. انهن ۾ هيروشيما شهر بہ شامل هو.

اٽڪل 8 بجي ڌاري فقط ٻن يا ٽن جهازن کي تمام گهڻي اوچائي تي اڏامندو ڏسي خطرو ٽري وڃڻ جو اعلان ڪيو ويو. پر پوري سوا اٺين بجي صبح جو شهر تي بم ڪيرايو ويو.جنهن جي اکين کي انڌو ڪندڙ تمام تيز روشني آسمان ۾ ئي ڏني وئي ۽ هوا جو گهڻو سوساٽ ۽ تمام وڏو ٺڪاءُ چوڌاري ڪئين ميلن تائين گونجندا رهيا.انهيءَ پيانڪ ٺڪاءَ ڪانپوءِ يڪدم جڳهين جي ڪرڻ ۽ ڀڄڻ جا خطرناڪ آواز شروع ٿي ويا ۽ سمورو شهر ۽ آسپاس وارو علائقو دونهين ۽ دوڙ جي ڪارن ڪڪرن ۾ ويڙهجي ويو.

8 لڳي 16 منٽن تي جاپاني براڊڪاسٽنگ ڪارپوريشن جي ٽوڪيو واري ڪنٽرول آپريٽر محسوس ڪيو تہ هيروشيما شهر جو نشرياتي رابطو ڪٽجي ويو آهي تہ هن ٽيلي فون وسيلي رابطو بحال ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر اهو بہ رابطو ختم هو.

ويهہ منٽ پوءِ ريلوي ٽيليگراف سينٽر محسوس ڪيو تہ هيروشيما جي اتر ۾ ڪجهہ مفاصلي کان اڳتي اهو رابطو پڻ ڪٽيل آهي. شهر کان ڏهن ميلن جي پنڌ تي موجود ريلوي اسٽيشنن کان هيروشيما تي بمباري بابت غير چٽا اطلاع مليا. جيڪي فوجي هيڊڪوارٽر کي اماڻيا ويا. انهن پڻ رابطي لاءِ ڪافي ڪوشش ڪئي، پر مڪمل ماٺ سبب ڪين پريشاني ٿي. تنهنڪري هڪڙي فوجي آفيسر کي هوائي جهاز وسيلي ترت موڪليو ويو تہ هو صورتحال جو حقيقي جائزو وٺي موٽي رپورٽ ڏي، اهو عملدار هيروشيما کان هڪ سئو ميل کن اڃا اوريان هو جتي سندس پائلٽ کيس ٻڌايو تہ سڄو شهر باهہ جي شعلن جي لپيٽ ۾ ۽ دونهن جي اونداهن ڪڪرن جي گهيري ۾ آهي. سندن جهاز پهچي غير يقينيءَ جي صورتحال ۾ شهر جي چوڌاري چڪر ڏيڻ لڳو. نيٺ جهاز شهر جي ڏکڻ ۾ زمين تي لاٿائون. آفيسر لهڻ شرط صورتحال جو هيڊ ڪوارٽر کي اطلاع ڏنو ۽ امدادي اُپائن ۾ جنبي ويو.

ٽوڪيو ۾ جپاني حڪومت کي هيروشيما تي ايٽم بم ڪيرائڻ واري حقيقي خبر سڀ کان پهرين آمريڪا طرفان ٿيل ريڊيو رپورٽ وسيلي ملي. جنهن جو اعلان بم ڪيرائڻ کان سورهن ڪلاڪ پوءِ ڪيو ويو.



ناگاساڪي شهر تي پڻ ڀهرين آگسٽ 1945ع تي آمريڪا بمباري ڪئي هئي، جنهن سبب شپ يارڊ ۽ بندر جو ڪجهه نقصان ٿيو هو. متسوشي اسٽيل اينڊ آرمس ڪارخانو ميڊيڪل اسڪول ۽ اسپتال تي پڻ بم ڪريا هئا. جنهن سبب ماڻهن ۾ خوف ۽ حراس پکڙجي ويو. اسڪولي ٻارن ۽ ٻين ڪجهه ماڻهن کي ٻين محفوظ هنڌن ۽ علائقن ڏانهن موڪليو ويو. 9 آگسٽ 1945ع جي صبح جو اٽڪل 7 لڳي 50 منٽن تي ناگاساڪي شهر ۾ هوائي حملي جو خطرو محسوس ٿيو پر خطري جو سائرن ڪو نہ وڄايو ويو. 10 لڳي 53 منٽن تي ٻہ B_29 آمريڪي بمبار جهاز ڏٺا ويا. پوري 11 بجي ٽن پيراشوٽس سميت ڪجهه اوزار هيٺ ڪيرايا ويا ۽ 11 لڳي 2 منٽ تي هڪڙي جهاز شهر تي ايٽم بم ڪيرايو جيڪو شهر جي صنعتي علائقي مٿان هو اهو ڦاٽو ۽ هٿيارن ۽ بارود وارن ڪارخانن جي پوري وچ تي اچي ڪريو.

هيروشيما ۽ ناگاساڪي شهرن تي ايٽم بمن ڪرڻ سبب پيدا ٿيل صورتحال جو وچور هيٺ ڏجي ٿو.



1. ڪنهن خطرناڪ ريڊيائي ايٽمي عمل کي جلد محسوس ڪو نہ ڪيو ويو.

2. ماڻهن تي ايٽم بم سبب ٽن قسمن جا اثرات مرتب ٿيا.

(الف) ڪين ايٽمي مادن جي تمام گهڻي گرمي جي پيدا ٿيڻ سبب جسم تي باهہ لڳي ۽ سڙي رَکَ ٿي ويا.

(ب) ٻرندڙ زمين جي گرميءَ سبب سندن جسم سڙي ڀسم ٿي ويا.

(ٻ) اوزارن جي ٽٽي ۽ ڀڄي لڳڻ سبب ڪين زخم رسيا، تنهن سبب موت جي منهن ۾ هليا ويا.

(پ) گاما ايٽمي مادن مان نڪرندڙ گرميءَ سبب ماڻهن جا جسم سڙيا ۽ انهيءَ سبب لکين ماڻهو مري ويا.

عمارتن ۽ ڪارخانن تي مرتب اثرات هيٺين ريت هئا.

1. بم ڦاٽڻ سان پيدا ٿيل داٻ سبب عمارتون ڊٺيون ۽ ڀڳيون جنهن سبب هي شهر کنڊرات جو ڍير ٿي ويو.

2. باهہ لڳڻ سبب پڻ ڪيترين ئي جڳهين ڊٺيون ۽ جهريون جنهن سبب هزارين جانيون ضايع ٿيون.

هنن شهرن تي ڪيرايل بمن جي طاقت ويهہ هزار ٽن بارود جي برابر هئي. جنهن جي اثرات هيروشيما ۽ ناگاساڪيءَ کي مڪمل طور تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيو.

⑥



# اقوام متحده جو قيام

ٻي عالمي لڙائي دوران اتحادي ملڪ سندن دوست ملڪن جي ساٿ ڪي سڏيندا ئي ”اقوام متحده“ هئا، جنگ کان پوءِ قائم ٿيندڙ عالمي تنظيم کي اهو ئي نالو ڏنو ويو. پهرئين جنوري 1942ع ۾ 26 اتحادي ملڪن ٻي عالمي لڙائي جي اسباب ۽ مقاصد بابت هڪ پڌرنامو جاري ڪيو. انهيءَ پڌرنامي جو عنوان هو ”اقوام متحده جو پڌرنامو“ انهيءَ وقت کان وٺي ”اقوام متحده“ وارو لفظ پکڙجي مشهور ٿيڻ لڳو.

واشنگٽن شهر جي هڪ علائقي ڊمبارٽن آڪس ۾ 21 آگسٽ 1944ع کان 27 آگسٽ 1944ع تائين دنيا جي چئن وڏن اتحادي ملڪن آمريڪا، برطانيہ، روس ۽ فرانس طرفان منعقد ڪانفرنس ۾ هن مستقل عالمي تنظيم جي جوڙجڪ لاءِ مکيہ ۽ اهم ڪم ڪيو ويو هو. پر انهيءَ بابت هڪ مڪمل ۽ متفق منصوبو جُڙي ڪو نہ سگهيو، ڇو تہ آمريڪا ۽ برطانيہ جو ٻن مکيہ معاملن تي اختلاف ٿي پيو. هڪڙو مجوزه سلامتي ڪائونسل ۾ ووٽ ڏيڻ ۽ فيصلو ڪن ووٽ يعني ويٽو پاور جي اختيار وارو مسئلو، ٻيو اقوام متحده جي ميمبر ٿيڻ واري اصول جو اختلافي مسئلو. روس سوويت يونين جي سمورين رياستن جي اقوام متحده جي جنرل اسيمبليءَ ۾ جداگانہ ۽ آزادانہ ميمبرسپ جي گهر ڪئي هئي، اها برطانيہ ۽ آمريڪا قبول ڪانہ ڪئي، بعد ۾

يالٽا ڪانفرنس دوران آمرڪي صدر روزويلٽ، برطانوي وزيراعظم چرچل ۽ روسي صدر اسٽالن مٿين اختلافن کي ختم ڪيو ۽ اقوامتحده نالي تنظيم ۾ اڳوڻي عالمي تنظيم ۾ موجود ٽرسٽي شپ وارو نظام رائج ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. اهڙيءَ طرح يالٽا ڪانفرنس ۾ ڊمبارٽن ڪانفرنس واري خاڪي ۾ ترميمون آڻي، اقوام متحده جي جوڙجڪ لاءِ وڏيڪ ڳالهيون ڪرڻ لاءِ هڪڙو مناسب بنيادي خاڪو اتفاق راءِ سان جوڙيو ويو. انهيءَ موجب 25 اپريل 1945 تي اتحادي ملڪن "سينفرانسسڪو" شهر ۾ ڪانفرنس منعقد ڪئي. جنهن ۾ اقوام متحده جو چارٽر مرتب ڪيو ويو. انهيءَ چارٽر تي انهن 46 ملڪن 26 جون 1945ع تي صحيح ڪئي جن جي نمائندن "سينفرانسسڪو" ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي هئي. ڪانفرنس هلندي چئن ٻين قومن، يوڪرين، بائلوروس، ارجنٽائن ۽ ڊينمارڪ کي پڻ انهيءَ ۾ شامل ڪيو ويو. تنهن ڪانسواءِ هن ڪانفرنس ۾ شامل نہ رهندڙ ملڪ پولينڊ کي پڻ اقوام متحده جو ميمبر بنايو ويو. اهڙيءَ ريت اقوام متحده جي ميمبر ملڪن جو تعداد 51 ٿيو. 24 آڪٽوبر 1945ع تي اقوام متحده وارو چارٽر اصولي طور لاڳو ڪيو ويو. انهيءَ وقت چئن عالمي طاقتن يعني، آمريڪا، برطانيہ، روس ۽ فرانس سان گڏ باقي ميمبر ملڪن جي اڪثريت انهن تي چارٽر موجب عائد ضروري اسناد پيش ڪري ڇڏيون هيون. سينفرانسسڪو ڪانفرنس گذريل ٻن هزار سالن جي ڊگهي عرصي ۾ عالمي پئماني تي سڏايل پهرين ڪانفرنس هئي، جنهن تي ڪنهن بہ يورپي قوم جو غلبو ڪو نہ هو.

سينفرانسسڪو ڪانفرنس نہ فقط جاگرافيائي طور تي يورپ کان تمام پراهين پڌ تي منعقد ڪئي وئي هئي، پر انهيءَ ۾ سوويت روس جي اولهہ وارن فقط نون (9) يورپي ملڪن شرڪت ڪئي هئي. انهيءَ ڪانفرنس ۾ آمريڪا جي 21 مُلڪن، 7 ويجهن مشرقي ملڪن، 6 دولت مشترڪ جي ملڪن، 3 سوويت رياستن 2 ڏور اوڀر جي ملڪن ۽ 2 آفريڪي ملڪن سموريءَ دنيا جي نمائندگي ڪئي. اتحادي ملڪن جي مخالف (9) نوَن ملڪن، جرمني، اٽلي، جاپان، هنگري، آسٽريا، رومانيا، بلغاريہ، فنلينڊ ۽ ٿائيلينڊ، 8 غير جانبدار ملڪن: سئيزرلينڊ، اسپين، پرتگال، سويڊن، آئرلينڊ، افغانستان، آئيس لينڊ ۽ يمن ۽ پڻ پولينڊ جي هن ڪانفرنس ۾ نمائندگي ڪانہ هئي.

هن ڪانفرنس جي روزاني ڪارگذاري ۽ تقريرون پنجن ٻولين ۾ ترجمو ڪرڻ لاءِ گهربل تعداد ۾ سمجهائيندڙ ۽ مترجم ڪم سان لڳايا ويا، جيڪي پنجن ٻولين انگريزي، فرينچ، اسپينش، روسي ۽ چينيءَ ۾ مذڪور مواد تيار ڪري حاضرين مجلس نمائندن ۽ مُبصرن ۾ ورهائيندا هئا. ڪانفرنس جي تياريءَ وارن اجلاسن جي صدارت واري واري سان چئني وڏين طاقتن کي ڏني ويندي هئي. مذڪور چئن وڏن جي غير رسمي ڳالهين جو انهن اجلاسن تي گهرو اثر ٿيندو هو.

اڳي سياسي ڪانفرنسن ۾ رڪن جي بحالي ۽ فيصلن لاءِ جيڪو اتفاق راءِ وارو اصول اختيار ڪيو ويندو هو، انهيءَ کي ترڪ ڪري هن ڪانفرنس جي اجلاسن ۾ فيصلن لاءِ بہ ٽياڱي تي جي اڪثريت وارو اصول اختيار ڪيو ويو. هن ڪانفرنس ۾ مغربي طاقتن ۽ سوويت يونين جي وچ ۾ ڪيترائي سياسي مسئلا ڪڙا ٿيا، جهڙوڪ: يوڪرين، بيلوروس، ارجنٽائين جي اقوام متحده ۾ داخلا ۽ پولينڊ جي حڪومت کي تسليم ڪرڻ ۽ سلامتي ڪائونسل ۾ ويٽو پاور استعمال ڪرڻ جو خصوصي حق، مٿي بيان ڪيل مسئلا مصلحت جي

بنياد تي حل ڪيا ويا. انساني حقق جي حفاظت ۽ اقتصادي ۽ سماجي بهبود واري عالمي اصولن جو مخالف مختلف علاقائي گروهي ۽ قومي حقوق متعلق مقامي اصولن تي مبني مسئلا ۽ نوآبادياتي ۽ علائقائي بچاءُ وارن اُپائن ۽ ملڪن ۽ رياستن جي برابريءَ جي مخالف وڏين طاقتن جي غلبي وارن مسئلن. مختلف ضمني گروپن ۾ اظهار ڪيو. جنهن سبب ننڍين رياستن ۽ مشرقي توڙي لاطيني آمريڪا جي رياستن سان انصاف وارو ورتاءُ ڪرڻ لاءِ ڊمبارٽن آڪس ڪانفرنس جي خاڪي ۾ يالٽا ڪانفرنس دوران گهربل تبديليون ڪيون ويون ۽ انهيءَ خاڪي هيٺين صورت ورتي.

1. اقوام متحده جا اغراض و مقاصد ۽ ميمبرشپ لاءِ اصول.
2. اقوام متحده جي بناوتي جوڙجڪ جا مکيه ادارا.
(الف) جنرل اسيمبلي.
(ب) سلامتي ڪائونسل.
(پ) اقتصادي ۽ سماجي بهبودي ڪائونسل.
(ڀ) ترسٽي شپ ڪائونسل.
(ت) عالمي عدالت براءِ انصاف.
(ٿ) سيڪريٽريٽ.
3. عالمي امن ۽ سلامتيءَ جي نگهداشت:
(الف)قومن جي وچ ۾ مسئلن جو حل.
(ب) عسڪري هٿيارن تي ضابطو.
(پ) چارٽر ۾ گهربل ترميم.
4. عالمي قانون جي ترقي.
5. اقتصادي ۽ سماجي تعاون.
(الف) اقتصادي تعمير نو.
(ب) هنري ۽ ٽيڪنيڪي امداد.
(پ) اقتصادي مالياتي ترقي.
(ڀ) تجارت ۽ ترقي.
(ت) پناهگير.
(ٿ) منشيات تي ضابطو.
(ٿ) خاص ڪم اُڪلائيندڙ ايجنسيون.
6. محڪوم علائقا.
(الف) اهي علائقا جتي مقامي باشندن جي حڪومت ڪونهي.
(ب) ترسٽي شپ سسٽم.



7. انتظاميہ.
(الف) ماليات.
(ب) ملازم.
(ٻ) مراعات ۽ تقويات.
(پ) دفاتر، هيڊڪوارٽرس.

## مقاصد ۽ ميمبرشپ

اقوام متحده جي چارٽر جي پهرئين آرٽيڪل ۾ تنظيم جي مقصدن ۾ عالمي امن ۽ سلامتي برقرار رکڻ سڀ کان وڏيڪ اهم نقطو آهي. تنهن کانپوءِ قومن جي وچ ۾ برابريءَ جي بنياد تي دوستي پيدا ڪرڻ، جنهن ۾ قومن جي خود اختياريءَ وارو حق به شامل آهي. عالمي پئماني تي اقتصادي، سماجي، ثقافتي يا انساني مسئلن جي حل لاءِ عالمي تعاون مهيا ڪرڻ واسطي مرڪزي رضاڪار جو ڪردار ادا ڪرڻ آهي.

آرٽيڪل نمبر ٻه موجب اقوام متحده جي ميمبر ملڪن کي پنهنجي خود مختياريءَ جا هڪجهڙا حق حاصل آهن. ڪنهن به قوم کي ٻي قوم سان جنگ ڪرڻ نه گهرجي، ان کي دباءُ نه گهرجي ۽ پنهنجا مسئلا اصولي ڳالهين مهاڙين سان حل ڪرڻ گهرجن. هر ميمبر رياست تي اهو فرض عائد ٿئي ٿو ته اها اقوام متحده جي چارٽر موجب سمورن ڪمن ۾ ان جي مناسب مدد ڪري، عالمي امن ۽ سلامتيءَ خاطر غير ميمبرملڪن کي پڻ اقوام متحده جي ورتل اپائن جي پئيرائي ڪرڻ گهرجي. آرٽيڪل نمبر 7 موجب ڪنهن مخصوص قانون جي نفاذ کانسواءِ اقوام متحده ڪنهن به ملڪ جي اندروني معاملن ۾ مداخلت ڪانه ڪندي.

### اقوام متحده جا شروعاتي ميمبر ملڪ هيٺيان هئا.

1. ارجنٽائين، 2. آسٽريليا، 3. بيلجم، 4. بيلوروس، 5. بوليويا، 6. برازيل، 7. ڪئناڊا، 8. چلي، 9. چين، 10. ڪولمبيا، 11. ڪوسٽاريڪا، 12. ڪيوبا، 13. ڪزيڪو سلوويڪيا، 14. ڊينمارڪ، 15. ڊومنيڪن ريپبلڪ، 16. ايڪوار ڊور، 17. مصر، 18. ايل سلواڊور، 19. ايٿوپيا، 20. فرانس، 21. يونان، 22. گوئٽيمالا، 23. هائٽي، 24. هونڊارس، 25. هندستان، 26. ايران، 27. عراق، 28. لبنان، 29. لائبريا، 30. لگزمبرگ، 31. ميڪسيڪو، 32. نيدرلينڊس، 33. نيوزيلينڊ، 34. نڪاراگئا، 35. ناروي، 36. پاناما، 37. پيراگوئي، 38. پيرو، 39. فلپائين، 40. پولينڊ، 41. سعودي عرب، 42. ڏکڻ آفريڪا، 43. شام، 44. ترڪي، 45. يوڪرين، 46. سوويت يونين، 47. برطانيہ، 48. آمريڪا، 49. يوروگوئي، 50. وينيزولا، 51. يوگوسلاويا.

ميمبريءَ لاءِ اميدوارن کي سلامتي ڪائونسل جي حمايت ۽ جنرل اسيمبليءَ جي ٻه ڀاڱي ٽي اڪثريت سان بحال ٿيل رٿ کانپوءِ ميمبر بنايو ويجي ٿو. ميمبري فقط انهن ملڪن کي ڏني ويندي جيڪي امن پسند ۽ اقوام متحده جي چارٽر کي مڪمل طور مڃيندڙ هوندا ۽ ان تي عمل پيرا رهندا.

انهيءَ وقت سلامتي ڪائونسل جي توسيع ۽ اجازت کانسواءِ ميمبري ملڻ ناممڪن هو. انهيءَ ڪري سن 1950ع تائين ميمبريءَ جي اميدوار 31 ملڪن مان فقط 9 ملڪ ميمبر بنايا ويا.

افغانستان، آئيسليند، سويڊن ۽ ٿائليند سن 1946ع ۾ پاڪستان ۽ يمن سن 1947ع ۾، برما سن 1948ع ۾، اسرائيل سن 1949ع ۾ ۽ انڊونيشيا سن 1950ع ۾ ميمبري حاصل ڪئي. مٿين پيچيدگي دور ڪرڻ لاءِ سن 1955ع ۾ جنرل اسيمبليءَ جي ڏهين اجلاس ۾ ڪئناڊا جي سرڪردگيءَ ۾ 29 ميمبرن ”پيڪيج ڊيل“ نالي بل پيش ڪيو. انهيءَ بل کي واضح اڪثريت جي حمايت حاصل هئي، پر آمريڪا جي اصرار تي جاپان ۽ منگوليا کي ڇڏي باقي 16 اميدوار ملڪن کي اقوام متحده جو ميمبر بنايو ويو. سندن نالا هيٺ ڏجن ٿا.

1. البانيا، 2. آسٽريا، 3. بلغاريہ، 4. ڪمبوڊيا، 5. سيلون (سريلنڪا)، 6. فنليند، 7. هنگري، 8. آئرليند، 9. اٽلي، 10. اردن، 11. لائوس، 12. لبيا، 13. نيپال، 14. پُرتگال، 15. رومانيا ۽ 16. اسپين.

سن 1956ع ۽ 57ع ۾ پنهنجي يارهين اجلاس ۾، جنرل اسيمبليءَ پنجن ملڪن: 1. گهانا، 2. جاپان، 3. موراڪو، 4. سوڊان ۽ 5. تيونس کي ميمبر بنائڻ لاءِ بل پاس ڪيو. سن 1957ع ۾ ملايا کي، جيڪو پوءِ ملائيشيا سڏجڻ لڳو.) ميمبر بنايو ويو. سن 1958ع ۾ مصر ۽ شام جي نمائندن گڏجي يونائيٽيڊ عرب ريپبلڪ UAR جي نالي ۾ اقوام متحده جي ميمبري حاصل ڪئي. ڊسمبر 1958ع ۾ آفريڪي مُلڪ گني بہ اقوام متحده جو ميمبر ٿي ويو. سيپٽمبر 1960ع ۾ هيٺيان بيا بہ سورهن ملڪ ميمبر ٿيا.

1. ڪيمرون، 2. جمهوريہ وچ آفريڪا، 3. چاڊ، 4. قبرص، 5. ڊاهومي، 6. گيبن، 7. آئوري ڪوسٽ، 8. جمهوريہ ملاگاسي، 9. مالي، 10. نائجر، 11. جمهوريہ ڪانگو 12. ڪانگو 13. سينيگال، 14. صوماليہ، 15. ٽوگو ۽ 16. اپروولٽا. آڪٽوبر 1960ع ۾ نائيجيريا ۽ سيپٽمبر 1961ع ۾ سيراليون ميمبر بنيا. آڪٽوبر 1961ع ۾شام، مصر کان جدا ٿي پنهنجي الڳ ميمبري حاصل ڪئي ۽ منگوليا ۽ ماريطانيا پڻ ميمبر بنجي ويا. ساڳئي سال ڊسمبر ۾ تينگنيڪا Tanganyika بہ اقوام متحده جو ميمبر بڻيو. سن 1962ع جي



سيپٽمبر ۾ 1. روانڊا، 2. بروندي ۽ 3. جمائڪا ۽ ڊسمبر ۾ الجزائر ۽ يوگنڊا ميمبر ٿيا.

سن 1962ع جي مئي مهيني ۾ ڪويت ۽ ڊسمبر ۾ ڪينيا ۽ زنجي بار جي ميمبر ٿيڻ سان اقوام متحده جي ميمبر ملڪن جو تعداد 113 ٿي ويو. اپريل 1964ع ۾ ٻن ميمبر ملڪن رنجي بار ۽ تينگنيڪا هڪ ناهہ تحت گڏجي هڪ ملڪ تنزانيہ جي حيثيت سان ميمبري حاصل ڪئي. تنهنڪري اقوام متحده جي ميمبرن جو انگ گهٽجي 112 ٿيو پر ڊسمبر ۾ ٽن بين ملڪن 1. ملاوي، 2. زيمبيا ۽ 3. مالٽا جي ميمبر بنجڻ سان اهو وڌي 115 کي پهتو.

21 جنوري 1965ع تي انڊونيشيا اقوام متحده مان نڪري وڃڻ بابت هڪ خط موڪليو هو پر 19 سيپٽمبر 1965ع تي وري ٻيو خط موڪليو. جنهن ۾ اقوام متحده ۾شامل رهڻ ۽ تعاون ڪرڻ جو واعدو ڪيو. اهڙي ريت ان جي ميمبري برقرار رهي. سيپٽمبر 1965ع ۾ سينگاپور، مالديپ ۽ گيمبيا ميمبر ٿيا، سن 1966ع ۾ گُيانا، بوٽسوانا، ليسوٿو ۽ باربادوز ميمبر ٿيا. سن 1967ع ۾ ڏکڻ يمن، 1968ع ۾ ماريس سوازي لينڊ ۽ استوائي گني، 1970ع ۾ فجي ۽ سن 1971ع ۾ بحرين، ڀوٽان، عمان، قطر ۽ متحده عرب امارات جي ميمبر سازي ٿيڻ سان اقوام متحده جي ميمبر ملڪن جو تعداد 132 تي ويو. تنهن کان سواءِ اجا تائين 50 کن ننڍيون رياستون ميمبريءَ لاءِ درخواستون ڏئي چڪيون هيون، انهيءَ صورتحال، جنهن تحت جنرل اسيمبليءَ ۾ ننڍين توڙي ڪمزور ملڪن، توڙي غريب ملڪن جو تعداد زياده هئڻ ڪري اسيمبليءَ ۾ ووٽ ڏيڻ ۾ سياسي طور انهن جي حمايت زياده هئڻ سبب فيصلن جو وڏين طاقتن تي منفي اثر مرتب ٿيڻ سبب اقوام متحده ۾ سندن دلچسپي گهٽجڻ ۽ انهيءَ کان الڳ تي پنهنجي جدا طاقتور ملڪن جي سياسي تنظيم قائم ڪرڻ جو خدشو پيدا ٿي ويو. مذڪوره صورتحال جي پيش نظر اقوام متحده جي سيڪريٽري جنرل يوٿانٽ U Thant 1967ع واري ساليانِي رپورٽ ۾ اهو مسئلو حل ڪرڻ لاءِ ڪجهه تجويزون رکيون، ڪن ملڪن کي اُهي ڏکيون لڳيون، جو تہ تجويزن ۾ ڄاڻايل هو تہ جيڪي ملڪ اقوام متحده طرفان سونپيل ڪم پورا ڪري نہ سگهندا، انهن جي ميمبري لياقت جي بنيادن تي ختم ڪرڻ گهرجي ۽ ڪين ثانوي حيثيت واري ميمبري يا مبصري ڏجي. جنهن تحت ووٽ جو حق رد ڪيو وڃي. چين جي ميمبريءَ وارو سوال پڻ 1950ع کان وٺي تعطل جو شڪار رهندو آيو. جڏهن ان جي ميمبريءَ لاءِ هندستان رٿ پيش ڪئي ۽ چيو تہ ڪميونسٽ چيني رياست اقوام متحده جي ميمبر ٿيڻ لاءِ گهربل سمورين صلاحيتن جي حامل آهي. انهيءَ رٿ جي مخالفت ۾ 33 ۽ حمايت ۾ فقط 16 ووٽ مليا. اهڙيءَ ريت اها رٿ رد ٿي وئي. آمريڪا جي مخالفت سبب چين جي ڪميونسٽ رياست کي 1971ع تائين ميمبرشپ ڪانہ ملي. انهيءَ سال جي شروع ۾آمريڪا انهيءَ شرط تي راضي ٿيو تہ چين سان گڏ تائيوان جيڪو چيني رياست جو باغي حصو ۽ آمريڪا جو حمايت يافتہ ملڪ بہ جنرل اسيمبليءَ جو ميمبر رهندو. چين اهو شرط ٺڪرائي ڇڏيو. نيٺ 25 آڪٽوبر 1971ع تي جنرل اسيمبليءَ چين کي اقوام متحده ۽ ان جي سلامتي ڪائونسل جو مستقل ميمبر جنهن کي ويٽو پاور حاصل هوندو بنائڻ لاءِ ووٽنگ ڪرائي، جنهن تحت 76 ووٽ حمايت ۾ ۽ 35 ووٽ مخالفت ۾ پيا، ٽي ميمبر غير حاضر هئا. 17 ميمبرن ووٽن ۾ حصو ڪو نہ ورتو. نتيجتاً بل پاس ٿي ويو. جنهن تحت چين اقوام متحده ۽ سلامتي ڪائونسل جو مستقل ميمبر ٿي ويو. تائيوان جي سلامتي ڪائونسل واري مستقل ميمبري ختم ڪئي وئي.

**اقوام متحده جا 6 هيٺيان مکيہ ادار آهن:**

1. جنرل اسيمبلي، 2. سلامتي ڪائونسل، 3. اقتصادي ۽ سماجي ڪائونسل، 4. ٽرسٽي شپ ڪائونسل، 5. عالمي عدالت براءِ انصاف، 6. سڪريٽريئيٽ.

جنرل اسيمبلي اقوام متحده جو واحد ادارو آهي، جنهن ۾ سمورن ميمبر ملڪن جي برابريءَ جي بنياد تي نمائندگي ٿئي ٿي. هر ميمبر ملڪ جنرل اسيمبليءَ ۾ وڌ ۾ وڌ پنج نمائندا موڪلي سگهي ٿو. پر فقط هڪ ووٽ ڏيڻ جو حقدار آهي. هتي سمورا فيصلا اڪثريت راءِ موجب يا ٻه ٽيون اڪثريتي ووٽن مطابق ڪيا وڃن ٿا. مختلف عملن جي طريقئه ڪار جو تعين اڪثريتي ووٽ ذريعي ڪيو ويندو آهي.

پنهنجي بحث مباحثي، ماليات، نگراني ۽ چونڊن وارن مختلف مرحلن دوران جنرل اسيمبلي اقوام متحده ۾ مرڪزي اهميت جو حامل ادارو آهي. اقوام متحده جي چارٽر جي آرٽيڪل نمبر 10 ۽ 14 موجب



جنرل اسيمبلي سمورن مسئلن تي غور ۽ ويچار، بحث مباحثو ڪرڻ ۽ فيصلا ڪرڻ وارو ادارو آهي. معاشي ۽ سماجي عملن ۾ محڪوم علائقن جي مسئلن سان وابسته اقوام متحده جي سمورن ادارن جي نگراني جو اختيار حاصل ڪرڻ لاءِ واسطيدار ملڪ درخواست جنرل اسيمبليءَ ۾ پيش ڪندا آهن. جيڪا مسئلن يا ڪمن بابت واسطيدار ادارن ڏانهن سفارشون موڪليندي آهي. اڪنامڪ اينڊ سوشل ڪائونسل ۽ ٽرسٽي شپ ڪائونسل پنهنجي سموري ڪارگذاري جنرل اسيمبليءَ جي اختيار هيٺ ڪندي آهي. اقوامتحده جا مالياتي اختيار ٻه جنرل اسيمبليءَ کي حاصل آهن. جن تي اها چارٽر موجب عمل ڪندي آهي.

اڪنامڪ اينڊ سوشل ڪائونسل جا سمورا ميمبر ۽ سلامتي ڪائونسل ۽ ٽرسٽي شپ ڪائونسل جا عارضي ميمبر جنرل اسيمبلي چونڊيندي آهي. عالمي عدالت براءِ انصاف جي ججن ۽ اقوام متحده جي سيڪريٽريءَ جي مقرري، بشمول سلامتي ڪائونسل جنرل اسيمبلي ڪندي آهي.

اقوام متحده جي چارٽر تي نظرثاني ڪرڻ، ان ۾ ترميم ۽ تبديل آڻڻ ۽ انهيءَ مقصد لاءِ گهربل ڪانفرنس منعقد ڪرڻ لاءِ جنرل اسيمبلي سلامتي ڪائونسل جي اختيارن ۾ پائيوار رهندي آهي.

اقوام متحده جي پهرين ڏهن سالن دوران جنرل اسيمبلي جي سياسي سگهه ۽ فيصلي ڪن ڪردار جي اهميت ۾ اضافو ٿيو ۽ مستقل ميمبرن جي عدم تعاون سبب سلامتي ڪائونسل غير فعال رهي.

چارٽر جي آرٽيڪل 10، 11 ۽ 14 ۾ ڪم آيل فصيح زبان جنرل اسيمبليءَ جو ڪردار شروع ۾ تجويز ڪيل تخميني کان تجاوز ڪري ويو ۽ ميمبرن جي واضح اڪثريت عمل جي انهيءَ تجاوز تي جنرل اسيمبليءَ جي همت افزائي ٻه ڪئي.

تنظيم ۽ طريقيڪار جي ڏس ۾ اسيمبليءَ کي وڌيڪ مضبوط ۽ فعال بنائڻ لاءِ گهربل وسيلن ۽ اپائن تي جوڳو غور و فڪر ۽ بندوبست ٿيڻ لڳو.

جنرل اسيمبلي حسب معمول سال ۾ هڪ دفعو اجلاس سڏائيندي آهي. پر ڪنهن هنگامي مسئلي واسطي ڪڏهن خاص اجلاس به منعقد ٿيندو آهي.

مختلف ڪمن اڪلائڻ لاءِ جنرل اسيمبليءَ طرفان ڪيترين ئي ڪاميٽيون جڙيل آهن. جهڙوڪ: مين ڪاميٽيون، پروسيجرل ڪاميٽيون، اسٽينڊنگ ڪاميٽيون، سبسيڊري باڊيون ۽ ايڊهاڪ باڊيون وغيره.

چارٽر موجب اقوام متحده جي سلامتي ڪائونسل کي عالمي امن ۽ سلامتي جي ڳري ذميواري سونپيل آهي. شروعات ۾ سلامتي ڪائونسل 11 يارهن ميمبرن تي مشتمل هئي. جن ۾ پنج مستقل ميمبر آمريڪا، برطانيه، فرانس، روس ۽ آمريڪا نواز قومپرست چين يعني تائيوان ۽ ڇهه عارضي ميمبر ٻن سالن جي عرصي لاءِ جنرل اسيمبليءَ چونڊيا هئا. چارٽر ۾ ترميم تحت سن 1965ع ۾ سلامتي ڪائونسل جي ميمبرن جو تعداد وڌائي 15 مقرر ڪيو ويو جن ۾ پنج مستقل ميمبر ساڳيا رهيا، باقي ڏهن عارضي ميمبرن کي هيٺين ريت چونڊيو ويو.

پنج آفريڪا ۽ ايشيا جي ملڪن مان، هڪڙو ميمبر اوڀر يورپ جي ملڪن مان، ٻه ميمبر اولهه يورپ ۽ ٻين ملڪن مان ۽ ٻه ميمبر ڏکڻ آمريڪا جي ملڪن مان.

سلامتي ڪائونسل جي هر ميمبر کي واري واري سان هڪ مهيني لاءِ ڪائونسل جو صدر مقرر ڪيو ويندو آهي. سلامتي ڪائونسل جي عارضي ميمبرن جي چونڊ ۾ نه فقط جاگرافيائي حصي رسيءَ جو خيال رکيو ويجي ٿو پر عالمي امن ۽ سلامتيءَ جي سلسلي ۾ اقوام متحده طرفان سونپيل ڪم بابت اميدوار ملڪن جي ڪارڪردگيءَ کي به ڌيان ۾ رکيو ويجي ٿو.

اقوام متحده جي ميمبرن جي تعداد وڌڻ سبب علائقائي ورهاست موجب ڪائونسل ۾ سمورن ملڪن کي نمائندگي ڏيڻ مشڪل ٿي پيو.

چارٽر جي باب ستين موجب عالمي امن ۽ سلامتي بحال ۽ برقرار رکڻ لاءِ اقوام متحده جا سمورا ميمبر ملڪ سلامتي ڪائونسل جي فيصلن کي قبول ڪرڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ لاءِ ٻڌل آهن. اُها عالمي امن ۽ سلامتيءَ کي ڇيهو رسائيندڙ هر قسم جي تڪرار جي جانچ ۽ تپاس ڪري سگهي ٿي ۽ ان جي پر امن نبيري لاءِ سفارش ڪري سگهي ٿي. عالمي امن لاءِ خطرو پيدا ڪندڙ اقوام متحده جي فيصلن جي ڀڃڪڙي ڪندڙ ۽ حملو آور ٿيندڙ اقوام متحده جي ميمبرن تي سلامتي ڪائونسل مختلف قسمن جي بندش وجهي سگهي ٿي. اقوام متحده جي ميمبر ملڪن جي پنهنجي سلامتيءَ لاءِ گهربل هٿيارن جي لاءِ آرٽيڪل 39 تحت به سلامتي ڪائونسل آرٽيڪل نمبر 26 موجب قدم کڻڻ جي مجاز آهي.

سلامتي ڪائونسل ۾ فيصلا نون 9 ميمبرن جي حمايت تحت ڪيا وڃن ٿا. خاص مسئلن جهڙوڪ: بندش وجهڻ ۽ چيڪنگ ۽ معائنو ڪرڻ بابت فيصلا نون ميمبرن جي حمايت سان ڪيا وڃن ٿا. انهن فيصلن جي حمايت وارن نون ووٽن ۾ پنجن مستقل ميمبرن جا ووٽ به ضرور هجن. ڪائونسل دائمي طور عمل پيرا هئڻ سبب سندس ميمبر ملڪن جا عيوضي هميشه هيڊ ڪوارٽر ۾ حاضر رهڻ لاءِ پابند آهن.

اڪنامڪ ۽ سوشل ڪائونسل اقوام متحده جو ٽيون مکيه ادارو آهي. جنهن کي عالمي سطح تي معاشي، سماجي، ثقافتي ۽ انساني ڀلائي جا ڪئين اهم ڪم سونپيل آهن. هن ڪائونسل جي ميمبرن جو تعداد 1965ع کان اڳ 18 هو ۽ هاڻي 27 آهي. اهي جنرل اسيمبليءَ طرفان ٽن سالن جي مدي لاءِ چونڊيا وڃن ٿا. انهن کي ٻيو ڀيرو چونڊجڻ جو پڻ امڪان رهندو آهي. هن اداري ۾ ڪو به ملڪ مستقل ميمبر ڪونهي. مگر جن ملڪن جي شرڪت وڏيڪ فعال ۽ ضروري ڄاتي وڃي ٿي. انهن کي هر دفعي چونڊيو وڃي ٿو. سن 1965ع ۾ هن اداري ۾ نون ميمبرن جو اضافو ڪري اهو تعداد 27 ڪيو ويو ۽ نوَن مان ست ميمبر ايشيا ۽ آفريڪا مان، هڪ ڏکڻ آمريڪي ملڪن مان ۽ هڪڙو ميمبر اولهه يورپ جي ملڪن مان يا ڪو ٻيو چونڊڻ جو فيصلو ٿيو. هن ڪائونسل جا هڪ سال ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻه اجلاس منعقد ٿين ٿا. جن تحت ميمبر ملڪن جي معاشي ۽ معاشرتي صورتحال جو اڀياس ڪري انهيءَ ڏس ۾ توسيع لاءِ جنرل اسيمبليءَ کي سفارشون موڪلجن ٿيون. هن ڪائونسل پنهنجي ڪم کي حقيقي بنيادن تي فائديمند بنائڻ لاءِ اڪنامڪ ڪميشن، سوشل ڪميشن ۽ هيومن رائٽس ڪميشن جوڙيون آهن جيڪي هميشه پنهنجي سونپيل ڪمن جي اڀياس ۽ رپورٽون پيش ڪرڻ ۾ رڌل آهن. اهڙيون ڪميشنون سمورن ڪنڊن لاءِ الڳ الڳ قائم آهن. جيئن ته اڀياسي عمل تيز تر ٿئي ۽ اسيمبليءَ طرفان وقت سر گهربل اپاءُ ورتا وڃن.

ٽرسٽ ٽيريٽريز يعني دنيا ۾ وقف ٿيل علائقا اقوام متحده ۾ داخل آهن.انهن جي سار سنڀال ۽ انتظام لاءِ اقوام متحده طرفان ٽرسٽي شپ ڪائونسل برپا ڪئي وئي آهي. هن ڪائونسل جي ميمبرن جي تعداد جو اڌ اقوام متحده جي انهن ميمبرن مان مقرر ڪيو ويندو آهي. جيڪي وقف ٿيل علائقن جا ناظم الامور هوندا آهن. باقي اڌ ميمبر غير ناظم الامور ميمبرن جو هوندو آهي. انهيءَ ۾ اڌ سلامتي ڪائونسل جا مستقل ميمبر هوندا آهن ۽ باقي اڌ جنرل اسيمبليءَ اقوام متحده جي عام ميمبر ملڪن مان ٽن سالن جي عرصي لاءِ چونڊيندي آهي. ۽ ٽرسٽي شپ ڪائونسل پنهنجي ڪارڪردگي ۽ گهربل اپائن لاءِ جنرل اسيمبليءَ کي ساليانی رپورٽ پيش ڪندي آهي.

انٽرنيشنل ڪورٽ آف جسٽس International Court of Justice عام طور تي عالمي عدالت انصاف سڏجي ٿي. اها اقوام متحده جو هڪ عظيم عالمي عدالتي ادارو آهي. هن ڪورٽ ۾ ڪُل پندرهن جج هوندا آهن. انهن کي جنرل اسيمبلي ۽ سلامتي ڪائونسل آزاد ووٽ وسيلي چونڊيندي آهي. ڪنهن به هڪڙي رياست مان ساڳئي وقت ٻه جج ڪو نه چونڊبا آهن. ڪورٽ ۾ مکيه تهذيبن ۽ مکيه عدالتي عالمي نظامن جي نمائندگي ٿيندي آهي. چونڊيل ججن جي نوڪريءَ جو مدو 9 سال هوندو آهي. کين ٻيو ڀيرو چونڊجڻ جو پڻ موقعو ميسر آهي.

عالمي عدالت جو هيڊڪوارٽر يعني مکيه دفتر نيدرليندس جي شهر هيگ ۾ قائم آهي. ميمبر ملڪن جي وچ ۾ سمورن اختلافن، فسادن جنگين ۽ هر قسم جي تڪرارن جي سماعت هن عدالت جي دائره اختيار ۾ شامل آهي. ڪورٽ پنهنجا رايا ۽ فيصلا جنرل اسيمبلي اڳيان پيش ڪندي آهي. انهن تي عمل درآمد اقوام متحده جو ڪم آهي.

اقوام متحده جي سيڪريٽريٽ يعني مکيه دفتر جو اڳواڻ اقوام متحده جو سيڪريٽري جنرل هوندو آهي. جنهن کي سلامتي ڪائونسل جي سفارش موجب مقرر ڪيو ويندو آهي. 1946ع ۾ اقوام متحده جي جنرل اسيمبليءَ جي پهرين اجلاس ۾ ناروي جي ترجوي لي Trygve Lie کي پنجن سالن لاءِ سيڪريٽري جنرل چونڊيو ويو ۽ 1950ع ۾ سندس ملازمت جو مدو وڌيڪ ٽن سالن لاءِ وڌايو ويو. جنهن جي سوويت روس سخت مخالفت ڪئي هئي. تنهنڪري هن 1952ع ۾ پنهنجي عهدي تان استعيفا ڏني.

اپريل 1953ع ۾ سويڊن جو منسٽر ڊاگ همارس جولڊ Dag Hammarsk Jold اقوام متحده جو سيڪريٽري جنرل چونڊيو ۽ 1957ع ۾ وري ٻه چونڊيو ويو هو پر سيپٽمبر 1961ع ۾ اتر روڊيشيا ۾ هڪڙي هوائي حادثي ۾ مري ويو. تنهن کان پوءِ آسٽريا جو ڊاڪٽر ڪرٽ والڊ هائيم. تنهن کانپوءِ پيرو جو پيريز دي ڪوئيار تنهن کانپوءِ مصر جي بطروس غالي ۽ ان کانپوءِ سيڪريٽري جنرل مسٽر ڪوفي عنان چونڊيو ويو هن وقت اقوام متحده جو سيڪريٽري جنرل بان رڪي مون آهي. سيڪريٽري جنرل اقوام متحده جو مکيه ناظم آهي.ڪيس عالمي امن ۽ سلامتي جي پيش نظر هر مسئلو جنرل اسيمبلي توڙي سلامتي ڪائونسل ۾ رکڻ ۽ نبيرو ڪرڻ جو اختيار حاصل آهي. اقوام متحده جي چارٽر ۾ مختلف ادارن جي اختيارن جي وضاحتن جو تت هي آهي. ته جنرل اسيمبلي پنهنجي هر پاس ٿيل بل تي عمل درآمد ڪرائڻ لاءِ فقط سفارش ڪري سگهي ٿي. پر سلامتي ڪائونسل جي فيصلن کي سمورا ميمبر ملڪ قبول ڪرڻ لاءِ ٻڌل رهندا. عالمي سطح تي هٿيارن جي ڦهلاءَ تي ضابطو رکڻ سلامتي ڪائونسل جي ذميواريءَ ۾ شامل آهي. انهيءَ تحت 1946ع ۾ اقوام متحده ائٽمڪ انرجي ڪميشن جوڙي هئي. 1952ع ۾ ڊس آرمامينٽ ڪميشن جوڙي وئي.

اقوام متحده جي چارٽر جي نظرثاني ڪرڻ لاءِ سن 1955ع ۾ جنرل اسيمبليءَ ۾ هڪڙي رٿ پيش ڪئي وئي، پر بحال ڪا نه ٿي. نيٺ سيپٽمبر 1965ع ۾ چارٽر ۾ ضروري ترميم ڪرڻ جو فيصلو ٿيو ۽ ٻه ترميمون ڪيون ويون. سن 1947ع جي نومبر ۾ بين الاقوامي قانون جي واڌاري ۽ سڌاري جي اجراء لاءِ جنرل اسيمبليءَ هڪڙي انٽرنيشنل لا ڪميشن جوڙي جنهن کي نازي جرمن فوجن جي هٿان ٿيل جنگي ۽ اخلاقي ڏوهن ۾ قانون جو هڪڙو مُستند دستاويز سفارشن لاءِ تيار ڪري پيش ڪرڻ جو ڪم سونپيو ويو.

هن ڪميشن 1957ع ۾ گهربل رپورٽ پيش ڪئي. جنهن عالمي قانون جي پيچڪڙيءَ ۾ ٻارهن مختلف ڏوهن جي نشاندهي ڪئي ۽ انهيءَ جي تدارڪ لاءِ چند قوانين جي سفارش پڻ ڪئي مکيه ڏوهن۾ دهشتگرديءَ جي تياري ۽ ڌمڪي، ڪنهن علائقي تي زوريءَ قبضو ۽ نسل ڪشي شامل هئا. ڪميشن ملڪن ۽ رياستن جي حقوق ۽ فرائض جي پڻ عالمي قانونن جي روشنيءَ ۾ هڪڙي وضاحت پيش ڪئي، انهيءَ ڪانسواءِ سينفرانسڪو ڪانفرنس جي فيصلن جي روشنيءَ ۾ انٽرنيشنل لا مرتب ڪيو ويو آهي، جنهن تحت قومن جي وچ ۾ مناسب فيصلا ٿي سگهن ۽ منجهن باهمي تعاون براءِ ترقيءَ جون راهون کُلن.

عالمي امن۽ سلامتيءَ کانپوءِ ٻي نمبر تي اقوام متحده جي اڳيان عالمي سطح تي قومن جي معاشي، معاشرتي، ثقافتي ۽ انساني بهبود وارن مسئلن کي حل ڪرڻ ۽ انهيءَ مقصد جي حصول لاءِ دنيا جي قومن ۾ باهمي تعاون پيدا ڪرڻ لاءِ اُپاءُ وٺڻ مکيه مقصد آهي ته جيئن انسانذات پنهنجي عزت نفس، بنيادي حقن

شهري آزادي، سماجي، معاشي، مذهبي ۽ سياسي آزادي سواءِ ڪنهن مذهبي، علاقائي، نسلي ۽ شخصي ٻولي، رنگ ۽ لياقت جي امتياز ۽ فرق جي ماڻهي سگهي. اقوام متحده جي سمورن ادارن جي مجموعي ڪارگذاريءَ جو مول مقصد مٿي بيان ڪيل مقصدن جو حصول آهي.

انهيءَ ۾ اقوام متحده هميشہ پاڻ پتوڙيندي رهي ٿي، جهڙوڪ: سماجي، اقتصادي، تعليمي، ثقافتي، هنري ۽ ٽيڪنيڪي مالياتي ۽ تجارتي تحقيقات ڪرائي گهربل اپاءُ وٺي سمورن ميدانن ۾ سڌارو واڌارو آڻڻ ۽ مذڪور شين کي ترقي ڏيارڻ ۾ اها پيش پيش آهي. پوءِ ڏک جي شڪار قومن ۽ علائقن جي بحاليءَ واسطي يو-اين رليف ايئنڊ ريهيبليٽيشن ايڊمنسٽريشن ۽ يورپ، ايشيا، آفريڪا ۽ ڏکڻ آمريڪا لاءِ الڳ الڳ معاشي ڪميشنون قائم ڪري واسطيدار قومن ۽ علائقن جي اقتصادي ترقيءَ لاءِ نهايت مناسب اُپاءُ ورتا ويا ۽ اهو سلسلو جاري آهي.

ٽيڪنيڪل امداد لاءِ پڻ اقوام متحده خاص فنڊ قائم ڪيو آهي، جنهن وسيلي پسمانده ملڪن جي خاطر خواهہ امداد ڪئي پئي وڃي.

اقتصادي ماليات جي سلسلي ۾ سن 1956ع ۾ انٽرنيشنل فائننس ڪارپوريشن قائم ڪئي، جنهن 15 ڪروڙ ڊالرن جي موڙي خانگي توڙي سرڪاري طور غريب ميمبر ملڪن کي ڏني. انٽرنيشنل بينڪ جي الحاق سان 1960ع ۾ انٽرنيسنل ڊيولپمينٽ ايسوسيئيشن قائم ڪئي وئي. جنهن انهن پسمانده رياستن کي قرض فراهم ڪيو جيڪي عالمي بئنڪ جا شرط پورا ڪرڻ جي قابل نہ هئا.

عالمي سطح تي تجارتي ترقيءَ واسطي ڪانفرنس سن 1964ع ۾ جنيوا ۾ منعقد ٿي. جنهن تحت تجارتي ترقي لاءِ سمورا گهربل ۽ ضروري اقدامات مسلسل ڪيا پيا وڃن.

سن 1946ع ۾ پناهگيرن جي ڀلائي ۽ آبادڪاريءَ خاطر انٽرنيشنل رفيوجيز آرگنائيزيشن، اقوامتحده طرفان قائم ڪئي وئي هئي، جنهن اٽڪل ڏهہ لک يورپي پناهگيرن جي آبادڪاري ڪئي ۽ سندن روزگار جو بندوبست ڪيو. مذڪور آرگنائيزيشن 1951ع ۾ ٽوڙي وئي ۽ ان جي بدران پناهگيرن لاءِ هاءِ ڪميشن جوڙي وئي، جنهن جو سربراهہ هڪ هاءِ ڪمشنر براءِ پناهگيرن سڏيو ويو. 1974ع ۾ هانگ ڪانگ وارن چيني پناهگيرن ۽ عرب پناهگيرن لاءِ فنڊ هن ڪميشن طرفان مهيا ڪيا ويا.

سن 1948ع ۾ اقوام متحده جي جنرل اسيمبلي ڪميشن براءِ انساني حقوق قائم ڪئي ۽ سمورن ڪنڊن ۾ انهيءَ جون شاخون برپا ڪيون، جيڪي ڪم ڪندڙ آهن. هن ڪميشن 1954ع ۾ شهري، سياسي، سماجي ۽ ثقافتي حقن متعلق مسودو جنرل اسيمبليءَ اڳيان پيش ڪيو. جنهن تحت هندستان، ڏکڻ آفريڪا، هنگري، رومانيا ۽ بلغاريہ ۾ شهري ۽ سياسي پيڪڙين ۽ انساني تذليل تي ڳڻتيءَ جو اظهار ڪيو ويو. اقوام متحده مذڪور ملڪن کي گهربل تنبيهہ ڪئي ۽ مٿن بندش لڳائي ۽ 1964ع ۾ هر قسم جي نسلي متڀيد کي ناجائز ۽ غلط ڄاڻائي رد ڪيو ويو. جنرل اسيمبليءَ 1946ع ۾ ڪميشن آف نارڪوٽڪ ڊرگس کي منشيات جي نقل و حمل ۽ تياريءَ خلاف سمورن مناسب اقدام لاءِ اختيار ڏئي ڇڏيا. جنهن تحت اها اجا تائين عمل پيرا آهي.

عالمي سطح تي مختلف مقصدن جي حصول لاءِ موجود ڪيترين ئي تنظيمون اقوام متحده سان لاڳاپيل آهن ۽ ان سان سهڪار ڪندڙ آهن. انهن ۾ مکيه تنظيمن ۽ ادارن جو وچور هيٺ ڏجي ٿو.

1. IMCO يعني انٽرگورنمينٽل ميريٽائيم ڪنسلٽيٽوَ آرگنائيزيشن.
2. ILO يعني انٽرنيشنل ليبر آرگنائيزيشن.
3. UNESCO (يونيسڪو) يعني يونائيٽيڊ نيشنس ايجوڪيشنل سائنٽيفڪ اينڊ ڪلچرل آرگنائيزيشن.
4. FAO يعني فوڊ اينڊ ايگريڪلچر آرگنائيزيشن.
5. ICAO يعني انٽرنيشنل سول ايوي ايشن آرگنائيزيشن.
6. ورلڊ بئنڪ يعني انٽرنيشنل بئنڪ آف ريڪنسٽرڪشن اينڊ ڊيولپمينٽ.
7. WHO يعني ورلڊ هيلٿ آرگنائيزيشن.
8. ITU يعني انٽرنيشنل ٽيليڪميونيڪيشن يونين.
9. UPU يعني يونيورسل پوسٽل يونين.
10. WMO يعني ورلڊ ميٽئورو لاجيڪل آرگنائيزيشن.
11. IAEA يعني انٽرنيشنل ايٽمڪ انرجي ايجنسي.
12. IDA يعني انٽرنيشنل ڊيولپمينٽ ايسوسيئيشن.
13. IFC يعني انٽرنيشنل فائنس ڪارپوريشن.



مٿين عالمي تنظيمن ڪانسواءِ ٽي سئو کان به وڌيڪ نان گورنمينٽل آرگنائيزيشنون عالمي سطح تي موجود آهن. جن سان اقوام متحده وارو اڪنامڪ اينڊ سوشل ڪائونسل نالي ادارو عملي رابطي ۽ تعاون ۾ آهي. اقوام متحده جي بجيٽ هر سال سيڪريٽري جنرل اسيمبليءَ ۾ پيش ڪندو آهي. سن 1946ع ۾ اقوام متحده جو مجموعي خرچ هڪ ڪروڙ نوي لک ڊالر هو. جيڪو 1972ع ۾ وڌي ويهه ڪروڙ ڊالر تي ويو. سن 1949ع ۾ اقوام متحده طرفان فيلڊ سروس ۽ فيلڊ آبزرورس نالي هڪ ٻئي جا سهڪاري گروپ قائم ڪيا ويا.

فيلڊ سروس گروپ ڪميشن جي صورت ۾ اقوام متحده جي نگهداشت ۽ سنڀال هيٺ علائقن ۾ جنگ بنديءَ دوران انتظام ۽ امن امان برقرار رکندو ۽ راءِ شماري ڪرائيندو آهي ۽ امن قائم رکندڙ فوج جي نگراني ڪندو آهي. فيلڊ آبزرور گروپ فيلڊ سروس گروپ جي چيڪنگ به ڪندو آهي. ۽ سندس گهربل مدد پڻ ڪندو آهي.

جنرل اسيمبليءَ پنهنجي پهرئين ئي اجلاس ۾ نيويارڪ شهر ۾ اقوام متحده جو هيڊ ڪوارٽر قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. جان ڊي راڪفيلر جونيئر انهيءَ لاءِ نيويارڪ شهر جي مين هٽن Manhattan علائقي ۾ پنهنجي نجي زمين ڏني. جتي اقوام متحده جي سيڪريٽريٽ ۽ ٻين دفترن جون عظيم عمارتون سن 1951ع ۾ جڙي راس ٿيون. ته ترت منجهن آفيسون کوليون ويون. جنرل اسيمبليءَ ۾ مختلف ڪائونسلن جا دفتر 1952ع ۾ جُڙي راس ٿيا. سن 1947ع ۾ اقوام متحده جو جهنڊو هلڪي نيري رنگ جو ناهيو ويو. جنهن جي وچ تي اقوام متحده جو علامتي نشان اڇي رنگ سان ٺاهيل آهي. جنرل اسيمبلي ”24 آڪٽوبر“ کي ”يوم اقوام متحده“ قرار ڏنو.

⑥




# برطانيا ۽ آمريڪا طرفان فلسطين ۾ نئين اسرائيل جو قيام

اوڻيهين عيسوي صديءَ ۾ يهودين کي اولهہ يورپ جي ملڪن ۾ شهريت ڏيڻ شروع ڪئي وئي تہ ٻئي طرف اوڀر يورپ ۾ کين قانوني پابنديءَ ۾ جڪڙائي، قتل ۽ غارتگريءَ جي ظلم جو نشانو بنايو پي ويو. انهيءَ دؤر ۾ دنيا ۾ موجود سمورن يهودين جي اڌ جيترا يهودي روسي شهنشاهت ۾ رهندا هئا، جتي کين هڪ غير روسي قوميت سمجهي، کين لوڙهن ۽ جهنگلن ۾ رهڻ تي مجبور ڪيو ويو. روسي شهنشاهت ۾ رهندڙ ٻيا قومي گروهہ پولينڊ وارا، لِٿوئنيا وارا ۽ يوڪرين وارا باشندا، پڻ ڌاريان سمجهيا ويندا هئا. اهي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪري رهيا هئا. کين سرڪار فسادي سڏيندي هئي. روس ۾ رهندڙ ڌارين قومي گروهن ۾ فقط يهودين واري گروهہ جو مذهب غير عيسائي هو ۽ اهو يهودي قومي گروهہ پنهنجي مخصوص يهودي عبراني ٻولي ڳالهائيندو هو. هڪ آزاد يهودي قومي تحريڪ اول تہ روسي قوم ۾ ضم ٿيڻ لاءِ چالو ڪئي وئي، پر جيڪي يهودي لکن

جي تعداد ۾ روس مان پڇي آمريڪا ۽ ٻين يورپي ملڪن توڙي فلسطين وڃي رهيا اُهي پاڻ سان آزادي حاصل ڪرڻ خاطر قومپرستي وارا خيال به کڻي ويا هئا. سن 1870ع ۾ فرانس وارن يهودين جي هڪ تنظيم ”الائنس اسراعيلائيٽ يونيورسل، مِڪوِيھ اسراعيل“ نالي سان جافا جي ويجهو هڪ زرعي ادارو قائم ڪيو. سن 1878ع ۾ روس مان لڏي آيل يهودين پِتاهِ تِڪواهِ نالي سان پنهنجو ڳوٺ ٻڌو. اتان ايندڙ يهودين 1882ع ۾ رشن ليزيئن نالي سان هڪڙو ٻيو به ڳوٺ قائم ڪيو. روس مان لڏي ايندر يهودين دنيا مان خيرات وٺي جيئڻ بدران، يهودي آباد ڪارن کي پنهنجي پيرن تي بيهڻ لاءِ باڻِليُو ۽ هو وِيوِي زِيئَن نالي سان تحريڪون برپا ڪيون ۽ پنهنجون مخصوص تنظيمون قائم ڪيون. انهن تنظيمن جي قيام کان اڳ اشڪينازِي يهودي گروهه چئين مقدس شهرن ۾ رهندا هئا، سي صفا غريب هئا ۽ يورپي ملڪن مان ملندڙ خيرات تي گُذر ڪندا هئا. روس ۽ ٻين ملڪن مان لڏي ايندر يهودين اشڪينازي يهودين کان جدا رهندي زرعي معاشي وسنديون قائم ڪيون. اهڙيءَ طرح جافا ۾ سندن هڪڙي تِجارتي گروهه پڻ ترقي ڪئي جنهن ۾ اشڪينازي ۽ سيفارڊي يهودي گروهه به ساڻن گڏجي ويا. هتي آڳاٽا آيل يهودي گهٽي پاڳي بيروزگاري سبب هتان ٻين هنڌن ڏانهن لڏي ويا. انهن تڪليفن جي باوجود هن علائقي ۾ يهودين جون وڏيڪ وسنديون قائم ٿيون. جنهن ڪري هتي يهودين جو تعداد مسلسل وڌندو ويو. يهودين جي هيڏانهن نئين لڏ پلاڻ پاڻ سان گڏ يهودين واري قديم اسراعيلي ٻولي جنهن کي انگريزيءَ ۾ هيبِرُو سڏين ٿا. انهيءَ ٻولي کي به آندائون. جيڪا يهودين جي سمورن گروهن، جهڙوڪ بنياد پرست يهودي، قوم پرست يهودي، ڪاٻي ڌُر وارا سماجوادِي يهودي توڙي سيڪيولر سوچ وارا يهودي مطلب ته سمورن يهودين کي وٽندڙ هئي.اتي سوشلسٽ يهودين جو ارادو ملڪ جي مالڪي جتائي ۽ اهو حاصل ڪري زراعت پيشو اختيار ڪجي. گڏيل زرعي فارم قائم ڪجن ۽ قوم ۽ ملڪ کي زور وٺائجي جديد سيهونيت يعني يهودي تحريڪ جي تاريخ ۾ اُوڻيهئين عيسوي صديءَ کان وٺي دنيا ۾ پکڙيل يهودين جي فلسطين ۾ لڏي اچڻ واري عمل کي Aliyah ايلِياه سڏين ٿا. فلسطين ڏانهن لڏي اچڻ جي پهرئين دوَر يا عمل ۾ 1882ع ۽ سن 1903ع جي وچ واري عرصي ۾ تقريباً 35000 يهودي فلسطين لڏي آيا. انهن يهودين ۾ روسين سان گڏ يمن جا يهودي ۽ بخارا جا يهودي به شامل هئا ۽ پاڻ سان گڏ نجات يعني آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد جو نظريو به آندو. اهڙيءَ طرح سن 1890ع ۾ يروشلم شهر ۾ يهودي اڪثريت حاصل ڪري ويا. جڏهن ته سموري فلسطين ملڪ ۾ مسلمان ۽ عيسائي عربن جي اڪثريت هئي. سن 1896ع ۾ ٿيوڊور هرزل نالي هڪ يورپي يهودي ”درجوڊِن اسٽِٽ“ يعني ”يهودي رياست“ جي عنوان سان هڪ مقالو لکي شايع ڪيو. جنهن ۾ ڄاڻايائين ته يورپ ۾ سامي نسُل مخالفت يعني يهودين جي يورپ ۾ وڌندڙ مخالفت جو حل يهودين جي رياست جي قيام ۾ موجود آهي. سن 1897ع ۾ زيئنسٽ آرگنائيزيشن جو قيام عمل ۾ آيو ۽ پهرين زيئنسٽ ڪانگريس فلسطين ۾ يهودين جي رياست قائم ڪرڻ جي گهُر ڪئي. انهيءَ وقت سيهونيت جي ايتري نه حيثيت هئي نه ئي وري انهيءَ کي ايتري اهميت ڏني وئي. انهيءَ وقت ترڪيءَ واري عثمانيه سلطنت پڻ انهيءَ جي قيام توڙي ڪارگذارين بابت سنجيده نه هئي. سن 1904ع کان 1914ع جي وچ واري عرصي دوَران اٽڪل چاليهه هزار يهودي اچي فلسطين ۾ آباد ٿيندا رهيا. انهي يهودي لڏ پلاڻ کي يهودين جي ٻيو پيرو




فلسطين ۾ آباد ڪاري سڏجي ٿو. سن 1908ع ۾ زيئنِسٽ آرگنائيزيشن پبلسٽين بيورو قائم ڪيو. انهيءَ کي اِريٽِز اسراعيل آفيس بہ سڏيندا هئا. انهيءَ جو هيڊ ڪوارٽر جافا ۾ قائم ڪيو ويو ۽ انهيءَ اسراعيل آفيس پاران دنيا جي سمورن يهودين کي فلسطين ۾ آڻي آباد ڪرڻ جي پاليسيءَ تي عمل شروع ڪيو ويو. فلسطين لڏي آيل يهودين جي اڪثريت روس مان ايندڙ يهودين جي هئي. ساڻن پولينڊ جا يهودي پڻ ايندا رهيا. سن 1909ع ۾ روس مان لڏي آيل (9) نوَن سوشلسٽ يهودين جافا ۾ ڪِبُوٽز ڊيگانيا“ يعني زراعت پيشہ يهودين جي وسندي يا ڳوٺ يا شهر قائم ڪيو. ساڳئي سال جافا جي ڀين رهاڪو يهودين جافا شهر تي ”اهوزت بييت“ نالو رکيو جنهن جي معنيٰ ”يهودي ٻولي ڳالهائيندڙ يهودين جو پهريون شهر“ آهي. پوءِ اهو نالو بدلائي جافا تي ”تل ابيت“ نالو رکيو ويو. يهودي ٻوليءَ ۾ اخبارون رسالا ۽ ڪتاب شايع ٿيڻ لڳا. فلسطين ۾ تڏهن کان وٺي يهودي اسڪول يهودين جون سياسي پارٽيون ۽ يهودين جون پورهيت پارٽيون بہ برپا ڪيون ويون. پهرين عالمي لڙائي ۾ يهودين جرمنيءَ جي حمايت ڪئي ڇو تہ انهيءَ وقت يهودين پانيو ٿي تہ دنيا ۾ يهودين جو سڀني کان وڏو دشمن روس آهي، جنهن سان جرمني وڙهي پيو. ٻين ملڪن جي ڀيٽ ۾ روس جا يهودي سڀني کان گهڻي تعداد ۾ فلسطين ۾ لڏي اچي آباد ٿيا هئا ترڪيءَ ۾ برپا ٿيل ”ينگ ٽُرڪس“ نالي تحريڪ کان خائف رهندي ترڪيءَ ۾ موجود يهودين جي حمايت کي ضروري ڄاڻندي برطانيہ پڻ يهودي تحريڪ ”زيئنزم جي حمايت پئي ڪئي، ڇو تہ آمريڪي يهودين جي ڪيس حمايت گهربل هئي. جنگ دوران برطانيہ کي آمريڪا جي حڪومت جي حمايت ۽ مدد گهربل هئي. جيڪا برطانيہ جي خيال ۾ آمريڪي يهودين جي حمايت سان حاصل ٿي سگهندي. سن 1917ع جي پڇاڙيءَ ۾ برطانوي فوج ٽُرڪن کي ڌڪڻ شام مان پسپا ڪري ڪڍي ڇڏيو ۽ برطانوي وزير خارجہ لارڊبيل فور، سندس پارٽيءَ جي اهم ميمبر ۽ يهودي گروهہ جي اڳواڻ کي هڪ سرڪاري خط موڪليو جيڪو ”بيل فور ڊِڪليريشن آف 1917“ سڏجڻ لڳو ڇو تہ انهيءَ خط ۾ يهودين جي رياست، فلسطين جي سر زمين تي قائم ٿيڻ جي برطانوي حڪومت تائيد ڪئي هئي. يهودين جي رياست جي حمايت سان برطانيہ فلسطين تي حڪومت ڪرڻ جو جواز پيدا ڪرڻ پئي چاهيو جتي ترڪي جي سلطنت جي حڪومت هئي. انهيءَ دؤر ۾ وچ مشرق يعني عرب ملڪن جي سرحدن جي حد بندي جو فيصلو برطانيہ ۽ فرانس جي اعليٰ عملدارن جي وچ ۾ ٿيل اقرار نامي موجب ٿيو. جنهن تحت برطانيہ فلسطين تي قبضو ڪيو. سيهوني يعني يهودي تحريڪ

جي ڪارڪنن تي مشتمل تيار ڪيل يهودي فوج، فلسطين تي قبضو ڪرڻ لاءِ برطانوي فوج جي حملي ۾ برطانوي فوج سان شامل هئي. انهيءَ يهودي فوج کي روس کان آيل يهودي، جيبوٽنسڪي ۽ ٽِرمپيلڊور مُنَظِم ڪيو ۽ سکيا ڏني. انهي وقت تيار ڪيل يهودي جاسوسي نيٽورڪ، برطانيه کي فلسطين ۽ آسپاس وارن علائقن ۾ موجود ٽُرڪ فوج بابت گهربل تمام اهم معلومات فراهم ڪئي. برطانيه جو فلسطين تي ٿيل قبضو سن 1922ع ۾ ليگ آف نيشنس جائز قرار ڏنو ۽ بيل فور ڊِڪليريشن کي بہ مڃتا ملي. برطانيه جي قبضي هيٺ آيل فلسطين جي حدن اندر اڄوڪو اردن جو ملڪ بہ شامل هو. پر سامراجي مفادن کي اهيمت جي بنياد تي برطانوي وزير اعظم وِنسٽن چرچل موجوده اردن وارو سمورو علائقو فلسطين جي حدن مان خارج ڪري ڇڏيو. برطانيه، ليگ آف نيشنس ۾ شامل نہ ٿيندڙ ملڪ آمريڪا سان هڪ اقرار نامون طئي ڪيو جنهن ۾ آمريڪا برطانيه جي فلسطين تي ٿيل قبضي بابت پنهنجا شرط مڃايا. سن 1919ع ۽ 1923ع جي وچ ۾ ٻيا بہ 40 هزار يهودي فلسطين پهچي ويا. هزارن جي تعداد ۾ يهودين جو فلسطين ۾ اهو ٽيون پيرو اچڻ ٿيو. اهي سمورا روسي يهودي هئا. جڏهن تہ هن کان اڳ فلسطين ۾ موجود يهودين ۾ پڻ اڪثريت روسي يهودين جي هئي. نئين پيري آيل يهودين کي مالُتزم يعني هاري يا کيت مزور ماڻهو سڏڻ لڳا ۽ انهن کي زمينون وٺي ڏنيون ويون. اها رقم "جوئش نيشنل فنڊ" نالي هڪ يهودي خيراتي اداري مهيا ڪئي، جيڪو ٻاهرئين ملڪن مان فنڊ گڏ ڪندو هو. فلسطين جي جزريل ماٿري ۽ ميداني علائقن ۾ موجود ڍنڍون ۽ ڍورا صاف ڪري آباديءَ جي لائق ڪيا ويا. يهودي بستين جي سلامتي لاءِ فلسطين ۾ آيل روسي سوشلسٽ يهودين واري گروه پنهنجي ڳُجهي دفائي برگيڊ تيار ڪئي جنهن کي "هگاناه" سڏيندا هئا. برطانوي وزير خارجہ واري بيلفور ڊِڪِليريشن ۽ فرانس طرفان عرب رياست شام جي فتح وارن واقعن عرب ملڪن جي باشندن ۾ بغاوت ۽ فلسطين جي عربن ۾ فلسطيني "نيشنلزم پيدا ڪيو. تنهن کي ٿڏو ڪرڻ لاءِ برطانيه يهودين جي لڏ پلاڻ جي ڪوٽا مقرر ڪئي. جنهن يهوديءَ وٽ هڪ هزار پائونڊن کان وڌيڪ روڪڙي رقم هوندي تنهن کي بہ فلسطين ۾ اچڻ ڏنو ويندو. تنهن کان سواءِ يهودي ڪاريگرن کي 500 پائونڊ روڪ رقم هوندي تہ فلسطين ۾ اچڻ جي اجازت ڏبي. انهيءَ پاليسيءَ تحت يهودي ايجنسيءَ پرڏيهہ مان حاصل ڪيل چندن مان يهودين کي شرطيہ رقم مهيا ڪئي ۽ فلسطين اچڻ لاءِ برطانيہ جي حڪومت کان اچڻ جي پرمِٽ وٺي ڏيڻ شروع ڪري ڏني. اهڙي طرح يهودين جي فلسطين اچڻ وارو عمل جاري رهيو ۽ سن 1924ع ۽ 1929ع جي وچ ۾ ٻيا بہ ٻياسي هزار يهودي فلسطين پهچي ويا. اهي پولينڊ، هنگري ۽ آمريڪا مان لڏي آيا هئا. انهن يهودين ۾ سماجي وچئين طبقي جا شاهوڪار ۽ سرنديءَ وارا ماڻهو بہ شامل هئا. انهن شهرن ۾ سڪونت اختيار ڪري، پنهنجو واپار ۽ ڪجهہ ورڪشاپ يا ننڍا ڪارخانا قائم ڪيا. پهريون بجلي پيدا ڪندڙ جنريٽر سن 1923ع ۾ طل ابيب شهر ۾ هڪڙي روس کان لڏي آيل يهوديءَ نالي، پِنهاس روٽينبرگ جي رهنمائيءَ ۾ تيار ڪيو ويو. اهو يهودي، بالشيوڪ گورنمينٽ کان اڳ روس ۾ قائم ٿيندڙ ڪيرينسڪيءَ واري حڪومت ۾ وزير هو. يهودي ايجنسيءَ سن 1925ع ۾ يروشلم ۾ يهودي يونيورسٽي ۽ هائيفا شهر ۾ ٽيڪنالاجيڪل يونيورسٽي قائم ڪئي. سن 1928ع کان وٺي جمهوري بنيادن تي چونڊ يهودي نيشنل ڪائونسل فلسطين ۾ يهودين جو مکيہ ادارو ٿي پيو.

جنهن ۾ غير سيهوني يهودين کي بہ نمائندگي ڏني وئي هئي. هيءَ يهودي نيشنل ڪائونسل مضبوط ٿيڻ ۽ ترقي ڪرڻ سان ٻيا بہ سرڪاري ڪم جهڙوڪ تعليم جو نظام ۽ صحت جو نظام بہ سرڪاري اجازت سان هلائڻ لڳي. برطانيہ جي اجازت سان يهودي ايجنسيءَ ٽيڪس مڙهيا ۽ يهودين کي مختلف ڪاتا قائم ڪري انهن ۾ نوڪريون ڏيڻ جاري ڪيون. انهيءَ يهودي ايجنسي، ڪائونسل توڙي فلسطين ۾ گڏ ٿيل يهودين جي اڳواڻن کي دنيا جي ڇويهن ملڪن ۾ رهندڙ يهودين طرفان اليڪشن جي بنياد تي چونڊيو وڃڻ لڳو. سن 1929ع ۾ بيت المقدس ۾ عبادت دوران يهودين طرفان ڪرسيون ۽ ٻيو فرنيچر استعمال ڪرڻ ۽ ان تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش خلاف مسلمانن ۽ يهودين ۾ ڇڪتاڻ وڌي وئي ۽ آگسٽ 1929ع ۾ فلسطين ۾ يهودين ۽ مسلمانن ۾ فساد برپا ٿيو. انهن فسادن جي نتيجي ۾ ساڄي ڌُر وارن ڪٽر يهودين "ايٽزل" يعني نيشنل مِليٽري آرگنائيزيشن سن 1931ع ۾ قائم ڪري ورتي.




يهودي سياسي پارٽين جدا جدا رهندي تعليم ۽ صحت جا ادارا قائم ڪيا ۽ راندين جون تنظيمون پڻ قائم ڪيون. پبلڪ سروسز ۾ برطانيہ جي سرڪار ڪجھ بہ خرچ نہ ڪيو. يهودي مسلم فسادن دوران برطانوي سامراج فلسطين ۾ واضح اڪثريت ۾ رهندڙ مسلمانن عربن کي حڪومت ڪرڻ وارو اصول ۽ حق رد ڪري ڇڏيو. سن 1933ع ۾ نازي جرمن حڪومت ۽ فلسطين ۾ موجود يهودي ايجنسيءَ، پنجاه هزار جرمن يهودين جي فلسطين ڏانهن منتقليءَ بابت ڳالهيون ڪيون. جرمن سرڪار جرمن يهودين جي جائداد ضبط ڪئي. جرمنيءَ مان لڏيندڙ يهودين کي پاڻ سان ناڻو ڪڻي وڃڻ جي اجازت ڪا نہ هئي ۽ ڪين سامان جي ٻن پيٽين کان وڌيڪ ڪا بہ شيءِ ڪڻي وڃڻ جي اجازت بہ ڪا نہ هئي. تنهن ڪري جرمن سرڪار سان ڳالهيون ڪندڙ يهودي اڳواڻ عورت، هائِم ازلوسوروفِ کي 1933ع ۾ طل ابيب شهر ۾ قتل ڪيو ويو. فلسطين ۾ آباد يهودين 14 مليئن پائونڊن جي ماليت جو ويڪو مال جرمنيءَ مان خريد ڪري فلسطين آندو. جرمن يهودين جي فلسطين ۾ اچڻ ۽ جرمن ويڪو مال جو فلسطين ۾ اچي وڪجڻ سان يهودين جي واپار ترقي ڪئي. هائفا شهر ۾ بندرگاه ۽ تيل صاف ڪرڻ جو ڪارخانو تعمير ٿيو ۽ يهودي آبادين ۾ زراعت سڌرڻ ڪري صنعتڪاري شروع ڪئي وئي. سن 1929ع ۽ 1938ع جي وچ واري عرصي ۾ يهودين جي فلسطين ڏانهن پڄين وڏي لڏ پلاڻ دوران ٻيا بہ اڍائي لک يهودي روس، جرمني ۽ ٻين يورپي ملڪن مان لڏي آيا، جن ۾ ڊاڪٽر، قانوندان ۽ پروفيسر گهڻي ڀاڱي

جرمني جا يهودي هئا. انهن جرمن يهودين ۾ جايون اڏڻ جا ڪاريگر اُستا بہ هئا. انهن طل ابيب شهر جي سموري پسگردائيءَ ۾ پنهنجون نراليون اڏاوتون ڪيون هيون. تنهن وقت يهودين جي فلسطين ۾ اچي گڏ ٿيڻ سان يهودي، فلسطين ۾ دنيا ۾ آدمشماريءَ جي لحاظ کان سڀني کان گهڻا ڊاڪٽر هئڻ جي دعويٰ ڪرڻ لڳا هئا. سچي دنيا مان يهودين جو فلسطين اچڻ سبب 1936ع کان 1939ع تائين يهودين ۽ عربن جا هڪٻئي سان اختلاف چوٽ چڙهي دنگن ۽ فسادن جي صورت اختيار ڪري ويا ۽ عربن ۾ قومپرستي جو رُجحان پيدا ٿيو جنهن فلسطين سان گڏ سمورن عرب ملڪن ۽ علائقن کي يورپي سامراجين کان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد چالو ڪئي. هنن فسادن کي ختم ڪرائڻ لاءِ برطانيہ جي سرڪار سن 1936ع ۾ هڪڙي پيل ڪميشن جوڙي، جنهن 1937ع ۾ پنهنجي رپورٽ ۾ راءِ ڏني تہ فلسطين جي گيليلي ۽ الهندي ساحلي علائقي ۾ يهودين جي الڳ ۽ آزاد رياست قائم ڪئي وڃي ۽ انهيءَ سموري علائقي ۾ رهندڙ سوا بہ لک عربن کي اتان لڏائي، فلسطين جي باقي ايراضيءَ ۾ آباد ڪيو وڃي. يهودين جي ٻن مکيہ اڳواڻن شام وِيز مان ۽ ڊيوڊ بين گوريئن پنهنجي زيئنسٽ ڪانگريس کي پيل ڪميشن رپورٽ کي برابريءَ جي بنياد تي، وڌيڪ ڳالهين لاءِ انهيءَ کي بنياد بنائي منظور ڪرڻ تي آماده ڪيو پر فسلطين جي عرب قيادت انهي پيل ڪميشن جي تجويز کي مڪمل طور رد ڪري ڇڏيو ۽ يهودين ۽ انگريزن جي خلاف احتجاجي تحريڪ تيز ڪري ڇڏي. تنهن ڪري عربن کي ٿڌو ڪرڻ خاطر انگريز سرڪار پيل ڪميشن جي تجويز کي ناقابل عمل قرار ڏئي في الحال انهيءَ کي پاسيرو ڪري ڇڏيو. فلسطين ۾ لڏي آيل يهودين جي اڳواڻ وِيز مان، پيل ڪميشن اڳيان واضح ڪيو تہ هن وقت يورپ ۾ سٺ لک يهودي موجود آهن، جن لاءِ يورپ ۾ وڌيڪ وقت رهڻ لاءِ ڪا بہ جاءِ ڪا نہ رهي آهي تہ ان سان گڏ دنيا ۾ ٻي ڪا بہ جڳهہ ڪانهي جتي هو لڏي وڃي سگهن. انهن يهودين جي رهائش واري مسئلي جي حل خاطر آمريڪا سن 1938ع ۾ هڪڙي عالمي ڪانفرنس ڪوٺائي. انهيءَ ڪانفرنس ۾ فلسطين جي عربن توڙي يهودين کي شرڪت جي دعوت ڪو نہ ڏنائون. انهيءَ ڪانفرنس ۾ جرمنيءَ جي نازي حڪومت تجويز ڏني تہ يورپ ۾ موجود سمورن يهودين کي ميڊاگاسڪر ٻيٽ تي اماڻيو وڃي. انهيءَ ڪانفرنس ۾ شريڪ ڪنهن بہ ملڪ يهودين کي پاڻ وٽ اچڻ جي اجازت ڪا نہ ڏني ۽ برطانيہ بہ يهودين جي فلسطين ڏانهن اچڻ تي بندش وڌي. سن 1939ع ۾ برطانيہ طرفان هڪڙو وائيٽ پيپر شايع ٿيو جنهن ۾ ڏهن سالن جي عرصي اندر هڪ آزاد فلسطين جي رياست قائم ڪجي. جنهن ۾ عرب ۽ يهودي برابريءَ جي بنياد تي گڏجي حڪومت هلائين. انهيءَ وائيٽ پيپر ۾ 1940ع کان 1944ع تائين پنجهتر هزار يهودين کي فلسطين ۾ لڏي اچڻ جي اجازت ڏجي. تنهن کان پوءِ واري يهودي لڏ پلاڻ لاءِ عرب قيادت جي طرفان اجازت جي گهرج رهندي، عربن توڙي يهودين انهيءَ وائيٽ پيپر کي رد ڪري ڇڏيو. سن 1940ع ۾ فلسطين لاءِ مقرر برطانوي سفير هڪڙو حڪم جاري ڪيو تہ يهودي فلسطين جي 95 سيڪڙو ايراضيءَ ۾ زمين خريد نہ ڪن تڏهن کان وٽي يهودين غير قانوني طور فلسطين ۾ داخل ٿيڻ شروع ڪيو. انهن يهودين جي سرپرستي سندس غير قانوني تنظيم موساد ۽ اِرگُن پئي ڪئي. ٻي عالمي لڙائي دوران يهودي ايجنسيءَ برطانيہ جي مڪمل حمايت حاصل ڪرڻ لاءِ يهودي فوج تيار ڪري برطانيہ جي فوج جي حوالي ڪرڻ جو منصوبو پيش ڪيو پر

برطانوي سرڪار اهو منصوبو رد ڪري ڇڏيو. برطانيہ گهر ڪئي تہ جنگ لاءِ يهودي سپاهين جو بہ اوترو عدد گهرجي جيترو تعداد ۾ عرب رضاڪار ڏيندا انهيءَ وقت فلسطين جي مکيہ عرب اڳواڻ يروشلم جي مفتيءَ جرمني حڪومت جو ساٿ ڏنو تنهن ڪري برطانيہ پاران جنگ ۾ عربن جو تمام ٿورو تعداد شامل ٿيو هو. مئي 1942ع ۾ فلسطين جي يهودين، مٿن جرمني جي اتحادي محوري قوتن طرفان ممڪن حملي کان بچڻ وارو ناٽڪ ڪري پنهنجي هٿيار بند ونگ تيار ڪئي، جنهن کي برطانيہ ۽ روس طرفان هٿيار بہ مليا، پر انهن ظاهر ڪيو تہ اسان يهودي هٿيار بند ونگ کي هٿيار ڪو نہ ڏنا آهن. انهيءَ وقت يهودي ايجنسيءَ 30 هزار يهودي نوجوان ۽ عورتون ۽ 6 هزار عرب رضاڪار برطانيہ کي پيش ڪيا جن کي برطانوي فوج ۾ ڀرتي ڪيو ويو جون 1944ع ۾ برطانيہ پاڻ يهودي برگيڊ قائم ڪرڻ جو اعلان ڪيو. جنهن ۾ انهيءَ يهودي برگيڊ کي اٽليءَ ۾ برطانيہ طرفان وڙهڻ لاءِ موڪلڻ جي ڳالهہ ڪئي وئي. برطانيہ ۽ ان جي جنگ وارن اتحادي ملڪن ۾ سندن فوجن جي هر محڪمي ۾ دنيا جي اٽڪل 15 لک يهودين حصو ورتو. انهن مان گهڻن يهودين سوويت فوج ۽ آمريڪي فوج ۾ ڪم ڪيو. انهن يهودين پوءِ اسرائيل جي رياست لاءِ ويڙهہ ڪئي ۽ ان جي قيام ۾ فيصلہ ڪن ڪردار ادا ڪيو. انهن مان بہ سؤ کن انتهاپسند سپاهين Lehi ”ليهِي“ نالي سان برطانوي سرڪار جي خلاف تخريبي ڪاروايون ڪرڻ شروع ڪيون. انهن جو اڳواڻ ايوراهانِ لِسترن، دهشتگرد يهودي هو. سن 1943ع ۾ سوويت يونين پنهنجي باغي انتها پسند يهودي نالي مناشم بيگن کي آزاد ڪيو هو ترت فلسطين پهچي يهودين جي فوجي وِنگ جي اڳواٽي ڪرڻ لڳو. ساڳئي وقت تي برطانيہ جي قائم ڪيل اِريٽيريا واري ڪيمپ مان ليهي دهشتگرد يهودي تنظيم جو قيدي رڪن ڀڄي واپس فلسطين آيو ۽ ليهي دهشتگرد تنظيم جي اڳواٽي ڪرڻ لڳو. هاڻي يورپي توڙي بين علائقن ۾ رهندڙ يهودي فلسطين وڃڻ لاءِ پر سوئڻ لڳا. يهودي رياست جي قيام واري يهودي تحريڪ جي اڳواٽي يهودي ايجنسيءَ پئي ڪئي، جيڪا يهودي آبادڪارن ۾ اڻ اعلانيل حڪومت ڪري رهي هئي. انهيءَ ايجنسيءَ جي اڳواٽي روسي نزاد، يهودي ڊيوڊ بين گوُريئن ڪري رهيو هو. فلسطين کان ٻاهر رهندڙ يهودين ۾ فلسطين ۾ يهودي رياست قائم ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪندڙ سيهوني تحريڪ تي غلبو آمريڪي يهودين کي حاصل هو.



ٻي عالمي جنگ برطانيہ کي صفا ڪمزور ڪري ڇڏيو ۽ هن سمجهي ورتو تہ سندس جياپو فقط سندس قبضي هيٺ عرب علائقن ۾ موجود تيل تي ئي ٽڪيل آهي. تنهن ڪري، برطانوي تيل ڪمپنين کي علائقي جي تيل تي مڪمل قبضي هيٺ رکڻ جو حڪم جاري ڪيو ويو ۽

ڪوويت بحرين ۽ عرب امارات تي سامراجي گرفت مضبوط ڪئي وئي. جنگ بند ٿيڻ کان پوءِ وارين چوندن ۾ برطانيہ جي ليبر پارٽي ڪامياب ٿي اقتدار ۾ آئي. جيڪا اڳئي فلسطين ۾ يهودي رياست ٺاهڻ جي حامي هئي، تنهن اسرائيل جي قيام لاءِ نوس پاليسي اختيار ڪئي. اهو وجهہ وٺي، يهودي بنا ڪٽڪي، ناجائز طور لکن جي تعداد ۾ فلسطين ۾ لڏي ايندا رهيا. انهن ۾ نہ فقط يورپي يهودي پر بين عرب ملڪن ۽ مسلمان ملڪن کان بہ يهودي فلسطين ايندا رهيا. جنهن ڪري يهودين جو فلسطين ۾ تعداد ٻي عالمي لڙائيءَ جي خاتمي کان پوءِ وڌي وڃي ڪل آدمشماريءَ جو 33 سيڪڙو ٿي ويو ۽ انهن برطانوي حڪومت جي خلاف گوريلا جنگ ڪرڻ لاءِ سندن مختلف عسڪري تنظيمن جو اتحاد قائم ڪيو تنهن کي جوئش رزسٽنس موومينٽ سڏيائون. جڏهن سرڪار مخالف تحريڪ چالو ڪيائون تہ 1946ع ۾ برطانوي سرڪار يهودي ايجنسيءَ جي هيڊ ڪوارٽر تي ۽ ٻين واسطيدار مرڪزن تي ريڊ وسيلي 2700 انتها پسند ۽ دهشت گرد يهودين کي سندن اڳواڻن سميت گرفتار ڪيو ۽ هر مهيني ۾ فقط 750 يهودين کي فلسطين اچڻ جي اجازت ڏني. انهيءَ فيصلي کي نہ مڃيندي، جولاءِ 1946ع ۾ يهودي دهشتگرد ڪِنگ ڊيوڊ هوٽل ۾ قائم برٽش مليٽري هيڊ ڪوارٽرس ۾ بم اُڇلائي 91 ماڻهن کي ماري ڇڏيو. انهيءَ صورتحال ۾ برطانيہ طل ابيب شهر ۾ ڪرفيو نافذ ڪري يهودين کي هزارن جي تعداد ۾ گرفتار ڪري ڪانئن پڇا ڳاڇا ڪئي. انهيءَ قدم تي آمريڪا ڪاوڙجي پيو ۽ برطانيہ کي منظور ٿيل قرض في الحال ڪو نہ ڏنو تہ سن 1947ع ۾ برطانوي سرڪار فلسطين جي مسئلي کي تازي وجود ۾ آيل اقوام متحده ۾ پيش ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو ۽ 2 اپريل 1947ع ۾ اقوام متحده کي گذارش ڪئي تہ فلسطين جو مسئلو جنرل اسيمبليءَ ۾ نبيريو وڃي. ان ڪري اسيمبلي اقوام متحده جي جنرل اسيمبليءَ اقوام متحده جي فلسطين جي مسئلي بابت اسپيشل ڪاميٽي قائم ڪري، ڪانئس فلسطين مسئلو بابت رپورٽ طلب ڪئي. اها ڪاميٽي جولاءِ 1947ع ۾ فلسطين آئي ۽ يهودين جي مختلف اڳواڻن ۽ وفدن سان ملي جڏهن تہ فلسطين جي عربن انهيءَ ڪاميٽي جو بائڪاٽ ڪيو. اقوام متحده واري ڪاميٽيءَ جي فلسطين واري دؤري دؤران يورپ کان آيل يهودين جي بحري جهاز کي فلسطين ۾ يهودين کي برطانيہ جي سيڪريٽري خارجہ ارنيسٽ بيوِن لاهڻ نہ ڏنو ۽ انهن يهودين کي يورپ جي هيمبرگ بندر تي برطانوي فوج زوري لاهي ڇڏيو. اقوام متحده واري ڪاميٽيءَ کي يهودين جي هڪڙي بنياد پرست اڪودت اسماعيل پارٽيءَ تجويز ڏني تہ اسان جي رهنما بين گوريئن سان صلاح مصلحت موجب فلسطين ۾ فقط يهودي رياست اسرائيل قائم ڪئي وڃي، جنهن ۾ يهودين لاءِ مخصوص تعليمي نظام هئڻ گهرجي. سبت ڇنڇر جو ڏينهن قومي ڏينهن ڪري ملهايو وڃي، انهيءَ ڏينهن سرڪاري ادارن ۾ ڪوشر يعني مخصوص کاڌو کارايو وڃي ۽ شاگردن ۽ بنياد پرست يهودي عورتن کي فوجي خدمت کان آجو ڪيو وڃي. اقوام متحده واري اسپيشل ڪاميٽي رپورٽ ۾ تجوير ڏني تہ فلسطين ۾ هڪ آزاد عرب رياست، هڪ آزاد يهودي رياست قائم ڪئي وڃي، تنهن کان سواءِ يروشلم شهر ۾ انهن ٻنهي رياستن کان جدا ۽ عالمي ٽرسٽي شپ تحت آزاد شهري رياست قائم ڪئي وڃي 29 نومبر 1947ع ۾ جنرل اسيمبليءَ پنهنجي ٺهراء نمبر 181 (11) ۾ اسپيشل ڪاميٽيءَ واري رپورٽ کي اختيار ڪيو ۽ برطانيہ کي هدايت ڪئي تہ يهودين کي فلسطين وڃڻ جي اجازت ڏي. پر انهيءَ ٺهراء تي نہ

برطانيہ نہ ئي سلامتي ڪائونسل ڪو بہ عمل ڪيو. برطانيہ يهودين جي فلسطين وڃڻ تي بندش برقرار رکي ۽ اقوام متحده جي نمائندن کي فلسطين وڃڻ جي اجازت ڏيڻ کان لهرائڻ لڳو. ٻئي طرف اقوام متحده واري ٺهراء يهودين کي خوش ۽ عربن کي سخت مايوس ۽ رنج ڪيو. تنهن ڪري فلسطين ۾ عربن ۽ يهودين ۾ دنگا فساد چالو ٿي گهرو ويڙه کي وڃي رسيا. جنوري 1948ع کان ڪيترن ئي عرب هٿيار بند گروپن جي مداخلت سبب فساد هٿياربند جنگ جي صورت ۾ تبديل ٿي ويا. انهن گيليلي ۽ ساماريا ۾ عربن جي موجودگيءَ کي مستحڪم بنايو. مصر کان آيل عبدالقادر الحسيني پاڻ سان ڪجهہ سؤ فوجي آندا ۽ فلسطين ۾ ڪجهہ هزار رضاڪار تيار ڪري يروشلم شهر ۾ موجود يهودين کي محاصري ۾ آندو. يهودين سؤ سؤ بڪتربند گاڏين جي قافلن سان گهيريل يهودين کي گهربل شيون پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر گهڻي ڀاڱي ناڪام رهيا. هائفا، جافا ۽ يروشلم شهرن جا مٿئين ۽ وچولي طبقي وارا عرب خاندان تقريباً لک کن جي تعداد ۾ فلسطين مان نڪري ويا ۽ منجهائن ڪجهہ عرب فلسطين جي اڀرندي طرف هليا ويا. انهيءَ صورتحال کي ڏسي آمريڪا فلسطين جي ورهاڱي واري منصوبي هٿ تان کڻي ويو ۽ اقوام متحده کي جتايو تہ عرب لبريشن آرمي جي مدد سان فلسطيني عرب فلسطين جي ورهاڱي واري منصوبي کي ختم ڪري ڇڏيندا. ٻئي طرف برطانيہ 7 فيبروري 1948ع ۾ فلسطين جي عربن واري علائقي کي اُردن سان ملائڻ واري منصوبي جي حمايت جو فيصلو ڪري ڇڏيو. هوڏانهن ڊيوڊ بين گوريئن سندن يهودي فوج کي تسليم ڪري، سمورن يهودي مردن توڙي عورتن کي فوجي سکيا وٺڻ جي هدايت ڪئي. يهودي عورت اڳواڻ گولڊاميئر، آمريڪا جي يهودين ۽ ٻين يهودين سان همدردي ڪندڙ آمريڪين کان مناسب انگ ۾ چندو گڏ ڪيو جنهن مان يهودي فوج کي گهربل ضروري هٿيار خريد ڪيا. سوويت يونين پڻ انهيءَ وقت يهودي نصب العين يعني يهودي رياست جي قيام جي حمايت ڪئي. هٿيار خريد ڪرڻ کان پوءِ يهودي فوج فلسطين جي عرب علائقن ۽ شهرن تي حملا ڪندي عربن کي اتان ڀڄائيندي ۽ پنهنجي قبضي ۾ آڻيندي وڌ کان وڌ ايراضيءَ تي يهودي رياست پکيڙڻ جي ڪوشش ۾ مشغول رهي. انهن قبضي ۾ آيل مکيہ شهر ۽ علائقا تبريئس هائيفا، سافد، بيسان، جافا ۽ ايڪر وغيره شامل هئا. انهن علائقن مان اڍائي لک فلسطيني عربن کي يهودي فوج زبردستي سان ڀڄائي ڪڍيو. انهيءَ خطرناڪ صورتحال پاڙيسري عرب ملڪن کي هن مسئلي ۾ مداخلت ڪرڻ تي مجبور ڪيو. چوڏهين مئي 1948ع ۾ هائيفا مان برطانيہ پنهنجي سموري فوج ڪڍي ويو ۽ يهودي ايجنسيءَ طل ابيب شهر جي ميوزم ۾ گڏجاڻي ڪري اسرائيل نالي يهودي رياست جي قيام جو اعلان ڪيو. انهيءَ اعلان کان ترت پوءِ آمريڪا جي صدر هيري ٽِرومَين ۽ سوويت ليڊر جوزف اِسٽالن، اسراعيل نالي قائم ٿيندڙ نئين يهودي رياست کي تسليم ڪيو. جڏهن تہ عرب ليگ ۾ شامل عرب ملڪن، مصر، اردن، شام، لبنان ۽ عراق اقوام متحده واري فلسطين ملڪ کي ورهائڻ واري منصوبي کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ سموري فلسطين ۾ عربن جي حق خود اراديت يعني آزادي جي دعوي ڪئي ۽ فلسطين ۾ پنهنجون فوجون آڻي يهودي فوج سان جنگ شروع ڪري ڇڏي. 29 مئي 1948ع ۾ برطانيہ اقوام متحده جي سلامتي ڪائونسل ۾ ٺهراء نمبر 50 پاس ڪرايو جنهن تحت هن عرب اسراعيل جنگ واري علائقي ۾ هٿيار پهچائڻ تي بندش لڳائي وئي، پر

ڪِزيڪوسِلوواڪِيا سلامتي ڪائونسل جي پيچڪڙي ڪندي، اسرائيل کي گهربل سمورا هٿيار ڏنا. نيٺ 11 جون 1948ع ۾ اقوام متحده طرفان عارضي جنگ بندي عمل ۾ آئي. اسرائيل جي رياست وجود ۾ اچڻ کان پوءِ يهودي فوج کي اسرائيل جي دفاعي فوج سڏڻ لڳا. آزاد يهودي عسڪري گروپن کي بہ اسرائيل جي دفاعي فوج ۾ ضم ٿيڻ جي هدايت ڪئي وئي. انهن آزاد عسڪري گروپن مان ”ايٽزل“ نالي گروپ ”التالينا“ نالي هڪ خانگي بحري جهاز جيڪو هٿيارن سان ڀريل هو اسرائيل ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي، پر اسرائيل جي حڪومت، ڪيس اهي هٿيار نہ ملڻ واري فيصلي سبب انهيءَ بحري جهاز کي سمنڊ ۾ غرق ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ انهيءَ ڦڏي ۾ ايٽزل عسڪري گروپ جا ڪيترائي ماڻهو مارجي ويا. هاڻي يورپ توڙي ٻين ملڪن جا يهودي بنا ڪنهن جي تعداد ۾ اسرائيل اچڻ لڳا ۽ منجهائن گهڻا اسرائيلي فوج ۾ شامل ٿيڻ لڳا. ٻئي طرف فلسطين جا جيڪي علائقا عرب گڏيل فوجن يهودي حڪومت کان خالي ڪرايا هئا، جولاءِ 1948ع کان اهي اسرائيل جي فوج منظم ۽ هٿياربند ٿيڻ بعد واپس وٺڻ شروع ڪيا. ايتري قدر جو گڏيل عرب فوجن کي پسپا ڪري يهودي فوج سندن ڪسيل علائقن کان سواءِ مجوزه عرب ڀاڱي جا بہ ساڻن لڳ علائقا پنهنجي قبضي هيٺ آندا. نومبر جي پڇاڙي ۾ اسرائيل، شام ۽ لبنان جي فوجن وچ ۾ جنگ بندي عمل ۾ آئي. پهرين ڊسمبر 1948ع ۾ اردن جي بادشاه عبدالله، فلسطين جي عرب ايراضيءَ ۽ اردن جي پاڻ ۾ اتحاد ڪرڻ جو اعلان ڪيو. انهيءَ اتحاد کي سڄي دنيا ۾ فقط هڪ ملڪ برطانيہ تسليم ڪيو. اسرائيل چوويهہ فيبروري 1949ع ۾ مصر سان، 23 مارچ تي لبنان سان 3 اپريل تي اُردن سان ۽ 20 جولاءِ 1949ع ۾ شام سان عارضي جنگ بنديءَ تي صحيح ڪئي. هنن ملڪن جي وچ ۾ ڪو بہ حقيقي امن جو معاهدو ڪو نہ ٿيو هو. مستقل طور هنن ملڪن جي وچ ۾ جنگ بندي عمل ۾ اچڻ سبب اسرائيل پنهنجي سرحد گرين لائين نالي سان نشانبر ڪئي. عرب رياستن اسرائيل طرفان نشانبر ڪيل سرحد کي بين الاقوامي سرحد طور تسليم ڪو نہ ڪيو. اسرائيل جي فوج گيليلي، جزريل وادي، اولهہ يروشلم، ساحلي پٽي ۽ نجف کي پنهنجي سرحد اندر داخل ڪري ڇڏيو. گيليليءَ واري سمنڊ واري ساحلي پٽي تي شامين جو قبضو رهيو. لبنان جو روش هانِڪرا نالي هڪ سوڙهي پٽي تي قبضو هو. مصر جو غزا واري پٽي تي قبضو هو، جنهن انهيءَ علائقي کي مُتنازع علائقو ڄاڻايو. مصر جي فوج اسرائيلي سرحد اندر بہ موجود هئي. اردن جي فوج جو الهندي ڪناري تي قبضو هو. انهي کي برطانيہ جنگ کان بہ اڳ اتي ويهاريو هو. جنگ بنديءَ جي اعلان کان پوءِ برطانيہ وٽس قيد ٻہ هزار کن يهودي قيدي سندس قبرس ۾ قائم قيد مان آزاد ڪري اسرائيل موڪليا ۽ اسرائيل جي نئين رياست کي تسليم ڪيو. 11 مئي 1949ع ۾ اسرائيل اقوام متحده جو ميمبر ٿي ويو. اقوام متحده جي رڪارڊ موجب 1947ع ۽ 1949ع جي وچ ۾ ست لک 26 هزار فلسطيني عربن کي اسرائيل فلسطين جي سر زمين تان زبردستي بيدخل ڪيو. اردن کان سواءِ انهن پناهگير عربن وڏين پناه گير ڪيمپن ۾ اجهو ورتو جتي ضروريات جي سخت اڻاٺ هئي. برطانيہ جي تجويز موافق اقوام متحده 1949ع ۾ فلسطيني پناهگيرن جي مدد لاءِ هڪ ايجنسي قائم ڪئي، جيڪا اڄا تائين انهن جي مدد ۾ مشغول آهي.

⑥



# 1857ع ۾ هندستان جي ديسي فوج جي بغاوت ۽ آزاديءَ جي پهرين جنگ

ايسٽ انڊيا ڪمپني جي حڪومت جي خلاف هندستان جي آزاديءَ جي پهرين جنگ اُوڻيهَئين عيسوي صديءَ جي پنجاهه واري ڏهاڪي تائين، ليڪي ۾ نه ايندڙ ۽ ڪمپنيءَ جي پاليسيءَ کي قبول ڪندڙ چند ننڍين رياستن کان سواءِ انگريز سامراجي واپاري ڪمپنيءَ، هندستان جي تقريباً سڄي مڪيه مُلڪن، وڏين رياستن ۽ پرڳڻن تي پنهنجو سامراجي تسلط قائم ڪري ورتو هو ۽ اها گذريل هڪ سئو سالن کان انهن غلام بڻايل سمورين رياستن ۽ قومن جو نهايت بيرحميءَ سان، عالمي پيماني تي استحصال ڪرڻ ۾ مسلسل مشغول رهندي آئي. انگريز سامراجي ڪمپنيءَ جي انهيءَ ڦرلٽ ۽ استحصال خلاف هندستان جي محڪوم ملڪن ۽ قومن ۾ سخت بيچيني ۽ نفرت پيدا ٿي چڪي هئي. تنهنڪري 1857ع ۾ ديسي فوجين طرفان انگريز فوجي آفيسرن سان ٿيل بغاوت، آزاديءَ واري

جنگ ۾ تبديل ٿي وڃڻ سان، هندستان ۾ برطانيه جي سامراجي تسلط جي بنيادن کي هڪ وار ته بنهه لوڏي وڌو. برطانوي مورخن انهي تاريخي واقعي کي، چند ديسي سپاهين طرفان فوجي ضابطي جي ڀڃڪڙي چاڙهايو ۽ کا به اهميت کا نه ڏني. جڏهن ته هندستاني تاريخدانن انهيءَ واقعي کي برطانيه جي سامراجي تسلط ۽ استحصال جي خلاف، ملکي سطح تي محڪوم قومن طرفان بغاوت ۽ هندستان جي آزاديءَ خاطر ٿيندڙ پهرين جنگ قرار ڏنو. برطانوي سامراجي حڪومت جي خلاف چالو ٿيندڙ اها آزاديءَ جي تحريڪ، ارڙهين عيسوي صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ هندستان جي مختلف رياستن ۽ علائقن ۾ پيدا ٿيندڙ برطانوي سامراج مخالف احتجاجي تحريڪ ۽ بغاوت جو تسلسل هئي. جهڙوڪ اتر بنگال ۾ سنياسين واري احتجاجي هلچل، بهار ۽ بنگال ۾ چنار وارا هنگاما. تنهن کان سواءِ اُڻيهئين صدي عيسويءَ جي وچ ڌاري سڄي هندستان ۾ هاري طبقي سان ٿيندڙ ظلم ۽ استحصال جي خلاف هندستان جي هاري طبقي، سماراجي سرڪار ۽ جاگيردار زميندار طبقي جي خلاف سخت احتجاجي تحريڪ هلائي، تنهن ۾ مالابار جي موپلاه تنظيم سان واڳيل هارين جي بغاوت ۽ بنگال ۾ مسلمان هارين طرفان هلائيل فارازئي تحريڪ سڀني کان وڌيڪ اهم باغيانه تحريڪون هيون. اُوڻيهئين عيسوي صديءَ جي پهرئين اڌ دوران هندستان جي مختلف علائقن ۾ ڪيترن ئي قبيلن طرفان ٿيندڙ قبيلائي بغاوتن پڻ جنم ورتو. مثلاً مديه پرديش جي ڀيلن جي بغاوت، بهار جي سنيال قبيلن طرفان ٿيندڙ وڳوڙ ۽ اوڙيسا جي گوند ۽ کوند قبيلن طرفان ٿيندڙ فساد وغيره. اهي وڳوڙ بعاوتون



۽ مختلف علائقن ۾ پيدا ٿيندڙ تحريڪون، پنهنجن پنهنجن علائقن ۽ رياستن تائين محدود ۽ هڪ ٻئي سان ڪنهن به طرح عملي طور مربوط ۽ متحد ڪو نه هيون. تنهن ڪري برطانيه جي سامراجي حڪومت کي انهن تحريڪن مان ڪو به خوف خطرو محسوس ڪو نه ٿيو. مٿي بيان ڪيل وڳوڙن ۽ بغاوتن جي پيٽ ۾ 1857ع واري سرڪار مخالف مزاحمتي تحريڪ، هڪ مُنظم سياسي هلچل جي صورت اختيار ڪري وئي. انهيءَ جي شروعات ته برٽش ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي سرڪاري فوج ۾ چند هندو ۽ مسلمان سپاهين طرفان، سندن بالا عملدارن جي حڪم نه مڃڻ ۽ سزا کائڻ سان ٿي، پر انهيءَ بغاوت کي ترت عوامي حمايت

حاصل ٿي، تنهن ڪري اها زور وٺي وئي. انهيءَ بغاوت ڪي عوام طرفان مزاحمتي تحريڪ طور هلائڻ ۾ ڪيترائي معروضي عناصر ڪارفرما هئا، پر سڀ کان وڏيڪ اهميت جا حامل اسباب، هندستان جي سماج ۾ موجود سيني طبقن، پرتن ۽ گروهن جي صورت ۾ مختلف قومن ۾ غلامي، احساس محرومي ۽ ناانصافيءَ جي حقيقتن، انگريز سامراج جي خلاف احتجاج ۽ بغاوت ڪرڻ تي آماده ڪيو. هن بغاوت ۽ سرڪار مخالف مزاحمتي تحريڪ جو مکيه سياسي سبب، برطانيه وٽ غلام بنايل رياستن ۽ ملڪن جي حڪومتن کي سياسي طرح ٻين آزاد رياستن کان ڌار ڪري، کين مالي طور ڪمزور ڪري، پاڻ وٽ يرغمال بنائي، انهن کان اقتدار کسي، انهن کي پنهنجي سامراجي تسلط هيٺ اٽي چڙهڻ واري سامراجي پاليسي هئي، جنهن تحت برطانوي سامراج يورپ کان سواءِ باقي دنيا جي سمورن کنڊن ۾ ٻين يورپي سامراجي ملڪن جي پيٺ ۾ تمام گهڻن ملڪن ۽ رياستن تي پنهنجو مڪمل سامراجي سياسي تسلط قائم ڪري ورتو. تنهن ڪري اهو ڪجهه وقت تائين فخر سان چوندو رهيو ته سندس (سامراجي) سلطنت تان ته سج لهي ئي نٿو! انهي پاليسيءَ تحت برطانوي سامراجي حڪومت هندستان جي تمام گهڻن ملڪن ۽ رياستن جي حاڪمن، بادشاهن، راجائن ۽ نوابن کي زوريءَ تخت تان لاهي، قتل ڪري ۽ ڪن کي قيد ۾ رکي انهن ملڪن ۽ رياستن تي پنهنجو مڪمل سياسي تسلط قائم ڪندي رهي ۽ پنهنجي سامراجي سلطنت جي مسلسل توسيع ڪندي رهي. باقي آزاد رهيل ملڪن ۽ رياستن جي حاڪمن تي به ساڳي عقوبت ٿيڻ جو خوف تاري هو. انهيءَ پاليسيءَ تحت راڻي لڪشمي ٻائيءَ جي گود ۾ ورتل پُٽ کي، سامراجي حڪومت، پنهنجي جهانسي واري رياست جي تخت تي ويهي بادشاهه بنجڻ جي اجازت ڪا نه ڏني. اهڙيءَ طرح ستاره، ناگپور ۽ جهانسي رياستن کي زوريءَ پنهنجي سامراجي حڪومت ۾ ضم ڪري ڇڏيو. تنهن سان گڏ سامبلپور ۽ اُديپور جون رياستون پڻ ساڳي زوراوريءَ سان سامراجي حڪومت ۾ شامل ڪيون ويون. راجا باجي رائو ٻئي جي گود ۾ ورتل پٽ کي انگريز سرڪار طرفان ملندڙ وظيفو برقرار رکڻ کان انگريز سرڪار طرفان انڪار ڪرڻ سبب، انگريز سرڪار ۽ مقامي حڪمران نانا صاحب جي وچ ۾ دشمني پيدا ٿي پئي. ٻيو ته برطانوي سامراجي سرڪار اعلان ڪيو ته اختيار نه پر فقط لقب رکندڙ شهنشاه بهادر شاهه ثانيءَ جي اهل عيال کي هاڻي لال قلعي ۾ رهڻ جي اجازت ڪانه ڏبي. انهيءَ اعلان عوام ۾ سامراجي حڪومت جي خلاف سخت نفرت ۽ بيچيني پيدا ڪري ڇڏي. ٽيو ته ان وقت هندستان جي گورنر جنرل لارڊ ڊلهائوسي، خراب انتظامي صورتحال جو بهانو بنائي، اوڌ جي شاهوڪار رياست تي قبضو ڪري، پنهنجي سامراجي حڪومت ۾ ضم ڪري ڇڏيو جنهن ڪري معزول ڪيل هزارين امير، اعليٰ عملدار سپاهي، وظيفه بردار ۽ نوڪر چاڪر بيروزگار ۽ بي يارومددگار ٿي پيا ۽ اوڌ جي سموري رياست ۾ انگريز سامراجي حڪومت جي خلاف غم ۽ غصي جي لهر ڊوڙي وئي. پنهنجي دور حڪومت ۾ برطانوي سامراج هندستان جي حوالي سان 1850ع ۾ هڪڙو قانون جوڙيو جنهن تحت

جيڪي هندو، هندو مذهب ڇڏي ڪرستان يعني عيسائي مذهب اختيار ڪري ويا ۽ انهن کي سندن مائٽن جي ملڪيت جو وارث بنايو ويو، جڏهن ته هندو مذهب موجب، مذهب مٽائيندڙ فرد کي مائٽن جي ملڪيت ۾ ڪنهن به طرح ورثي جو حق حاصل ڪو نه هو. انگريز سامراجي سرڪار، سندن آندل عيسائي مبلغن ۽ مُلن جي سوين ٽولن کي اجازت ڏني ته اهي پلي سڄي هندستان ۾ عيسائيت جي تبليغ ڪري، هندستاني ماڻهن کي عيسائي مذهب ۾ داخل ڪن. ٻئي طرف ڪجهه قانون ٺاهي ستي واري رسم ۽ پنهنجي ڌيئرن کي ڄمڻ شرط ماري ڇڏڻ واري ظالمانه رواج کي مڪمل طور بند ڪرائي ڇڏيو ۽ بيوه عورتن کي شادي ڪرڻ جو حق ڏنو ويو. اهڙيءَ طرح هندستان جي معاشري ۾ ظالمانه ۽ بيجا روايتن کي رد ڪري سماجي صورتحال ۾ مناسب تبديليءَ جو عمل شروع ڪيو ويو. هندستان ۾ ريل گاڏين ٽيلي گراف ۽ ٽيلي فون جو نظام پڻ شروعات ۾ هندستاني ماڻهن لاءِ حيرانيءَ ۽ پريشانيءَ جو سبب بڻيو. مُلڪ جي ٻهراڙين ۾ ڪمپني جي حڪومت طرفان زرعي زمين ۽ ان جي پيداوار تي اجائي گهڻي ڍل ۽ ٻيا ناجائز ٽيڪس مڙهڻ سبب، زميندار توڙي هاري طبقو انگريز سرڪار تي ناراض ۽ ڪانئس خائف هو. ڪيترائي زميندار ۽ هاري، جيڪي اهي ڳرا ٽيڪس ۽ ڍلون پيارڻ ۽ قرضدارن کي قرض واپس ڪرڻ جي قابل نه رهيا هئا، تنهن ڪري انهن جون پنهنجون اباڻيون ٻنيون ۽ ٻارا، ڳرن ٽيڪسن ۽ قرضن جي نذر ٿي ويا. سرڪار جي حامي زميندار طبقي، ڪمپني حڪومت جي فوج لاءِ



سندس هاري طبقي جي نوجوان اولاد کي سرڪار جي حوالي ڪيو. سرڪار پاران هاري طبقي ۽ ڇوٽي زميندار طبقي سان ناجائز ۽ ناروا سلوڪ جو خراب اثر، انهن هارين جي اولاد، سپاهين واري فوجي طبقي تي پڻ اڻٽر طور تي پئي ٿيو. برطانيه طرفان ٿيندڙ هندستان جي سمورين محڪوم قومن جو استحصال ۽ هندستان جي روايتي اقتصادي نظام کي مڪمل طرح تباه ڪرڻ سبب هندستان جي سمورين محڪوم قومن ۾ استحصال جو سڀني کان وڌيڪ شڪار ٿيندڙ سمورن مظلوم پورهيت طبقن ۾ سامراجي سرڪار جي خلاف غصي ۽ غم جي لهر چڙهندي وئي. انگلينڊ ۾ صنعتي انقلاب ۽ اقتصادي ترقيءَ سبب، انگريزي ڪارخانن ۾ تيار ٿيندڙ عام واهپي جون سڀئي شيون ۽ جنسون، خصوصاً انگريزي ڪپڙو، هندستان ۾ سرڪاري طرح وڪرو ٿيڻ سبب، هندستان جي مکيه گهريلو صنعت يعني ڪپڙي واري صنعت کي تباهيءَ جي ڪناري تي آڻي بيهاريو ڇو ته مشينن سان تيار ڪيل، انگريزن جون آندل ڪپڙي سميت سموريون شيون، هندستان وارين هٿ سان ٺهيل شين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ سُنهڻيون ۽ سَستِيون هئڻ ڪري خوب وڪامڻ سبب، ديسي هنرن ۽ دستڪارين کي ڪاپاري ڌڪ لڳو. ٻيو ته انگريزن جي ڪارخانن لاءِ گهربل ڪچو مال، هندستان جي ڪُنڊ ڪُڙڇ مان پڳڙن جي مُٺ تي خريد ڪري، هندستان ۾ قائم ڪيل ريلوي نظام ۽ بحري تجارتي ٻيڙن وسيلي انگلينڊ اماڻيو ويندو هو. اهڙيءَ طرح هندستان کي انگريزي صنعتي نظام لاءِ گهربل ڪچو مال مُهيا ڪندڙ مکيه مُلڪ ۽ انگلينڊ جي ڪارخانن ۾ تيار ٿيل مال وڪڻڻ لاءِ بهترين بازار بڻائي ڇڏيو ويو. هن سموري سياسي معاشي ۽ سنگين سماجي صورتحال، هندستان جي محڪوم قومن ۽ مظلوم طبقن ۾ انگريز سامراج جي خلاف سخت نفرت ۽ عناد پيدا ڪري ڇڏيو. 1857ع وارن فسادن جي شروعات ته هڪ هندو سپاهيءَ طرفان انگريز فوجي آفيسر جي حڪم عدوليءَ ۽ بغاوت ڪرڻ سان ٿي، پر اُها آهستي آهستي سماج جي ٻين طبقن ۽ پرتن کي پاڻ ۾ سمائي وئي ۽ ملڪي پيماني تي قومي آزاديءَ جي تحريڪ واري صورت اختيار ڪري وئي. هندستان ۾ تيار ڪيل برطانوي فوج جو 87 سيڪڙو کان به وڌيڪ تعداد، اصل هندستاني ماڻهن تي مشتمل هئڻ جي باوجود، انهن کي انگريز گهٽ درجي يا گهٽ ذات وارا ماڻهو قرار ڏيندي ساڻن سخت ناروا ۽ ناجائز سلوڪ ورتائيندا هئا. ساڳئي عهدي تي مقرر مقامي هندو يا مسلمان سپاهيءَ جو پگهار، انگريز سپاهي جي پگهار کان تمام گهٽ






هوندو هو. بيو تہ ڪنهن بہ هندستاني سپاهيءَ کي صوبيدار کان مٿئين عهدي تي ترقي هرگز ڪا نہ ڏني ويندي هئي. هندستان ۾ برطانوي سامراجي سلطنت جي توسيع، هندستاني سپاهين جي نوڪريءَ لاءِ حالتن کي وڌيڪ ڏکيو بنائي ڇڏيو. هندستاني سپاهين کي سندن گهرن کان تمام پري، بيحد ڏورانهن ۽ ڏکين علائقن ۾ مقرر ڪيو ويندو هو. سن 1856ع ۾ گورنر جنرل، لارڊ ڪيننگ، هڪ جنرل سروسز ايڪٽ لاڳو ڪيو. جنهن تحت برطانيہ جي سمنڊن پار بينڪن ۾ وڃي خدمتون سرانجام ڏيڻ لاءِ سيني هندستاني سپاهين کي پابند بنايو ويو. انگريزن طرفان تيار ٿيندڙ بنگالي فوج ۾ اوڌ رياست جي وڏن گهراڻن ۽ اوچين ذاتين مان ڀرتي ڪئي وئي هُئي. جڏهن تہ هندو مذهب موجب اها مقامي ماڻهن تي مُشتمل فوج، سمنڊ پار، خصوصاً ڪاري پاڻيءَ وارو سمنڊ ٽپي وڃي نوڪري ڪرڻ لاءِ تيار ڪا نہ هئي ۽ انهي خوف ۾ مبتلا رهي تہ خدا نہ خواهستہ انگريز اسان کي اسان جي مذهب مان خارج ڪري سندن عيسائي مذهب ۾ داخل ڪري ڇڏيندا. انگريز سامراج اوڌ رياست کي زبردستيءَ سان پنهنجي ڪمپنيءَ واري حڪومت ۾ شامل ڪري، اوڌ جي نواب جي جوڙيل فوج کي توڙي ڇڏيو. تہ اها بيروزگار بنايل سموري فوج انگريز سامراج جي فطري طور تي دشمن بنجي وئي. سن 1857ع واري بغاوت، سٽين ڪارتوسن جي استعمال تان سرجي، جن بابت افواہ هليو تہ انگريزي فوج کي مليل نئين اينفيلڊ رائيفل ۾ استعمال ٿيندڙ ڪارتوسن کي ڳئون ۽ سوئر جي چربي لڳل آهي. رائيفل ۾ وجهڻ کان اڳ انهن ڪارتوسن تي لڳل سٽيو ڪاغذ سپاهين

کي چڪ سان لاهڻو پوندو هو. تنهن ڪري هندو توڙي مسلمان سپاهين، اهي رائيفلون استعمال ڪرڻ کان انڪار ڪيو. گورنر جنرل اها غلط فهمي دور ڪرڻ لاءِ حتيٰ الامڪان ڪوشش ڪئي ۽ انهن سٽين ڪارتوسن جو استعمال بہ ڪافي حد تائين روڪيو ويو. پر فوج جي هندو توڙي مسلمان سپاهين ۾ سڄي ملڪ ۾ جتي ڪٿي ڪارتوسن بابت بيچيني ۽ نفرت پکڙجي وئي. مارچ 1857ع ۾ بارڪ پور ڇانوڻيءَ ۾ منگل پانڊي نالي هڪ سپاهيءَ اهي سٽيا ڪارتوس استعمال ڪرڻ کان انڪار ڪندي، سندس انگريز بالا عملدارن تي قاتلانہ حملو ڪيو. انهيءَ ڏوهہ ۾ ڪيس 8 اپريل 1857ع ۾ ڦاسي ڏني وئي. تنهن کان مهينو کن پوءِ، ميرٺ واري ڇانوڻي ۾ پنجاسي سپاهين سٽين ڪارتوسن واري رائيفل هلائڻ کان انڪار ڪيو تہ انهن کي ڏهہ سال سخت پورهئي سان قيد جي سزا ڏني وئي. انهيءَ واقعي کان ترت پوءِ، ميرٺ جي ڇانوڻيءَ ۾ هندستان جي ديسي سپاهين بغاوت ڪري وڌي جو تہ انهيءَ ساڳئي ڏينهن 9 مئي تي 85 سپاهين کي مٿي ڄاڻايل سزا ڏني وئي هئي. ميرٺ واري ڇانوڻيءَ ۾ ٿيل بغاوت سان حقيقت ۾ انگريز سامراجي سرڪار سان ملڪ گير بغاوت ۽ هندستان جي آزاديءَ جي پهرين لڙائيءَ جي شروعات ٿي. انهيءَ ڏينهن، 9 مئي 1857ع تي ميرٺ ڇانوڻيءَ ۾ موجود سمورن هندستاني سپاهين عام بغاوت ڪري، پنهنجن انگريز آفيسرن کي ماري ڇڏيو ۽ جيل کي ڀڃي، اتي سمورن قيدين کي آزاد ڪري ڇڏيو. ٻئي ڏينهن يعني 10 مئي تي، اهي سمورا هندستاني سپاهي دهليءَ ويا، جتي ساڻن اتي موجود هندستاني سپاهي بہ بغاوت ۾ شامل ٿي ويا. تنهن ڪري سمورن هندستاني سپاهين گڏجي دهلي شهر تي قبضو ڪري ورتو ۽ 11 مئي تي بيمار ۽ انگريزي حڪومت



جي سهاري جيئندڙ معزول بادشاهہ کي، ٻيهر هندستان جو بادشاهہ بنائي ڇڏيو. پر هو جهور پوڙهو، بيمار ۽ بلڪل نبل شخص، گهربل اڳواڻي ۽ حڪومت ڪرڻ جهڙو مُور ڪونہ هو. تنهن ڪري باغي فوج ۽ حڪومت کي سنڀالي ڪو نہ سگهيو. اٽڪل پنجن مهينن اندر، سيپٽمبر ۾ انگريزن دهليءَ ۾ باغي سپاهين جي برپا ڪيل حڪومت تي ڪاهہ ڪئي ۽ دهليءَ ۾ ڇهن ڏينهن دوران قتل و غارت جي بازار گرم رکندي، هزارين بيگناهہ ۽ اڻوڄهہ انسانن جو خون ڪيو ۽ سوين رهبر ۽ اڳواڻ هندستاني سپاهين کي ڦاسيءَ تي لٽڪائي، دهليءَ جي شهر تي ٻيهر قبضو ڪري ورتو. شهنشاهہ بهادر شاهہ ظفر کي گرفتار ڪري ۽ ملڪ بدر ڪري

رنگون روانو ڪيو ويو، جتي ذلت واري زندگيءَ جا باقي ڏينهن گهاري سن 1862ع ۾ گذاري ويو ۽ سندس پُٽن کي گوليون هڻي ماريو ويو. انهيءَ ريت هندستان ۾ مغل شهنشاهت پنهنجي افسوسناڪ انجام تي پهتي! دهليءَ تي هندستاني سپاهين جو قبضو ٽيڙ ڪان پوءِ هندستان جي ڪجهه ٻين علائقن ۽ رياستن ۾ بہ انگريز سامراج خلاف بغاوت ۽ هلچل پکڙجي وئي ۽ پٽنا کان راجستان جي دنگ وٽ وڃي رسي. غور ڪري ڏسبو تہ بغاوت ۽ آزاديءَ جي جنگ واري لهر جا هيٺ ڄاڻايل ڇهہ مکيہ علائقا ۽ شهر هئا، جتي حقيقي طور آزاديءَ جي جنگ جوٽي وئي هئي. 1. ڪانپور، 2. لکنو 3. بريلي، 4. جهانسي، 5. گواليار ۽ 6. بهار جو آراه وارو علائقو. لکنو شهر ۾ اوڌ رياست تي قبضو ڪري، انگريز سامراج اوڌ رياست جي فوج کان هٿيار کسي، ان کي ٽوڙي، بيروزگار ڪري، ٻيرڪن ۽ ڇانوڻيءَ مان بيدخل ڪري ڇڏيو. اهي بي روزگار بنايل فوجي، باغي فوج سان ملي ويا. انهيءَ گڏيل باغي ۽ بيروزگار فوج جي اڳواڻي اوڌ رياست جي سابق حاڪم جي راڻيءَ، بيگم حضرت محل ڪندي، انگريز سامراج خلاف آزاديءَ جي حقيقي جنگ لڙي، پر جديد هٿيارن سان ليس، سامراجي ڌوڙي فوج کان هارائي نيٺ پاڻ نيپال ڏانهن نڪري وئي. پويان انگريزن لکنئو شهر تي ٻيهر قبضو ڪري ورتو. ڪانپور ۾ انگريز حڪومت جي خلاف جنگ جي اڳواڻي ڪانپور رياست جي حاڪم (پيشوا)



باجي رائو ٻئي جي گود ۾ ورتل پٽ، نانا صاحب ڪئي، جنهن کي انگريزن پينشن ڏيڻ بند ڪري ڇڏي هئي. نانا صاحب ڪانپور تي قبضو ڪري، پاڻ کي پيشوا بنائي ويهي رهيو. پر تازه دم فوج، اسلحہ ۽ خوراڪ سميت پهچڻ سان انگريز سامراج ڪانپور تي وري قبضو ڪرڻ لاءِ پيشوا سان ڇتي ويڙهہ شروع ڪئي ۽ پيشوا واري بغاوت کي نهايت بي رحميءَ جو مظاهرو ڪندي ڪُچلي ڇڏيو. ڪيترن ئي سرڪرده افراد کي ڦاسيءَ تي لٽڪايو ويو. پر دهشت ۽ وحشت جو ڪُڌو ڪردار ادا ڪندي، سوين هزارين فوجين ۽ عام ماڻهن کي، توپن جي مُنهن ۾ وجهي توپن جا گولا هڻي، ڪين ذرا ذرا ڪري هوا ۾ اُڏائي، ظلم ۽ ستم جو نئون ڏيک ڏيکاريو. جنگ هارائڻ جي خدشي تحت، نانا صاحب لڪي ڀڄي ويو پر سندس سُچيت سالار، تانتيا توپ، انگريز سامراج جي خلاف جنگ جاري رکي، سو نيٺ ويڙهہ

وڙهندي گرفتار ٿيو ۽ ڦاسيءَ تي چاڙهيو ويو. جهانسي رياست جي راڻي، ٻاويهه ساله راڻي لڪشمي ٻائي، مجبور ٿي انگريزن سان تڏهن جنگ جوٽي، جڏهن انگريز سامراج راڻيءَ جي گود ۾ ورتل پٽ کي، جهانسي رياست جي تخت تي ويهڻ کو نه ڏنو ۽ رياست تي قبضو ڪرڻ چاهيو. هوءَ انگريزي فوج سان نهايت دليريءَ سان وڙهي، پر نيٺ هارائي، وڃي تانتيا توپ سان گڏي. انهن گڏجي انگريزن جي چاڙتي، گواليار جي حاڪم، سِنڌيا کي ڀوڄائي ڪڍيو ۽ گواليار تي قبضو ڪري ورتو. تنهن ڪري راڻي لڪشمي ۽ تانتيا توپ جي قبضي جي خلاف انگريزن چِٽي ويڙهه چالو ڪئي. انهيءَ جنگ ۾ شيهڻ وانگر شجاعت سان وڙهندي راڻي لڪشمي ٻائي جنگ جي ميدان ۾ شهيد ٿي وئي ۽ تانتيا توپ کي گرفتار ڪري ڦاسي ڏني وئي. اهڙيءَ طرح گواليار هاڻي انگريزن جي سڌي قبضي




هيٺ آيو. بهار ۾ انگريزن جي خلاف آزاديءَ جي جدوجهد جي اڳواڻي، ڪنور سنگهه ڪئي. انگريز سامراجي حڪومت جي خلاف بغاوت ۽ آزادي واري هيءَ پهرين جنگ، سال کان ٻه ڪُجهه وقت تائين جاري رهي، جنهن تي انگريز سامراجي فوج 1858ع جي وچ ڌاري وڃي پنهنجو ضابطو بحال ڪيو ۽ 8 جولاءِ 1858ع تي هندستان تي مقرر ٿيل انگريز گورنر جنرل، لارڊ ڪيننگ، هندستان ۾ امن امان بحال ٿيڻ جو اعلان ڪيو. سن 1857ع ۾ هندستان جي وِچئين طبقي سان وابسته پڙهيل لکيل سُجاڳ ماڻهو واپاري طبقو ۽ ملڪ جو جاگيردار، زميندار ۽ وڏيرو ۽ سردار طبقو ويهئين عيسوي صديءَ ۾ پيدا ٿيل وچئين طبقي توڙي مقامي حاڪم، سردار وڏيري، جاگيردار ۽ زميندار طبقي جهڙو سُچيت، دلير ۽ آزادي پسند ڪو نه هو. تنهن ڪري، انهيءَ وچئين توڙي مقامي حاڪم طبقي 1857ع ۾ آزاديءَ واري هلچل جي ڪا به حمايت يا مدد ته ڪا نه ڪئي، پر ابتلو ڌارئين دشمن انگريز جي مڪمل طرح حمايت ۽ حتيٰ المقدور مدد ڪندي انهيءَ آزاديءَ واري تحريڪ سان غداريءَ وارو ڪردار ادا ڪيو. ٻئي طرف باغي فوج ۽ ان جي حامي سياستدان طبقي ۾ گهربل تنظيم، اسلحه بارود ۽ پيسي جي پڻ شديد کوٽ هئي. انهن اسباب مواقف، 1857ع واري آزاديءَ واري تحريڪ، آزاديءَ جي ملڪ گير تحريڪ تي، آزادي

جي جدوجهد کي برقرار رکي نہ سگهي ۽ جديد هندستان جي نئين ڪنڌ ۾ آزاديءَ واري پهرين جنگ في الوقت ڪاميابيءَ سان همڪنار نہ ٿي سگهي. نتيجي طور هندستان تي حڪومت ڪندڙ برٽش ايسٽ انڊيا ڪمپني کي برطانيہ جي حڪومت ٽوڙي ڇڏيو ۽ هندستان سڌيءَ طرح برطانيہ جي توسيع شده سامراجي شهنشاهت جو هڪ مکيہ پاڳو قرار ڏنو ويو. جتي برطانوي سامراج جي ماتحت دنيا جي ٻين غلام بنايل ملڪن وانگر انهيءَ دور جي برطانوي مهاراڻيءَ وڪٽوريا جو راڄ نافذ ڪيو ويو. تڏهن کان هندستان تي سامراجي حاڪم، گورنر جنرل جي عهدي بدران وائيس راءِ جي لقب سان مقرر ٿيڻ ۽ حڪومت ڪرڻ لڳو. هندستان ۾ موجود برطانوي سامراجي حڪومت کي ڏن ڏيندڙ نالي ماتر آزاد ننڍين رياستن تي زوريءَ قبضو ڪرڻ واري پاليسي ترڪ ڪئي وئي. راجائن ۽ راڻين جي گود ۾ ورتل پُٽن کي قانوني طور جائز وارث هجڻ جو حق پڻ تسليم ڪيو ويو. البت انهي بغاوت ۽ آزاديءَ واري ناڪامياب جنگ مستقبل ۾ سر جي چالو ٿيندڙ آزاديءَ جي ڪامياب ٿيندڙ تحريڪ لاءِ بنياد فراهم ڪيو ۽ راه هموار ڪئي.

⑥






# انڊونيشيا وارو قومي انقلاب

انڊونيشيا جي انقلابي اڳواڻن، سوئيڪارنو ۽ هتا، آزاديءَ جي اعلان ۾ هيٺيان مختصر لفظ نشر ڪرايا. ”اسين انڊونيشيا جا عوام، پنهنجي وطن انڊونيشيا جي آزاديءَ جو اعلان ڪريون ٿا. اقتدار جي مُنتقليءَ متعلق ۽ حڪومت جي ٻين مڙني معاملن کي خبرداريءَ ۽ سُچيتائي سان سنڀالي ترت ضابطي هيٺ آندو ويندو. جڪارتا 17 آگسٽ 1945ع انڊونيشيا جي عوام جي نالي ۾“ انهي اعلان واري ڪاغذ تي سوئيڪارنو ۽ هَتا جا دست خط ٿيل هئا. آزاديءَ جي اعلان جي خبر ٻين ٻه ڏوراهن جزيرن تائين پکڙي وئي، پر گهڻن ماڻهن کي انهيءَ اعلان تي يقين ڪو نه ٿيو. جيئن ئي آزاديءَ جي اعلان واري خبر پکڙي، ته انڊونيشيا جا تام گهڻا ماڻهو پاڻ کي سوئيڪارنو ۽ هتا جي انقلابي پارٽيءَ سان وابستا سمجهڻ لڳا ۽ آزادي واري انقلاب جي لهر سڄي ملڪ ۾ مقبول ٿي. ملڪ تي سامراجي قبضو نيدرلينڊس جي ڊچ قوم کان مُنتقل ٿي هاڻي ٻي عالمي جنگ ۾ فتح حاصل ڪندڙ اتحادي ملڪن جي فوجن هٿ ڪرڻ شروع ڪيو ڇو ته ٻي عالمي لڙائيءَ ۾ نيدرلينڊ ايترو ڪمزور ٿي چڪو هو جو انڊونيشيا ۾ پنهنجو تسلط برقرار رکڻ جي قابل نه رهيو. ٻي عالمي لڙائيءَ جي شروعات ۾ نيدرليندس کي ٻي دخل ڪري انڊونيشيا تي جپان قبضو ڄمايو هو پر ٻي عالمي لڙائي

۾ هارائڻ سبب ڪتندڙ ڏُرِ اتحادي ملڪن جي مقرر شرطن موجب هٿيار ڦٽا ڪري اتحادين جي حڪم جي تعميل ڪرڻ لاءِ ٻڌل هو. جپان طرفان آڻ مڃڻ کان پوءِ انڊونيشيا ۾ پيدا ٿيل اقتدار جي خلا سبب، سياسي وايو منڊل غير يقينيءَ وارو ٿي پيو البت ريپبليڪن پارٽيءَ جي ڪاميابيءَ جي سلسلي ۾ عوام کي اميد جي هڪڙي چٽنگ ڏسڻ ۾ اچي رهي هئي. آزاديءَ واري اعلان کان ترت پوءِ جاوا جي وڏن شهرن ۾ ريپبليڪن پارٽيءَ جي نوجوان تنظيم مکيه سرڪاري تنصيبات تي ريلوي اسٽيشنن ۽ ٽرامن جي سرشتي سميت، جپاني فوج سان معمولي جهڙپن کان پوءِ قبضو ڪري ورتو. انقلاب جي هنگامي مقصدن کي سڄي مُلڪ ۾ ترت عوام جي اڳيان پيش ڪري عوام جي حمايت حاصل ڪرڻ خاطر، پنهنجي پارٽي جون اخبارون شايع ڪرڻ لڳي ۽ پنهنجي ريڊيو اسٽيشن پڻ قائم ڪئي. تنهن کان سواءِ ديوارن تي قوپرستيءَ واري اصول لاءِ عوامي حمايت حاصل ڪرڻ لاءِ، چاڪنگ ڪئي وئي. تقريباً سمورن جزيرن ۾ جدوجهد ڪميٽيون ۽ هٿيار بند مليشيا جٽا جوڙيا ويا. ريپبليڪن پارٽيءَ جون اخبارون ۽ رسالا، وڏن شهرن جهڙوڪ جڪارتا، يوگِواڪرتا، سُوراڪرتا ۽ ٻين علائقن ۾ عام ٿي ويا هئا، جن ليکڪن جي هڪڙي نوجوان نسل کي اڳتي وڌڻ ۾ مدد ڪئي. ليکڪن جو اهو نسل پاڻ کي سن 1945ع وارو نسل يعني انقلابي ليکڪن وارو نسل سڏائڻ لڳو. انهي ليکڪن جي نسل کي يقين هو ته سندن سياسي لکڻيون انقلاب جو حصو آهن. ريپبليڪن پارٽيءَ جي اڳواڻن قوم جي عام راءِ ۽ حمايت حاصل ڪرڻ جا جتن پي ڪيا؛ ڪن سياسي ڌرين هٿيار بند جدوجهد وسيلي انقلاب آڻڻ پي گهريو. ته اجا ٻين سياسي ٽولن وري وڌيڪ معقول رويو اختيار ڪرڻ طرف ڌيان پي ڇڪايو. اجا ڪجهه ٻين سياسي اڳواڻن، جهڙوڪ ڪاٻي ڌر واري سياستدان ٽين ملاڪا عوام ۾ واضح طور پنهنجي نقط نظر جو پرچار پي ڪيو ته هيءَ هڪڙي حقيقي انقلابي جدوجهد آهي، جنهن جي اڳواڻي انڊونيشيا جي نوجوان انقلابي تنظيم ”پيمودا“ ڪري رهي آهي ۽ عوام جي حمايت سان اها ئي تنظيم ڪاميابي ماڻيندي. انهيءَ جي ڀيٽ ۾ سوئڪارنو ۽ هَتاوارن جي خواهش هئي ته سفارڪاريءَ واري حڪمت عمليءَ سان، ملڪ تي غالب سامراجي ڌرين سان، معروضي حالتن موجب سنجيده مذاڪرات وسيلي، حڪومت ۽ واسطيدار ادارا جوڙڻ جي صورت ۾ آزادي حاصل ڪجي. جڏهن ته ملڪ جي وڏن شهرن ۾ انقلاب جي حمايت ۾ جِلُوسن ۽ جَلسن جو سلسلو شروع ٿي ويو. انهيءَ سلسلي ۾ ڪاٻي ڌُر واري سياسي اڳواڻ، تان ملاڪا، جڪارتا شهر ۾ ٻه لک کان به گهٽي تعداد ۾ عوام تي مُشتمل جلوس ۽ جلسو مُنعقد ڪيو. سوئڪارنو ۽ هتا وارن کي انهيءَ موقعي تي فساد ٿيڻ جو کُٽڪو هو پر اهو جلسو امن امان سان پڄاڻيءَ تي پهتو. سيپٽمبر 1945ع ۾ مڪمل آزاديءَ واسطي پنهنجي زندگي قربان ڪرڻ لاءِ تيار، خود ساخته نوجوان انقلابي گِروهه بي صبر ۽ بي چين ٿي پيا. ڌارين قومن، جهڙوڪ نيدرليندس وارن ڊچن، ٻين يورپي سامراجين (اتحادي ملڪن) طرفان آندل ايشيائن ايمبونيز ۽ چائنيز ماڻهن کي انڊونيشيا ۾ هاڻي مجموعي طور تي انڊونيشيا جي ملڪ ۽ انڊونيشيا جي عوام ۽ انڊونيشيا ۾ هلندڙ آزادي ۽ انقلاب جو دشمن ڄاڻبدي ڪين جاسوسي ڪرڻ، انقلابي ڪارڪنن کي اغوا ڪرڻ، ڦرلٽ ڪرڻ، انڊونيشيا جي انقلابي ڪارڪنن کي فرداً




فرداً قتل ڪرڻ توڙي انهن جو اجتماعي قتلام ڪرڻ جا ڏوهاري ڄاڻندي ساڻن مقابلو ڪرڻ ۽ سيڪٽ ڏيڻ جو عمل شروع ٿي ويو ۽ انقلاب واري تحريڪ جي سموري عرصي دؤران برقرار رهيو پر انهيءَ ۾ تيزي سن 1945ع ۾ 46 عيسوي ۾ هئي. تنهن ڪري انهيءَ عمل کي دشمن سان عقوبت ڪرڻ وارو عمل ڪوٺيو ويو. انهيءَ تِلخ مرحلي کان پوءِ سن 1947ع ۾ ڊچ سامراجي اختيارين انقلابي عوام هٿان تذليل ۽ مارَڪُٽ جو نشانو ٿيل ڏارين سامراجي حڪمرانن جي آنڌل ڏارين اهلڪارن ۽ هٿياربند ماڻهن کي انصاف ڏيڻ جي بهاني، ڪانئن انڊونيشيا جي انقلابي اڳواڻن ڪارڪنن توڙي انقلابي مُحب وطن عوام جي خلاف سندن قائم ڪيل نامنهاد عدالتن ۾ فرياد داخل ڪرائي، ماڻهن کي ڪيسن ۾ ڦاسائي، انقلابي عمل ۾ رڪاوٽ وجهڻ جي بدنيت ڪوشش ڪئي. انهن مقدمن ۾ انڊونيشيا جي انقلابي پارٽين تي هزارين ڏارين ماڻهن کي مارڻ جا الزام لڳايا ويا. 22 آڪٽوبر 1945ع جي واردات متعلق سامراجي سرڪار، عدالت ۾ ڏارين فريادين جي ڪوڙين شاهدين جي آڌار تي انقلابي پارٽين تي هزارين ڏارين ماڻهن کي قتل ڪرڻ جا بُهتان مڙهي پرڏيهه ۾ انهن جي خلاف ڪوڙو پرچار جاري رکيو ۽ هُلايو ته انقلابي هٿيار بند ڪارڪن ڏارين جاسوسن ۽ متشڪي ماڻهن کي گرفتار ڪري پنهنجي ٺِڪاڻن تي آڻي ڪين قتل ڪري ڇڏيندا هئا ۽ 10 ۽ 11 سالہ ٻارن کان انهن جي لاشن جي تذليل ڪرائيندا هئا. انقلابي ڪارڪن ڏارين عورتن کي بيدرديءَ سان ماري ڇڏيندا هئا. سامراجي حڪمرانن انڊونيشيا جي انقلابي پارٽين تي 3600 ڏارين کي قتل ڪرڻ ۽ ٻين 2000 ڏارين کي اغوا ڪري،

گم ڪري ڇڏڻ جو الزام پڻ لڳايو. جڏهن تہ حقيقت ۾ انڊونيشيا جا ويهن هزارن کان گھڻا انقلابي ڪارڪن ۽ مجاهد ۽ ڳڀرو جوان شهيد ڪيا ويا. آگسٽ 1945ع جي پڇاڙيءَ ۾ جڪارتا ۾ ريپبليڪن پارٽي جي مرڪزي حڪومت تشڪيل ڪئي وئي. تنهن انڊونيشيا تي جاپان جي قبضي دؤران، انڊونيشيا جي آزاديءَ لاءِ آئين جو مُسودو تيار ڪرڻ لاءِ جوڙيل ڪاميٽيءَ جي طرفان مرتب ڪيل آئيني مسودي کي نافذ ڪيو. سرڪاري ڪار وهنوار ۾ صدر جي مدد ڪرڻ واسطي گھربل هڪڙي سينٽرل انڊونيشيئن نيشنل ڪميٽي جوڙي وئي. صوبن ۽ ريجينسين جي ڪاروبار لاءِ پڻ اهڙيون مددگار ڪميٽيون جوڙيون ويون. ريپبليڪن سرڪار نهڻ شرط انڊونيشيا ۾ موجود مقامي طور جاگير نما علائقن تي پنهنجو اختيار رکندڙ راجائن، نوابن ۽ اميرن جي وچ ۾ نئين ريپبليڪن حڪومت جي تابعداريءَ بابت مسئلو پيدا ٿي پيو. مکيہ جزيري جاوا جي مرڪزي علائقي ۾ موجود نيم خود مختيار پرنسيپلٽين پاڻ کي نئين حڪومت جي تابع هُجڻ قبول ڪيو تہ ٻئي پاسي ڊچ سامراجين جي پاليل ڪيترن ئي راجائن ۽ اميرن نئين حڪومت جي اطاعت قبول ڪرڻ ۾ گھٽي گوٽ ناٽ پئي ڪئي. مکيہ جزيرن جاوا ۽ سُماترا کان جدا ڏورانهن جزيرن ۾ موجود رجواڙن، مَنجهن اسلامي انتها پسند رُجحان سبب، نئين سرڪار جو حڪم مڃڻ کان اڪثر وڏيڪ انڪاري رويو اختيار ڪيو. جڏهن تہ بون ڏکڻ سُلاويس، مَڪاسار، ٻُگسِ ۽ بالي جزيرن جي راجائن ۽ اميرن، نئين حڪومت جي تابعداري قبول ڪئي. ڊچ سامراجي وري نئين سر انڊونيشيا تي قبضو ڪرڻ واري خدشي تحت نئين سرڪار جي اڳواڻن پنهنجي نالي ماتر سرڪاري انتظامي نظام کي مضبوط ۽ مُستحڪم بنائڻ لاءِ ترت مناسب اُپاءَ ورتا، جنهن جو في الحال اثر فقط جاوا تائين محدود هو ۽ ٻاهرين جزيرن سان رابطو مستحڪم ڪو نہ هو. نومبر 1945ع ۾ نئين حڪومت طرفان ملڪ ۾ پارليامينٽ تي مبني نظام حڪومت قائم ڪيو. ٻي عالمي جنگ ۾ هارائي هٿيار ڦِٽا ڪرڻ کان پوءِ، ٻئي هفتي ۾ مقامي ماڻهن تي مشتمل سيڪاريل هٿياربند گروپن کي جپاني فوجي عملدارن ٽوڙي منتشر ڪري ڇڏيو ۽ قومي فوج جي تشڪيل لاءِ گھربل ضروري عناصر کي ڇڙوڇڙ ۽ برباد ڪري ڇڏيو. نتيجتاً، انقلابي ريپبليڪن پارٽيءَ جو هٿياربند فورس نوجوان سيڪڙات ماڻهن تي مُشتمل هو. انهيءَ فورس ۾ جپان جي سکيا ڏنل افراد جو غلبو هو. انهيءَ فورس جو ڪمانڊر انچيف هڪڙي اسڪولي استاد 30 سالن جي سُدير مان کي بنايو ويو. نيدرلينڊس جي ڊچ سامراجين، سوئڪارنو ۽ هَتا تي جاپانين سان سَهڪار ڪرڻ جو الزام هنيو ۽ انڊونيشيا جي نئين سياسي حڪومت کي جپاني آمريت جي تخليق سڏي ان تي سخت تنقيد ڪئي. عين انهيءَ وقت، انڊونيشيا ۾ نئين سر پنهنجي بينڪي سامراجي حڪومت قائم ڪرڻ لاءِ انڊونيشيا ۾ موٽي اچڻ لاءِ، آمريڪا نيدرلينڊس جي سامراجي حڪومت کي هڪ ڪروڙ ڊالرن جي روڪڙي امداد فراهم ڪئي. ٻي عالمي لڙائيءَ سبب ٻين يورپي ملڪن وانگر، نيدرلينڊس وارو ڊچ سامراجي مُلڪ پڻ اقتصادي طور بنهہ ڪمزور ٿي ويو ۽ جنگ جي اوائلي سالن دؤران، ڪيس نيڪالي ڏئي، سندس انڊونيشيا واري نوآباديءَ يعني سامراجي تسلط هيٺ رهندڙ ملڪ تي جپان قبضو ڪري ويٺو هو. انهيءَ دؤران انڊونيشيا ۾ آزاديءَ واري انقلابي تحريڪ زور ورتو ۽ جپان جنگ ۾ هارائي

هٿيار ڦٽا ڪرڻ جو اعلان ڪيو. تنهن ڪان پوءِ انڊونيشيا جي آزاديءَ واري انقلابي تحريڪ، انڊونيشيا جي آزاديءَ جو اعلان ڪري ملڪ ۾ جمهوري حڪومت قائم ڪئي. انهيءَ صورتحال ۾ آمريڪا هڪ ڪروڙ ڊالرن جي امداد ڏئي نيدرلينڊس کي انڊونيشيا تي وري قابض ٿيڻ لاءِ مڪمل حمايت ڪئي. تڏهن جپان ۽ جنگ کٽندڙ ملڪن، آمريڪا ۽ برطانيه ٻڌي دل سان انڊونيشيا ۾ نگران حڪومت ناهڻ تي راضي ٿيا. آمريڪا، جپان جي ملڪي جزيرن ۽ سر زمين تي قبضو ڪرڻ جي خواهش رکندي، انڊونيشيا کي برطانيه جي اختيار هيٺ رکيو. ٻي عالمي لڙايءَ ۾ فتح حاصل ڪندڙ ملڪن برطانيه ۽ آمريڪا جون فوجون انڊونيشيا جي مختلف جزيرن جهڙوڪ ڪاليمانتان، موروناٽي ۽ آئريئن جاوا جي مختلف ماڳن تي اڳئي




موجود هيون ۽ انهن علائقن ۾ اڳوڻي سامراجي ملڪ نيدرلينڊس جي فوج بہ واپس پهچي وئي. جپان جي قبضي هيٺ ساموندي علائقن ۾ فاتح اتحادي ملڪن جون فوجون پهچي، ٿُرت پنهنجو قبضو ڄمائي، انهن سيني جزيرن ۾ موجود انقلابي تحريڪ جي سرگرمين کي روڪي رکيو. سخت مذاحمت ۽ مقابلو نہ ٿيڻ سبب آسٽريليا جي ٻن ڊويزنن تي مُشتمل فوج، اوير انڊونيشيا تي قابض ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي. برطانيہ کي انڊونيشيا جي مکيہ جزيري، جاوا ۾ امن امان بحال ڪري اتي غيرشاهي ۽ غير فوجي حڪومت تشڪيل ڪرڻ جو اهم ڪم سونپيو ويو پر ٻي عالمي لڙائيءَ کان اڳ ئي انڊونيشيا تي سامراجيءَ طور قابض ۽ ٻي عالمي لڙائيءَ دوران جپان هٿان اتان بيدخل ڪيل سامراجي مُلڪ نيدرلينڊس، سمجهيو تہ لڙائيءَ کان اڳ

انڊونيشيا ۾ قابض هئڻ جي ناتي، هاڻي وري به اتي حڪومت ڪرڻ جو حق نيدرليندس جو ٿئي ٿو. تنهن ڪري انڊونيشيا ۾ سندس اقتدار بحال ڪرڻ لاءِ مسلسل ڪوشان رهيو. برطانيه جي انگريز ۽ هندستاني فوج 1945ع جي سيپٽمبر مهيني تائين جاوا ٻيٽ تي جپاني فوج کي هٿيار ڦٽا ڪرائڻ خاطر ڪا نه آئي هئي. جڏهن ته ڏکڻ اوڀر ايشيا ۾ برطانوي فوجي ڪمانڊر، ايڊمرل مائونٽ بيٽن کي ٽي لک جپاني فوج کي جپان روانو ڪرڻ ۽ انڊونيشيا ۾ موجود جنگي قيدين کي آزاد ڪرڻ جي ذميواري به سونپي وئي. جڏهن ته مائونٽ بيٽن وٽ، نيدرليندس جي حوالي ڪرڻ خاطر، درڪار طويل جدوجهد ۽ ويڙهه ڪري انڊونيشيا تي مڪمل قبضو ڪرڻ لاءِ گهربل وسيلا مُيسر ڪو نه هئا، نه ئي وري سندس اها خواهش هئي. برطانيه جي فوج جاڪارتا ۾ اول سيپٽمبر جي آخر ۾ پهتي، پوءِ اتان کان اتر سوماترا جي شهر ميدان ۾، اولهه سوماترا جي شهر، پاڊانو ۾، ڏکڻ سوماترا جي شهر، پالم بينگ ۾، مرڪزي جاوا جي شهر سمارينگ ۾ ۽ اوڀر جاوا جي شهر، سُراجاوا ۾ آڪٽوبر ۾ داخل ٿي. انڊونيشيا ۾ هلندڙ آزادي ۽ انقلاب واري هٿيار بند جدوجهد سان ٽڪرائجڻ کان بچڻ واسطي، برطانوي فوجي ڪمانڊر، ليفٽيننٽ جنرل سر فِلپ ڪرسٽپسن، ڊچ فوج کي اوڀر انڊونيشيا ڏانهن روانو ڪيو جتي ڪين ويڙهه کان سواءِ ئي اقتدار حاصل پئي ٿيو. در حقيقت جاوا ۽ سوماترا ۾ برطانوي فوج پهچڻ کان پوءِ اقتدار خاطر ڪشمڪش چوٽ چڙهي وئي ۽ انڊونيشيا جي انقلابي تحريڪ کي ختم ڪري سامراجي قبضو بحال ڪرڻ لاءِ، انڊونيشيا ۾ موجود سمورين ڌارين سامراجي قومن جي فوجن، جهڙوڪ: نيدرليندس جي ڊچ فوج، جاپاني فوج، برطانوي فوج سان گڏ هندستاني فوج ۽ چيني فوج، انڊونيشيا جي آزاديءَ واري انقلابي عوامي فوج سان ويڙهه شروع ڪري ڇڏي. ويڙهه جو اهو مرحلو آڪٽوبر 1945ع ۾ چالو ڪيو ويو. جنهن دوران، جاپان انهن شهرن تي وري قبضو ڪرڻ گهريو جن شهرن کي هن انڊونيشيا جي آزاديءَ واري انقلابي عوامي فوج جي حوالي ڪيو هو. انهيءَ سلسلي ۾ جاپاني فوجي پوليس، جاوا جي مرڪزي علائقي واري شهر، پيڪالونگان ۾ عوامي انقلابي فوج کي قتل ۽ غارتگاريءَ جي صورت ۾ 3 آڪٽوبر تي ماري، ڪٽي، ٻي دخل ڪري ڀڄائي ڪڍيو ۽ اولهه جاوا جي بينگڊُنگ شهر مان به انقلابي فوج کي خونريزيءَ سان ٻي دخل ڪري، اهو شهر برطانوي فوج جي حوالي ڪيو. پر جپان سمرڪينڪ شهر ۾ تمام ڇتي ويڙهه ۾ مُلوث رهيو. برطانوي فوج انهيءَ شهر تي 14 آڪٽوبر تي قبضو ڪرڻ شروع ڪيو. تڏهن پسپا ٿيندڙ عوامي انقلابي فوج، انتقاماً وٽس قيد ڪيل، ڏيڍ سؤ کان ٽي سؤ جپاني فوجين کي قتل ڪري ڇڏيو. شهر تي قبضو ڪرڻ لاءِ جپاني فوج، شهر تي قابض عوامي انقلابي فوج تي ڀرپور حملو ڪيو ۽ ڇهن ڏينهن جي گهمسان جي لڙائيءَ ۾ پنج سؤ جپانين جي ڀيٽ ۾ به هزار انقلابي فوجين کي ماري، برطانوي فوج پهچڻ واري ڏينهن جاپاني فوج شهر تي قبضو ڪري ورتو. فاتح اتحادي فوجن، جپان جي فوج توڙي عام شهرين کي جپان واپس اماڻيو تنهن هوندي به جپاني فوج مان هڪ هزار فوجين کي چونڊي اتي رهايو ويو. انهن اتي رهندي آخرڪار آزاديءَ لاءِ وڙهندڙ عوامي انقلابي فوج جي ويڙهه ۾ مدد ڪئي. معروضي حالات مطابق برطانيه پنهنجي ڏهه هزار هندستاني ۽ يورپي فوج انڊونيشيا مان ٻاهر ڪڍي ويو ۽ اتي آمبراوا ۽ ميگالينگ ۾

موڪليل برطانوي فوج سان عوامي انقلابي فوج طرفان شديد مزاحمت ڪئي وئي, تنهن ڪري برطانوي فوج کي بچائڻ خاطر برطانيه انڊونيشيا جي آزاديءَ واري انقلابي فوج تي هوائي حملا چالو ڪرايا تنهن ڪري انقلابي اڳواڻ سوئڪارنو جنگ بندي جو 2 نومبر تي اعلان ڪيو پر نومبر جي پڇاڙيءَ ۾ ويڙهه وري چالو ٿي وئي ۽ برطانوي فوج اندرون ملڪ جنگ تان دستبردار ٿي پاڻ کي سامونڊي ڪنارن تائين محدود رکيو. ريپبليڪن انقلابي فوج جا, اتحادي سامراجي فوجن ۽ ڊچ سامراجين جي حامي ۽ چاڙتن شهرين جي خلاف حملا تيز ٿي نومبر جي آخر ۽ ڊسيمبر ۾ چوٽ چڙهي ويا. جنهن دوران بينڊنگ شهر ۾ 1200 دشمن فوجين کي ماري انقلابي فوج پيش قدمي شروع ڪئي. برطانوي فوج طرفان, بينڊنگ شهر خالي ڪرڻ لاءِ ڏنل چتاء جي رد عمل طور ريپبليڪن انقلابي فوج, برطانوي فوج جي قبضي واري شهر جي حصي کي باهه لڳائي ڇڏي. نومبر 1946ع ۾ نيدر لينڊس جي 55 هزار تازه دم ڊچ فوج جاوا ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ برطانيه جي سموري فوج انڊونيشيا مان نڪري وئي. سُورابايا واري لڙائي, سموري انقلابي جدوجهد ۾ سڀني کان وڏيڪ ڳنڀير ۽ ڪٺن جنگ هئي ۽ اها انڊونيشيا جي انقلابي جدوجهد ۾ مزاحمت جي قومي علامت ٿي پئي. انڊونيشيا جي ٻيو نمبر سڀني کان وڏي شهر, سُورابا يا ۾ موجود ريپبليڪن انقلابي فوج جي گروپن, جپاني فوجين کان سمورو اسلحو ۽ بارود وغيره کسي ورتو ۽ حڪومت جي ڪارگذاريءَ جي ڍِس ۾ ٻه انتهائي اهم ادارا, 1. انڊونيشيا نيشنل ڪميٽي ۽ 2. پيپلس سيڪيورٽي ڪائونسل تشڪيل ڪيا. سورابايا شهر ۾ انهيءَ وقت انقلابي ريپبليڪن فوج جو ڳڙهه هو. اتي خطرناڪ جنگين سبب شهر بدامني ۽ افراتفري جي ور چڙهيل هو شهر جي هر گهٽيءَ ۾ گهيڙ وٺ لاش پيل هئا. ريپبليڪن انقلابي فوج کي ناس ڪرڻ لاءِ برطانيه پنهنجي ڇهه هزار هندستاني فوج گُهرائي, جنهن اچڻ شرط رڻ ٻاري ڏنو. تنهنڪري سوئڪارنو جنگ بندي لاءِ ڳالهيون ڪيون, پر 30 آڪٽوبر تي برطانوي فوج جي ڪمانڊر, برگيڊيئر ماليبي جي قتل ٿيڻ کان پوءِ 10 نومبر تي برطانيه انقلابي فوج کي تباهه ڪرڻ لاءِ شهر ۾ وڏيڪ فوج آندي ۽ انقلابي فوج تي زميني جنگ ۾ برطانوي فوج جي ڪاميابيءَ لاءِ برطانيه انقلابي فوج تي هوائي فوج جا حملا ٻه چالو ڪرايا, جنهن سبب انقلابي فوج جو تمام گهڻو جاني ۽ مالي نقصان ٿيو ۽ شهر جي گهڻي علائقي تي ٽن ڏينهن جي مسلسل بمباريءَ سبب برطانوي فوج قبضو ڪري ورتو. برطانيه ۽ نيدرلينڊس جي ڊچ فوجن جي هنن وحشيانا ڪاروائين, انڊونيشيا جي عوام ۾ آزاديءَ جو نئون جزبو پيدا ڪيو ۽ انقلابي فوج جي هر طرح جي امداد ٿيڻ لڳي ۽ انڊونيشيا ۾ سامراجين جي ارهه زورائين ڏانهن دنيا جو ڌيان ڇڪايو. هوڏانهن برطانيه جي مدد سان نيدرلينڊس جڪارتا ۾ پنهنجي تازه دم فوج آندي ۽ ٻين ٻه مکيه شهرن ۾ پنهنجي فوج پهچائي, هر هنڌ انقلابي ريپبليڪن فوج تي ڀرپور حملا جاري رکيا ۽ ريپبليڪن انقلابي فوج جا اٺ هزار مجاهد قتل ڪري, انهن کي شهر مان بيدخل ڪري ڊچ سامراجي فوج جڪارتا شهر تي قبضو ڪري ورتو. تڏهن انقلابي فوج, انڊونيشيا جي نئين سلطان, هامينگ ڪُوبُو وونو جي مَهلَ سِر مناسب معاونت سان يوگيا ڪاترا شهر ۾ پنهنجو مرڪز بنايو جنهن انقلابي عمل ۾ فيصلہ ڪُن ڪردار اد ڪيو. ڊچ سامراجي فوج, ريپبليڪسن سرڪاري ڪامورن کي, جڪارتا جي ويجهو



بوگور ۾، بالِڪپَپَنِ ۾ ۽ ڪالِيمنتان ۾ قيد ڪري رکيو. سوماترا تي قبضو ڪرڻ لاءِ ڊچ سامراجين انهيءَ مڪيہ جزيري جي ٻن سيني کان وڏن شهرن، پالمبينگ ۽ ميدان تي هوائي حملا ۽ بمباري ڪئي. ڊسمبر 1946ع ۾ سامراج مخالف بغاوت کي ڪُچلڻ جي ماهر، ڪيپٽن ريمونڊ ٽُرڪ ويسٽرلنگ جي ڪمانڊ تحت،اِسپيشل ڊچ فورس، مصالحت آميز مڪاريءَ تي مبني دهشتگرديءَ جي ڪاروائين سان، چند هفتن اندر انقلابي فوج جا ٽن هزارن کان ٻہ گهڻا مجاهد قتل ڪيا. اهڙيءَ ريت ڊچ سامراجي فوج جاوا ۽ سوماترا جي وڏن شهرن ۽ واپاري مرڪزن تي قابض ٿيڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي، پر ملڪ جي ٻهراڙيءَ وارن علائقن ۽ ڳوٺن تي قبضو ڪري ۽ پنهنجو ضابطو لڳائڻ جي قابل نہ رهيا. ٻئي طرف بالي سميت ڏورانهن جزيرن ۾ عام راءِ انقلابي ريپبلڪن پارٽيءَ جي حمايت ۾ هئي، پر اتي جو صاحب ثروت، شاهوڪار طبقو انهيءَ کان پاسيرو رهيو. تنهن ڪري، جاوا ۽ سوماترا جي ڀيٽ ۾ انهن ڏورانهن جزيرن تي ڊچ سامراجين کي وري قبضي ڪرڻ ۾ گهٽِ جفاڪشيءَ جي ضرورت ڪانہ ٿي ۽ اتي هنن پنهنجي تسلط تحت آزاد رياستون قائم ڪيون. انهن ۾ سڀني کان وڏي رياست، ايسٽ انڊونيشيا، ڊسمبر 1946ع ۾ قائم ڪئي وئي، جنهن جي گاديءَ جو شهر ”مڪاسر“

شهر کي بنايو ويو. برطانيہ جي آنڊل هندستاني فوج انڊونيشيا ۾ هلندڙ آزاديءَ واري انقلابي تحريڪ جي خلاف ويڙهہ ڪئي. انهيءَ جنگ ۾ انڊونيشيا جي انقلابي فوج طرفان لڳندڙ جنگي نعري، ”الله اڪبر“ کان مُتاثر ٿي هندستاني فوج ۾ موجود مسلمان سپاهين مان ڇهہ سؤ ڄڻا، هٿيارن سميت ڀڄي وڃي انقلابي فوج سان مليا ۽ انهيءَ انقلابي فوج سان گڏجي سامراجي فوجن جي خلاف وڙهندا رهيا ۽ جنگ ختم ٿيڻ تائين، انهن مان فقط 75 ڄڻا باقي بچيا. انڊونيشيا جي آزاديءَ کان پوءِ انهن مان گهڻا تہ اتي ئي رهي پيا، باقي چند سپاهي هندستان ۽ پاڪستان موٽي ويا. نومبر 1946ع ۾ برطانيہ جي ٿالثيءَ ۾ نيدرليند ۽ انڊونيشيا جي آزاديءَ واري انقلابي تحريڪ هلائيندڙ سياسي پارٽي ريپبليڪن پارٽي جي وچ ۾ هڪڙو معاهدو ٿيو تنهن کي ”لنگاد جاتي سمجهوتو“ سڏيو ويو. انهيءَ موجب ٻنهي ڌرين، پهرين جنوري، 1949ع ۾ هڪ نيم خود مختيار وفاقي رياست جي قيام کي قبول ڪيو جنهن جو مملڪتي اڳواڻ / سربراه نيدرلينڊس جو ڊچ بادشاه هوندو. انهي رياست جو نالو ”يونائيٽيڊ اسٽيٽس آف انڊونيشيا تجويز ڪيو ويو. انڊونيشيا جي انقلابي ريپبليڪن پارٽيءَ جي اختيار تحت جاوا ۽ سوماترا جزيرا ٻہ انهن گڏيل نيم خود مختيار رياستن مان هڪڙي رياست هوندي. جاوا ۽ سوماترا کان سواءِ باقي تقريباً سڀني جزيرن تي مشتمل رياستن تي نيدرلينڊس جي ڊچ فوج جو قبضو ۽ اختيار هوندو. انهن ۾ ڪاليمنتان وارا ڏاکڻي جزيرا ۽ گريٽ ايسٽ رياست ۾ سُولاويسي، مالُوڪُو ليسر سُندا جزيرا ۽ الهندو نيوگُنيا وارا جزيرا شامل ڪيا ويا. فيبروري 1947ع تائين سينٽرل نيشنل ڪميٽي آف انڊونيشيا، انهيءَ معاهدي کي منظور ڪو نہ ڪيو ۽ ريپبليڪن پارٽي توڙي ڊچ سامراجي بہ انهيءَ معاهدي مان مُطمئِن ڪو نہ هئا. 25 مارچ 1947ع ۾ ڊچ پارليامينٽ جي هيٺئين ايوان انهيءَ معاهدي جي ترميم ڪيل نسخي جي تصديق ڪئي. پر تنهن کي انڊونيشيا جي حڪومت تسليم ڪو نہ ڪيو ۽ ٻئي معاملي مدامي ڌريون، انهيءَ معاهدي جي ڀيڪڙي ڪرڻ جو هڪٻئي تي الزام هڻنديون رهيون. نتيجي طور عبوري حڪومت اندروني طور غير منظم ۽ ڪمزور ٿي وئي. تنظيمي اڳواڻ هڪٻئي سان وڙهڻ لڳا، حڪومت ڊهنبدي ۽ ٿهندي رهي، هٿيار بند گروهہ مقامي ۽ علاقائي تڪرارن ۾ ڦاٿل رهيا ۽ ڪيترن ئي علائقن جي انتظاميہ جو مرڪزي سرڪار سان رابطو بہ نہ ٿي سگهيو هو. ملڪ جي مجموعي سياسي ۽ معاشي صورت حال انتشار ۽ خلفشار جو شڪار ٿي وئي. انهيءَ صورتحال مان ناجائز مقصد جي حصول خاطر، ويهہ جولاءِ 1947ع ۾ ڊچ سامِراجِي فوج حڪومت ۽ ملڪ کي مڪمل طور فتح ڪرڻ ۽ ان تي دائمي قبضو برقرار رکڻ واسطي، ريپبليڪن پارٽيءَ تي لنگاجاتي معاهدي جي ڀيڪڙي ڪرڻ واري الزام کي بهانو بنائي انقلابي فوج ۽ عبوري حڪومت توڙي ريپبليڪن پارٽيءَ کي نيست و نابود ڪرڻ لاءِ تمام خطرناڪ حملو ڪيو. انهيءَ ناجائز حملي کي، ملڪ ۾ امن امان بحال ڪرڻ لاءِ پوليس جو مناسب ڪردار ڄاڻايو. اهو حملو رات جو عين آڌيءَ مهل ڪيو ويو هو. انهيءَ وقت انڊونيشيا ۾ موجود ڊچ فوج جِي واضح اڪثريت نيدرلينڊس جي شاهي فوج تي مشتمل هئي. ٻي عالمي لڙائيءَ جي خاتمي کان پوءِ نيدرلينڊس جي سامراجي سرڪار، تُرت ئي پنج هزار بحري فوج سميت پنجويهہ هزار فوج انڊونيشيا موڪلي تنهن کان پوءِ اجا بہ

گهٽي تعداد ۾ زوري پرتي ڪيل فوج انڊونيشيا تي وري قبضو ڪرڻ خاطر اُماٽيندي رهي. ڊچ سامراجي فوج پرپور حملا ڪري، انڊونيشيا جي آزاديءَ واري انقلابي فوج کي سوماترا جي ڪن پاڳن ۽ اوير ۽ اولهه جاوا جي مکيه علائقن مان ماري ڊوڙائي ٻاهر ڪيدي ڇڏيو ۽ ريپبليڪن انقلابي فوج سندس يوگياڪترا واري مرڪز تائين محدود رهجي وئي. جڏهن تہ هڪ لک فوج جي زور تي ڊچ سامراجي سوماترا جي بهترين زرعي فارمن، تيل ۽ ڪوئلي جي ذخيرن تي ۽ جاوا جي سيني گهري پاٽيءَ وارن بندرن تي قابض ۽ مختيار ٿي ويا. نيدرليندس جي ڊچ سامراجين طرفان انڊونيشيا جي عوام جي سراسر خلاف ڪنيل ناجائز ۽ ظالمانہ اقدام جي خلاف عالمي رد عمل پڻ منفي رهيو. پاڙيسري مُلڪ آسٽريليا ۽ تازو آزاد ٿيل ملڪ هندستان، سوويٽ يونين ۽ سڀ کان وڏيڪ اَثرائتي ملڪ آمريڪا اقوام متحده ۾ انڊونيشيا جي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪندڙ ريپبليڪن انقلابي پارٽي جي حمايت ڪئي. آسٽريليا جي مزدور طبقي ڊچ جهازن ۾ مال چاڙهڻ ۽ لاهڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ ڊچ سامراجي جهازراني ٺپ ٿي وئي. ٻئي طرف اقوام متحده انڊونيشيا جي تڪرار جي نبيري لاءِ وڏيڪ مذاڪرات بابت هڪڙي گُڏ آفيسرز ڪميٽي جي سلامتي ڪائونسل هٿان تشڪيل ڪرائي، تنهن ڊچ سامراجيءَ کي وڏيڪ مشڪلات ۾ ڦاسايو. سلامتي ڪائونسل جي انڊونيشيا ۾ جنگ بندي متعلق پاس ٿيل قرارداد نمبر 27 تي عمل ڪرائڻ واسطي انڊونيشيا ۾ ڊچ قابض سامراج ۽ آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪندڙ ريپبليڪن انقلابي پارٽيءَ جي سربراه سوئڪارنو 4 آگسٽ 1947ع ۾ واسطيدار ڏر کي



جنگ بند ڪرڻ جو حڪم ڪيو. 9 ڊسمبر 1947ع ۾ هڪڙي فوجي عمل دؤران قابض ڊچ سامراجي فوج اولهہ جاوا جي هڪڙي ڳوٺ ”رواگدي“ ۾ ڪيترائي عام شهري قتل ڪري ڇڏيا. انهيءَ ڳوٺ کي هاٽي ”بالونگسري“ سڏيندا آهن. اقوام متحده جي سلامتي ڪائنسل ٽياڪڙي ڪندي هڪڙو معاهدو ڪرايو. جنهن کي ”رينوِلي معاهدو“ سڏيو ويو. اهو معاهدو اڳوٽي رد ڪيل معاهدي کي بحال ڪرڻ لاءِ عمل ۾ آندو ويو. انهيءَ تحت سامراجي ڏر طرفان قائم ڪيل حد بندي واري ليڪ، ”وان موڪ لائين“ موجب جنگ بندي تسليم ڪرائي وئي. اُنهي ليڪ موجب انقلابي فوج جي ڪنٽرول وارا ڪافي مورچا، ڊچ فوج جي حوالي ٿيل علائقي ۾ اچي ويا هئا. انهيءَ نئين معاهدي موجب، ڊچ فوج جي قبضي هيٺ سمورن علائقن ۾ راءِ شماري ڪرائڻ جو بہ فيصلو ڪيو ويو. ريپبليڪن انقلابي پارٽيءَ جي معقوليت ۽ مناسبت واري ڪردار، آمريڪا کي ريپبليڪن پارٽيءَ جي حق ۾ نيڪ نيتي اختيار ڪرڻ ڏانهن آماده ڪيو. سن 1948ع ۽ 1949ع دؤران ڊچ اختيارين ۽ ريپبليڪن انقلابي پارٽي جي وچ ۾ سفارتي سرگرميون جاري رهيون، پر جولاءِ 1948ع ۾ اهي تعطيل جو شڪار ٿي ويون ۽ ڊچ اختياريءَ، وان موڪ معاهدي تي زور ڀريندي ڏکڻ سوماترا ۽ اوڀر جاوا نالي بہ وفاقي رياستون جوڙيون پر انهن کي ڪا بہ مڃتا يا حمايت حاصل ڪا نہ ٿي. ڊچ حڪومت پنهنجي مرضيءَ سان فيڊرل ڪنسلٽيٽوِ اسيمبلي جوڙي، ان کي ”يونائيٽيڊ اسٽيٽس آف انڊونيشيا“ جي تشڪيل ڪري 1948ع جي آخر ۾ انهن رياسَتِن ۾ هڪ عبوري حڪومت جوڙڻ جو ڪم سونپيو ويو. ڊچ اختياري انڊونيشيا کي آزادي ڏيڻ هرگز نٿي چاهيو. تنهن ڪري هي اتي پنهنجي قبضي کي مستحڪم ۽ برقرار بنائڻ لاءِ سمورا حربا اختيار ڪرڻ لڳي. ڳالهين ۾ مُنجهائيندڙ معاملو ڊچ اختياريءَ ۽ ريپبليڪن انقلابي پارٽيءَ درميان اقتدار ۾ اختيار جي توازن بابت هو. فيبروري 1948ع ۾ ريپبليڪسن انقلابي فوج جي 35000 سپاهين تي مشتمل سِلِيوانگي ڊويزن، اولهہ جاوا کان وچ جاوا ڏانهن ڪوچ ڪيو تہ ساڙس مائونٽ سلامت وٽان لنگهڻ دؤران ڊچ فوج ٽڪر کاڌو. جنهن ريپبليڪن فوج جي چرپر کي سندس خلاف سمجهيو. ڇو تہ ڊچ سامراج طرفان قائم ڪيل پيسُندان رياست جي وجود کي بہ انهيءَ چرپر مان خطرو پي بکيو. ريپبليڪن انقلابي پارٽيءَ سان مذاڪرات ۾ نہ نهڻ ۽ انقلابي ڌرين سان ٽڪراء ۾ مايوس ٿيڻ سبب ڊچ سامراجي فوج 19 ڊسمبر 1948ع ۾ ريپبليڪن انقلابي فوج ۽ ٻين هٿياربند مجاهد گروپن تي جارهانہ حملا چالو ڪري ڇڏيا.انهيءَ جارحانہ ڪارروائيءَ کي ”آپريشن ڪِرو“ سڏيو ويو. ٻئي ڏينهن ڊچ فوج، ريپبليڪن انقلابي فوج جي اڏي عوامي حڪومت جي گاديءَ واري شهر يوگياڪارٽا شهر فتح ڪري ورتو ۽ ڊسمبر جي آخر تائين ريپبليڪن فوج جي قبضي هيٺ جاوا ۽ سوماترا جا سيئي شهر ڊچ سامراجي فوج جي قبضي هيٺ اچي ويا ۽ انڊونيشيا جي جمهوري حڪومت جي صدر، نائب صدر ۽ سندن پنجن وزيرن کي ڊچ سامراجي فوج گرفتار ڪري سوماترا جي اوڀر طرف موجود، هڪ ڏورانهين جزيري ”بانگڪا“ ۾ جلاوطن ڪري رکيو. جڏهن تہ يوگياڪارتا ۽ سُورا ڪارتا شهرن جي آسپاس موجود ريپبليڪن انقلابي فوج هٿيار ڦٽا ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ پنهنجي سالار جي قيادت ۾ گوريلا جنگ جاري رکي ۽ اولهہ سوماترا ۾ ايمرجنسي ريپبليڪن

گورنمينٽ تشڪيل ڪئي. جاوا ۽ سوماترا جي سمورن شهرن تي سامراجي فوج قبضو ڪري ورتو، پر سموري ٻهراڙيءَ ۾ ان جو قبضو ۽ اختيار مور ڪو نہ هو. ليفٽيننٽ ڪرنل سوهارتو جي قيادت ۾ پهرين مارچ 1949ع ۾ فجر مهل ريپبليڪن انقلابي فوج، يوگياڪارتا شهر ۾ ڊچ فوجي مورچن ۽ ڪئمپن تي حملو ڪري سامراجي فوج کي شهر مان ڀڄائي ڪڍيو پر ڇهن ڪلاڪن کان پوءِ بيدخل فوج گهربل مدد ملڻ کان پوءِ شهر ۾ موٽي آئي ۽ انقلابي فوج کي پسپا ڪري ڇڏيو. ساڳئي سال انقلابي فوج سُوراڪارتا شهر ۾ بہ 7 آگسٽ تي ڊچ سامراجي فوج جي ٽڪاڻن تي حملو ڪيو هو. انهي حملي جي قيادت ڪرنل سلامت رياڍيءَ ڪئي هئي. وري بہ هڪ ڀيرو اقوام متحده توڙي آمريڪا ۾ ڊچ سامراجي فوجن طرفان انڊونيشيا ۾ ناجائز ۽ ظالمانہ ڪردار ۽ ڪاروائين تي سخت تنقيد ٿيڻ لڳي ۽ جنوري 1949ع ۾ سلامتي ڪائونسل، انڊونيشيا ۾ ريپبليڪن انقلابي پارٽي جي حڪومت کي بحال ڪري انڊونيشيا کي آزاد ڪرڻ لاءِ هڪڙي قرارداد منظور ڪئي ۽ آمريڪا اها امداد هڪدم منسوخ ڪري ڇڏي جيڪا هن، انڊونيشيا تي وري قبضو ڪرڻ لاءِ ڊچ سامراجي نيدرلينڊس کي ڏيڻي ڪئي هئي. تنهن کان سواءِ ٻي عالمي لڙائيءَ ۾ ڪمزور ۽ هارائيل يورپي ملڪن کي مالي امداد ڏيڻ بابت آمريڪا طرفان جوڙيل مارشل پلان تحت نيدرلينڊس کي ملڻ واري هڪ ارب آمريڪي ڊالرن جي روڪڙي رقم پڻ منسوخ ڪرڻ لاءِ ڪانگرس تي آئيني دٻاء وڌو ويو. ڊچ سامراجي انهي امداد جي اڌ جيتري رقم انڊونيشيا تي وري قبضو ڪرڻ خاطر سامراجي فوج تي کپائي چڪو هو. انهيءَ صورتحال دؤران، آمريڪا جي حڪومت، ڪانگريس، ريپبليڪن پارٽي آمريڪا جون غير سرڪاري سماجي ڀلائيءَ واريون تنظيمون توڙي آمريڪا جو عوام انڊونيشيا جي آزاديءَ جي حق جي حمايت ڪرڻ لڳو ۽ ڊچ سامراجي فوج جي ڪرتوتن تي سخت تنقيد ڪرڻ لڳو. ٻئي طرف انڊونيشيا جو عوام روايتي امير طبقي ۽ ڳوٺن ۽ قبيلن جي وڏيري طبقي جي ظلمن ۽ غدارين کان سخت مُتَنفِر ۽ انهن جي جاگيرداريءَ ۽ زمينداريءَ واري هاري پورهيت طبقي جو اِستحصال ڪندڙ نظام ختم ڪري انهيءَ ظالم طبقي جي قبضي هيٺ سموري زرعي زمين کسي اها زمين آباد ڪندڙ هاري ۽ زرعي پورهيت طبقي ۾ انصاف سان ورهائي ڏيڻ خاطر تحريڪ چالو ڪئي. 18 سيپٽمبر 1948ع ۾ يوگياڪارتا شهر جي اوڀر طرف ڪجھ مفاصلي تي واقع شهر "ميديئُن" ۾ ڪميونسٽ پارٽي آف انڊونيشيا ۽ سوشلسٽ پارٽي آف انڊونيشيا جي طرفان "سوويت ريپبلڪ آف انڊونيشيا" جي قيام جو اعلان ڪيو ويو. انهن پارٽين ريپبليڪن انقلابي پارٽيءَ جي سربراهن سوئڪارنو ۽ هتا کي جپان ۽ آمريڪا جا ڇاڙتا هئڻ جو الزام لڳايو چند هفتن اندر ريپبليڪن فوج ميديئُن شهر تي قبضو ڪري سوويت ريپبلڪ وارن حاڪمن کي ڊوڙائي ڪڍيو ۽ سندن سربراه موسو قتل ڪيو ويو. ريپبليڪن فوج ۾ شمال حزب الله نالي مذهبي تنظيم جي ڪارڪن فوجين کي ريپبليڪن انقلابي پارٽي واري حڪومت جو طريقو ۽ رويو ڪو نہ وڻيو تنهنڪري انهن پارٽيءَ کان ڌار ٿي انڊونيشيا جي اسلامي رياست جي قيام جو اعلان ڪيو. انهيءَ گروھ جي اڳواٽي هڪ مذهبي پيشوا، سڪارمدجي، مرديان ڪارٽو سُورجو ڪري رهيو هو. جڏهن ريپبليڪن پارٽي ملڪ جي سمورن جزيرن ۽ علائقن تي حڪومت

ڪرڻ لڳي تنهن ڪان پوءِ 1962ع ۾ اهو فتنو بہ ختم ڪري ڇڏيو. ريپبليڪن انقلابي پارٽيءَ جي ڏچ سامراج ۽ انڊونيشيا ۾ بين مخالف تنظيمن ۽ گروهن جي خلاف مسلسل ۽ لچڪدار حڪمت عمليءَ تي مبني جديد مزاحمت ۽ عالمي سطح تي وقت سِر درست سفارت ڪاريءَ سبب عالمي سياسي اڳواڻن جي راءِ ڏچ سامراج جي انڊونيشيا تي وري بہ ناجائز قبضو ڪرڻ واري ناجائز خواهش جي بلڪل خلاف مرتب ٿي ۽ انڊونيشيا کي آزاد ڪرڻ لاءِ نيدرليندس تي روس ۽ آمريڪا، ٻن عالمي طاقتن جي حقيقي دٻاءَ ۽ اقوام متحده جي قراردادن ۽ آمريڪا طرفان امداد بند ٿيڻ واري فيصلہ ڪن اهم عمل نيدرليندس کي انڊونيشيا جي آزاديءَ بابت حقيقي طور سنجيده مذاڪرات ڪرڻ تي مجبور ڪري وڌو آمريڪا جي نئين وزير خارجہ ڊِينِ ايچيسن جي جفاڪشي سان نيدرليندس جي حڪومت ۽ انڊونيشيا جي آزادي واري هٿياربند جدوجهد ڪندڙ ريپبليڪن انقلابي پارٽي جي وچ ۾ گول ميز ڪانفرنس، 23 آگسٽ 1949ع ۾ هيگ شهر ۾ منعقد ٿي ۽ 2 نومبر 1949ع ۾ ختم ٿي. تنهن ڪانفرنس ۾ انڊونيشيا جي ريپبليڪن انقلابي پارٽي، نيدرليندس جي ڏچ سرڪار ۽ ڏچ سامراج جي جوڙيل وفاقي رياستن جي اڳواڻن شرڪت ڪئي، انهي ڪانفرنس تحت ٿيل معاهدي موجب نيدرليندس، ”يونائيٽيڊ اسٽيٽس آف انڊونيشيا“ جي نالي سان آزاد ٿيندڙ ملڪ انڊونيشيا کي سندس اقتدار اعليٰ يعني حڪومت ڪرڻ جي اختيار موافق تسليم ڪرڻ جو دستاويزي اقرار ڪيو. نيو گُنيا جزيري کان سواءِ، نيدَرلَيندِس جي سامراجي حڪومت جي قبضي هيٺ انڊونيشيا جا سمورا جزيرا ۽ علائقا هن آزاد ٿيندڙ انڊونيشيا رياست ۾ شامل هوندا. انڊونيشيا سان، اڃا هڪ پيرو وڌيڪ ڳالهيون ڪرڻ تائين نيوگُنيا جزيري تي نيدرليندس جو قبضو برقرار رهندو. انڊونيشيا جي ريپبليڪن انقلابي حڪومت، انڊونيشيا ۾ آزادي ۽ انقلاب لاءِ هلندڙ تحريڪن کي ناس ڪرڻ خاطر نيدرليندس جو کنيل 4.3 ارب پائونڊ قرض پرڻ جو اقرار ڪيو. آزاد رياست انڊونيشيا ۾ قائم ٿيندڙ ريپبليڪن انقلابي پارٽي جي حڪومت ڏانهن نيدرليندس جي حڪومت طرفان رسمي طور رياست جو اقتدار اعليٰ تاريخ 27 ڊسمبر، 1949ع تي منتقل ڪيو ويو ۽ آمريڪا ترت ئي نئين سر آزادي حاصل ڪندڙ ملڪ انڊونيشيا کي تسليم ڪري ورتو. ريپبليڪن انقلابي پارٽيءَ جي اختيار تحت انڊونيشيا جا ٻہ مکيہ جزيرا سياسي ۽ انتظامي طور ملائي انڊونيشيا نالي سان هڪڙي رياست بنائي وئي، جيڪا ڏچ سامراج طرفان سن 1945ع ۾ انڊونيشيا جي بين ٻيٽن تي مشتمل ناهيل سورهن رياستن مان هڪڙي هئي. اهي رياستون سن 1950ع جي پهرئين اڌ دؤران انڊونيشيا جي جمهوري رياست ۾ تحليل يعني ضِم ڪيون ويون. جمهوري رياست جي خلاف هڪڙي ناڪام سازش ويسٽرلنگ واري راڻوعادل جي فوج هٿان 23 جنوري 1950ع ۾ جڪارتا ۽ بينڊُنگ شهرن ۾ تيار ڪئي وئي هئي. جاوا جي الهندي پاڳي ۾ واقع گنجان آباديءَ واري پاسُندان رياست جي تحليل جي صورت ۾ ختم ٿي. نوآباديءَ واري فوج جا سپاهي، جن جو تعلق ايمبرن واري علائقي سان هو اپريل سن 1950ع ۾ مڪاسار ۾ پيدا ٿيل وڳوڙن دؤران مڪاسار ۾ انهن نوآباديءَ وارن سپاهين جو ريپبليڪن فوج سان ٽڪر ٿي پيو. ايمبرن شهر وارن عيسائين جو تعلق ڏچ سامراجين جي حامي علائقن مان هڪڙي علائقي سان

هو. اهي مسلم آباديءَ جي بالادستيءَ واري جاوا جزيري کان بدزن هئا ۽ بدگمانيءَ سبب، جاوا جي مسلمانن کي لادين سمجهندا هئا. 25 اپريل 1950ع ۾ ايمبرن ۾ ذڪرڻ مالُوڪُوجي آزاد جمهوريه جي دعوي ڪئي وئي، پر جولاءِ کان نومبر تائين هڪڙي مهم دؤران انهيءَ مالُوڪُوواري آزاد رياست کي ريپبليڪن انقلابي فوج ناس ڪري ڇڏيو. انڊونشيا ۾ هاڻي باقي فقط هڪڙي سوماترا واري رياست وڃي بچي هئي، جيڪا پاڻ کي وفاقي رياست سڏائيندي هئي، اها بہ پنهنجي وفاقي حيثيت وڃائي ويني. 17 آگسٽ 1950ع ۾ انڊونيشيا جي آزاديءَ جي پنجين سالگره جي موقعي تي سوئڪارنو اعلان ڪيو تہ انڊونيشيا جو ملڪ پنهنجن سمورن ننڍن وڏن جزيرن جي نظرياتي ۽ سياسي ميلاپ تي مشتمل، هڪڙو يڪو ملڪ آهي. هن آزادي واري جنگ ۾ هڪ لک کان وڌيڪ تعداد ۾ انڊونيشيا جا مجاهد شهيد ٿي ويا. انهن جي ڀيٽ ۾ ڌارين حملہ آور فوجن مان مري ويل ماڻهن جو تعداد صفا گهٽ هو. برطانوي فوج جا 1200 سپاهي مس مُئا. انهن ۾ بہ هزار کان مٿي هندستاني فوجي هئا. 1945ع ۽ 1949ع جي وچ ۾ ڊچ سامراجي فوج جا پنج هزار کن فوجي مئا هئا. جپان جي فوج جي اطلاع موجب انڊونيشيا ۾ سندن 1057 ماڻهو مئا هئا. جڏهن تہ آزاديءَ واري جنگ ۾ انڊونيشيا جا لک کان بہ گهڻا عام شهري آزادي جي نذر ٿيا. تنهن کان سواءِ ستر لک انڊونيشيا جا عوام بي گهر ۽ دربدر ٿيا. انڊونيشيا جي انقلاب ملڪ جي هڪ نئين ۽ نِرالي تاريخ مرتب ڪئي ۽ آزاديءَ ۽ انقلاب واري تحريڪ، انهيءَ دؤر ۾ عالمي سطح تي سياست ۽ حڪومت جي مڙني ڌارائن جو اثر قبول ڪيو ۽ معروضي حالتن تحت اِشتراڪي عسڪري قوم پرستي، جمهوريت، اسلامي نظام حڪومت انڊونيشيا جي انقلابي فوج، مُلڪ جي آئيني انتظام، توڙي انڊونيشيا جي حڪومت ۾ طاقت جو سرچشمو مرڪزي حڪومت کي تَفوِيض ڪرڻ وارن سمورن خيالن نظرين ۽ حڪمت عملين تي طبع آزمائي ڪري، انڊونيشيا جي عوام جي سياسي، معاشي ۽ ثَقافَتِي تقاضائن موجب تقريباً سمورين سامراجي قومن سان اصولي جنگ ڪري وطن کي آزادي عطا ڪئي، حڪومت جو جمهوري نظام قائم ڪيو هاري / پورهيت طبقي کي استحصالي طبقن کان آجو ڪيو ۽ دنيا جي اڳيان سياست، معيشت ۽ ثقافت جو هڪڙو نرالو مثال پيش ڪيو. جهڙوڪ ملڪ کي سامراجي غلاميءَ کان نجات ملي، راجائن، نوابن، جاگيردارن جي ناجائز حڪمراني ۽ قدرتي وسيلن جهڙوڪ زمين تي مالڪي ختم ڪئي وئي. سامراجي نظام جي پيدا ڪيل نسلي ۽ فرقيوار مت ڀيد ختم ڪري ڇڏيو. جمهوري نظام حڪومت قائم ٿيو. تعليمي نظام ۾ گهربل سڌارا آندا ويا. علم ادب ۾ عوام دوست تخليقي عمل جاري ٿيو ۽ عوام جي عزت ۽ وقار بحال ٿيو.

⑥



# مصر ۾ آيل 1952ع وارو انقلاب

23 جولاءِ 1952ع ۾، مصري فوج جي هڪڙي نوجوان ڪاموري ٽولي، جنهن کي ”فري آفيسرس موومينٽ“ سڏيو پي ويو تنهن جي اڳواٽي جمال عبدالناصر ۽ جنرل محمد نجوئب ڪري رهيا هئا، مصر ۾ انقلاب جو آغاز ڪيو. مصري فوج جي مذڪوره انقلابي ٽولي طرفان برپا ڪيل انقلاب جو نصب العين، مصر ۾ نامنهاد آئيني بادشاهت جو خاتمون، مصر ۽ سوڊان ۾ موجود امير شاهي نظام حڪومت جو انت، مصر ۽ سوڊان تي برطانوي سامراجي قبضي جو خاتمون ۽ مصر ۽ سوڊان ۾ سياسي آزاديءَ تي مشتمل حقيقي جمهوري نظام حڪومت جو قيام هو. مصر ۾ هن فوجي انقلابي حڪومت مصري قوم پرست ۽ برطانوي سامراج جي مخالف منصوبي موافق حڪمت عملي اختيار ڪئي. انهيءَ سان گڏ مصر جي انقلابي حڪومت عالمي سطح تي غيرجانبدار ملڪن جي قائم ڪيل بين الاقوامي اتحاد ۾ شموليت اختيار ڪئي، جيڪو اتحاد ٻي عالمي لڙائيءَ کان پوءِ سامراجي ملڪن کان آزادي حاصل ڪندڙ ايشيائي، آفريڪي ۽ ڏکڻ

آمريڪي ملڪن قائم ڪيو هو. انهيءَ عالمي صورتحال سبب، سامراجي ملڪن طرفان غلام بنايل قومن ۽ ملڪن ۾ آزاديءَ جي تحريڪ قومپرستيءَ جي بنيادن تي منظم ٿي اڀَّتي وڌڻ لڳي. تنهن ڪري مصر جي انقلابي حڪومت ڪي ترت ئي برطانيہ ۽ فرانس جي سامراجي ڏمڪين ۽ حملن ڪي سامهون ٽيڪو پيو. چاڪاڻ تہ برطانيہ مصر تي سن 1882ع کان پنهنجو سامراجي تسلط برقرار رکيو وينو هو ۽ فرانس پڻ انهن آفريڪي ملڪن تي گذريل صديءَ کان وٺي قابض هو جن ملڪن ۾ مصر واري انقلاب کان پوءِ آزادي جي تحريڪن زور ورتو هو. ٻئي طرف فلسطين جي عرب عوام جي حمايت ڪرڻ سبب، مصر سان اسرائيل جي جنگ واري صورت حال وڌيڪ ڳنڀير ٿي وئي. مٿي بيان ڪيل ٻن ڳنڀير مسئلن سبب مصر ۾ انقلاب پوءِ بہ سانده ڇئين سالن تائين طوالت اختيار ڪئي ۽ سُئيز ڪينال کي قومي ملڪيت ۾ شامل ڪرڻ سبب سن 1956ع ۾ برطانيہ، فرانس ۽ اسرائيل مصر تي حملو ڪري مصر جي ڪجھ علائقن تي قبضو ڪيو ۽ ڪيس ڪافي فوجي نقصان رسايو. تنهن جي باوجود انهيءَ جنگ ۾ مصر کي سياسي طور سرسي ۽ فتح تصور ڪيو پي ويو ڇو تہ مصر برطانيہ ۽ فرانس جي سمورين سامراجي تسلط وارين علامتن کي ميساري سوئيز ڪينال تي مڪمل قبضو ڪري ورتو جنهن تي مذڪور سامراجين 1875ع کان پنهنجو تسلط قائم ڪيو ۽ 1956ع تائين اهو برقرار رکيو هو. سئيز ڪينال تي مصر جي ڪامياب قبضي ٿيڻ واري عمل ٻين عرب ۽ آفريڪي ملڪن ۾ آزادي ۽ انقلاب جي تحريڪن کي گهڻي اخلاقي جلا بخشي، منجهن انقلابي روح ڦوڪي ڇڏيو. انقلاب جي شروعاتي پندرهن سالن دوران ملڪ ۾ زرعي سڌارا، وڏي پيماني تي صنعتڪاري، رستن روڊن پلين ۽ عمارتن جي خاطر خواه تعمير ۽ شهرن ۾ توسيع جي صورت ۾ مصر جي انقلابي حڪومت معيشيت توڙي معاشرت ۾ انقلابي عمل جاري رکيو. انهيءَ ڪري سن 1960ع واري ڏهاڪي دوران عرب سوشلزم هڪ حاوي نظرئي طور تي مصر جي معاشي نظام جو بنياد مرڪزي منصوبابنديءَ سبب مستحڪم ٿيو. اولهہ وارين سامراجي طاقتن جي پنيرائي سان رد انقلاب جي خدشي، ملڪ اندر موجود مذهبي انتها پسنديءَ، مُقوي اشتراڪي داخلا ۽ اسرائيل سان جهڳڙي واري صورتحال جي برقراريءَ وارن سببن ڪري مصر ۾ سياسي مخالفت ۽ ملڪ ۾ گهڻين سياسي پارٽين واري سياسي نظام تي بندش لڳائي وئي. ملڪ ۾ سياسي سرگرمين تي لڳل پابندي انور سادات جي صدارتي دؤر ۾ بہ برقرار رهي، جنهن دؤر ۾ ڪيترين ئي انقلابي پاليسين ۾ ترميم ڪئي وئي ڪيترين ئي ٻين انقلابي پاليسين کي تہ رد بہ ڪيو ويو. مصر ۾ برپا ٿيل انقلاب کي شروعات ۾ حاصل ٿيل ڪاميابين وچ اوڀر ۽ آفريڪا جي غلام قومن ۽ ملڪن جهڙوڪ الجزائر ۽ ڪينيا ۾ هلندڙ قوم پرست آزادي جي انقلابي تحريڪن جي همت افزائي ڪئي ۽ منجهن جرئت پيدا ڪئي. تنهن ڪري انهن ملڪن ۾ سامراجي تسلط جي خلاف بغاوت ۽ جدوجهد ۾ شدت پيدا ٿي ۽ سامراجين جي حمايت ڪندڙ بادشاهتن کي ختم ڪرڻ لاءِ جدوجهد زور ورتو. سن 1952ع ۾ مصري انقلاب پنهنجو جياپو مصر جي عوام جي خواهش ۾ ڳولهي لڌو، ڇو تہ انهي انقلابي تحريڪ کي عوام جي حمايت حاصل هئي. مصر جي تاريخ جي تمام آڳاٽي زماني ۾ فرعون بادشاهن جي حڪمرانيءَ کان پوءِ مصر تي لڳاتار ڌارين حاڪمن جي حڪومت هلندي آئي ۽ فقط 1952ع ۾ انقلابي حڪومت جي قيام جي صورت ۾

مصر جي ماڻهن کي پنهنجي ملڪ ۾ حڪومت ڪرڻ جو اهو پهريون موقعو ميسر ٿيو. اها نئين انقلابي حڪومت، مذهب، ثقافت ۽ ٻوليءَ جي لحاظ کان سموري مصري عوام جي گڏيل حڪومت هئي. متعلق العنان حڪومت جي خاتمي، برطانيه طرفان ٿيندڙ ناجائز مداخلت جي خاتمي جي پڻ نشاندهي ڪئي. هن انقلابي حڪومت جا سمورا اهلڪار مصري قوم جا افراد هئا، تنهنڪري هن حڪومت ۾ مصري سماج جي ڀلائي وارا اپاءَ اختيار ڪرڻ جي توقع هئي. مصر ۾ حرام خور جاگيرداري ۽ زرعي سرمائيداري نظام جي طرفان پورهيت ۽ هاري طبقي جي ٿيندڙ استحصال، جاگيرداري نظام جي خلاف جدوجهد چالو ڪرائي، ملڪ مان ڪجهه جو ڪجهه ڏيساور وڃڻ ۽ ڏهاڙي اُجرت تي پورهيو ڪندڙ مزدور طبقي جي وجود ۾ اچڻ سبب، مصر ۾ اُوڻيهين عيسوي صديءَ جي آخري چوٿائيءَ کان وٺي سرمائيداريءَ جو اوائلي اقتصادي نظام رائج هو. سن 1948ع ۾ اسرائيل سان جنگ ڪرڻ سبب ٿيل نقصان، مصر جي نوجوان فوجي اهلڪارن کي بادشاه فاروق خلاف بغاوت ڪرڻ جو جواز پيدا ڪيو، ڇو ته بادشاه واقعتاً سندس درٻاري اميرن سميت رشوت خوريءَ جو مرتڪب ۽ بلڪل نااهل حڪمران هو. تنهن جي خلاف مصر جي نوجوان فوجي اهلڪارن مصر جي عوام ۾ پرچار ڪيو ۽ بادشاه کان مُتنفره بڻايو. انهن نوجوان فوجي اهلڪارن بادشاهي نظام جي خلاف ”فري آفيسرس موومينٽ“ جي نالي سان هڪڙي سياسي تحريڪ منظم ڪئي، جنهن کي سوويت يونين ۽ يونائيٽيڊ اسٽيٽس آف آمريڪا جي پٺڀرائي هئي. انهي تحريڪ جو اڳواڻ نوجوان فوجي اهلڪار، جمال عبدالناصر هو. هن نوجوان فوجي ٽولي سان هڪڙو جنرل، محمد نجوئب پڻ شامل هو. انهيءَ جنرل، محمد نجوئب 26 جولاءِ 1952ع تي بادشاه فاروق کي سندس بادشاهي ڇڏڻ لاءِ تاڪيدي حڪم ۾ حڪومت تان هٽ ڪٽڻ لاءِ هيٺ ڏنل سبب ڄاڻايا. اول ته بادشاه جي بدعهدي ۽ بدعنواني سبب، ماضي قريب ۾ ملڪ کي تمام گهڻو نقصان ۽ رُسوائي پلئه پئي، ٻيو ته سرڪار جي سمورن شعبن ۾ رشوت خوريءَ سبب تباهي ۽ برٻادي عيان آهي. ملڪي آئين جي بي حرمتي ڪرڻ ۽ عوام جي ضرورتن ۽ گهرجن کي ڪا به اهميت نه ڏيڻ، اٽلو عوام جي گهرجن ۽ خواهشن کان نفرت ڪرڻ کي بادشاه پنهنجو وطيرو بنائي ڇڏيو آهي. جنهن سبب عوام کي گذر جي تنگي ۽ مجبوريءَ ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي. ملڪ جي عوام جي عزت ۽ عصمت به سلامت نه رهي آهي. قوم جا سمورا غدار ۽ راشي اهلڪار ۽ سياسي عهديدار، سياسي، سماجي ۽ اخلاقي ڏوهاري ٽولا ۽ عوام دشمن گروه بادشاه جي پُٺ ۽ مُٺ سان راڪاسن وانگر



ملڪ ڦيلاڙ ڪري رهيا آهن. بادشاه جي ظلم، زوري ۽ نااهليءَ سبب ڏيساور ۾ بہ ملڪ بدنام ٿيو آهي. فلسطين جي مسئلي بابت اسرائيل سان جنگ کان اڳ ۽ پوءِ بادشاهہ هٿيارن جي خريداري واري بدعنواني ۽ رشوت خوريءَ جو مرتڪب ٿيو. ملڪ جي بدنام ڏوهارين کي بچائڻ ۽ سزائن کان آجو ڪرڻ واسطي بادشاهہ ملڪي عدالتن جي عمل ۾ ناجائز مداخلت ۽ قانون جي ڪلم ڪلا پيڪڙي ڪري رهيو آهي. اهڙيءَ طرح عدالتن ۽ انصاف جي بيحرمتي پيو ڪري. تنهن ڪري مصر جي عوام جي نمائندگي ڪندڙ مصر جي هٿياربند فوج مون تي اعتماد ڪندي مون کي تمام اهم ۽ هَنگامِي ذميواري سونپي وئي آهي، جنهن تحت توهان کي هدايت ڪجي ٿي تہ اڄ تاريخ 26 جولاءِ 1952ع مطابق 4 ذوالقعد 1371هہ ڇنڇر جي ڏينهن، 12 وڳي منجهند جو پنهنجي تخت تان دست بردار ٿي، اهو تخت ولي عهد، شهزادي، احمد فواد جي حوالي ڪيو ۽ اڄ ئي شام جو ڇهين بجي کان اڳ ۾ ئي مصر جي مُلڪ مان نڪري وڃو. تخت تان دستبرداريءَ ۾ ناڪاميابيءَ جي نتيجي ۾ مصري عوام جي خواهش مطابق، مصر جي فوج اوهان کي سمورن ناجائز ۽ بدڪردارن جو مرتڪب ۽ ذميوار بنائيندي انهيءَ وقت مصر جي مطلق العنان حڪومت، راشي، برطانوي سامراج جي ڇاڙتي ۽ عيش عشرت ۾ مگن هئي. سرڪار جا اهي پرڪار ۽ ڪرتوت نوجوان اهلڪارن جي تحريڪ، توڙي مصر جي مظلوم ۽ مجبور عوام کي مور نتي وٺيا ۽ ڪاوڙ ۽ نفرت پيدا ڪندڙ هئا. ڇاڪاڻ تہ شاهہ فاروق جي سرڪار برطانوي سامراج جي هٿن ۾ قومي غداريءَ ۽ عوام دشمنيءَ وارو بدترين ڪردار ادا ڪري رهي هئي. مصري سرڪار جي مکيہ محڪمن، جهڙوڪ پوليس، شاهي دربار جي امير شاهي، خود شاهہ فاروق ۽ سرڪار جي نوازيل سياسي پارٽين جي وجود جو دارومدار مڪمل طور رشوت خوريءَ ۽ بدعنوانيءَ تي هو. 1948ع ۾ اسرائيل سان ٿيل جنگ سبب پهتل فوجي سياسي ۽ اقتصادي نقصان سبب فري آفيسرس موومينٽ کي شاه فاروق جي ڪردار تي سخت ڪاوڙ آئي ۽ انهيءَ تحريڪ مصري عوام کي شاهہ فاروق جي سرڪار جي ڪرتوتن کان آگاهہ ڪيو. تنهن کان پوءِ سن 1951ع ۽ 1952ع جي سياري واري مند دوران مصر جي پوليس ۾ موجود قوم پرست اهلڪارن، مصري مجاهدن، فدائين طرفان مصر جي مکيہ شهرن، قاهره، اسڪندريہ ۽ سوئيز ڪينال وٽ موجود برطانوي سامراج جي بااختيار عملي تي ٿيندڙ حملن کي ڪامياب بنائڻ ۽ فدائين کي بچائڻ ۽ سندن پُٺڀرائي ڪرڻ شروع ڪري ڏني. اسماعيله شهر جي ويجهو برطانوي تنصيبات ۽ بحري جهازن تي فدائين جي هڪڙي مخصوص ۽ نهايت خطرناڪ حملي ۾ ڪيترائي برطانوي فوجي مارجي ويا هئا، انهيءَ حملي کي پسپا ڪندي برطانوي فوج فدائين کي شهر اندر اچي سوڙهو ڪيو ۽ 25 جنوري 1952ع تي ڏنو تہ پسپا ٿيندڙ فدائين، مقامي پوليس جي بيريڪن ۾ وڃي لڪا هئا. تڏهن برطانوي ڪاموري پوليس کي چيو تہ توهان وٽ لڪل فدائين کي اسان جي حَوالي ڪريو. پوليس طرفان فدائين کي برطانوي فوج جي حوالي ڪرڻ کان انڪار ڪرڻ تي برطانوي فوج هڪ اهلڪار جي هٿان پوليس کي ڌمڪي ڏياري موڪلي تہ فدائين سميت پوليس بہ اچي پيش پوي. پر فدائين برطانوي فوج جي قاصد کي اٽلو ماري وڌو. تڏهن تيش ۾ اچي برطانوي فوج اسماعيليه شهر ۾ پوليس جي انهن بيرڪن تي زوردار حملو ڪري، پنجاهہ کن پوليس آفيسر ماري وڌا ۽ سؤ کن ٻين کي زخمي ڪيو. برطانوي فوج طرفان

اِسماعيليه شهر ۾ پوليس جي بيرڪن تي ڪيل حملي ۾ وڏي تعداد ۾ پوليس آفيسرن جي قتلام کان پوءِ مصر ۾ سامراجي بالادستي ۽ شاهي حڪومت جي خلاف نفرت ۽ بغاوت ڀرندڙ جبل وانگر ڦاٽي سڄي ملڪ ۾ طوفان وانگر پکڙجي وئي. تنهن کان پوءِ فري آفيسرس مووومينٽ جي ڪارڪنن قاهره شهر ۾ سرڪار مخالف بغاوت شروع ڪئي جنهن دؤران هڪ سرڪاري عمارت کي باهه لڳائي وئي. شهر جي فائر برگيڊ اها باهه ڪانه وسائي، تنهن ڪري اها باهه وڌيڪ پکڙجڻ ڪري شهر ۾ فساد پڻ وڌي ويو. آمريڪي ۽ روسي اخبارن قاهره جي وڳوڙن ۽ باه لڳڻ واري واقعي کي سڄي دنيا ۾ نشر ڪيو ۽ پيشنگوئيِ ڪئي ته قاهره شهر ۾ سرڪار جي خلاف چالو ٿيل هلچل ۽ شهر ۾ باه لڳڻ جو واقعو مصر ۾ بادشاهت واري نظام حڪومت جي خاتمي جي شروعات ٿيڻ جو دليل آهي. ٻئي ڏينهن يعني 26 جنوري 1952ع ڇنڇر جي ڏينهن، جنهن کي مصر جي عوام سياه ڇنڇر ٿي سڏيو انقلابي عمل چالو ٿي ويو. ٻئي طرف مصر جي بادشاه، فاروق وزيراعظم مصطفيٰ ال ناهاس واري حڪومت کي ڊاهي ڇڏيو ۽ ايندڙ پنجن مهينن جي مختصر مدت ۾ پنهنجن ڪرتوتن جي سزا کان بچڻ ۽ انقلاب کي ختم ڪرڻ خاطر مختلف طالع آزمائيندڙ سياستدانن کي حڪومتون ناهڻ لاءِ هدايت ڪئي ۽ انهن تنهي ڄڻن واري ملڻ سان حڪومتون جوڙيون، پر گهربل مقصد حاصل نه ڪري سگهڻ سبب، پنهنجي واري اچڻ سان ڊهي ويون. انهن سياستدانن مان اول علي مهر حڪومت ناهي، سا 27 جنوري کان پهرين مارچ تائين هلي ڊهي پئي. ٻي حڪومت احمد نجوعب الهلالي 2 مارچ تي جوڙي جيڪا 29 جون تي ڊاني وئي، تنهن کان پوءِ حسين مصري 2 جولاءِ تي حڪومت ناهي اها بہ 20 جولاءِ تي ڊاهي ڇڏيائون. تنهن کان پوءِ احمد نجوعب اَلهلاليءَ کي وري ٻيو ڀيرو بہ حڪومت ناهڻ لاءِ بادشاه فاروق زور ڀريو. تنهن 22 جولاءِ تي حڪومت تشڪيل ڪئي، پر اها انقلاب جي حتمي عمل سبب ٻئي ڏينهن ئي يعني 23 جولاءِ تي ئي ختم ٿي وئي. اهڙي طرح ملڪ ۾ بادشاهي نظام حڪومت بچائڻ، برقرار رکڻ، شاه فاروق جي اقتدار کي بچائي، برقرار رکڻ ۽ انقلاب کي ناڪام بنائڻ خاطر ٺهندڙ ٽيئي وزارتون / حڪومتون زوال پذير بادشاهي نظام حڪومت کي بچائڻ ۾ ناڪام ٿيڻ سبب ازخود فنا ٿي ويون. مصر جي فوج ۾ شاه فاروق جي حڪومت سان ناسازيءَ، بي اطميناني ۽ ناراضگيءَ کي شدت سان محسوس ڪيو پئي ويو. تنهن ڪري سن 1952ع جي جنوري مهيني ۾ جن شاه فاروق جي مخالف فوجي آفيسرن کي فري آفيسرس مووومينٽ جي پٺڀرائي حاصل هئي، انهن فوجي آفيسرن جي ٽولي، آفيسرس ڪِلب جي گورننگ بورڊ تي انقلابي ضابطو نافذ ڪري ورتو. تنهن کان ڇهه مهينا ڪن پوءِ 16 جولاءِ 1952ع ۾ بادشاهه مخالف ۽ انقلاب جي حامي فوجي ڪامورن کي فوجي آفيسرن واري ڪِلَب جي گورننگ بورڊ تي ڪنٽرول ڏياريندڙ چونڊ کي ناجائز سڏي رد ڪري ڇڏيو ۽ انهن انقلاب پسند ڪامورن جي بدلي ۾، فوج کي وري بہ پنهنجي ضابطي هيٺ آڻڻ جي ارادي تحت اتي شاهه پنهنجا حامي ڪامورا مقرر ڪيا. انقلابي فوجي آفيسرن جي ٽولي 5 آگسٽ 1952ع تي اقتدار تي قبضو ڪرڻ جو منصوبو تيار ڪيو هو پر انقلابي فوجي اڳواٽن اقتدار تي انقلابي قبضو ڪرڻ واري منصوبي کي 22 جولاءِ واري رات جو ئي عملي جامون پهرائڻ لاءِ عملي قدم کنيو چو ته فري آفيسرن مان هڪڙي ساٿي ڪاموري جنرل نجوعب کي سڄي سُڌس پئي ته 19 جولاءِ تي شاهه فاروق جي قيادت ۾ منعقد هڪ خصوصي

اعليٰ سطحي گڏجاڻيءَ ۾ شاه مخالف فري آفيسرن کي گرفتار ڪرڻ خاطر انهن جي هڪ ڊگهي لسٽ تيار ڪئي وئي آهي ۽ ان تي عمل ڪرڻ لاءِ شاه پرست اعليٰ فوجي اڳواڻن کي اها ذميواري سونپي وئي آهي. انهيءَ صورتحال مطابق نوجوان انقلابي فوجي اڳواڻن پنهنجي ساٿي فوجي اڳواڻ خالد مُحي الدين جي گهر ۾ گڏجاڻي ڪري انقلاب برپا ڪرڻ جو حتمي فيصلو ڪري گهر کان ٻاهر نڪري مقرر حڪمت عمليءَ تحت 22 جولاءِ واري رات اقتدار تي انقلابي قبضي ڪرڻ جو عمل چالو ڪيو. انهيءَ رات خالد محي الدين سندس گهر ۾ ٿي رهي پيو ۽ ٻيو ساٿي آفيسر، انور سادات شهر ۾ سائنيما اندر فلم ڏسڻ هليو ويو. انهيءَ وقت فري آفيسرس موومينٽ جي چيئرمين جمال عبدالناصر، مصر ۾ شاهه مخالف سياسي تنظيمن، 1. مسلم برادر هُڊ ۽ 2. ڊيموڪريٽڪ موومينٽ فار نيشنل لبريشن نالي اشتراڪي تنظيم سان رابطو قائم ڪري سندن حمايت ۽ ڀرپور مدد جي يقين داني حاصل ڪئي. 23 جولاءِ جي صبح جو جمال عبدالناصر ۽ عبدالحڪيم امر، سادي خانگي لباس ۾ محي الدين جي گهر مان نڪري، جمال ناصر واري موٽر گاڏيءَ ۾ سوار ٿي شاه جي مکيه حامي فوجي اڳواڻن کي گرفتار ڪرڻ واسطي، ڀرپور موزون مجاهدن کي گڏ ڪرڻ سانگي، قاهره جي سڄي شهر ۾ ڦرندا رهيا. جيئن ته اهي شاه پرست فوجي اڳواڻ سندن بيرڪن ۾ پهچي، سندن ماتحت سپاهين تي ڪنٽرول ڪرڻ کان اڳ ۾ ٿي گرفتار ٿي انقلابي فوج جي حوالي ٿي وڃن. جيئن ئي گاڏيءَ ۾ سوار انقلابي اڳواڻ، مجاهدن جي تلاش ۾ ال قوبا برج ڏانهن وڌندا ويا، ته يوسف صديق جي قيادت ۾ ڪين هڪڙو توب خاني وارو يونٽ گڏيو ۽ پوءِ فوج جي جنرل هيڊ ڪوارٽر تي قبضو ڪري، فوج جي چيف آف اسٽاف، جنرل حُسين سِري امر سميت اتي سمورن حاضر ڪمانڊرن کي قيد ڪرڻ لاءِ يوسف صديق سندن ٻڌائيڻ جي قيادت ڪئي. انهيءَ ڏينهن صبح جو سوير، ڇهين ٻَجي کان وٺي انقلابي فوجي آفيسرن جي هوائي فوج جا دستا قاهره جي شهر مٿان لڳاتار ڦيرا ڏيندا رهيا. صبح جو ساڍي ستين ٻجي جنرل نجوعب جي نالي سان مصر جي عوام کي سرڪاري ريڊيو اسٽيشن جي نشريات ذريعي انقلاب آڻڻ ۽ انقلاب حق بجانب هجڻ بابت آگاهي ڏني وئي. انقلاب بابت اعلان پڙهي ٻڌائيندڙ جو آواز سموري مصري عوام ٻڌو ۽ سُڃاتو ته اهو آواز فري آفيسرس موومينٽ جو جوشيلي انقلابي آفيسر ساٿي، انور سادات جو هو جيڪو جمال عبدالناصر جي وفات کان پوءِ ملڪ جو صدر ٿيو هو. اقتدار تي انقلابي تحريڪ طرفان قبضو ڪرڻ واري ڪارروائيءَ جي نِگراني هڪ سؤ کان ٻه ٿورن جونيئر انقلابي آفيسرن ڪئي. انقلاب برپا ٿيڻ واري اعلان کان ترت پوءِ مصري عوام قاهره شهر جي گهٽين ۾ انقلاب جي خوشيءَ ۾ نعرا هڻي جلوس ڪڍي انقلاب جي مرحبا ڪئي ۽ جشن ملهايو تڏهن مصر پنهنجي نئين تاريخي دؤر ۾، رشوت خوري، ننگي بدمعاشي ۽ بيحد ڪمزور ۽ لاچار حڪومتن واري سنگين صورتحال جي گهيري ۾ هو. انهن مڙني پيهانڪ بڇڙائين جو ملڪ جي فوج تي گهرو اثر ٿيو. جن فردن ۽ ڏرين رشوت کي جائز سمجهي قبول ڪيو. انهن جو اثر رسوخ پڻ وڌيو. انهن ماڻهن جي بدڪردار سبب 1948ع ۾ اسرائيل سان جنگ ۾ مصر کي شڪست نصيب ٿي. انهيءَ شڪست نوجوان فوجي آفيسرن ۾ ڏک ۽ حڪومت جي خلاف غصو ۽ نفرت پيدا ڪئي. شڪست کائڻ کان پوءِ واري عرصي دؤران حڪومت ۾ موجود ننگ ۽ بدمعاش عنصرن گڏجي ڪرتوتن ۾ هڪ ٻئي جو ساٿ ڏنو ۽ قوم ۽ وطن جا غدار عناصر فوج

جي قيادت ڪرڻ لڳا. انهن پيشي جي لحاظ کان صفا جاهل ۽ سخت رشوت خور فرد کي لشڪر جو سالار مقرر ڪيو. تنهن ڪري مصر جو ملڪ اهڙي ڀيانڪ صورت حال ۾ گرفتار ٿي ويو جنهن ۾ سندس بچاءَ لاءِ گهربل لشڪر جهڙو ڪر هو ئي ڪو نه. انهي خطرناڪ صورتحال مان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ فوج ۽ سرڪار کي رشوت خوري ۽ بچڙائين کان صاف ۽ پاڪ ڪرڻ خاطر، فوج جي نوجوان طبقي مان، نيڪ، لائق، ايماندار ۽ جفاڪش نوجوان آفيسرن کي چونڊي، فوج توڙي قوم ۽ سرڪار جي قيادت کين سونپي وئي وڏي ڳالهه ته اهي پر اعتماد، سچار، قومپرست ۽ انقلابي هئا،کين اميد هئي، ته سموري مصري قوم انقلاب جي آجيان ڪندي ۽ انقلابي قيادت سان مثبت جوش ۽ جذبي موافق حتي المقدور تعاون ڪندي، انقلابي اهلڪارن وٽ جيڪي ماڻهو قيدي هئا، تن بابت اعلان ٿيو ته، انهن ۾ جن ماڻهن جو فوج سان ناجائز واسطو هو انهن سان ڪنهن به قسم جي بي واجبي ڪا نه ٿيندي، البت کين مناسب وقت ۽ موقعي تي آزاد ڪيو ويندو. مصر جي عوام کي يقين ڪرايو ويو ته اڄ انقلابي قيادت تحت سموري فوج قانون جي حڪمرانيءَ تحت قومي ڀلائي ۽ ترقي لاءِ پنهنجو بي لوث ۽ پر خلوص ڪرار ادا ڪرڻ جي لائق ٿي انقلابي نصب العين جي حصول لاءِ عمل پيرا آهي. هن موقعي تي عوام کي اپيل ٿي



ڪجي ته اهي سيني قومي غدارن کي پيچ ڏاهه ۽ فسادن واريون ڪارروايون هرگز ڪرڻ نه ڏين، جو ته اهي ڪارروايون قوم ۽ ملڪ جي فائدي وٽان هرگز ڪو نه آهن. اڄ کان وٺي جيڪو به ملڪ دشمن، انقلاب دشمن قومي غدار اهڙين ڪارروائين ۾ ملوث هوندو، تنهن کي هرگز نه بخشيو ويندو ۽ ڪيفرڪردار تي پهچايو ويندو. پوليس جي ڀنيرائيءَ سان فوج حڪومت جون واڳون سنڀالي رهي آهي، پرڏيهي برادريءَ کي يقين ڏياريو وڃي ٿو ته سندن مفادات، سندن حفاظت ۽ سندن جائداد جي حفاظت لاءِ مصر جي فوج ذميواري قبول ڪري ٿي. شل الله تعاليٰ اسان کي فتح نصيب ڪري، جيڪو فتح جو نگهبان آهي. فوج طرفان قاهره تي قبضو ٿيڻ کان پوءِ برطانيه کان شاه فاروق کي ملندڙ حمايت ختم ٿيڻ کان پوءِ به ڪيس آمريڪا جي حمايت برقرار رهڻ جو آسرو هو پر انهي به ڪو مثبت رويو اختيار ڪو نه ڪيو. 25 جولاءِ تي فوج اسڪندريه شهر تي قبضو ڪري ورتو جتي شاهه فاروق پنهنجي ”مونتضي محل ۾ ترسيل هو سو ڏاڍو ششدر ٿي پيو ۽ اهو محل ڇڏي سمنڊ جي ڪناري تي سندس ٻئي محل راس التين محل ۾ وڃي لڪو جتان لانچ ذريعي ملڪ مان فرار ٿيڻ جو ارادو هوس. بادشاهه جي لانچ واري ڪيپٽن کي جنرل نجوعب حڪم ڪيو ته فوج طرفان حڪم ملڻ

ڪان سواءِ لانچ نہ هلائي وڃي. انهيءَ وقت معزول بادشاهہ جي قسمت بابت انقلابي قيادت ۾ بحث شروع ٿيو. جنرل نجوعب ۽ جمال عبدالناصر سميت ڪجهہ آفيسرن راءِ ڏني تہ بادشاهہ کي جلاوطن ڪيو وڃي، جڏهن تہ ڪيترن ئي ٻين آفيسرن جي تجويز هئي تہ ڪيس قيد ڪري، مصر جي عوام سان جيڪي ڪرتوت ڪيائين، انهن بابت مٿس مقدمو هلائي ڪيس ڦاسيءَ تي ٽنگيو وڃي. نيٺ فيصلو ٿيو تہ بادشاهہ تخت تياڳي سندس ولي عهد پٽ کي تخت تي ويهاري. اهو ولي عهد شهزادو احمد فواد شاهہ احمد ثاني جي حيثيت سان تخت نشين ٿيو ۽ هڪ ريجينسي ڪائونسل بہ جوڙي وئي. انهي ڇنڇر جي شام جو 6 بجي تاريخ 26 جولاءِ 1952ع تي شاهہ فاروق فوج جي حڪم موجب جلاوطن جي حيثيت ۾ فوج جي نگرانيءَ تحت لانچ ۾ اٽليءَ ڏانهن روانو ٿيو.

ٻئي سال 1953ع ۾ تاريخ اٺاويهہ جولاءِ تي جنرل محمد نجوعب مصر جو پهريون صدر ٿيو ۽ مصر ۾ جديد نظام حڪومت شروع ٿيو. ڪمانڊ ڪميٽي جنهن جا اڳي نو ميمبر هئا، پوءِ ٻيا بہ پنج ميمبر شامل ڪيا ويا، تنهن ڪمانڊ ڪميٽي کي ريوووليوشن ڪمانڊ ڪائونسل سڏڻ لڳا. جنرل نجوعب انهيءَ جو چيئرمين چونڊيو ويو. آر سي سي جي فيصلي موجب، فري آفيسرن مان هڪڙي، نالي، علي احمد، سِوِل حڪومت تشڪيل ڪئي، انهيءَ حڪومت دؤران سوويت يونين مخالف فري آفيسر سوويت يونين جي حامي ماڻهن کي انقلابي عمل مان خارج ڪرڻ لڳا، تہ رد عمل طور انقلابي ڌارا ۾ موجود ڪميونسٽ ڪارڪنن، 12 آگسٽ، 1952ع تي ڪافر دَوَار ۾ پورهيتن هٿان وڳوڙ برپا ڪرايا، جنهن جي نتيجي ۾ ٻن ماڻهن کي موت جي سزا ڏني وئي. علي مهر جنهن کي اڃا تائين برطانيہ سان دلي لڳاءُ هو، مُجوزه زرعي زمين جي سڌارن بابت آر سي سي سان اختلاف پيدا ٿيڻ سبب، 7 سيپٽمبر تي وزارت عظميٰ تان استعيفيٰ ڏئي انقلابي ڌارا مان خارج ٿي ويو. تڏهن جنرل نجوعب کي وزير اعظم ۽ جمال عبدالناصر کي نائب وزير اعظم مقرر ڪيو ويو. تاريخ 9 سيپٽمبر تي زرعي اصلاحات وارو قانون پاس ڪيو ويو جنهن تحت، تُرت ئي يورپي ملڪن جيءِ خصوصاً برطانيه جي مصر ۾ زرعي ملڪيت مصر جي انقلابي سرڪار رد ۽ ضبط ڪري ڇڏي. تنهنجي نتيجي ۾ زرعي زمين جي نئين سِر ورهاست جو منصوبو عمل ۾ آندو ويو. انهيءَ مُطابق مِصر جي هاري طبقي کي، سي ڪان وڌيڪ، سرڪار طرفان ضبط ڪيل زمين ملي هئي. انقلابي سرڪار گهٽي زمين جي مالڪيءَ واري رجحان کي روڪڻ واسطي، گهٽي زمين جي مالڪن کي حڪم ڏنو تہ اهي پنهنجي زمينن ۾ بہ سؤ گهر اڏين 9 ڊسمبر 1952ع ۾ ريووليوشن ڪمانڊ ڪائونسل اعلان ڪيو تہ مصر جي عوام جي ڀلائيءَ خاطر بادشاهہ جو بنايل مصر جو 1923ع وارو آئين منسوخ ڪجي ٿو. 16 جنوري سن 1953ع ۾ آر سي سي مصر ۾ سمورين سياسي پارٽين کي تحليل يعني منسوخ ڪري، سياسي سرگرمين تي مڪمل پابندي لڳائي ڇڏي ۽ مصر ۾ ٽن سالن تي مشتمل عبوري دور جي شروعات جو اعلان ڪيو. جنهن دؤران مصر ۾ ريووليوشن ڪمانڊ ڪائونسل راڄ ڪندي. انهي ڏس ۾ هڪڙو عبوري آئيني خاڪو بہ تيار ڪيو ويو جنهن آر سي سي ۽ انهيءَ جي ڪارروايـن کي جائز ۽ وقتائتو ڄاڻايو. اهو عبوري آئين 10 فيبروري 1953ع ۾ نافذ ڪيو ويو ۽ ترت پوءِ عوام جي حمايت حاصل ڪرڻ خاطر، ”لبريشن ريلي“ جي نالي ۾ عوام ۾ سياسي پرچار شروع ڪيو.

انهي سياسي پرچار واري مهم جي اڳواٽي جمال ناصر پئي ڪئي. ساڻس ٻيا ٻه ساٿي فري آفيسر ٻانهن ٻيلي هئا. 18 جون 1953ع ۾ انقلابي قائد ڪائونسل ملڪ ۾ بادشاهي نظام حڪومت کي منسوخ ڪري، مصر کي جمهوري مملڪت قرار ڏنو. شاهه فوادثانيءَ جي نالي ماتر بادشاهي حڪومت ختم ڪري، جنرل نجوعب کي 52 سالن جي ڄمار ۾ مصر جي نئين جمهوري حڪومت جو صدر مقرر ڪيو ويو ۽ ڪيس وزير اعظم جي چارج به ڏني وئي. جمال عبدالناصر، جيڪو ان وقت 35 سالن جو نوجوان جونيئر فوجي آفيسر هو، سو نائب وزيراعظم ۽ وزير داخلا مقرر ڪيو ويو. تنهن کان سواءِ آر سي سي جي ٽن ميمبر فري فوجي ڪامورن تي مشتمل هڪڙي انقلابي عدالت جوڙي وئي. عبداللطيف بغدادي، انور سادات ۽ حسن ابراهيم تي مشتمل، هن ريوولیوشنري ٽرائبيونل کي بادشاهي دؤر جي بدعنوان ۽ ڏارين جي دلال سياست ڪارن جي احتساب جي ذميواري سونپي وئي. بادشاهي دؤر ۾ قائم ڪيل انقلاب دشمن تنظيم ”مُسلم بِرادرهُڊ“ انقلابي حڪومت سان ويڙهه جاري رکيو آئي.

انقلابي قائد ڪائونسل جي حڪمن جي اُبتڙ لبريشن ريلي جي ڪارڪنن، ضبط ڪيل غير مسلم پراپرٽي جي گهڻي مقدار تي قبضو ڪري، پنهنجن وفادار ساٿين ۾ ورهائي ڇڏيو ملڪ ۾ ٻين سمورين سياسي پارٽين کي منسوخ ڪرڻ، انقلابي حڪومت کان سواءِ باقي ٻين ڌرين جي سياسي سرگرمين تي بندش لڳائڻ ۽ سيڪيولرزم ۽ ماڊرنٽي کي ملڪ ۾ رائج ۽ وڌندو ويجهندو ڏسي، جنوني مذهبي دهشتگرد تنظيم مسلم برادرهڊ، ڪار ۽ ساڙ وڇاڙ، انقلاب دشمن ڌرين جي هُشيءَ ۽ مَدد سان انقلابي سرڪار جي خلاف گهيراءُ جلاءُ ۽ مار ڌاڙ تي لهي آئي ۽ جون اوڻيهه سؤ ٽيونجاهه عيسوي کان وٺي مصر جي تقريباً سمورن شهرن ۾ سرڪاري املاڪ کي باهه لڳائي ساڙڻ پيچ ڍاهه ڪرڻ، دنگا فساد برپا ڪرڻ ۽ انقلابي حڪومت سان هر قسم جي جنگ ۾ مشغول رهي، تنهن کي جنوري 1954ع ۾ غير قانوني تنظيم قرار ڏنو ويو پر اها 2011ع واري انقلاب تائين غير قانوني سياسي تنظيم طور برقرار رهي. 12 جنوري 1954ع ۾ اخوان المسلمين غير قانوني دهشتگرد تنظيم جي ڪارڪنن ۽ انقلابي سرڪار واري سياسي گروپ، ريووليوشن ريليءَ جي شاگرد ڪارڪنن جي وچ ۾ تمام وڏو جهيڙو ٿي پيو. مارچ جي مهيني ۾ خود آر سي سي جي ميمبرن ۾ به هڪ فيصلي ڪن موڙ تي جهيڙو ٿي پيو. تنهن کان پوءِ، آر سي سي جي ڪجهه ميمبرن، خصوصاً خالد محي الدين، جنهن آئيني حڪومت تخليق ڪرڻ لاءِ انقلابي عمل ۾ موٽ ڪائڻ واري تجويز جي حمايت تي ڪئي ۽ فوج جي ڪجهه سرگرم اهلڪارن ۾ به



اختلاف پيدا ٿي پيا. 26 آڪٽوبر 1954ع ۾ اسڪندريه شهر ۾ ريووليوشن ريليءَ طرفان منعقد، هڪ جلسي دوران، غير قانوني ۽ دهشتگرد پارٽي جمال عبدالنصر تي قاتلاڻو حملو ڪيو پر هو بچي ويو. نتيجتاً انقلابي حڪومت، انهي دهشتگرد پارٽي مسلم برادرهڊ جي خلاف سخت اُپاء اختيار ڪندي، ان جي اڳواڻن کي 9 ڊسمبر 1954ع ۾موت جي سزا ڏني وئي. تڏهن کان وٺي جمال ناصر اقتدار تي پنهنجي گرفت کي مضبوط ڪندو ويو ۽ پهرين آر سي سي جو چيئرمين چونڊيو ويو پوءِ آخر ۾ وزيراعظم جي عهدي تي فائض ٿيو. جنرل نجوعب نالي ماتر صدر، يعني آئيني اڳواڻ ٿي رهيو جيڪو 14 نومبر 1955ع ۾ پنهنجي صدارتي عهدي تان معزول ٿيو ۽ پنهنجي گهر ۾ نظربند ڪيو ويو. انهيءَ دؤر ۾ روس توڙي آمريڪا جي پُٺڀرائيءَ هوندي مصر جي انقلابي حڪومت برطانيه ۽ فرانس سان خصوصاً سوئيزڪينال جي حوالي سان پنهنجا اختلاف برقرار رکندي آئي. باوجود مصر جي انقلابي حڪومت جي لڳاتار تقاضا، اقوام متحده ۾ مذاڪرن ۽ تجويزن ۽ ٻنهي عالمي طاقتن، آمريڪا ۽ روس دٻاء وجهڻ جي باوجود، برطانيه، مصر جي انقلابي حڪومت کي سوئيز ڪينال جي مالڪي ۽ اختيار ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. تنهن ڪري مصر جي انقلابي حڪومت، مقابلي لاءِ گهربل موڙي گڏ ڪري، سوئيز ڪينال واري علائقي دميتا ۾ برطانوي ۽ فرينچ ٺڪاڻن ۽ املاڪ کي تباهه ڪرڻ واسطي پنهنجن حملن ۾ وڌيڪ طاقت ۽ تيزي آڻڻ شروع ڪري ڏني. نيٺ جمال ناصر برطانيه سان هڪڙي عهد نامي تي دستخط ڪيو جنهن تحت ايندڙ ويهن مهينن اندر برطانيه، مصر مان پنهنجي سموري فوج ڪيدي ويڄڻو هو. ٻه سال پوءِ 18 جون 1956ع ۾ جمال عبدالناصر سوئيز ڪينال واري مقبوضه علائقي ۾ مصر جو قومي جهنڊو نصب ڪيو ۽ اعلان ڪيائين ته مصر مان بَرطانِيَه جي سموري فوج نڪري وئي آهي. 16 جنوري 1956ع ۾ ته هڪ وڏي جلسه عام کي خطاب ڪندي جمال ناصر نئين آئين جي تشڪيل جو اعلان ڪيو ۽ اعلان ڪيو ملڪ ۾ صدارتي نظام حڪومت رائج ڪجي ٿو. صدر کي وزيرن کي مقرر ڪرڻ ۽ معزول ڪرڻ جو اختيار حاصل رهندو. 3 مارچ تي چونڊن وارو قانون به منظور ڪيو ويو جنهن تحت مصر جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو عورتن کي به ووٽ ڏيڻ جو حق ڏنو ويو هو. 23 جون 1956ع ۾ جمال عبدالناصر مصر جي جمهوري رياست جو ٻيو صدر چونڊيو ويو. سن 1957ع ۾ صدر ناصر، جولاءِ واري مهيني ۾ ٿيندڙ قومي اسيمبليءَ جي چونڊن جي سلسلي ۾ هڪڙو چونڊن وارو محاذ قائم ڪيو جنهن کي عربي ٻوليءَ ۾ ال اتحاد ال قومي ۽ انگريزيءَ ۾ نيشنل يونين سڏڻ لڳا. ياد رهي ته سن 1952ع کان وٺي مصر ۾ قائم ٿيندڙ اها پهرين پارليامينٽ يعني قانون ساز قومي ايوان هو. مصر ۾ يوم انقلاب، يعني انقلاب برپا ٿيڻ وارو ڏينهن 23 جولاءِ تي ملهائبو آهي.



⑥



# سُئيز ڪئنال واري جنگ

سن 1955ع کان وٺي مصر ۽ اولهه جي ملڪن جي وچ ۾ ان وقت تعلقات ۾ ڏارَ پَوَڻ شروع ٿيا. جڏهن ”بغداد پيڪٽ“ نالي پاڪستان ايران، ترڪي ۽ عراق جي اتحاد بابت برطانيه طرفان ڪيل ڳالهين کي مصر کي اڪيلو ۽ بي يارو مددگار ڪري ڇڏڻ جي سلسلي ۾ اهم قدم قرار ڏنو ويو. رد عمل طور ناصر آفريڪا ۽ ايشيا جي ملڪن جي تنظيم طرفان ڪوٺايل ٻينڊُنگ ڪانفرنس Bandung Conference ۾ اپريل 1955ع ۾ شامل ٿيو. سيپٽمبر مهيني ۾ مصر زيڪو سلوواڪيا کان هٿيار ورتا. ٻي سال جڏهن آمريڪا ۽ برطانيه اسوان ڊيم جي تعمير لاءِ گهربل رقم ڏيڻ کان انڪار ڪيو ته مصر جي صدر جمال ناصر 26 جولائي 1956ع ۾ سُئيز ڪينال کي قومي ملڪيت قرار ڏيڻ جو اعلان ڪيو ۽ ڪينال سنياليندڙ ڪمپني توڙي ٻي دخل ڪري ڇڏي. انهيءَ عرصي دوران مصر ۽ اسرائيل جا اختلاف وڌي دشمنيءَ تي پهتا. ٻي طرف فرانس مصر کي چتاءُ ڏنو ته هو فرانس جي خلاف الجزائر ۾ ٿيندڙ بغاوت جي مدد ڪرڻ بند ڪري، مصر جي طرفان مسلسل مخالف اقدام اختيار ڪرڻ سبب برطانيه ۽ فرانس سوئيز ڪينال تي ٻيهر قبضو ڪرڻ لاءِ مصر تي




حملو ڪيو پَرَ رُوسَ جي مداخلت سبب 29 آڪٽوبر کان 7 نومبر 1956ع تائين يعني 10 ڏينهن هلندڙ جنگ بند ٿي. جنهن جي نتيجي ۾ سُئيز ڪينال بابت مصر ۽ برطانيه جي وچ ۾ هڪڙو معاهدو ٿيو. پهرين جنوري 1957ع تي مصر اهو معاهدو به منسوخ ڪري ڇڏيو.

هن ڏِس ۾ برطانيه ۽ فرانس جي ناڪام مداخلت ناصر کي مصر جو هيرو بنائي ڇڏيو ۽ باقي عرب دنيا ۾ سندس اهميت وڌي وئي. اهڙيءَ ريت ناصر ڏيهه توڙي پرڏيهه ۾ وفات تائين پنهنجي پاليسيءَ سان سياسي اُفق تي حاوي رهيو.سُئيز ڪينال تي حڪومت جي گرفت اڳي کان به وڌيڪ مضبوط ٿي وئي ۽ قومي پيداوار ۾ بيٺو اضافو ڪرڻ لاءِ 1960ع ۾




هڪڙو پنج سالہ ترقياتي منصوبو جوڙيو ويو.انهيءَ ساڳئي سال اسوان ڊيم جي اڏاوت شروع ڪئي وئي، جيڪو روسي امداد سان سن 1968ع ۾ مڪمل ٿيو ۽ سڄو ملڪ سر سبز ٿي ويو. سُئيز ڪينال مغربي سامراجين کان آزاد ڪرائڻ کان پوءِ ناصر سڄي عرب دنيا جي ملڪن ۾ انقلاب برپا ڪري انهن ملڪن کي مغربي سامراج کان آزاد ڪرايو ۽ سڄي عرب ۽ مسلمان دنيا جو هيرو ٿي ويو. سندس وفات وقت ايترا تہ ماڻهو گڏ ٿيا جو دنيا جي تاريخ ۾ اڄ تائين ڪنهن جي جنازي ۾ ايترا ماڻهو هڪ هنڌ گڏ ڪو نہ ٿيا آهن. جمال ناصر جي وفات سڄي عرب دنيا لاءِ وڏو نقصان ثابت ٿيو جيڪو خال اڄ تائين پرجي نہ سگهيو آهي.

⑥



# ڪيُوبا وارو انقلاب

ڪيوبا وارو انقلاب، ڪيوبا جي انقلابي اڳواڻ فيڊل ڪاسٽرو جي قيادت ۾ فلجيسِو باتستہ جي عوام دشمن شخصي حڪومت جي خلاف چالو ڪيل 26 جولاءِ واري تحريڪ جي نالي ۾ انقلابي جدوجهد جي ڪاميابيءَ جو نتيجو هو. اها هٿيار بند انقلابي جدوجهد 26 جولاءِ 1953ع تي ڪيوبا جي ٻن شهرن، سينٽياگو ۽ بيبامو ۾ قائم فوجي ڇانوڻين تي، فيڊل ڪاسٽرو ۽ سَندِس ڀاءَ راهول 123 انقلابي مجاهدن جي قيادت ڪندي حملو ڪرڻ سان شروع ڪئي، جيڪا انقلابي نصب العين جي سن 1959ع ۾ معروضي حصول يعني عوام دشمن سرڪاري فوج ڪي شڪست فاش ڏئي، ظالم حاڪم باتستہ ۽ سندس ٽولي ڪي ملڪ مان تڙي ڪڍي، ڪيوبا ۾ انقلابي حڪومت جي قيام تائين لڳاتار برقرار رهي. ڀهرين جنوري 1959ع ۾ مرد آهن، باتستا ڪيوبا مان ڀڄي ويو ۽ ڇويھ جولاءِ تحريڪ فيڊل ڪاسٽرو جي قيادت ۾ ڪيوبا ۾ سماج وادي انقلابي حڪومت جوڙي. فيڊل ڪاسٽرو سندس انقلابي پارٽيءَ ۽ حڪومت ۾ ڪميونزم ڪي بنياد بنائي سڏارا آندا ۽ آڪٽوبر 1965ع ۾ 26 جولاءِ واري انقلابي تحريڪ ڪي ڪميونسٽ پارٽي آف ڪيوبا ۾

تبديل ڪيو ويو. ڪيوبا واري انقلاب ملڪ اندر توڙي ٻاهر پرڏيهه ۾ نتيجتاً زبردست اثرات مرتب ڪيا. خصوصي طور آمريڪا سان ڪيوبا جي تعلقات کي نئين سر انقلابي تقاضات موافق تشڪيل ڪيو. بين الاقوامي سطح تي سفارتي لاڳاپن کي پڻ ملڪ ۾ مروج سماجي ۽ سرڪاري نظام جي سڌاري واڌاري ۽ استحڪام خاطر گهربل نئين سر ترتيب ڏني وئي. انهيءَ مطابق پيداواري وسيلن کي قومي ملڪيت بنائڻ جي منصوبي کي عملي جامون پهرائيندي ڪيوبا جي معيشيت کي، حڪومت کي ۽ ملڪ جي مظلوم پورهيت عوام کي مناسب تقويت پهچائي. پنهنجي مضبوط معاشي نظام جي بنياد تي، عالمي معروضي حالات جي تقاضا ۽ دنيا جي پورهيت عوام کي سامراجي تسلط ۽ استحصال کان نجات ڏيارڻ واري انسان دوست عالمي انقلابي جذبي ۽ سياسي فرض کي ادا ڪندي، ڪيوبا جي انقلابي حڪومت، آفريڪي رياست انگولا ۾ گهرو لڙائيءَ جي خاتمي ۽ پورهيت عوام جي ڇوٽڪاري لاءِ ٻي آفريڪي ملڪ نڪاراگئا ۾ هلندڙ انقلابي جدوجهد ۾ اتي جي وطن دوست ۽ پورهيت عوام دوست انقلابي جدوجهد ۾ مصروف انقلابي تنظيمن سان گڏجي سندن حقيقي انقلابي جدوجهد ۾ شريڪ ٿيو ۽ کين ڪاميابيءَ سان همڪنار ڪيو. سن 1902ع ۾ اسپين کان آزادي حاصل ڪرڻ کان پوءِ ڪيترن ئي هنگامن، وڳوڙن، فوج طرفان جمهوري حڪومتون ڊاهي ملڪ ۾ فوجي آمريت مسلط ڪرڻ ۽ آمريڪا طرفان فوج جي مداخلت سبب ڪيوبا، سياسي استحڪام کان وانجهيل ۽ معاشي بدحاليءَ جو مسلسل شڪار رهندو آيو. فُلجينسِيو باتِستا، جيڪو سابق فوجي ڪامورو هو، اهو سن 1940ع ۾ چُونڊبَن وسيلي صدر ٿيو ۽ 1944ع تائين پنهنجي دؤر حڪومت دؤران نسبتاً ترقي پسند حڪمران طور رهيو. تنهن سن 1952ع ۾ فوج هٿان چونڊيل حڪومت جو تختو اونڌو ڪرائي، پاڻ کي صدر بنائي ڪيوبا ۾ مطلق العنان آمرانہ حڪومت قائم ڪري، مرد آهن تي حڪومت ڪرڻ لڳو ۽ جنوري 1952ع ۾ ٿيل چونڊبن کي رد ڪري ڇڏيو. سندس آمرانہ حڪومت دؤران ملڪ ۾ بيروزگاري تمام گهڻي تعداد ۾ وڌندي رهي ۽ آبي وسيلا گهٽ ٿيندا بيحد محدود ٿيندا ويا. باتِستا ملڪي ۽ غير ملڪي منظم ڌوهاري ٽولن سان ناجائز ڳنججوڙ ڪري ڪيوبا جي عوام کي انهن جابر ڌوهاري ٽولن جي ظلم ۽ ستم جو شڪار بنائي ڇڏيو ۽ آمريڪي سرمائيدار ۽ تجارتي ڪمپنين کي ملڪي معيشت تي قابض بنائي ڇڏيو. هن کي سندس پهرئين دؤر حڪومت دؤران فيڊرل ڪاسترو واري انقلابي پارٽيءَ جي حمايت حاصل هئي، پر سندس پوئين دؤر حڪومت ۾ هو انهيءَ پارٽي جو سخت دشمن ٿي پيو چو تہ کيس آمريڪا طرفان سياسي ۽ فوجي مدد، مکيہ طور تي مسلسل ملندي ئي فيڊل ڪاسترو واري انقلابي پارٽيءَ کي تباهہ ڪرڻ ۽ ڪيوبا جي مظلوم عوام کي دائمي غلاميءَ ۾ رکڻ واسطي هئي. تنهن ڪري هن پنهنجي سياسي مخالف تنظيمن ۽ مخالف انقلابي عوام کي ڪُچلڻ خاطر هڪڙو تمام زبردست طاقت جو حامل هٿيار بند سيڪيورٽي انفراسٽرڪچر يعني عوام دشمن هٿياربند خوني ٽولو وجود ۾ آندو. فيڊل ڪاسترو انهيءَ دؤر ۾ سرگرم انقلابي قومي ڪارڪنن جي وڪيل جي حيثيت ۾ باتستا طرفان جمهوري حڪومت کي ڊاهي، ٿيل منصفانہ



چونڊن کي رد ڪري، ملڪ ۾ فوجي ناجائز حڪومت مڙهي پاڻ حڪومت جو اڳواڻ ۽ صدر ٿي حڪومت ڪرڻ خلاف ڪيوبا جي اعليٰ عدالت ۾ دعويٰ داخل ڪئي، جنهن ۾ باتستا جي ناجائز حڪومت کي ڪالعدم قرار ڏئي ٻاهڻ، ڪيس سندس ٽولي سميت جوڳي سزا ڏيڻ ۽ ملڪ ۾ اڳوڻي جمهوري حڪومت کي بحال ڪرڻ جي گهُر ڪيل هئي. ڪيوبا جي اعليٰ عدالت سندس دليلن کي نہ مڃيندي، اها دعويٰ خارج ڪري ڇڏي. جڏهن ثابت ٿيو تہ باتستا جي ناجائز حڪومت جو خاتمون ۽ جمهوريت جي بحاليءَ جو امڪان، پر امن جمهوري جدوجهد ۽ قانوني چاره جوئيءَ سان نظر نٿو اچي، تڏهن فِيڊَل ڪاسٽرو هٿياربند جدوجهد وسيلي انقلاب آڻڻ جو قطعي فيصلو ڪري ورتو ۽ انهيءَ عظيم انقلابي نصب العين جي حصول ڪارڻ پاڻ ۽ سندس ڀاء رائول، ”موومينٽ“ يعني ”تحريڪ“ جي نالي سان، ٻارهن سؤ ڪن انقلابي ڪارِڪُنَنَ تي مشتمل هڪڙي هٿياربند انقلابي تنظيم سن 1952ع جي پڇاڙيءَ ۾ تشڪيل ڪئي. باتستا حڪومت جي خلاف سندن پهرين جُلَهِ ۾ ڪيترن ئي فوجي ٺڪاڻن ۽ فوجي تنصيبات تي حملو ڪرڻ جو منصوبو جوڙيو. تنهن لاءِ فيڊل ۽ سندس ڀاء رائول ڪاسٽرو انقلابي تحريڪ جي 123 جوانن کي تيار ڪري، 26 جولاءِ 1953ع ۾ سينٽياگو شهر وٽ موجود فوج جي مونڪاڊا بيريڪن تي ۽ بايامو وارين ٻيريڪُن تي وڃي حملو ڪيو. جنهن ۾ کين سخت شڪست نصيب ٿي. انهيءَ جنگي جهڙپ ۾ ڪيترا انقلابي ڪارڪن مُئا تن جي

صحيح تعداد جي تہ خبر ڪا نہ پئجي سگهي، پر فيڊل ڪاسترو سندس آتم ڪهاڻيءَ ۾ لکيو تہ انهي ويڙهہ ۾ نو انقلابي ويڙهاڪ مارجي ويا ۽ ڇاونجاهہ ٻين انقلابي ڪارڪنن کي گرفتار ڪرڻ کان پوءِ ماريو ويو. انهن مارجي ويل انقلابين ۾ انقلابي تحريڪ جو فيڊل ڪاسترو کان پوءِ ٻيو نمبر اڳواڻ ساٿي ابيل سانتا ماريا بہ شامل. هو جنهن کي ٻيريڪن تي حملي دؤران سندس ٻين 55 ساٿي ويڙهاڪن سان گڏ گرفتار ڪري، مٿس سخت تشدد ڪرڻ کان پوءِ ساڳئي حملي واري ڏينهن قتل ڪيو ويو. انهيءَ 26 جولاءِ واري حملي کان ٿوري وقت اندر ڪاسترو ڀائرن سميت انقلابي تحريڪ جا ڪيترائي اڳواڻ ۽ اهم انقلابي ڪارڪن گرفتار ڪري، مٿن غداريءَ جا مقدما هلايا ويا. انهيءَ تاريخي سياسي مقدمي ۾ پنهنجي ۽ پنهنجن ساٿين جي بچاء ۾ تقريباً سانده چار ڪلاڪ ڳالهائيندي فيدل ڪاسترو آخري هينيان لفظ چيا: ”توهان مونکي ڀلي ڏوهاري قرار ڏيو، مونکي انهيءَ جي ڪا بہ ڳڻتي يا پرواهہ ڪانهي، ڇو تہ حق تي هئڻ سبب، تاريخ مونکي توهان طرفان مون تي مڙهيل الزامن کان آجو ڪنديءَ!“ انهيءَ مقدمي ۾ فيڊل ڪاسترو کي پندرهن سال قيد جي سزا مڙهي، کيس صدر طرفان جوڙائيل مثالي جيل ۾ قيد ڪيو ويو ۽ جيڪو پائنوز جزيري ۾ قائم ڪيو ويو هو. جڏهن تہ سندس ڀاء رائول ڪاسترو کي تيرهن سال قيد جي سزا ڏني وئي. ٻہ سال قيد ڪاٽڻ کان پوءِ سرڪار تي تمام گهڻي سياسي دٻاء پوڻ سبب باتستا حڪومت، ڪيوبا ۾ جيلن اندر واڙيل سياسي قيدين کي آزاد ڪيو، جن ۾ مونڪاڊا فوجي ٻيريڪن تي حملو ڪندڙ انقلابي تحريڪ جا ويڙهاڪ بہ شامل هئا. فيڊل ڪاسترو جي ننڍپڻ ۾ کيس ديني تعليم ڏيندڙ استاد، مندر، باتستا کي، فيڊل ۽ رائول کي بہ انهن سياسي قيدين سان گڏ آزاد ڪرڻ لاءِ راضي ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. تڏهن ٻين سياسي قيدين سان گڏ، ڪاسترو ڀائر ۽ سندن ساٿي ويڙهاڪ انقلابي پڻ آزاد ٿيا. اُنهي قيد مان آزاد ٿيڻ کان جلد ئي پوءِ ڪاسترو ڀائر سندن جلاوطن ساٿين سان ميڪسِيڪو ۾ وڃي مليا ۽ باتستا حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ ڪارڻ، اسپين جي گهرو ويڙهہ ۾ شامل ريپبليڪن عسڪري تنظيم، جي اڳواڻ، ”البرٽو بايو“ کان انقلابي گوريلا عسڪري سکيا حاصل ڪيائون.

جون 1955ع ۾ فيڊل ڪاسترو ارجنٽائن جي انقلابي اڳواڻ، ارنيسٽو چي گُوئيوَرا سان مِليو. جيڪو ڪاسترو کان ايترو تہ متاثر ٿيو، جو انقلابي جدوجهد ۾ شامل ٿي ڪاسترو جو، سچو ۽ وفادار ساٿي ٿي رهيو. هنن انقلابين سندن انقلابي پارٽيءَ کي ”26 جولاءِ واري تحريڪ“ نالو ڏنو، جنهن تاريخ تي هنن مونڪاڊا فوجي بيرڪن تي هٿياربند حملو ڪري، باتستا حڪومت جي خلاف هٿياربند جدوجهد جي شروعات ڪئي هئي.

24 آڪٽوبر 1963ع ۾ آمريڪي صدر، جان ايف ڪينيڊي هڪڙي آمريڪي صحافي، ڄِين ڊينيئل کي انٽرويو ڏيندي، ايمانداري سان معروضي حقائق کي بيان ڪندي چيو تہ مونکي يقين آهي تہ سامراجي ملڪن جي قبضي هيٺ سمورن غلام ملڪن جي ڀيٽ ۾ ڪيوبا ۾ اقتصادي طور تي سامراجي بالاستي، عوام جي تذليل ۽ استحصال بيحد گهڻو پيو ٿئي ۽ باتستا جي حڪومت دؤران ٿيندڙ استحصال ۾ منهنجي مُلڪ (آمريڪا) جي پاليسين جو بہ هٿ آهي. ڪيوبا کي رشوت واري سماجي مرض مان نجات ڏيارڻ ۽ ملڪ ۾

انصاف ۽ امن جي قيام خاطر فيدل ڪاسترو ڪيوبا جي عدالت ۾ باتستا جي ناجائز آمرانا حڪومت کي ڊاهڻ ڪارڻ جيڪا دعوي داخل ڪئي هئي، اها بلڪل حقي واجبي هئي. تنهن ڪري مون انهيءَ جي تصديق ڪئي. آئون تہ اجا بہ وڌي چڙهي ائين بہ چوَندس تہ صدر باتستا ڪيوبا ۾ ڪيترن ئي ظلمن، تذليلن ۽ خون ريزين جو مرتڪب، آمريڪا طرفان سندس ناجائز مدد ۽ حمايت سبب ٿيو. انهن ڪارستانين جو ڄُرمانو ادا اسان کي ئي ڪرڻو پوندو. هي تہ عالم آشڪار حقيقت آهي! 25 نومبر 1956ع ۾ گِرانِما نالي هڪڙي لانچ ڪاسترو پائرن سان گڏ ٻين اسي ڄڻن کي جن ۾ارنيسِتو چي گُوئيوَرا ۽ ڪامِيلو سينفِوئيگوس شامل هئا، ميڪسيڪو جي شهر ويراڪروز جي ٽُڪسپان بندر تان ڪٽي ڪيوبا ڏانهن رواني ٿي. جڏهن تہ انهيءَ لانچ ۾ ايتري گهڻي تعداد ۾ ماڻهو کڻڻ جي گُنجائش ڪا نہ هئي، ڇو تہ انهيءَ ۾ وڌ ۾ وڌ 25 ماڻهو کڻڻ جي گنجائش هئي. پر مجبوراً ايترا سارا ماڻهو کڻندي تاريخ بہ ڊسمبر تي اچي ڪيوبا رسي. گُنجائش کان وڌيڪ ماڻهو کڻڻ سبب اها مقرر وقت کان بہ ڏينهن دير ڪري اچي ڪيوبا جي ميونسپالٽيءَ واري شهر، نِڪوئيرو جي، ڪولو راڊاس بندر تي بيني. تنهن ڪري انقلابي تحريڪ جي اِالانو دستي سان رابطو ڪري گڏجي مخصوص سرڪاري تنصيبات تي حملا ڪرڻ وارو پروگرام نہ ٿي سگهيو. تڏهن انقلابي ٽولي لانچ مان لهي ملڪ جي ڏکڻ اوير واري علائقي ۾ موجود جبلن جي قطار اندر سندن انقلابي اڏي ڏانهن رواني ٿي وئي. انهيءَ ٽوليءَ جي جابلو اڏن ڏانهن ڪوچ ڪرڻ کان تي ڏينهن پوءِ باتِستا جي فوج انهيءَ انقلابي ٽولي تي سخت قاتلانا وار ڪيو ۽ انهن جي اڪثريت کي اُڦٽ ماري وڌو ۽ گِرانما لانچ ۾ آيل ٻياسي انقلابين مان فقط ويهہ ڄڻا بچي ويا، جيڪي جبلن ۾ گم ٿي ويا، انهن ۾ بہ ڪاسترو پائر، چي گُوئيوَرا ۽ ڪامِيلو سينفوئگوس شامل هو. بچي ويل انقلابي فوجي حملي کان پاڻ کي بچائيندي هڪ ٻئي کان ڇڇي ڌار ٿي ويا هئا، سي هڪ ٻئي کي ڪافي ڏينهن تائين ڳوليندا ڳوليندا نيٺ انقلابي اڏن ۾ وڃي پيڙا ٿيا، جتي پهچڻ ۽ گڏجڻ ۾ انهيءَ علائقي جي، ساڻن همدردي رکندڙ غريب هاري طبقي سندن جوڳي مدد ڪئي. هنن بچي ويل انقلابين انهيءَ اڙانگي جابلو علائقي اندر پنهنجي انقلابي قائدانہ صلاحيتن کي ڪم آڻيندي، هڪڙي حقيقي انقلابي گوريلا فوج تيار ڪئي. انهيءَ گوريلا فوج جي انهن جبلن اندر ڪارروائين ۾ ڪجهہ تعداد ۾ انقلابي گوريلا عورتن پڻ سندن گهربل مدد ڪئي ۽ ساڻن ٻانهن ٻيلي ٿي رهيون. انهن انقلابي عورتن ۾ سيليا سانچيز ۽ ايبل سانتا ماريا جي ڀيڻ، هَيدِي سانتاماريا بہ شامل هئي. 13 مارچ 1957ع ۾ ڪاسترو واري انقلابي تحريڪ کان ڌار، هڪڙي ٻي انقلابي تنظيم "ڊي آر اِي" جيڪا ڪميونسٽ مخالف انقلابي شاگردن تشڪيل ڪئي هئي، تنهن صدر باتِستا ۽ محل ۾ موجود مڙني وزيرن، اميرن، سفيرن ۽ اعليٰ اهلڪارن کي يعني باتِستا جي سموري حڪومتي مشينريءَ کي قتل ڪرڻ جي منصوبي تحت، گاديءَ واري شهر هوانا ۾ صدارتي محل تي حملو ڪيو پر اهو صفا ناڪام ٿي ويو. انهيءَ انقلابي تنظيم جو سربراهہ، نوجوان شاگرد، جو سي اينٽونيو اِيچيويريا، جيڪو هوانا ريڊيو اسٽيشن تي قبضو ڄمايو ويٺو هو سو سرڪاري فوج جي گوليبازيءَ وِڪهي

مارجي ويو. اُنهن حملو ڪندڙ انقلابي جانبازن مان سرڪاري فوج جي جوابي حملي مان ڪي ٿورا انقلابي جوان مس بچيا. اُنهَن ۾ ڊاڪٽر همبرٽو ڪاسٽيلو جيڪو ايسڪامبري جابلو علائقي ۾ سندن تنظيم جي عسڪري مرڪز ۾ انسپيڪٽر جنرل ٿيو هو ۽ بيو رولانڊو ڪِيُوبيلا ۽ فَئُوري چومون. پويان بڻي 13 مارچ تحريڪ جي عسڪري وِنگ جا ڪمانڊنٽ هئا، تن ڪيوبا جي لاس ولاس صوبي وارن ايسڪاميري جبلن ۾ پنهنجو عسڪري اڏو قائم ڪيو هو. باتِستا سرڪار جي خلاف تنظيمن طرفان ٿيندڙ جدوجهد ڪي عوام طرفان مُثبت موٽ ۽ همدري پيدا ٿيڻ سبب، آمريڪا پنهنجي روايتي چالاڪيءَ تحت ڪيوبا جي خلاف اقتصادي بندش لڳائي، پنهنجن سفيرن ۽ ايلچين ڪي ڪيوبا مان واپس گهرائي ورتو. آمريڪا جي انهيءَ غير مُتوقع رويي باتستا حڪومت ڪي وڏو صدمو رسائي ڪمزور ڪري وِڌو. اهڙي صورتحال محسوس ڪندي سندس مقامي حامي به ڪانئس پري ٿيڻ لڳا ۽ انهن مان ڪيترائي ماڻهو باتستا حڪومت مخالف انقلابي تنظيمن ۾ شامل ٿي ويا. انهيءَ مشڪل صورتحال جي باوجود آمريڪي تاجر سرمائيدار طبقو ۽ جرائم پيشه منظم گروهه، سندن گروهي ۽ ناجائز مفادن جي نِسبت مُوافق باتِستا سرڪار ڪي ٽيڪ ڏياريندا رهيا. ڪيوبا جي شهرن تي ضابطو رکڻ ڪارڻ باتِستا سرڪار سدائين جبر ۽ استبداد جي قهري ڪاروائين ڪي ڪم ۾ آندو. اُنهن عوام دشمن سَفاڪِين سرڪار جو اَنتِ آڻڻ لاءِ فِرينڪ پائيس، راموس لينور، هُبَرِ ميٽوس ۽ ٻين انقلابي عسڪري ساٿين جي مُڙسيءَ واري مدد سان فيڊل ڪاسترو جي ڪامل قيادت ۾ 26 جولاءِ واري



انقلابي تحريڪ سرڪاري فوج جي ننڍين ٽولين تي هاڻي ڪامياب حملا ڪندي رهي. ان تحريڪ ڪان سواءِ جڏن سڏن هٿيارن کي ڪم آڻيندڙ غير منظم انقلابي جٿن، جن جون همدرديون مکيہ انقلابي 26 جولاءِ واري تحريڪ سان هيون، سرڪاري فوجن تي جبلن جي چوڌاريءَ پيش وٺ. توڙي ميداني علائقن ۾ هر هر شَب خون حملا ڪري ڇرڪائي، بُزدِل ۽ بتال ڪري وِڌو. انهن انقلاب جي همدردن ڪاسترو واري انقلابي فوج جي رسد وارن رستن جي حفاظت ڪرڻ ۽ انقلابي فوج لاءِ گهربل ڳجهي معلومات مهيا ڪرڻ ۽ انقلابي فوج ۾ گهربل حقيقي رابطو بحال ۽ برقرار رکڻ جي صورت ۾ سُوريهائيءَ ۽ انقلاب سان وفاداريءَ وارو ڪرار ادا ڪيو. هٿيار بند مزاحمت فعال بنجڻ سبب، انقلابي مرڪز وارن پهاڙي علائقن تي 26 جولاءِ واري انقلابي تحريڪ جو قبضو مُستحڪم ٿي ويو. انهيءَ سان گڏ عوام جي حمايت حاصل ڪرڻ خاطر انقلابي پروپيگنڊا جي پيماني کي بہ وڌايو ويو. انهيءَ ڏِس ۾ هڪڙي انقلابي ريڊيو اسٽيشن فيبروري 1958ع ۾ قائم ڪئي وئي، جنهن وسيلي 26 جولاءِ واري انقلابي تحريڪ جي پروپئگنڊا سڄي مُلڪ ۾ نشر ٿيڻ لڳي. انهيءَ ريڊئي جي نشريات کي ممڪن بنائڻ ۾ فيڊل ڪاسترو جي پراڻي سنگتي، ڪارلوس فرانِڪُوئي مکيہ ڪرار ادا ڪيو جيڪو پيوئرٽو ريڪو شهر ۾ جلاوطن جي حيثيت ۾ رهندو هو. انهيءَ دؤر تائين فيڊل ڪاسترو واري انقلابي فوج لڳ ڀڳ بہ سؤ مجاهدن تي مشتمل هئي. ان جي ڀيٽ ۾ باتِستا حڪومت وٽ فوج ۽ پوليس جو تعداد سٺيهن هزارن کان بہ مٿي هو جيڪا هر وقت انقلابين سان جنگ ۾ رُڌل رهي، پر نيٺ اها سرڪاري فوج پسپا ٿيڻ لڳي. 14 مارچ 1958ع ۾ آمريڪا ڪيوبا کي فوجي امداد ڏيڻ بند ڪري ڇڏي، جنهن ڪري باتِستا حڪومت جي عسڪري قوت گهٽجي وئي. جنگي جهازن جي مرمت نہ ٿيڻ ڪري سرڪاري هوائي فوج بہ صفا چٽ ٿي وئي، چو تہ آمريڪا عالمي دٻاء سبب ڪيوبا کي گهربل سموري امداد في الحال مڪمل طور روڪي ڇڏي. هاڻي مدد جون سموريون واٽون بند ڏسي فيڊل ڪاسترو واري انقلابي فوج سان هڪ هڪاڻي ڪرڻ لاءِ انقلابي فوج جي ڪنٽرول واري پهاڙي وادِيءَ تي باتِستا سرڪاري فوج جي ٻارهن هزار نفريءَ سان زبردست حملو ڪيو. تنهن فوجي چڙهائيءَ کي سرڪار دهشت گردي ختم ڪرڻ واري ڪارروائي ڪوٺيو. پُرعزم انقلابي گوريلن، سرڪاري فوج طرفان شروعاتي جهڙپن ۾ ئي سرڪاري فوجن کي پسپا ڪري ڇڏيو. پلاٽا واري جنگي ميدان ۾ سرڪاري فوج جي پنج سؤ نفري واري بٽاليئن کي سخت شِڪست ڏني ۽ انهي بٽاليئن جا 240 فوجي بہ گرفتار ڪري ورتا. اها جنگ 11 جولاءِ کان 21 جولاءِ 1958ع تائين هلي. انهيءَ جنگ ۾ فقط 3 انقلابي گوريلا شهيد ٿيا هئا، پر 29 جولاءِ 1958ع تي سرڪاري فوج جي ڪنئين هزارن تي مشتمل نفريءَ انقلابي فوج جي 300 گوريلن تي چوڌاريءَ حملو ڪري کين تقريباً تباهہ ڪري ڇڏيو. تڏهن ڪاسترو جنگ بنديءَ جي گهُر ڪئي ۽ پهرين آگسٽ 1958ع ۾ ان تي عمل ٿيو. ايندڙ ستن ڏينهن ۾ امن لاءِ ڳالهيون ٿينديون رهيون. انهيءَ دؤران انقلابي فوج سرڪاري فوج جو گهيرو توڙي نڪري وئي ۽ اٺ آگسٽ تائين پنهنجي جابلو مرڪز ۾ محفوظ ٿي وئي ۽ باتِستا حڪومت جو انقلابي فوج کي نابود



ڪرڻ وارو ”آپريشن ويرانو“ ناڪام تي ويو. تنهن کان پوءِ 21 آگسٽ 1958ع ۾ فيڊل ڪاسٽرو واري انقلابي گوريلا فوج، انهيءَ وقت سڄنڌڙ اوريئنٽ صوبي ۾ يعني اڄوڪي دؤر ۾ سڄنڌڙ سانتياگو گِرانما، گوآنتانامو ۽ هولگوئن صوبن ۾ جارحانہ ڪارروايون چالو ڪري ڇڏيون. ڇَئين انقلابي اڳواڻن، فيڊَل ڪاسٽرو رائول ڪاسٽرو، جُئان لاميڊا ۽ بوسقوءِ جا جدا ڇئين محاذن تي حَملا ڪرڻ جي اڳواڻي ڪئي. جولاءِ واري جنگ دؤران سرڪاري فوج کان کسيل هٿيارن ۽ سُمگلِ ڪيل نون هٿيارن سان ليس ٿي، جبلن تان لهي جيڪي سرڪاري فوج جي ٺڪاڻن تي حملا ڪيا، انهن ۾ انقلابي فوج ڪاميابي ماڻي، فيڊل ڪاسٽرو کي گوئيسا وٽ حاصل ٿيل مکيہ فتح ۽ مافو ڪنٽراميسٽر ۽ سينٽرل اورئنٽ سَميت ڪيترن اهم شهرن تي انقلابي فوج جي قبضي ۾ اچڻ سان ڪائوٽو وارا ميداني علائقا بہ فيڊل ڪاسٽرو جي قبضي ۾ اچي ويا. انهيءَ دؤران، چي گوئورا، ڪاميلو سين، فوئيگوس ۽ جيمس ويگا جي اڳواڻيءَ هيٺ ٽن انقلابي فوجي ٽولين وِلاڪِلارا صوبي جي گادي واري شهر سانتا ڪلارا ڏانهن پيش قدمي ڪئي. سرڪاري فوج جيمي ويگا جي ڪمان واري انقلابي فوج تي لِڪي اوچتو حملو ڪري ذري گهٽ تباهہ ڪري ڇڏيو پر انقلابي فوج جون بيون بہ بچيل ٽوليون مرڪزي صوبن ۾ پهچي ويون ۽ اتي موجو بين انقلابي ٽولن سان وڃي گڏيون جيڪي فيڊل ڪاسٽرو جي ماتحت ڪو نہ هئا. جڏهن چِي گوئيوَرا جي ماتحت انقلابي فوجي ٽولو لاس ولاس صوبي ۽ خصوصي طور ايسڪامبري جبلن وٽان لانگهائو ٿيو تہ اتي سرڪاري فوج سان ڳچ مهينن کان وٺي وِڙهَندڙ غير ڪميونسٽ انقلابي جيڪي ڪميونسٽ دشمن انقلابي ٽولا جيڪي پاڻ کي 13 مارچ واري تحريڪ سڏائيندا هئا، انهن جو ساڻس اختلاف پيدا ٿي پيو. پر گڏيل انقلابي ٽولا مسلسل پيش قدمي ڪندا آيا ۽ سين فوئيگوس ياگُئاجي واري جنگ ۾ نهايت اهم فتح حاصل ڪئي. اها ڊسمبر جي 30 تاريخ هئي. انهيءَ فتح سبب ڪيس ”ياگُئاجي جو سورمون“ واري اعزاز

سان وڏي عزت ملي. 31 ڊسمبر 1958ع تي ٽيندڙ سانتاڪلارا واري جنگ ۾ سانتا ڪلارا وارو سمورو علائقو مختلف انقلابي ٽولن جي گڏيل فوج جي قبضي هيٺ اچي ويو جن جي اڳواڻي هر هڪ چي گُوئيورا، سين فوئي گوس، ۽ رووليوشلري ڊائريڪٽوريٽ نالي انقلابي ٽولن جي اڳواڻي، رولانڊو ڪيوبيلا، جُڻان ايبراهانٽس ۽ وِليئم اليگزينڊر مورگن ڪري رهيا هئا. ٽنهن ڪري سمورين مختلف ۽ مخالف ڌرين لاءِ صورتحال بيحد پيچيده ٿي پئي ۽ صدر باتِستا انهيءَ جنگ ۾ سرڪاري فوج کي مليل شڪست ۽ انقلابي فوجن جو سانتا ڪلارا تي قبضو ٿيڻ واري خبر ٻُڌي سخت مايوس ٿي، پهرين جنوري 1959ع تي هوائي جهاز ۾ چڙهي ڊومُنيڪن ريپبلڪ ڏانهن ڀڄي ويو. جڏهن ته ڪميونسٽ مخالف انقلابي ڌُر وارا وليئم اليگزينڊر جي قيادت ۾ ويڙهه جاري رکندا، 2 جنوري 1959ع ۾ سينفيوئگوس شهر تي قابض ٿي ويا. ٻئي طرف باتستا جي ڀڄي وڃڻ واري خبر ٻُڌي، فيڊل ڪاسترو سانتياگو کي پنهنجي حوالي ڪرڻ واسطي، ترت ڳالهيون شروع ڪري ڏنيون. 2 جنوري تي شهر ۾ سرڪاري فوج جي ڪمانڊر، ڪرنل ريوبيڊو سرڪاري فوج کي لڙائي بند ڪرڻ جو حڪم ڏنو ۽ فيڊل ڪاسترو واري انقلابي فوج شهر پنهنجي قبضي هيٺ آندو. چي گوئيورا جي ڪمانڊ تحت انقلابي فوج ۽ سين رفيُوئيگوس جي هٿ هيٺ فوج تقريباً ساڳئي ڏينهن ڪيوبا جي گادي واري شهر هوانا ۾ داخل ٿي. انهن انقلابي فوجن سان سانتا ڪلارا شهر کان هوانا ڏانهن ويندي رستي ۾ ڪابه مزاحمت يا رڪاوٽ ڪا نه ٿي. فيڊل ڪاسترو خود پاڻ هوانا ۾ 8 جنوري 1959ع تي آيو ۽ سندس خواهش موافق صدر جو عهدو سنڀاليو ۽ 13 جنوري 1959ع تي صدر واري آفيس ۾ اچي وينو. 15 اپريل 1959ع ۾ آمريڪن سوسائٽي آف نيوز پيپرس ايڊيٽرس جي دعوت تي صدر فيڊل ڪاسترو آمريڪا جو 11 ڏينهن تي مشتمل دؤرو ڪيو. انهيءَ دؤري دؤران هن هڪڙو عجيب نقطو بيان ڪيو ته "مون کي خبر آهي ته دُنيا جي خيال ۾ اسين ڪميونسٽ آهيون، پر مون واضح طور چيو آهي ته حقيقت ۾ اسين اجا تائين حقيقي ڪميونسٽ ڪو نه آهيون. باتستا جي اقتدار دؤران سندس چاڙتن پوليس ۽ فوج جي سپاهين تي جيڪي سَوَن جي تعداد ۾ انساني حقن جي ڀڃڪڙي ڪرڻ، جنگي ڏوهه ڪرڻ قتل ڪرڻ ۽ تشدد ڪرڻ جهڙن ڏوهن ۾ ملوث هئڻ سبب مقدما داخل ڪيا ويا، ڪيترن ئي ڏوهارين کي ڏوهه ثابت ٿيڻ تي انقلابي ٽربيونلن طرفان سزائون ڏنيون ويون. ڪن کي ڦاسي ڏني وئي، ڪن کي گوليءَ سان موت جي سزا ڏني وئي، ته ڪيترن ئي ڏوهارين کي ڊگهي قيد جون سزائون ڏنيون ويون. انقلابي ٽربيونلن جي انصاف جا يادگار مثال سانتياگو شهر تي قبضي ڪرڻ کان پوءِ قائم ڪيا ويا، جتي رائول ڪاسترو ستر کان وڌيڪ تعداد ۾ سرڪاري فوج جي جنگي قيدين کي موت جي سزا ڏيڻ لاءِ هدايتون جاري ڪيون. هوانا تي قبضو ڪرڻ لاءِ سندس ڪردار سبب کيس ڪابافِيا قلعي ۾ قائم انقلابي ٽربيونل جو منهندار مقرر ڪيو ويو. ڪيوبا جي هٿيار بند ڪاٽن، فوج ۽ پوليس کي باتِستا جي حامي افراد کان پاڪ ڪرڻ واري فيڊل ڪاسترو جي ڪيل اصولي فيصلي تي عمل درآمد ڪرڻ لاءِ اهو اوائلي مثال هو جنهن تحت ڪيترن ئي عوام دشمن ۽ انقلاب دشمن اعليٰ اهلڪارن کي

مڙني محڪمن مان ڳولي ٻاهر ڪڍي موت جي سزا ڏني وئي. ته انهن مان ڪيترن ئي وڏن ڪامورن کي موت جي سزا ڏني وئي. انهن مان ٻين به ڪجھ ڪامورن کي سخت پورهئي سان جيل جي سزا ڏني وئي. پر ڪيترن ئي وڏن ڪامورن کي نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏيو ۽ منجهائن ڪي ته اهڙا به هئا، جن کي ڏيھ نيڪالي ڏني وئي. تقريباً سڀئي دانشور حضرات انهيءَ ڳالھ سان مُتفق آهن ته جن اهلڪارن کي موت جي سزا ڏني وئي، سي ٿي سگهي ٿو ته مُبينه طور تي وطن جا ويري ۽ عوام جا به شمن هُجن. پر انهن جي خلاف داخل ٿيل مُقدمَن جي گهربل شفاف پيروي ڪا نه ٿي هئي. سندس اقتدار جي پهرئين ڏهاڪي دوران، فيڊل ڪاسترو جي سرڪار ڪيترن ئي ترقي پسند سماجي سُڌارن کي متعارف ڪرايو. ڪيوبا جي ڪاري نسل وارن ماڻهن لاءِ معاشري ۾ برابريءَ ڏيارڻ وارا نوان قانون ٺاهيا. عورتن کي گهربل وڏيڪ حق ڏيارڻ ڪارڻ، مناسب قانون تشڪيل ڪيا. جڏهن ته اطلاعات جي سڌاري صحت، تعليم ۽ رهائشي سهولتون مهيا ڪرڻ لاءِ به جوڳا قدم کنيا ويا 1960ع واري ڏهاڪي جي خاتمي تائين ڪيوبا جا سمورا ٻار تعليم حاصل ڪري رهيا هئا. ان جي ڀيٽ ۾ 1959ع کان اڳ ۾ شاگردن جو تعاد موجوده تعداد جي اڌ کان به گهٽو گهٽ هو. بيروزگاري ۽ رشوت خوري به گهٽي حد تائين گهٽ ٿي وئي. صحت ۽ صفائي ۾ سُڌارو وڏي پيماني تي آندو ويو.

ڪيوبا جي ڪمانڊنٽ ۽ جاگرافيدان، اينٽونيو نيونيز جمينيز جي بيان موجب، ڪيوبا جي آباديءَ لاءِ بهترين زمين جو 75 سيڪڙو ڌارين ماڻهن ۽ ڌارين ڪمپنين جي ملڪيت هئي. نئين قائم ٿيل انقلابي حڪومت مُلڪ ۾ سماجي، معاشي ۽ ثقافتي سڌارا آڻڻ واسطي جوڙيل پاليسيءَ مطابق سڀ کان پهرين تعليم ۽ زراعت بابت سڌارا آندا. سموري وڏي زمينداري ختم ڪري مُلڪ ۾ گڏيل فارم قائم ڪيا ويا. انهن جو انتظام هاري طبقي تي مشتمل امداد باهمي تنظيم جي حوالي ڪيو ويو. زرعي سڌارن لاءِ نئين پاليسيءَ کي عملي جامون پهرائڻ واسطي سوري مارِن کي مقرر ڪيو ويو سو هن قسم جي انقلابي سڌارن جي مخالفت ڪندي ملڪ مان فرار ٿي ويو ۽ ٻاهر وڃي هٿيار ۽



بارود گڏ ڪري، فيڊل ڪاسترو واري انقلابي حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ جي اِرادي سان هٿيارن ۽ بم بارود سميت لڪ چوري ڪيوبا ۾ موٽي اچي انقلاب دشمن سِٽون سِٽڻ لڳو پر ترت گرفتار ٿيو ۽ ماريو ويو. اهڙا ڪيترائي غير مارڪسي ۽ باتِستا مخالف سرڪرده ماڻهو انقلابي صفن ۾ لڪل هئا. انهن مان ڪيترن ئي عوام دشمن ماڻهن کي ڏيهه نيڪالي ڏني وئي، ڪن کي موت جي سزا ڏني وئي ۽ ٻئن ڀائرن، مينيوئل ۽ سِپريانو جهڙن، انقلابي حڪومت جي خلاف هَٿياربندِ حملا ڳَنڍَڙ ٽولن کي ويڙهه دؤران ملياميٽ ڪيو ويو. اقتدار ۾ اچڻ کان ترت پوءِ فيڊل ڪاسترو پنهنجي انقلابي فوج ۾ توسيع آندي ته جيئن اڳوڻن مخالف ٽولن تي ضابطو آڻجي ۽ عوام جي حمايت حاصل ڪجي. انقلاب جي بچاء ۽ حفاظت خاطر انقلاب دوست ماڻهن تي مشتمل خبررسان ڪاميٽيون جوڙيون ويون. انهن پهري سُجاڳ ڪاميٽين کي انقلاب دشمن سرگرمين تي ڪڙي نظر رکڻ، پنهنجي آسپاس جي رهاڪن جي ڪمن ڪارين، ڏنڌن ڌاڙين، وِندرن، پسند ۽ ناپسند، خصلتن، خوبين ۽ خامين، مطلب ته ماڻهن جي سمورن عملن ۽ آرڪاٽن جو مڪمل ۽ مفصل رڪارڊ تيار ڪري سرڪار کي پيش ڪرڻ واريون تمام وڏيون ذميواريون سونپيون ويون. فيبروري سن 1959ع ۾ ناجائز ۽ غير قانوني طور تي قبضايل ملڪيت ۽ جائداد واپس وَٺڻ لاءِ هڪڙي وزارت تشڪيل ڏني وئي. 17 مئي 1959ع ۾ تشڪيل ڪيل زرعي سڌارن واري قانون تحت ڪيوبا جي انقلابي حڪومت اهي ناجائز طرح هٿ ڪيل ۽ قبضايل زرعي زمينون ۽ خانگي جائداد ضبط ڪئي. جاگيرن ۽ وڏي زمينداري کي سرڪار رد ڪري ڇڏيو. زمين، واپاري ڪارٽيل ۽ ڪيوبا جي امير طبقي ۽ مٿئين وچئين طبقي جي واپاري مرڪزن تجارتي ادارن، ڪمپنين کي قومي ملڪيت ۾ شامل ڪري ڇڏيو. ضبط ڪيل زرعي زمينن ۾ فيڊل ڪاسترو جي خاندان جون زمينون پڻ شامل هيون. سن 1960ع جي پڇاڙيءَ ۾ ڪيوبا جي انقلابي سرڪار 25 ارب ڊالرن جي برابر خانگي مليڪت کي قومي ملڪيت ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. 6 آگسٽ 1960ع ۾ ڪيوبا جي انقلابي حڪومت، ڌارين ملڪن ۽ خصوصاً آمريڪي مليڪت قومي ملڪيت ۾ شامل ڪرڻ جو اعلان ڪيو. انقلابي حڪومت سن 1961ع ۾ مذهبي تنظيمن ۽ ادارن جي سموري جائداد قومي مِلڪِيت ۾ شامل ڪرڻ جو اعلان ڪيو. انهن مذهبي ادارن ۾ وقت جو مکيه مَذهبِي فرقو رومن ڪيٿولڪ چرچ به شامل هو. ڪيوبا جي نئين انقلابي حڪومت پاڻ ؛کي غير مذهبي حڪومت جتائڻ بعد، بِشپ (يعني عيسائي مذهب جي رومن ڪيٿولڪ فرقي ۾ ڪنهن به غير رومي ملڪ ۾ وڏي ۾ وڏو مذهبي پيشوا) سميت سمورن مُلن کي ڪيوبا جي قوم مان نيڪالي ڏئي ڇڏي. تعليم جي نظام ۾ پڻ خاطرخواهه تبيلي آڻيندي، سمورن خانگي تعليمي ادارن تي بندش وجهي ڇڏي ۽ ڪيوبا جي سمورن ٻارن جي تعليم جي ذميواري کڻندي سڄي ملڪ ۾ تعليمي ادارن کي سڌاريو ۽ تعليم جو معيار وڌائڻ لاءِ گهربل سيئي اپاء ورتا. جولاءِ 1961ع ۾ فيدل ڪاسترو جي زير قيادت 26 جولاءِ واري تحريڪ، ٻِلاس روڪا جي اڳواڻيءَ هيٺ، پيپلس سوشلسٽ پارٽي ۽ فائوري چومون جي رهبريءَ هيٺ 13 واري تحريڪ رِووليوُشنري ڊائريڪٽوريٽ، ٽنهي انقلابي پارٽين پاڻ ۾ ملي

هڪڙي پارٽي تشڪيل ڪئي تنهن جو نالو ”انٽيگريٽيڊ رِووليوشنري آرگنائيزيشن“ ”آءِ آءِ او“ رکيو ويو. آر آر او 26 مارچ 1962ع ۾ يونائيڊ پارٽي آف ڪيوبن سوشلسٽ رووليوشن سڏجڻ لڳي ۽ ساڳي يونائيٽيڊ پارٽي 3 آڪٽوبر 1965ع ۾ پاڻ تي ”ڪميونسٽ پارٽي آف ڪيوبا“ نالو رکيو ۽ فيڊل ڪاسترو ان جو فرسٽ سيڪريٽري مقرر ٿيو. ڪاسترو پهرين وزير اعظم طور ۽ 1976ع کان فيبروري 2008ع تائين ڪيوبا جو حڪمران ٿي رهيو. پوءِ پاڻ سندس صدارتي عهدي تان خوشيءَ سان دستبردار ٿيو ۽ ساڳئي مهيني ۾ سندس ڀاءُ رائول ڪاسترو ڪيوبا جو صدر مقرر ڪيو ويو. ڪيوبا وارو انقلاب، ڪيوبا ۽ امريڪا جي وچ ۾ سمورن سياسي، معاشي ۽ معاشرتي لاڳاپن جي نسبت سان فيصلہ ڪُن موڙ ثابت ٿيو. شروعاتي دؤر ۾ آمريڪي حڪومت ڪاسترو جي قيادت ۾ ڪيوبا جي نئين انقلابي حڪومت کي تسليم ڪرڻ جي خواهان هئي، پر ترت ئي ڪيس لاطيني آمريڪا جي ملڪن ۾ ڪميونسٽن جون انقلابي سرگرميون وڌڻ ۽ پکڙجڻ واري خدشي کان سراپجي وئي ۽ انقلابي سرڪار کي تسليم نہ ڪيو. فيڊل ڪاسترو انقلابي جدوجهد کي ختم ڪرڻ لاءِ آمريڪا طرفان باتِستا حڪومت کي فوجي مدد ڏيڻ سبب، آمريڪا تي سخت تنقيد ڪندو رهيو ۽ سندس انقلابي حڪومت جڏهن ڪيوبا ۾ آمريڪا جي ڪمپنين کي قومي ملڪيت ۾ شامل ڪري ڇڏيو تہ انهيءَ جي رد عمل طور آمريڪا جي آئزن هاور سرڪار، آمريڪا ۾ ڪيوبا جا سمورا اساسا منجمد ڪري، ڪيوبا سان تجارتي لاڳاپا توڙي هر قسم جا سفارتي ناتا ختم ڪري ڇڏيا ۽ پنهنجي اتحادين تي بہ ڪيوبا سان تعلقات ختم ڪرڻ لاءِ زور ڀريو. سن 1961ع ۾ فيڊل ڪاسترو جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ جي مقصد لاءِ انقلاب دشمن هٿياربند ٽولي جي آمريڪا ڀرپور مدد ڪئي، پر بي آف پِگس نالي اپسمنڊ وٽ انقلاب دشمن آمريڪا جي حمايت يافتہ حملو ڪندڙ ٽولي کي ڪيوبا جي انقلابي فوج ترت ئي سخت شڪست ڏني. ڪيوبا جي خلاف آمريڪا طرفان لڳل بندش، آمريڪا طرفان ڪنهن هڪ ملڪ جي خلاف لڳل بندش، امريڪا جي تاريخ ۾ طويل ترين بندش آهي جيڪا جزوي طور اڃا تائين يعني 2016ع ۾ بہ برقرار آهي. آمريڪا ڪيوبا سان پنهنجا لاڳاپا بحال ڪرڻ لاءِ 2010ع ۾ ڪوشش چالو ڪئي ۽ سن 2015ع ۾ يعني اڌ صدي کان بہ وڌيڪ عرصي کان پوءِ رسمي طور پنهنجو سفارتخانو وري کوليو. فيدل ڪاسترو جي انقلابي فتح ۽ انهيءَ کان پوءِ اختيار ڪيل پرڏيهي پاليسيءَ جو رد عمل عالمي سطح تي مرتب ٿيو. روس ۾ برپا ٿيل 1917ع واري سماجوادي انقلاب جي استحڪام ۽ اوير يورپ ۾ توسيع کان متاثر ٿيندي فيڊل ڪاسترو سندس انقلاب کي بہ ٻين ملڪن ۾ انقلاب کي ڪامياب ڪرڻ خاطر ڪتب آڻڻ جو پڪو پهہ ڪيو ۽ ڪيريبئن ۽ انهيءَ کان بہ اڳتي الجزائر جي انقلابي تحريڪ کي 1960ع ۾ هٿيارن جي مدد ڪئي، تنهن کان سواءِ انگولا، يمن، نڪارا گُئا، گهانا ۽ ٻين ڪيترن ئي ملڪن ۾ هلندڙ آزادي ۽ انقلاب لاءِ جدوجهد ڪندڙ تنظيمن جي هر قسم جي مدد ڪئي.

⑥



# دنيا ۾ آيل وڏي ۾ وڏو زلزلو

ڏکڻ آمريڪا کنڊ جي ملڪ چِليءَ جي شهر والڊِيويا جي ويجهو سن 1960ع ۾ 22 مئي تي برپا ٿيندڙ زِلزلو اجا تائين رڪارڊ ٿيندڙ زلزلن ۾ سڀني کان وڌيڪ زور وارو زلزلو بيان ڪيو وڃي ٿو. آمريڪا جي جيالاجيڪل سروي واري اداري انهيءَ زلزلي جي ماپ 9.05 ميگنيٽيوڊ ڄاڻائي. انهيءَ کي چلي وارو وڏو زلزلو ۽ سن 1960ع ۾ برپا ٿيندڙ والڊِيويا واور وڏو زلزلو بہ ڪوٺيو وڃي ٿو. هي زلزلو چلي جي ساحل کان ڪجهہ پرڀرو پيسفڪ سمنڊ اندر پيدا ٿيو. انهيءَ زلزلي سان پيدا ٿيندڙ زمين ۾ لرزش جي نتيجي ۾ هزارن جي تعداد ۾ جايون جڳهيون ڀڄي، ٽٽي، ڀور ٿي، تباه ٿي ويون. چِلي ملڪ جي حڪومت جي تخميني موجب اٽڪل ويهہ لک ماڻهو بيگهر ٿي ويا. اهو بہ شڪر ٿيو تہ اهو زلزلو ڏينهن جو اڳيئن مهل آيو هو ۽ انهيءَ کان اڳ ۾ بہ زمين لرزش ۾ آئي هئي. جنهن سبب ماڻهو جاڳندڙ هئا ۽ ترت گهرن کان ٻاهر نڪري آيا. انهيءَ زلزلي سبب پيسفڪ سمنڊ ۾ تمام اوچيون لهرون ۽ طوفان پيدا ٿيڻ ڪري تمام گهٽي پيچ ڊاهہ ٿي ۽ ماڻهو مُئا. اهو طوفان ۽ لهرون زلزلو پيدا ٿيڻ شرط چالو ٿي ويون ۽ سمنڊ جي ڪنارن ڏانهن وڌنديون ۽ تباهي مچائينديون رهيون.

جنهن ڪري سمنڊ جي ڪنارن تي ٺهيل عمارتن کي بنيادن کان اکوڙي ڪيرائي وڌو ۽ ڪيترن ئي ماڻهن کي ماري پاڻيءَ ۾ لوڙهي ڇڏيو. هڪ هنڌ 490 ماڻهو ٻڏي مئا ته ٻئي هند مرندڙ ماڻهن جو تعداد ڇهن هزارن تائين ٻه پهچي ويو. سيني کان وڌيڪ تعداد ۾ ماڻهو چلي ۾ ۽ زلزلي جي لوڏن ۽ لرزش سبب مُئا. هن زلزلي سبب پيدا ٿيندڙ سامونڊي طوفان. سڄي پيسفڪ سمنڊ ۾ پکڙجي ويو ۽ انهيءَ سبب پيسفڪ سمنڊ جي دنگ وٽ موجود ملڪ فلپائين ۾ ٻه ماڻهو ڪجهه تعداد ۾ مري ويا هئا. زلزلي سبب نقصان جو ڪاٿو انهيءَ وقت 400 کان 800 ملين آمريڪي ڊالر لڳايو ويو هو. جيڪو اڄ وارن ٽن کان ڇهن ارب ڊالرن جي برابر هو. هي انهن چند زلزلن مان هڪڙو هو جنهن تمام ڏورانهن علائقن ۾ ٻه نقصان رسايو ۽ وڏي تعداد ۾ ماڻهو ماريا هئا. انهي زلزلي سبب پيدا ٿيندڙ طوفان 200 ميل في ڪلاڪ رفتار سان تقريباً سڄي پيسفڪ سمنڊ ۾ پکڙجي ويو ۽ انهيءَ طوفان جي رفتار ۽ پيدا ٿيندڙ لهرن جي اوچائيءَ ۾ مختلف هنڌن وٽ فرق ڏسڻ ۾ آيو. زلزلو برپا ٿيڻ کان پندرهن ڪلاڪ پوءِ سامونڊي طوفان 35 فوٽ اوچين لهرن سان هوائي ٻيٽن کي جهڙوڪر ٻهاري ڇڏيو. چند گهڙين اندر 61 ماڻهو لهرن جي نذر ٿي ويا، سي ته فقط هڪ پوائنٽ "هِلو" ۾ موت جو ڪاج ٿيا هئا. ڪيليفورنيا رياست ۾ ننڍن بندرگاهن ۾ بيٺل ننڍين ٻيڙين کي اتي رسندڙ لهرن سبب سخت نقصان رسيو. ڪِريسينٽ سِٽي ۾ ساحل تي پندرهن فوٽ اوچيون لهرون لڳڻ سان ساحل تي ٿيل اڏاوتن ۽ اتي موجود ٻيڙين کي سخت نقصان رسيو. هن ڀيانڪ زلزلي جي پيدا ٿيڻ کان تقريباً 22 ڪلاڪ پوءِ ٻه زلزلي سبب پيدا ٿيل طوفان ۽ 18 فوٽ اوچين لهرن، جپان جي هونسو ٻيٽ ۾ تباهي مچائي ڇڏي، جتي سورنهن سؤ کان ٻه گهڻا گهر تباه ٿي ويا ۽ 185 ماڻهو اجل جو شڪار ٿيا. زلزلي اچڻ کان اٽڪل 24 ڪلاڪ پوءِ ٻه. زلزلي سبب پيدا ٿيندڙ طوفان ۽ اوچين لهرن، فلپائن ۾ پڻ 32 ماڻهو ماري وڌا. انهي سامونڊي طوفان ايسِٽر ۽ ساموئا ٻيٽن ۾ ٻه گهڻي ڇيچ ڊاه ڪئي. آمريڪا واري جيالاجيڪل سروي رپورٽ ۾ ڄاڻايو ويو ته چِلي ملڪ جي ارائڪو اپبيٽ کان وٺي چِلو ٻيٽ جي ڦيولن ماڳ تائين ساحل جو سطح پنج فوٽ کن آنرجي هيٺ ٿي ويو. جنهن سبب ڪيتري ئي تعداد ۾ ساحل تي تعمير ٿيل عمارتون اوچيءَ وير دؤران پاڻيءَ هيٺ هليون ويون يعني ٻُڏي ويون. ان جي ابتڙ اِسلا گُئافو ماڳ وٽ ڏهاڪو کن فوٽ سطح ساحل مٿي ٿي وئي. هي نهايت طاقتور ڏماڪو ڪندڙ زلزلو سطح سمنڊ کان ويهه ميل اونهي گهري هنڌ پيدا ٿيو جتي ڏکڻ آمريڪي ڌرتيءَ واري پليٽ جي هيٺان موجود نازڪا پليٽ پري ۽ ڇڊي ٿيندي وئي، جنهن سبب چِلي جي ٽالڪا نالي ماڳ کان وٺي چِليءَ جي جزيرن واري ميڙ تائين 500 ميل ڊگهو ۽ تمام اونهون کڏو يا کاهي ٺهي پئي آهي. هن علائقي ۾ هن 22 مئي 1960ع واري زلزلي کان اڳ توڙي پوءِ ٻه ڪيترائي ٻيا طاقتور زلزلا ٻه آيا آهن. هن زلزلي جي برپا ٿيڻ کان اڳ چار زلزلا انهيءَ علائقي ۾ ٿيا هئا، جن جي طاقت ريڪٽر اسڪيل جي ستن درجن کان وڌيڪ هئي. انهن زلزلن مان سيني کان وڌيڪ طاقتور زلزلو 7.9 درجن وارو هو. جيڪو هن ڀيانڪ زلزلي کان فقط هڪ ڏينهن اڳ برپا ٿيو هو. هي تباهي مچائيندڙ زلزلو 9.05 ميگنيٽيوڊ يعني طاقت جي درجي وارو زلزلو چليءَ جي ڏاکڻي ساحل کان ڪجهه پر پرو سمنڊ اندر پيدا ٿيو. پر اهو ايترو ته گهڻو طاقتور زلزلو هو. جو ان جو اثر سموري پيسفڪ وڏي سمنڊ ۾ پيدا ٿيو. عمومي طور هوائي ٻيٽن جي ڪنارن تي زلزلي سبب سمنڊ ۾ پيدا ٿيندڙ سامونڊي طوفان ۽

لهرون قدراً خاموش هيون ۽ وير وانگر محسوس ٿي ٿيون. اتي 61 ماڻهو مري ويا ۽ 43 سخت زخمي ٿيا. هِلو اپسمنڊ ۾ هن ساموندي طوفان سان پيدا ٿيل ٽِئين لهر, هِلو بندرگاهه کي پنهنجي ڇهه ميٽر اوچائيءَ سان ٻوڙي ڇڏيو جنهن ڪري اٽڪل ڇهه سؤ ايڪڙ بندر واري ايراضي ٻوڏ هيٺ آئي. انساني موتن کان سواءِ زبون ٿيل بندر جي جائين جڳهين جي نقصان جو تخمينو 23.5 مِلين ڊالر لڳايو ويو. هوائي ٻيٽن جي سِوِل ڊفينس جي دفتر, وَتِن نقصان جو انگ 24 مليئن ڄاڻايو. هن علائقي ۾ تقريباً اڌ ايراضي برباديءَ جو شڪار ٿي وئي. فولاد ۽ ڪنڪريٽ سان ٺهيل جايون به ڪوڪليون ٿي ويون آهن. انهن ۾ ڪجهه ڪمزور جايون ته لُڙهي ويون. سَوَن جي تعداد ۾ موٽر گاڏيون ٽٽي ۽ ڦٽي ويون. ڏه ميٽرڪ ٽن وزني ٽريڪٽر به پنهنجي شوروم مان تمام گهڻو پري تائين لڙهي ويو. ڳري مشينري, مِلن وارا رولر ۽ ڏاتن جون ٻيون سموريون شيون, لُڙهي ۽ ٽِڙي پکڙي ويون. ويهه ويهه ميٽرڪ ٽن ڳريون ڇِپون پڻ لُڙهي ڪناري کان سوا پنج سؤ فوٽ پري وڃي پهتيون. هن زلزلي مان پيدا ٿيل طوفان هوائي ٻيٽ جي ڏکڻ واري ساحل ۽ اولهه واري ساحل تي تباهي مچائي, جنهن ۾ فريم سان ٺهيل عمارتون ته بنيادن مان اُکڙي پٽجي, پڄي پُري تباهه ٿي, هيڏانهن هوڏانهن ٽڙي پکڙي ويون. فقط ڪونا واري ساموندي ڪِناري تي به پنج لک ڊالرن جي برابر پيچ ڊاهه سبب نقصان ٿيو. نيپوپو ٻيٽاريءَ تي به ٺهيل ڇهه گهر تباهه ٿي ويا. مئوئي ٻيٽاريءَ جي اُترئين ساحل تي موجود ڪاهولوئي ۾ ٺهيل هڪ ويئر هائوس ۽ ڇهه گهر پڄي پُري چٽ ٿي ويا. تنهن کان سواءِ ٻيا به ڪيترائي دڪان, اسٽور, دفتر ۽ گهر پڻ هن تباهيءَ جو شڪار ٿيا ۽ منجهن پيل سمورو سامان ۽ وٿ وارو وکر لهرن جي نذر ٿي ويو. هتي ٺهيل هڪڙو عيسائين جو عبادت گهر پڻ سندس پيڙه تان ويهارو کن فوٽ هٽي ويو. هن بندر جي اولهه طرف صفا ٿوري پنڌ تي موجود ماڳ پَؤُڪُو ڪالو ۾ ٺهيل ڪيتريون ئي عمارتون هن ناگهاني آفت جو شڪار ٿيون. ڪاهولوئي ماڳ جي اوپر طرف,اِسپِريڪلسِ ۽ پائِيا ماڳن ۾ پڻ هڪ هڪ گهر ڊٺو هو ۽ ٻين کي به ڪافي نقصان رسيو هو. هنن ماڳن جي ڏکڻ ۽ اولهه طرفن تي قائم ماڳ ڪيهيئي ۽ لاهائِني ۾ پڻ هن طوفان سبب ڪافي نقصان ٿيو هو. مولوڪائي ٻيٽ ۾ ڪجهه گهرن, مڇيءَ جي تلائن ۽ رستن کي ڳچ نقصان رسيو. لانائي ٻيٽ جي عين ڪِناري تي اڏيل هڪڙو بيچ هائوس به ٽُٽي ٽُڪرا ٿي تباهه ٿي ويو. ڪائُئائي ۽ اوئاهو ٻيٽن ۾ البت ٿورو نقصان ٿيو. هونولُولُو جي اوپر طرف, نزديڪ ئي ڪُلِيئُوئُو وسنديءَ کي طوفان ٻوڙي ڇڏيو جنهن جا پنجاه گهر پڄي پيا ۽ اڍائي لکن ڊالرن جو نقصان پرايو. اوئاهو ٻيٽ به ٻُڏو هو. ڪيليفورنيا رياست ۾ ڪِريسينٽ سِٽي ۾ ويرن جي ماپ واري اسڪيل تي طوفاني لهرن جي اوچائي 1.7 ميٽر ڏِٺي وئي ۽



اسٽينسن ماگ وٽ 1.5 ميٽر هئي. سانتا مونيڪا ۾ لهرن جي اوچائي 1.4 ميٽرن کان بہ وڌيڪ هئي، پورٽ هيونيم ۾ 1.3 ميٽر ۽ پيسفيڪا ماگ وٽ 1.2 ميٽر هئي. هن زلزلي سبب پيدا ٿيل طوفان پيسفڪ سمنڊ جي سموري ڪناري تي پنهنجو اثر ڏيکاريو.

ڪريسينٽ سٽي ۾ ٽيهہ هزارن جي قيمت واريون بہ ٻيڙيون وڃائجي ويون لاس اينجلس ۽ لانگ بيچ وارن بندرگاهن ۾ هن طوفان جي ڪري گهٽي نقصان ٿيڻ جي خبر پئي. هنن بندرگاهن تي بيٺل ننڍيون ٻيڙيون تي سؤ کن جي تعداد ۾ لُڙهي ويون. ٽِيهہَ ٻيڙيون ٻُڏي ويون. هڪ 75 فوٽ ڊگهي ياچ ٻيڙي هڪڙي پُل جي ٿنڀن سان ٽڪرائجي ٽُڪر ٽي پئي ۽ پل کي بہ ڪجهہ نقصان ٿيو. ياچ ٻيڙين جي سينٽر مان ٻيڙين مان زمين تي پهچڻ واسطي ٺاهيل لاهيءَ واريون ٽلهيون 235 جي تعداد ۾ پچي پور ٿي ويون. ٽنهن کان سواءِ ڪالونيئل ياچ اينڪريج ۽ سيريٽوس ياچ اينڪريج ۾ 110 ٻيون بہ اهڙيون ٽلهيون تباه ٿي ويون، جنهن سبب ٽي لک ڊالرن جو وڌيڪ نقصان ٿيو. ريمونڊ اسٽوئرٽ نالي هڪ ٽوبو گم ٿي ويو. شايد ٻُڏي ويو. بندرگاهہ ۾ طوفان سبب پاڻيءَ جو وهڪرو 22 ڪلوميٽر في ڪلاڪ هئڻ سبب بندر جون ڪافي جايون جڳهيون ٽُٽيون ۽ ڦِٽي ويون. هتي ٻيڙيون اُٿلي اونڌيون ٿيڻ سبب انهن مان ٻارڻ وارو تيل هزارين لِٽرن ۾ هارجي ويو ۽ باه لڳڻ جو خطرو پيدا ٿي پيو. ٻُڏندڙ ماڻهن کي بچائڻ کان بچائڻ واسطي مخصوص سمورو سامان لُڙهي ويو. وِير پيما سميت ڪافي شيون ساڍا پنج ڪلوميٽر سمنڊ ڏانهن لُڙهي ويون پر انهن مان ڪجهہ شين کي ٻاهر ڪڍي ورتو ويو. طوفان دوران پهرئين بحري جهاز جي پُل تان، جهاز جي ميس جو بيرو 6 ميٽر اوچائي تان ڪِري پيو. تنهن ڪري اهو جهاز واپس بندرگاه ۾ آيو تہ جيئن انهي بيري جو اسپتال ۾ علاج ڪرائي سگهجي. انهيءَ حادثي جو ٻهتان سمنڊ جي خطرناڪ صورتحال تي لڳايو ويو. انهيءَ دوران ڪوروناڊو جي بندرگاهہ ۾ هڪ پٽڻ واري ٻيڙي طوفان جي زور تي اندر هلي آئي، جنهن جي ٽڪراءَ سان مسافرن کي زمين تي لاهڻ لاءِ ڪناري تي ٺهيل 8 لهواريون ٽلهيون ڊهي ويون. هڪڙي ٻي پاڻي ٻيڙي پنهنجي دگ کان ٽيهہ ڪلوميٽر کن هٽي وئي ۽ اتي لنگر انداز جهازن سان وڃي ٽڪرائي. هن بندرگاه جو تقريباً 80 سيڪڙو تباه ۽ برباد ٿي ويو. هتي هڪ سؤ ٽن وزني هڪ ڪانٽي واري مشين سيمنٽ ۽ ڪنڪريٽ جي ٺهيل ڊِڪِين کي اُکوڙي مِشن جي پل جو 21 ميٽر کن حصو ٽوڙي ڇڏيو. هڪ تفريحي ٻيڙي، اٺ لهواريون ٽلهيون ٽوڙڻ سان پاڻ بہ ٽُٽي غرق ٿي وئي. سمنڊ جي تيز وهڪري سين ڊيگو بندر گاهہ جي ماسٽرس پيئر تان 30 ميٽر ڊگهيون ٻارهن ٻيڙيون لوڙهي ڇڏيون ۽ بندرگاهہ جي ٻن ٽلهين کي بہ لوڙهي ڇڏيو. سانتا مونيڪا وٽ طوفان جي داٻ سبب پاڻيءَ جو سطح ايترو هيٺ ٿي ويو جو ذري گهٽ ترو ظاهر پئي ٿيو. ائن ننڍين ٻيڙين جي پڳهہ وارن رَسَنِ ۾ ٽڙڪات پئجي ويا، پر انهن کي ترت سِرَهي ڇِڪي واپس لنگهرانداز ڪيو ويو. هڪڙي وڏي لهر ڪناري کان 91 ميٽر مٿي چڙهي آئي ۽ پيسفڪ ڪوسٽ هاءِ وي تي گاڏيون بيهارڻ واري جاءِ کي ٻوڙي ڇڏيو. سانتا باربرا ۾ تيل دريافت ڪرڻ واري هڪڙي ٻيڙي، هڪ نئين ڪانٽيءَ واري مشين سان هر هر ٽڪرائجڻ سان، گهٽ ۾ گهٽ ڏهہ هزار ڊالرن جو نقصان ٿيو. تنهن کان سواءِ لڙهي ويل 40 ننڍين ٻيڙين کي بہ اولجڻ ۽ ڏڪجڻ ڪري ڏهن هزارن ڊالرن جو نقصان ٿيو.

⑥



# انسان کي چنڊ تي رسائيندڙ خلائي جهاز

آمريڪا جي خلائي سائينسدانن جو تيار ڪيل خلائي جهاز ”اپولو- يارهن“ پهريون خلائي جهاز هو، جنهن جي چنڊ جي مدار ۾ گردش ڪرڻ واري وقت دوران، انهيءَ خلائي جهاز کان جدا ٿي، اچي، چنڊ جي مٿاڇري تي لهندڙ چنڊ گاڏي ۾ سُوار، آمريڪا جا ٻه خلاباز، 1. نيل آرمسٽرانگ ۽، 2. بُز الڊرن، 20. جولاءِ ، 1969ع ۾، پنهنجي نرالي سُواري کي، چنڊ جي سدائين پُراثرار رهندڙ سطح تي خوش اسلوبيءَ سان لاهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. چنڊ گاڏي، جنهن جو نالو ”ايگل“ هو، اُن مان ڏاڪڻ وسيلي، اول خلاباز، نيل آرمسٽرانگ، تاريخ 21 جولاءِ 1969ع ۾ يو، ٽي، سي معياري وقت موجب، رات جو ٻه لڳي، ڇاونجهاه منٽن ۽ پندرهن سيڪنڊن تي، چنڊ جي هميشه ويندڙ زمين تي، سندس ڪاٻو پير رکي، انسان ذات جي دائمي خواهش جي سائنسي بنياد تي معروضي تڪميل ڪري، تسخير

ڪائنات جي سلسلي ۾ ڏرتيءَ کان چنڊ تائين لکين ميل ڏگهو سائنسي ڇال ڏئي، ڪائنات ۾ هڪ وار انسان جو مان مٿاهون ڪيو. سندس ساٿي خلاباز بُز آلڊرن، ڪانئس اٽڪل ويهه منٽ کن پوءِ، چنڊ گاڏيءَ مان لهي، اچي ساڻس گڏيو. انهن چنڊ گاڏيءَ کان ٻاهر، چنڊ جي زمين تي رهندي چنڊ جي مٿاڇري تي موجود سَنهي مِٽي يا دز مِٽيءَ جا ڪڙا ۽ ڪجهه پٿون، ڪٺي اچڻ جهڙيون شيون، جن جو وزن اٽڪل ايڪيهه ڪلوگرام هو ميڙي، مخصوص ڳوٿرين ۾ بند ڪري رکيون ۽ موٽندي اهي زمين تي ڪٺي آٽي سائنسدانن کي ڏنائون. اپولو يارهن خلائي جهاز ۾ ڪل ٽي خلاباز سوار هئا. انهن مان ٻه ڄڻا، اپولو يارهن جي ڪانئس جدا ٿي چنڊ ڏانهن ويندڙ ياڱي، چنڊ گاڏيءَ يعني ايگل ذريعي چنڊ ڏانهن روانا ٿيا. انهيءَ دوران سندن ٽيو ساٿي خلاباز مائيڪل ڪولنس، خلائي جهاز جي مکيه ياڱي، ڪمانڊ ماڊيول، جنهن جو نالو ڪولمبيا هو. ان کي چنڊ جي مدار ۾ هلائي رهيو هو. ڪولمبيا سان موٽي اچي گڏجڻ کان اڳ، چنڊ تي ويندڙ خلاباز چنڊ تي ڪل وقت، هڪ ڏينهن کان به ڪجهه گهٽ وقت گذاريو.

16 جولاءِ 1969ع ۾، آمريڪا جي فلوريڊا رياست ۾ موجود ميرٽ جزيري ۾ جوڙيل ڪينيڊي اسپيس سينٽر مان "سيٽرن فائيو" نالي خلائي جهاز کي اُڏائيندڙ راڪيٽ وسيلي، چنڊ ڏانهن سفر ڪندڙ خلائي جهاز اپولو يارهن، آمريڪا جي خلائي سائنس بابت اعليٰ تحقيقي اداري "ناسا" طرفان تيار ڪيل، اپولو پروگرام سان وابسته، انسان کي ڪٺي ويندڙ پنجون خلائي جهاز هو سو ٽن مکيه ياڱن تي مشتمل خلاباز ڪٺي ويندڙ خلائي جهاز هو. ان جو مکيه ياڱو "ڪمانڊ ماڊيول"، جنهن ۾ ٽن خلابازن جي ويهڻ ۽ مقرر ڪم ڪرڻ واسطي هڪ مخصوص ڪيبن ٺهيل هئي، اهو ئي ياڱو خلابازن کي موٽائي زمين تي ڪٺي آيو. هن خلائي جهاز جو ٻيو ياڱو "سَٽروس ماڊيول" هو جيڪو خلائي جهاز جي مکيه ياڱي، ڪمانڊ ماڊيول کي اڳتي هلڻ لاءِ ڌِڪڻ، بجلي، پاڻي ۽ آڪسيجن گيس جو گهربل مقدار مُهيا ڪرڻ وارا اهم ڪم ڪندو رهيو. هن خلائي جهاز جو ٽيو ياڱو "لُونَر ماڊيول" جيڪو خود ٻن حصن تي مُشتمل هو. انهيءَ کي عام طرح چنڊ گاڏي ۽ سائينسدانن طرفان "ايگل" نالو ڏنو ويو. ايگل جي هڪڙي ياڱي چنڊ تي لهڻ جو ڪم سر انجام ڏنو. چنڊ تي لهڻ کان پوءِ چنڊ گاڏي جي مٿئين ياڱي، خلا بازن کي چنڊ تان ڪٺي اچي، خلائي جهاز جي مکيه ياڱي، ڪمانڊ ماڊيول ۾ پهچايو.

سَيٽَرن فائيو نالي خلائي جهازن کي خلا ۾ روانو ڪندڙ راڪيٽ ذريعي، ڌرتيءَ تان اُڏام چالو ڪرڻ کان پوءِ خلا ۾ لڳاتار ٽي ڏينهن سفر ڪرڻ بعد، اپولو يارهن چنڊ جي مدار ۾ وَڃِي رسيو. تنهن کان پوءِ چنڊ ڏانهن وڃڻ وارا خلاباز نِيل آرمسٽرانگ ۽ بُز الڊرن، خلائي جهاز جي چنڊ ڏانهن روانو ٿيندر ياڱي، لونَر ماڊيول، يعني چنڊ گاڏيءَ ۾ وڃي ويٺا ۽ چنڊ گاڏي چنڊ جي مدار مان نڪرڻ ۽ چنڊ



ڏانهن وڃڻ لاءِ اپولو يارهن جي ڪمانڊ ماڊيول کان جدا ٿي اڏامي، اچي چنڊ تي لٿي. تڏهن منجهس سوار خلاباز پانئيو ته جڻ اهي هڪ پرسڪون ۽ سانتيڪي خلائي سمنڊ ۾ اچي سهڙيا آهن. ڇَنڊَ خلاباز چنڊ جي زمين تي مجموعي طور، ساڍا ايڪيهه ڪلاڪ رهيا، جنهن دؤران، هنن اتي ڪين سونپيل مختلف ڪم ڪيا. تنهن کان پوءِ اهي موٽي چنڊ گاڏيءَ جي انهيءَ ڀاڱي ۾ اچي سوار ٿيا، جيڪو چنڊ تان اڏامي، موٽي اچي، چنڊ جي مدار ۾ گردش ڪندڙ ۽ سندن اچڻ جي اوسيئڙي ۾ رهندڙ ڪمانڊ ماڊيول، ڪولمبيا سان ڳنڍيو ۽ خلابازن کي ميڙي آندل سمورين شين ساڻ انهيءَ ۾ داخل ڪيو. تنهن کان پوءِ خلابازن کي واپس آڻي پهچائيندڙ چنڊ گاڏيءَ جي انهيءَ حصي کي به ڪمانڊ ماڊيول کان جُدا ڪري چنڊ جي مدار ۾ ڇڏي ڏنو ويو ۽ خلابازن ڪمانڊ ماڊيول ڪولمبيا ۾ ڌرتيءَ ڏانهن واپسي سفر شروع ڪيو ۽ 24 جولاءِ 1969ع ۾ ڪولمبيا کي پيسفڪ سمنڊ ۾ اچي لاٿو. چنڊ تي سڀني کان پهرين لهندڙ انسان، خلاباز نيل آرمسٽرانگ کي، آمريڪا جي ٽيلي ويزن واري براه راست پروگرام تحت، چنڊ جي زمين تي قدم رکندي ۽ پنهنجو تاثر بيان ڪندي ڏيکاريو ويو، جنهن ۾ چيائين ته: ”مون جهڙي هڪ فرد لاءِ اڳتي وڌڻ خاطر، وڌايل، هي ته هڪ ننڍو قدم آهي، پر مجموعي طور انسان ذات جي ترقيءَ جي سلسلي ۾ اهو هڪ تمام وڏو ٽپو چلانگ

آهي اهڙي ريت خلائي جهاز اپولو يارهن جي چنڊ تي انسان کي پهچائڻ واري مهم، خوش اسلوبيءَ سان ڪاميابي سان همڪنار ٿي، پڄاڻيءَ تي پهتي! جنهن جي نتيجي طور، سن 1963ع ۾ آمريڪي صدر، جان ڪينيڊي طرفان، ڪانگريس کي خطاب دؤران تجويز ڪيل، انسان کي چنڊ تي ڪاميابيءَ سان پهچائي ۽ سلامتيءَ سان واپس ڌرتيءَ تي آڻڻ وارو قومي مقصد، ڪاميابيءَ سان حاصل ٿيو. اپولو يارهن، تاريخي طور تي انسان کي کڻي ويندڙ پيو خلائي جهاز هو. تنهن کان اڳ، اپولو ڏهه به خلابازن کي کڻي ويو هو. اهي ٻئي خلائي جهاز آمريڪا جي خلائي اداري ”ناسا“ طرفان موڪليل هئا. انهيءَ کان گهڻو اڳي سوويت يونين جي خلائي سائينسدانن طرفان سن 1967ع ۾ خلا ۾ روانو ڪيل ”سويُوز“ نالي خلائي جهاز ۾ سوويت خلاباز ولاديمير ڪوماروف به خلائي سفر ڪيو هو.

اپولو-اٺ جي خلائي سفر دوران، انهيءَ جي ڪمانڊ ماڊيول کي هلائڻ لاءِ، اصل ۾ خلاباز مائيڪل ڪولنس کي مقرر ڪيو ويو هو. پر جڏهن ڪيس پُٺيءَ ۾ تڪليف ۽ سرجريءَ جي ضرورت ٿي پئي، تڏهن سندس جاءِ تي جِم لوويل کي مقرر ڪيو ويو. جيڪو اپولو-اٺ لاءِ زمين تي ڪم ڪندڙ سائينسدانن جي ٽيم جو ميمبر هو. جڏهن ڪولنس صحت ياب ٿيو ته ڪيس لوويل جي جاءِ تي، اپولو يارهن جي ڪمانڊ ماڊيول جو پائلٽ مقرر ڪيو ويو. اپولو اٺ جي تجربه ڪار پائلٽ جي حيثيت ۾، لوويل کي اپولو يارهن جي نگراني ڪندڙ پائلٽن جي ٽيم ۾ شامل ڪري، ڪيس ترقي ڏئي، انهيءَ ٽيم جو ڪمانڊر بنايو ويو ۽ فريڊ ڊبليو هائيز جونيئر کي، انهيءَ ٽيم ۾ لونر ماڊيول جو پائلٽ مقرر ڪيو ويو. سن 1969ع جي شروعات ۾ وِليئم ايندرس، نيشنل اسپيس ڪائونسل ۾ هڪڙي آساميءَ تي ڪم ڪرڻ قبول ڪيو. جتي آگسٽ ۾ دخلڪار ٿيڻو هو ۽ اعلان ڪيائين ته پاڻ انهيءَ تاريخ تي خلاباز واري عهدي تان رٽائر ٿيندو. انهيءَ صورتحال موجب، ڪين ميٽنگلي کي، سپورٽ ڪريو ٽيم مان ڪڍي، وليئم ايندرس سان گڏ، بيڪ اپ ڪمانڊ ماڊيول پائلٽ واري سکيا ڏياري وئي. اپولو يارهن جي سپورٽ ڪريوٽيم ۾ هيٺيان اهلڪار شامل هئا.

1. چارلي ڊيوڪ — ڪيپسول ڪميونيڪيٽر
2. رونالد ايوانس — ڪيپسول ڪميونيڪيٽر
3. اووين ڪي گاريٽ — ڪيپسول ڪميونيڪيٽر
4. ڊون ايل لِنڊ — ڪيپسول ڪميونيڪيٽر
5. ڪين ماٽنگلي — ڪيپسول ڪميونيڪيٽر
6. هيريسن شمِٽ — ڪيپسول ڪميونيڪيٽر

7. ٻِل پاگ                    ڪيپسول ڪميونيڪيٽر
8. جَيڪِ سِوِيگرٽِ              ڪيپسول ڪميونيڪيٽر

هيٺيان اهلڪار ڊائريڪٽر هئا:

1. ڪِلفِ چارلس ورٽِ (گِرين ٽيم) لانچ اينڊاِي وِي اي.
2. جَينِي ڪِرانز (وائيٽ ٽيم) لُوٽر لِينڊنگ.
3. گِلين لُوٽي (بِليڪِ ٽيم) لُونَر اَسينٽ.

خلائي جهاز اپولو ڏهه جي خلابازن، سندن خلائي جهاز تي ”چارلي بِرائون“ ۽ سِنُوپي نالا رکيا. تنهن کان پوءِ پَبلِڪ افيئرس شعبي جي اسسٽنٽ مينيجر، جوليئن شيئر، مينڊ اسپيس ڪرافٽ




سينٽر جي ڊائريڪٽر، جارج ايم لو کي لکيو ته هو اپولو يارهن جي خلابازن واري ٽيم جي ميمبرن کي هدايت ڪري ته اهي سندن خلائي جهاز تي، پنهنجي طرفان نالا رکڻ ۾ اُبهرائي کي گهٽ ڪن. اپولو يارهن جي مهم متعلق شروعاتي منصوبي دؤران، خلابازن ٻن نالن:

1. ”سِنو ڪونِ“ ۽ 2. ”هي اسنيڪِ“ کي نيوز رليز وسيلي پڌرو ڪيو هو پر پوءِ انهن نالن کي تبديل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. اهڙيءَ طرح اپولو يارهن جي ڪمانڊ ماڊيول تي ”ڪولمبيا“ نالو رکيو ويو. اهو نالو فِلوريڊا جي ناول نگار جيولس ورني جي 1865ع ۾ لکيل ناول ۾ تمام وڏي توپ وسيلي، ”ڪولمبياڊ“ نالي توپ جي هڪڙي تمام وڏي گولي کي اُڏائڻ واري تصور تان اخذ ڪيو ويو. انهيءَ ناول جو عنوان ”From the earth to the moon“ يعني ”ڌرتيءَ کان چنڊ ڏانهن سفر“ هو.

اپولو يارهن جي چنڊ ڏانهن وڃڻ واري ياڳي، لونر ماڊيول، يعني چنڊ گاڏيءَ جو نالو آمريڪا جي قومي پکي ”باز“ تان اخذ ڪري ”ايگل“ رکيو ويو. باز جي تصوير، اپولو يارهن مهم جي علامت طور پڻ استعمال ٿي، سا مائيڪل ڪولنس تيار ڪئي هئي. ڪولنس باز جي چُهنب ۾ زيتون جي ٽاري ڏني ۽ ڌرتيءَ جي پس منظر ۾ چنڊ ڏيکاريل هو. خلائي تحقيقي اداري ”ناسا“ جي اهلڪارن باز جي چنبن کي خون خوار پائيندي، زيتون جي ٽاري باز جي چنبن ۾ جهليل ڏيکاري.

هن خلائي جهاز جي پائلٽ خلابازن فيصلو ڪيو تہ چنڊ تي رکجندڙ بينر تي سندن نالا نہ لکيا وڃن تہ جيئن اپولو يارهن جي مهم ۾ سمورن ڪم ڪندڙ ماڻهن جي نمائندگي ۽ شموليت ڀِڱي سگهجي. انهن اهو بہ فيصلو ڪيو تہ دنيا جي ڪيترين ئي قومن جي ماڻهن کي رومن انگ سڃاڻڻ ڪو نہ اچن، اپولو يارهن ۾ يارهن لاءِ انگريزي انگ لکيو وڃي. انهيءَ بينر جي ڏنڊِ نيري ۽ سونهري رنگ جي ٿاهي وئي. آمريڪا جي سابق صدر، آئزن هاور جي نالي ۽ تصوير سان آمريڪا جي ڊالر جو جيڪو سڪو ٺاهيو ويو هو، ان جي اُبتي پاسي تي انهيءَ بينر تي ٺهيل باز جي تصوير گهڙيل هئي. اپولو يارهن مهم کان ڏهہ سال پوءِ ٺهندڙ ننڍڙي سوسن بي اينٿوني ڊالر تي بہ باز واري اها شڪل اُڪريل هئي.

نِيل آرمسٽرانگ جي ذاتي سامان ۾، هوائي جهاز ايجاد ڪندڙ رائيٽ ڀائرن جي ٺاهي اُڏايل هوائي جهاز جي پک مان هٿ آيل، ڪپڙي جي ٽُڪري ۽ ڪاٺ جو ننڍڙو ٽڪر بہ شامل هو. ان کان سواءِ هڪڙي پِنَ بہ شامل هئي، جيڪا اپولو هڪ جي خلابازن جي بيواهہ عورتن، اپولو يارهن مهم ۾ ڪم ڪندڙ هڪ ڪارڪن، ڊيڪ سِليٽن کي ڏني تہ اها چنڊ تي ويندڙ خلابازن کي ڏني وڃي، ڇو تہ اها پڻ اپولو هڪ وارن خلابازن وٽ هئي ۽ خلا ۾ کڄي وڃڻي هئي. پر اپولو هڪ خلائي جهاز کي اڏامڻ شرط اوچتو باهہ لڳي وئي، جنهن سبب ان جا خلاباز بہ مري ويا. ۽ اها پِن خلابازن جي بيواهن جي ڏني وئي. سا پِنَ جڏهن شليٽن کي ملي، تہ هُن اها آرمسٽرانگ کي ڏني، سو ٻئي سامان سان گڏ اها پِنَ بہ چنڊ تي ڪٽي ويو هو.

اپولو يارهن جي اُڏام جو نظارو اڏام واري مرڪز جي چوڌاريءَ موجود رستن ۽ سامونڊي ڪناري تي موجود هزارين ماڻهن تہ روبرو ڏٺو پر ٽيلي ويزن ذريعي اها اُڏام ڪروڙين ماڻهن ڏِٺي. انهيءَ اڏام جو اکين ڏٺو احوال، ناسا جي چيف آف پبلڪ انفارميشن، جيڪ ڪنگ، ٽي وي تي پيش ڪيو. صدر نڪسن اها اڏام وائيٽ هائوس ۾ ٽي وي تي ويٺي ڏٺي. اهو خلائي جهاز ڪينيڊي اسپيس سينٽر مان، لانچ پيڊ نمبر 39 تان، سيٽرن فائيو نالي خلائي جهاز اُڏائيندڙ راڪيٽ وسيلي، تاريخ 16 جولاءِ،




1969ع تي، مقامي وقت صبح جو نوَ لڳي، ٻٽيهن منٽن تي ۽ يُو ٽي سي معياري وقت موجب تيرهن لڳي ٻٽيهن مِنٽن تي اڏايو ويو ۽ ٻارهن منٽن کان پوءِ اهو ڌرتيءَ جي مدار ۾ داخل ٿي ويو. جتان ڌرتيءَ جي مدار ۾ ڏيڍ چڪر لڳائڻ کان پوءِ، ايس فور بي ٽرڊ انجن وسيلي، يو ٽي سي وقت موجب سورهن لڳي ٻاويهن منٽن ۽ تيرهن سيڪنڊن تي ڌرتيءَ جي مدار مان نڪري، چنڊ ڏانهن روانو ٿيو. انهيءَ وقت اپولو يارهن ۾ فٽ ٿيل، چنڊ ڏانهن روانو ڪندڙ مشينن ڪي، سندن ڪم پورو ٿي وڃڻ کان پوءِ، اپولو يارهن کان جُدا ڪري خلا ۾ ڇڏي ڏنو ويو. اپولو يارهن اوڻيهه جولاءِ 1969ع ۾ يو ٽي سي وقت موجب، سترهن لڳي، ايڪيهن منٽن ۽ پنجاه سيڪنڊن تي چنڊ جي مدار ۾ داخل ٿيو. چنڊ جي مدار ۾ سانده ٽيهه چڪر لڳائڻ دؤران، خلابازن چنڊ جي مٿاڇري تي جانچي ڏٺو تہ چنڊ گاڏيءَ کي چنڊ تي لاهڻ وارو ماڳ، چنڊ جي ڏکڻ اڌ گول ۾، مرڪز کان ٻارهن ميل پري، ڏکڻ اولهہ ڪُنڊ تي، نسبتاً ڪُشادو ۽ لسو محسوس ٿيو. تاريخ ويهہ جولاءِ تي، چنڊ تي لهي تجربا ڪرڻ وارن ٻن خلابازن 1. نيل آرمسٽرانگ ۽ 2. بُز الڊرن، اپولو يارهن جي چنڊ ڏانهن وڃڻ واري ڀاڱي، چنڊ گاڏيءَ ۾ چڙهي، ان کي

ڪمانڊ ماڊيول کان جدا ڪري، چنڊ تي لاهڻ لاءِ چنڊ جي سطح ڪي ويجهو ٿيڻ لڳا. جڏهن ته خلائي جهاز جي مکيه ڀاڱي ڪمانڊ ماڊيول، ڪولمبيا ڪي، ان جو پائلٽ خلاباز مائيڪل ڪولنس چنڊ جي مدار ۾ ئي گردش ڪرائي رهيو هو. چنڊ گاڏيءَ ۾ سوار خلابازن، چنڊ ڏانهن نهاريندي محسوس ڪيو ته چنڊ تي لهڻ وارو مقرر هنڌ چند گهڙين اندر سندن نظرن اڳيان گذري ويو ۽ اهي مقرر ماڳ کان ڪيترائي ميل اولهه طرف پري لهندو پيا محسوس ڪن. چنڊ جي سطح کان ڇهه هزار فوٽ پري پهچڻ تي چنڊ گاڏيءَ جي رهبر مشينن، ڪين گهِنٽي وڄائي خبردار ڪيو. هوڏانهن ڌرتيءَ تي هوسٽن شهر ۾ قائم انسائيڊ مشين ڪنٽرول سينٽر جي ڪمپيوٽر انجنيئر، جيڪ گارمين، گائيڊنس آفيسر، اسٽيوبيلس ڪي ٻُڌايو ته اپولو يارهن مهم سلامتيءَ سان جاري آهي. اهو احوال اپولو يارهن جي خلابازن کي به ڏنو ويو. پروگرام وارين گهنٽين ذريعي خلابازن کي ٻڌايو ويو ته ڪمپيوٽر تي سهپ کان وڌيڪ ڪم مڙهيا ويا آهن، جيڪي سڀ ته ڪري نٽا سگهجن. تنهن ڪري انهن مان ڪجهه ڪم معطل ڪرڻا پوندا. چيڪ لسٽ مينيوئل ۾ غلطي ٿيڻ سبب، چنڊ تي لهڻ واري هنڌ جي نشاندهي ڪندڙ ريڊار جو سوچ غلط جاءِ تي لڳڻ ڪري، ڪمپيوٽر کي غلط اشارا مليا. نتيجتاً ڪمپيوٽر تي زور پريو ويو ته حسب معمول پروگرام موجب چنڊ تي لهڻ جا سانپاها ڪيا وڃن. آرمسٽرانگ وري ٻاهر نهاري ڏٺو ته چنڊ گاڏيءَ کي لاهڻ واري پيٽي، تي سو کن ميٽر قطر واري کڏي جي اتر اوڀر طرف تي هڪ صاف بيضوي ميدان مثل هئي. هن چنڊ گاڏيءَ جي مشينن تي فني گرفت مستحڪم ڪندي، آچار جي ڏينهن، 20 جولاءِ، 1969ع ۾ يو تي سي وقت موجب، ويهه لڳي، سترهن مِنٽن ۽ چاليهن سيڪنڊن تي، چنڊ گاڏي چنڊ جي زمين تي لاٿي. انهيءَ وقت ڪمپيوٽر تيل گهٽ هئڻ جو اشارو ڏنو. چنڊ تي لهڻ دوران الڊرن، آرمسٽرانگ کي ڪمپيوٽر جا انگ اکر ٻڌائي رهيو هو. چنڊ جي سطح تي رسڻ کان ٻه ٽي سيڪنڊ اڳ الڊرن چنڊ جي سطح تي نهاريندي ڏٺو ته چنڊ گاڏيءَ جي ڏاڪڻ ۾ لڳل پروب چنڊ جي سطح تي وڃي لڳا هئا ۽ سيڪنڊ، ٻن اندر چنڊ گاڏي چنڊ تي لهي چُڪي هئي. هوسٽن واري اسپيس سينٽر مان ڪيپسول ڪميونيڪيٽر، چارلس ڊيوڪ، چنڊ گاڏي، ايگل ۾ سوار خلابازن سان ڳالهائي چيو ته "هيٺ، اسين توهان جي سرگرمين کي سهيڙي رهيا آهيون. آرمسٽرانگ کيس جواب ڏنو ته اسان چنڊ گاڏي کي چنڊ جي نهايت پرسڪون ميدان تي لاهڻ ۾ ڪامياب ٿيا آهيون. چنڊ تي لهڻ کان اڍائي ڪلاڪ پوءِ الڊرن ريڊيو ذريعي، زمين تي اسپيس سينٽر وارن سان ڳالهائيندي، چيو ته "آئون لونر ماڊيول جو پائلٽ آهيان. مون کي هينئر ٻڌندڙ هر شخص کي هيءَ گذارش ڪرڻ جي خواهش آهي ته هو مرد توڙي عورت، پلي ڪير ۽ ڪٿي به هجي، پر هو ڪا گهڙي

پل ترسي، گذريل چند ڪلاڪن ۾ ٿيندڙ عملن بابت غور ڪري ۽ پنهنجي پنهنجي انداز موجب شڪر گذاريءَ جو فرض ادا ڪري.“ ياد رهي ته انهن ڏينهن دوران، خلائي سائنسي ادارو، ”ناسا“ آمريڪا جي هڪ لادين شخص، ميڊلن مُري اوهيئر طرفان ”ناسا“ جي خلاف داخل ڪيل مقدمو وڙهي رهيو هو. ميڊلن اپولو وَن خلائي جهاز جي پائلٽن طرفان خلائي جهاز ۾ سواري ڪرڻ دوران، مذهبي ڪتاب جي هڪ باب جا ڪجهه جملا پڙهڻ تي اعتراض ڪيو ۽ گهر ڪئي ته ”ناسا“ اداري جي خلابازن کي سندن مهمن دوران مذهبي ڪارگذاري نشر ڪرڻ کان روڪيو وڃي. تنهن ڪري الڊرن به پاڻ کي اهڙي عمل کان روڪيو. جيتوڻيڪ پاڻ به پريسبائيٽيريئن عيسائي فرقي سان وابسته هو ۽ سندس خانگي ڪِٽ، سندس مُرشد، ڊين وُڊرف تيار ڪئي هئي. هن گائيڊ پوسٽس نالي مُخزن جي آڪٽوبر 1970ع واري اشاعت ۾ سندس مُرشد، ڪُليسا ۽ چنڊ تي مذهبي تصور بابت اظهار ڪيو هو. الڊرن سندس لکيل ڪتاب ”ڌرتيءَ ڏانهن واپسي“ ۾ به انهيءَ بابت ذڪر ڪيو آهي. پريسبائيٽيريئن چرچ ۾ الڊرن جو چنڊ تي استعمال ڪيل گلاس به رکيل آهي.

خلابازن کي چنڊ جي مٿاڇري تي مختلف ڪم ڪرڻ کان سواءِ، پنج ڪلاڪ سمهڻ جو پروگرام به ٺهيل هو پر هنن پاڻئيو ته مقرر وقت ۾ سمورا مقرر ڪم شايد مڪمل ڪري نه سگهجن، تنهنڪري هنن اتي سمهڻ وارو پروگرام ترڪ ڪري ڇڏيو. خلابازن چنڊ گاڏيءَ جي درين مان سندن چنڊ جي سطح تي لهڻ وارو هنڌ جانچي ڏٺو ۽ 21 جولاءِ 1969ع سومر جي ڏينهن 2 لڳي 39 منٽن، يو ٽي سي وقت موجب آرمسٽرانگ چنڊ گاڏي مان نڪرڻ واري لنگهه جو ڍڪ کوليو ۽ ڏاڪڻ وسيلي هيٺ لهڻ شروع ڪيو. رموٽ ڪنٽرول اوزارن ۽ ٻئي سامان وارو ٿيلهو سندس سيني تي ٻڌل هئڻ سبب، هو سندس پير ڏسي نٿي سگهيو. نوَن ڏاڪن واري ڏاڪڻ تان چنڊ جي زمين تي لهڻ دوران، هن چنڊ گاڏيءَ جي ٻاهران لڳل ”ٽِي رنگ“ نالي هڪ مشين کي ڇڪي سِڌو ڪيو ۽ يو ٽي سي وقت موجب 2 لڳي 56 منٽن ۽ 15 سيڪنڊن تي پنهنجو کابو پير چنڊ جي زمين تي رکيو. انهيءَ وقت ٽيلي ويزن تي صحيح تصويرون ڪو نه پئي آيون. چنڊ تان موڪليل سنگل آمريڪا ۾ پهچڻ کان سواءِ، اهي آسٽريليا جي هَنِي سَڪِل ڪِريڪِ ٽِريڪِنگ اسٽيشن تي پڻ پهچي رهيا هئا. ڪجهه مشيني ۽ موسمي خزابين جي باوجود، چنڊ جي زمين تي خلابازن جي مٿان ٿيندڙ مختلف عملن ۽ تجربن کي، ڌرتيءَ تي دنيا جي سٽ ڪروڙن کان به گهڻن ماڻهن، ٽي وي تي ڏٺو پئي. ناسا، خلائي مرڪز ۾ خلاف معمول مقناطيسي ٽيپ جي وري استعمال دوران اتفاق سان خلابازن جي شروعاتي عملن واريون تصويرون ضايع ٿي ويون. آرمسٽرانگ اڃا ڏاڪڻ تي ئي هو ته هُن ڏاڪڻ جي ٻئي طرف هڪ تختي

ڏٺي، جنهن تي ڌرتيءَ جي ٻنهي اڌ گولن، يعني اتر اڌ گول ۽ ڏکڻ اڌ گول جون ٻہ جدا جدا تصويرون ٺهيل هيون. انهيءَ تي ٻہ جملا ۽ صدر نِڪسن جي صحيح سان گڏ خِلاباز جا دستخط پڻ ٽيل هئا. تختيءَ تي لکيل جملي جي معنيٰ هئي. ”ڌرتي“ نالي هڪ سياري تي رهندڙ انسانن، سن 1969ع جي جولاءِ واري مهيني ۾ هتي چنڊ تي اچي، سپني کان اڳ پنهنجا قدم رکيا. اسين هتي، سموري انسان ذات جي امن خاطر آياسين.

چنڊ گاڏيءَ کي چنڊ تي لاهڻ کان ساڍا ڇهہ ڪلاڪ پوءِ، چنڊ گاڏيءَ جي ڏاڪڻ وسيلي چنڊ جي زمين تي لهي، ان جي مِٽيءَ کي جانچي، نِيل آرمسٽرانگ ٻڌايو تہ اها اٽي يا پائوڊر جهڙي تمام سنهي، دز جهڙي آهي. پوءِ پنهنجو تاثر بيان ڪيائين تہ انفرادي طور تي ڪنهن ماڻهوءَ لاءِ اِڳتي وڌڻ لاءِ تہ هي هڪڙي ڪُهي وِک آهي، پر سموري انسان ذات جي ترقيءَ لاءِ هِيءُ هڪڙو تمام وڏو ٽپلانگ آهي! چنڊ جي سطح تي لهڻ کان ست منٽ پوءِ، هن چنڊ واري مِٽيءَ جو گهربل مقدار، هڪ تجرباتي ٿيلهي ۾ وجهي، چڱيءَ طرح ويڙهي، سندس سوٽ جي ساڄي ران تي ٺهيل کيسي منجهہ وجهي رکيو. تنهن کان ٻارهن منٽ پوءِ، سندس ساٿي خلاباز بُز الڊرن بہ چنڊ گاڏيءَ مان لهي اچي ساڻس گڏيو ۽ انهيءَ منظر کي نهايت نندڙي گفتي سان بيان ڪيائين تہ: واهہ! هيءَ تہ سُچ بہ عاليشان آهي!



صدر جان ڪينيڊي جي 1960ع واري ڏهاڪي جي خاتمي کان اڳ، انسان جي چنڊ تي پهچڻ واري آرزو کي پورو ڪرڻ خاطر، اپولو يارهن، اپولو سِسٽم جي ڪاريگريءَ جي تپاس يا تجربو هو. تنهن موجب آرمسٽرانگ، چنڊ تي لٿل چنڊ گاڏيءَ ۽ چنڊ جي مختلف منظرن ۾ طرفن جا ڪيترائي فوٽو ڇڪيا، جيئن ته سائنسدان انهن جو ڳوڙهو اڀياس ڪري سگهن. پوءِ هُن ٽي وي ڪيميرا ڪڍي چنڊ جي پيهر وڏيڪ تصوير ڪشي ڪئي ۽ ٽي وي ڪيميرا، چنڊ گاڏيءَ کان 68 فوٽ پري هڪڙي ٽن ٽنگن واري گهوڙيءَ تي رکي ڇڏي. آرمسٽرانگ ٻڌايو ته چنڊ جي ڪشش، ڌرتيءَ جي ڪشش جي ڇهين حصي جيتري آهي، تنهن ڪري هلڻ ۾ ڪا تڪليف نٿي ٿئي، پر سولائي ٿئي ٿي. الڊرن چنڊ جي مٿاڇري تي هلڻ لاءِ مختلف قسمن جا تجربا ڪيا، جنهن ۾ ڪينگرو وانگر ٻڏا ٽپ ڏيڻ به شامل هو. تنهن کي وڌيڪ ترجيح ڏني وئي، ڇو ته خلاباز وٽ، پُنن تي ٻڌل وڏا ٿيلها، ٽپ ڏيڻ دوران ڪين ڏکيا ڪو نه ٿي لڳا. خلاباز ٻڌايو ته ڪين سندن ڇُر پُر ڇهه ست وِکون اڳيان مقرر ڪرڻ جي ضرورت هئي. چنڊ واري اتي جهڙي سنهي مٽي ڏاڍي ترڪڻي هئي. الڊرن ٻڌايو ته اُس مان نڪري چنڊ گاڏيءَ جي پاڇي ۾ ويهڻ سان منهنجي پوشاڪ جي گرمي جي درجي ۾ فرق نٿي آيو. البت لوهي ٽوپلو ڇانوَ ۾ اچڻ سان ڪجهه ٿڌو ٿي ٿيو.

خلابازن، خصوصي طور ٺاهيل آمريڪا جو جهنڊو چنڊ جي زمين تي، ٽي وي ڪيميرا جي صاف منظر مطابق کوڙيو. ٿوري دير کان پوءِ آمريڪا جي صدر، رچرڊ نِڪسن ٽيلي فون/ ريڊيو نشريات وسيلي، چنڊ تي پهتل خلابازن سان ڳالهايو. هُن چيو: ”هلو! نِيل ۽ بُز، آئون توهان سان ٽيلي فون وسيلي، وائيٽ هائوس جي بيضوي ڪمري مان ڳالهائي رهيو آهيان. يقيناً ٽيلي فون ذريعي توهان سان ٿيندڙ هي گفتگو سيني کان وڌيڪ تاريخي حيثيت جي حامل گفتگو آهي. توهان جي ادا ڪيل هن ڪمال جي ڪردار سبب اسين سمورا آمريڪي ايترا ته گهڻا خوش ٿيا آهيون، جو حقيقت ۾ انهيءَ جو مڪمل اظهار ٿي سگهي ئي نٿو! هر آمريڪي شهريءَ لاءِ اڄوڪو ڏينهن، وڏ ۾ وڏ خوشي ۽ فخر ڪرڻ جو ڏينهن آهي. توهان جي سر انجام ڏنل هن عظيم سائنسي ڪارنامي کي حقيقي طور تسليم ڪرڻ ۽ جس ڏيڻ ۾ سموري انسان ذات اڄ آمريڪي عوام سان مڪمل طرح گڏ آهي. توهان جو چنڊ تي ڪاميابيءَ سان پهچڻ سان، جهڙو ڪر جنت پڻ انسان ذات جي موجود رهائش گاهه ۾ شامل ٿي وئي آهي! سائنسي مفروضي موافق، توهان سِڪون ۽ سانت واري سمنڊ (چنڊ جي زمين) تان، جيئن جيئن اسان سان ڳالهائي رهيا آهيو تيئن تيئن زمين تي امن ۽ سِڪون قائم ڪرڻ لاءِ اسان جو گهربل اُتساهه ٻيڻو ٿيندو وڃي. انسان ذات جي سموري تاريخ ۾، توهان جي ڪاميابيءَ واري هڪڙي

ٻيبها گهڙيءَ، حقيقي خيرسگاليءَ جي سچي جذبي تحت ڌرتيءَ تي موجود سمورين قومن ۽ نسلن کي هڪ ئي خاندان جي انساني برادريءَ واري لڙي ۾ پوئي ڇڏيو آهي. اهي سندن افتخار ۾ ٻه گڏجي هڪ ٿي ويا آهن، ۽ توهان لاءِ دعائون گهرڻ ۾ ٻه گڏجي هڪ ٿي ويا آهن، تہ ڀَل توهان خير سلامتيءَ سان ڌرتيءَ تي موٽي اچو!



نيل آرمسٽرانگ وراڻي ۾ چيو: صدر محترم اسان کي آفرين ڏيڻ ۽ اسان جي عزت افزائي ڪرڻ لاءِ اسين توهان جا نهايت شڪرگذار آيهون. نہ فقط آمريڪا، پر دنيا جي سڀني قومن جي امن امان جي طلبگار سڀني قومن ۽ نسلن جي نمائندگي ڪندي اسان جو هتي چنڊ تي، خير سان پهچي وڃڻ، اسان جي لاءِ تمام وڏي عزت، خوشي ۽ مراعات جو حامل عمل آهي. انهن سڀني ماڻهن جي دلچسپيءَ ۽ جستجو سميت، مستقبل لاءِ بهتر خواهشن جي تڪميل خاطر، هن ڪم ۾ اسان جي شرڪت ۽ هتي موجودگي اسان جي لاءِ هڪ وڏو حقيقي اعزاز آهي.“ چنڊ جي زمين تي مختلف ڪم ڪندي، چنڊ واري سنهي مٽي، خلابازن کي پاتل سائنسي پوشاڪ تي چڙهندي وئي. خلابازن چنڊ جي سطح تي اي

اي ايس اي پي نالي زلزلہ پيما مشين، گرمي ۽ روشنيءَ جي ماپ ڪندڙ ۽ گرمي ۽ روشنيءَ کي گهربل رُخ ۾ موڙائيندڙ مشينون نصب ڪيون. پوءِ آرمسٽرانگ چنڊ گاڏيءَ کان 194فوٽ اولهہ طرف پري مفاصلي تي، هڪڙي ڪڏي جي ڪپ تي بيهندي، مختلف طرفن کان ڪيترن ئي منظرن جا فوٽو ڇڪيا. تنهن وقت دؤران، الڊرن ٻن ڳورِٽِيُوبَن ۾ ڪي اهڙا سخت مادا وِڌا، جيڪي هٿوڙو ڪم آڻيندي ٽيوبن منجهہ وِڌا ويا. تنهن کان پوءِ چمٽا ۽ بيلچا ڪم آڻيندي پٿر نما ڪجهہ سخت مادا پڻ گڏ ڪري ٿيلهين ۾ بند ڪيا. چنڊ جي زمين تي مختلف ڪم ڪندي خلابازن کي توقع کان وڌيڪ وقت لڳي ويو. آمريڪا جي ارضيات جي سائنسدانن چنڊ تان آندل مِٽيءَ جي مختلف قسمن مان ٽي نوان ڪيميائي عنصر دريافت ڪيا ۽ ڪين هيٺ لکيل ڪيميائي نالا ڏنا. 1. ارملڪولائيٽ، 2. ٽرانِڪوئيليٽائيٽ ۽ 3. پائروڪس فيرائيٽ. انهن دريافت ڪيل نوَن عنصرن تي پوءِ اپولو يارهن جي خلابازن وارا نالا رکيا ويا.

چنڊ جي مٿاڇري تي ڪم ڪرڻ دوران آرمسٽرانگ جي جسماني ڪارڪردگي ۾ تيزي پيدا ٿي، تنهن کي زمين واري ڪنٽرول مرڪز وارن سائنسدانن سندس ڇُر پُر جي رفتار گهٽ ڪرڻ جي هدايت ڪئي. جڏهن تہ چنڊ تي موجود ٻنهي خلا بازن جي پنڌ ڪرڻ دوران، سندن جسماني ڪارڪردگي ۾ رواجي طرح توقع کان گهٽ تيزي هئڻ سبب، ڪين اُتي ڪم ڪرڻ لاءِ 15 منٽ وڌائي ڏنا. سن 2010ع ۾ ڏنل هڪ انٽرويو ۾، چنڊ جي زمين تي وڌيڪ پنڌ ڪندڙ خلاباز آرمسٽرانگ واضح ڪيو تہ چنڊ تي خلابازن جي گرميءَ جي درجي کي مناسب پد تي برقرار رکڻ لاءِ، اڳ ۾ ڪو بہ تجرباتي ثبوت موجود نہ هئڻ سبب، خلائي سائنسي اداري، خلابازن لاءِ چنڊ تي پنڌ ڪرڻ جو وقت ۽ مفاصلو گهٽ مقرر ڪيو هو. چنڊ جي مٿاڇري تي مختلف ڪم ڪرڻ کان پوءِ خلاباز مقرر وقت تي چنڊ گاڏيءَ ۾ وري چڙهي ويا. چنڊ گاڏيءَ جو اندر وڃڻ ۽ ٻاهر نڪرڻ وارو لنگهہ نِسبتاً ڪجهہ سوڙهو هئڻ سبب، چنڊ گاڏيءَ مان ٻاهر نڪرندي ۽ موٽي منجهس گهڙندي، خلابازن کي ساڻن سندن ڪِٽ وارا وڏا ٿيلها بہ پٺن توڙي ڇاتيءَ تي ٻڌل هجڻ سبب، ڪجهہ تڪليف برداشت ڪرڻي پئي. الڊِرن چنڊ گاڏيءَ ۾ پهرين داخل ٿيو. خلابازن ڪل 21.055 ڪلوگرام وزن وارا بہ دٻا جن ۾ فلمون ۽ چنڊ جي مٿاڇري تان ميڙي، مختلف ٿيلهين ۾ بند ڪري سموريون شيون رکيل هيون، سامان / بار مٿي چنڊ گاڏيءَ ۾ پهچائڻ لاءِ نهيل مشين وسيلي چنڊ گاڏيءَ ۾ چاڙهي ۽ سنڀالي رکيا. تنهن کان پوءِ آرمسٽرانگ چنڊ گاڏيءَ ۾ چڙهي آيو ۽ زميني ڪنٽرول واري مرڪز کان مليل هدايت موجب، هاڻي وڌيڪ ڪم نہ ايندڙ شيون، جهڙوڪ هلڻ ۽ ڪم ڪرڻ دوران، جسماني توازن برقرار رکڻ لاءِ ڪم




اينڊرڙ بيڪ پيڪ ٿيلها، چنڊ تي پاتل اوور بوٽ، ڪيميرائون ۽ ڪجهه ٻيون نه گهربل شيون، ٻاهر چنڊ جي مٿاڇري تي اُڇلائي ڇڏيائون. سيئي مقرر ڪم پورا ڪري، نيٺ چنڊ گاڏيءَ ۾ سمهڻ جو سعيو ڪيائون. چنڊ گاڏيءَ جي ڪيبن ۾ چُر پُر ڪندي، الڊرن کان اتفاق سان چنڊ گاڏيءَ کي اڏائڻ لاءِ مٿي ڪٽنڊڙ مشين جو سرڪٽ بريڪر ڦِٽي پيو، جنهن سبب چنڊ تي ئي رڪجي ۽ رهجي وڃڻ جو انديشو پيدا ٿيو، پر خوش قسمتيءَ سان انهيءَ مشين جي سوچ کي چالو ڪرڻ لاءِ اتي ئي موجود هڪ فليٽ ٽِپ پين ئي ڪافي هئي. اٽڪل ست ڪلاڪ ننڊ ڪرڻ کان پوءِ، زميني ڪنٽرول واري مرڪز طرفان، خلابازن کي واپسي واري اڏام جي تياري ڪرڻ واسطي، ننڊ مان سجاڳ ڪيو ويو. سُجاڳ ٿيڻ

ڪان اڍائي ڪلاڪ پوءِ واپس ڌرتي ڏانهن ڪچي ايندڙ سموري سامان سميت، چنڊ گاڏي جي واپس اڏامڻ واري ڀاڱي ۾ سوار ٿي، خلاباز يو ٽي سي وقت موجب 17 لڳي 54 منٽن تي ان کي اڏائيندا. چنڊ جي مدار ۾ گردش ڪندڙ ۽ سندن اچڻ جو انتظار ڪندڙ اپولو يارهن جي مکيہ ڀاڱي، ڪمانڊ ماڊيول، ڪولمبيا ڏانهن روانا ٿيا. جنهن ڪي سندن ساٿي خلاباز مائيڪل ڪولنس هلائي رهيو هو. اڳ ڄاڻايل شَيُنِ ڪان سواءِ خلابازن، چنڊ تي اپولو هڪ جي هڪ يادگار پٽي، امن جي روايتي نشان، زيتون جي ٽاري واري هڪ يادگار سوني پٽي ۽ سِليڪان جي ٺهيل هڪ وڏي تختي بہ نسب ڪئي هئي. انهي وڏي تختي تي آمريڪا جي چئين صدرن، 1. آئزن هاور، 2. جان ڪينيڊي، 3. جانسن ۽ 4. رچرڊ نڪسن جا نالا، آمريڪي ڪانگريس جي اڳواڻن جا نالا، سائنسي اداري ”ناسا“ لاءِ قانون سازي ڪندڙ ڪانگريس ۽ سينيٽ جي چئين ڪميٽين جي ميمبرن جا نالا، خلائي اداري ”ناسا“ جي حال توڙي ماضي واري انتظاميہ جا نالا ۽ دنيا جي 73 ملڪن جي اڳواڻن جا نالا ۽ نيڪ تمنائن وارا پيغام بہ لکيل هئا. ان سان گڏ سوويت يونين جي خلابازن، يوري گاگارين ۽ وِلاديمير ڪوماروف کي مليل اعزازي ميڊل پڻ يادگار طور چنڊ تي رکيا ويا هئا.

چنڊ گاڏيءَ جي واپس اڏامندڙ ڀاڱي مان پيريل فلم ۾ آمريڪا جو چنڊ تي کوڙيل جهنڊو، چنڊ گاڏي جي اتي ڇڏي ڏنل حصي ڪان 25 کن فوٽ پري نصب ٿيل ۽ چنڊ گاڏيءَ جي واپس اڏامندڙ حصي مان نڪرندڙ دونهن لڳڻ سبب، تمام زور سان پئي لُڏيو. تنهن وقت الڊرن ان کي غور سان ڏٺو ته اهو دونهن جي زور سبب نيٺ اکڙي ڪري پيو. هن لکيو تہ چنڊ گاڏيءَ وارو وري واپس اڏامڻ وارو حصو جنهن ۾ اسين واپسي سفر ڪري رهيا هئاسين، چنڊ گاڏيءَ واري اتي ڇڏيل حصي ڪان جدا ٿي مٿي اڏامڻ لڳو تہ مون ڪمپيوٽرن ڏانهن ڌيان ڏنو ۽ نيل انڊيڪيٽرن جي روش جو جائزو وٺڻ لڳو. مون انهيءَ وقت ٻاهر هيٺ جهنڊي ڏانهن بہ نهاريو تہ اهو دونهن جي زور سان ڪري پيو. پوءِ وارين اپولو مهمن دؤران، آمريڪي جهنڊا، چنڊگاڏيءَ ڪان گهٽ ۾ گهٽ سو فوٽ پري کوڙيا ويا، جيئن دونهن جي زور ڪان بچن. اپولو يارهن جي ڪمانڊ ماڊيول سان ڳنڍجڻ ۽ خلابازن جي ڪولمبيا ۾ آندل سامان سميت داخل ٿيڻ ڪان پوءِ چنڊگاڏيءَ وارو موٽي ڪولمبيا سان واپس اچي ملندڙ حصو 21 جولاءِ 1969ع ۾ يو ٽي سي وقت موجب، 23 لڳي 41 منٽن تي ڪمانڊ ماڊيول ڪولمبيا ڪان جدا ڪري، چنڊ جي مدار ۾ لاٿو ويو ۽ اپولو ٻارهن جي اڏام ڪان ڪجهہ وقت اڳ ناسا جي هڪ رپورٽ ۾ ڄاڻايو ويو هو تہ ممڪن آهي، اهو اجا تائين چنڊ جي مدار ۾ ڦرندو هجي، پر پوءِ پڌرو ڪيو ويو تہ اهو چنڊ جي مدار مان نڪري، چنڊ جي ڪنهن غير حتمي هنڌ وڃي ڪريو هوندو. سمنڊ ۾ لهڻ ڪان هڪ رات

اڳ، 23 جولاءِ 1969ع ۾ تنهي خلابازن ٽيلي ويزن تي ڳالهايو جنهن دوران مائيڪل ڪولنس جو تاثر هو: ”اسان جي خلائي جهاز ڪي خلا ۾ موڪليندڙ راڪيٽ، سيٽرن پنج، ڪيترين ئي مشينن جو هڪڙو پيچيده مجموعو آهي، جيڪي ڪنهن به غلطي ڪرڻ کان سواءِ پنهنجو پنهنجو سونپيل ڪم نهايت خوش اسلوبيءَ سان ڪري رهيون هيون. تنهنڪري اسان کي انهن تي مڪمل اعتماد رهي ٿو. اها سموري حاصلات، هزارين ماڻهن جي رت ڪجائيندڙ، پگهر وهائيندڙ ۽ ڳوڙها ڳاڙيندڙ جفاڪشيءَ جو نتيجو آهي. آئون انهن سمورن جفاڪش ڪارڪنن جو تهه دل شڪر گذار آهيان.“ الڊرن چيو: ”چنڊ ڏانهن وڃڻ واري ڳوڙهي مهم، فقط ٽن خلابازن جي محنت جو نتيجو نہ. پر ناسا جي سيني اڳوڻن توڙي هاڻوڪن اهلڪارن جي گڏيل پورهئي، سرڪار جي مڪمل تعاون، سموري آمريڪي قوم، توڙي سموري انسان ذات جي اڻٿڪ جاکوڙ جي ڄاڻڻ سڃاڻڻ ۽ انهيءَ کي انسان ذات جي گڏيل پلائيءَ لاءِ ڪم آڻڻ واري نہ ختم ٿيندڙ خواهش جي سلسلي ۾ اڻٿڪ جستجو جو ثمر آهي! هن مهم جي گذريل ڏينهن کي ساريندي، ذهن تي زبور مقدس جي هڪِ مناجات تري آئي آهي: ”اي رب سائين! تنهنجي هٿن جي ڪاريگريءَ سان تخليق ڪيل جنت، چنڊ ۽ تارن بابت سوچيندي، مُنجهي ٿو پوان تہ جنهن جي خوشيءَ ۽ خوش نوديءَ لاءِ تون ايترو گهڻو فڪرمند آهين، سا مخلوق، يعني انسان، اصل ۾ ڇا آهي؟“! آرمسٽرانگ هيٺئين تاثر سان گفتگو ختم ڪئي: ”هن خلائي سفر جي ذميواري تہ اول انساني تاريخ تي عائد ٿئي ٿي، تنهن کان پوءِ انهيءَ جي ڪارگذاري ۽ ڪاميابيءَ جو سهرو آمريڪا جي خلائي سائينسدانن جي سر تي سونهي ٿو انهيءَ کان پوءِ آمريڪا جي عوام جي خواهش بہ انهيءَ عمل لاءِ مثبت رهي. تنهن کان سواءِ ڪانگريس جي چئين ڪميٽين خلائي سائنسي ادارن، راڪيٽ، خلائي جهاز ۽ گهربل بيون ضروري شيون جهڙوڪ لباس، بوٽ، ٽوپ وغيره تيار ڪندڙ ڪارخانن جي ڪارڪردگي بہ ڪارفرما رهي. اڄ رات اسان کي ٽي وي تي ڏسندڙ ۽ ريڊيو تي ٻُڌندڙ سيني ماڻهن کي اسين نيڪ تمنائون آڇيون ٿا، سندن خصوصي شڪريو ادا ڪريون ٿا ۽ اپولو يارهن مان شب خير چئون ٿا!“

24 جولاءِ 1969ع ۾، مقامي وقت، پره ڦُٽيءَ کان ٿورڙو وقت اڳ ۽ يو ٽي سي وقت موجب 14 لڳي 51 منٽن تي، اپولو يارهن جو مکيہ ڀاڱو ڪمانڊ ماڊيول، يعني ڪولمبيا، خلابازن ۽ سندن آندل سموري سامان سميت، 13 ڊگريون ۽ 19 فوٽ اُتر ۽ 149 ڊگريون ۽ 9 فوٽ اولهہ طرف، پيسفڪ وڏي سمنڊ ۾، 2660 ڪلوميٽر ويڪ ليند جي اوپر طرف، 380 ڪلوميٽر جانسٽن ابول جي ڏکڻ ۾ ۽ 24 ڪلوميٽر بحاليءَ لاءِ مخصوص ڪيل بحري جهاز يو ايس ايس هارنيٽ کان پري اچي لٿو تہ پاڻي ۾ وڏو سٽڪو ٿيو

۽ ڪولمبيا اونڌو ٿي پيو تنهن کي ترندڙ ٿيلهن کي ڪم آڻيندي، خلابازن ڏهن منٽن اندر سَڌُون سِڌو ڪري ورتو. اُن وقت آرمسٽرانگ، سرڪاري طرح ڪولمبيا مان آخري پيرو ڳالهائيندي چيو ته: ”ڪولمبيا جي هر شيءِ بلڪل ٺيڪ ۽ صحيح آهي ۽ اسان جي هيءَ مهم مڪمل ۽ پوري ٿي.“ انهيءَ وقت، ڪولمبيا جي نگراني ڪندي، ڪولمبيا جي مٿان اُڏامندڙ آمريڪا جي بحري فوج جي هيلي ڪاپٽر مان لهي ايندڙ ٽوبن مان هڪڙي جوان لُڙهي وڃڻ کان بچائڻ لاءِ، ڪولمبيا کي هڪڙي ناتاريءَ سان ٻڌي ڇڏيو. ٻين ٽوبن ترڻ ۾ سَولائي پيدا ڪرڻ لاءِ، ان ۾ تارڻ وارا خاص اوزار لڳايا ۽ خلابازن کي ٻاهر آڻڻ لاءِ، ان ۾ گهربل هڪ ترهو يا تختو به لڳائي ورتو. پوءِ ٽوبن، خلابازن کي، طبي طور تيار ڪيل پوشاڪون آڻي ڏنيون ته اُهي پائين ڇو ته سائنسدانن کي گمان هو ته خلا ۾ توڙي چنڊ تي نامعلوم بيمارين جا جيوڙا موجود هجن ۽ خلابازن جي ڪپڙن ۽ سندن جسم تي پهچي ويا هجن. اهي هنن طبي طور تيار ڪيل پوشاڪُن پائڻ سان فنا ٿي ويندا. تنهن کان اڳ خلابازن جي جسم کي هائپو ڪلورائيٽ ڳار سان مالش ڪئي وئي ۽ ڪولمبيا کي پڻ بيٽاڊين دوا سان صاف ڪيو ويو. پوءِ خلابازن کي طبي ڪپڙا پهرائي، هيلي ڪاپٽر وسيلي بحاليءَ واري بحري جهاز هارنيٽ تي رسايو جتي فلائيٽ سرجن ڊاڪٽر سندن طبي معائنو ڪيو. پوءِ کين هينگر بي-2 وٽ پهچائي، گشتي طبي ضابطي واري



ڪمري ۾ داخل ڪرڻ واسطي 30 فوٽ پنڌ ڪرايو ويو. انهي طبي ضابطي واري گشتي ڪمري ۾ کين سانده 21 ڏينهن ترسايو ويو. اهو گشتي طبي ڪمرو بحري جهاز هارنيٽ تي رکيل هو. ان وقت آمريڪا جو صدر، رچرڊ نِڪسن پاڻ، هارنيٽ تي چڙهي اچي، زمين تي موٽي اچڻ تي خلابازن جي آجيان ڪئي ۽ کين مُبارڪون ڏيندي چيو ته:

”توهان جي هن عظيم سائنسي ڪارنامي سر انجام ڏيڻ جي نتيجي ۾ پنهنجي هي دنيا، عملي طور جيترو هڪٻئي سان اڄ ويجهي ٿي آهي، اها اڄ کان اڳ ايتري ويجهي ڪڏهن بہ ڪانہ هئي! صدر نڪسن جي اُتان واپسيءَ بعد، هارنيٽ ڪي، لنگرانداز ڪولمبيا وٽ آڻي، هارنيٽ جي ڪِرين وسيلي، ڪولمبيا کي کڻي، ڪولمبيا جي گشتي ٽِراليءَ تي رکيو ويو ۽ ان کي ٽراليءَ تي کڻي آڻي، طبي ضابطي واري ڪمري وٽ رکيائون. جنهن ۾ خلاباز ترسيل هئا. پوءِ هارنيٽ کي پرل بندر آندو ويو جتان، ڪولمبيا ۽ طبي ضابطي وارو ڪمرو، هوائي لِفٽ وسيلي مينڊِ اسپيس ڪرافٽ سينٽر ۾ آندا ويا. چنڊ تي بيمارين جي موجودگيءَ جي خدشي سبب، ”ايڪسٽرا ٽيريسٽريئل ايڪسپوزر لا“ موجب خلابازن کي ٽن هفتن تائين، طبي ضابطي واري ڪمري ۾ رکڻ کان پوءِ، سيني بيمارين جي جيوڙن کان مڪمل طرح پاڪ ۽ مڪمل طور صحتمند هئڻ جي تصديق ڪئي وئي ۽ 10 آگسٽ تي انهن، سندن اعزاز ۾ نڪرندڙ جلوسن ۽ جلسن دوران، نيويارڪ، شِڪاگو ۽ لاس اينجلس شهرن جو سفر ڪيو. انهيءَ ڏينهن شام جو ڪيليفورنيا رياست جي طرفان، لاس اينجلس شهر جي سينچري پلازا هوٽل ۾ اپولو يارهن جي خلابازن جي مان ۾ سرڪاري طور تي اسٽيٽ ڊنر منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ آمريڪا جي صدر، نائب صدر، آمريڪا جي چيف جسٽس، آمريڪا جي 44 رياستن جي گورنرن، ڪانگريس جي ميمبرن ۽ 83 مُلڪن جي سفيرن شرڪت ڪئي. انهيءَ موقعي تي، صدر نِڪسَن ۽ نائب صدر ايگنيو هر خلاباز کي ”پريزيڊينشل ميڊل آف فريڊَم“ وارا تمغا عطا ڪيا. اهو جشن، خلابازن جي مان ۾ منعقد ٿيندڙ تقريبن جي 45 ڏينهن تي مشتمل سلسلي جي شروعات هئي، جنهن دوران انهن 25 پرڏيهي ملڪن جو سفر ڪيو ۽ دنيا جي سياسي اڳواڻن، جهڙوڪ برطانيہ جي مهاراڻي، ايلزبيٿ ۽ ٻين سان مُلاقاتون ڪيون.

دنيا جي اڪثر ملڪن جي اخبارن ۽ رسالن ۾ اپولو يارهن جي مهم بابت ڪيترائي مضمون ۽ ليک لکيا ويا. ڪن ملڪن، اپولو يارهن جون يادگار ٽڪليون شايع ڪيون. آمريڪا ۾ اپولو يارهن بابت يادگار سِڪا بہ ٺاهيا ويا. 16 سيپٽمبر 1969ع ۾ ٽنهي خلابازن، آمريڪا جي ڪانگريس ۽ سينيٽ جي گڏيل اجلاس کي خطاب ڪيو ۽ ٻنهي ايوانن ۾ نصب ڪرڻ لاءِ آمريڪا جا ٻہ اهي جهنڊا ڏنا، جيڪي اُهي چنڊ تي کڻي ويا هئا. اپولو يارهن جو ڪمانڊ ماڊيول، ڪولمبيا، واشنگٽن شهر جي نيشنل ايئر اينڊ اسپيس ميوزم ۾ نمائش لاءِ رکيل آهي. آرمسٽرانگ ۽ الڊرن جون خلائي پوشاڪون بہ انهيءَ ميوزم ۾ رکيل آهن. ڪُئارنٽائين يعني طبي ضابطي وارو ڪمرو، فلوٽيشن ڪالر ۽ ٻيون شيون، واشنگٽن شهر جي ويجهو اُدوار هيزي سينٽر ۾ رکيل آهن.

⑥




# واٽرگيٽ اسڪينڊل

آمريڪي صدارتي اليڪشن جو هڪ نهايت ئي دلچسپ واقعو جنهن کي آمريڪا ۾ واٽر گيٽ اسڪينڊل جي نالي سان ياد ڪيو ٿو وڃي. آمريڪا جي سڄي صدارتي اليڪشن جي تاريخ ۾ اهڙو واقعو نه ٿيو آهي، نه ٿيندو. اهو واقعو آمريڪي آئين ۽ قوم لاءِ هڪ چئلينج هو. جنهن مان هو اُڪري پار پيا.

ٿيو هيئن ته واٽرگيٽ نالي عمارت ۾ ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جي نيشنل ڪاميٽيءَ جي آفيس جي ڪلفن تي فرينڪ نالي هڪ چوڪيدار ٽيپ جا ڪجهه ٽڪرا چنبڙيل ڏٺا ۽ خيال ڪيائين ته اهي ٽيپ جا ٽڪرا شايد ڪلفن جي مرمت ڪندڙن کان هتي رهجي ويا آهن. سي لاهي اڇلي ڇڏيائين. اتفاق سان هن ٻئي ڏينهن پڻ ٽيپ جا ٽڪرا ساڳئي جڳهه ۾ ساڳئي نموني لڳل ڏٺا. تڏهن هن کي ڪا سازش محسوس ٿي ۽ اها ماجرا پوليس کي ٻڌايائين.

پنج چور 16 جون 1972ع جو فجر کان اڳ نيشنل ڪاميٽيءَ جي آفيس ۾ داخل ٿيا ۽ موٽڻ تي پوليس کين گرفتار ڪندي ڏٺو ته اُنهن وٽ ڪافي چوري ڪيل رقم موجود هئي، تنهن کان سواءِ وٽن ٻڌڻ ۽ ڳالهائڻ

واريون مشينون، ٽي وي، ريڊيو ۽ ڪئميرائون هيون. صورتحال موجب اها واردات غير معمولي هئي ۽ شڪ هو ته ايوان صدر جا ڪي اهلڪار به انهيءَ اسڪينڊل ۾ ملوث آهن.

سال 1973ع جي شروع ۾ چورن تي ڪيس هليو ۽ اهي مجرم ثابت ٿيا. مگر اهو ڪيس هلائيندڙ جج جان سريڪا John Sirica محسوس ڪيو ته ڪيس جي ڪارروائي دوران حقيقتون مڪمل طور پڌريون ڪو نه ٿيون آهن. هن چورن کي چيو ته توهان چوريءَ متعلق سموري حقيقت ظاهر ڪا نه ڪئي آهي ۽ ڪجهه حقيقتن کي لڪايو آهي. انهيءَ ڪري توهان کي سچ نه ڳالهائڻ جي ڏوهه ۾ چاليهن سالن کان به وڌيڪ عرصو سزا ملندي، جيڪڏهن توهان اجا به مڪمل حقيقت پڌري ڪئي آهي ته پوءِ توهان جي سزا کي معمول موجب گهٽائي سگهبو. جج جي انهيءَ نصيحت تي چورن مان هڪڙو ڦاٽي پيو ۽ باسيائين ته هن چوريءَ بابت اسان وائيٽ هائوس جي ڪجهه عملدارن سان صلاح مشورو ڪيو هو.

مٿئين انڪشاف جي روشنيءَ ۾ آمريڪي سينيٽ "سينيٽ واٽرگيٽ ڪاميٽي" قائم ڪري ڪيس گهربل جانچ سونپي ته اها صدر نڪسن جي صلاحڪارن جي خلاف الزامن جي تحقيق ڪري.

صدر نڪسن پنهنجا صوابديدي اختيار استعمال ڪندي پنهنجي صلاحڪارن کي ڪاميٽيءَ آڏو پيش ٿيڻ کان روڪيو ۽ صدر جو ڪانگريس سان اختلاف هتان کان شروع ٿيو.

صدر نڪسن جي انهيءَ رويي تي ڪانگريس سينيٽ توڙي عوام سخت برهم ٿيو. نيٺ صدر پنهنجو رويو بدلايو ۽ پنهنجي صلاحڪارن کي ڪاميٽيءَ آڏو پيش ڪيو.






پيشيءَ کان اڳ ئي پريس ذريعي مذڪور ماڻهن جي هن چوريءَ ۾ ملوث هئڻ جي پڌرائي ٿي وئي هئي ته هنن چوري لڪائڻ جي ڪوشش پڻ ڪئي هئي.

سن 1973ع جي اپريل مهيني ۾ صدر جا مکيه صلاحڪار استعيفا ڏئي ويا. انهن مان هڪڙي جان ڏين John Dean ڪاميٽيءَ اڳيان پيشيءَ دوران بيان ڏنو ته صدر نڪسن کي مذڪور ڪوراپ جي پلي پيت جاڻ هئي. ياد رهي ته صدر نڪسن اهو الزام ڪو نه باسيو. صدر ۽ سندس صلاحڪارن جي ڳالهه ٻولهه ٽيپ ٿيندي آهي. صدر نڪسن معمول ڪانسواءِ انهيءَ سلسلي ۾ ڳجها ٽيپ به پرايا هئا. سينيٽ ڪاميٽيءَ ۾ هن ڪيس لاءِ مقرر ڪيل اسپيشل اٽارني آرڪي بالڊڪاڪس Arch Bald Cox ايوان صدر کان مٿي ذڪر ڪيل سمورا ٽيپ گهرايا، پر صدر نڪسن اهي ٽيپ ڏيڻ کان انڪار ڪيو. تنهنڪري ٽيپن جي حصول لاءِ ڪاميٽيءَ سپريم ڪورٽ ڏانهن رجوع ڪيو. ڪورٽ فتويٰ ڏني ته هڪڙي فوجداري ڪيس جي تحقيق لاءِ ٽيپ فراهم ڪرڻ جو حڪم ڏجي ٿو. صدر قانون کان هرگز بالاتر ناهي، نه ڪي پاڻ وانگر سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس کي ڪورٽ مان جُتا هٽي پچائي ڪڍيو ويو.

ڪورٽ جي حڪم ڪي مجيندي صدر نڪسن انهن ٽيپن جو اختصارلکت ۾ ڏياري موڪليو ۽ پراسيڪيوٽر کي تنبيهه ڪيائين ته هاڻي ٽيپن جي وڌيڪ خواهش نه ڪندا. ٽيو هينئن ته پراسڪيوٽر ڪاڪس صدر جو حڪم ڪو نه مڃيو ۽ ٽيپ اصلي حالت ۾ گهرڻ لڳو ته ڪيس گولي هٽي ماريو ويو. انهيءَ صورتحال تي عوام سخت ناراضگي ۽ احتجاج ڪيو. ڪانگريس پڻ سخت برهم ٿي، انهيءَ تي صدر ٽيپ ڏيڻ قبول ڪيو. ۽ مسٽر ليون جاوورسڪي Leon Jaworsky کي نئون پراسڪيوٽر مقرر ڪيو پر وڌيڪ اهو به ڇيو ته ڪجهه گهربل ٽيپ وڃائجي ويا آهن. انهيءَ تي صدر نڪسن تي سخت تنقيد ٿيڻ لڳي ۽ ڪيس صدارت تان لاهڻ لاءِ آواز اٿاريو ويو.

مذڪوره ڳنڀير صورتحال جي پيش نظر هائوس جي جوڊيشري ڪاميٽي صدر نڪسن خلاف الزامن جي تحقيق شروع ڪئي. نيٺ گهربل حقيقي ٽيپ ڪاميٽي آڏو تڏهن پيش ڪيا ويا جڏهن سپريم ڪورٽ 24 جولاءِ 1974ع تي وري به پنهنجو حڪم ورجايو ته صدر رکي ٽيپ ڏيڻ گهرجن.

ڪورٽ جي فتويٰ واري ڏينهن کان هائوس ڪاميٽي صدر جي خلاف امپيچمينٽ لاءِ تي وي مباحثا شروع ڪري ڇڏيا.

انهيءَ ۾ صدر تي انصاف جي راهه ۾ رنڊڪ وجهڻ، اختيار جو بڇڙو استعمال ۽ ڪانگريس ۽ ڪورٽن جي عزت نه ڪرڻ جا الزام لڳايا ويا.




انهن ٽيپن مان ثابت ٿيو ته صدر پنهنجي معاونن کي هدايت ڪئي ته حقيقت لڪائڻ عيوض چورن کي ڀاڙِ Hush يا رشوت ڏني وڃي. اهڙيءَ طرح صدر هن اسڪينڊل ۾ بذات خود ملوث ثابت ٿيو. تنهنڪري ڊيموڪريٽن توڙي سندس پارٽيءَ طرفان مٿس سخت دٻاءُ وڌو ويو ته هو استعيفا ڏي.

نيٺ صدر نڪسن 8 آگسٽ 1974ع تي استعيفيٰ ڏيڻ جو اعلان ڪيو ۽ 9 آگسٽ 1974ع تي وائيٽ هائوس خالي ڪري ويو. آمريڪي تاريخ ۾ اهو پهريون صدر هو جنهن استعفيٰ ڏني ۽ آئين مطابق نائب صدر جيرالڊفورڊ صدر جي حيثيت سان وائيٽ هائوس ۾ داخل ٿيو.

⑥




# شيشيءَ ۾ سِرَجندڙ ٻار

جن عورتن کي قدرتي طريقي سان حمل نٿو ٺِڪي، علم حيات جي سائينسدانن، اهڙين عورتن ۾ حمل ٺڪائڻ لاءِ، گھڻين سالن جي محنت ۽ تحقيق کان پوءِ، هڪ نهايت مؤثر. طريقو ايجاد ڪيو. تنهن کي In Vitro Fertlization اِن وِٽرو فَرٽيلائيزيشن مخفف آءِ وِي ايف يعني شيشي ۾ ٻار جي سِرجَڻ وارو عمل سڏجي ٿو. عورتن ۾ حمل ٺڪائڻ جو اِهو طريقو يورپ ۽ آمريڪا ۾ ڪامياب ۽ عام ٿي ويو آهي. قدرتي طرح ماءُ جي پيٽ ۾ ٻار جي سِرجَڻ جو عمل، مادي پيداواري جزي (بيضي) سان نر نسلي جُزي جو ماءُ جي رحم ۾ مَثبت ميلاپ وسيلي ڳيجڻ Embryo يعني ٻار سرجڻ واري پهرين شڪل اختيار ڪرڻ سان شروع ٿئي ٿو. سرجيل ٻار جي اها اولين شڪل،ڳَپَ يعني بيحد ننڍڙي زرخيز بيضي تي مُشتمل هوندي آهي، اِهو بيضي نما ڳپ يا ٻار ماءُ جي رحم جي پِٽِ سان چَمبڙي گھربل غذا حاصل ڪري واڌ ويجهه شروع ڪندو آهي. انهيءَ جي پيٽ ۾ جن عورتن جي رحم ۾ حمل عمومي قدرتي طرح نٿو ٺِڪي، انهن عورتن ۽ سندن مڙسن جا نسلي پيداواري جزا سائنسي طريقي سان حاصل ڪري شيشيءَ اندر ملائي، ايمبِريو يعني ڳپ (زرخيز بيضو) تيار

ڪري، پوءِ ان ٻَجَ کي سائنسي طريقي سان ماءُ جي رحم ۾ داخل ڪيو ويجي ٿو. رحم ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ اهو سائنسي طريقي موجب تيار ٿيل ايمبريو يعني ٻچو، قدرتي طور سرجيل ٻچي وانگر ئي رحم جي پِٽِ سان چمبڙي پوي ٿو ۽ قدرتي قانون موجب پنهنجي گهربل غذا حاصل ڪري پنهنجي نشونما چالو ڪري ٿو. گهٽ خرچ وارن ٻچي ناهيندڙ ۽ حمل ٽِڪائيندڙ طريقن جي ناڪاميءَ سبب خواهشمند جوڙا اِن وِٽرو فرٽيلائيزيشن وارو گهٽي خرچ سان ٿيندڙ عمل بہ اختيار ڪندا آهن. آمريڪا جي هڪ سائنسي اداري، آمريڪي سُوسائٽي فار ريپرودَڪٽِو مَيڊِيسِن جي رپورٽ موجب آمريڪا جا تقريباً هڪ سيڪڙو ٻارَ هٽرادي زرخيزي واري آءِ وِي ايف سائنسي طريقي وسيلي پيدا ٿيا آهن. ۽ هيستائين اٽڪل پنجاهہ لک ٻار انهيءَ طريقہ حمل تحت ڄاوا آهن. اهو حمل ٽڪائڻ وارو سائنسي طريقو سن 1970ع واري ڏهاڪي جي پڇاڙيءَ ۾ دريافت ڪري عمل ۾ آندو ويو. 25 جولاءِ 1968ع ۾ پهريون ٽيسٽ ٽيوب ٻيبي، يعني هٽرادي حمل تحت پيدا ٿيل ٻار ڄائو تنهن جو نالو Louise Brown لائُوزِي بِرائون رکيو ويو. حياتيات جي ماهر سائنسدانن رابرٽ ايڊورڊس ۽ پيٽرڪ اسٽيپٽو انهيءَ ٻار جو ٻچي مٿي بيان ڪيل سائنسي طريقيڪار موجب تيار ڪيو هو. انهيءَ آءِ وي ايف طريقي حمل جا ايجاد ڪندڙ مٿيان ٻئي سائنسدان ليکجن ٿا. سن 2010ع ۾ انهن مان هڪڙي سينيئر سائنسدان ڊاڪٽر رابرٽ ايڊِوَرڊس کي سندس ايجاد ڪيل آءِ وي ايف واري طريقہ حمل کي مڃتا ڏيندي فريالاجي/ميڊيسين واري علمي شعبي ۾ نرالي ڪارڪردگي ڏيکارڻ سبب سن 2010ع وارو نوبل انعام ڏنو ويو هو. ايندڙ نسل جي موروثي جزن واري جديد سائنسي طريقيڪار سان شيشيءَ ۾ ٻچي تيار ڪرڻ واري طريقہ حمل کي سڌاريو ۽ بهتر بنايو ويو سن 2013ع جي جولاءِ واري مهيني ۾ هڪ آمريڪي جوڙي آءِ وي ايف ذريعي پيدا ٿيندڙ اهڙي ٻار ڄڻڻ جي خواهش ڪئي، جنهن جي ٻچي ۾ ايندڙ نسل جي موروثي جزن وسيلي آءِ وي ايف طريقيڪار ۾ سُڌارو ۽ بهتري پيدا ٿي آهي. ۽ اهڙي سڌريل طريقيڪار سبب ٻارن جي پيدائش جو في سيڪڙو تعداد بہ وڌڻ لڳو مزي واري اها ڳالهہ تہ انهي سڌريل طريقيہ حمل تي خرچ بہ اڳوڻي جي ڀيٽ ۾ گهٽ ٿو ٿئي. شيشيءَ ۾ مادي پيداواري جُزي يعني بيضي کي زرخيز ڪرڻ يعني ٻچي تيار ڪرڻ واري طريقہ حمل جا سِلسِليوار پنج مرحلا مقرر ڪيا ويا آهن، جيڪي هيٺ ڏجن ٿا.

1. آءِ وي ايف جي پهرئين مرحلي کي ماهواريءَ جي نظام تي سائنسي طور مناسب ضابطو رکڻ سڏجي ٿو. انهيءَ مقصد جي حصول واسطي عورت کي ٻن هفتن تائين روزانہ هڪ سئي لڳائبي آهي، جنهن جي نتيجي ۾ ماهواري جي قدرتي ڦيري تي گهربل ضابطو ٿي وڃي ٿو.

2. آءِ وِي ايف جي ٻئي مرحلي کي Super ovulation سُپر اووِيوليشن، يعني مادي پيداواري بيضن جو معمول کان وڌيڪ تعداد ۾ اخراج چئبو آهي. انهيءَ ٻئي مرحلي ۾ عورت کي فوليڪل اِسٽِيمِيُوليٽِنگ هارمون نالي، زرخيزي وارن هارمون يعني جزن جون ٺهيل دوائون ڏنيون وڃڻ ٿيون، جنهن سبب مادي پيداواري جزا (بيضا) معمول کان وڌيڪ تعداد ۾ خارج ٿيڻ لڳن ٿا.

3. آءِ وي ايف جي ٽئين مرحلي کي رِٽرائيونگ دِي ايگس يعني مادي پيداواري بيضا ناهيندڙ ڳوٿريءَ مان هٽرادي طريقي سان بيضا ڪڍَڻ وارو مرحلو چئبو آهي. مادي پيداواري بيضا ڪڍڻ لاءِ خصوصي طور



تيار ڪيل سنهي سُئي بيضن واريءَ ڳوتريءَ ۾ داخل ڪري سُئيءَ جي ٻاهر نڪتل چيڙهي ۾ چوسيندڙ مشين لڳائي، مشين جي چوس سبب مادي پيداواري جزا سندن ٽيلهي مان نڪري چوسيندڙ مشين وسيلي ٽيسٽ ٽيوب يا مخصوص شيشيءَ ۾ گڏ ڪيا ويندا آهن. انگلينڊ جي برمنگهام يونيورسٽيءَ ۾ تحقيق ڪندڙ علم حياتيات جي سائنسدانن، هِيُوَمين ريپرِوڊَڪشَن نالي سائنسي رسالي ۾ لکيو تہ جيڪڏهن شيشيءِ ۾ ڳپ تيار ڪندڙ ڊاڪٽر چاهين تہ اَسسِٽنگ رِيپرِوڊَڪٽِو ٽيڪنالاجي جي مرحلي ڪانپوءِ سندن علاج هيٺ رهندڙ عورت کي ٻار ڄڻڻ جي لاءِ وڌ ۾ وڌ موقعا ميسر ٿين، تہ ڪين گهرجي تہ عورت جي بيضن واري ڳوتريءَ مان هڪڙيءَ ئي چڪر ۾ لڳ ڀڳ پندرهن 15 ڪن بيضا ڪڍي شيشيءَ ۾ گڏ ڪن.

4. آءِ وي ايف جي چوٿين مرحلي ڪي نر نسلي جزن جو مادي پيداواري بيضن سان ميلاپ ۽ زرخيزي سڏجي ٿو. انهيءَ مرحلي دوران مادي پيداواري بيضي سان نر نسلي جُزي کي ميلاپ ڪرائي شيشيءَ کي هڪ فزائي ضابطي تحت هڪ چيمبر ۾ رکيو وڃي ٿو. انهيءَ کان چند ڪلاڪ پوءِ نر نسلي جزو مادي پيداواري بيضي ۾ داخل ٿيندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ڊاڪٽر بہ نر نسلي جزو سُئيءِ وسيلي بيضي ۾ داخل ڪندا آهن. انهيءَ عمل کي آءِ سي ايس آءِ سڏبو آهي.

واشنگٽن يونيورسٽيءَ جي اسڪول آف ميڊيسين جيڪو سينٽ لوئيس ۾ قائم آهي، اتي تحقيق ڪندڙ علم حياتيات جي ماهر ڊاڪٽرن هڪ جريدي ۾ ڄاڻايو آهي تہ شيشيءِ ۾ ڄمائي رکيل نرنسلي جزو، جنهن کي آنورن (Testicks) مان چوسيندڙ سئين وسيلي حاصل ڪري شيشن ۾ محفوظ ڪيو ويو آهي. اهو ڄميل نرنسلي جزو، تازي حاصل ڪيل نر نسلي جزي وانگر، شيشيءِ ۾ زرخيزي پيدا ڪري ڳپ تيار ڪرڻ ۾ ڪارگر هوندو آهي، جنهن سبب حمل ڪاميابي سان ٽِڪي ٿو ۽ ڳپ تيار ٿئي ٿو. آمريڪا ۾ هٽرادي حمل ڪرائڻ وارن ڪجهہ مرڪزن ۾ انهيءَ مرحلي تي ڳپ کي ماءُ جي رحم ۾ داخل ڪرڻ کان اڳ، ڳپ جي نسل جي بنياد تي صحت جي چڪاس جي آڇ ڪئي وڃي ٿي. اها چڪاس ڪجهہ حالتن ۾ متنازع هئڻ سبب

ڪڏهن ڪڏهن ڪم آڻجي ٿي. زرخيز بيضا يعني ٻڄ تہ وڌيڪ تعداد ۾ تيار هوندا آهن. پر مڪمل چڪاس ڪري انهن ۾ سيني ڪان وڌيڪ صحتمند ۽ سنو هڪ يا ڪڏهن ماءُ جي مرضيءَ موجب ٻہ ٻڄ رحم ۾ رکڻ لاءِ چونڊيا آهن. انهيءَ مرحلي تي ماءُ کي رحم ۾ ٻڄ رکڻ ۾ مدد ڏيڻ واسطي ڪيس پِروجيسٽيرونِ دواجو هڪ وزن ڏيندا آهن.




5. آءِ وِي ايف جي پنجين مرحلي ڪي ٻڄ جي رحم ۾ داخلا سڏيندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن رحم ۾ هڪ ڪان وڌيڪ ٻڄ داخل ڪيا آهن. ڊاڪٽرن کي گهرجي تہ اهي ماءُ واري جوڙي سان گفتگو ڪري سندس مرضي موجب هڪ يا وڌيڪ ٻڄ رحم ۾ داخل ڪن. جيڪڏهن موزون ٻڄ ملي نہ سگهن تہ انهيءَ صورتحال ۾ رحم ۾ هڪ ڪان وڌيڪ ٻڄ داخل ڪن. ماءُ جي رحم ۾ ٻڄ، هڪ سَنهِي نَليءَ وسيلي داخل ڪجي ٿو اها سنهي نَلِي فُرجَ جي معرفت رحم ۾ داخل ٿي ٻڄ رحم ۾ پهچائي ٿي. رحم ۾ داخل ٿيڻ شرط ٻڄ رحم جي پٽ سان چمبڙي پوي ٿو ۽ پنهنجو گهربل ڪاڌو حاصل ڪري اُسرڻ ۽ نسرڻ جو عمل چالو ڪري ٿو. آءِ وِي ايف وارو حمل ٿڪائڻ وارو عمل انهن عورتن جي لاءِ هڪ مثالي ۽ بهترين طريقہ حمِل آهي، جن کي رواجي طرح يا آرٽيفيشل اِنسيمينيشن جي بارهن چڪرن جي باوجود حمل نٿو ٽڪي. شيشيءَ ۾ پيداواري بيضن کي زرخيز ڪري ٻڄ تيار ڪري حمل ٿڪائڻ ۽ ٻار ڄڻڻ وارو طريقو اختيار ڪرڻ جو انهن عورتن کي حق حاصل آهي، جن کي چڪاس وسيلي معلوم ٿيو تہ انهن ۾ مادي پيداواري بيضي کي پنهنجي رحم ۾ زرخيز ڪرڻ جي صلاحيت ڪانهي، بيو تہ انهن آءِ وي ايف ڪان سواءِ ٻيا طريقا اختيار ڪرڻ جي باوجود ۽ زرخيزي پيدا ڪرڻ جون دوائون استعمال ڪرڻ جي باوجود ڪو فائدو ٿيو ئي ڪو نہ! ۽ ٽيون تہ اهي عورتون جن جي مادي پيداواري بيضو ڪٽي رحم ۾ پهچائيندڙ نلي (Fallopion Tube) صفا بند هوندي آهي.

برطانيه جي علم حياتيات ۾ زرخيزيءَ بابت تحقيق ڪندڙ سائينسدانن ڪجهه عورتن جي رحم جي پٽين ۾ موجود، هڪڙو مخصوص نسلي جزو ڳولي لڌو آهي، اهو مادو آءِ وِي ايف عمل دوران مُسلسل نه ٽڪندڙ حمل جي نشاندهي ڪندو.

ايس ا آر تي نالي هڪ سائنسي اداري شيشي ۾ سرجيل ٻارن جي جيئرو ڄمڻ جي شرح، مختلف عمر جي عورتن جي مختلف گروپن سان ڀيٽي بيان ڪئي آهي، جيڪا هيٺينءَ ريت آهي.

1. 35 سال عمر کان ننڍين عورتن ۾ 41 کان 43 سيڪڙو
2. 35 ۽ 37 سالن عمر وارين عورتن ۾ 33 کان 36 سيڪڙو
3. 37 کان 40 سال عمر وارين عورتن ۾ 23 کان 25 سيڪڙو
4. 41 سالن کان وڌيڪ عمر وارين عورتن ۾ 13 کان 18 سيڪڙو

شيشيءَ ۾ سرجيل ٻار مائن جي پيٽان جيئرا ڄاوا. سِي ايم اي جي اوپن نالي تحقيقي جريدي ۾ شائع ٿيل هڪ مضمون ۾ لکيو ويو ته جن عورتن ۾ وٽامن ڊي جو مقدار مناسب حد تائين ڪافي آهي. آءُ وي ايف وارو طريقو انهن ۾ وڌيڪ ڪامياب ٿئي ٿو. هڪ اڀياس ۾ ڏٺو ويو ته جن عورتن ۾ وٽامن ڊي ليول زياده هئي انهن عورتن ۾ حمل ٽڪڻ جي شرح زياده هئي، مثلاً وٽامن ڊي جي مقدار گهٽ هئڻ وارين عورتن ۾ حمل ٽڪڻ جي شرح 34.7 سيڪڙو هئي ۽ جن عورتن ۾ وٽامن ڊي جي. ليول ڪافي هئي، انهن ۾ حمل ٽڪڻ جي شرح 52.7 سيڪڙو هئي.



ڪن عورتن کي آءِ وي ايف واري عمل دوران ڪارائيل دوائن جي ڪري طبيعت ۾ هيٺيون خرابيون به ٿي سگهن ٿيون. جهڙوڪ دِل ڪچي ٿيڻ، اُبڙڪو يا آت اچڻ، بعضي اُلٽي ٿيڻ، ساهه کڻڻ ۾ تڪليف ٿيڻ، طبيعت ۾ اوچتو جوش يا گرمي پيدا ٿيڻ، چِڙ يا ڪاوڙ ٿيڻ، پيٽ ۾ سُور ٿيڻ، ننڊ اچڻ ۾

ڏڪائي ٿيڻ ۽ ٻچي داني وڏي ٿي پوڻ وغيره. لڳاتار روزانه سُيون لڳڻ ڪري ماڻهوءَ جو بيزار ۽ مجروح ٿيڻ ته عموماً آهي ئي آهي. ڪڏهن ڪڏهن Gonadotrophins گوناڊوٽروفينس دوائن جي استعمال جي ڪري اوورين يعني مادي پيداواري بيضا ناهيندڙ ڳوٿرين ۾ تمام گهڻا بيضا ٺهي پوندا آهن، جنهن ڪري پيٽ ۾ سوڄ ۽ ساهه کڻڻ ۾ ڏڪائي ٿي پوندي آهي. انهيءَ پيدا ٿيندڙ حالت ۽ ڪيفيت کي OHSS او ايڇ ايس ايس Ovarian Hyperstimulation syndrome اووريئن هائپر اِستيِميوُليشن سنڊروم يعني رحم ۾ گهڻن بيضن جي پيدائش واري حالت سڏجي ٿو. اهڙي صورتحال ۾ استعمال ٿيندڙ دوائن جو وزن گهٽائڻ جو مشورو ڏنو وڃي ٿو. آءِ وِي ايف طريقه حمل ۾ نقصان جو مکيه ڪارڻ، زرخيز بيضي يعني ٻِڇ ۾ نرنسلي جزن جي تعداد جو گهٽ وڌ هجڻ آهي. سُويڊن جي تحقيقي اداري نالي ڪيرولينيسڪا اِنستِيٽيُوٽِ ۾ ٿيل تحقيق برطانوي ميڊيڪل جرنل ۾ ڇپي. تنهن ۾ ڄاڻايو ويو ته آءِ وِي ايف يعني هٿرادو حمل ٽڪائڻ واري عمل ۾ ڦڦڙن جي شاهه شريانين جي بند ٿي وڃڻ جو خطرو رهي ٿو ۽ حمل جي شروع وارن ٽن مهينن دؤران رت ۾ ڄميل رت جون ڳوڙهيون پيدا ٿيڻ جو خدشو رهي ٿو. رحم ۾ هڪ کان وڌيڪ زرخيز بيضن يعني ٻِڇن کي داخل ڪرڻ سان ٻه يا اتفاقاً ٽي ٻار به پيدا ٿيڻ جو انديشو رهي ٿو. گهڻن ٻارن جي سرجڻ ڪري، انهن ٻارن جو وزن معمول کان تقريباً اڌ جيترو مس ٿئي ٿو ۽ اهي ٻار گهڻو ڪري پيٽ ۾ مڪمل نشو نما ٿيڻ کان سواءِ، ڄمڻ جي عمومي وقت کان اڳ ڄمن ٿا. اُنهن ٻارن جي ماءُ کي زيابيطس يعني مِٺن پيشابي جي بيماري پيدا ٿيڻ جوخطرو ٿي پوي ٿو ۽ سندس رت جي داٻ وڌڻ جو پڻ خطرو رهي ٿو. برطانيا جي طبي تحقيقي اداري هيومن فرٽيلائيزيشن اينڊ ايمبريولاجي اٿارٽي“ ڊاڪٽرن کي سفارش ڪئي آهي، ته جن عورتن کي جاڙڻ ٻارن پيدا ٿيڻ جو خوف هُجي، انهن عورتن جي رحم ۾ فقط هڪ ررخيز بيضو يا ٻِڇ رکيو وڃي. ڪارڊف يونيورسٽيءَ جي سائينسدانن، فرٽيلٽي اينڊ اِسٽيريلٽِي نالي هڪ سائنسي رسالي ۾ 2012ع ۾ هڪ مضمون شايع ڪرايو، جنهن ۾ هُنن هڪ جديد طريقه ڪار تي ٽيڪا ٽپڻي ڪئي، جنهن تحت هٿرادو حمل ٽِڪائڻ لاءِ سِيني ۾ سٺو رزخيز بيضو چونڊي سگهبو ۽ هڪ کان وڌيڪ ٻار ڄڻڻ واري خطري کان عورتون بچي وينديون. آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ جي ييل اسڪول آف ميڊيسين جي تحقيق ڪارن ۽ سندن ساٿي سائينسدانن،انساني پيداواري بيضي جي زرخيزي گهُربل پيماني تائين وڌائڻ ۽ سُڌارڻ لاءِ نر نسلِي جُزي ۾ اُها صلاحيت دريافت ڪئي، جنهن مطابق اُهي سُٺو ۽ صحتمند زرخيز بيضو چونڊڻ ۾ ڪامياب ٿيا. جيڪو آءِ وِي ايف طريقه حمل لاءِ بهترين بيضو ثابت ٿيندو. انهيءَ سِلسِلي ۾ سائنسدانن هڪ نئون طريقو تيار ڪيو آهي، ان کي ”ٽائيم ليپس اِميجنگ“ سڏين ٿا. انهي طريقيڪار کي استعمال ڪرڻ سان ٻارن لاءِ سڪندڙن کي ٻار ڄڻڻ جا وڌيڪ موقعا مُيسر ٿيندا ڇو ته سائينسدان سٺو ۽ صحتمند زرخيز بيضو يا ٻِڇ سُڃاڻڻ ۾ جلدي ڪامياب ٿيندا.

⑥



# شهادت ذوالفقار علي ڀٽو

آئون اڃا تيرهن سالن جو هوس تڏهن صدر ايوب اسان جي ڳوٺ ڀني کان ٽي ميل پري ٻگهي ڏنڊ تي شڪار ڪرڻ آيو هو تڏهن آئون پنهنجي والد ارباب نور محمد پليجي سان گڏجي اتي ويو هوس. اهو شڪار جنرل ايوب کي ٺٽي ضلعي جي هڪ نهايت معزز شخصيت محترم محمد يوسف چانڊيي ڪرايو هو. جيڪو بابا سائينءَ جو نهايت عزيز دوست هو. جيتوڻيڪ بابا سڄي زندگي ترقي پسند سياست ڪئي ۽ چانڊيو صاحب حاڪمن کي هميشہ ويجهو رهيو پر ٻئي ڄڻا سڄي زندگي هڪ ٻئي جا ساٿاري ۽ دوست رهيا. وٽس جڏهن بہ ڪي ملڪي يا غير ملڪي سربراهہ شڪار تي ايندا هئا، تہ پاڻ بابا سائينءَ کي ضرور دعوت ڏيندو هو. آئون ان زماني ۾ حيدرآباد جي نور محمد هاءِ اسڪول ۾ پڙهندو هوس، پر جڏهن ڳوٺ ايندو هوس تہ بابا سائين مون کي اهڙين دعوتن تي وٺي ويندو هو. هيءَ بہ هڪ اهڙي دعوت هئي، جنهن ۾ شڪار کان پوءِ، ماني‍ءَ جي ميز تي مون پهريون دفعو پاڪستان جي ان وقت جي سڀ کان ننڍي عمر واري وزير، ذوالفقار علي ڀٽي کي ڏٺو جيڪو پنهنجي شخصي اسٽائيل ۽ نرالي ڊزائين جي لباس جي ڪري هڪ شهزادو ٿي لڳو! سندس شخصيت، اُتي

موجود سيني ماڻهن کان مختلف، نرالي ۽ پروقار ٿي محسوس ٿي. ٻيو دفعو مون کيس حيدرآباد ۾ مارڪيٽ ٽاور واري ماڳ وٽ، ڪنهن بئنڪ جو افتتاح ڪندي ڏٺو جتي مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ بہ موجود هو جيڪو پڻ هڪ سَحرِ انگيز شخصيت جو مالڪ هو. ڀُٽي صاحب کي فل سوٽ پهريل هو ۽ سندس ڳالهائڻ بلڪل نيٽ اُترادي سنڌي لهجي ۾ هو. ٽيو دفعو مون ڀٽي صاحب کي اسان واري مسلم ڪاليج جي نئين بلڊنگ جي افتتاح ڪرڻ وقت ڏٺو تڏهن بہ فل سوٽ پهريل هوس ۽ سندس شرٽ جو آخري ٻيڙو کليل هو جنهن ڪري سندس نيڪ ٽائي هيٺ ٿي لڳي پوءِ مون کي خبر پئي تہ اها سندس عادت هئي. اسان جي ڪاليج جي پرنسيپال، سائين نظاماڻي صاحب، انگريزيءَ ۾ سپاسنامو پڙهيو ۽ ڀٽي صاحب بہ انگريزيءَ ۾ تقرير ڪئي. انهيءَ دور ۾ پاڻ صرف انگريزيءَ ۾ تقرير ڪندو هو ۽ تمام گهڻو پوءِ پاڻ سنڌي ۽ اردوءَ ۾ تقرير ڪرڻ شروع ڪيائين. پاڻ سنڌي تمام صحيح ۽ سٺي ڳالهائيندو هو شايد ان جو سبب، گهر ۾ سنڌي ڳالهائڻ هجي. برصغير ۾ ڀُٽي خاندان ۽ نهرو خاندان پنهنجي حيثيت مڃرائي، دنيا جي اڳيان ثابت ڪيو آهي تہ سندن هٿ عوام جي نبض تي آهن ۽ عوام جي واضح اڪثريت ساڻن گڏ آهي. پاڪستان ۾ واحد ڀٽو ئي ليڊر آهي، جنهن تي ملڪي ۽ غير ملڪي صحافين، ليکڪن ۽ سياستدانن گهڻي ۾ گهڻو لکيو آهي. غير ملڪي ليکڪن ۾ ڀٽي تي لکندڙن ۾ ٻين سان گڏ اٽالين صحافڻ اوريانا فلاسي بہ آهي، جنهن هڪ هنڌ لکيو آهي تہ مون آمريڪا جي وزير خارجہ ڊاڪٽر هينري ڪسنجر کان انٽرويو ورتو تہ پاڻ مون کان هڪ سوال ڪيائين، تہ تو سڄي دنيا جي مک ماڻهن کان انٽرويو ورتا آهن، انهن سڀني ليڊرن مان، توکي وڌيڪ ذهين ڪير لڳو؟ تہ مون چيو تہ ذوالفقار علي ڀٽو جنهن تي ڊاڪٽر ڪسنجر چيو تہ واقعي ڀٽو دنيا جو ذهين ترين ليڊر آهي. چون ٿا تہ ڀٽو جڏهن وزير خارجہ هو تڏهن آمريڪا جي دوري دوران تنهن وقت جي آمريڪي صدر جان ڪينيڊي کانئس متاثر ٿي کيس چيو تہ تون جيڪڏهن آمريڪي شهري هجين ها تہ آئون توکي پنهنجو وزير خارجہ ڪريان ها! جنهن تي ڀٽي کيس پر اعتماد انداز ۾ چيو تہ جيڪڏهن آئون آمريڪا جو شهري هجان ها، تہ اڄ آمريڪا جو صدر تون نہ پر آئون هجان ها ۽ توکي وزير خارجہ طور کڻان ها! ڀٽي جي جواب تي ڪينيڊي ڏاڍو کليو. اسان جي ڪاليج جي افتتاح کان پوءِ ڀٽي صاحب لاءِ چانهہ پارٽيءَ جو بندوبست ڪيل هو اتي پاڻ اڌ ڪلاڪ کن شاگردن سان ڳالهايو ۽ انهن کي آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ جو هڪ واقعو ٻُڌايائين تہ هتي ڇوڪرا فرسٽ ڪلاس ۽ سُٺن گريڊن لاءِ گهڻو ٿا سوچين، پر انگلينڊ ۾ ائين ڪونهي. پاڻ ٻُڌائين تہ هڪ شاگرد استاد وٽ ويو ۽ چيو تہ مون کي اي گريڊ ملڻ کپندو هو پر نہ مليو آهي، جنهن تي پروفيسر سواءِ ڪنهن بحث جي کيس گريڊ وڌائي ڏنو. ٻيو اسان کي ٻڌائين تہ پاڻ وٽ امتحان بہ ٿي دفعا ملتوي ٿيندا آهن. جنهن ڪري سڄو تدريسي عمل پنيان پئجي ويجي ٿو جڏهن تہ انگلينڊ ۾ ڪيترن سالن کان هڪ ئي تاريخ تي امتحان ٿيندا آهن ۽ اڄ بہ انهيءَ تاريخ تي ٿين ٿا. ان وقت ڀٽو دنيا جو هڪ مڃيل رهنما ڪو نہ هو پر هڪ فوجي ڊڪٽيٽر جي ڪابينہ جو رُڪن هو پر پوءِ بہ سندس سوچ ترقي پسند هئي. سندس شخصيت پُرڪشش ۽ ڳالهائڻ جو انداز متاثر ڪن هو. جهڙوهو سهڻو تهڙائي سنا



ڪيس ڪپڙا پاتل هئا. پاڻ اسان سان ڪجهه منٽ گذاريائين، پر سيني شاگردن تي هڪ سٺو تاثر ڇڏي ويو. وري آئون ڪيس سندس وزارت دوران محمد يوسف چانڊيئي جي بنگلي تي لاڏين ۾ مليس جتي پاڻ شايد شهنشاهه ايران رضا شاهه پهلويءَ سان گڏ شڪار تي آيل هو. پوءِ جيسين وزارت تان نه لٿو تيسين ساڻس ڪٿي ملڻ ياد ڪو نه ٿو اچي. پاڻ جنرل ايوب جي حڪومت ۾ رهندي به پنهنجي نرالي سوچ ۽ دور انديشيءَ جي ڪري پاڪستان ڪي روس ۽ چين جي گهڻو ويجهو آندو، جنهن جي نتيجي ۾ چين سان ڪيترائي تجارتي معاهدا ڪرايا ۽ روس سان پاڪستان ۾ تيل جي ڳولا ۽ اسٽيل مل ٺاهڻ جو واپاري ٺاهه ڪرايو. سن 1965ع ۾ جڏهن پاڪ هند جنگ لڳي ته ان وقت پاڪستان ۾ آمريڪا جو فوجي اڏو پشاور ويجهو ٻڍابير ۾ هو ۽ آمريڪا جو

پاڪستان ۾ گهڻو اثر به هو پر تنهن هوندي به پاڪستان پنهنجي خارجه پاليسيءَ جي ڪري (جنهن جو وزير ڀٽو هو) هندستان سان جنگ بنديءَ جو ناهه سويت يونين جي تاشقند شهر ۾ ڪيو. قدرت الله شهاب پنهنجي ڪتاب "شهاب نامه" ۾ لکيو آهي ته تاشقند ۾ سربراهي اجلاس هلندي جنرل ايوب ۽ ڀٽي ۾ تلخ ڪلامي ٿي ۽ اهو ئي سبب هو جو تاشقند اعلان کان پوءِ ڀٽو ۽ ايوب گڏ هلي نه سگهيا ۽ ڀٽي جلدي پوءِ ايوب جي ڪابينه تان استعيفا ڏئي ڇڏي ۽ ايوب جي خلاف ايتري ته ڀرپور تحريڪ هلائي، جو مجبوراً ايوب کي اقتدار ڇڏڻو پيو. ان دور ۾ "ايوب ڪتا هاءِ هاءِ" جو نعرو ايترو ته هليو جو رٽائرڊ ليفٽيننٽ جنرل جهانداد خان پنهنجي آتم ڪهاڻيءَ ۾ لکيو آهي ته عمر جي آخري حصي ۾ ايوب خان راولپنڊيءَ ۾ شاگردن کي ڏسي خود به خود "ايوب ڪتا هاءِ هاءِ" جانعرا هڻندو هو. پاڪستان ۾ اجا تائين ايتري وڏي تحريڪ نه هلي آهي، جيڪا ايوب کي هٽائڻ لاءِ هلائي وئي. ڀٽي صاحب استعيفا ڏئي جڏهن ايوب خان خلاف سڄي ملڪ ۾ تحريڪ هلائي ته ان وقت اسان يعني نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن وارن، جنهن جو صدر يوسف لغاري، نائب صدر آئون ۽ جنرل سيڪريٽري جام ساقي هو تن ڪراچي ۾ سندس 70 ڪلفٽن بنگلي ۾ ساڻس ملي، کيس حيدرآباد ۾ شاگردن کي خطاب ڪرڻ جي دعوت ڏني، جيڪا ڀاڻ قبول ڪيائين. اهو سن 1966ع هو ۽ منهنجي عمر ايڪيهه سال هئي،پر 70 ڪلفٽن ڏسڻ جو پهريون موقعو هو جتي ڀاڻ اسان کي پنهنجي لائبرري ڏيکاريائين. جيڪا شايد منهنجي موجوده لائبرريءَ جيتري هئي. ڀاڻ مقرر تاريخ تي حيدرآباد آيو ته ريلوي اسٽيشن تي اسان سندس شاندار استقبال ڪيو.اسانجو جلسو شام جو جامع عربيه ڪاليج جي پٺيان، جتي هينئر نذرت ڪاليج جي بلڊنگ آهي، اتي تنهن وقت وڏو ميدان هو اتي هو. ڀاڻ اتي شاگردن کي انگريزيءَ ۾ خطاب ڪيائين ۽ گهڻو ڪري پاڪستان جي خارجه پاليسيءَ تي ڳالهايو.ان دوري دوران انسٽيٽيوٽ آف انٽرنيشنل افيئرس وارن کيس انڊس هوٽل ۾ آجياڻو ڏنو.ان تحريڪ دوران مير رسول بخش ٽالپر ۽ حيدرآباد جي ٻين ڪيترن ئي سياسي اڳواڻن سندس دعوتون ڪيون. هڪ دفعي ڀاڻ مير رسول بخش جي بنگلي تي رهيل هو ته آئون، جام ساقي ۽ ڪجهه ٻيا دوست ساڻس اتي ملڻ وياسين. ايترا دفعا ملڻ ڪري مونکي چڱيءَ طرح سڃاڻائين ٿي ۽ مون کي هيتري ننڍي عمر ۾ ايترو سرگرم هجڻ جي خوشي ٿي پر بابا سائين جو سائين جي ايم سيد سان گهڻو واسطو هوسو جيئن جيئن سياسي عمل وڌندو ويو تيئن تيئن اسان پيپلز پارٽي کان پري ۽ متحده محاذ کي ويجها ٿيندا وياسين. پر ڀٽي جي جلسن ۾ وڃڻ ۽ کيس ٻڌڻ جو سلسلو جاري رهيو. شهيد ڀٽي جي انهيءَ سياسي طوفان ۾ ايوب خان استعيفا ڏئي، اقتدار وري به هڪ فوجيءَ جي حوالي ڪري، ملڪ ۾ ٻئي مارشل لا لڳرائي ملڪ کي هڪڙي نئين بحران ۾ وجهي هليو ويو. نئين فوجي صدر يحيٰ خان ايوب خان کي اسلام آباد ۾ رهڻ ڪو نه ڏنو ۽ کيس پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ نظربند ڪري رکيو. يحيٰ خان پاڪستان جي تاريخ ۾ واحد غير جانبدار اليڪشن ڪرائي ۽ ون يونٽ کي ختم ڪيو پر مستقل اقتدار جي حاصلات لاءِ ملڪ کي به ٽُڪرا ڪري ڇڏيو. پر حالتن کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت نه هجڻ ڪري استعيفا ڏئي ملڪ جي اقتدار جون واڳون ان وقت جي قومي اسيمبليءَ ۾

اڪثريتي پارٽيءَ جي اڳواڻ ڀٽي صاحب جي حوالي ڪري پاڻ وچي نظر بند ٿيو. ان وقت خزاني جي حالت بابت KTN کي پنهنجي ڏنل انٽرويو ۾ عبدالحفيظ پيرزادي ٻڌايو ته جڏهن اقتدار ڀٽي جي حوالي ڪيو ويو تڏهن ملڪي خزاني ۾ فقط هڪ ڪروڙ ڊالر موجود هئا. ان سان حڪومت جوڪار وهنوار ڪيئن هلائجي، پوءِ ڀٽي صاحب مونکي (عبدالحفيظ پيرزادي کي) ۽ غلام مصطفي جتوئيءَ کي ڪرنل قذافي، شهنشاهه ايران، شاهه فيصل ۽ شيخ زيد ڏانهن موڪليو ته اسان جي مدد ڪريو. انهن ان وقت جي حڪومت جي خاطر خواهه مدد ڪئي ۽ ملڪ جو گاڏو هلڻ لائق ٿيو. شهيد ذوالفقار علي ڀٽي صدارت جو حلف کڻڻ جي ڪجهه ئي عرصي ۾ بين الاقوامي سامراجي ادارن کان عليحدگي اختيار ڪئي، جنهن ۾ دولت مشترڪ، سيٽو ۽ سينٽو جهڙا بدنام ادارا شامل هئا. هن پاڻ ڪيترن ئي ملڪن جو دورو ڪيو ۽ ڏسندي ڏسندي هندستان کان جنگ هارايل ملڪ، هڪ مضبوط ۽ مستحڪم ملڪ ٿي پيو. اُهو ئي سبب هو جو پاڻ جڏهن هندستان سان ڳالهيون ڪرڻ وچي رهيو هو تڏهن سڄي قومي اسيمبليءَ کيس اعتماد جو ووٽ ڏنو. تنهن بنياد تي پاڻ وڏي اعتماد سان هندستان سان شملا ناهه ڪري، پاڪستان جا علائقا ۽ جنگي قيدي بنا ڪيس هلڻ جي ۽ بنا ڪجهه وڃائڻ جي واپس ورتا. مون کي هندستان جي ٽوئر دوران هڪ ٽوئر گائيڊ ٻڌايو ته جڏهن شملا ۾ ڳالهيون هلي رهيون هيون، انهن ڳالهين مان اهو تاثر مِلڻ لڳو ته شايد ڳالهيون ناڪام ٿي وڃن، تڏهن پاڻ اندرا گانڌيءَ کي فون ڪري چيائين ته تون اجنتا ۽ الورا جي ثقافت جي وارث آهين ۽ آئون موهن جي دڙي جي تهذيب جو وارث آهيان ۽ جيڪڏهن ڳالهيون ڪامياب نه ٿيون يا اسان ڪنهن چڱي نتيجي تي نه پهتاسين ته اسان جا ايندڙ نسل اسان کي ڪڏهن


DAWN

FOUNDED BY QUAID-I-AZAM MOHAMMAD ALI JINNAH

KARACHI

Thursday, April 5, 1979

# BHUTTO HANGED IN 'PINDI JAIL

Govt Press note on execution of Z. A. Bhutto

## Ex-PM buried in family graveyard of Nau Dero

*Four others await decision on mercy petitions*

From M. A. MANSURI

RAWALPINDI, APRIL 4: MR ZULFIKAR ALI BHUTTO WAS HANGED TO DEATH AT TWO O'CLOCK THIS MORNING IN THE RAWALPINDI DISTRICT JAIL.

A warning to all politicians, says Khurshid

AMIN WARNS TANZANIA

Massive attack on Kampala launched

11 arrested in Liaquat Bagh firing case

Calm prevails throughout Sind province

CASIO
CITIZEN Quartz
Multi Alarm

ٻہ معاف نہ ڪندا. ڀارت جا سياسي تجزيہ نگار اڄ ٻہ جڏهن TV تي ان ڳالهہ جو ذڪر ڪندا آهن تہ اهو چوندا آهن تہ پنڊت نهرو اندرا گانڌي کان هر ڳالهہ بنا ڪجهہ ڏيڻ جي ميراثي ويو جيتوڻيڪ حالات اهڙا هئا جو اندرا گانڌي پنهنجي هر ڳالهہ ميراثي پوءِ پنڊت جون ڳالهيون مڃي ها. پر حقيقت اها آهي تہ عظيم تهذيبن جا وارث وڏا ۽ ڏکيا فيصلا ڪندا آهن. ڀٽي حڪومت جون واڳون وٺڻ شرط بينڪون، انشورنس ڪمپنيون ۽ وڏا ادارا سرمائيدارن کان ڦري حڪومت جي حوالي ڪيون ۽ اهڙو ئي قدم جڏهن چين ۾ کنيو ويو تہ ان سان غربت جي چيلهہ ڀڃي ٿي وئي، پر اسان وٽ هميشہ غريبن جي چيلهہ ڀڃي ڪرڻ جو رواج آهي. سو ان کان پوءِ وارين حڪومتن ان کي هڪ انتهائي غلط قدم قرار ڏنو ۽ سواءِ نواز شريف جي اتفاق فائونڊريءَ جي ٻيون سڀ صنعتون ۽ ادارا اصل مالڪن کي نہ پر ٻين نون ماڻهن کي وڪرو ڪيا ويا، تہ جيئن ڪجهہ پيسا حڪومت سان گڏ حڪومتي ڪارندا ٻہ ڪمائي سگهن. نجڪاريءَ جي نالي ۾ اهو ڪم اڄ ٻہ جاري آهي. جيڪڏهن ڀٽي صاحب جو اهو قدم ايترو ئي غلط هو تہ اهڙي قدم سان چين ترقي ڇو ڪئي ۽ صفا جيڪڏهن نہ تہ ٻہ اهي ڪارخانا سندن اصل مالڪن کي واپس ٿيڻ کپن ها، نہ ڪي ڪنهن ٻئي کي. جنرل ايوب جيڪو لينڊ رفارمس جو پروگرام شروع ڪيو هو، تنهن ۾ عام خلق کي ڪو ٻہ فائدو ڪو نہ ٿيو پوءِ شهيد ڀٽي پنهنجي اقتدار جي دور ۾ اثرائتي نموني سان ليند رفارمس آندا، جنهن سان غريب مارو ماڻهن ۽ مسڪين، ٻي زمين هارين کي وڏو فائدو ٿيو. جنهن ۾ پري ايمپشن لا Preamption law خاص طرح قابل ذڪر هو. جنرل ضياء الحق پنهنجي اقتدار دوران انکي ختم ڪري ڇڏيو. ان قانون کي ختم ڪرڻ واري آرڊر ۾ اهو ڄاڻايو تہ اهو قانون اسلام جي روح جي



منافي آهي. ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪومت ۾ پاڪستان ۾ سيني اسلامي ملڪن جي سربراهن جي ڪانفرنس لاهور ۾ ڪوٺائي وئي، جنهن ۾ سڄي اسلامي دنيا جا سربراهه گڏ ٿيا ۽ سيني متفقه طور تي ڀٽي صاحب کي OIC جو سربراهه چونڊيو. اهو ئي وقت هو جڏهن وڏي عرصي کان پوءِ سڄي اسلامي دنيا گڏ ٿي ۽ هڪ آواز ٿي ۽ اهڙو وقت بہ آيو جڏهن سيني عرب ملڪن آمريڪا کي تيل ڏيڻ بند ڪري ڇڏيو ۽ جيسين قيمتون تقريباً ٻيڻيون نہ ٿيون، تيسين تيل جي ترسيل بند رکي. ڀٽي شهيد پنهنجي ذاتي اثر رسوخ ۽ حڪمت عملي سان فرانس کان بہ ايٽمي رِيئيڪٽَر ٺهرائي وٺڻ جو فرانس سان سودو ڪيو جنهن مان هڪ ريئيڪٽر تہ سندس حڪومت دوران ئي پاڪستان کي ملي ويو پر ڀيو ڀٽي جي حڪومت ختم ٿيڻ جي ڪري فرينچ حڪومت اهو سودو ئي ختم ڪري ڇڏيو. پاڪستان جي ايٽمي فيلڊ ۾ ايتري ترقيءَ کي ڏسندي، آمريڪا ڊاڪٽر ڪسنجر کي پاڪستان موڪليو تہ ڀٽي کي سمجهائي تہ پنهنجي ايٽمي پروگرام تان هٿ کڻي نہ تہ اسان سندس برو حشر ڪنداسين، پر پاڻ ايٽمي پروگرام جاري رکڻ جي ڳالهہ ڪيائين ۽ ان کي ختم ڪرڻ کان صاف انڪار ڪيو. نيٺ آمريڪا پنهنجي ڏوڪڙن سان اهڙا حالات پيدا ڪيا، جوملڪ ۾ افراتفري پيدا ٿي، تنهن بابت ڀٽي پاڻ اسيمبليءَ کي خطاب ڪندي ٻڌايو تہ هيءَ ڪا ديسي سازش ڪانهي، پر هيءَ هڪڙي بين الاقوامي سازش آهي. منهنجي ۽ منهنجي حڪومت جي خلاف. اليڪشن ۾ ڌانڌليءَ جو بهانو بنائي، ڪائنس حڪومت کسي جنرل ضياء الحق جي حوالي ڪئي وئي، جنهن اسلام جي آڙ ۾ مارشل لا دوران ڪيس شهيد ڪيو.ان ڪيس جي هڪڙي جج، جسٽس صفدر شاهہ BBC کي انٽرويو ڏيندي چيو تہ اهو قتل جو مقدمو نہ پر مقدمي جو قتل آهي. PPC جي سڄي تاريخ ۾ صرف اهو هڪڙو ڪيس آهي جنهن ۾ ججن جي ايتري مختلف راءِ هجڻ باوجود، چيف جسٽس پنهنجي راءِ ڏئي ڀٽي کي سوريءَ تي چاڙهي ڇڏيو. FIR ۾ ڄاڻايل آهي تہ ذوالفقار علي ڀٽي سندس سياسي مخالف احمد رضا قصوريءَ خلاف هڪ سازش ڪري ڪيس مارائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ گولي ان کي لڳڻ بدران ان جي پيءُ کي لڳي، جنهن جي خلاف ڪا سازش ئي ڪا نہ هئي ۽ جنهن جي خلاف سازش ٿي اهو تہ اڄ بہ جيئرو آهي ۽ جنهن بقَول FIR سازش ڪئي ان کي ڦاسي ڏني وئي. مسئلو هو آمريڪا جي حڪم جي تعميل جو ۽ آڻ مڃائڻ جو پر ڀٽي شهادت قبول ڪئي ۽ آڻ ڪا نہ مڃي! بقول شيخ اياز:

آڻ مڃين ها عيش ڪرين ها، هينئن جوانيءَ ۾ نہ مرين ها.

جواب:

تون ڇا بہ چوين مان مرڻو ناهيان، ويس بدل سان ورڻو آهيان.
تنهنجي منهنجي جنگ ازل کان، جاري آهي جاري رهندي.

۽ واقعي ذوالفقار علي ڀٽي جي شهادت کي سال ٿيا آهن، پر جيئي ڀٽو جو نعرو اڄ بہ سڄي پاڪستان ۾ ائين گونجي ٿو جيئن سندس حياتيءَ ۾ گونجندو هو. پاڻ ويس بدلائي ٻئي روپ ۾ بہ انهن طاقتن سان وڙهي



رهيو آهي، جيڪي هن ملڪ تي حڪومت جو اڪيلو حق سمجهن ٿيون. جنهن نسل نہ ڀٽي کي ڏتو آهي ۽ نہ ان کي ٻڌو اهو نسل بہ اڄ جيئي ڀٽو جو نعرو هڻي ٿو ان جو ڪو بہ سبب ڪونهي، سواءِ ان جي تہ نئون نسل بہ ان حقيقت کان واقف آهي تہ عام غريب ماڻهوءَ جي زبان ذوالفقار علي ڀٽي جي وات ۾ هئي.

پاڻ سپريم ڪورٽ ۾ پنهنجي بيان جي آخر ۾ چيو هئائين تہ: اب آپ مجهي بڑي شوق سي پهانسي پر چڑها سڪتي هين! ۽ جنهن تي فيض چيو تہ:

لائو تو قتل نامہ ميرا مين بهي ديکهون،

ڪس ڪس کي مهر هي سر منظر لگي هوئي!

دنيا جي تاريخ ۾ اهڙين قربانين جا گهٽ مثال ملن ٿا، جنهن ۾ پاڻ شهيد ٿئي ۽ سندس بہ پُٽ پنهنجي جوانيءَ ۾ شهيد ٿين.

پهول مُرجها گئي هين ساري، تهمتي نهين آنسو آسمانون ڪي.

۽ نياڻيون جلاوطن هجن، صرف ان ڏوهہ ۾ تہ خدارا عوام ۽ عوام جي سچن پچن نمائندن کي اقتدار ڏنو وڃي. الله تعالي ڪري تہ ڀٽي خاندان جي شهيدن سميت سڀني شهيدن جون قربانيون رنگ لائين ۽ خلق خدا جو راڄ اچي.

⑥



# ٽائيفون ٽِپ، 1979ع وارو سامونڊي طوفان

ٽائفُونِ ٽِپِ يعني 1979ع وارو سامونڊي طوفان فلپائين مُلڪ ۾ سڏجندڙ مڪروه طوفان، سڀني کان وڌيڪ خطرناڪ ۽ سڀني کان وڌيڪ وڏو سامونڊي طوفان ڪري ليکيو وڃي ٿو. اهو سامونڊي طوفان، سن 1979ع ۾ پسفڪ وڏي سمنڊ ۾ طوفانن واري مُند ۾ لڳندڙ هي اُٺيهون طوفان ۽ ٻارهون برساتي طوفان هو. هن طوفان جي چوٽي، فلپائين جي پوهِنپيئي جزيري جي ويجهو برساتي دائري ۾ فزائي خلل پيدا ٿيڻ سبب وڏي ۽ ويجهي. شروعات ۾ ڪوسي ڪمربند ۾ پيدا ٿيل طوفان، اتر اولهه طرف برساتي طوفان جي واڌ ۽ رفتار کي روڪيو پر جڏهن هي برساتي طوفان 4 آڪٽوبر تي اتر طرف وڌيڪ پکڙيو تڏهن انهيءَ جي چوٽيءَ يا مُهاڙيءَ ۾ وڌيڪ تيزي پيدا ٿي. گوئام ٻيٽ کان اڳتي وڌڻ کان پوءِ، برساتي طوفان ۾ تيزي آئي ۽ هوا جي رفتار 305 ڪلوميٽر في ڪلاڪ ٿي وئي ۽ 12 آڪٽوبر تي سامونڊي سطح تي داٻ 870 ايم بار رڪارڊ ڪيو ويو. پنهنجي انتهائي سگهه ۾ هي سڀني کان وڏو سامونڊي برساتي طوفان هو جيڪو ڏرتيءَ جي ڪوسي ڪمربند ۾ چالو ٿيو جنهن جو قطر 2220 ڪلوميٽر برابر 1380 ميلن تي پکڙيل هو. مُسلسل اولهه ۽ اتر اولهه طرف

وڏندي طوفان جي چوٽي ڪي قدر ڪمزور ٿيڻ لڳي، پر پوءِ اهو اتر اوپر ڪنڌ ڏانهن مُڙندو 19 آڪٽوبر تي جپان جي ڏاڪٽي پاڳي ۾ ڏرتيءَ تي لهندو ايڪسٽرا ٽراپيڪل سائڪلون جي صورت اختيار ڪري ويو. انهيءَ برساتي ساموندي طوفان جي چڪاس واسطي آمريڪا جي هوائي فوج جي هڪ هوائي جهاز 60 پيرا طوفان واري علائقي ۾ چڪر ڏنا. انهيءَ طوفان جي چوٽيءَ مان وسندڙ برسات سبب، جپان ۾ ڪمبائينڊ آرمس ٽريننگ سينٽر ۾ بجليءَ جي شارٽ سرڪٽ سبب لڳل باهه ۾ 13 بحري فوج جا خلاصي مري ويا ۽ 68 ڄڻا زخمي ٿيا. جپان ۾ انهيءَ برساتي طوفان خطرناڪ ٻوڏ برپا ڪري وڌي، جنهن جي نتيجي ۾ ٻيا ٻه 42 ماڻهو اجل جو شڪار ٿيا. ڪيترائي بحري جهاز ٻڏي پيا ۽ 44 ماڻهو گم ٿي ويا. هن برساتي طوفان جي برپا ٿيڻ ۾ اول برساتي هوائن واري علائقي ۾ مسلسل تي هوائي دائرا پيدا ٿيا. جيڪي آڪٽوبر 1979ع ۾ فلپائين کان مارشل جزيرن تائين پکڙجي ويا ۽ 3 آڪٽوبر تي گُئام جزيري جي ڏکڻ اولهه طرف فضائي خلل پيدا ٿيڻ سان، اهو ڪوسي ڪمربند واري راجر نالي طوفان ۾ تبديل ٿي ويو ۽ ساڳئي ڏينهن جي پوئين پهر ۾ پوهنپيئي جزيري جي ڏکڻ طرف برساتي طوفان واري صورت اختيار ڪئي. ناموافق فضائي صورتحال جي باوجود، اولهه طرف وڏندي فضائي خلل ۾ واڌارو ٿيندو ويو. راجر نالي طوفان جي تيز لهرن سبب، چُڪ جزيري جي ڏکڻ اوپر طرف برساتي طوفان ۾ سگهه پيدا ٿي ۽ چڪاس وارين اڏامن کان پوءِ طوفان کان خبردار ڪندڙ مرڪز طوفان جي پيدائش بابت اطلاع ڏنو. چُڪ جزيري جي ويجهو رهندي، فضائي خلل ڪوسي ڪمربند واري طوفان جي صورت اختيار ڪئي. هن طوفان جي چڪاس ڪندڙ هوائي جهاز زمين جي سطح تي پيدا ٿيندڙ صورتحال بابت آگاهي ڏني. بيقائده وهڪري کان ڪيترائي ڏينهن پوءِ 8 آڪٽوبر تي برساتي طوفان واري چوٽيءَ اتر اولهه طرف تيزيءَ سان وڌڻ شروع ڪيو. انهيءَ وقت ڪوسي ڪمر بند واري طوفان، راجر، ايڪسٽرا




ٽراپيڪل طوفان واري صورت اختيار ڪئي ۽ نتيجتاً ڏاڪٽي وهڪري سان طوفاني چوٽيءَ ۾ نمودار ٿيو. تڏهن انهيءَ جي اتر اولهه طرف وڏندي گُئام جزيري وٽ زمين تي لهڻ واري اڳڪٽي ڪئي وئي، پر اهو اولهه طرف مُڙندو. 9 آڪٽوبر تي گُئام

جزيري کان 45 ڪلوميٽر ڏکڻ طرف پري ٿي ويو. انهيءَ ڏينهن دير سان چوٽيءَ برساتي طوفان واري صورت اختيار ڪئي ۽ موافق فضائي ڪيفيت سبب پيسفڪ وڏي سمنڊ جي اولهندي ڀاڱي ۾ تيزي پيدا ڪئي. 10 آڪٽوبر جي شام جو طوفان جي رفتار ڪيٽگري نمبر چار کي وڃي رسي ۽ ٻئي ڏينهن برساتي طوفان پنهنجي عروج کي وڃي رسيو. فضائي داٻ 92 ايم بار درجا هيٺ لٿو ۽ 9 ۽ 11 آڪٽوبر دوران هن برساتي طوفان جو قطر 2220 ڪلوميٽرن تي پکڙجي ويو. 12 آڪٽوبر تي انهيءَ علائقي ۾ داٻ 870 ايم بار درجا ڪِري پيو ۽ هوا جي رفتار 305 ڪلوميٽر في ڪلاڪ کي وڃي پهتي. انهيءَ وقت طوفان جي چوٽي يا مُهاڙي گُئام جزيري کان 840 ڪلوميٽر اولهه-اتر اولهه طرف پري موجود هئي. انهيءَ بابت جپان جي موسميات واري اداري اطلاع ڏنو ته طوفان جي رفتار 260 ڪلوميٽر في ڪلاڪ هئي. 13 آڪٽوبر تي اڳين کان پوءِ طوفاني چوٽي, اوڀر ميريڊيئن جي 135 ڊگري وٽان لانگهائو ٿي وئي ۽ فلپائين جي موسمياتي اداري انهيءَ برساتي طوفان کي "وارلينگ" نالو ڏنو ۽ انهيءَ مان پيدا ٿيندڙ اثرات جي خبر ڏني. پنهنجي عروج کي رَسڻ کان پوءِ طوفاني مهاڙيءَ جي رفتار گهٽ ٿي 230 ڪلوميٽر في ڪلاڪ ٿي. پنجن ڏينهن تائين هوائن جو گهيرو 55 ڪلوميٽرن ۽ 1100 ڪلوميٽرن جي وچ ۾ رهيو. 17 آڪٽوبر تي طوفاني مهاڙي پنهنجي حد ۾ گهٽجڻ شروع ٿي. اوڪيناوا وٽان لنگهڻ کان پوءِ ان جي رفتار ۾ وري به 75 ڪلوميٽر في ڪلاڪ جو اضافو ٿيو. 19 آڪٽوبر تي برساتي طوفان جي چوٽي جپان جي هونشو جزيري ۾ زمين تي لٿي, تڏهن ان جي رفتار 130 ڪلوميٽر في ڪلاڪ هئي. 22 آڪٽوبر تي طوفاني مهاڙي اتر اوڀر طرف وڌندي, ڪمزور ٿيندي انٽرنيشنل ڊيٽ لائين وٽان لنگهي وئي. انهيءَ جو مشاهدو الاسڪا وارن جزيرن وٽان ڪيو ويو هو. هن برساتي طوفان گُئام جزيري وٽان لنگهندي سخت برسات وسائي ۽ اينڊرسن ايئرفورس بيس وٽ 23.1 سينٽي ميٽر برسات رڪارڊ ڪئي وئي. فلپائين واري لِيوُزن جزيري جي جابلو علائقي ۾ برسات البت گهٽ پئي هئي. سخت برسات پوڻ سبب فيوجي ڪيمپ ۾ ٻوڏ کان بچاء واري ديوار ٽٽي پئي, جنهن سبب پاڻي ڪناري تي اڏاوتن ۾ ڪاهي آيو ۽ اتي تيل جي ذخيري مان تيل وهي پکڙجڻ لڳو. تنهن کي باهه لڳي وئي. انهيءَ ڪري 13 بحري خلاصي مري ويا ۽ 68 ڄڻا زخمي ٿيا. ۽ جزوي طرح جائين جڳهين کي پڻ نقصان رسيو. اتي بيرڪن کي نئين سر تعمير ڪيو ويو ۽ اجل جو شڪار ٿيل ماڻهن جي لاءِ هڪ يادگار قائم ڪيو ويو. طوفان جي ابتو قرڻ دوران اهو اوڪيناوا جزيري جي اوڀر طرف کان اٽڪل 65 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تان 72 ڪلوميٽر في ڪلاڪ جي رفتار سان لنگهيو. هن برساتي طوفان جي برپا ٿيڻ سبب جپان جي زرعي شعبي ۽ مهايگيريءَ واري شعبي کي ڪروڙين ڊالرن جو نقصان ٿيو. اٺ بحري جهاز پڇي پُري غرق ٿي ويا. 44 مهاڻا مري غرق ٿي ويا. چين جو هڪ بحري جهاز به ڀڄي به اڌ ٿي پيو پر انهيءَ ۾ سوار 46 ماڻهن کي بچايو ويو. هن طوفان جي برسات سبب جپان جي جابلو علائقن ۾ ڇهه سؤ کان وڌيڪ ڇپون ڪري پيون, ٻاويهه هزار گهر ٻڏي ويا. جپان ۾ 70 هنڌن وٽان بچاء بند ٽٽي پيا, 27 پليون تباه ٿي ويون. انهن کان سواءِ 105 هنڌن وٽان به بند ٽٽا هئا. 11 هزار ماڻهو بي گهر ٿيا, سارين توڙي صوفن ۽ ٻين ميون جا باغ به اجڙي ويا. پنج وڏا بحري جهاز گهري سمنڊ ۾ غرق ٿي ويا ۽ ٽوڪيو شهر ۾ به چارماڙ عمارتون به ڊهي پيون. آمدرفت ۽ سواري يعني ٽرانسپورٽ جو نظام

بگڙي ويو. 200 ريل گاڏيون ۽ 160 هوائي اُڏامون منسوخ ٿيون. گذريل تيرهن سالن ۾ هن جهڙيون طوفاني خطرناڪ برساتون ڪو نہ پيون هيون. هي برساتي طوفان، تائفونِ ٽِپ ڪوسي ڪمر بند ۾ لڳڀڳ سڀني کان وڏو طوفان هو. جنهن جو قطر 2220 ڪلوميٽرن تي مُحيط هو. هن کان اڳ سن 1951ع ۾ برپا ٿيل تائفون مرج نالي برساتي طوفان جو قطر 1130 ڪلويمٽر يعني هن طوفان واري قطر کان اڌو اڌ گهٽ هو. هن طوفان جي مرڪز ۾ گرميءَ جو درجو 30 ڊگري سينٽي گريڊ هو. جپان جي موسمياتي کاتي جي رڪارڊ مطابق تائفون ٽِپ نالي برساتي طوفان، رڪارڊ ٿيل ڪوسي ڪمر بند وارن طوفانن ۾ سڀني کان وڏو طوفان هو ۽ سڀني کان وڏيڪ طاقتور طوفان پڻ هو. هن طوفان ۾ داٻ 870 ايم بار ڊگريون گهٽ هو. گهري اڀياس کان پوءِ تن مُحققن انڪشاف ڪيو تہ هن طوفان کان پوءِ آئل بہ طوفان: 1. اينجلا، جيڪو 1995ع ۾ برپا ٿيو هو ۽ ٻيو گي برساتي طوفان، جيڪو 1992ع ۾ آيو هو. اهي ٻئي طوفان، تائفون ٽِپ طوفان کان وڌيڪ طاقتور هئا. هن کان پوءِ پيدا ٿيل طوفان، تائفون هائين جيڪو سن 2013ع ۾ آيو تنهن دؤران داٻ 858ايم بار ڊگريون گهٽ هو. سن 2015ع ۾ آئيل طوفان، هريڪين پيٽريشيا دؤران داٻ 872 ايم بار ڊگريون گهٽ هو ۽ انهيءَ جي رفتار 345 ڪلوميٽر في ڪلاڪ هئي. هن برساتي طوفان واري سگهہ ۽ انهيءَ سبب پيدا ٿيل نقصان کان هٽي ڪري، سن 1983ع، 1986ع ۽ 1989ع ۾ برپا ٿيل برساتي طوفانن کي ٽِپ نالو ڏنو ويو.

⑥





# ايراني انقلاب

سن 1977ع جي پڇاڙيءَ ۾ ايران جو مظلوم عوام تهران ۾ ايران جي سمورن وڏن ننڍن شهرن جي رستن تي نڪري آيو ۽ شاهه ايران مُرده باد ۽ آمريڪا مُرده باد جي نعرن سان سڄي ايراني حڪومت کي لوڏي ڇڏيو. ايران جي وِچئين طبقي، ڪاٻي ڌُرسان تعلق رکندڙ يونيورسٽين جي اعليٰ تعليم حاصل ڪندڙ طبقي، مظلوم هاري ۽ پورهيت طبقي ۽ آيت الله خُميني جي پوئلڳ شيعه مُلان طبقي گڏجي شهنشاهه ايران، محمد رضا شاهه پهلويءَ جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ لاءِ جدوجهد شروع ڪئي، پر شهنشاهي نظام حڪومت جي بدران ملڪ ۾ ڪهڙو نظام حڪومت قائم ڪجي، تنهن جو حتمي فيصلو اڃا ڪو نه ڪري سگهيا هئا. دراصل ايران ۾ جمهوري اصولن تحت چونڊيل وزيراعظم ۽ سندس حڪومت جو تختو آمريڪا جي عالمي جاسوس اداري، سي آءِ اي جي مدد سان اونڌو ڪري، شهنشاه محمد رضا شاهه پهلوي کي سن 1953ع ۾ سندس اقتدار بحال ڪري ڏنو ويو. تڏهن هن ايراني سماج ۾ اولهه جي ترقي يافته ملڪن جو نقل ڪندي هڪ نرالي جَدِيدِيَت پيدا ڪئي. هن ايران ۾ نئين معاشي نظام جي اوسر ۾ واڌارو ڪيو هڪ نئون

وچيون يعني بورزواري طبقو پيدا ڪيو ۽ عورتن جي حقن کي اُجاگر ڪيو. هن پردي، چادر ۽ حجاب جي استعمال کي غير قانوني قرار ڏنو عورتن جي تعليم جي همٿ افزائي ڪئي ۽ سندن روزگار جو بندوبست ڪيو. انهن پلائيءَ جي ڪمن کان سواءِ شاه ايران پنهنجي مخالف ڌرين کي پنهنجي ظلم، ستم ۽ انتقام جو نشانو بنائيندي، ڪين قيد ۽ مٿن طرح طرح جو تشدد روا رکيو. انهيءَ ظلم ۽ تشدد کي برقرار رکڻ واسطي هڪڙي سفاڪ ڳُجهي پوليس قائم ڪئي، جنهن کي ساواڪ سڏيندا هئا. شاهه ايران جي آندل سُڌارن، خصوصاً عورتن جي حقن وارن قانونن جي نفاذ شيعه مُسلڪ جي مُلن کي سخت ڪاوڙ ڏياري. ايران ۾ ناموافق حالتن سبب سندن اڳواڻ آيت الله خميني ملڪ ڇڏي پهرين عراق ۾، تنهن کان پوءِ سن 1964ع کان وٺي فرانس ۾ جلاوطن ٿي رهڻ لڳو. انهيءَ دؤر ۾ آمريڪا پنهنجي خواهش موجب ايران ۾ شهنشاهه پهلويءَ جي حڪومت کي برقرار ۽ مضبوط بنائڻ لاءِ گهربل جتن ڪندو رهيو. ڇو ته سوويٽ يونين طرفان ٿيندڙ توسيع کي روڪڻ لاءِ آمريڪا ايران ۾ شهنشاهه پهلوي جي اقتدار جي موجودگي کي ڪميونسٽ توسيع کي روڪيندڙ بچاءَ واري مضبوط ديوار طور ضروري ٿي ڄاتو. جيئن ته اُنهيءَ دؤر ۾ سوويٽ يونين جي هڪڙي رياست، تُرڪمينِستان جي سرحد ايران سان ملندڙ هئي، جِتان ڪميونسٽ نظام جي ايران ۾ آسانيءَ سان داخلا جو امڪان موجود هو. مذڪور صورتحال دؤران آمريڪا جو ايران سان اهڙو ڳنڍجوڙ هجڻ سبب، ايراني حزب اختلاف شاهه ايران کي آمريڪي پِٺو گردانڻ لڳو. وِيهَئين عيسوي صديءَ جي ستر واري ڏهاڪي دؤران ايران تيل جي پيدا وار مان گهڻو نفعو ڪمايو. تنهن ڪري شاهوڪار طبقي، جنهن ۾ واضح اڪثريت شهنشاهه جي عزيزن ۽ قريبن جي شامل هئي، ۽ ايران جي غريب ۽ مظلوم طبقي جي وچ ۾ تمام گهڻي ڇڪتي ٿي وئي. نادار ۽ لاچار غريب پورهيت ۽ هاري طبقي ۾ سن 1975ع ۾ پيدا ٿيندڙ معاشي زوال سبب ايراني سماج جي مختلف طبقن ۾ حيراني، پريشاني ۽ ڇڪتاڻ وڌندي رهي. سڄي ايران ۾ اڻ ڏريا ۽ عير جانبدار احتجاج، جلوس، تنظيمون ۽ سندن ڪارگذاريون ۽ شاهه مخالف انقلابي گيت گائجڻ ۽ گونجڻ لڳا. آڪٽوبر، سن 1977ع ۾ آيت الله خمينيءَ جو 47 سالھ جوان پٽ، مصطفيٰ جي اوچتي وفات متعلق خبر پئي ته کيس ايران جي ظالم جاسوسي پوليس ساواڪ شهيد ڪيو آهي، ته يڪدم ايران جي مڙني وڏن شهرن ۾ ايراني عوام سخت احتجاج، غم ۽ غصي جو اظاهر ڪيو. اهي شاهه جي خلاف جلسا ۽ جلوس شهنشاهه لاءِ نهايت نازڪ وقت جا مرتڪب ٿيا. تڏهن هو ڪينسر جي موذي مرض ۾ مُبتلا هو تنهن سبب عوام آڏو اچڻ کان لاچار هو. جنوري 1978ع ۾ شاهه جي وزير اطلاعات، ايران جي هڪڙي مکيه اخبار ۾ هڪڙو ليک شايع ڪرايو تنهن ۾ آيت الله خمينيءَ تي سخت تنقيد ڪئي ۽ کيس برطانيه جي جديد بينڪي راڄ جي مفادن جو پرچارڪ ۽ بلڪل بي وفا ۽ بي پروسو شخص قرار ڏنو. ٻئي ڏينهن قم شهر جي شيعه فرقي جي مدرسن جي شاگردن سخت احتجاج ڪندي سرڪاري املاڪ کي توڙي ڦوڙي نقصان رسايو. انهيءَ کي روڪڻ لاءِ سرڪاري فوج شاگردن تي ڪڙڪي پئي ۽ ٻن ڏينهن اندر گهٽ ۾ گهٽ ستر شاگردن کي گوليون هڻي شهيد ڪري وڌو. انهيءَ وقت تائين سرڪار جي خلاف احتجاج ڪندڙ عوام ۾ مذهبي ڌر ۽ غير مذهبي ڌُريون گڏيل اڳواٽي ۾ سياسي سرگرمين ۾ شامل هيون، پر قم ۾ وڏي انگ ۾ شاگردن جي قتلام واري واقعي کان پوءِ شاهه



جي خلاف انقلابي تحريڪ جي اڳواٽي مذهبي تنظيمن، خصوصاً آيت الله خمينيءَ واري شيعہ تنظيم ڪرڻ لڳي. فيبروريءَ جي مهيني ۾ تبريز جي شاگردن ۽ نوجوان طبقي قم ۾ شهيد ٿيل شاگردن جي ياد ۾ هڪڙو زبردست جلوس ڪڍيو ۽ بينڪن سميت سرڪاري عمارتن کي پيچي سخت نقصان رسايو ايندڙ ڪيترن ئي مهينن دؤران اهڙن جلوسن ۽ جلسن جو سلسلو سڄي ملڪ ۾ پکڙندو رهيو جنهن ۾ سرڪاري املاڪ کي پيچي پور ڪيو پئي ويو تہ انهيءَ کي روڪڻ لاءِ سرڪاري هٿيار بند ادارن پڻ احتجاج ڪندڙ عوام تي سخت تشدد ۽ خون ريزي روا رکي. سرڪار پاران تشدد جي خلاف احتجاجي عوام، سئنيمائن، ٿيٽرن، نائيٽ ڪلبن ۽ پوليس ٿاڻن تي زوردار حملا شروع ڪري ڏنا. سرڪاري فوج جيڪا انهن پيچ ڏاهہ وارين ڪارروايين کي روڪڻ لاءِ اماڻي هئي، سا بہ هاڻي عوام جو طرف وٺن لڳي ۽ عوام تي تشدد ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ لڳي. سرڪار مخالف احتجاجي تحريڪن جي اڳواٽي ڪٽر شيعہ طبقي پنهنجي رهبر آيت الله خمينيءَ جي حق ۾ نعرا هڻڻ شروع ڪيا ۽ ڪيس وطن موٽي اچڻ جي گهُر ڪرڻ لڳا، جيڪو فرانس ۾ جلاوطن ٿي ويٺو هو. آيت الله خميني شهنشاهہ جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ لاءِ عوام کي تلقين ڪندو رهيو ۽ انهيءَ وقت ملڪ ۾ جمهوريت جي بحاليءَ جي گهُرَ ڪئي، پر پوءِ انهيءَ کي رد ڪري ڇڏيائين. آگسٽ جي مهيني ۾ آبادان شهر ۾ ريڪس سائنيما کي مچريل ماڻهن باهہ لڳائي، جنهن سبب اها سئنيما تہ سڙي رک ٿي وئي، پر منجهس موجود چار سئو کن ماڻهو بہ سڙي مري ويا. انهيءَ سئنيما کي باہ لڳائڻ جو بهتان حزب اختلاف ايران جي بدنام زمانہ جاسوس پوليس ساواڪ تي مڙهيو. تنهن کان پوءِ تہ سرڪار جي خلاف تحريڪ بلڪل زور وٺي وئي.



سيپٽمبر مهيني ۾ سياه جمع واري واقعي سبب ملڪ ۾ وڳوڙ ۽ انتشار وڌي ويو. شهنشاه ايران طرفان مُلڪ ۾ مارشل لا جي نفاذ جي خلاف احتجاج ڪرڻ واسطي سرڪار مخالف عوام تهران جي مشهور ميدان تي اچي 8 سيپٽمبر تي نهايت پرامن طور تي گڏ ٿيو تہ شاهہ انهن کي سيکت ڏيڻ ڪاڻ مٿن فوج جو حملو ڪرايو جنهن دوران ٽينڪون ۽ هيليڪاپر گن شپ پڻ استعمال ڪيا ويا. انهيءَ فوجي حملي سبب، سرڪاري پڌرائيءَ موجب 88 کان 300 کن احتجاج ڪندڙ پر امن شهري فوج هٿان شهيد ٿي ويا. حزب اختلاف شهيدن جو انگ هزارن ۾

جاڙايو. تنهن کان پوءِ هنگاما، اسٽرائيڪون، ۽ جلسا جلوس سڄي ملڪ ۾ وڏي پيماني تي منعقد ٿيندا رهيا، جنهن ڪري تيل جي ڪارخانن سميت نجي توڙي سرڪاري ڪارخانا ۽ سمورو ڪاروبار بند ٿي ويو. پنجين نومبر 1978ع ۾ شهنشاهه موجود اعتدال پسند وزير اعظم کي معزول ڪري مُلڪ ۾ فوجي جنرل، غلام رضا اظهريءَ جي اڳواڻيءَ تخت فوجي حڪومت برپا ڪئي. جنهن هڪڙي تقريب ۾ خطاب ڪندي عوام کي دلاسو ڏيندي چيو تہ مون لکين عوام جو پيغام ٻڌو آهي. آئون هڪ هزار سياسي قيدين کي آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏيان ٿو ۽ 132 بدعنوان ڪامورن کي گرفتار ڪرڻ جو پڻ حڪم ڏيان ٿو جن ۾ سابق ساواڪ سربراهہ بہ شامل آهي. شاهہ جي مٿين حڪمن تي عمل ٿيڻ ڪري احتجاجي تحريڪ ڪجهہ مانئي ٿي پر چند هفتن اندر اها وري بہ چالو ٿي وئي. ٻارهن ڊسمبر 1978ع تي ڏهن لکن کان بہ گهٽي تعداد ۾ پر امن عوام تهران ۽ سڄي ملڪ جي ننڍين توڙي وڏن شهرن ۾ محرم شريف جي عاشوري ملهائڻ خاطر رستن تي نِڪِرِي آيا ۽ آيت الله خمينيءَ کي وطن موٽي اچڻ جي گهر ڪئي تہ جيئن اهو انقلاب جي قيادت سنڀالي. سراپ ۾ ورتل شاهہ ترت هڪڙو نئون وزير اعظم مقرر ڪيو. جيڪو اعتدال وارو ۽ حزب اختلاف سان واسطو رکندڙ هو پر هن ساواڪ پوليس کي ختم ڪرڻ ۽ سمورن سياسي قيدين کي آزاد ڪرڻ کان انڪار ڪيو. تنهن ڪري انقلابي عوام شاهہ جي ڳالهين ۾ نہ آيو. ۽ شاهہ جا آمريڪي ساٿي بہ سهي ڪري ويا تہ شاهہ جي اقتدار جا ڏينهن اچي آڱرين تي ڳڻڻ جيترا بچيا آهن. 16 جنوري 1979ع ۾ شاهہ محمد رضا پهلوي اعلان ڪيو تہ پاڻ ۽ سندس زال مختصر دوري تي ولائت وڃي رهيا آهن. شهنشاه ايران جو هوائي جهاز کين کڻي جيئن ئي اڏامي پرڏيهہ روانو ٿي ويو. تيئن ئي ايران جو انقلابي عوام شهنشاهہ کي ملڪ مان ڀڄائي ڪيڻ جي ڪاميابي تي خوش ٿيندي ملڪ جي مڙني شهرن جي رستن تي نڪري آيو ۽ شهنشاهہ ۽ سنس خاندان جا نصب ٿيل مجسما ڪيرائڻ ۽ پيچڻ لڳو ۽ سندن تصويرون بہ ڦاڙي چٽ ڪرڻ لڳو. ڪجهہ هفتا اڳ مقرر ٿيل وزيراعظم شاپور بختيار، سمورا سياسي قيدي آزاد ڪري ڇڏيا، بدنام زمانہ جاسوسي پوليس ”ساواڪ“ کي توڙي ڇڏيو ۽ فوج کي هدايت ڪئي تہ احتجاج ڪندڙ عوام تي ڪنهن بہ قسم جو تشدد نہ ڪيو وڃي ۽ انهن جي خلاف ڪا بہ ڪارروائي نہ ڪئي وڃي. وزير اعظم بختيار شاپور آيت الله خمينيءَ کي ايران موٽي اچڻ جي اجازت ڏني ۽ آزاد ۽ غير جانبدار چونڊون ڪرائڻ جو اعلان پڻ ڪيو. پهرين فيبروري 1979ع ۾ آيت الله خميني پيرس کان هوائي جهاز وسيلي تهران پهتو جتي سندس والهانہ استقبال ڪيو ويو. تهران پهچڻ شرط آيت الله خميني شاهہ پور بختيار جي حڪومت جي خاتمي جو اعلان ڪيو ۽ نئين وزيراعظم ۽ نئين وزارت تي مشتمل ايران ۾ اسلامي انقلابي حڪومت جي قيام جو پڻ اعلان ڪيو. نائين ۽ ڏهين فيبروريءَ تي شهنشاه جي حمايتي فوجي گارڊن ۽ خميني جي حمايتي ايراني هوائي فوج جي دستن ۾ جهيڙو ٿي پيو انهيءَ جو انت شهنشاهہ جي حمايتي دستن جي خمينيءَ جي حمايتي هوائي فوجي دستن هٿان ٻارهين فيبروريءَ تي تباهيءَ جي صورت ۾ ٿيو ۽ سرڪاري پڌرائيءَ ۾ ايران ۾ پهلوي گهراڻي جي حڪومت جو خاتمو ۽ اتي اسلامي انقلاب جي ڪاميابي ۽ اسلامي انقلابي حڪومت جي آيت الله خميني جي قيادت ۾ قيام جو اعلان ڪيو ويو.

⑥




# سوويت يونين جو ٽٽڻ

اشتراڪي رياستن جي اتحاد، سوويت يونين جي حيرت انگيز طور تي ڌهي ختم ٿيڻ واري واقعي کي، دنيا جي اولهه وارن سرمائيداري نظام تي مُبني جمهوري مُلڪن ۾، آمريڪا جي صدر ريگن ۽ برطانوي وزيراعظم ٿيچر جي پاليسين جي نتيجي طور، سرمائيداري نظام ۽ جمهوريت جي فتح سان تعبير ڪيو ويو ٿو. پر حقيقتاً پاڻ کي خوش ڪندڙ ۽ جس لهندڙ انهيءَ خود ساخته تجزئي جو انهن حقيقي اندروني سياسي، معاشي ۽ سماجي حالتن ۽ سندن محرڪات سان معروضي طور نهايت مختصر ۽ مُبهم لاڳاپو ڏسڻ ۾ ايندو. جيڪي سوويت يونين جي خاتمي جا اصل تاريخي اسباب هئا. جذباتي سياسي تقريرن ۽ تحريرن، سخت سفارتي لاڳاپن ۽ واپاري بندش جهڙن عملن جو ننڍين اشتراڪي رياستن تي بہ تمام گهٽ اثر ٿئي ٿو. ڪيوبا، ويتنام ۽ اتر ڪوريا انهيءَ حقيقت جا حامل

آهن. عالمي طاقت جي حيثيت ۾ سوويت يونين 1980ع کان بہ اڳ زوال جو شڪار ٿيڻ لڳو. تنهن کان اڳ، 1960ع واري ڏهاڪي دوران، سوويت يونين ۽ چين جي وچ ۾ حقيقي دوستيءَ ۽ ڀڄي وارا خوشگوار ۽ پراڻا لاڳاپا خراب ٿي چڪا هئا، جنهن سبب عالمي اشتراڪي تحريڪ ۾ رُخنو پيدا ٿيو. انهيءَ صورتحال مان فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ آمريڪا لاڳيتو ڪوشان رهيو ۽ ستر واري ڏهاڪي دوران، آمريڪي صدر، نِڪسَن، چين سان لاڳاپا پيدا ڪيا ۽ سُڌاريا. انهيءَ دور ۾ سوويت يونين پنهنجي حڪمت عملي تحت، آمريڪا کي ايٽمي هٿيار گهٽائڻ خاطر، ناهہ ڪرڻ تي راضي ڪيو ۽ ”اينٽي بالِسٽِڪ ميزائيل ۽ ”اِسٽرِيٽِجِڪ آرمس لِميٽيشن“ نالي ايٽمي هٿيار گهٽائڻ بابت، آمريڪا سان سن 1972ع ۾ ناهہ ڪيا ۽ سوويت يونين جي صدر بريزهنيف پنهنجي گهرو اقتصادي ۽ سماجي ترقيءَ ڏانهن ڌيان ڏنو جنهن ڪري ڪيس ڏيهہ توڙي پرڏيهہ ۾ مقبوليت حاصل ٿي. پر تنهن کان پوءِ سوويت يونين 1975ع ڌاري اقتصادي ٺهراءِ يا روڪ واري صورتحال ۾ داخل ٿيو جنهن مان اهو وري ڪڏهن بہ نڪري نہ سگهيو. تنهنڪري، وقت سر مدد لاءِ، انهيءَ يورپ جي سرمائيدار مُلڪن سان تعلق قائم ڪيو ۽ اولهہ جرمنيءَ کان قرض ورتو ۽ آمريڪا کان اناج خريد ڪيو. انهيءَ وقت ڪميونزم جي خلاف عالمي سطح تي هڪ وڏو سياسي اتحاد بنائڻ جي باوجود، آمريڪا توڙي اولهہ يورپ جي سرمائيدار ملڪن، سوويت يونين سان روڪڙي رقم عيوض تجارتي تعلقات برقرار رکيا. پرڏيهي واپار ۽ نالي ماتر اقتصادي سُڌارا، رياستن جي ماتحت اقتصادي سرشتي ۾ نااهلين ۽ رشوت خوريءَ کان سواءِ اولهہ يورپ جي ڀيٽ ۾ ٽيڪنالاجيءَ جي لحاظ کان پُٺتي پيل صورتحال دوران، ڪا خاطر خواه مثبت تبديلي آڻي، اشتراڪيت کي اڳتي وڌائڻ جي قابل نہ رهيا. ملڪ ۾ اقتصادي منصوبا بنائيندڙ سياستدان ۽ اعليٰ اهلڪار ملڪ جي حقيقي معاشي مسئلن ۽ گهرجن کي سمجهڻ ۽ اُنهَن جو حقيقي حل ڳولهي لهڻ ۾ سدائين ناڪام رهندا آيا، ڇو تہ سندن واسطيدار اصل ڪامورو لڏو کين هميشہ غلط ۽ ڪوڙيون رپورٽون ڏيندو هو جن موجب هر ڪم ڪار بهتر طريقي سان پئي هليو ۽ سڀ خير هو. جڏهن تہ حقيقتاً اولهہ يورپ ۽ آمريڪا جي ڀيٽ ۾ سوويت يونين ۾ زندگيءَ جو معيار گهٽ درجي وارو هو. 1980ع واري ڏهاڪي ۾ 9 سيڪڙو سيوويت شهرين وٽ موٽر گاڏيون هيون، جيڪي بريزهنيف جي اقتصادي پاليسين سبب مهيا ٿي سگهيون هيون. عام زندگيءَ ۾ ڪمپيوٽر جو استعمال تمام گهٽ تعداد ۾ پئي ٿيو ۽ اهو گهڻي قدر سرڪاري دفترن ۽ تجارتي ادارن ۾ استعمال پئي ٿيو. عام طرح مقابلي ۽ چٽاپيٽيءَ واري صورتحال نہ هجڻ ڪري ۽ ٽيڪنالاجي ۾ معيار جي گهٽتائيءَ جي باوجود سوويت يونين پنهنجو ڪم هلائيندو رهيو فوجي سبقت برقرار رکڻ

لاءِ کيس اولھہ جي سرمائيداري نظام واري جديديت سان ڳُلھو ڪلھي سان ملائي ھلڻو ٿي پيو. 1970ع واري ڏھاڪي ۾، آمريڪي صدر، ريگن، ريڊيو تي نشر ٿيندو سندس تقريرن ۾ پنھنجن اتحادي سرمائيدار ملڪن خلاف شڪايت ڪندو رھيو تہ ”انھن، سوويت يونين واري، اصل ڪان جڏي حڪومت کي خوامخواھہ سھارو ڏئي، انھيءَ کي برقرار رھڻ ڏنو آھي. اُھي جيڪڏھن انھيءَ کي مالي مدد ڏيڻ بند ڪن، تہ اھا، سندس اندروني اوڻائين سبب، پاڻ مُرادو ئي ڊھي ختم ٿي ويندي.“ مَٿيئَن بيانن کي بنياد بنائيندي، سوويت يونين سان چڪتاڻ ۾ آمريڪا طرفان نرم پاليسيءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ اختيار ڪيل قدم صدر ريگن سان منسوب ڪيو وڃي ٿو پر سوويت يونين سان حقيقت ۾ نئين




سر دشمني وڌائڻ وارو عمل سن 1979ع ۾ ماسڪو ۾ ٿيندڙ اولمپڪ راندين ۾ شرڪت نہ ڪندي، آمريڪا جي صدر، جِمي ڪارٽر شروع ڪيو ھو. ھُن سوويت يونين طرفان افغانستان ۾ پنھنجي حمايتي حڪومت جي پُٺڀرائي ۾ پنھنجي فوج موڪلڻ خلاف، گوريلا فورس تيار ڪري جنگ لاءِ موڪليو ۽ انھيءَ بھاني ھُن آمريڪا جي فوجي بجيٽ بہ وڌائي ڇڏي. انھيءَ ساڳئي سال يعني 1979ع ۾ آمريڪا ۽ سوويت يونين، ٻنھي، عالمي طاقتن جي حيثيت ۾ ايس اي ايل ٽي نالي ايٽمي ۽

ٻين خطرناڪ هٿيارن کي گهٽائڻ خاطر، ٻنهي مُلڪن جي وچ ۾ ٿيندڙ ڪانفرنس جي فيصلن تي عمل ڪرڻ لاءِ هڪ ٻئي کي ذميوار قرار ڏنو. صدر ريگن، پنهنجي حڪومت دوران سوويت يونين کي ”ايوِل اِمپائر“ يعني بڇڙي، سلطنت سڏيندي، سموري دنيا جي سرمائيدار ملڪن کي انهيءَ جي خلاف سمورا ممڪن اُپاءَ وٺڻ لاءِ مسلسل اُڪسائيندو رهيو. تنهن ڪري انهن ملڪن کي خوف جاڳيو ته خدا نه خواسته، ڪيوبا ۾ ميزائيل نصب ٿيڻ سبب، پيدا ٿيندڙ جنگ جي خطري وانگر وري يورپ ۾ شل اهڙي صورتحال پيدا نه ٿئي. ڇاڪاڻ ته صدر ريگن دنيا کي سوويت يونين کان ڊيڄاري، پنهنجي اتحادي ملڪن سان گڏجي، سوويت يونين سان ايٽمي جنگ ڪري، اها جنگ کٽي، سوويت يونين کي صفحه هستيءَ تان ترت ميسارڻ تي چاهيو. انهيءَ سامراجي مقصد جي حصول خاطر، خطرناڪ هٿيار گهٽائڻ وارا معاهدا ڪرڻ جي باوجود، صدر ريگن سوويت يونين خلاف هر قسم جي خطرناڪ ايٽمي هٿيارن جي تعداد ۾ اضافو ڪيو ۽ فوجي خرچ وڌايو. تنهن ڪري ٻئي طرف سوويت يونين پڻ اسلحي جي دوڙ ۾ مجبوراً ملوث رهيو پر اجا معاشي گهوٽالي جو شڪار ڪو نه ٿيو. آمريڪا جي دشمنيءَ ۾ شدت پيدا ٿيڻ سبب، سوويت يونين ۾ صدر گورباچوف جي سُڌارن خلاف، سخت گير سوويت سياستدانن ۽ اهلڪارن کي وجهه مليو ۽ انهن به پنهنجي بچاءَ خاطر خطرناڪ هٿيارن ۾ اضافو ڪيو. اها ڳالهه ٿي سگهي ٿو ته سچ هجي، ته سوويت يونين هٿيارن جي ڊوڙ ۾ آمريڪا کان کٽي ڪو نه سگهندو، پر سندس اوير يورپ ۾ اثر ختم ٿيڻ ۽ خود سندس اتحاد، يعني سوويت يونين جي ٽُٽَڻ جا حقيقي سبب، سرد جنگ جي پڇاڙيءَ واري عرصي دوران سوويت يونين جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي جوڙجڪ ۽ ڪميونزم جي عالمي تحريڪ سان سوويت يونين جي گورباچوف سرڪار جي غداري هئي. آمريڪا جي سختگير سياستدانن ۽ صلاحڪارن صدر ريگن تي زور ڀريو ته سوويت يونين کي آمريڪا، سندس اتحادي توڙي ٻين سرمائيدار ملڪن کان ملندڙ سمورو قرض ۽ مالي مدد مڪمل طور بند ڪرائڻ لاءِ سمورا گهربل اُپاءَ ورتا وڃن ۽ ساڻس ٿيندڙ پرڏيهي واپار پڻ مڪمل طور بند ڪرائجي. صدر ريگن کي مِلندڙ مٿين صلاحن، راين ۽ خيالن کي آمريڪا جي واسطيدار سرڪاري رڪارڊ ۾ به محفوظ ڪيو ويو ته جيئنئن سوويت يونين کي شڪست ڏِيڻ لاءِ ريگن جي ڪوشش کي ڳَٽائي ۽ ساراهي سگهجي. جڏهن ته مٿي بيان ڪيل سمورين خواهشن ۽ ڪوشش جي باوجود آمريڪا ۽ سوويت يونين جا پاڻ ۾ تجارتي تعلقات برقرار رهيا ۽ ۽ يورپي سرمائيدار ملڪن کان سوويت يونين کي گهُربل قرض به ملندا رهيا. آمريڪا وانگر سوويت يونين هٿيارن جو واپار ڪو نه ڪندو هو. هن سدائين آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪندڙ ايشيائي ۽ آفريڪي غلام




قومن ۾ ملڪن کي يڪجهتي ۾ مدد طور هٿيار مهيا ڪيا. تنهن ڪري ڪيس انهيءَ عمل مان ڪو بہ مالي فائدو حاصل ڪو نہ ٿيو جيئن هٿيارن جا واپاري، آمريڪا، فرانس ۽ ٻيا سرمائيدار ملڪ بي تحاشا ناڻو ڪمائي رهيا آهن. ڪميونزم دشمن هئڻ جي ناتي، صدر ريگن، آمريڪا ڪنڌ ۾ موجود گريناڊا ۾ نڪارا گُئا جي ڪميونسٽ حڪومتن جي خلاف سياسي ڌُرين جي مدد ۾ پنهنجون فوجون موڪليون، پر ڪيس سوويت يونين جي حمايتي انهن ننڍين ۾ ڪمزور حڪومتن کي زير ڪرڻ سان اطمينان ڪو نہ ٿيو. البت هن افغانستان ۾ افغان، اُزبڪ، عرب ۽ پاڪستاني جهادي فوجون تيار ڪري سوويت يونين کي وڏي مالي مونجهاري ۾ سياسي گهوٽالي ۾ ڦاسائي وڌو ۽ اهو اتان هارائي ويو. انهيءَ جي پيٺ ۾ ڪِيوبا ويٽنام ۽ اتر ڪوريا جون ننڍيون رياستون ۽ حڪومتون آمريڪا طرفان سندس ساٿاري سرمائيدار ملڪن طرفان هر قسم جي واپار تي پابندي لڳائڻ جي باوجود پاڻ کي بچائي ۽ سنڀالي ويون. 1982ع ۾ بريزهنيف جي وفات کان پوءِ آندروپوف آيو. جيڪو 1984ع ۾ گذاري ويو. تنهن کان پوءِ سوويت يونين جي صدارت چرنينڪو سنڀالي، پر اهو اڳئي سخت عليل هو. تنهن ڪري انهن حالتن، ڪميونسٽ پارٽيءَ ۽ سوويت يونين ۾ نئين قيادت جي تقاضا ڪئي تہ جيئن سوويت يونين ۽ عالمي ڪميونسٽ تحريڪ کي بچائي اڳتي وٺي هلجي. عليل چرنينڪو 1985ع ۾ وفات ڪئي تہ ڪميونسٽ پارٽي ۽ سوويت يونين جي قيادت گورباچوف کي ملي، جيڪو



ان وقت 54 سالن جو پولٽ بيورو جي سمورن ميمبرن ۾ ننڍو ڦڙت ۽ پيرسن سياستدانن ۽ اهلڪارن جي سموري سٽ سان اختلاف ۾ رهيو هو ڇو تہ ٻين سينئي ميمبرن جي ڀيٽ ۾ گورباچوف ڪميونسٽ پارٽيءَ جي نظرئي توڙي عمل سان سهمت نہ ٿيو ۽ مرڪزي جمهوريت جي مخالفت ڪندي، پارٽي ۽ حڪومت ۾ آزاد خيالي ۽ بي ضابطگي اختيار ڪئي. سوويت اقتصادي نظام ۾ تبديليءَ خاطر هن 1986ع ۾ نامنهاد سڌارن جو اعلان ڪيو. نشرياتي ۽ خبر رسان ادارن ۽ سموري ميڊيا تي نافذ سرڪاري ضابطي ۾ نرمي آندي ۽ پارٽي ۽ حڪومت تي تنقيد ۽ ان جي خلاف کليل مُذاڪرا منعقد ڪرڻ جي سندس ايجاد ڪيل اصول ”صاف گوئي“ تحت اجازت ڏني ۽ همٿ افزائي ڪئي. ڪيترن ئي باغي ۽ جلاوطن سياستدانن ۽ اديبن تان جلاوطني ۽ بندش لاهي ڇڏي ۽ اشتراڪيت ۽ سوويت يونين جي خلاف مواد ڇاپڻ جي مُلڪ ۾ اجازت ڏني. جنوري 1987ع ۾ سوويت يونين جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي مرڪزي ڪميٽيءَ جي گڏجاڻي ۾ گورباچوف ملڪ ۾ رشوت خوريءَ، لاپرواهيءَ، بيحسيءَ ۽ پارٽيءَ ۾ روايتي سوچ تي سخت تنقيد ڪئي ۽ مُلڪ ۾ رائج سياسي نظام ۽ سرڪار جي جوڙجڪ ۽ انتظام تي ڇوهہ ڇنڊيا. هن پارٽيءَ ۾ ڳُجهي ووٽ ذريعي چونڊون ڪرائڻ جي راءِ ڏني ۽ سرڪاري عملدارن جي اختيارن ۾ گهٽتائي ڪئي. تنهن کان سواءِ هُن ڪميونسٽ پارٽيءَ جي مخالف سياستدانن کي پنهنجون الڳ سياسي تنظيمون ۽ پارٽيون ٺاهي، ڪميونسٽ پارٽي، سوويت يونين ۽ عالمي اشتراڪي تحريڪ جي خلاف پرچار ڪرڻ جي ڇوٽ ڏئي ڇڏي. 1987ع ۾ هن سوويت يونين ۾ رائج اشتراڪي اقتصادي نظام جي خلاف، مارڪيٽ ايڪانامي يعني سامراجي سرمائيداري نظام رائج ڪرڻ لاءِ عملي قدم کنيا.




1988ع ۾ هُن ذاتي ڪاروبار ۾ ملڪيت رکڻ ۽ نجي ڪارخانا قائم ڪرڻ جي پڻ اجازت ڏني. گورباچوف سرڪار ڪيترن ئي نجي ڪارخانن کي سبسيڊي به ڏني. اهڙيءَ طرح واپار تان سرڪاري ضابطو ختم ٿيو ته نوَن خانگي واپارين ڪاڏي ۾ ڪپڙي جي هٽرادي کوٽ پيدا ڪري عوام کي مهانگائيءَ جي وَرِ چاڙهي ڇڏيو. گورباچوف جي آندل مَٽيئَن سڌارن، سوويت سرڪار جي قانون ۾ اختيار کي سخت نقصان رسايو. تڏهن پولٽ بيورو ۾ ييگور لِگاچوف ۽ سندس ساٿين، گورباچوف وارن نام نهاد سُڌارن جي مخالفت ڪئي. ٻئي طرف سڌارن جي مکيه حاميءَ، بورس ييلٽسين، ييگور وارن جي مخالفت کي رد ڪري ڇڏيو، پر انهيءَ وقت پولٽ بيورو ۾ اقليت ۾ هئڻ سبب، پولٽ بيورو جي ميمبريءَ تان ۽ ماسڪو شهر جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي چيف واري عهدي توڙي پارٽي ميمبرشپ تان استعيفا ڏئي، هڪ نئين روسي قومپرست پارٽيءَ ناهي، پنهنجو الڳ سياسي تشخص قائم ڪيو. انهيءَ ٻهراني صورتحال مان فائدو وٺندي، جون 1988ع ۾ ٿيندڙ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ڪانفرنس ۾، سرمائيداري نظام واري جمهوريت موجب ڪليل چونڊن وسيلي پارٽي ڪانگريس جا ميمبر ۽ ريجنل گورنر چونڊڻ جو فيصلو ڪيو ويو. ان سان گڏ ڪميونسٽ پارٽيءَ جو. اشتراڪي معاشي نظام تي نافذ ضابطو گهٽايو ويو ۽ پارٽيءَ ۾ عهديدارن جو به ڪافي تعداد گهٽايو ويو. سيپٽمبر واري مهيني ۾ گورباچوف، لگاچوف جو پارٽيءَ ۾ مليل عهدو گهٽائي ڇڏيو ۽ لگاچوف جي ساٿين کي

خارج ڪري، ڪميونسٽ پارٽيءَ جي سيڪريٽريٽ پنهنجي حامي ميمبرن تي مُشتمل جوڙي، پنهنجي نام نهاد سڌارن لاءِ ڀرپور حمايت حاصل ڪري ورتي. فيبروري ۽ مارچ 1989ع ۾ ڪانگريس جون چونڊون ٿيون. انهن ۾، مختلف ماڳن تي مقرر ڪميونسٽ پارٽيءَ جا 35 سيڪريٽري ۽ ٻه سئو اعليٰ اهلڪار هارائي ويا. ماسڪو شهر واري سيٽ، ڪميونسٽ پارٽي ڇڏي ويل بورس ييلٽسين، 89 سيڪڙو ووٽ کٽي، ڪميونسٽ پارٽيءَ جي اميدوار کان وڌي اڪثريت سان کٽي ويو. اهڙيءَ ريت روس توڙي سوويت يونين جي سمورين رياستن ۾ هڪ نئون طبقو پيدا ٿيو سو اڳتي هلي سوويت يونين کي ٽوڙڻ ۽ اشتراڪي نظام کي رد ڪري، اتي سرمائيداري نظام قائم ڪرڻ جو مرتڪب ٿيو. ييلٽسين واري قوم پرستيءَ ۽ سوويت يونين جي ٻين رياستن ۾ پيدا ٿيل تحريڪن جو مُکيه مقصد ڪميونسٽ پارٽيءَ جي اقتدار واري سرشتي کي ختم ڪري، اشتراڪيت کي رد ڪري، سرمائيداري اقتصادي نظام ۽ سرمائيداري جمهوري نظام حڪومت قائم ڪرڻ هو. سوويت يونين ۾ ٿيل نام نهاد سياسي معاشي ۽ معاشرتي سڌارن، وارسا پيڪٽ ۾ شامل اوڀر يورپ جي اشتراڪي رياستن ۾ پيدا ٿيل اشتراڪيت مخالف تحريڪن جي همٿ افزائي ڪئي. انهن سرڪار مخالف ۽ اشتراڪيت مخالف سياسي تحريڪن پڻ گورباچوف وارن اقتصادي ۽ سياسي سڌارن جي ڳهُر ڪئي. سن 1988ع ۾ پولينڊ جي دوري دوران گورباچوف، بريزهنيف واري پاليسيءَ ۽حڪمت عمليءَ جي سراسر خلاف پولينڊ واري ڪميونسٽ پارٽيءَ جي سرڪار تي واضح ڪيو ته آئون سوويت يونين جي رياستن توڙي وارٿا پيڪٽ ۾ شامل رياستن ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي حڪومتن کي ٽيڪ ڏيڻ لاءِ اتي هلندڙ ڪميونزم مخالف تحريڪن جي خلاف سوويت يونين جي فوج کي استعمال ڪرڻ جو ڪو به ارادو نٿو رکان. هن ساڳئي سال، ڊسمبر ۾ اقوام متحده جي اجلاس ۾ آمريڪا ۽ سندس جوڙيوال سرمائيدار ملڪن کي يقين ڏياريندي، واعدو ڪيو ته هو اوڀر يورپ جي سمورن اشتراڪي ملڪن ۾ نصب ٿيل پنهنجا سمورا ميزائيل، توپون، ٽينڪون ۽ سمورن هٿيارن سميت موجود سموريون سوويت فوجون جلد از جلد ڪيڏي ويندو ۽ انهن سمورن ملڪن ۽ رياستن کي ڪڏهن به ڪا فوجي مدد هرگز نه ڏيندو. گورباچوف جي پاليسيءَ سبب، سمورين اشتراڪي رياستن، توڙي عالمي اِشتراڪي تحريڪ کي ڪاپاري ڌڪ لڳو. پولينڊ ۾ اپريل 1989ع ۾ ٿيل عام چونڊن ۾ ڪميونزم مخالف پارٽي، ”سالِڊرِٽي“ جي نامزد سيني اميدوارن کي سوڀ حاصل ٿي. ”سالِڊرِٽي“ پارٽيءَ کي آمريڪا ۽ رومن ڪيٿولڪ عيسائي فرقي واري مذهبي رياست ”ويٽيڪن“ جي ڀرپور سياسي ۽ مالي مدد حاصل هئي. آمريڪا جي ڳواٽيءَ ۾ سمورا سرمائيدار مُلڪ، سوويت يونين وارين

سمورين رياستن ۽ وارسا پيڪٽ وارن اوڀر يورپ جي سمورن اِشتراڪي مُلڪن ۾ هلندڙ ڪميونسٽ دشمن تحريڪن جي ڀرپور سياسي ۽ مالي مدد ڪري رهيا هئا. اوڀر جرمنيءَ ۾ اولهه جرمنيءَ سان انضمام واري تحريڪ پڻ آمريڪا ۽ سندس اتحادي سرمائيدار ملڪن طرفان ملندڙ سياسي ۽ مالي امداد سان زور ورتو ۽ ديوار بَرلِن ڍاهڻ جا سانباها ٿيڻ لڳا. ساڳئي وقت هنگري ڪِزيڪو سِلوويڪيا ۽ رومانيہ ۾ بہ ڪميونزم دُشمن تحريڪون, سرمائيدار دنيا جي حمايت ۽ مدد سان مُستحِڪم ٿيون, ڇو تہ گورباچوف عالمي سامراج سان ڪيل واعدي موجب, سمورين ڪميونزم دُشمن تحريڪن خلاف واسطيدار سمورن اشتراڪي ملڪن جي حڪومتن جي ڪا بہ مدد ڪا نہ ڪئي. تڏهن انهن ڪميونزم دُشمن تحريڪن ۽ تنظيمن, سوويت يونين ۽ اوڀر يورپ ۾ سوڀ ماڻي ۽ عالمي ڪميونزم تحريڪ جو في الحال تڏو ويڙهجي ويو!

سون, تيل, گيس ۽ ٻين قدرتي وسيلن سان مالا مال, سوويت يونين, گورباچوف جي سرمائيدارانہ سوچ ۽ پاليسيءَ سبب, ڪيترن ئي سياسي ۽ معاشي مسئلن جو شڪار ٿيو. سن 1989ع ۾ اوڀر جرمنيءَ واري اشتراڪي رياست, اولهہ جرمنيءَ ۾ ضم ٿي, پنهنجو وجود وڃائي ويٺي ۽ بَرلِن شهر کي ورهائيندڙ "دِيوارِ بَرلِن" مِسمار ڪئي وئي. تڏهن آمريڪي صدر ريگن, سموري عالمي اشتراڪي تحريڪ جي ڪا بہ مدد نہ ڪرڻ ۽ ماٺ ۾ رهڻ تي, گورباچوف جو شُڪريو ادا ڪيو ۽ پوءِ آمريڪا طرفان, گورباچوف کي, عالمي امن جو نوبل انعام ڏياريو ويو. ريگن کان پوءِ بُش پڻ ساڳيو ڪردار ادا ڪندي, سوويت يونين جي وفاقي حڪومت ۽ سوويت رياستن جي وِچ ۾ اختلافن ۽ ويڙهہ کي وڌايو. آمريڪا ڪارا باخ واري علائقي واري معاملي کي, سوويت يونين جي وفاقي حڪومت سان ٻن سوويت اشتراڪي رياستن, آرزبائيجان ۽ آرمينيا کي ويڙهائڻ ۾ ڪم آندو. انهيءَ صورتحال کي سُلجهائڻ خاطر گورباچوف ڪو بہ مُثبت ڪردار ادا نہ ڪيو. انهيءَ صورتحال ۾, ڪميونزم کان سواءِ,



سوويت يونين جي وفاقي اتحاد ۾ شموليت برقرار رکڻ لاءِ واسطيدار سوويت رياستن وٽ ڪنهن معقول اصول، سبب يا جواز جو پڻ فِقدان هو. سن 1989ع ۾ سوويت يونين ۾ شامل بالٽِڪ سوويت رياستن ۾ پڻ علحدگيءَ جون تحريڪون شِدت اختيار ڪري ويون. جو ته ڪيوبا، ويٽنام ۽ اتر ڪوريا کان سواءِ باقي سمورين اشتراڪي رياستن ۾ ڪميونزم دشمن ۽ علحدگي پسند تحريڪن ۽ تنظيمن کي، آمريڪا جي اڳواڻيءَ ۾ سموري سرمائيدار دُنيا جي مڪمل جمايت ۽ گھُرج کان به وڌيڪ مالي ۽ عسڪري مدد مُيسر هُئي. تنهن ڪري 1990ع ۾ ڪيترين ئي سوويت رياستن، ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ضابطي جي خلاف، سندن اسيمبلين ۾ خود مُختياريءَ لاءِ قانون تشڪيل ڪيا ۽ ڪيترن ئي وفاقي صنعتي ادارن کي سندن رياستن جي قبضي هيٺ آندو ۽ سوويت يونين جي وفاقي/ مرڪزي سرڪار کي مَتِن واجب ٽيڪس ۽ روينيو ڏيڻ بند ڪري ڇڏيو. تڏهن گورباچوف، ڪنفيڊريشن جهڙي "سوويت يونين" قائم ڪرڻ جي دلاسي طور، هڪ خود ساخته مفروضي "تشڪيل نو" جو شو شو ڇوڙيو جنهن ۾ شامل رياستن کي آزادي ۽ خود مختياري حاصل هوندي، البت چند نُڪتن تي يُونيئَن / وفاق قائم هوندو. انهيءَ سلسلي ۾ مارچ 1991ع ۾ سمورين سوويت رياستن ۾ راءِ شماري ڪرائي وئي. تنهن ۾ بالٽڪ رياستن، اِستونيا، ليٽويا، لِٿوئانا ۽ ڪاڪيسُسِ واري علائقي جي جارجيا ۽ آرمينيا سوويت رياستن علحدگي لاءِ راءِ ڏني ۽ نوَن (9) رياستن، جهڙوڪ: روس، بائلوروس، يوڪرين، آزربائيجان، تاجڪستان، ترڪمينستان، اُزبڪستان، قزاقستان ۽ ڪِرعيزستان جي ستر سيڪڙو ووٽرن يونين ۾ شامل رهڻ جي راءِ ڏني. عوام جي انهيءَ راءِ کي جيڪڏهن مان ڏنو وڃي ها ته شايد سوويت يونين ترت ڪا نه ٽُٽي ها. شامل رهڻ جي راءِ ڏيندڙ نَوَنِ مان 8 رياستن يونين ۾ شموليت جي دستاويز تي دستخط ڪيا، باقي يوڪرين ڪجھ تحفظات سبب صحيح ڪا نه ڪئي. ڪميونزم جي حقيقي خيرخواه نمائندن، انهيءَ صورتحال کي سوويت يونين جي خاتمي لاءِ ڪنيل قدم قرار ڏنو ۽ گورباچوف کي سندس گھر ۾ نظربند ڪري اقتدار تي قبضو ڪيو. ڪميونسٽ پارٽيءَ جي انهي گروپ ۾ سوويت حڪومت جا 8 اعليٰ عملدار هئا، جن ۾ وزير داخله، وزير دفاع، ڪي جي بي جو سربراه ۽ هاري يونين جو سربراه به شامل هئا. انهن مان پنج ڄڻا، گورباچوف سان ڪِريميا جي هڪڙي سرڪاري گھر ۾ وڃي گڏيا ۽ کيس هنگامي حالتن جو اعلان ڪرڻ لاءِ زور پريائون، پر هُن صاف انڪار ڪيو. تنهن ڪري کيس اتي ئي نظربند ڪيو ويو ۽ ماسڪو شهر ۾ فوجي گشت ڪرائي ملڪ ۾ هنگامي حالتن جو اعلان ڪيو ويو ۽ گورباچوف کي بيمار ڄاڻايو ويو. حڪومت تي ڪميونسٽن جي قبضي کي ييلتسين غير آئيني ۽ ناجائز قدم قرار ڏنو

۽ شهر ۾ انهيءَ قبضي جي خلاف جلوس ڪڍيو ۽ سوويت فوج انهيءَ جي خلاف جوابي قدم کڻڻ کان صاف انڪار ڪيو. تنهن ڪري اقتدار تي قابض ڪميونسٽ گروپ لاچار ٿي پيو. ٻئي طرف 23 آگسٽ تي گورباچوف ماسڪو موٽي آيو ته ييلٽسين، حڪومت تي قبضو ڪندڙ ڪميونسٽ عملدارن کي غدار قرار ڏيندي، ڪميونسٽ پارٽي ٽوڙڻ لاءِ گورباچوف تي سخت دٻاءُ وڌو. تنهن ڪري گورباچوف ڪميونسٽ پارٽيءَ جي سربراه جي عهدي تان استعيفا ڏني. باقي سوويت يونين جي صدر واري عهدي تي پاڻ کي برقرار رکيو. ٻئي طرف 6 نومبر 1991ع ۾ ييلٽسين، روس ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ تي بندش وجهي ڇڏي ۽ پاڻ سندس ساٿين ساڻ، يوڪرين ۽ بيلاروس رياستن جي اڳواڻن سان ملي، ڪين سوويت يونين کي مڪمل طور ٽوڙڻ لاءِ راضي ڪيائين. انهيءَ نهايت سنگين صورتحال جي نتيجي طور، سوويت يونين کي برقرار رکڻ جي حامي رياستن، آزاد رياستن جي ڪامن ويلٿ جهڙي اتحاد، وفاق يا يونين ۾ شموليت جي حامي ٻيري ته جيئن دفاع ۽ پرڏيهي لاڳاپن لاءِ گڏيل عمل ڪري سگهجي، پر ان جي اُبتڙ، وچ ايشيا واريون سموريون سوويت رياستون، سوويت يونين کان صفا ڇڄي ڌار ٿي ويون. تڏهن سوويت يونين واري ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ پيدا ٿيل گورباچوف ۽ ييلٽيسن واري ڌر طرفان 25 ڊسمبر 1991ع ۾ سوويت يونين کي ٽوڙڻ جو باضابطه اعلان ڪيو ويو! اشتراڪي سماجي نظام تي قائم سوويت يونين جي ٽُٽڻ سبب، روس کان سواءِ ٻين سڀني سوويت رياستن مان ڪنهن هڪ رياست کي به مجموعي طور تي، ڪنهن به قسم جو مادي يا مالي فائدو نصيب ڪو نه ٿيو. آمريڪا جي آشيرواد سان ۽ سوويت يونين واري فوج جي حمايت سان روس سوويت يونين جي سمورن مادي، مالي ۽ معروضي وسيلن جي تمام گهڻي مقدار تي شينهن وانگر قبضو ڪري ويو جنهن سوويت فوج ۽ انهيءَ جي حوالي سمورا هوائي ۽ بحري جنگي جهاز، آبدوز ڪشتيون، ٽينڪون، بڪتربند موٽر گاڏيون، ميزائيلن سميت سمورا ايٽمي، ڪيميائي ۽ روايتي هٿيارن جا سڀئي ذخيرا به شامل هئا. ان کان سواءِ قومي ملڪيت طور موجود بيشمار ڪارخانن ۽ صنعتي ادارن ۽ صنعتي مرڪزن تي به روسي حڪومت جو قبضو ٿي ويو. صدر ييلٽسين، انتهائي غيرذميواريءَ ۽ غداريءَ وارو ڪردار ادا ڪندي، قومي ملڪيت ۾ شامل ڪارخانا ۽ صنعتي ادارا، نجڪاري پاليسيءَ تحت، گورباچوف ييلٽسين واري غدار ٽولي سان وابسته سرمائيدارن کي وڪڻي ڏنا. اهي سرمائيدار ملڪ جي بدخواه، بدنام ۽ غدار نئين امير ٽولي جي منحوس پيداوار هئا، اهي هاڻي جديد روس جي اقتصادي نظام ۾ حاوي ٽولي جي حيثيت جا حامل ٿي ويا. سوويت يونين جي قومي ملڪيت ۽ قومي اثاثن کي وڏي بي انصافيءَ سان ورهائڻ واري عمل دوران ييلٽسين سرڪار طرفان سابق سوويت



يونين جي جائداد ۾ شامل پلاٽينم، سون، ۽ چانديءَ جا سمورا ذخيرا ۽ ڳري ناڻي وارا ڪاغذي نوٽ، مڪمل طور گم ڪيا ويا. تنهنڪري نئين روسي رياست، دنيا ۾ سيني کان وڏيڪ افراط زر ۽ قومي پيداوار ۾ پنجاه سيڪڙو نقصان جو شڪار ٿي وئي يلٽسين سرڪار انهي ڪردار کي لڪائيندي، سندس دور ۾ روس جي اقتصادي بدحاليءَ جو ڪارڻ سابق سوويت يونين جي معاشي گهوٽالي جو نتيجو ڄاڻائيندي دنيا ۾ پاڻ کي بادو بي ميار وانگر پيش ڪيو. عالمي سامراج، آمريڪا ۽ سندس ساٿاري سرمائيدار ملڪ، يلٽسين جي ڪميونزم دشمن ڪردار سبب، ساڻس سهمت هئا ۽ هو پاڻ بہ واشنگٽن جي مرضيءَ موجب، عالمي بينڪ، عالمي مالياتي اداري ۽ مالي مدد فراهم ڪندڙ ٻين ملڪن ۽ ادارن کان خاطر خواه امداد توڙي قرض وٺندو روسي قوم تي پنهنجا اَحسانَ جتائيندو رهيو. جڏهن تہ حقيقتاً عالمي سامراج جي دائمي استحصالي پاليسيءَ موجب، سندس قائم ڪيل عالمي مالياتي ادارا، مقروض ملڪن کي نهايت ناروا ۽ ناجائز شرطن تي قرض ڏيندا آهن، جن تي عمل ڪندي، مقروض مُلڪَ، سدائين انهن سامراجي مالي ادارن جي استحصالي ڄٽ ۾ ڦهيل رهندا ۽ پاڻ کي سامراج جي انهيءَ استحصالي ڄار مان ڪڏهن بہ آزاد ڪرائي نہ سگهندا آهن. عالمي سامراج ۽ سندس ساٿاري ملڪ، سوويت يونين جي ڪميونزم دشمن ٽولي کي گهربل سموري سياسي، مالي ۽ فوجي امداد ڏيئي، سوويت يونين ڊاهرائي، اتي استحصال تي مُبني سرمائيداري نظام معيشيت لاڳو ڪرائي، خوب ڪمائيندي خوشيون پيا ملهائين. آمريڪا جي عالمي جاسوس اداري، ”سي آءِ اي“ پنهنجي رپورٽ ۾ ڄاڻايو هو تہ: ”يلٽسين هڪ ڇسو ۽ موقع پرست ماڻهو آهي، پر اڄڪلهہ ڪميونزم کان ڪنو ٿي پيو ۽ روس ۾ جمهوري نظام حڪومت جي قيام لاءِ، خيرخواهيءَ جي حد تائين موافق خواهش جو حامل آهي.“ پر هِن حقيقت کان بہ انڪار ڪرڻ ڏکيو آهي تہ يلٽسين، روس ۾ جمهوري نظام جي حقيقي خواهش ۽ اميد رکندڙ عوام

ڪي اکين ۾ ڏُور وجهي، انهيءَ ڪي پورهيت دشمن عالمي سامراج جي چاڙتي ۽ روسي قوم جي غدار ۽ موقعي پرست جديد سرمائيدار ٽولي جي ظلم ۽ ستم جي غلاميءَ واري زندگي گذارڻ تي مجبور ڪري رکيو آهي. ييلتسين، آپيشاهي مقصدن جي حصول خاطر جمهوريت کي تباه ڪندي، 21 سيپٽمبر 1993ع ۾ روسي آئين ساز اسيمبلي ٽوڙي، سمورا اختيار رکڻ ۾ پاڻ کي حق بجانب ڄاڻايو. ڄاڪاڻ تہ پارليامينٽ جي اڪثر ارڪان ڪيس اهي مطلق العنان ۽ جمهوريت دشمن اختيار، پارليامينٽ وسيلي تفويض ڪرڻ کان مڪمل انڪار ڪري ڇڏيو هو. اسيمبلي ٽوڙڻ واري عمل کان نہ گهبرائيندي، پاڻ مُرادو، اسيمبلي هال ۾ گڏجاڻي ڪري، تحليل ڪيل اسيمبلي ۾ ييلتسين جي مخالف ميمبرن، ييلتسين کي اسيمبليءَ طرفان جمهوريت سان غداري ڪري پارليامينٽ کي ٽوڙڻ جي ڏوهہ ۾ ملڪ جي صدارتي عهدي تان معزول ڪري ڇڏيو ۽ ڪئين هزارن جي تعداد ۾ عوام پارليامينٽ جي حق ۾ ييلتسين جي پاليسين ۽ پارليامينٽ ٽوڙڻ جي خلاف ماسڪو شهر ۾ جلوس ڪڍي جلسا ڪيا. تڏهن پارليامينٽ جي حق ۾ احتجاج ڪندڙ عوام تي، گهرو ڪاتي جي ماتحت فوج 3 آڪٽوبر تي ڪڙڪي پئي ۽ ڪيترائي ڊزن شهري ماري ڇڏيا. ۽ ٻين سوين ماڻهن کي زخمي ڪري ڇڏيو. جمهوريت سان غداريءَ ۽ آپيشاهيءَ وارن قدمن ڪڻ سبب پيدا ٿيل سنگين صورتحال جي باوجود آمريڪا ٽوڙي سندس سمورن سامراجي ساٿي مُلڪن، ييلتسين جي سيني ناجائز عملن ۽ آپيشاهيءَ وارين پاليسين جي ڀرپور حمايت ڪري دنيا جي اڳيان پاڻ کي پڌرو ڪيو تہ دنيا جي سمورن سامراجي سرمائيدار مُلڪن کي انساني حقن ۽ جمهرويت سان نہ، پر استحصال تي مبني ظالم سرمائيداري نظام ۽ عوام دشمن آپيشاهي حڪومتن سان پيار آهي. روسي فوج پڻ ڳُجهي طرح سي آءِ اي جي اشارن ۽ هُشيءَ تي هلڻ سبب، صدر ييلتسين جي سمورن ناجائز ۽ غير جمهوري قدمن ۽ پاليسين جي مڪمل حمايت ڪندي، ييلتسين جي مخالفت ۾ احتجاج ڪندڙ عوام جي وڏي جلسہ گاه کي ٽينڪن سان گهيرو ڪري، شديد گولي بازي ڪئي، جنهن جي نتيجي طور احتجاج ڪندڙ سوين ماڻهن جي لاشن جا ڍير ٿي ويا. اهڙيءَ ريت قتل ۽ غارتگريءَ جي بازار گرم ڪري نام نهاد نجڪاريءَ جي عوام دشمن عمل تحت سموريون مُکيہ، اهم ۽ عاليشان فيڪٽريون ۽ قومي صنعتي مرڪز ۽ قومي صنعتي ادارا، قوم جي نااهل جديد سرمائيدار / امير طبقي کي ٻڳڙن جي مُٽ عيوَض ڏيئي، ملڪ کي دنيا ۾ پيدا ٿيل سيني کان وڏي پيماني واري افراط زر جي ور چاڙهي، عوام دشمن راشي سرڪار روس کي ذري گهٽ ڏيوالي جي مُنهن ۾ ڏئي ڇڏيو. انهيءَ سنگين سياسي ۽ مُعاشي صورتحال مان، روس جي قومي سرمائيدار طبقي، عالمي سامراج ۽ سندس ساٿاري سرمائيدار مُلڪن جي

ڀُنيرائيءَ سان، معاشي ڦرلٽ جي بازار گرم ڪري، روسي معيشت جي چيلهه ڀڃي ڪري وِڌي ۽ پرڏيهي سامراجي ملڪن ڪي سابق سوويت رياستن ۾ داخل ٿي، وڏ ۾ وڏ ناجائز نفعو ڪمائڻ جو بهترين موقعو فراهم ڪيو. گورباچوف جي قيادت واري دور ۾، سوويت يونين جي سمورين اشتراڪي رياستن ۾، ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ گورباچوف وارن ”صاف گوئي“ ۽ ”نئين جوڙجڪ“ نالي ڪميونزم دُشمن ۽ سوويت يونين دشمن، وارسا پيڪٽ سان وابسته اشتراڪي رياستن ۾ پيدا ٿيل، گورباچوف جي نامنهاد نظرين ڪي قبول ڪندڙ تنظيمن ڪي پاڻ ۾ مربوط ۽ متحد ڪري، عالمي سامراج آمريڪا ۽ سندس ساٿاري سرمائيدار ملڪن، اشتراڪي دنيا ۾ پيدا ٿيل، مربوط ۽ متحد انهن ڪميونزم دشمن تنظيمن جي ڀرپور سياسي، مالي ۽ فوجي مدد ڪري، سوويت يونين ۽ وارسا معاهدي ۾ شامل سڀني اشتراڪي رياستن ۾ نام نهاد انساني، سياسي ۽ معاشي حقن ۽ جمهوري نظام حڪومت جي قيام لاءِ ڪميونزم ۽ سوويت يونين جي خلاف زهريلي ۽ ڪوڙي پروپيگنڊا ۽ تحريڪ وسيلي، واسطيدار سمورين اشتراڪي رياستن ۽ سوويت يونين ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ ڪي بدنام ڪري ڊاهي ۽ ڪميونسٽ پارٽي جي سمورين حڪومتن ڪي ڊاهي، انهن ملڪن ڪي نالي ماتر آزاديءَ جي لالچ ڏئي، اتي جي ڪميونزم مخالفن ڪي اقتدار جي ڪرسيءَ تي ويهاري في الحال سوويت يونين ۽ وارسا پيڪٽ ڪي ٽوڙي، اتي سندن استحصال تي مُبني سامراجي سرمائيداري نظام مڙهڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي آهي ۽ اتي جي مظلوم پورهيت عوام ڪي عيسائيت اسلام ۽ ٻين مُروج مذهبن جي آڙ ۾ صبر ۽ شُڪرَ جا درس ڏياريندي، سرهائي ۽ خوشي پئي محسوس ڪئي آهي. انسان ذات جي تاريخ موجب تمام مختصر وقفن کان سواءِ، زندگيءَ جي مڙني وسيلن تي، اجا تائين، مجموعي طور انساني سماج ۾ پيدا ٿيل ظالم، ڦورو، استحصال ڪندڙ ۽ اقتدار تي زوريءَ ناجائز قبضو ڪندڙ استعماري حاڪم طبقن جو قبضو ۽ اختيار مقدم پئي رهيو آهي، جيڪو اڄ عالمي سامراج جي صورت ۾ موجود آهي. پر ساڳئي وقت سڄي دنيا ۾ انهيءَ ظالم ۽ استحصال ڪندڙ سامراجي حاڪم طبقي خلاف مظلوم ۽ محڪوم قومن ۽ طبقن جي جدوجهد پڻ جاري آهي. محڪوم ۽ مظلوم قومن ۽ طبقن ۾ حقيقي سياسي، معاشي ۽ معاشرتي تعليم جي آبياريءَ سان، سمورين محڪوم ۽ مظلوم قومن ۽ طبقن جي سامراج خلاف هلندڙ جدوجهد يقيناً ڪامياب ٿيندي، سماج ۾ موجود ظالم ۽ مظلوم طبقن ۽ حاڪم ۽ محڪوم طبقن ۾ ڪشمڪش، مقابلو ۽ جنگ انهيءَ حقيقت جو معروضي ثبوت آهي.

⑥



# اڪينو جو قتل

فلپائن جو ملڪ پئسفڪ سمنڊ ۽ ڏکڻ چيني سمنڊ جي وچ ۾ اٽڪل 7107 ننڍن وڏن ٻيٽن تي مشتمل آهي. انهن ٻيٽن مان 4334 ٻيٽن جو ته ڪو نالو ئي نه آهي. اهي ٻيٽ نه پر ٻيٽاريون چئجن. ڇاڪاڻ ته اهي ايترا ته ننڍا آهن جو هڪ هنڌ تي هڪ ميل جي چورس ايراضي ۾ 466 ننڍا ٻيٽ آهن. مطلب ته سڄو ملڪ ٻيٽ ٽيو پيو آهي. فلپائن کي 1521ع ۾ مئگيلان Magellan ڳولي لڌو. سن 1565ع ۾ اسپين ان تي حملو ڪري قبضو ڄمايو 330 سال پوءِ 1896ع ۾ فلپائين کي خود مختياري حاصل ٿي، پر ترت ئي اُهو عظيم سامراجي قوت آمريڪا جي ٻيڻڪ ٻنجي ويو. ٻي مهاڀاري لڙائي شروع ٿيڻ ڪانپوءِ فلپائن 1941ع کان وٺي 1945ع تائين جپان جي قبضي ۾ رهيو. جنگ جي خاتمي ۽ جپان جي شڪست کان پوءِ4 جون 1946ع تي فلپائن ٻيهر خود مختياري ماڻي ۽ مينيوئل روڪساس Maneel Roxas ان جو پهريون صدر بڻيو. فلپائن ۾ 1941ع کان 1950ع دوران ترقي پسندن ۽ قوم پرستن جي اڳواٽي ۾ اثر هيٺ هاري هلچل ڪافي زور ورتو ۽ قريب هو ته اهي اقتدار تي قبضو ڪري وٺن پر مئگسيسي Magsaysay جيڪو بعد ۾ فلپائن جو صدر ٿيو



ٿيو. آمريڪا جي مدد سان اُنهيءَ انقلاب کي ڪُچلي ڇڏيو. آمريڪا پنهنجن سامراجي مفادن جي تحفظ لاءِ پسمانده ۽ ترقي پذير ملڪن ۾ پنهنجن ڇاڙتن ذريعي اهڙا ڪئين خوني ڊراما ڪيڏي ڇڪو آهي ۽ اڄ بہ سندس سازشي ڄار ڪيترن ملڪن ۾ پکڙِيو پيو آهي. دنيا جا ڪيترا ئي ترقي پسند، جمهوريت پسند ۽ انساني حقن لاءِ وڙهندڙ جوڌا جوان ۽ مهان انسان آمريڪا جي انسانيت دشمن سازشن جو ٻَڪ ٿي چڪا آهن. ايران ۾ ڊاڪٽر مصدق، انڊونيشيا ۾ سوئيڪارنو، ڪانگو ۾ لوممبا ۽ چلي ۾ آلندي ۽ انهن جي ساٿين جي وهيل رت سان آمريڪي دامن اڄ بہ داغدار نظر اچي ٿو. وچ مشرق ۾ اسرائيل جي قيام ۽ فلسطينين جي بي دخلي ۽ لبنان جي خانہ جنگي آمريڪي سي.آئي.اي جو ئي ڪارنامو آهي. جنهن بہ ملڪ ۾ بک، بيروزگاري، رشوت خوري ۽ ڪاموراشاهي چوٽ چڙهندي آهي، تنهن ۾ سياسي اُٿل پٿل لاءِ عوام دوست قوتون بہ زور وٺنديون آهن. انهن عوامي قوتن جو اُڀار مقامي سطح تي استحصالي ٽولن ۽ عالمي سطح تي سامراجي قوتن لاءِ هڪجهڙو خطرو هوندو آهي. انهيءَ ڪري آمريڪا پنهنجن پاليل دلالن جي وسيلي وڏيون خون ريزيون ڪرائي هٿ ٺوڪيا عوامي ۽ فوجي آمر ملڪن تي مڙهي ڇڏيندو آهي. بلڪل ساڳيو ويل فلپائن ۾ بہ وهايو ويو ۽ اڄ بہ اهو سلسلو جاري آهي. توهان پڙهيو هوندو تہ فلپائن جي گاديءَ واري شهر منيلا ۾ ملڪ جو مکيہ مخالف اڳواڻ بيينگنو اڪيونو کي ملڪ ۾ داخل ٿيندي ئي هوائي اڏي تي گولي هڻي ماريو ويو. اخباري رپورٽن ۾ ٻڌايو ويو تہ هوائي جهاز ۾ سوار ٿيڻ کان اڳ جناب اڪيونو بليٽ پروف فولادي زره اوڍي ۽ ڇپائين



تہ ”هاڻي هو مون کي فقط مغز ۾ گوليون هڻي ئي ماري سگهندا.“ غالبن اڪيونو جا قاتل آمريڪا مان سندس جهاز ۾ سوار ٿيڻ واري وقت کان ئي ساڻس گڏ هئا. ڇاڪاڻ تہ جيئن ئي هو پنهنجي ملڪ جي هوائي اڏي تي لٿو تہ ڪيس مغز ۾ گوليون هڻي ماريو ويو. حالانڪ اڪيونو کي انهيءَ انت جي اڳواٽ علم هو پر تڏهن بہ هن پنهنجي وطن ورڻ جو خيال ترڪ نہ ڪيو. هن چيو تہ ”حالتن جي سنگينيءَ کي ڄاڻان ٿو پر منهنجو وطن مون کي پڪاري رهيو آهي.“ وطن جي پڪار تي اڪيونو سر جو سانگو لاهي واپس وريو. سندس لکين چاهيندڙ هن جي استقبال لاءِ ايئرپورٽ تي اچي ڳاهٽ ٿيا. پر هنن جون سڀ خوشيون مسمار ٿي ويون ۽ ڀڪندڙ ڇهڪندڙ چهرا اکين ۾ ڳوڙها کڻي واپس وريا. ڏکويل انسانن جا انبوهہ ٻرندڙ جبل جيان ڦاٽي پيا. منيلا جي رستن ۾ چونڪن تي هشام ماڻهن جا احتجاجي آواز اٿاريندا مارڪوس جي ڏاڍ کي للڪاريندا رهيا. اڪيونو جي خون جو ذميدار مارڪوس کي قرار ڏنو ويو. حڪومت پاڻ بچائڻ لاءِ تحقيقات جو حڪم ڏنو پر دنيا کي خبر آهي تہ اهڙين تحقيقاتي ڪميشنن مان ڪو بہ ڪڙتيل نہ نڪرندو آهي. قاتل بہ اهو تہ منصف بہ اهو تہ پوءِ انصاف ڪهڙو پلئہ پوندو. سياسي مخالفن کي مارائي منظر تان هٽائي پوءِ انهن جي خون جي تحقيقات ڪرائڻ جو ڍونگ رچائڻ فاشي سياست جو محبوب مشغلو آهي. پر اهي فاشي حڪمران اقتدار جي گهمنڊ ۾ انهيءَ حقيقت کي سمجهڻ کان قاصر هوندا آهن تہ لهندڙ سج جا پاڇا اصل شين کان بہ وڏا ٿي ويندا آهن. جيڪي جيئري فاشي حڪمرانن لاءِ چئلينج هوندا آهن. سي مارجي وڃڻ کان پوءِ وڌيڪ مٿي جو سور ٿي پوندا آهن. اڪيونو قتل ٿيڻ کان پوءِ مارڪوس لاءِ ويتر وڏي للڪار بنجي ويو. حڪومت جي هزارين ڏاڍاين جي باوجود بہ احتجاجن ۾ تشدد گاڏڙ مظاهرن جو سلسلو جاري رهيو. هرفاشي حڪمران ماڻهن جي مسيحائي. جودم پري اقتدار ۾ ايندو آهي ۽ پوءِ ملڪ کي پنهنجي جاگير بنائي ويهي رهندو آهي. هو اعلان ڪندو آهي تہ هن جي دم سان ئي ماڻهن جو دين ايمان ۽ ملڪ جي سلامتي قائم آهي. هن کي هٽايو ويو تہ ملڪ ڪيهہ جي پوٽين جيان پرزا پرزا ٿي هوا ۾ اڏامي ويندو. انهي ڪري هو پنهنجي اقتدار کي پختي ڪرڻ لاءِ مخالف سياسي قوتن تي پابنديون عائد ڪري جمهوريت جو گلو گهٽيندو آهي. اظهار راءِ جي ذريعن يعني اخبار، ريڊيو ۽ ٽي ويءَ تي سخت سينسر لاڳو ڪري لکڻ پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ جون راهون بند ڪري ڇڏيندو

آهي. اختيارن کي وڌ ۾ وڌ پنهنجي ذات ۾ مرڪوز ڪري ڇڏيندو آهي. مارڪوس بہ پنهنجي ملڪ ۾ ساڳئي صورتحال پيدا ڪري ڇڏي. ملڪ اقتصادي طرح مغربي ملڪن ۽ عالمي بئنڪ جي قرضن ۾ ڦٿيل هو. ڪامورا شاهي جي پٽ کوهہ ۽ ڏاڍائي عروج تي هئي. بک ۽ بيروزگاريءَ عوام جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو. پر مسٽر مارڪوس آهي، سو پنهنجن اختيارن ۾ تر جي گهٽتائي بہ ڪرڻ لاءِ تيار نہ هو. عوام جي سخت احتجاج جي باوجود هن پنهنجي فوج ۽ ڪامورا شاهي جي ٽيڪ سان جعلي طريقا استعمال ڪري پاڻ کي وڌيڪ ڇهن سالن لاءِ صدر چونڊرايو. ملڪ ۾ مارشل لا جي مڙهجڻ، انساني حقن جي مٽي پليت ٿيڻ، سياسي ۽ سماجي سرگرمين تي بندش لڳائڻ جي مسلسل عمل عوام کي بنهہ بيزار ۽ حڪومت کان متنفر ڪري ڇڏيو آهي. هاڻي اهي دٻيل نفرت جي اظهار لاءِ زير زمين سرگرميون جن ۾ زير زمين بغاوتون پليون ۽ وقت اچڻ تي انهن ڦاٽ ڪائي آمريت جي اوچن ڪوٽن کي



ڪيرائي ڇڏيو. ڪروڙها عوام جي سگهہ کان لک فوجين جي سگهہ ڪنهن بہ حالت ۾ وڌيڪ نہ هئي. فلپائن جي موجود سياسي صورتحال هيءَ آهي تہ عوام جي وڏي اڪثريت مارڪوس جي مخالف آهي. مارڪوس جو اقتدار صرف فوج ۽ ڪامورا شاهيءَ جي ظالمانہ ڪارروائين سان قائم آهي. حڪومت جي جمهوريت دشمن رَوَيي جي ڪري عوام بہ مقابلي لاءِ غير جمهوري واٽون اختيار ڪيون آهن. هنن حڪومت جي تشدد کي عوامي تشدد سان ٽڪرائڻ لاءِ پنهنجون نيم فوجي تنظيمون ناهيون آهن. هنن خفيہ تحريڪن، هٿياربند جدوجهد ۽ ڇاپا مار سرگرمين ذريعي حڪومت جي گماشتن، ڪارندن ۽ غدارن کي نڪ ۾ دم ڪري ڇڏيو. آهي عوامي هلچل ۾عوام جي سيني طبقن جا محب وطن ماڻهو شامل آهن. انهن ۾ شاگرد، واپاري، مذهبي پيشوا، هاري مزدور، ڪميونسٽ ۽ روشن دماغ، ترقي پسند ۽ جمهوريت پسند سڀ اچي وڃن ٿا. فلپائن ۾ ڪم ڪندڙ اهڙين تنظيمن مان هڪ مشهور تنظيم آهي NPP يعني نيو پيپلز آرمي، عوامي هلچل جي ان طاقت سان نيٺ مارڪوس کي ملڪ ڇڏڻو پيو ۽ فلپائن ۾ اليڪشنون ٿيون جنهن ۾ اڪيونو جي زال ڪوري اڪيونو صدارتي اليڪشن لاءِ بيٺي ۽ ڪامياب ٿي، ملڪ جي صدر ٿي ۽ مارڪوس ملڪ کان ٻاهر وفات ڪئي.

⑥



# نيلسن منڊيلا جي قيادت ۾ ڏکڻ آفريڪا جي آزاديءَ جي جدوجهد

جن يورپي سامراجين، ڏکڻ آفريڪا نالي موجود مُلڪ تي سترهين عيسوي صديءَ جي وچ ڌاري ناجائز والار ڪئي، تن پاڻ کي اپارٿيڊ آفريڪنس، يعني مُلڪ جي اصل باشندن کان بهتر نسل جا ماڻهو سڏايو ۽ اتي پنهنجي سامراجي بينڪ قائم ڪئي ۽ Divide and rule يعني لالچ جي بنياد تي ماڻهن کي پاڻ ۾ ويڙهائي هڪ ٻئي جو دشمن بڻائي، ڪين پنهنجو غلام بڻائي ڪائڻ جبري پورهيو ڪرائي، سندن قومي وسيلن جو سانده ساڍا ٽي سؤ سالن تائين وڏي داداگيريءَ سان استحصال جاري رکندا، ناجائز ۽ ظالمانه راڄ برقرار رکيو آيا، تان جو سن 1947ع ۾ ٻه نسلي برتريءَ تي منبي قائم ڪيل نام نهاد ”نيشنل پارٽي“ جي نالي ۾ اپارٿيڊ سياسي حڪومت برپا ڪري پنهنجو سامراجي استحصالي نظام برقرار رکيو آيا. انهيءَ ظالمانه نظام کي دائمي طور برقرار رکڻ لاءِ ملڪ جي اصل باشندن کي دائمي غلاميءَ ۾ ڦاسائي رکڻ واسطي ڪين پاڻ ۾ پيدا ڪيل دشمني ۽ نفرت جاري رکڻ لاءِ مُلڪ جي ماڻهن کي ڇئن مختلف درجن جي گروهن ۾ ورهايو ويو.

انهن ۾ هڪڙو گروهه گورن يعني ڏارين سامراجي قبضاگيرن تي مشتمل تشڪيل ڪيو ويو جنهن ۾ آڳاٽا آئيل ڏاريان گورا ماڻهو به شامل هئا، تن جي ٻولي جرمن زبان سان مِلندڙ جُلندڙ هئي، اهي سمورا ڏاريان يورپي سامراجي، ڪمال بي حيائيءَ سان پاڻ کي آفريڪنر سڏائيندا هئا. تشڪيل ڪيل آدمشماريءَ جي ٻئي نمبر گروهه ۾ اصل ڌرتيءَ ڌڻين شيدين کي شامل ڪيو ويو. ٽيو گروهه اصل شيدين ۽ ڏارين گورن ۽ هندستاني باشندن کان الڳ ٻين رنگن جي چمڙيءَ وارن مختلف مقامي ماڻهن تي مشتمل قرار ڏنو ويو آباديءَ جي ٻڌايل چوٿين گروپ ۾ هندستان کان آيل ماڻهن کي شامل ڪيو ويو مٿيئن چئن مختلف گروهن ۾ ورهايل ماڻهن کي رهائش، گذر سفر توڙي سماجي ۽ ثقافتي بنياد تي هڪ ٻئي کان ڌار ڪري رکيو ويو ڏارين گورن سامراجي ماڻهن جي آفريڪنز سڏائيندڙ گروهه کان سواءِ باقي ٻين ٽنهي گروپن ۾ شامل ڪيل سمورن ماڻهن کي ڪي به سياسي، معاشي توڙي معاشرتي حق مليل ڪو نه هئا. اهي سياسي غلامي، معاشي بدحالي ۽ سماجي طور بي وسي ۽ اڇُوتائي جي مختلف اشڪنجن ۾ جڪڙيل هئا. ملڪ جي اصل ماڻهن کي سامراجي سرڪار هٿان ناهيل هٿرادن ناجائز گروهن ۾ داخل ڪرڻ واسطي ڪين سندن اباڻن گهرن مان زوريءَ لڏائي آڻي اُتي ويهاريو اهڙيءَ طرح مسڪين ماڻهن کي پنهنجن مائٽن مِٽن کان زوريءَ ڇني ڌار ڪيو ويو ۽ زبردستي ڏارين ماڻهن سان شامل ڪيو ويو. جڏهن ته ڏارين گورن ماڻهن کي حڪومت، نوڪري، واپار ۽ ٻين من پسند ڪمن ۽ ڌنڌن اختيار ڪرڻ جي ڪُلي آزادي حاصل هئي.

مٿي بيان ڪيل سامراجي حاڪمن طرفان اپارٿيڊ ظالم سياسي ۽ سماجي نظام جي خلاف، سياسي جدوجهد ۾ مشغول، سرگرم سياسي اڳواڻ نيلسن منڊيلا سن 1955ع ۾ هڪ مضمون لکي ڏکڻ آفريڪا جي مظلوم عوام کي ساڻس ٿيندڙ ظلم ۽ استحصال کان آگاهه ڪيو جنهن کي برقرار رکڻ خاطر ماڻهن کي مائٽن کان زوريءَ جدا ڪري، مائرن کان سندن ٻچا کسي، پنهنجن اباڻن گهرن مان زوري لڏائي ڪين غير ماڻهن ۾ زوري ويهاري، ڪانئن جبري پورهيو ڪرائي، قيدين سان ظالمانه عقوبتون ڪري، مقامي مسڪين رعيت کي غلام بنائي، مٿن ٻيجا تشدد ڪري ظالم سامراجي سرڪار عوام جي زندگي زهر ڪري ڇڏي، اپارٿيڊ سرڪار جا ڪارندا مقامي مسڪين ماڻهن کي سواءِ ڪنهن ڏوهه جي به گرفتار ڪري، يورپي سامراجي صنعت ڪارن جي ڪارخانن ۽ ظالم زمينارن جي زمينن ۾



جبري طور پورهيو ڪرائيندا هئا، جتي ڪم ۾ ٿوري به ڪوتاهي ڪرڻ سبب انهن پورهيتن کي خون ڪرڻ کان به ڪو نه ڪيٻائيندا هئا. ڪنهن گوري طرفان ڪيل غلط ۽ ناجائز شڪايت ڪرڻ تي به پوليس مقامي مسڪين ماڻهن تي ڪڙڪي پَوَندِي هُئِي، مٿن سخت تشدد ڪندي هئي ۽ کين ناحق قيد ۾ رکندي هئي، چُغل خوري ۽ چور وسيلي مسڪين ماڻهن کي خواه مخواه ويڙهاڻ ۾ ڏارين گورن سامراجين کي لطف حاصل ڏيندو هو. مقامي ماڻهن کي سياست ڪرڻ جي قانوني طور اجازت ڪانه هئي. مقامي سياسي ڪارڪنن کي سالن جا سال بي دريافتو قيد ۾ رکيو ويندو هو ۽ سرگرم ڪارڪن کي قتل ڪرڻ ۾ کين ڪو به ڪتڪو ڪو نه ٿيندو هو. اپارٿيڊ حڪومت جي مذڪوره جابرانه ڪردار، پنهنجي خلاف سخت نفرت ۽ ڀرپور مخالفت پيدا ڪري وڌي، جنهن ۾ مقامي ماڻهن جي سياسي پارٽي اي اين سي يعني آفريڪن نيشنل ڪانگريس مکيه ۽ فيصلہ ڪن ڪردار ادا ڪيو. هن انقلابي پارٽي اپارٿيڊ سامراجي سرڪار جي خلاف حقيقي آزاديءَ لاءِ گهربل صحيح ۽ وقتائتي جدوجهد جوتي. اها پارٽي، گوري سامراجي سرڪار طرفان مقامي مسڪين عوام سان بي واجبي، ظُلم ۽ تشدد ڪرڻ جي خلاف سن 1913ع ۾ قائم ڪئي وئي هئي، نيلسن منڊيلا اي اين سي ۾ 1940ع واري ڏهاڪي جي پڇاڙي ۾ قانون جي شاگرد هجڻ دؤران شموليت اختيار ڪئي ۽ پارٽيءَ جي نوجوان ليگ جي تشڪيل ڪئي، هن پنهنجن نوجوان ساٿين سان گڏجي اپارٿيڊ سامراجي سرڪار جي خلاف عوام سان رابطي واري مهم شروع ڪئي ۽ 1949ع ۾ نوجوان ليگ اي اين سي جي قيادت تي سبقت حاصل ڪئي. تنهن ڪري نيلسن منڊيلا کي سن 1950ع ۾ نوجوان ليگ جو قومي صدر چونڊيو ويو. انهيءَ دؤر ۾ سندس سياسي نظريي ۾ ڳنڀير قسم جي تبديلي رونما ٿي، جنهن جو مکيه سبب سماجوادي نظريي جو مطالعو ۽ مهاتما موهن داس ڪرم چند گانڌي واري عدم تشدد تي مشتمل سياسي حڪمت عمليءَ جو عملي طور جائزو هو.




هندستان جي آزاديءَ جو هيرو مهاتما گانڌي پاڻ به سن 1893ع کان 1914ع تائين ڏکڻ آفريڪا ۾ رهندي، اپارٿيڊ حڪومت جي خلاف سياسي جدوجهد چالو ۽ منظم ڪئي هئي، نيلسن منڊيلا جي قيادت ۾ اي اين سي جي جديد تشڪيل تي ۽ عدم تشدد واري حڪمت عمليءَ موافق اپارٿيڊ سامراجي سرڪار جي خلاف شهري نافرماني، هڙتال ۽ بائيڪاٽ



ڪرڻ واري طرز عمل کي اختيار ڪيو ويو. سن 1950ع ۾ پارٽي ڪانفرنس جي پاليسي بيان ۾ پڌرو ڪيو ويو ته رنگ ۽ نسل جي اختلاف کي رد ڪندي ڏکڻ آفريڪا ۾ رهندڙ ڏيهي توڙي پرڏيهي سمورا ماڻهو، جن ڏکڻ آفريڪا کي سچي دل سان پنهنجو وطن تسليم ڪيو آهي، ۽ اتي ئي جيئڻ توڙي مرڻ چاهين ٿا، اهي سمورا پرپور ۽ مڪمل طور تي آزاد زندگي گذارڻ جا هڪجهڙا حقدار آهن. ڏکڻ آفريڪا جو هر هڪ شهري سمورن جمهوري سماجي ۽ ثقافتي حقن کي ماڻڻ جو مستحق آهي، جيڪڏهن ڏکڻ آفريڪا کي اندروني توڙي بيروني سازشن کان بچائڻو آهي ته ملڪ جي موجوده سامراجي سرڪار کي گهرجي ته اها نسلي مت ڀيد کي مڪمل طرح رد ڪري، ملڪ جي سڀني شهرين کي برابري جي عالمي بنياد تي سمورا شهري، سياسي ۽ سماجي حق ڏي، ملڪ ۾ سچو جمهوري سياسي نظام حڪومت برپا ڪري ۽ سڀني شهرين سان ساڳيو هڪڙو ئي حقيقي ۽ انصاف تي مُبني قانون لاڳو ڪري، اپارٿيڊ سامراجي حڪومت جي خلاف جدوجهد ڪندڙ سمورين ننڍين وڏين، مقامي توڙي قومي پارٽين، تنظيمن ۽ گروهن کي ڪنهن به نسل جي خلاف ۽ ڪنهن به مقامي توڙي قومي گروهه جي خلاف ڪو نه ٿو اُڪسايو وڃي، پر فقط موجوده سامراجي سرڪار ۽ سندس ساٿي ۽ سهڪاري تنظيمن ۽ گروهن جي خلاف گهربل ضروري ۽ جائز جدوجهد ڪرڻ لاءِ سڏ ڏجي ٿو. سياسي طور عوام سان رابطي واري مهم شروع ڪرڻ کان اڳ آفريڪن نيشنل ڪانگريس ۾ گُهڻ مشق ڪارڪن جي کوٽ هئي، سا عوامي رابطي واري مهم چالو ڪرڻ سان پوري ٿي وئي، پارٽيءَ کي عوام ۾ مقبوليت حاصل ٿي ۽ ان جون پاڙون حقيقي طور عوام ۾ کپي ويون، ان سان گڏ پارٽيءَ کي سچن، بهادر ۽ جفاڪش ڪارڪنن جي عالي شان کيپ حاصل ٿي، جيڪي پوليس، عدالت ۽ جيلن کان اصل ڊڄڻ وارا ڪو نه هئا. انهن سامراجي سرڪار جي ناجائز حڪمن کي رد ڪرائڻ خاطر سرڪار کي للڪاريندي جيل ڀري ڇڏيا ۽ سموري افريڪي عوام ۾ عزت ۽ احترام جا حقدار ٿي پيا ۽ سامراجي سرڪار کي مرعوب ڪري مُنجهائي وڌو.

سن 1950ع واري ڏهاڪي دؤران نيلسن منڊيلا سميت ڪيترن ئي سياسي اڳواڻن کي قيد ڪيو ويو. پر مٿن داخل غداريءَ وارو ڪيس ثابت نه ٿيڻ ڪري کين 1951ع ۾ آزاد ڪيو ويو ته سرڪار خلاف جدوجهد ۾ هڪ وار وري به تيزي پيدا ٿي، تنهن کي ختم ڪرڻ لاءِ سرڪار سخت تشدد آميز ڪارروائي تي لهي آئي ۽

اٽڪل ستن هزارن واري سرڪار مخالف احتجاجي ميڙ تي گولي هلائيندي، پوليس 49 ماڻهو پَٽ تي ماري وڌا. انهيءَ سنگين صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ اي اين سي هٿياربند جدوجهد چالو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. انهيءَ مقصد جي حصول خاطر، نيلسن منڊيلا ڪيترن ئي آفريڪي ۽ يورپي ملڪن جو دؤرو ڪيو ۽ پارٽيءَ جو هٿياربند ونگ تشڪيل ڪيو. تنهن ڪنهن به عام شهريءَ کي مالي يا جاني نقصان رسائڻ کان سواءِ، پنهنجي مخصوص طرز عمل اختيار ڪندي، فوجي ڇاوڻين، پوليس هيڊ ڪوارٽرن انفرا اِسٽرڪچَر، بجلي گهرن، ٽاٽن ۽ ٻين سرڪاري ملڪيتن ۽ ادارن کي تباهه ڪرڻ واريون ڪارروايون، نهايت منظم انداز سان شروع ڪري ڏنيون. انهيءَ جدوجهد جي وڌڻ سبب سن 1962ع ۽ 1963ع ۾ سرڪار نيلسن منڊيلا ۽ ٻين ڪيترن ئي سرگرم سياسي اڳواڻن تي ملڪ سان غداري ۽ سرڪار جو تختو اُونڌو ڪرڻ وارن الزامن موجب ڪيس داخل ڪري، کين گرفتار ڪيو ۽ نيسلن منڊيلا کي ڏوهاري قرار ڏئي، کيس عمر قيد جي سزا ڏني وئي، تنهن ڪري هُن پنهنجي حياتيءَ جا 27 سال نهايت اذيتناڪ حالتن ۾ قيد ڪاٽيو. کيس لاڳاتار ويهن سالن تائين روبن نالي ساموندي ٻيٽ تي نهيل جيل ۾ رکيو ويو. اتي رهڻ دؤران نيلسن منڊيلا پنهنجي تدبر ۽ بصيرت سان جيل جو ماحول بدلائي ڇڏيو ۽ جيل ۾ رهندڙ قيدي پابندي سان سنجيده سياسي بحث ۽ مباحثا ڪرڻ لڳا. تنهن ڪري روبن جيل سياسي حلقن ۾ روبن سياسي يونيورسٽي سڏجڻ لڳو.

نيلسن منڊيلا سندس قيد واري عرصي دؤران پارٽيءَ جي قيادت ڪرڻ کان ته قاصر هو، پر هُو قومي توڙي عالمي سطح تي ظلم ۽ ناانصافي خلاف جدوجهد ڪندڙ عظيم سُورمي طور تسليم ڪيو ويو. سندس روبن جزيري ۾ قيد واري عرصي دؤران سندس پارٽي، آفريڪن نيشنل ڪارنگريس اپارٿيد سامراجي حڪومت



جي خلاف مسلسل نبرد آزما رهي، جنهن عرصي دؤران سرڪار مخالف ٻيون به ڪجھ ننڍيون وڏيون تنظيمون، سندن اڳواڻن جي رهبريءَ ۾ آزاديءَ ۽ جمهوريت جي عظيم نصب العين جي حصول ڪارڻ پنهنجن هزارين بهادر ڪارڪنن جي زندگيءَ کي داءُ تي لڳائي ويٺيون. اهڙيءَ ريت اپارٿيڊ سامراجي حڪومت جي خلاف سڄي دنيا ۾ زبردست پرچارڪ تحريڪ برپا ٿيڻ سبب ڏکڻ آفريڪا ۾ اپارٿيڊ سامراجي حڪومت جي خاتمي، نيلسن منڊيلا ۽ ٻين سمورن سياسي قيدين جي آزادي ۽ ملڪ ۾ بالغ راءِ دهي جي عالمي اصول مطابق عام چونڊن وسيلي جمهوريت تي منبي نظام حڪومت جي قيام ۽ انصاف

پرئي عوام دوست معاشي نظام کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ گهر کي قومي توڙي عالمي پيماني تي گهڻي پُنيرائي حاصل ٿي. ساڳئي وقت رياست اندر پر تشدد ڪارروواين ۾ غير مُتوقع طور تي واڌاري سبب سامراجي حڪومت اندروني طور ڪمزور ٿيڻ سان گڏ عالمي سطح تي بہ گهڻي سياسي دٻاءُ جو شڪار ٿيندي رهي. تنهن ڪري انهيءَ وقت ڏکڻ آفريڪا جي صدر, پِي ڊبليُو بوٿا. بيان ڏنو تہ جيڪڏهن اي اين سي هٿيار بند جدوجهد ترڪ ڪري تہ ان جي عيوض سندس سياسي اڳواڻ نيلسن منڊيلا کي آزاد ڪيو ويندو.

نيسلن منڊيلا دوکي تي مُنبي اُنهيءَ سرڪاري آڇ کي رد ڪندي چيو تہ اسان جي پارٽيءَ تي لڳل بندش جي برقرار هوندي, منهنجي اِنفرادِي آزاديءَ جي ڪابہ ضرورت ڪانهي. ٻيو تہ اسان جي پارٽيءَ جي آئين موجب ڪنهن بہ قيدي ڪارڪن کي پارٽيءَ جي طرفان اجازت بنا ڪنهن بہ ٻي ڌُر پارٽي يا سرڪار سان رابطو يا معاهدو ڪرڻ جو اختيار ڪونهي. اپارٿيڊ سامراجي حڪومت خلاف آزاديءَ واري جدوجهد ۾ مکيہ ۽ فيصلہ ڪن حيثيت جي حامل ڪردار جي باوجود نيلسن منڊيلا ۾ هٺ ۽ هوڏ جو نالو نشان بہ ڪو نہ هو.

سن 1990ع ۾ آزاد ٿيڻ کان پوءِ هڪ جلسہ عام کي خطاب ڪندي چيائين تہ ڪنهن نبي يا پيغمبر جي حيثيت ۾ نہ پر آئون اڄ اوهان جي وچ ۾ عوام جي هڪ ادنيٰ خادم جي حيثيت ۾ موجود آهيان ۽ پنهنجي باقي حياتي بہ عوام جي خدمت لاءِ توهان جي حوالي ڪريان ٿو. سن 1980ع واري ڏهاڪي دؤران ڏکڻ آفريڪا جي جابر حڪمران ٽولي جي خلاف ڌرتيءَ ڌڻين جي چالو ڪيل جدوجهد چوٽ چڙهي وئي, تنهن ڪري سامراجي سرڪاري ڌُر کي ملڪ ۾ گهرُو ويڙهہ برپا ٿيڻ جو خوف جاڳيو تنهن صورتحال تحت اُپارٿيڊ



سامراجي سرڪار کي پنهنجي مروج سياسي پاليسي کي ترڪ ڪري, مُلڪ جي اصل مالڪن کي سندن سمورا معاشي ۽ معاشرتي حق ڏيڻ لاءِ مجبور ٿيڻو پيو ۽ سن 1989ع ۾ ايف ڊبليو ڊي ڪِليرڪ ڏکڻ آفريڪا جو صدر چونڊجي آيو تہ معروضي حقيقتن جي تقاضا تحت آزادي, انصاف ۽ جمهوريت لاءِ لاڳيتار جدوجهد ڪندڙ مکيہ سياسي پارٽي آفريڪن نيشنل ڪانگريس سان ترت رابطو ڪري هڪڙو قابل عمل ۽ سنجيده معاهدو ڪري, فيبروري 1990ع ۾ اي اين سي تان سرڪاري بندش لاهي ڇڏي ۽ نيلسن منڊيلا کي پڻ آزاد ڪري, ملڪ ۾ سياسي سرگرمين جي پڻ جزوي اجازت ڏني. اهڙيءَ صورتحال ۾ هاڻي اپارٿيڊ سامراجي

حڪمران ٽولي جي اقتدار جي انت جا ڏينهن ڳڻجڻ لڳا. جڏهن اپارٿيڊ سامراجي سرڪاري پارٽي ۽ آفريڪن نيشنل ڪانگريس جي قيادت مُلڪ جي مڙني مُتَنازِعَہ مسئلن ۽ معاملن کي مُثبت انداز ۾ سلجهائڻ ۽ حل ڪرڻ خاطر سنجيده مذاڪرات ۾ مصروف هئا، تڏهن ٻئي طرف وري امن امان قائم ڪرڻ وارن سرڪاري اِهلڪارن، قبائلي دهشتگردن، نام نهاد قوم پرست سياسي گروهن ۽ مقامي وِڳوڙي ٽولن سان ڳٺجوڙ ڪري، ملڪ ۾ قبائلي فساد ۽ وڳوڙ برپا ڪري، ڏکڻ آفريڪا جي حقيقي وارث شيدي قوم جي ڇوٽڪاري ۽ سڌاري لاءِ حقيقت ۾ پهريون پيرو ٿيندڙ سنجيده ۽ فيصلہ ڪن مذاڪرات کي ناڪام بنائڻ جون سازشون پڻ جاري رکيون. نيٺ حالتن جي مجبوريءَ سبب اپارٿيڊ سرڪار اي اين سي سان هڪڙو معاهدو ڪيو جنهن موجب گهڻن انساني نسلن ۽ قبيلن تي مُشتمل ڏکڻ آفريڪا جي رياست ۾ بالغ راءِ دهيءَ واري عالمي اصول تحت قومي عام چونڊون ڪرائڻ ۽ چونڊن ۾ ڪاميابي حاصل ڪندڙ پارٽين کي اقتدار منتقل ڪرڻ لاءِ سرڪار پاڻ کي ذميوار قرار ڏنو. انهيءَ معاهدي موجب اپريل سن 1994ع ۾ ڏکڻ آفريڪا ۾ عام چونڊون منعقد ٿيون، جن تحت اي اين سي جو نامزد اميدوار، نيلسن منڊيلا، ڏکڻ آفريڪا جي جديد تاريخ ۾ ملڪ جي حقيقي وارث قوم جو پهريون شيدي باشندو صدر چونڊجي آيو. انهيءَ قومي چونڊ ۾ اي اين سي جي ڪاميابي، حقيقت ۾ ڏکڻ آفريڪا جي اصل ڌرتيءَ ڌڻين، شيدين جي فتح تي، جنهن اپارٿيد سامراجي ٽولي جي اقتدار جي خاتمي واري تاريخي واقعي کي معروضي طور عمل ۾ آڻڻ ڪارڻ عظيم تاريخي ڪردار ادا ڪيو. پنهنجي زوال کان گهڻو عرصو اڳ، وطن جي حقيقي وارث شيدي قوم تي سنڌن طرفان ڪيل ظلمن ۽ عقوبتن کي ياد ڪندي، اپارٿيڊ گورن جو سامراجي حاڪم ٽولو انهيءَ ڊپ ۾ گرفتار رهيو تہ جيڪڏهن اسانجو اقتدار ختم ٿيو ۽ ملڪ جا حقيقي وارث وري حاڪم ٿيا تہ پوءِ انتقام وٺندي اهي اسان جي بہ نسل ڪشي ڪندا! فِلا ڊيلفيا اِنڪوائيرَر اخبار جي صحافيءَ ڊَيوڊ (ڪچينو 1990ع جي جون مهيني ۾ ڏکڻ آفريڪا ۾ رهندڙ هڪ گوري آبادگار، فُهِري سان ملاقات ڪري سندس تاثرات شايع ڪيا. فُهري ڪيس ٻڌايو تہ اسانجا آڳاٽا اباڻا هتي سن اچي آباد ٿيا هئا.

اسانجي نئين صدر ڪِليرڪ، اسان جي گورن واري قوم کي حاصل ديني اصولن جي پيچڪڙي ڪئي آهي. هتي جا گورا ۽ ڪارا ماڻهو هاڻي هڪ ٻئي کان هميشہ جي لاءِ ڌار ٿي ويندا. فهري اپارٿيڊ سامراجي ٽولي جي اقتدار جو زوال ٿيندو چڱيءَ طرح محسوس ڪيو. هُو ڀانئي ٿو تہ صدر ڪِليرڪ ڪارن ماڻهن کي اقتدار سميت ملڪ جا سمورا وسيلا جلدي جلدي ڏيندو اچي. مقامي ڪارا ماڻهو گورن طرفان ساڻن ٿيندڙ عدل ۽ احسان کي هن وقت گورن جي ڪمزوري ٿا ڀانئين ۽ طاقت ۽ تشدد کي ئي جائز ڄاڻن ٿا. پنهنجي ڪُٽنب کي گهر اندر محفوظ رکڻ لاءِ گهر کي اندران ڪلف هڻي، چاليهہ ورهہ ڄمار واري فُهري، ٻڌندي ٻڌندي چيو تہ هي وحشي شيدي لالچ وچان هڪ ٻئي کي تہ ماريندا، پر اسان کي بہ خون ڪندا. سندس

ڳالهائڻ ۾ ڊپ ظاهر هو. هن چيو ته اڳي ته بيحد فرمانبردار ۽ چٽيڪار هي شيدي ماڻهو هاڻي وري بي ڊپا ۽ اٿلو گستاخ ۽ بي حيا ٿي پيا آهن ۽ جيڪو به ڪو گورو سندن پاڙن ۽ علائقن ۾ ڏسجي ٿو تنهن کي پٿرن سان سٽي ٿا سوڙهو ڪن. ڦُهري گوري جي بيان جي بلڪل اُبتڙ نيسلن منڊيلا جي قيادت ۾ حڪومت ڪندڙ آفريڪن نيشنل ڪانگريس پارٽي، ڏکڻ آفريڪا ۾ موجوده سمورن مختلف ۽ هڪ ٻئي جي مخالف نسلن جي ماڻهن ۾ معاشي توڙي معاشرتي بنيادن تي مشتمل گهربل حقيقي مفاهمت پيدا ڪرڻ ۽ برقرار رکڻ لاءِ سخت ۽ ٺوس اپاءَ اختيار ڪيا. گورن سامراجي حاڪمن طرفان ملڪ جي اصل وارث قوم سان ڪيترين ئي صدين کان ٿيندڙ ظلم ۽ استحصال جو بدلو وٺڻ جي بدران منڊيلا جي حڪومت ۽ پارٽي انهي سابق ظالم حاڪم ٽولي ۽ ڏارئين ظالم گوري طبقي کي سندن سمورا ڏوهه ۽ گناهه معاف ڪري ڇڏيا ۽ ساڻن برابريءَ ۽ ڀائيچاري وارو سلوڪ اختيار ڪيو اي اين سي جي حڪومت، گهڻن مخالف نسلي گروهن تي مُشتمل ڏکڻ آفريڪا جي جديد قوم واري سانچي ۾ مثبت انداز سان سنواري سمائي دُرست جوڙجڪ ڪرڻ ۽ ملڪ ۾ آزادي کي مستحڪم ۽ مستقل بنائڻ خاطر حقيقي جمهوري نظام حڪومت برپا ڪرڻ ۽ مضبوط بنائڻ لاءِ دائمي طرح ڪوشان رهي. انهيءَ مقصد جي حصول خاطر نيلسن منڊيلا واري سرڪار "ٽُرٿ اينڊ ريڪنسيلئيشن ڪميشن" تشڪيل ڪئي، جنهن جي ڪارڪردگيءَ خاطر خواه سٺارو آندو. اڳوڻي حاڪم ٽولي سان وابسته هر انهيءَ صاحب اقتدار فرد ۽ اهلڪار کي سندس سمورا ڏوهه ۽ گناهه معاف ڪيا ويا، جنهن ڪانگريس پارٽي جي عام جسلن ۾ شريڪ ٿي عوام جي اڳيان پنهنجا ڪيل ڪرتوت باسيا ۽ معافي گهري.

آزادي حاصل ڪرڻ ۽ ملڪ ۾ جمهوري نظام حڪومت نافذ ڪرڻ جي باوجود ڏکڻ آفريڪا جي قوم جا سمورا معاشي ۽ سماجي مسئلا ته حل ڪو نه ٿيا، ڇو ته سابق سامراجي حڪمران ٽولي وطن جي اصل وارثن سان سراسر ناانصافي ۽ زندگيءَ جي هر شعبي ۾ صدين کان استحصال جاري رکيو. نَتِيجَتاً عوام سانده بک، بي روزگاري ۽ بدحاليءَ جي ڏٻڻ ۾ ڌبجندو رهيو. منڊيلا جي حڪومت مفاهمت ۽ باهمي امداد واري پاليسي اختيار ڪندي، ملڪ ۾ صُلح جي بنياد تي امن امان بحال ڪرڻ، روزگار جا وسيلا پيدا ڪرڻ، معاشي ۽ معاشرتي انصاف مهيا ڪرڻ لاءِ سمورن موجود وسيلن کي ڪم ۾ آندو. تنهن ڪري ڏکڻ آفريڪا جي قوم کي آزادي وٺي ڏيڻ، قوم جي مختلف ۽ مخالف طبقن ۽ گروهن ۾ پرچاءُ ۽ صلح قائم ڪرڻ ۽ ملڪ ۾ جمهوري نظام حڪومت برپا ڪرڻ جي سِلي طور ڏکڻ آفريڪا جي هاڻي آزاد ٿيل مظلوم قوم پنهنجي سچي قومي رهبر نيلسن منڊيلا ۽ سندس انقلابي پارٽي جي مثالي ڪردار کي خِراجِ تحسين پيش ڪندي، هميشه لاءِ عزت ۽ احترام، الفت ۽ محبت سان ياد ڪندي رهندي. نيسلن منڊيلا ۽ سندس انقلابي پارٽي آفريڪن نيشنل ڪانگريس، سموري دنيا ۾ غلام قومن جي آزادي جي علامت بڻجي وئي.

⑥



# 11 سيپٽمبر 2001ع ۾ آمريڪا ۾ القاعده جا دهشتگرد حملا

عرب اسلامي دهشتگرد انتها پسند تنظيم، القائده جي اوٽيهن ويڙهاڪن، 11 سيپٽمبر، 2001ع اڱاري جي ڏينهن، صبح سوير، آمريڪا جي هوائي جهازن جي هڪڙي ڪمپنيءَ جا چار مسافر هوائي جهاز مسافرن سميت اغوا ڪيا ۽ آمريڪا جي شهرن نيويارڪ ۽ واشنگٽن ۾ خودڪش حملن ۾ استعمال ڪيا. اغوا ڪيل هوائي جهازن مان ٻه نيويارڪ شهر ۾ موجود ورلڊ ٽريڊ سينٽر جي ٻن جاڙين عمارتن سان واري واري سان ٽڪرايا ويا. اغوا ڪيل ٽيون هوائي جهاز آمريڪا جي فوج جي مرڪزي هيڊڪوارٽر ”پينٽاگان“ جي عمارت سان ٽڪرايو ويو ۽ اغوا ڪيل چوٿون هوائي جهاز، دهشتگردن سان ٽيل مسافرن جي مقابلي سبب، پينسِلوانيا رياست جي هڪ ٻهراڙيءَ واري ٻنيءَ ۾ ڪري تباهه ٿي ويو. دهشتگرديءَ جي انهن حملن ۾ ٽن هزارن کان ٻه وڌيڪ ماڻهو مُئا، ورلڊ ٽريڊ سينٽر جون ٻئي فلڪ بوس عمارتون سڙي مڪمل طور تباهه ٿي ويون، واشنگٽن شهر ۾ مرڪزي فوجي دفتر جي عمارتن ۾ به پيچ ڊاهه ٿي ۽ ڪافي ماڻهو اجل جو شڪار ٿيا.

تنهن ڪري ان وقت آمريڪا جي صدر جارج بُش تي آمريڪي عوام طرفان گهڻو سياسي دٻاءُ پيو. نيويارڪ ۽ واشنگٽن شهرن ۾ ٿيل حملن ۾ مري ويل ماڻهن ۾ چار سئو کان وڌيڪ تعداد ۾ پوليس عملدار ۽ باهه وسائڻ وارا اهلڪار بہ شامل هئا، جيڪي باهه ۾ وڪوڙيل عمارتن ۾ ڦاٿل ماڻهن کي بچائي ڪيڻ وارين ڪوشش دوران اجل جو شڪار ٿيا هئا. يارهين سيپٽمبر 2001ع ۾ اڱاري جي ڏينهن، صبح جو اٺ لڳي پنجيتاليهن منٽن تي آمريڪا جي هوائي جهازن جي ڪمپنيءَ جو هڪڙو مسافرن کڻڻ وارو هوائي جهاز ”بوئنگ 767“ جنهن ۾ اٽڪل ويهه هزار گيلن تيل پٽرول هو نيويارڪ شهر ۾ موجود ورلڊ ٽريڊ سينٽر جي جاڙين عمارتن مان اُترئين طرف واري عمارت سان ٽڪرايو. جنهن سبب انهيءَ هڪ سئو ڏهن طبقن واري عمارت جي اسي هين طبقي ۾ پيدا ٿيل خول (وڏي خال) ۾ باهه لڳي وئي ۽ سوين ماڻهو مري ويا ۽ مٿئين طبقن ۾ بہ سوين ماڻهو ڦاسي پيا. نيويارڪ شهر ۽ ملڪ جي اڪثر ٽيلي ويزن چينلن تان انهيءَ عمارت ۾ لڳل باهه، ماڻهن جي مرڻ، پڄڻ ۽ بچاءُ وارين ڪارروائين کي سنئون سڌو مسلسل ڏيکاريو پئي ويو. اُترئين عمارت تي حملي کان پورا ارڙهن منٽ پوءِ، يونائيٽيڊ ايئرلائينس ڪمپنيءَ جي فلائيٽ نمبر 175 وارو ساڳي سائيز يعني”بوئنگ 767“ مسافر هوائي جهاز، آسمان ۾ ورلڊ ٽريڊ سينٽر جي عمارتن جي مٿان اوچتو ظاهر ٿيندي تيزيءَ سان هيٺ ايندي ٽريڊ سينٽر جي ڏکڻ طرف واري جاڙي عمارت سان ان جي سٺهين (60) ماڙ وٽ ٽڪرائجي اندر گهڙي ويو. جنهن ڪري هڪ تمام زوردار ڌماڪو ٿيو ۽ جهاز ۽ عمارت جو ٻرندڙ مادو چوڌاريءَ موجود ٻين عمارتن ۽ رستن تي وڃي ڪِريو. تڏهن واضح ٿيو تہ آمريڪا تي اهو اوچتو ۽ نهايت ڀيانڪ حملو ٿيو هو. حملہ آور، سعودي عرب ۽ ڪيترن ئي ٻين عرب ملڪن جا دهشتگرد هئا، جن کي سعودي عرب مان پيڇي ويل ”اُسامہ بن لادِن“ جي قائم ڪيل عالمي دهشتگرد تنظيم ”القائده“ جي مالي ۽ فوجي مدد حاصل هئي. انهن دهشتگردن بابت ڄاڻايو ويو تہ انهن آمريڪا طرفان اسرائيل جي حمايت ڪرڻ، ايراني نار ۾ هلندڙ جنگ ۾ شريڪ هئڻ ۽ وِچ اوڀر علائقي ۾ آمريڪا جي فوج جي مسلسل وڌندڙ ۽ مستقل موجودگيءَ جي خلاف احتجاج طور 11 سيپٽمبر تي آمريڪا تي اهي حملا ڪيا ويا هئا. انهن مان ڪي دهشتگرد، هڪ سال کان بہ وڌيڪ وقت کان آمريڪا ۾ رهيل هئا ۽ آمريڪا جي هوائي جهاز هلائڻ جي سکيا ڏيندڙ ڪمرشل فلائيٽ اسڪولن مان هوائي جهاز هلائڻ جي سکيا بہ حاصل ڪئي هئي. سندن باقي ٻيا ساٿي دهشتگرد، حملن کان ڪجهه مهينا اڳ آمريڪا آيا هئا ۽ مٿين حملن ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هئائون. اهي حيرت انگيز طور تي، آمريڪا جي اوڀر طرف واري ائٽلانٽڪ وڏي سمنڊ واري سامونڊي ڪناري تي قائم ٽن اهم هوائي اڏن تان، وِٽن گهربل موجود اوزار ۽ هٿيار لِڪائي کڻي اچڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا ۽ انهن چئن مسافرن وارن چئن هوائي جَهازن ۾ چڙهيا، جيڪي ڪيليفورنيا رياست ڏانهن ڊگهو سفر ڪرڻ واسطي تيل جو تمام گهڻو ذخيرو کڻيو پئي ويا. اُڏامڻ کان ترت پوءِ، دهشتگردن جهازن کي اغوا ۽ مٿن مڪمل قبضو ڪري ورتو ۽ انهن جهازن کي گائيڊيڊ ميزائيلن ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. ورلڊ ٽريڊ سينٽر تي ٿيل انهن حملن سبب پيدا ٿيندڙ معروضي صورتحال کي آمريڪا ۾ لکين



ماڻهو ٽيلي ويزن ذريعي ڏسي، حيران ۽ پريشان ٿي رهيا هئا. انهي دوران دهشتگردن جي قبضي ۾ ٽيون جهاز، جيڪو آمريڪن ائيرلائينس ڪمپنيءَ جي اُڏام نمبر 77 وارو ”بوئنگ 757“هو، اهو صبح جو نَوَ لڳي پنجيتاليهن منٽن تي، آمريڪا جي گاديءَ واري شهر واشنگٽن جي مٿان ڦيرو ڏئي آمريڪا جي فوج جي مرڪزي هيڊ ڪوارٽر ”پينٽاگان“ وارين عمارتن ڏانهن، هيڊڪوارٽر جي الهندي طرف کان مٿي عمارتن سان ٽڪرائجڻ جي نتيجي ۾ جهاز مان نڪرندڙ تيل، اهڙي تہ تباهہ ڪُن باهہ لڳائي، جو پينٽاگان واري عظيم عمارت جو هڪڙو حصو مڪمل طور سڙي ڍير ٿي ويو، جنهن ڪري انهيءَ ياڱي ۾ موجود 125 فوجي اهلڪار ۽ عام شهري، توڙي هوائي جهاز ۾ سوار 64 ڄڻا ئي اجل جو شڪار ٿي ويا. پينٽاگان تي حملي کان پندرهن منٽن کان بہ ٿوري وقت کان پوءِ نيويارڪ شهر ۾ موجود ورلڊ ٽريڊ سينٽر وارين حملي جو شڪار عمارتن مان ڏکڻ طرف واري فلڪ بس عمارت، دونهن ۽ رک جي ڍير جي صورت ۾ ڍهي اچي پٽ پئي، تنهن ڀيانڪ صورتحال آمريڪا جي سموري ملڪ ۾ خوف ۽ هِراس پکيڙي ڇڏيو. ڇاڪاڻ تہ انهن عمارتن کي عام طور تي لڳندڙ باهہ، 200 ميل في ڪلاڪ رفتار وارن طوفانن ۽ برساتن، توڙي وڏي درجي وارن زلزلن اچڻ جي باوجود



ڪنهن گهڻي نقصان جو انديشو ڪو نه هو پر ناگهاني طور هوائي جهاز واري تيل ۾ لڳندڙ باهه جي شعلن ۾ پيدا ٿيل بيحد گهڻي گرميءَ، انهيءَ آسمان سان ڳالهيون ڪندڙ عظيم عمارت کي ڳاري ۾ ساڙي رک جي وڏي ڍير ۾ تبديل ڪري ڇڏيو! ٿوري دير پوءِ، صبح جو ساڍي ڏهين لڳي، ٽريڊ سينٽر جو ٻيو اتر طرف وارو ٽاور (عمارت) به مسمار ٿي ويو. انهيءَ هيبتناڪ واقعي ۾ ورلڊ ٽريڊ سينٽر ۾ آس پاس ۾ موجود اٽڪل ٽي هزار ماڻهو مري ويا. انهن فوتين ۾ 343 باهه وسائڻ وارا ڪارڪن ۾ ترت طبي امداد پهچائڻ وارا اهلڪار، نيويارڪ شهر جا 23 پوليس عملدار ۽ پورٽ اٿارٽي جا 37 پوليس عملدار پڻ شامل هئا جو ته اهي سمورا اهلڪار ۽ عملدار بدنصيب عمارتن جي مٿيئن طبقن ۾ ڦاٿل ماڻهن کي زنده بچائي سلامتيءَ سان ٻاهر آڻڻ وارين ڪوشش دوران موت جو شڪار ٿيا هئا! لڳ ڀڳ ڏهه هزار زخمي ماڻهن کي گهربل طبي امداد ڏني وئي. انهن ۾ واضح اڪثريت شديد زخمي ماڻهن جي هئي. انهيءَ لڱ ڪانداريندڙ واقعي دوران ئي اوڏهين مان جدا ٿيل چئن دهشتگردن، چوٿون هوائي جهاز، جيڪو نيوجرسي جي نيويارڪ بين الاقوامي هوائي اڏي تان اڏامندڙ يونائيٽيڊ ايئرلائينس جي فلائيٽ نمبر 93 وارو جيٽ جهاز هو، سندس اُڏام کان تقريباً چاليهه منٽ پوءِ اغوا ڪيو پر اهو جهاز پنهنجي اُڏام واري مقرر وقت کان ڪجهه دير پوءِ اُڏاڻو هو. تنهن ڪري انهيءَ جهاز ۾ سوار مسافرن کي سندن مائٽن ۽ دوستن جي فونن وسيلي ورلڊ ٽريڊ سينٽر تي ٿيل حملي ۽ تباهي جي ڄاڻ حاصل هئي، تنهن ڪري جڏهن کين خبر پئي ته سندن جهاز پڻ اغوا ڪارن جي قبضي ۾ هئڻ ڪري، سندس مقرر منزل يعني ڪيليفورنيا ڏانهن نه پيو وڃي، تڏهن مسافرن مان هڪ گروپ اغوا ڪارن تي حملو ڪري، هوائي جهاز آزاد ڪرائڻ جو منصوبو جوڙيو. مُسافرن مان هڪ ڄڻي نالي "ٿامس برنيٽ جونيئر" فون وسيلي سندس زال کي ٻڌايو ته "اسين سمورا مسافر اِجهو مرڻ وارا آهيون. اسان مان ٽي ڄڻا اغواڪارن سان مقابلو ڪرڻ لاءِ سنڀريا آهن. آئون تو سان سچو پيار ڪريان ٿو! ٻئي مسافر نالي "ٽوڊ بيمر" پنهنجي ساٿين کان پڇيو ته

ساٿي! ڇا توهان اغوا ڪارن سان مقابلي لاءِ تيار آهيو؟ اڇو ته انهن ڏانهن ليٽندا ليٽندا هلون. هوائي جهاز جي هِڪڙي ميزبان. نالي ”سينڊي براڊشا“ فون تي سندس مُڙس کي ٻُڌايو ته ”آئون ڪجھ ٽانون ۾ ٽهڪيل پاڻي پئي پريان. سڀ مسافر فرسٽ ڪلاس ڏانهن ڊوڙندا وڃن. آئون به اوڏانهن ٿي وڃان! خدا حافظ! مسافرن ڇئن اغوا ڪارن سان ويڙهه ڪئي. اُنهن باهه وسائڻ جي اوزارن سان ڪاڪ پٽ تي حملو ڪيو هو. تنهن ڪان پوءِ هوائي جهاز ڪلٽي ڪائي، زمين ڏانهن مُڙيو. ان وقت جهاز جي رفتار 500 ميل في ڪلاڪ هئي. صبح جو ڏهه لڳي ڏهن مِنٽن تي، پينسِلوانيا رياست جي الهندي ڀاڱي ۾ ڀراڙيءَ جي هڪ ٻنيءَ ۾ جهاز زمين سان زور سان ٽڪرايو جنهن ڪري منجهس سوار سمورا 45 ئي ماڻهو مري ويا! انهيءَ هوائي جهاز جي اغوا ڪارن جو ارادو خبر ڪانهي ته ڪهڙي هنڌ حملي ڪرڻ جو هو! پر مُبصرن جو خيال آهي ته ”آمريڪا جي صدر جو دفتر، ”وائيٽ هائوس“ ميري لينڊ ۾ ڪيمپ ڊيوڊ نالي صدر جي مهمان سراء يا ائٽلانٽڪ وڏي سمنڊ جي ساحل تي قائم ڪيترن ئي ايٽمي توانائيءَ جي ڪارخانن مان ڪنهن هڪڙي تي حملو ٿيڻ جي امڪان کي رد نٿو ڪري سگهجي. آمريڪي صدر، جارج ڊبليو بُش، مُلڪ جي مختلف ماڳن جو معائنو ڪندو، شام جو ستين بجي وائيٽ هائوس موٽي آيو ۽ رات جو نوين بجي ٽيلي ويزن ذريعي قوم کي خطاب ڪندي چيو ته دهشتگردي جي اهڙي قسم جي حملن سان اسان جي مُلڪ جي عظيم عمارتن جا بُنياد ته لوڏي سگهجن ٿا. پر اسان جي وطن آمريڪا جي بنياد کي ڇُهي به نٿو سگهجي! هن قسم جي دهشتگردي وارا مڪروه عمل،



آمريڪي قوم جي عزم کي گهٽائي نٿا سگهن. هڪ فوجي مُذاڪري دوران هڪ سوال جي جواب ۾ هن پڌرو ڪيو تہ حملہ آور دهشتگردن ۽ سندن اڳواڻ دهشتگردن ۾ اسين ڪو بہ فرق ڪونہ ڪنداسين. آزاديءَ کي مستحڪم ڪرڻ واسطي، افغانستان ۾ طالبان واري حڪومت ختم ڪرڻ ۽ اُتي اوسامه بن لادِن جي قائم ڪيل دهشتگرد تنظيم "القائده" کي تباهہ ڪرڻ لاءِ، آمريڪا جي اڳواڻي ۾ عالمي ڪوششون عملي طور 7 مئي 2001ع ۾ شروع ٿيون ۽ ٻن مهينن جي مختصر مُدت ۾ آمريڪي فوجن طالبان جي حملا ڪرڻ واري دهشتگرد تنظيم ۽ قوت جڏي ڪري وِڌي، پر دهشتگريءَ جي خلاف جنگ جاري رکي ۽ پاڪستان ۾ سندن ٺِڪاڻن ۽ تربيت گاهن کي تباهہ ڪرڻ لاءِ آمريڪا ۽ سندس اتحادي مُلڪن جي فوجن، افغانستان توڙي پاڪستان ۾ دهشتگرديءَ جي اڏن ۽ مرڪزن تي حملا چالو ڪري ڏنا. 11 سيپٽمبر 2001ع ۾ آمريڪا تي ٿيل حملن جو سرغنہ اُسامه بن لادن، ڏهن سالن کان بہ ڊگهو عرصو، آمريڪي ۽ ان جي اتحادي فوجن کان لڪندو ۽ بچندو رهيو. تنهن کي بہ نيٺ بہ مئي، 2011ع ۾، پاڪستان جي شهر ايبٽ آباد ۾ هڪ اڻ لکي گهر تي حملو ڪري، آمريڪا جي ساموندي فوج جي ڪمانڊو دستن قتل ڪري، مبينا طور لاش سمنڊ ۾ لوڙهي ڇڏيو. ساڳئي سال يعني 2011ع جي جون واري مهيني ۾، آمريڪي صدر، "بارڪ اوباما" افغانستان مان آمريڪي فوجون ڪڍي وڃڻ جي شروعات جو اعلان ڪيو ۽ 2014ع جي پڇاڙيءَ تائين پنهنجون سموريون فوجون ڪڍي وڃڻ جي پڻ پڌرائي ڪئي.

⑥



"All the News That's Fit to Print"

The New York Times

Late Edition

VOL. CL . . No. 51,874

NEW YORK, WEDNESDAY, SEPTEMBER 12, 2001

75 CENTS

# U.S. ATTACKED

## HIJACKED JETS DESTROY TWIN TOWERS AND HIT PENTAGON IN DAY OF TERROR

### A CREEPING HORROR

Buildings Burn and Fall as Onlookers Search for Elusive Safety

By N. R. KLEINFIELD

### President Vows to Exact Punishment for 'Evil'

By SERGE SCHMEMANN

Hijackers rammed jetliners into each of New York's World Trade Center towers yesterday, toppling both in a hellish storm of ash, glass, smoke and leaping victims, while a third jetliner crashed into the Pentagon in Virginia. There was no official count, but President Bush said thousands had perished, and in the immediate aftermath the calamity was already being ranked the worst and most audacious terror attack in American history.

The attacks seemed carefully coordinated. The hijacked planes were all en route to California, and therefore gorged with fuel, and their departures were spaced within an hour and 40 minutes. The first, American Airlines Flight 11, a Boeing 767 out of Boston for Los Angeles, crashed into the north tower at 8:48 a.m. Eighteen minutes later, United Airlines Flight 175, also headed from Boston to Los Angeles, plowed into the south tower.



# شهادت بينظير ڀٽو

سنڌ هزارن سالن جي تاريخ ۾ اسان کي ڪئين بي مثل انمول انسان ڏنا. جن جي هڪ طويل فهرست آهي، پر آئون هت صرف ويهين صديءَ جي انهن عظيم انسانن جو ذڪر ڪرڻ مناسب ٿو سمجهان جن ۾ مولانا عبيدالله سنڌي، غلام محمد پرڳڙي، شيخ عبدالمجيد سنڌي، علامہ آءِ آءِ قاضي، جي ايم سيد، شيخ اياز، مرزا قليچ بيگ، شهيد فاضل راهو شهيد ذوالفقار علي ڀٽو بينظير ڀٽو ۽ مولانا خالد محمود سومرو جهڙا عظيم انسان پيدا ٿيا، پر اسان جو اڄ جو موضوع صرف شهيد بينظير ڀٽو آهي، جنهن پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪئين ڏک سک ڏٺا پاڻ پهريون دفعو اسان کي ان وقت منظر عام تي نظر تي اچي جڏهن شهيد ڀٽو ملڪ جو وزير اعظم هو ۽ هوءَ وزارت خارجہ ۾ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر طور ڪم ڪري ٿي ۽ پاڻ اسلام آباد ۾ ڪنهن يوٽلٽي اسٽور تان قطار ۾ بيهي راشن شايد کنڌ ٿي وٺي، انهيءَ جو ذڪر ان وقت جي سيني اخبارن ۾ شايع ٿيو. انهيءَ کان پوءِ ڪيس شملا ٺاهہ وقت هندستان جي اخبارن ۾ وڏي شهرت ملي ۽ ائين هوءَ آهستي آهستي پاڪستان جي

اخبارن جي زينت بڻجندي رهي. ڪرنل رفيع الدين پنهنجي ڪتاب ”ڀٽو جا آخري 323 ڏينهن“ جي صفحي 64 تي لکي ٿو ته بينظير جي باري ۾ ڀٽو صاحب جيل ۾ مونکي چوندو هو ته آئون رهان نه رهان پر بينظير هڪ ڏينهن پاڪستان جي غريب عوام کي ڪاميابي ساڻ پنهنجي منزل مقصود تي ضرور پُهچائيندي ۽ انهيءَ صفحي تي ڪرنل لکي ٿو ته شهيد ڀٽو بينظير جي دل ۽ دماغ جي صلاحيتن جي بي حد تعريف ڪندو هو هڪ دفعي ته ڀٽي صاحب چيو ته هوءَ هندستان ۽ پاڪستان جي تاريخ ۾ بينظير ئي ثابت ٿيندي. واقعي هوءَ پاڪستان جي ٻه دفعا وزيراعظم ٿي سڄي دنيا ۾ شهرت ماڻي، شهيد ٿي هوءَ بينظير ئي ثابت ٿي. ڪيترا دفعا ملڪ کان ٻاهر اسان کان پڇندا آهن ته توهانجي ملڪ جو نالو ڇا آهي ته اسان پاڪستان چوندا آهيون پر هو سوچي سوچي پوءِ چوندا آهن ته Oh lady prime minster معني دنيا جا ماڻهو پاڪستان کي ٻه بينظير ڪري سڃاڻن ٿا.

۽ هو وري ڪتاب جي 114 صفحي تي لکي ٿو ته شهيد ڀٽي ۽ بينظير جي آخري ملاقات جڏهن جيل ۾ ٿي ته بينظير پٽ تي وينل هئي ۽ سندن وچان لوهي سيخون لڳل هيون.

شهيد بينظير صاحبہ جي باري ۾ ٻه نهايت دلچسپ احوال هڪ سندس لکيل ۽ ٻيو هيلري ڪلنٽن جو لکيل. آئون هت توهان کي ٻڌائڻ ٿو چاهيان.



پاڻ لکي ٿي ته آئون هت جو آهيان ۽ مون کي ڪي ٻه سمجهہ ۾ نٿو اچي. وري قيد خانو سنڌ جي صحرا ۾ هڪ پرانهون جيل، ڏاڍي ٿڌ، قيد خاني جي گهڙيال مان ٽڪاءُ ٿين ٿا. رات جو آئون هڪ منٽ ٻه سمهي نٿي سگهان. منهنجي ڪوٺڙيءَ جون چار ئي ڀتيون سيخن جون آهن. جن جي وچ مان صحرا جي برفاني هوا اندر ڏوڪيندي پئي اچي. اها ڪوٺڙي هڪ وڏي پڃري مثل ۽ تمام گهٽي ڪشادي نہ آهي. جنهن ۾ رڳو هڪ واٽيل کٽ آهي.

آئون ڪٽ تي ڪروندڙي ٽيان ٽي ۽ پاسا ورايان ٿي. منهنجا ڏند پيا ڪڙڪن. مون وٽ نه سوئيٽر آهي نه بلينڪيٽ، ڪي به ڪونهي. مون کي رڳو اها شلوار قميص پيل آهي جيڪا پنج ڏينهن اڳ ڪراچيءَ ۾ گرفتار ٿيڻ مهل مونکي پاتل هئي. وري صفحي 338 تي سکر جي گرميءَ بابت لکي ٿي ته مئي مهيني ۾ سکر ۾ گرمي شروع ٿي. خشڪ ۽ ساڙيندڙ گرمي، جنهن ڪري منهنجي ڪوٺي ڪورو ٿي پئي. ان جي پاسن کان گرم هوا لاڳيتي اندر پئي آئي. ريگستان جي ويجهو هئڻ ڪري اهي گرم هوائون 110 کان 120 ڊگرين تائين ٿي پهتيون. منهنجي ڪوٺيءَ ۾ مٽيءَ جا لاڳيتا واچوڙا پيا لڳندا هئا. پگهر نڪرڻ ڪري مون تي مٽيءَ جا ذرڙا چهٽي ويندا هئا. منهنجي چمڙي خشڪ ٿي ڦاٽي پئي ۽ هٿن تان ان جا تهه لهڻ لڳا هئا. منهنجي مُنهن تي وڏيڪ داڻا نڪري آيا. انهن ۾ پگهر پوندو هو ته اهي تيزاب وانگر سڙندا هئا. منهنجا وار جيڪي هميشه گهاٽا هوندا هئا. اهي هاڻ مُنين جون مُنيون ٿي ڇڻڻ لڳا هئا. مون وٽ آرسي ڪين هئي، پر آئون مٿي جي کل کي پنهنجي آڱرين سان محسوس ڪري پئي سگهيس. گهميل، ميري ۽ اگهاڙي! هر روز صبح جو مونکي منهنجي وهاڻي تي وارن جا ڇڳا نظر ايندا هئا. ڪوٺڙيءَ ۾ ڪيترائي جيت حملو ڪندڙ فوجين وانگر ڪاهي آيا هئا. ٽِڏيون، مڇر، زهريليون مکيون، ماڪيءَ جون مکيون، اهي هميشه منهنجي منهن تي پيون پون پوُن ڪنديون هيون. يا منهنجي لڱن تي پيون سُرنديون هيون. آئون هٿن سان انهن کي پري ڪندي هُيس، پر اهي جيت ايترا ته گهڻا هوندا هئا جو اها ڪوشش اجائي ثابت ٿيندي هئي. اهي جيت فرش جي ڦاٽل حصن ۽ اڱڻ مان اندر ايندا هئا. وڏا ڪارا ماڪوڙا، ٽِڏا،نندڙيون ڳاڙهيون ڪيوليون ۽ ڪوريئڙا رات جو پاڻ کي انهن جي





چڪن ڪان بچائڻ لاءِ آئون مٿي تائين چادر ويڙهي ڇڏيندي هيس، پر جڏهن پُوسٽ ٿيندي هئي تہ لاهي ڦٽي ڪندي هيس، جيل ۾ منهنجو معمول هوندو هو تہ آئون اتي هر روز 250 پيرا ڊوڙڻ، چاليهہ پيرا جهڪڻ، ٻانهون لوڏڻ، ويهہ پيرا گهرا ساهہ کڻڻ جي مشق ڪندي هيس.

مجيب جي گهرواريءَ مونکي پرت پرڻ جو جيڪو سامان موڪليو اُن ۾ ڪپڙو، ڌاڳا ۽ خاڪن جو ڪتاب هو. مون هينئر ترائيءَ جو ڪپڙو ۽ چار رومال پرت سان پري پورا ڪيا آهن. سُئي سڳي جي ڪم ۾ جنهن ڌيان جي ضرورت ٿئي ٿي. ان جي ڪري خيال ٻين ڳالهين ڏانهن ڪو نہ ٿو وڃي. ٻيو تہ اڪيلائيءَ جي قيد جي ان پولار ۾ ان ڪم تي وڏيڪ ڌيان ڏيڻو ٿو پوي. ڏکن پويان سُک! هنن تڪليفن جي پٺيان وڏي مان مرتبي، وقار ۽ عزت جي بہ انتها ٿي وئي. سڄي دنيا جي حاڪم،امير ۽ طاقت جي ڏٽي ملڪ آمريڪا جي خاتون اول، اڳوڻي وزير خارجہ ۽ سينيٽر هيلري ڪلنٽن پنهنجي آتم ڪٿا ”زنده تاريخ“ جنهن جي رائلٽي ڪيس اسي لک آمريڪي ڊالر مليا. ان جي اردو ترجمي واري ڪتاب جي صفحي 121 تي لکيل آهي تہ ”بينظير دنيا جي اها ممتاز شخصيت ۽ ليڊر آهي جنهن جي هڪ جهلڪ ڏسڻ لاءِ مون کي قطار ۾ بيهي ڪافي انتظار ڪرڻو پيو. هيءَ 1989ع جي ڳالهہ آهي. جڏهن بحيثيت وزيراعظم پاڪستان، هوءَ لنڊن جي دوري تي آيل هئي. آئون ۽ منهنجي ڌيءَ چيلسي لنڊن ۾ گهمي رهيون هيون سين. تہ اسان انٽر هوٽل جي

اڳيان ماڻهن جا هجوم ڏٺا. اسان اتي هڪ شخص کان پڇيو تہ هتي هيڏي رش ڇو آهي؟ تہ هن اسان کي ٻڌايو تہ بينظير ڀٽو هن هوٽل ۾ ٽڪيل آهي. ۽ ٿوري دير ۾ پاڻ هت پهچڻ واري آهي. اهو ٻڌي اسان بہ هڪ قطار ۾ بيهي رهيون سين. اسان هن کي تمام ويجهڙائيءَ کان هلندي ڏٺو. هوءَ ليموزين ڪار مان لٿي ۽ تمام وقار سان هلندي وڃي هوٽل جي لابيءَ ۾ داخل ٿي. هن کي هيڊي رنگ جا ڪپڙا پاتل هئا ۽ ڏاڍي سمارٽ لڳي رهي هئي“.



اهڙي عظيم پيءُ جي شهادت ۽ شاهنواز جي موت کان پوءِ هڪ طويل جلاوطني جيلن ۽ جدوجهد کان پوءِ آخر هڪ سمجهوتي تحت تہ هوءَ اڳوڻي افغان پاليسي برقرار رکندي، صدر طور غلام اسحاق جي مدد ڪندي ۽ ضياءَ وارو ساڳيو وزير خارجہ ۽ خزاني جي ائڊوائيزر طور وي اي جعفري کي مقرر ڪندي ۽ ائين هن 6 نومبر 1988ع تي سڄي اسلامي دنيا ۾ پهرين عورت وزيراعظم طور قسم کنيو پر اصل حاڪمن ڪيس سندس ويهن مهينن جي دور اقتدار ۾ هڪ ڏينهن بہ سک جو ساهہ کڻڻ نہ ڏنو. پهريائين اهڙا اعلان ۽ فتوائون جاري ڪيون ويون تہ هڪ عورت ملڪ جي سربراهہ نٿي ٿي سگهي. ۽ انهن ساڳيڻ ماڻهن جن ايوب جي سامهون اليڪشن ۾ صدر طور مس فاطمہ جناح جي حمايت ڪئي هئي، تن لاءِ بہ اڄ عورت بينظير وزيراعظم طور قابل قبول نہ هئي. جڏهن فتوائن جو عوام تي ڪو بہ اثر نہ ٿيو تہ جلد بلوچستان جي اسيمبلي ٽوڙي وئي، ڇي اهو سڀ ڪجهہ بينظير ڪيو آهي ۽ بي نظير جي حڪومت کي اڃان هڪ سال مس گذريو تہ سندس

حڪومت خلاف بي اعتماديءَ جي رٿ آندي وئي. جنهن ۾ MQM جا سڀ ميمبر ان وقت جي چيف آف آرمي اسٽاف اسلم بيگ جي چوڻ تي ڦري ويا ۽ سندس حڪومت دوران ڪيس هڪ ڏينهن به سک جو ساهه کڻڻ ڪو نه ڏنو ويو.

پنجاب ۾ مسلم ليگ ۽ نواز شريف جي حڪومت به ڪيس هيٺ ڏيکارڻ ۾ ڪا به گهٽتائي ڪا نه ڪئي. ڳالهه اُت وڃي، پهتي جو هڪ دفعي ڪانسواءِ ملڪ جي چونڊيل وزيراعظم بينظير جڏهن به پنجاب آئي ته پنجاب جي وزير اعلي نواز شريف سندس ڪڏهن به استقبال نه ڪيو. يعني بينظير جي حڪومت دوران سڄي ملڪ صرف هڪ ڪم تي ڪيو ته بينظير جي حڪومت ختم ڪيئن ڪجي. ۽ سنڌ جي هن ”سپر وومين“ جي خلاف جڏهن سندن دال نه ڳري ته نيٺ سيني گڏجي سندس حڪومت کي ٽئي ختم ڪري ڇڏيو. نه صرف ايترو پر ان کان پوءِ به ايندڙ اليڪشن لاءِ چيف آف آرمي اسٽاف اسلم بيگ مهراڻ بئنڪ کان ڪروڙين روپيا زوريءَ وٺي پيپلز پارٽي جي مخالف پارٽين ۾ ورهايا ۽ باقي ست ڪروڙ پنهنجي اڪائونٽ ۾ جمع ڪرائي ڇڏيا.

پاڳن وارو آهي زرداري جنهن کي واڳ ڏٽين پنج سال حڪومت جا پورا ڪرڻ ڏنا. پر شهيد راڻيءَ بينظير کي ته ٽئي ڀيرا ۽ شهيد پيءُ کي ٻيو دور حڪومت مڪمل ڪرڻ ڪو نه ڏنو.

بينظير، پنڪي، ”مشرق کي بيٽي“ 21 جون 1953ع ۾ پيدا ٿي 1987ع ۾ سندس شادي ٿي، 2 ڊسمبر 1988ع ۾ پهريون دفعو وزيراعظم ٿي. 15 اگسٽ 1989ع ۾ شهيد راڻي بينظير جي حڪومت ختم ڪئي وئي. 1993ع ۾ ٻيهر پاڻ وزيراعظم ٿي ۽ 5 نومبر 1996ع تي سندس حڪومت کي ٻيهر وقت کان اڳ سندس پارٽيءَ جي چونڊيل صدر فاروق احمد لغاريءَ حڪومت کي ختم ڪري ڇڏيو ۽ وري ٻيهر طويل جلاوطني کان پوءِ جڏهن پاڻ واپس 18 آڪٽوبر 2007ع ۾ ڪراچيءَ پهتي ته مٿس خوني حملو ڪيو.جنهن ۾ پاڻ ته بچي وئي پر 197 پارٽي ڪارڪن شهيد ٿي ويا ۽ وري ٻيهر 27 ڊسمبر 2007ع ۾ راولپنڊيءَ ۾ ڪيس گولين هٽي شهيد ڪيو ويو ۽ ڪيس ڳڙهي خدابخش پيءُ جي اباڻي قبرستان ۾ شهيد پيءُ ۽ ٻن شهيد ڀائرن شاهنواز ۽ مير مرتضي ڀٽو سان گڏ دفن ڪيو ويو. تاريخ ۾ شايد اهڙا ٿورا ماڻهو هوندا جن جي سڄي خاندان شهادت ماڻي.

اسان جي مُئاسين سفر ۾ او ساٿي. ته ماڻيندا منزل پنهنجا ڊول ڍاٽي

۽ سندس دشمنن ڏنو ته ڪيس هلائي قتل ڪرڻ کان هي رستو وڌيڪ آسان ۽ خواريءَ کان آجو آهي.

⑥

# ليکڪ جا ڇپيا ڪتاب

| | | |
|---|---|---|
| ❖ The Ruled Sind for Fifteen Years | | ڇپيل |
| ❖ هي وري نہ ورندو وڻجارو | | ڇپيل |
| ❖ ڏوريم ڏيسارو | (سفرنامو) | ڇپيل |
| ❖ هوجي وڻ ولات جا | (سفرنامو) | ڇپيل |
| ❖ سنڌي شاگرد سياست | | ٻہ دفعا ڇپيل |
| ❖ ڪجل ڀِنل نيڻ | | ڇپيل |
| ❖ اُتر لڳا آءُ پرين | (سفرنامو) | ڇپيل |
| ❖ ديس پرديس | (سفرنامو) | ٽي دفعا ڇپيل |
| ❖ بندر مون ڏور ٿيا | (سفرنامو) | ٽي دفعا ڇپيل |
| ❖ عالمي عجائبات | | ڇپيل |
| ❖ ٽوئر ٽو آمريڪا | (سفرنامو) | ڇپيل |
| ❖ پنون ٽو ٽوڪيو | (سفرنامو) | ڇپيل |
| ❖ پريان سندي پار ڏي | (سفرنامو) | ڇپيل |
| ❖ ڳر لڳي ڳالهيون ڪريون | (سفرنامو) | ڇپيل |
| ❖ اسان پنڌ پرين ڏي | (سفرنامو) | ڇپيل |
| ❖ دنيا جا مشهور شهر | | ڇپيل |
| ❖ ڪنواريون ۽ ڪنول | (سفرنامو) | ڇپيل |
| ❖ ڪيڏي نہ مختصر زندگي | (آتم ڪهاڻي) | ڇپيل |
| ❖ لنڊن جا ڏينهن اسڪاٽليند جون راتيون | | ڇپيل |
| ❖ تن سپون سوجهي ڪڍيون | | ڇپيل |
| ❖ واقعاتِ عالم | (حصو پهريون) | ڇپيل |
| ❖ اسپين جو سفر نامو | | پريس ۾ |

# اڻ ڇپيل ڪتاب

- خاڪا (مختلف شخصيتون
- سفرنامو(استنبول)
- خط
- مونتي لکيل مضمون
- آتم ڪٿا (حصو چوٿون)